# رات جو رنگ

شوڪت حسين شورو

سنڌي ادبي بورڊ

# رات جو رنگ

# رات جو رنگ

## (ڪهاڻيون)

شوڪت حسين شورو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

2009ع

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

چاپو پهريون جنوري 2009ع تعداد 500

قيمت: ٽي پنجويهه رپيا

[Price Rs. 325-00]

**خريداريءَ لاءِ رابطو:**

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر پريس خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر واري پيڙهه 'ڳالهه' کان شروع ٿئي ٿي، ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي تہ سنڌي ڪهاڻي ۽ سنڌي ناول مغربي ادب ۽ ننڍي کنڊ جي بنگالي، هندي ۽ اردو ادب جي نثر کان تمام گهڻو متاثر رهيو آهي، شروعاتي دور ۾ شرت چندر چٽرجي، ڊپٽي نذير احمد، منشي پريم چند ۽ ٻين جي رومانوي ۽ اصلاحي ڪهاڻين سنڌي ڪهاڻيءَ کي متاثر ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ خاص طرح سان ون يونٽ واري دور (1955-67ع) ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تخليقي ۽ مزاحمتي لکڻين جو هڪ 'ادبي ڌماڪو' (Litcrary blast) نظر اچي ٿو، جنهن ۾ سنڌي شعر ۽ سنڌي ڪهاڻي پنهنجي تاجي پيٽي ۾ وڏي اتم نموني ۽ اُتت جي اعليٰ درجي تي نظر اچي ٿي. سنڌي ادب جو اهو مزاحمتي دور هو، جنهن ۾ اعليٰ تخليقي طور سنڌي ڪهاڻي، سنڌي ناول، سنڌي شعر جڳهو ليپي تو ۽ اِها ادبي تخليق ڌرتيءَ منجهاران ائين اوپڙ تي اپري تي، جيئن تر جي واريءَ مان وسڪاري کان پوءِ ڏاجوري ڦٽندي آهي.

شوڪت حسين شوري جون لکيل ڪهاڻيون بہ انهيءَ پُربهار ادبي دور واري سنڌ جي سماجي پس منظر ۾ سرجندي نظر اچن ٿيون ۽ انهن جا ڪردار پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ ثقافت سان اڻ ميو پيار ڪندي، سماج جي زخمن تي قلم جي نشتر زني ڪندي نظر اچن ٿا. هن مجموعي '**رات جو رنگ**' ۾ ڪهاڻين جي جڳهائي انهيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ واري شاندار دور سان تعلق رکي

ٿي. انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ پڙهائيءَ کان پوءِ وارو فڪري لحاظ سان اعليٰ شعر پڻ سرجندي نظر اچي ٿو، انهيءَ دور کي نئين سنڌ جي جنم جي نويد چئجي تہ اجايو نہ ٿيندو.

سنڌي ادبي بورڊ انهيءَ دور سان تعلق رکندڙ اديبن جي ڪهاڻين جي مجموعن ڇپڻ جو فيصلو ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي جي هيءَ پهرين ڪڙي اوهان لائق پڑهندڙن جي هٿن ۾ آهي. اميد آهي، تہ ادب جي رنگارنگي واري هن بازار ۾ 'وکر ڏيرون ڏير' ۾ هيءُ مجموعو پنهنجي اصل جڳهہ ماڻيندو.

چام شورو
28 محرم الحرام 1430ھ
27- جنوري 2009ع

پروفيسر سيد زوار حسين شاھ نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

پريل ميلي ۾ اڪيلو ۽ اٻاٽڪو، پنهنجن خيالن ۾ گم، مانيٽو ۽ اداس اکين وارو شوڪت، سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون رخ، نئون موڙ ۽ نئين سوچ ڏيندڙ چند سرڪش نوجوانن مان هڪ آهي، ان سچائيءَ جي پروڙ نہ پنهنجي گفتگو مان ڏيندو ۽ نہ وري سندس دائمي خاموشي ئي سندس ذات، ڏانءَ ۽ مشاهدي توڙي مطالعي جو ڪو اڻ لکو اهڃاڻ ڏيندي. موهڻو ۽ موچارو، ڪپڙي لٽي توڙني لڇڻن ۾ وٽندڙ اسان جو هيءُ لاڏلو دوست، اندر ۾ ڪيترا طوفان سمائي، ڪيترا موهن جا دڙا سجائي، ڪيترا اڻ-ڪٿ ۽ عميق سمونڊ لڪائي، چهري تي هلڪڙي، ابهم، معصوم ۽ معنيٰ خيز مسڪراهٽ وکيري، ائين بي سُڌ ۽ بي نياز رهندو آهي ڄڻ من ئي من ۾ ڪو سپنن جو سُهاڻو سنسار اڏيندو هُجي. ٺيڻ تہ ڪيس ڪوي گهرجي ها، پر بڻجي پيو ڪهاڻيڪار. ها، البت ڪهاڻين ۾ شاعريءَ جو رنگ ضرور پريندو آهي. ڀلا هي ويچار ڪلا جي نہ پَدَ تي نٿا پهچن، جتي شاعري پلجي ٿي؟

”لڳي ائين ٿو ڄڻ ڪيترن سالن کان فريزر ۾ بند پيو آهيان ۽ ڄمي برف بڻجي ويو آهيان. پر برف تہ ٻاهر نڪرڻ سان رجي ويندي آهي ۽ پاڻي وهڻ لڳندو آهي. وهندڙ پاڻي مون کي وڻندو آهي. بيٺل پاڻي ڏسي من منجهندو آهي. وهنڌڙ پاڻيءَ وانگر ماڻهو بہ هلندو رهي. هڪ هنڌ ڄمي نہ وڃي.“

ڀلا شاعري ڇا آهي؟ اندر جي اجهل اُڌمن جي اوڇتي اُڇل ئي تہ آهي. هار سينگار، جوڙ ۽ جنسار تہ سگهڙ پائي ڇئبي. قافيا ۽ رديف، بحر ۽ وزن، تہ ان ’اوڇتي اُڇل‘ کي جهُل ۽ جهالر پهرائڻ جي برابر آهن. ڪاريگري پنهنجي جاءِ تي اهم ضرور آهي پر ان کان وڌيڪ اتم آهي جذبن، امنگن ۽ اڌمن جي اها ڌارا جيڪا روح جي گهراين مان ڦاٽ ڪائي ڦُٽي نڪري. جيمس جوائس ۽ ورجينا وولف جي ’ساڃهہ جي ڌارا‘ (Stream Of Consciousness) کي ان ڪارڻ تہ ڪن نقادن مَن جي ڪويتا جو نالو ڏنو هو. جو سُجهي، جيئن ئي

سُجهي، بنان ناهہ نُوهہ، بنا ڪنهن بناوت جي، هُوبهو ائين، انهن ئي لفظن ۾، انهيءَ پيرائي ۾، ڪاڳر تي اتاري ڇڏجي. ماڻهو جي من جي ماجرا جيڪا اندر ۾ ائين پئي ولوڙجي جيئن"ماٽي منجهہ مَهي"، سا ساڳ سؤڻ، مِسِي مساڳ، سرخي پائوڊر سان جرڪي ڪونہ پوندي- جهڪي ضرور ٿيندي.

اهو ئي سبب هو جو گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ شوڪت، سندس ياءُ مشتاق، ۽ هڪ ٻئي مانيٽي ماڻڪ، عام رواجي انداز کان بغاوت ڪري، سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين پيچري تي آڻي بيهاريو، جنهن ۾ لفظن جي راند بجاءِ ويچارن جا واهڙ هئا، ٻاهرئين ڏيک ويک بدران تازي هوا جو قدرتي هڳاءُ هو ۽ ظاهري گلڪاريءَ جي جاءِ تي سچائيءَ جي سورج جو تاءُ هو. اهو سڀ ڪجهہ شعوري ڪوشش جو نتيجو نہ، بلڪ بي شعوري بي خودي ۽ اڻ ڄاتي آزاديءَ جو اظهار هو. نيمن، اصولن ۽ مقرر ٿيل معيارن کان بغاوت هئي.

انِ اوچتي ۽ ڪِن لاءِ انوکيءَ ۽ اجنبي تبديليءَ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيل انهن سِيني ڏاڍاين، زورآورين ۽ زيادتين جو جائزو وٺڻو پوندو جن جي نتيجي ۾ عام سنڌي ۽ خاص طور نوجوان، ويڳاڻپ، مايوسي ۽ اڻ برابريءَ جي احساس ۾ مبتلا ٿي ويا. سنڌيَ هندن جو وطن ڇڏڻ ۽ سندن جاءِ تي ڌارين قومن جو پلٽجي پوڻ ئي پنهنجي سر هڪ ڏکدائڪ تاريخي واقعو هو، پر ان جي نتيجي ۾ سنڌي سڀيتا، ٻوليءَ ۽ معيشت کي جيڪو ڪاپاري ڌڪ لڳو، ان رهجي ويل سنڌين کي دلگير ڪريِ وڌو. مٿان وري اسان جون زمينون، مال ملڪيت ۽ روزگار ويو غيرن جي حوالي ٿيندو. سرڪار الهندي پاڪستان جي چئني صوبن کي گڏِي، سندن نالو نشان مٽائي، 'ون يونٽ' ناهي ويتر سنڌين جي زخمن تي لوڻ ٻُرڪي ڇڏيو. هونءَ تہ سنڌ جي نالي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻلئہ پئجي ويندو هو، پر هاڻي تہ اهو سهارو بہ نہ رهيو. اهڙيءَ ڏاڍمڙسيءَ خلاف سنڌ جوٻچو ٻار ٻارُ اٿي کڙو ٿيو ۽ پنهنجا حق وٺڻ خاطر هڪ ڏکهي ويڙهاند ۾ شامل ٿي ويو. شاگرد، صحافي، اديب توڙي دانشور ان جدوجهد ۾ اڳرا ۽ آڪرا هئا. ڪهاڻيون، شاعري ۽ ناٽڪ جيڪي انَ دور ۾ لکيا ويا، سي سڀ ان اداسي، ويڳاڻپ ۽ چڙ جو اولڙو هئا جا هر

هوشمند سنڌيءَ جي دل ۾ چٽنگ جيان دکي رهي هئي. سنڌي ٻوليءَ، اهڙو سگهارو ادب ان کان اڳ ڪڏهن به نه ڏنو هو. اها ادبي تحريڪ هڪ سياسي جدوجهد جي شڪل اختيار ڪري وئي، جنهن ۾ هر غيرتمند سنڌيءَ دل ۾ جان سان حصو ورتو.

"ون يونٽ" ته ٽٽي ويو. صوبا ٻيهر بحال ٿيا. سنڌ واسين جي زخمن تي ڪجهه قدر ڦهو ضرور پيو، پر ڪابئن ڦپايل حق نه صرف موٽي نه مليا، ويتر سنڌن محرومين ۾ ڏينهان ڏينهن واڌارو ٿيندو ويو. نوجوان ڊگريون هٿن ۾ کڻي هڪ دفتر کان ٻئي دفتر تائين دربدر جتيون گسائيندا رهيا، مٿن روزگار جا دروازا بند ٿي چڪا هئا. لطيفي ٻوليءَ جي وجود تي ٿيل ڦهري وار ڪنهن به تدبير سان ٺري ڪين سگهيو. ڌارين جي لوڌ نه رڳو جاري رهي بلڪ هاڻي هو هٿيار بند ٿي مرڪزي شهرن تي قابض ٿي ويهي رهي. سياستدانن، ڪامورن ۽ وڏيرن ملڪ ملير کي تين وال ڪري ڇڏيو. ڪُرسيءَ ۽ ڪَرنسيءَ جي لالچ ۾ هنن هر اهو ڪڌو ڪم ڪيو جيڪو سنڌن آقا ڪين چوندا رهيا. اهڙي گهُٽ، ٻُوسٽ ۽ مُونجهه واري ماحول ۾ چند حساس اديبن پنهنجي پاڻ سان من جي اور اورڻ شروع ڪري ڏني. هنن جو ڪجهه اڪين سان ڏٺو پئي يا سنو پئي يا دل جي سچائيءَ سان محسوس پئي ڪيو، اهو ساڳئي ئي ايمانداريءَ، همت ۽ رُڪائيءَ سان ڪهاڻي جي روپ ۾ پني تي اتارڻ شروع ڪري ڏنو. ڪهاڻي، بنا عنوان ڪهاڻي، ساجهه جي ڌارا واري ڪهاڻي ۽ بنا پلاٽ (Plotless) ڪهاڻيءَ جي شروعات محروميءَ ۽ نراشا واري ان دور ۾ ٿي ۽ اسان جو شوڪت حسين شورو ان نئين ادبي تحريڪ جي بانين منجهان هڪ هو. پنهنجي ادبي سفر جي باري ۾ شوڪت جو چوڻ آهي ته:

"پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جو زور هو. مون سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ ان کي گهڻو پڙهيو هو. ان ڪري جڏهن مون لکڻ شروع ڪيو ته ترقي پسند ادب جي اثر هيٺ منهنجين ڪهاڻين جا ڪردار مظلوم هاري ۽ ظالم وڏيرو هئا. سٺ جي ڏهاڪي ۾ ملڪي سياسي حالتن، سنڌ جي محرومين، سنڌي نيشنلزم جي واڌ، سنڌي ادب تي وڏو اثر وڌو هو. ان سبب مون

طبقاتي فرق وارن موضوعن کي ڇڏي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ڏاڍاين تي لکڻ شروع ڪيو.

"1971ع ۾ پاڪ- ڀارت لڙائيءَ کان پوءِ پاڪستان جو اوڀر وارو حصو بنگلاديش جي شڪل ۾ ڌار ٿي ويو. ملڪ جون سياسي ۽ مالي حالتون تباهه ٿي ويون هيون. نوجوانن جو وڏو تعداد بي روزگاريءَ سبب فرسٽريشن ۽ ڊپريشن جو شڪار هو. انهن نوجوانن ۾ اسين به شامل هئاسين. هونءَ به ستر وارو ڏهاڪو سڄي دنيا ۾ جديد خيالن ۽ تحريڪن سبب وڏي اٿل پٿل وارو دور هو. ان ئي دور ۾ نئين ڪهاڻيءَ جنم ورتو هو. ڀارت جي سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻي لکجي رهي هئي. سنڌ ۾ اها ٿورو دير سان پهتي. سنڌ ۾ جن ڪهاڻيڪارن ماڊرن ڪهاڻيءَ کي قبول ڪيو ۽ لکڻ شروع ڪيو، انهن ۾ ماڻڪ، مشتاق شورو ۽ آءٌ شامل هئاسين. اسان جي مخالفت ۾ ڇڱو خاصو طوفان ڪڙو ڪيو ويو ۽ الزام لڳايا ويا ته اسين گرامر کي ٽوڙي سنڌي ٻوليءَ کي خراب ڪري رهيا آهيون، بداخلاقي پکيڙي رهيا آهيون ۽ اسين ترقي پسنديءَ جا مخالف ۽ آمريڪي سامراج جا ايجنٽ آهيون، جيڪي سنڌي ماڻهن ۾ مايوسي، فرسٽريشن ۽ بد دلي پيدا ڪري رهيا آهيون. اصل ڳالهه هيءَ هئي، ته اسان ڏنو هو ته لکڻ سان ڪجهه به ڪونه ٿو ٿئي. ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جي وسيلي سماج کي بدلائڻ جا خواب ڏسڻ اسان ڪڏهوڪو ڇڏي چڪا هئاسين. ان ڪري سياسي ليکڪن جون گاريون کاڌيون سين."

شوڪت جي آخري جملي سان اختلاف ٿي سگهي ٿو، پر سندس فرسٽريشن چڱي طرح سمجهه ۾ اچي ٿي. ادب 'سماجي انقلاب' جو اهم وسيلو آهي، پر اها به حقيقت آهي ته جنهن دور جي ڳالهه شوڪت ڪري رهيو آهي، ان ماحول ۾ سنڌي ادب جي تبديليءَ واري ڪردار(Agent Of Change) جي اهميت ۽ ڪاميابيءَ کي ڏسندي هڪ طرف ته سياسي بازيگرن اديبن جي ڪُلهي تي بندوق رکي پنهنجو نشانو چُٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ٻئي طرف چالاڪ ۽ موقعي پرست ليکڪن پنهنجي نالي کي چمڪائڻ ۽ اڳينءَ قطار ۾ ويهڻ خاطر اجايو سڄايو سنڌي نيشنلزم جو نعرو

هٽي ناپائدار، وقتي ۽ سستو ادب پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هئي. نعري بازي (Sloganism) تحت لکيل ادب Localized يعني هڪ محدود وقت، طبقي ۽ ماحول لاءِ هوندو آهي. ان کي آفاقي(Universal) اهميت ملي نہ سگهندي آهي. حالتون بدلجندي ئي اهڙو ادب تاريخ جي پنن ۾ دٻجي ماضيءَ جو حصو بنجي ويندو آهي، پر اهو شرط فقط ۽ فقط اهڙي ادب سان لاڳو ٿيندو آهي جنهن جي پاڙ نکريءَ تي هوندي آهي. جنهن ۾ سگهٽي نعري کان سواءِ ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. روسي ادب، جنهن سنڌي ليکڪن کي بيحد متاثر ڪيو ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، مقامي هوندي بہ پنهنجي اهميت ان ڪري برقرار رکيو بيٺو آهي جو منجهس انساني قدرن کي اوليت مليل آهي. گورڪيءَ جو ناول 'ماءُ' ان سلسلي ۾ بهترين مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. ٿلهو 'جيئي سنڌ' چوڻ سان ڪجهہ بہ ڪونہ ورندو، جيستائين ان ۾ دل جي گهرائي ۽ من جي سچائي شامل نہ هوندي. مان مڃان ٿو تہ ان تحريڪ ۾ ڪجهہ اهڙا ليکڪ بہ اچي شامل ٿيا جن فقط نالو ڪمائڻ لاءِ سنڌ جو نالو استعمال ڪيو. سندن شاعريءَ توڙي ڪهاڻين` جي ڪردار ۾ نہ اها سچائي هئي نہ گهرائي جيڪا پڙهندڙن جي ذهن کي ڌوڏي ڇڏي. بهرحال "نئين ڪهاڻيءَ"جي سرواڻن جي پنهنجي ذاتي محرومي، مايوسي ۽ ويڳاڻپ ڪين اندر جي اظهار لاءِ هڪ نئين رخ طرف ڪٽي ويئي؛ ۽ هنن ان نئين اسلوب ذريعي پنهنجي ٿيءَ جي ناڪامين ۽ بيدليءَ جو ڀرپور نموني سان اظهار ڪيو. انساني سوچ ڏنوي، سماجي ۽ سياسي پابندين جي محتاج نہ هوندي آهي. ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اٿندڙ سوال، احتجاج ۽ انقلاب، لفظن جي چوند، جملن جي بيهڪ ۽ گرامر جي ڊسيپلين جا پابند نہ هوندا آهن. خواب ۽ خيال منجهيل، بي ترتيب ۽ بي تسلسل ڇاپندا آهن. انهن کي جيئن جو تيئن جهٽي لکڻ سان فرسٽريشن ۽ ڊپريشن جي انتهائي گهرائيءَ ۽ ليکڪ جي من جي پيڙا جو اثرائتو اظهار ڪري سگهجي ٿو. هونءَ بہ حقيقت پسنديءَ جي بنيادي تقاضا بہ اهائي آهي تہ پڙهندڙ کي آئيني ۾ سندس اصلي عڪس ڏيکارجي. برو آهي يا ڀلو، ليکڪ جو ان سان ڪو

واسطو ناهي. بلڪ ليڪڪ تہ پنهنجو ماضي توڙي حال بنا لڄ شرم جي ٻاهر ڪڍي ظاهر ڪندو آهي. هُو پنهنجي باري ۾ ڇا ٿو سوچي، پنهنجي گهر وارن، يارن دوستن، جڳ وارن متعلق سندس ڪهڙي راءِ آهي، سا ڪُليءَ ريت بيان ڪرڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهي:

’دنيا جيئڻ جي قابل ناهي يا آءٌ دنيا جي قابل ڪونہ آهيان؟.....
ايتري ساري زندگي گذري وئي پر مون ڪي ڪٿان بہ ڪو گرين سگنل نہ مليو اڳتي وڌڻ لاءِ. گرين سگنل هميشہ ٻين جي لاءِ هوندو آهي. ٻيا اڳتي وڌي ويندا آهن ۽ جڏهن منهنجو وارو ايندو آهي تہ ريڊ سگنل روشن ٿي ويندو آهي. وقت ڪيترو اڳتي وڌي ويو هو ۽ آءٌ پوئتي ڌڪجندو وڃان. موجوده وقت ۾ اڻ ٺهڪندڙ صفا Misfit .‘

اهو Misfit وارو نظريو يا ٿيم نئين ڪهاڻي لکندڙ سيني اديبن ۾ ملندو. هنن جي خيال ۾ هو هن سماج ۾ ٺهڪي نہ سگهندا، ان ڪري ئي هو پاڻ کي اوپرو سمجهن ٿا. هنن جو اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، لهجو ۽ رَويا ٻين کان مختلف آهن ان ڪري نہ سماج کين قبول ٿو ڪري ۽ نہ وري هُو سماج کي قبول ٿا ڪن. هُو حساس آهن، ان ڪري خود ترسي (Self Pity) ۾ مبتلا آهن. شوڪت پنهنجي هڪ افساني ’اشارو‘ ۾ چوي ٿو:

’ها تون حساس آهين، پر رڳو پنهنجي لاءِ، پنهنجي ذات جي حد تائين. ٻئي ڪنهن کي ڪا تڪليف آهي، ڪو مسئلو آهي، ان جو احساس توکي ڪٿي ٿيندو آهي! جيستائين ٻئي جي جذبات جو واسطو آهي تہ تنهنجو حساس پڻو ڪيڏانهن گم ٿيو وڃي؟‘

ساڳي ئي افساني ۾ پنهنجي Misfit هئڻ جو ورجاءُ ڪندي لکي ٿو:

’پر جنهن ماڻهوءَ جي شخصيت ئي اونڌي هجي، اهو انڌيون ابتيون ڳالهيون نہ سوچيندو تہ ٻيو ڇا ڪندو؟ آءٌ ڪيتري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود پاڻ کي دنيا سان ٺهڪائي نہ سگهيو آهيان. هرهنڌ، هر ڪنهن سان، هر ڳالهہ ۾ Misfit.‘

’رات جو رنگ‘ نالي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ شوڪت ساڳي ڳالهه ڪجهه هن ريت ڪئي آهي:

’اوچتو هن زور سان رڙ ڪئي: واهيات.... هڪدم چرڪي آسپاس ڏنائين. چرين وانگر رڙ ڪرڻ تي ڪيس شرم آيو، پر هن کي حيرت لڳي ته ڪنهن جو به ڌانهس ڏيان ڪونه هو. ماڻهن جاڻي واڻي هُن ڌانهن ڌيان ڪونه ڏنو يا...ڪا بي ڳالهه هئي. هُن جو ساهه ٻوساٻجڻ لڳو. تڏهن هن کي احساس ٿيو ته اها رڙ هن جي نڙيءَ ۾ گهٽجي وئي هئي. بزدل، پاڙي، ڊڄڻو..... جيڪي ڪجهه چاهيان ٿو سو ڪري نه ٿو سگهان: رڳو رڙ به نه! هن کي روئڻ اچي ويو، اهو به اندر ئي اندر ۾. ٻاهر ڪجهه به نه هو. بينل پاڻي، جميل برف بنجي ويل- اندر گهٽي گهرائيءَ ۾ پاڻي ٺهڪي رهيو هو ۽ پيڙا هئي سڙڻ جي.‘

شوڪت جي ڪهاڻين ۾ اها بي وسي (Inertia)، اها خود ترسي (Misfitness)، اها خود ڪلامي (Soliloquy)، فيصلي جي گهٽتائي(Indeciveness)، بي حسي (Apathy) سرد جذبات (Frigid sentiments)، ساڃهه جي وَهڪ (steam of Consciousness)، پويان پُور(Flash Back) ۽ ٻيا اهڙا انيڪ مثال ملندا، جيڪي ان دور جي رُڻل ۽ ماحول کان مايوس نوجوانن جو اهڃاڻ هئا. هُو ڳالهه کي لڪائي چپائي، رومال ۾ ويڙهي، احتياط کان ڪم وٺندي (Tounge in cheek) ڪرڻ جا عادي نه هئا. ڳالهه ڪيڏي به اگري، اڻ وڻندڙ يا ماڻهن جي نظر ۾ نامناسب ڇو نه هجي، هُو اهي سڀ ٻنڌڻ ٽوڙي، بي حجاب ٿي چئي ڏيندا هئا، پنهنجي لاءِ توڙي ٻين جي لاءِ. ’هڪ ڊنل ماڻهو‘ جيڪا منهنجي راءِ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هزارين ڪهاڻين مان چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترين سُنين ڪهاڻين مان هڪ آهي، سا نه رڳو ڪهاڻيءَ جو بهترين مثال آهي، پر شوڪت شوري جي پنهنجي شخصيت جو عڪس پڻ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهي سمورا گڻ ملندا جيڪي نئين ڪهاڻيءَ جي تعريف (Introduction) لاءِ ضروري آهن . ان ڪهاڻيءَ ۾ شوڪت شوري اندلث جا ست ئي رنگ سموئي ڇڏيا آهن. هن جي ٻولي، ڊائلاگ، مونولاگ، طنز ۽ پلاٽ جي چونڊ کان وٺندي واقعاتي Locale جي تفصيلن تائين، سندس مهارت ۽ ذهانت ثبوت ڏين ٿا.

”....ريڪس سينيما کان اڳتي نيٺ هن کي وجهہ مليو. هن دل جهلي وک وڌائي ۽ عورت جي ويجهو اچي ڳيت ڏئي ’هلو‘ چيائين.

عورت هن ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪي پئي.

’هلو‘، عورت وراڻيو، هن جي دل ٺورو وڌي.

”دل ۾ نہ ڪريو تہ ڪٿي ويهي چانهہ پيون،“ هن کي اهو جملو ڏاڍو عجيب لڳو. پر هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ پرائيويٽ عورت سان ڪيئن ڳالهائبو آهي.“

ڪردار جي اها سادگي دراصل شوڪت جيMisfit هئڻ واري دليل جي پنيرائي آهي. هن معاشري جا ڪارآمد ڪردار ۽ چلتا ڦرتا ماڻهو ايترا سادا، ايترا ابوجهہ، ايترا ڪمزور ڪونہ ٿيندا آهن. اڳتي هلي لکي ٿو:

”عورت چيو ”ڪا جاءِ آهي يا هوٽل ۾ ڪمرو ونٺو پوندو؟“

هو مطلب سمجهي ويو. ”ان جي ڪا ضرورت ڪانهي. پاڻ کي نہ ڪنهن جاءِ تي هلڻو آهي نہ هوٽل جي ڪمري ۾.“

عورت هن کي حيرت سان ڏسڻ لڳي.

”پوءِ تون مون کي وٺي ڇو آيو آهين؟“

”آءٌ توکي ان لاءِ نہ وٺي آيو آهيان.“ هن منهن ڦٽائي چيو.

هن ڏٺو تہ عورت جي منهن تي مايوسي اچي وئي.

هن کيسي مان پگهار وارا پيسا ڪڍي ٽيبل تي رکيا.

”ٻن-ٽن ڪلاڪن جي لاءِ تنهنجي جيتري في آهي، سا هنن مان ڪٽي وٺ.“

هيءُ افسانو پڙهندي مون کي ڀارتي اردو ليکڪ ڪرشن گوپال عابد ياد اچي ويو. اها عجيب ڳالهہ آهي تہ شوڪت شوري، ڪرشن گوپال عابد جو نالو بہ نہ ٻڌو هو. پوءِ بہ ايتري حيرت جهڙي هڪجهڙائي!

شايد ان ڪري جو هُو ٻئي ماڊرن ڪهاڻي جا پانڌيڙا آهن. هنن جا نيمر، انداز ۽ اظهار هڪ جهڙا آهن، پوءِ ڪٿي منجهن مڪان ۽ زمان جو فرق ڇو نہ هجي. ڪهاڻيءَ جا ٻئي ڪردار بوريت (Boredom) جو شڪار آهن. يڪسانيت هنن کي نستو، نبل ۽ ڊڄڻو بنائي ڇڏيو آهي. پر

جڏهن هو ٻئي پاڻ ۾ ملن ٿا، تڏهن ٿوري دير لاءِ هڪ ٻئي جي لاءِ خوشي جا خزانا ڪٺي ٿا اچن.

شوڪت جي هڪ ٻي ڪهاڻي "خوف جو موت" پڙهي. مون کي هيمنگوي جي ڪهاڻي "Killer" ياد اچي وئي. ڪهاڻيءَ جو هيرو دشمن کان لڪندو پڇندو، ڪنهن اڻڄاتل ننڍڙي ڳوٺ ۾ وڃي ٿو رهي. رات جو گهر جا دروازا ۽ دريون بند ڪري ٿو سمهي ۽ ڏينهن جو ضروري ڪم کان سواءِ ٻاهر نہ ٿو نڪري. اها يڪسانيت، خوف ۽ بوريت کي جنم ڏئي ٿي. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن ڳوٺ جي هوٽل وارو بيرو سهڪندو اچي کيس ٻڌائي ٿو تہ 'تنهنجي خون جا پياسا هٿ بہ پهچي ويا آهن ۽ توکي مارڻ لاءِ جاڻ تہ بس آيا کي آيا. توکي اڃان بہ وقت آهي تہ تون پوئين در کان نڪري ڀڄي وڃ!' تڏهن هُو بيري کي واپس وڃڻ جو چئي، ٻاهريون در چڱيءَ طرح کولي، بستري تي ليٽي سندن انتظار ڪرڻ ٿو لڳي.

'خوف جو موت' ۾ بہ شوڪت اهڙي ئي ڪاريگريءَ سان ڪامل جو ڪردار جوڙيو آهي. ڪامل ۽ سندس گهر واري زينب حيدرآباد ۾ 'ٻوليءَ واري فساد' جي زماني ۾ پناهگيرن جي گهيري ۾ اچي ٿا وڃن. ڏينهن رات گولين جا آواز ٿا گونجن. موت اکين آڏو بيٺو آهي. زينب جي منٿن تي ڪامل سنڌين جي وسنديءَ ۾ لڏي وڃڻ لاءِ هٿ پير هٽي ٿو ۽ آخرڪار هڪ مسواڙي جاءِ ڪرائي تي وٺڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو. شام ڌاري جڏهن گهر ڇڏڻ جي تيارين ۾ آهن، تڏهن جاءِ جي مالڪياڻي سودي تان ڦري ٿي.وڃي ۽ ڪامل مايوس تي موٽي ٿو اچي.

"گهر جي چاٻي وٺي آئين؟"

"نہ پاڻ کي ڪيڏانهن بہ ناهي هلڻو. پاڻ هتي ئي رهنداسين پنهنجي گهر ۾، جنهن گهر ۾ منهنجا سمورا وڏا، بابو ۽ امان مري ويا، ان گهر ۾ پاڻ مرڻ کان ڇو ٿا ڊڄون. اڄ کان ڊپ ذهن مان ڪڍي ڇڏ، اُلڪو نہ ڪر."

ڪامل کٽ تي ليٽي پيو ۽ سگريٽ دکائي آرام سان سوٽا هڻڻ لڳو."

موت جو خوف جڏهن حد کان وڌي وڃي ٿو ۽ پڇڻ جي ڪا واهہ نٿي سُجهي تڏهن اوچتو ئي اوچتو ڪمزور کان ڪمزور ماڻهو بہ خوف جي موت جو فيصلو ڪري ٿو. شوڪت جي هيءَ ڪهاڻي پنهنجي اُڻت ۽ گهڙت جي لحاظ کان نہ رڳو هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي بلڪ ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جي گهيري ۾ قاتل مجبور ۽ لاچار ڌرتي ڌڻين لاءِ هڪ وقتائتو سنيهو پڻ آهي. ڪامل ۽ زينب توڙي حاجي صاحب ۽ سندس گهر واريءَ جي ڪردارنگاري (Characterisation) بہ خوب آهي. پر ڪردارنگاريءَ جي معراج تي شوڪت کي ڏسڻو اٿو تہ سندس ڪهاڻي "اڌورا ماڻهو" پڙهو. پروين هڪ تيز ترار، وات وائِڪي، همت پري ۽ بي ڊپي عورت آهي، نياز ان جي ابتڙ ساڀيوئي ڪمزور، ڊڄڻو ۽ بي همت انسان. ٻنهي جي گفتگو ۽ هلت چلت کي چٽڻ وقت ليکڪ پنهنجي فن جي اوچاين تي پهتل آهي:

هوءَ کلڻ لڳي."اهو تہ ڪجهہ ڪونہ هو. مون تہ توکي Real Kiss ڪرڻ ٿي چاهي. پر ڏٺم تہ تون صفا ياڙي آهين. مون کي ڊپ ٿيو تہ تون مون کان ڪڏهين پڇي ويندين."

"جيڪڏهن توکي ايڏو خيال آهي تہ پوءِ ٻين ماڻهن اڳيان هلڪڙائي نہ ڪندي ڪر."

"يار، تون تہ ڪو صفا شرم ٻوٽي آهين" پروين کلندي چيو،"پر ترس، ٿورن ڏينهن ۾ توکي سڌاري ڇڏينديس."

"تو مون کي ذليل ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي. ان ڪم لاءِ رڳو آءٌ ئي توکي هٿ آيو آهيان؟"

" مون کي تو تي رحم ٿو اچي يار. تون صفا ٻائو ٻُڌو آهين. ماڻهو ڇوڪرين تي عاشق ٿيندا آهن ۽ تون چاهين ٿو تہ ڇوڪريون توتي عاشق ٿين! تون آخر چاهين ڇا ٿو؟ ايترو سهڻو بہ ڪونہ آهين جو ڇوڪريون توتي مرنديون وتن."

ساڳئي ئي ڪهاڻيءَ ۾ نياز جي روپ ۾ اهو ساڳيو ئي بي همت، خوفزده ۽ اُباڻڪو ڪردار سامهون اچي ٿو، جيڪو نئين ڪهاڻيءَ جي هيرو جي علامت بنجي چڪو آهي.

نياز جي زباني:

”آءٌ سچ پچ بہ جذباتي ماڻھو آھيان. خوابن جي دنيا ۾ رھندڙ. پنھنجن خوابن جي تعبير مون کي ڪڏھن نہ ملي آھي- ۽ جي ملي بہ آھي تہ اڌوري اڻ پوري. آءٌ چاھيان ٿو تہ ڪير مون کي سمجھي، مون کي سنڀالي، مون کي سھارو ڏي...“

جڏھن ٻنڌس ئي لکيل جملا پڙھي رھيو ھوس، تڏھن فون ڪري چيو مانس، ”شوڪت، ھيءَ تہ پنھنجي ڪھاڻي لکي اٿئي.“

ڪلندي وراڻيائين،”ضرور پنھنجي شخصيت جو تہ پاڇو پوندو.“

چوٿين جولاءِ 1947ع ۾، ڳوٺ حاجي نور محمد شورو، تعلقو سجاول، ضلعو ٺٽو ۾ عبدالڪريم شوري جي گھر ۾ پيدا ٿيندڙ شوڪت حسين شورو ايم.اي تائين پڙھيو آھي. سنڌي ادبي بورڊ، پاڪستان ٽيليويزن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي اٿائين. گذريل ستن سالن کان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر آھي. 1964ع ۾ پھرين ڪھاڻي لکيائين. ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ تي ڊراما لکيائين. ٻنڌس ڪھاڻين جا ھن وقت تائين ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آھن: ’گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس‘ ۽ ”اکين ۾ ٽنگيل سپنا“ سنڌ ۾ شايع ٿيا، ٽيون ڪتاب، ’گم ٿيل پاڇو‘ ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان الھاس نگر مان ڇپايو. ھندستان جي دورن دوران مون ڏٺو تہ شوڪت اتان جي ليکڪن ۾ ڏاڍو مقبول آھي. ڪيس چاھيندڙن جو تعداد بي انتھا آھي. خود سنڌ ۾ پڻ ھو سڀ کان وڌيڪ غير متنازعہ شخصيت طور ڄاتو ويندو آھي. سنڌالاجيءَ کي سنڀالڻ ۽ سھيڙڻ ٻنڌس عظيم ڪارنامو آھي.

حيدرآباد (دکن) ۾ ٻنڌس واقفيت ڪرائيندي چيو ھوم، ’ھيءُ اسان جو دوست تمام گھٽ ڳالھائيندو آھي. سال ۾ ھڪ بہ جملا ڳالھايائين تہ سمجھو وڏي ڪيپ ڪٽيائين.‘ ھاڻي بہ جڏھن ٻنڌس لڳاتار خاموشيءَ کان بيزار ٿيندو آھيان تہ چوندو آھيانس، ’شوڪت تون بہ تہ ڪجھہ چئہ.‘

ساڳئي معصوم مرڪ چپن تي آڻي چوندو آھي، ”تون جو ڳالھائين پيو!“

- قمر شھباز

پيارا شوڪت!
ڪن جون ڳالهيون وٽنڊڻون آهن،
ڪن جي ماٺ سهٽي هوندي آهي.
تنهنجي ماٺ!
رکي رکي ماٺ واري پردي مان
ٻن لفظن جو جهاتي پائڻ،
ٿوري ۾ اِهو ئي تنهنجو خاڪو
وري وري تري ٿو اچي
منهنجي نيڻن ۾-
ڪاش! توسان
ڪجهه گهڙيون گهاري سگهان ها.
تون مليو هئين؟
الائي ها يا الائي نه،
مون کي شڪ ٿو ٿئي،
پنهنجو پاڻ تي،
تنهنجي ماٺ تي،
مان پڙهڻ ٿو چاهيان،
هڪ ناپاس وديارٿيءَ جيان.
تون مون سان ماٺ ۾ ئي رهج!
باقي پڙهڻ منهنجو ڪم آهي.
اِهو ڏوراپو
جو مان پت تي اِتي لکي ويو آهيان،
پڙهي سگهين ته پڙهج!
- نند جويري

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| .1 | رات جو رنگ | 19 |
| .2 | شاگرد اگواڻ | 31 |
| .3 | هڪ ڊنل ماڻهو | 44 |
| .4 | اکين ۾ ٽنگيل سپنا | 58 |
| .5 | گلي ۾ قاتل سڏڪو | 75 |
| .6 | آسي | 81 |
| .7 | چتيءَ جيترو آسمان | 90 |
| .8 | هيسيل هانوَ، اُبهرا اُلڪا | 101 |
| .9 | توڪل | 108 |
| .10 | خوف جو موت | 118 |
| .11 | شهر ۾ سپنا | 129 |
| .12 | اشارو | 135 |
| .13 | مئل ويساهه | 146 |
| .14 | اوپرو ماڻهو | 153 |
| .15 | بينل پاڻي | 159 |
| .16 | گم ٿيل پاڇو | 164 |
| .17 | سمنڊ ۾ هيڪلو روح | 173 |
| .18 | سُرنگ | 187 |
| .19 | گونگي ڌرتي، ٻوڙو آڪاس | 194 |
| .20 | آخري ڏينهن | 204 |
| .21 | سفر | 212 |
| .22 | مشعالون | 224 |
| .23 | وهندڙ پاڻي | 232 |
| .24 | ٻڪي سونهن | 238 |
| .25 | اڌ مڙهيل سوئيٽر | 248 |

| | | |
|---|---|---|
| 26. | زندگي- ٿوهر جو وڻ! | 257 |
| 27. | پيڙا جا پڙلاءَ | 265 |
| 28. | منجهيل لڪيرون | 276 |
| 29. | درد جي لاٽ | 285 |
| 30. | ڪاري رات، رت ڦڙا | 294 |
| 31. | اڻ ڪٿ پڇاڙي | 302 |
| 32. | ڍهندڙ ديوارون | 305 |
| 33. | هاريل ماڻهوءَ جي ڊائري | 309 |
| 34. | ڇانڊوڪي ۾ آڳ | 314 |
| 35. | فيصلو | 324 |
| 36. | پڳل ٽنل ٿهڪ | 332 |
| 37. | ورجاءُ | 345 |
| 38. | نيٺ بهار ايندو | 353 |
| 39. | ابر ۾ اُهاءُ ٿيو | 369 |
| 40. | آئيني سمان سپنا | 376 |
| 41. | آزادي | 380 |
| 42. | اسين ڪير آهيون؟ | 382 |
| 43. | ڦيرو | 388 |
| 44. | رت جو رنج | 390 |
| 45. | خالي صفحو | 399 |
| 46. | ڪو ٻجو ڦهر ڪلاچ ۾ | 405 |

# رات جو رنگُ

هو پاسا بدلائي بدلائي، بيزار ٿي پيو، پوءِ بہ هن اٿڻ نٿي چاهيو. واچ ۾ ٽائيم ڏٺائين، جيتوٽيڪ ٿوري دير اڳ ۾ ٽائيم ڏسي چڪو هو. اجا ٽائين ڏهہ بہ ڪو نہ ٿيا هئا. هونئن اٿڻ جو ٽائيم اٺ هو. ڏهين ڏاري آفيس جي گاڏي ڪٽڻ ايندي هئي. پر اڄ رُڄ جهڙو ڏينهن هو. موڪل جو ڏينهن وڏي مصيبت ٿي پوندو هو، ايڏو ڊگهو ڏينهن جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ وٺندو هو. ائين لڳندو هو ڄڻ سڄ بہ اُن ڏينهن تي موڪل ڪندو هو، ۽ سُستيءَ وچان رڙهندو ساهيون پٽيندو ويندو هو. هن کي ڊپ هو تہ اڪ ڪوِلڻ سان اهي ئي ڏٺل وائٺل مهانڊا نظر ايندا، اهي ئي هميشہ واريون ساڳيون ساڳيون ڳالهيون ڪرٽيون پونديون. سندس پارٽنر وقت ڪاٽڻ لاءِ تاس ويهي کيڏندا ۽ پاڻ هنن کي راند ڪندي ويهي ڏسندو. کيس راند ڪانہ اچي. وڌ ۾ وڌ ڪو ڪتاب کٽي پڙهندو. پر هاڻي تہ ڪتابن مان ڪِڪ ٿي پيو هو. ڏيان سان ڪتاب پڙهي نٿي سگهيو. صفحن جا صفحا پڙهي وڃڻ کان پوءِ کيس احساس ٿيندو هو تہ الاجي ڇا پڙهي ويو. وري پنا اُٿلائي ٻيهر پڙهندو هو. گذريل هڪ سال کان سندس اها حالت لڳاتار هئي- روٽين لائيف، بيزاري، مُردگي: زندگيءَ جو، تبديليءَ جو، رنگينيءَ جو احساس مري ويل.

'لڳي ائين ٿو ڄڻ ڪيترن سالن کان فريزر ۾ بند پيو آهيان ۽ ڄمي برف بنجي ويو آهيان. پر برف تہ ٻاهر نڪرڻ سان رڄي ويندي آهي ۽ پاڻي وهڻ لڳندو آهي. وهندڙ پاڻي مون کي وڻندو آهي. بيٺل پاڻي ڏسي مَن منجهندو آهي. وهندڙ پاڻيءَ وانگر ماڻهو بہ هلندو رهي. هڪ هنڌ ڄمي نہ وڃي.'

هن اکيون کولي ڏٺو. هن جا سمورا پارٽنر اجا سُتا پيا

هئا، ڏاڍي مزي ۾. اُهي حالتن مان مطمئن نہ هوندي بہ ٺيڪ ٺاڪ هئا. هنن کي ڪچهرين ڪرڻ، اجاين ڳالهين ڪرڻ، ٻئن شئن هٿڻ مان مزو ٿي آيو. اهي سڀ نارمل قسم جا ماڻهو هئا. 'ماڻهو هجي تہ نارمل هجي، نہ تہ اَئبنارمل ماڻهوءَ جي لاءِ وري جيڪو حساس بہ هجي تہ اُن لاءِ زندگي عذاب آهي. مون ۾ بيزاري پهرين ڪان هئي. پنهنجي پاڻ کان بيزاري، حالتن کان بيزاري. پر هاڻي اهو احساس وڌندو وڃي، وير وانگر منهنجي مٿان چڙهندو اچي. حالتن جو اڻ کٽ وهڪرو آهي. وس ۾ ڪجهہ ڪونهي. رڳي بيوسي، لاچاري ۽ نتيجي ۾ خار ۽ نفرت پاڻ کان، جو لڳي تہ ڏوهہ پنهنجو آهي. دنيا سان، حالتن سان 'ائڊجسٽ' نٿو ڪري سگهان. ماڻهو ٻين لاءِ تہ آزار آهي ئي آهي، پاڻ لاءِ بہ آزار آهي. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ جهنم بنجي وڃي تہ ان لاءِ زندگي گذارڻ ڪيڏي نہ ڏکي آهي. مون کي لڳي ٿو تہ آءٌ ائين ٿي ويو آهيان. مون ائين چاهيو ڪونہ هو، پر چاهڻ نہ چاهڻ سان فرق ڪهڙو ٿو پئي. حقيقت اها آهي تہ هي سڀڪجهہ جيڪي ٿيو آهي، سو الائي ڪيئن آهستي آهستي يا اوچتو ٿي ويو... مون کي خبر بہ ڪانہ پئي تہ آءٌ روڳي بنجي ويو آهيان.'

پارٽنر هڪٻئي پنيان اُٿڻ لڳا. هن وري اڪيون ٻوٽي سُمهڻ جو ڍونگ ڪيو. هن جي بيزاري وڌي وڌندي. ڪجھ دير کان پوءِ هن جي دل چاهيو تہ اٿي رڙيون ڪري. هو ڪاوڙ وچان لَت سان چادر هٽائي اٿي ويٺو ۽ پوءِ دستور موجب تيار ٿيڻ لڳو.

"پارٽنر، اڄ ڪاڏي تياري آ؟" هڪڙي پڇيو.

"دوست کي ٽائيم ڏنل آهي،" هن مختصر جواب ڏنو.

"يار، ڪڏهن اسان کي بہ ٽائيم ڏي.آخر اسان جو بہ تہ حق آهي."

”اوهان سان گڏ رَهان ٿو. هيڪاندا آهيون- ان کان وڌيڪ کهڙي ڳالهه آهي!“

”چڏ يار، رات جو الاجي ڪيڏي مهل اچين ۽ تون اجا صبح جو سُتو ئي پيو هجين ته اسين هليا وڃون. ماڻهو ويهي ڪچهري ڪري، مزو تڏهن آهي.“

”اسين ته سائينءَ سان ڪچهريءَ ڪاڻ سِڪون پيا،“ ٻئي پارٽنر چيو.

”اُهي ته اوهان جا قرب آهن، ڇا ڪجي- نوڪري اهڙي آهي. بهرحال، اج آءٌ سويل موٽي ايندس، پوءِ ڪچهري ڪبي.“

’۽ اُن ڪچهريءَ ۾ آءٌ رڳو ٻڌندڙ هوندس،‘هن من ۾ چيو. وڌيڪ اينگهه کان بچڻ لاءِ هو جلدي تيار ٿي ٻاهرِ نڪري ويو.

موڪل هئڻ ڪري بس ۾ رش گهٽ هئي. ماڻهو آرام سان ٻيهي پئي سگهيو. ٻئي ڪنهن ڏينهن بس ۾ ٻيهڻ جي جاءِ ٻه نه ملي ها. ماڻهو ائين ٻريل هوندا آهن، ڄڻ ٽرڪ ۾ واڙيل رڍون ۽ ٻڪريون. گهٽ ٻوسات، پگهر جي ڌپ، لتون، ڪنڊيڪٽر جي ٽيلهه ٽيلهان.

صدر، ايلفي- جتي ماڻهن کان وڌيڪ موٽر ڪارون هونديون آهن، اتي اڄ ويراني ۽ اُجاڙ هئي. رڳو هوٽلون کليل هيون، پر انهن ۾ اُهو گوڙ ڪونه هو. فوٽ پاٿن تي پراڻا ڪتاب رکيل هئا. ڍير مان ڪڏهن ڪڏهن سٺو ڪتاب نِڪري ايندو آهي ۽ هوئڻ ڪتاب ڳوليندي وقت ٻه ڪٽجيو وڃي. هو ڪجهه دير تائين ڪتاب ڏسندو ۽ ڳوليندو رهيو. هن پيري ڪوبه چڱو ڪتاب نظر نه آيو.”انگريزيءَ ۾ ايترو سارو ٽرئش لٽريچر ٿو لکجي! اهو کهڙي قسم جا ماڻهو پڙهندا هوندا؟“ هو نيٺ ٿڪجي اٿيو.

هو بوري بازار جي ويران گهٽين ۾، ايلفي، وڪٽوريا روڊ ۽ ريگل جي آسپاس رلندو رهيو. ’هڪڙا ماڻهو آهن، جن

ڪي وقت نٿو ملي ۽ مون لاءِ وقت گذارڻ وڏو مسئلو آهي. هي رڃ جهڙو ڏينهن آخر ڪڏهن ڪٽندو؟ (جيستائين رڃ جهڙي حياتي آهي.) هيڏي ساري اَجهاڳ شهر ۾ منهنجو وقت نٿو ڪٽجي، جتي وقت گذارڻ لاءِ هرڪا شيءِ ميسر آهي. پر اهي شيون رستن تي هاريون تہ ڪونہ پيون آهن....'

هلي هلي هن جون ٽنگون ساٽيون ٿي پيون هيون. هو پئراڊائيز سئنيما وٽ ريلنگ تي ٻانهون رکي بيهي رهيو. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪارون لنگهنديون رهيون. هڪ ٻن ڪارن ۾ هن کي ڇاتل سجاتل مهاندا نظر آيا ۽ هن منهن ڦيرائي ڇڏيو. هن کي خيال آيو تہ اُهي هن بابت ڇا سوچيندا تہ وائڙن ۾ رول ماڻهن وانگر نُوس نوس بيٺو ڪري. 'لعنت آهي. جنهن کي جيڪي وڻي، سو وڃي سوچي. آءٌ پنهنجو پاڻ کان بہ ڏڄان ۽ ٻين کان بہ ڏڄان..... وڏو نيچ آهيان، خسيس آهيان. احساس ڪمتريءَ جو مريض آهيان. مون کي پاڻ کان نفرت آهي... نفرت آهي.....' هن ريلنگ تي زور سان مُڪون وهائي ڪڍيون، سندس هٿ ڏکڻ لڳا. هن کي سندس آفيس ۾ ٿيل ڪالهوڪو واقعو ياد اچي ويو.

"جي؟" ڇوڪريءَ هن کان ٽيون ڀيرو پڇيو: "معاف ڪجو، مون کي اوهان جي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي!"

"ڇوي ٿو تہ تنهنجا ڪاغذ اجا پڙهي نہ سگهيو آهيان. هاڻي جلدي پڙهي، خط وسيلي ٻڌائيندس،"

ٻي ڇوڪريءَ ساهيڙيءَ کي سمجهائيندي چيو.

هو هرو ڀرو ڪاغذن کي اٿلائي پٿلائي رهيو هو. نگاهون ڪاغذن ۾ هيون، پر سڄو ڌيان ڇوڪرين جي سُس پس طرف هو.

"ايترو آهستي ٿو ڳالهائي، جو مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. تون الاجي ڪيئن ٿي سمجهينس؟"

”پهريون پيرو تہ مان بہ ڪانہ ٿي سمجهان.“ ٻئي وات تي هٿ رکي کلڻ لڳيون. هن جي جسم مان پگهر ڦٽي نڪتو. هن ڪي خيال آيو تہ وڏيڪ وقت چپ رهيو تہ ڇُوٽيو لڳندو.

هن ڪوشش ڪري ڏاڍيان چيو: ”اوهان ويجها ٿا رهو يا پري؟“ هن کي پنهنجو آواز وڏيڪ وڏو ۽ غير فطري لڳو.

”نہ، منهنجو گهر ڪافي پري آهي. ڪراچيءَ ۾ سواريءَ جو وڏو مسئلو اهي. رڪشائن وارا تہ اصل نواب آهن. جنهن طرف پاڻ وڃڻ چاهين تہ مسافر بہ ان طرف وڃن....“

”اوهان جي ڪم ۾ توري دير لڳندي،“ هو وچان ٻي ڳالهہ ڪري ويٺو. پر ڇوڪريءَ هن جي ڳالهہ سمجهي ڪانہ.

”ها، اها روز جي مصيبت آهي. رڪشا وارن کي چوڻ وارو ڪوئي ڪونهي. پوليس سان تہ هنن جو حساب ڪتاب هوندو آهي، اُن ڪري شڪايت جو ڪو اثر نٿو ٿئي.“

”اصل ۾ سڄو نظام ئي اهڙو آهي. اسان وٽ بہ اوهان کي هروڀرو دير ٿي وئي آهي،“ هن مزاح پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”جي!“

ٻي ڇوڪري کلڻ لڳي:”ٻئي هڪبئي جي ڳالهہ نٿا سمجهو.“

هو ٻيجي ٽڪرا ٽيڻ لڳو هو.

”سائين، اوهان هتي بيٺا آهيو؟“ هن ڇرڪي ڏٺو. سامهون آفيس جو ڪو ماڻهو بيٺو هو.

”اوهہ! آءٌ هتي ٽئڪسيءَ جي لاءِ بيٺو آهيان،“ هن جند ڇڏائڻ چاهي.

”سائين، هتي تہ ٽئڪسي ملڻ مشڪل آهي. مان اوهان کي هٿ ڪري ڏيان؟“

”نہ نہ، تون ڀلي هل. آءٌ پاڻهي هٿ ڪندس.“

هو ڪيس عجيب نظرن سان ڏسندو هليو ويو.

”ماٺھو ڪٽي بہ نٽا چڏين. منهنجي مرضي، آءٌ ڪٽي بہ بيهان.“ هو اتان هلڻ لڳو. سامهون هوٽل تي نظر پيس. اندر هليو ويو ۽ خالي ٽيبل تي وڃي ويٺو. بيرو پاڻيءَ جو گلاس ڪٽي آيو. چانهہ آڻڻ لاءِ چئي، هن آسپاس ڏٺو. سڄي هوٽل ۾ هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ اڪيلو نہ هو.

”تون ايترو آهستي ڇو ٿو هلين؟ ائين سنڀالي سنڀالي قدم کڻندو آهين، ڄڻ ڏڄندو هجين تہ ڏرتيءَ کي تڪليف نہ ٿئي،“ هڪ دوست چيو هئس. پر پوءِ هن پاڻ ڄڏهن ان ڳالهہ تي غور ڪيو تہ کيس دوست جي ڳالهہ صحيح لڳي هئي.

’زندگي جيئڻ جي قابل ناهي يا مون ۾ جيئڻ جي صلاحيت ڪانهي. جيئڻ بہ هڪڙو فن آهي، جيڪو مون کي ڪڏهن نہ آيو. اهڙي اڻ پوري، غلط ۽ مضحڪ خيز طريقي سان جيئڻ مان ڪهڙو فائدو. موت تہ ڪڏهن بہ اچي سگهي ٿو، پوءِ ماٺھو ويٺو انتظار ڪري ۽ عذاب سهي!‘

اڄ ڪئين ڀيرا سوچيل ڳالهہ هن جي ذهن ۾ وري آئي. الاجي ڪيتري وقت کان آءٌ ان تي سوچيندو رهيو آهيان ۽ همت نہ ساري سگهيو آهيان. پر هاڻي، هن گهڙيءَ مون کي پڪو ارادو ڪرڻ کپي. منهنجي لاءِ اهو ئي هڪڙو باعزت طريقو آهي، نہ تہ آءٌ پنهنجو پاڻ کان نفرت جي جهنم ۾ جلندو رهندس. مون کي اڄ ئي پنهنجو انت آڻڻ کپي، اڄ ئي.....‘ هن پڪو پهہ ڪيو. هن جي اڳيان ٽيبل تي پليٽ ۾ بل رکيو هو. هن کي حيرت لڳي تہ چانهہ ڪيڏي مهل پي چڏيائين. ڪوپ خالي هو ۽ ان جي تري ۾ ٿوري بچيل چانهہ هئي.

ڪيسي مان پئسا ڪڍندي هن سوچيو تہ ڪهڙي جاءِ موزون ٿيندي: کيس سمنڊ جو خيال آيو. ’ها، سمنڊ وڌيڪ نيڪ آهي. سمنڊ هميشہ منهنجي من کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي. سمنڊ ڏسي مون کي ڇڪ سان گڏ هيبت محسوس ٿيندي

آهي. آءٌ پاڻ کي سمنڊ جي بي انت ڪاراڻ ۾ گم ڪري ڇڏيندس ۽ ڪنهن کي خبر نه پوندي. آءٌ اهو نٿو چاهيان ته ماڻهو منهنجي موت تي ڳالهائن. جيئري ته مون تي ڳالهائيندا رهن ٿا، پر آءٌ انهن کي پنهنجي موت تي ڳالهائڻ نه ڏيندس. منهنجي ڪنهن کي خبر به نه پوندي.'

هو اٿي بيٺو ۽ ڪلفٽن ڏانهن ويندڙ بسن جي اڏي طرف هلڻ لڳو. هڪڙي بس اڏي تان رواني ٿي رهي هئي. موڪل هئڻ سبب ڪلفٽن ڏانهن ويندڙ بسن ۾ گهٽي رش هئي. هن بي بس جو انتظار ڪرڻ نٿي چاهيو. هلندڙ بس ۾ چڙهڻ لاءِ ڊوڙيو. هن جو هٿ ڏنڊي ۾ پئجي ويو ۽ پير مٿي ڪچي ويا. ٻيا به ماڻهو ٻاهر لٽڪي رهيا هئا. هن جي فقط هڪڙي پير کي فوٽ بورڊ تي جاءِ ملي سگهي ۽ ٻيو پير لٽڪندو رهيو. هٿ مضبوطيءَ سان جهليل هئا.

'جيڪڏهن آءٌ رڳو اِهو هٿ ڪولي ڇڏيان ته ڪا دير ئي ڪانه لڳندي. اتي ئي ڪم پورو ٿي ويندو، پر اهو نيڪ ناهي. آءٌ پنهنجي موت کي تماشو بنائڻ نٿو چاهيان. موت جي پبلسٽي مون کي نٿي وڻي. ظاهر آهي ته بس روڪائي ويندي. ماڻهو ان کي اتفاقي حادثو سڏيندا، پر ان سان گڏ مون کي لاپرواهه ۽ بس جي دروازي تي لٽڪندڙ شوباز سمجهندا. مائٽن، دوستن ۽ واقفڪارن کي منهنجي بيوقوفيءَ تي حيرت لڳندي. بس ۾ سفر ڪندڙ سڀ مون کي گاريون ڏيندا ته منهنجي ڪري هنن کي دير ٿي وئي. بس جو غريب ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر ڦاسندا. اهي سڀ ڳالهيون آهن، پر وڏي ڳالهه اها آهي ته ٿي سگهي ٿو ته آءٌ مران نه، بس ڪان ته پري وڃي ڪرندس، رڳو ٽنگون ٻانهون ڀڄن ۽ معذور ٿي پوان. هن وقت پاڻ تي بار آهيان، پوءِ ٻين تي بار ٿي پوندس.' خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. اڳيان بيٺل همراهه جو سڄو وزن هن تي پئجي رهيو هو ۽ سندس

هٿ جي پڪڙ ڍلي ٿي رهي هئي. هن همراهہ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان ڏڪيندي چڙ وچان چيو، ”پائي صاحب، پاڻ سنڀال، ڪيرائين ٿو.“

همراهہ هن ڏانهن ڪاوڙ مان ڏٺو: ”مون کي بہ پيا ڏڪي رهيا آهن،“ پر پوءِ بہ هن پاڻ سنڀاليو.

ڪجهہ وقت تائين ذهن کي ويساند ملي وئي. هو سڄي واٽ پاڻ کي مضبوطيءَ سان سنڀالڻ جي جاکوڙ ڪندو رهيو. بس ڪلفٽن تي اچي بيٺي تہ هن کي رڳو هٿ ڪولٽو پيو ۽ آسانيءَ سان لهي آيو. هٿ ۾ سور ٿي پيو هوس ۽ تري لال ٿي وئي هئي. هو هلندو سمنڊ ڏانهن آيو. پار، عورتون ۽ مرد ڊوڙي ڊڪي رهيا هئا. ٿڪ ڏيئي رهيا هئا، سڀ خوش هئا يا خوش هجڻ جو ڍونگ ڪري رهيا هئا. هو پاڻ بہ تہ ائين ڪندو رهيو هو، دوستن ۽ واقفڪارن جي اڳيان- منهن تي مطمئن هجڻ جو، خوش هجڻ جو ڪوڙو نقاب چاڙهي. جڏهن اڪيلائيءَ ۾ هو اهو نقاب لاهيندو هو تہ من پرچي ايندو هوس. چاهيندو هو تہ ان وقت ڪو هجي، جيڪو هن کي سمجهي سگهي.

- تنهنجو چهرو ايترو Expressionless ڇو آهي؟
- تون هميشہ Confuse ۽ مايوس ڇو هوندو آهين؟
- تون چپ چاپ ۽ ڪهڙين سوچن ۾ هوندو آهين؟
- تنهنجا چپ چرندا رهندا آهن. چپن ۾ ڇا ڳالهائيندو آهين؟
- تو ۾ ڦڙتي ناهي! لڳندو آهي جڻ جيءَ کان بيزار آهين.... ۽ هن پاڻ کان پڇڻ چاهيو، ’تون ايترو وقت جيئرو ڇو رهيو آهين؟‘

اوچتو هن زور سان رڙ ڪئي: واهيات..... هڪدم چوڪي آسپاس ڏٺائين. ڇرين وانگر رڙ ڪرڻ تي ڪيس شرم آيو. پر هن کي حيرت لڳي تہ ڪنهن جو بہ ڌيان ڪونہ

هو. ماٺهن ڄاٽي واٽي هن ڏانهن ڏيان ڪونہ ڏنو يا... يا ڪا ٻي ڳالهہ هئي. هن جو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو. تڏهن هن کي احساس ٿيو تہ اها رڳ هن جي نڙيءَ ۾ گهُٽجي وئي هئي. هن کي پاڻ تي ٻاهہ وٺي وئي. ’بزدل، ڀاڙي، ڊڄڻو... جيڪي ڪجهہ چاهيان ٿو، سو ڪري نٿو سگهان، رڳو رڙ بہ نہ!‘ هن کي روئڻ اچي ويو، اُهو بہ اندر ئي اندر ۾. ٻاهر ڪجهہ بہ نہ هو. بيٺل پاڻي، ڄميل، برف بڻجي ويل- اندر گهٽي گهرائيءَ ۾ پاڻي ٿڪي رهيو هو ۽ پيڙا هئي سڙڻ جي.

هو ڪناري تي ٺهيل پٿر جي ديوار تي چڙهي ويٺو ۽ سمنڊ ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هو پاڻ کي انهن لهرن ۽ ويرن جي حوالي ڪرڻ وارو هو.

وقت واريءَ وانگر هن جي مُٺ جي وِٿين مان ڪسڪندو پئي ويو. هن کي خيال آيو تہ هو ايترن سارن ماڻهن جي اڳيان نہ مرندو. اهو اُٿيو ۽ ڪنارو ڪنارو وٺي هلندو ويو ڪنهن ويران ۽ مناسب جاءِ جي ڳولا ۾. هو ماڻهن، ماڻهن جي ٿهڪن ۽ ٻارن جي گوڙ کان گهڻو پري نڪري آيو. اتي رڳو سمنڊ جي گجگاهہ هئي ۽ ان جي مٿان اڇا پکي اڏامي رڙيون ڪري رهيا هئا. چوليون سندس پير پسائڻ لڳيون. هن پنيان ڏٺو، ساڄي کاٻي ڏٺو ۽ پوءِ سمنڊ ڏانهن ڏٺائين. سندس اڳيان نيڻ نهار تائين بي انت سمنڊ هو. سمنڊ جون چوليون هيون- ننڍيون وڏيون ۽ سمنڊ جو جبل هو. هن پاڻ کي بيحد اڪيلو، ويچارو ۽ بيوس پاتو. هن سڄي حياتي ائين محسوس ڪيو هو. ’آخري گهڙين ۾ جڏهن آءٌ پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهہ ڪري رهيو آهيان، پوءِ بہ پاڻ کي ويچارو پيو سمجهان!‘

کاٻي طرف ٽڪريون هيون. هن کي خيال آيو تہ انهن ٽڪرين تي چڙهي آسپاس آخري نظر وجهي. هو جيئن هڪ

ٽڪريءَ تي چڙهي رهيو هو تہ ٻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جا آواز ٻڌائين: عورت ۽ مرد. هو هبڪي بيهي رهيو.

”مان هڪ معمولي حيثيت وارو ماڻهو آهيان. مان توکي ايترو سک نہ ڏئي سگهندس، جيترو توکي مائٽن وٽ مليل آهي. مون تو کان ڪجهہ نہ لڪايو آهي، وينا! فيصلو توتي ڇڏيل آهي. ائين نہ ٿئي، جو سک ۽ آرام واري زندگي ڇڏي، سڄي عمر پڇتائيندي رهين!“

پوءِ هن عورت جو آواز ٻڌو، ”اسين ٻئي پڙهيل لکيل آهيون. روايتي پيار ۾ اسان جو يقين ڪونهي. اسين هڪٻئي جي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي سگهون ٿا، سمجهي سگهون ٿا، سهي سگهون ٿا. گڏجي زندگي گذارڻ جي لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي. بک اسين ڪونہ مرنداسين. باقي عيش آرام نہ هوندو تہ ڇا ٿيو، اسين هڪٻئي لاءِ عيش آرام آهيون.“

”او وينا..... وينا....... منهنجي وينا....... تو مون کي تباهہ ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي. تو منهنجي بي رنگ زندگيءَ ۾ رنگ ڀري ڇڏيا آهن- سمنڊ جو رنگ، ڌرتيءَ جو رنگ، ٽڪرين جو رنگ، آسمان جو رنگ ۽ شام جو رنگ.....! الائي ڪيترا رنگ ڀرجي ويا آهن منهنجي بي رنگ زندگيءَ ۾!“

”عشق توکي شاعري سيکاري ڇڏي آهي،“ ٿڌڪ چولين جي سنگيت سان ملي ويندڙ ”پر سٺي شاعر بڻجڻ لاءِ عشق ۾ ناڪامي ضروري آهي.“

”نہ نہ، مان ناڪام شاعر بڻجڻ وڌيڪ .پسند ڪندس.“ سمنڊ جي چولين تي ترندڙ ٽهڪ.

هن جو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو. وڌيڪ وقت بيهي نہ سگهيو ۽ هلڻ لڳو. هو ٿڙندڙ قدمن سان واپس موٽڻ لڳو، پر ڪيس اها سُڌ ئي ڪا نہ هئي.

’ڇا ڪو ماڻهو ان آس تي پاڻ کي جيئڻ لاءِ مجبور

ڪري سگهي ٿو ته ڪڏهن سندس بي رنگ زندگيءَ ۾ رنگ پرجي ويندا: سمنڊ جو رنگ، ڌرتيءَ جو رنگ، آسمان جو رنگ، شام جو رنگ..... شايد ڪڏهن ڪڏهن اهڙو معجزو ٿي پوندو آهي زندگيءَ ۾.' هن کي ياد آيو ته هو خودڪشي ڪرڻ جي لاءِ آيو هو، 'اها نجات ۽ ڇوٽڪارو جنهن کي آءٌ محسوس ڪري سگهان، ماڻي سگهان، سو ته موت ۾ به نه ملندو. اهو ته مرڳو لاحاصل آهي، زندگيءَ ۾ ڏک سور آهن، وک وک تي پيڙا آهي، پر اهي احساس آهن ته سهي، موت کان پوءِ اهي احساس به نه رهندا. آءٌ چاهيان ٿو ڇوٽڪارو، جنهن ۾ ڇوٽڪاري جو ڪو احساس نه هوندو.' هن پاڻ کي هلڪو هلڪو، بي وزن محسوس ڪيو. هن جي طبيعت جي ڳورائي لهي وئي هئي، ڊپريشن جي وير اپري لهي وئي هئي. هو ائين سمجهڻ لڳو، ڄڻ هڪ وڏي هنگامي کان پوءِ ٺاپر اچي وئي هجي.

'ڪتي مون ڊڄي خودڪشي ڪرڻ جو خيال لاهي ته نه ڇڏيو. نه، مون اهو لاهي نه ڇڏيو آهي. رڳو ڪجهه وقت لاءِ ٽاري ڇڏيو آهي. آءٌ انتظار ڪرڻ ٿو چاهيان. ڏسڻ ٿو چاهيان. شايد ڪڏهن حالتن ۾ ڦيرو اچي وڃي. اجا ته گهڻو وقت پيو آهي. ڏسجي.....' هو وري ماڻهن جي ميڙ ۾ اچي پهتو. هن پاڻ کي عام ماڻهن جهڙو ڀانيو. هن جي دل تي ته ڪنهن سان ڳالهيون ڪري، ٺهڪ ڏئي.

گهڻا ماڻهو واپس موٽڻ جو سانباهو ڪري رهيا هئا. هن سوچيو ته ڪيس به واپس وڃڻ کپي. هو بسون بدلائيندو هيون ۽ گهر ڪراچيءَ جي آخري ڇيڙي تي هو. هو بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لڳو.

ماڻهو ميڙو ڪريو بس جي انتظار ۾ بيٺا هئا. سيٽ ملڻ جو آسرو گهٽ هو. هن پڪ ڪيو ته ڪيئن به ڪري بس ۾ اڳواٽ چڙهڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ سيٽ تي ضرور ويهندو.

هن بس ۾ بيٺل ماڻهن جي پيهه ۾ پيسجڻ نٿي چاهيو. هو اجا ڪجهه پري هو تہ بس اچي بيٺي. ماڻهو بس ڪي وڪوڙي ويا ۽ لهندڙ وڏي مشڪل سان لهڻ لڳا. هو ڊوڙندو بس ڏانهن وڌيو. روڊ اُڪرڻ وقت سندس نظرون بس جي دروازي ۾ هيون. روڊ تي تيزيءَ سان ايندڙ ڪار جي ٽائرن جو زوردار چيڪٽ ٿيو. هن جي اکين ۾ مختلف رنگ نچڻ لڳا. ڌرتيءَ جو رنگ، آسمان جو رنگ، شفق جو رنگ ۽ اڪثر اونداهي رات جو رنگ......٭

”۽ اسان جا مطالبا؟“ هن پڇيو.

”انهن مان هڪڙو به ڪونه مڃيو ويو.“

”ڀلا عام ماڻهن جو رد عمل؟ ڪٿان ڪا پنيرائي ملي؟“ هن جي دوست ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”باقي اسان ايتري جک ڪنهن جي لاءِ پئي هنئي؟“ هن چڙ مان چيو. سندس دوست ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو رهيو.

”ٻين ساٿين جو ڇا ٿيو؟“ هن وري پڇيو.

”انڊر گرائونڊ ٿي ويا آهن.“

”انڊر گرائونڊ!“ هن ٿڌو ساهه کنيو. ”پڇي وڃڻ لاءِ سٺو لفظ آهي.“ واپس ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ اچي هو لڳاتار سوچيندو رهيو: ’قومي جدوجهد ائين هلندي ته هڪڙا پڇي وڃن ۽ ٻيا پاڙي تي ويهي رهن! لعنت آهي اسٽوڊنٽس پاليٽڪس تي،‘ هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. ’پر جتي ملڪي سياست ۾ دم نه هجي، اتي شاگرد سياست جي ڪهڙي حالت هوندي! ڪنهن مضبوط سياسي آرگنائيزيشن کان سواءِ رڳو شاگرد سياست تي ڀاڙڻ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي. اهو آهي هٿ وٺي نوجوان نسل کي تباهه ڪرڻو. اهي رڳو ضايع ٿيندا رهندا. ورندو سرندو ڪجهه به ڪونه.‘

ڪجهه دير کان بس نه آئي هئي. هن ڏٺو ته اتي ڪافي ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا. هو انهن ۾ جاتل سڃاتل مهاندا ڳولڻ لڳو. سمورا ڇوڪرا ڇوڪريون اڻ ڏٺل هئا.

’ڇهه سال!‘ هن هڪ ڏکيو ساهه کنيو.

اوچتو پيچ پيچان لڳي وئي. بس آئي هئي. هو به ميڙ سان گڏ ڌڪجندو بس ۾ وڃي چڙهيو. سموريون سيٽون والارجي ويون هيون. هو ڏنڊي ۾ هٿ وجهي بيهي رهيو. اڳي بس ۾ چڙهندو هو ۽ ڪا سيٽ خالي نه هوندي هئي ته ڇوڪرا هن کي ڏسي زوريءَ پنهنجي سيٽ ڏيندا هئا. پر اڄ ڪنهن

ڪي بہ خبر نہ هئي تہ هي اهو شخص هو جنهن لاءِ نعرا لڳندا هئا، جنهن کي هرڪو شاگرد سڃاڻندو هو ۽ سندس عزت ڪندو هو. اڳي يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد سياست رڳو ڇوڪرن تائين محدود هئي، پر هي پهريون شخص هو، جنهن ڇوڪرين کي بہ حصي وٺڻ تي آماده ڪيو. هن جي خيال ۾ شاگرد رڳو شاگرد هئا ۽ جيستائين سنڌي ڇوڪريون سرگرم نہ ٿينديون، تيستائين سياسي ۽ سماجي طور اسين اڳتي وڌي نہ سگهنداسين. هن جي همٿائڻ تي ڇوڪرين جنرل باڊي جي جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ شروع ڪيو هو، نہ تہ اهي انهن ڳالهين کان پري رهنديون هيون.

هن کي هڪ ڳالهہ ياد آئي:

هو ٻن ٽن دوستن سان گڏ آرٽس فيڪلٽيءَ جي لان تي ويهي ڳالهيون ڪري رهيو هو تہ ڪجهہ ڇوڪريون اتي آيون ۽ هڪ ڇوڪري جيڪا سيني ۾ وڏيڪ بولڊ ٿي لڳي، سا هن سان مخاطب ٿي:

” مان اوهان کان هڪ سوال پڇڻ گهران ٿي.“

هو ان ڇوڪريءَ کي سڃاڻندو هو. هن جو نالو حميده هو. هن پهرئين سال ۾ داخلا ورتي هئي، پر نئين هوندي بہ چڱي خاصي سرگرم هئي. هوءَ پنهنجي ڪاليج يونين جي صدر رهي چڪي هئي ۽ سٺي ڊبيٽر هئي.

”جي، ضرور پڇو، پر پهرين ويهو تہ سهي. اوهان بيهي ائين پڇي رهيون آهيو، ڄڻ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي آيون آهيو،“ هن مرڪي چيو. ڇوڪريون کلڻ لڳيون ۽ لان تي ويهي رهيون.

”هاڻ فرمايو؟“ هن چيو.

”يونيورسٽيءَ ۾ اچي اوهان ڪيترا ڇوڪرا عورتن جي آزاديءَ جا حامي بڻجي ويندا آهيو. پر پنهنجي گهر ۾ پنهنجين ڀينرن کي سوگهو ڪري رکندا آهيو- اوهان اهو

برداشت نہ ڪندا آهيو تہ اوهان جون ڀينرون بہ يونيورسٽيءَ ۾ اچن ۽ ڏارين ڇوڪرن سان ڳالهائين. اوهان پراڻين ڀينرن جي آزاديءَ جا حامي آهيو ۽ پنهنجين ڀينرن کي بند ڪيو ويٺا هوندا آهيو. اهو تضاد ڇو آهي؟“ حميده تقرير ڪري وئي.

”اهو تضاد پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي، ان ڪان مونِ کي انڪار ڪونهي. اسان جا ڇوڪرا گهٽو ڪري ٻهراڙين مان ٿا اچن جتي اجا زرعي سماج آهي. زرعي سماج ۾ رسمن رواجن ۽ پابندين جي جڪڙ وڌيڪ هوندي آهي. اسان ۾ هڪ مضبوط مڊل ڪلاس پيدا نہ ٿي سگهيو آهي جيڪو معاشري ۾ تبديلي آڻي سگهي. انِ ڪري اسان جنهن معاشري ۾ رهون ٿا ان ۾ قول ۽ فعل جو تضاد ڪا اهڙي عجيب ڳالهہ ڪانهي.“

”جيڪڏهن اوهان جي ڪا ڀيڻ گهر ۾ بند هجي تہ اوهان ڇا ڪريو؟“

”پهرين ڳالهہ تہ بدقسمتيءَ سان منهنجي ڀيڻ ڪانهي. پر جيڪڏهن هجي ها تہ ان کي ماءُ- پيءُ جي مرضيءَ تي هلڻو پئي ها، نہ منهنجي مرضيءَ تي. آءٌ ماءُ- پيءُ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان ها، پر آخري فيصلو وري بہ انهن جو ئي هجي ها.“

”جيڪو ماڻهو پنهنجو گهر نہ سڌاري سگهي اهو قوم کي ڪيئن سڌاريندو؟“ حميده ڇوڪرين ڏانهن نهاري ٽوڪ ڪئي. ڇوڪريون مخصوص انداز سان کليون.

”اوهان جو مطلب آهي تہ گهر وارن کي ڏنڊي سان سڌارجي!“

هن ٽوڪ جو جواب کلندي ڏنو. ڇوڪرن ٽهڪ ڏنو.

حميده اٿي بيٺي ۽ ڇوڪرين سان گڏ هلي وئي. ان ڪان پوءِ حميده ڪٿي منهن سامهون ايندي هئي تہ شوڪجي هلي ويندي هئي. هڪ ڀيرو هن پاڻ حميده کي روڪيو.

”ڳالهه ته ٻڌو!“

”جي؟“ حميده شوڪجي چيو.

”مون کي لڳي ٿو ته اوهان جي مون تي ڪاوڙ آهي. پر منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن مون کان ڪا گستاخي ٿي آهي ته ان لاءِ معافي ٿو وٺان....“

”نه نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي،“ حميده هڪدم چيو.

”ٿي سگهي ٿو مون غلط سمجهيو هجي. خير، ڳالهه هيءَ آهي ته سڀاڻي مائي بختاور شهيد جو ڏينهن آهي. مناسب سمجهو ته ان موقعي تي اوهان به ڪجهه ڳالهايو.“

”پر مون کي ته مائي بختاور جي باري ۾ گهڻي خبر ڪانهي.“

”مائي بختاور هڪ هارياڻي هئي جنهن انگريزن جي دور ۾ هارين جي حقن خاطر لڙندي مرڻ قبول ڪيو. پر وڏيرا شاهيءَ جي اڳيان نه جهڪي. اوهان مائي بختاور جي حوالي سان سنڌي عورت جي سياسي سجاڳيءَ تي ڳالهائجو.“

”نيڪ آهي، مان ڪوشش ڪنديس.“

”نه، پڪ ڏيو.“

حميده ڏانهن ڏسندي گهڙي کن ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ ڪلي چيو، ”پڪ.“

بس ڪئمپس ۾ داخل ٿي وئي هئي. هن کي لڳو پنهنجي گم ٿيل دنيا ۾ صدين کان پوءِ موٽي آيو هو. سڀ ڪجهه ساڳيو هو/ سڀ ڪجهه بدلجي ويو هو. اهي ئي جايون هيون ۽ هر بلڊنگ جي ديوار نعرن سان ٿقيل هئي- نعرا، سڪتا نعرا.... خالي دهل وانگر وڄندڙ. نعرا پڙهندي هن جي اندر ۾ ڪاوڙ اڀرڻ لڳي. بس آرٽس فيڪلٽيءَ جي اڳيان اچي بيٺي. هو ماڻهن جي پيهه ۾ پيسجندو هيٺ لٿو.

آرٽس فيڪلٽيءَ جي اڳيان ۽ اندر ڇوڪرن ڇوڪرين

جا ٽولا ويٺا هئا. گپ شپ، ڪل، ٽهڪ. هو انهن ٽولن وٽان لنگهندو اندر گهڙيو. اڄاتل.... اڻ سڃاتل.... ڪنهن کي به خيال نه آيو ته هي اهو هو. هن جي اندر ۾ ڪنهن رڙ ڪئي: آءٌ آهيان اهو.... اهو آءٌ آهيان..... آءٌ آهيان.... ۽ هن مرڪي پاڻ کي چيو: تون ڪجهه به نه آهين. توکي هنن مان ڪير به ڪونه سڃاڻي. هو آڊيٽوريم جي در وٽ وڃي بيٺو. هال خالي هو. ان هال ۾ سندس آواز گونجندو هو ۽ ان جي پنيان تاڙين ۽ نعرن جي ڌم هوندي هئي. هو آڊيٽوريم ۾ اندر گهڙي ويو ۽ هلندو هلندو پهرئين قطار وٽ اچي پهتو. ڪجهه دير انهن خالي سيٽن وٽ بيٺو رهيو ۽ پوءِ هڪ سيٽ تي وڃي ويٺو. سامهون ڊائس تي ٽي ڪرسيون رکيون هيون. وچ ۾ وڏي صدارتي ڪرسي ۽ پاسن کان ٻه ڪرسيون. هو انهن خالي ڪرسين کي تڪيندو رهيو. ان اسٽيج تي هن آخري تقرير ڪئي هئي ۽ اعلان ڪيو هو ته تحريڪ جاري رهندي جيستائين ڪسيل حق واپس نه مليا آهن. ان جي ٻي رات هاسٽلن تي ڇاپو لڳو هو ۽ هو گرفتار ٿي ويو هو. هو اڪيلو ٻوٿي سيٽ تي اهلجي پيو. شاگرد سنگت جي عهديدارن کي قسم کڻائڻ لاءِ جلسو ڪوٺايو ويو هو. قسم کڻڻ جي رسم پوري ٿيڻ کان پوءِ موسيقي جو پروگرام هو. سندس سمورا ساٿي ڪم کي جنبي ويا هئا ۽ هو انهيءَ سڄي قصي کان الڳ ٿلڳ رهيو. هن جو ڪم هو پنهنجي فيڊريشن جي اميدوارن کي چونڊن ۾ کٽائڻ. اهو ڪم پورو ٿي چڪو هو. هن جي ئي زور ڀرڻ تي حميده چوڪرين جي نمائندي طور چونڊن ۾ بيٺي هئي ۽ کٽي وئي هئي. هو آڊيٽوريم جي پويان لان تي ويهي سگريٽ مٿان سگريٽ دکائي پيئندو رهيو. موسيقيءَ جو پروگرام شروع ٿي چڪو هو. سمورا ماڻهو اندر آڊيٽوريم ۾ هئا ۽ هو اڪيلو ٻئي اڪيلو لان تي ويٺو رهيو. هن کي لڳو ته ڪو ماڻهو اچي

سندس پاسي وٽ بيٺو هو. هن ڪنڌ ڦيرايو.

”اوهين هتي وينا آهيو!“ حميده حيرت مان چيو هو.

”اچ ويهه“، هن چيو. هوءَ سندس اڳيان ويهي رهي.

”مان اوهان کي سڄي هال ۾ ڳوليندي رهيس..“

”ايتري رش ۾ ڪاهي پئينءَ چا مون کي ڳولڻ لاءِ؟“ هن ڪليو.

”قسم ڪٽڻ وقت اسين سڀ ڊائس تي وينا هئاسين ۽ منهنجون اکيون اوهان کي سيٽ سيٽ تي ڳوليندي رهيون.“

۽ هن جواب ۾ اياز جو شعر جهونگاريو: ’ميلي ۾ تون تنها تنها، ڪنهن کي ڳولين تو...‘

”اچ سائينجن جي موڊ کي چا ٿيو آهي؟ فنڪشن ۾ چو نٿو هلين؟ سيني ساٿين پڇا پئي ڪئي.....“

”ڪا خاص ڳالهه ڪانهي. هتي اچي وينس ته يڪو ويهي رهيس.“

”۽ هي ايترا سارا سگريٽ تو پيتا آهن؟ مون ايترا سگريٽ پيئندي ڪڏهن ڪونه ڏٺو توکي. سچ ٻڌائي، چا ڳالهه آهي؟“

”بس. اچ آءٌ پاڻ کي ڏاڍو اڪيلو پيو محسوس ڪريان. آيو هوس، پر ايترو گوڙ ڏسي آڊيٽوريم جي در تان موٽي ويس. اندر وڃڻ تي دل ڪانه ٿي.“

”پر آخر چو؟ هي گوڙ شور ۽ هل هنگامو ڪا نئين ڳالهه ته ناهي. تون ته هريل آهين انهيءَ سڀ تي!“

”سڀ اجايو آهي، حميده. شاگرد سياست جي انتها اها اٿئي. يونين جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ٻئي ساڳئي فيڊريشن جا آهن، پر رات يونين فنڊ جي پيسن جي ورهاست تان پاڻ ۾ وڙهي پيا ۽ هڪ ٻئي تي پستول ڪڍي بيهي رهيا.“

”اها ڳالهه مون به ٻڌي آهي. آهي ته افسوسناڪ، پر چا

ڪجي! خير، پوءِ تہ وري نهي ويا نہ پاڻ ۾؟"

هو ڪلڻ لڳو.

"سچو سال رڳو وڙهڻ ۽ ٺهڻ ۾ گذري ويندو..."

"تو ڪي اڳ ۾ خبر نہ هئي چا تہ شاگرد سياست سطحي ۽ عارضي هوندي آهي!"

هن غور سان حميده ڏانهن ڏٺو.

"اها ڳالهہ تنهنجي ذهن ۾ ڪڏهن آئي تہ شاگرد سياست سطحي ۽ عارضي آهي؟"

"اها تہ ظاهر ڳالهہ آهي. هتان نڪرڻ کان پوءِ ٻيون سڀ ڳالهيون وسري وينديون. هر ڪنهن کي پنهنجي روزگار جي ڳڻتي هوندي. هتي واريون من مستيون وسري وينديون. پوءِ خبر پوندي تہ پرئڪٽيڪل لائيف ۾ ڪهڙين ڪهڙين مصيبتن کي منهن ڏيڻو آهي."

"تون مون کان وڌيڪ پرئڪٽيڪل نڪتينءَ..." هن کلندي چيو.

"تون سمجهين ٿو تہ تو کي ڪير رڳو آئڊيلسٽ ٿي رهڻ ڏيندو؟"

"چو؟ مون کي چا ڪرڻو پوندو؟" هن حيرت مان پڇيو.

"پرئڪٽيڪل ماڻهوءَ سان گڏ تو کي بہ پرئڪٽيڪل ٿيڻو پوندو، سائين منهنجا." حميده جي ڪل جي جواب ۾ هو رڳو مرڪيو. هو آخري سال ۾ هو. حميده جو خيال هو تہ ايم-اي ڪرڻ کان پوءِ هو سي- ايس- ايس جي لاءِ تياري ڪري. ان ڳالهہ تي ٻنهي ۾ بحث ٿي پوندو هو.

"تون ذهين آهين. سي- ايس- ايس جي امتحان ۾ ٽاپ ڪندين. چو اجايو آئڊيلسٽ بڻجي پنهنجي صلاحيتن کي ضايع ڪرڻ ٿو چاهين."

"صلاحيتن کي ڪم آڻڻ جو فقط اهو ئي. هڪڙو

طريقو آهي تہ ماڻهو سرڪاري مشنريءَ جو پرزو بڻجي وڃي! آءٌ هڪڙو معمولي پرزو بڻجڻ نٿو چاهيان.“

”تون پاڳل آهين. ڌرتي ۽ ماڻهن جي خدمت ماڻهو ڪٿي بہ ڪري سگهي ٿو. تنهنجي ڪا حيثيت هوندي، تو وٽ پاور هوندو تہ پاڻ ڪجھ وڌيڪ ئي ڪري سگهندين.“

هن ٺهڪ ڏنو هو ان ڳالھ تي.

”اهي رڳو ڳالهيون آهن، پاڻ ڪي ۽ بين ڪي دوکي ڏيڻ لاءِ. اسين ڪرڻ پنهنجي لاءِ چاهيندا آهيون، تورو ڌرتي ۽ ماڻهن تي ڪندا آهيون. تو ڪي خبر آهي تہ پاور ماڻهوءَ کي ڪرپٽ ڪندو آهي!“

حميده ڪاوڙجي پئي.

”چو؟ پاڻ کي زندگي گذارڻ لاءِ ڪجھ نہ کپي؟ ايترو پڙهڻ کان پوءِ فقير بڻجي زندگي گذاريندا سين ڇا؟ پاڻ کي رهڻ لاءِ چڱو گهر نہ کپي.... گاڏي نہ کپي.... سياڻي ٿيندا تہ انهن لاءِ آسائش نہ کپي؟“

هن جو من منجهڻ لڳو ۽ هن هڪدم اکيون کولي چوطرف ڏٺو. هو هال ۾ تنها تنها ويٺو هو. ۽ هن پاڻ کان پڇيو: ’ان گهر کي ٺهڻ کان اڳ ڪيرائڻ سان مون کي ڇا مليو؟ منهنجين سوچن کي، منهنجن نظرين کي ڪهڙي هٿي ملي؟ فنڪشن واري رات مون پاڻ کي ايترو اڪيلو پئي ڀانيو پر حميده جي وجود مون کي آٿت ڏني هئي تہ آءٌ اڪيلو نہ آهيان. ۽ اڄ ڪا آٿت ناهي، هاڻ کي ڏي ڏيڻ وارو ڪو بہ ڪونهي. هوءَ ڪٿي هوندي! ڪيئن هوندي!

هن چاهيو تہ ڪنهن کان حميده بابت پڇي. پر ترت ئي هن ان ڳالھ کي رد ڪري ڇڏيو. ائين هر ڪنهن کان پڇڻ مناسب نہ هو. هو جيل ۾ هو تہ ڪنهن دوست ملاقات تي ڪيس ٻڌايو هو حميده ايم- اي ڪرڻ کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ ئي

ليڪچرار مقرر ٿي هئي. پوءِ هن کي خبر پئي ته هوءَ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ تي انگلنڊ وئي هئي. ان کان وڌيڪ ڪيس ڪا خبر نه هئي. جيڪڏهن هن کي حميده جي واپس موٽي اچڻ جي خبر هجي ها ته شايد هو هتي نه اچي ها.

'پر آءٌ هتي آيو ڇو آهيان؟' هن پاڻ کان پڇيو. 'آءٌ ته بنهه آئوٽ سائيڊر آهيان هتي. هيءَ بلڊنگ، هي آڊيٽوريم، هتي جا وڻ، هتي جا رستا.... ڪو به ته مون کي نٿو سڃاڻي. ماڻهو ته پيا ايندا ويندا آهن. ڪن جي لاءِ آءٌ ڌاريو آهيان، ڪي منهنجي لاءِ ڌاريا آهن. پر هتي جا وڻ، هتي جا رستا ۽ جايون؟ ۽ جيڪڏهن اتفاق سان حميده ملي وڃي ته؟ هوءَ به ماڻهن، جاين، رستن ۽ وڻن وانگر ملندي؟'

هو اتي بيٺو ۽ هن سوچيو ته هتي اچي غلطي ڪئي هئي هن. هن وري به پاڻ کان پڇيو ته هو آيو ڇو هو؟ ڪهڙي ڳالهه هن کي هتي ڇڪي آئي هئي.

هو آڊيٽوريم مان نڪري ڏکڻ ڪاريڊور ۾ آيو. ڪي ڪلاس هليا پئي. فيڪلٽيءَ جي اندرين لان تي ڇوڪرا ڇوڪريون وينا هئا. اها ئي ڇهل پهل هئي. اهي ئي رونقون هيون. فقط وقت ساڳيو نه هو. وقت گهڻو اڳيان وڌي ويو هو ۽ پاڻ گهڻو پوئتي رهجي ويو هو. هن جا پير ڳرا ڳرا ٿي پيا. اڳتي ڪجهڻ مشڪل پئي لڳا- ۽ اوچتو پير پٿرائجي ويا. سامهون حميده اچي رهي هئي. حميده ڏنو ته ڪو ماڻهو هو جيڪو پٿر جي مورت بڻجي ويو هو، وچ ڪاريڊور ۾. ويجهو اچي هن جي وات مان اماڻڪ نڪتو: "تون.... توهان؟"

پٿرايل چپ چريا. هو رڳو مرڪيو.

"توهان ڪڏهن آيا؟"

"هاڻي ئي آيو آهيان...."

"منهنجو مطلب آهي... .ڪڏهن... توهان ڪي ڪڏهن

ڇڏيائون؟" حميده اٽڪندي ڳالهه پوري ڪئي.
هو ڪليو. "ڏهه بارنهن ڏينهن ٿيا."
"اڇ.... ويهه اچي،" حميده وچ ڪاريڊور ۾ بيهي ڳالهائڻ ٺيڪ نه سمجهيو."هوءَ پريان منهنجي آفيس آهي. اچ."
هلندي هلندي هن چيو، "شڪر آهي، ڪنهن نه سڃاتو. هتي نه سڀ اجاتل چهرا آهن...."
حميده ڪجهي ڪانه، رڳو هن ڏانهن ڏٺائين. هن کي لڳو ڄڻ چوندي هجي: توکي ڪهڙي توقع هئي؟
آفيس ۾ گهڙندي حميده پٽيوالي کي بوتلن آڻڻ لاءِ چيو.
ڪرسيءَ تي ويهي هوءَ ٽيبل تي رکيل ڪاغذن کي ڦلهورڻ لڳي. هن کي لڳو ته حميده ڪجهه نروس هئي ۽ لنوائي رهي هئي هن ڏانهن نهارڻ کان.
"مون ٻڌو هو ته اوهان انگلينڊ ويا هئا پڙهڻ لاءِ؟" هن ماٺ کي ٽوڙيو.
"ها، ٽي سال کن اتي هيس،"هن جو منهن ڪاغذن ۾ هو.
"واپس ڪڏهن آيؤ؟"
"سال کن ٿي ويو آهي،" جميده ڪنڌ مٿي ڪٽي جواب ڏنو ۽ وري ڪاغذن کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳي- ڄڻ ڪو ضروري ڪاغذ ڳولي رهي هجي.
ڪجهه دير تائين ماٺ ڇانئي رهي. هن کي لڳو ته ڇهه سال تمام وڏو عرصو هو. سؤ سالن جي برابر.
پٽيوالو بوتلون کڻي آيو. تڏهن حميده ڪنڌ مٿي ڪنيو. "وٺو،" هن بوتل ڏانهن اشارو ڪيو.
هن بوتل کنئي ۽ ان جو منهن هٿ سان صاف ڪري هڪ وڏو ڍڪ پريو.
"هاڻي ڇا ارادو آهي اوهان جو؟" حميده پڇيو.
"ارادو؟ اڃا نه ڪو ارادو ڪونهي ڪنهن ڳالهه جو،" هو

زوريءَ مرڪيو.

”منهنجو مطلب آهي ايم- اي ڪمپليٽ ڪندؤ يا؟“

”رسٽيڪيشن جا پنج سال تہ گذري ويا آهن. خبر ناهي هاڻي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ملندي يا نہ؟“

”ڪوشش ڪري ڏسو. رڳو امتحان ئي تہ ڏيڻو آهي. اجازت ملڻ تہ کپي،“ حميده چڻ بي ڌيانيءَ سان چيو.

هن چاهيو تہ حميده کان پڇي، ’تون ڪيئن آهين؟‘

” اوهان ڪافي ڪمزور ٿي ويا آهيو- هونءَ تہ جيڪي جيل ويندا آهن. ويهي ڪائي ڪائي مڇي نڪرندا آهن،“حميده پهريون ڀيرو مرڪي هن ڏانهن ڏٺو هو.

جواب ۾ هو رڳو مرڪيو. حميده ڪجهہ دير تائين هن ۾ ڏسندي رهي، چڻ جائزو وٺندي هجي، پوءِ هڪدم نظرون هٽائي ڪاغذن ۾ ڏسڻ لڳي.

هن پڇڻ چاهيو،’تون اجا ناراض آهين مون کان؟‘پر ڇهہ سال تمام وڏو عرصو هو.

حميده واچ ۾ وقت ڏٺو.

”معاف ڪجو، مون کي ڪلاس وٺڻو آهي،“ هوءَ اوچتو اٿي بيٺي. هو بہ اٿي بيٺو.

”اوهہ! هڪڙو منٽ...“ حميده کي ڪا ڳالهہ ياد آئي. هن ٽيبل جو خانو کوليو. ان مان لفافي ۾ پيل ڪارڊ ڪڍي ٽيبل تي رکي هن جو نالو لکيائين.

”سنو ٽيو جو اوهان پاڻ ملي ويا. ايندڙ هفتي منهنجي شادي آهي، اچجو،“ حميده ڪارڊ هن ڏانهن وڌايو. هن حميده کان لفافو وٺڻ وقت رڳو لفافي ڏانهن ڏٺو. هو سمجهي نہ سگهيو تہ ڇو حميده ڏانهن نهارڻ کان لنوائي رهيو هو.

”اوڪي، سِي يو،“ حميده چيو ۽ تڪڙي ٻاهر هلي وئي.

هو بہ ٻاهر نڪري آيو- هڪ وڏو خلا پيدا ٿي پيو هو جيڪو هن جي ذهن کي، سوچن کي، هن جي وجود کي ڳڙڪائي ويو هو. هو آهستي آهستي هلندو، ڊگهو ڪاريڊور لتاڙي ٻاهر نڪتو. فيڪلٽيءَ جي اڳيان بس اسٽاپ تي اچي ڇوڪرن ڇوڪرين سان گڏ بيهي رهيو ۽ بس جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

# هڪ ڊنل ماڻهو

هو فوٽ پاٿ تي رکيل سيڪنڊ هئنڊ ۽ ردي ڪتابن جي اسٽالن تي واري واري سان بيهندو ڪتاب جاچڻ لڳو. هڪڙي هنڌ هن کي "گاڊ فادر" ناول نظر آيو. قيمت پڇيائين. ويهه روپيا. هن حيرت مان اسٽال واري ڏانهن ڏٺو.

"دڪان تي هي ڪتاب اوهان کي چاليهه-پنجاهه رپين ۾ ملندو." اسٽال واري چيو.

"اهو ته سٺي حالت ۾ هوندو. هن جي حالت خراب لڳي پيئي آهي."

"اوهان جي مرضي. مشهور ناول آهي. هن تي فلم به ٺهي آهي، جنهن ۾ مارلن براندو ڪم ڪيو آهي. پاڪستان ۾ ان فلم تي بندش پيل آهي." اسٽال واري پنهنجي معلومات ظاهر ڪندي چيو. هن بنا ڪڇڻ جي ڪتاب اسٽال واري کي موٽائي ڏنو.

هو هلندو ٻئي اسٽال تي اچي بيٺو. ٿلهن نصاب جي ڪتابن جي وچ ۾ هن نوبوڪوف جو ناول "لوليتا" پيل ڏٺو. پڪي جلد سان. بهتر حالت ۾. هن قيمت پڇي. ڏهه رپيا.

"اٺ رپيا وٺ."

اسٽال واري بنا بحث جي ڪتاب ڏيئي ڇڏيو.

"لوليتا" پڙهڻ جو هن کي گهڻي وقت کان شوق هو.

اسٽال وارو قيمت گهٽ نه ڪري ها ته به هو وٺي ها.

شام ٿي چڪي هئي. ڪراچيءَ ۾ رات جون روشنيون جڳ مڳ ڪرڻ لڳيون هيون. جارج هوٽل جي اڳيان فوٽ پاٿ تي تمام گهڻي رش هئي. ڪئسٽن جي زور زور سان وڄڻ جو شور هو. هو ماڻهن جي پيهه ۾ پيسجندو هليو. سندس ساهه ٻوساٽجڻ لڳو. هو سب- وي وٺان مڙي وڪٽوريا روڊ تي آيو.

ڪپڙن جي دڪانن جي اڳيان لنگهندي هن کي خيال آيو تہ هڪ نئين پتلون ۽ قميص جي لاءِ ڪپڙو وٺي. پگهار جا سمورا پئسا هن جي کيسي ۾ هئا. گذريل مهيني هن جيڪا پتلون ورتي هئي اها بہ درزيءَ ڪان ڪٽي هئي. ڪيس نون ڪپڙن خريد ڪرڻ جي ايتري گهٽي ضرورت ڪا نہ هئي. هن پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو. پوءِ سوچيائين تہ ڪنهن سٺي هوٽل ۾ ويهي چانهہ پيئي، ۽ ”لوليتا“ جا پنا اٿلائي پٿلائي. شام جو عذاب هن کي ڪيئن بہ ڪري سهي گذارڻو هو. هن جي دل ويهڻ لڳي. هو پئراڊائيز سئنيما وٽ روڊ ٽپڻ جي لاءِ اچي بيٺو. هڪ عورت بہ ٽريفڪ بند ٿيڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. هن عورت ڏانهن ڏٺو. هوءَ ٢٨-٣٠ سالن جي لڳ ڀڳ هئي. رنگ سانورو هوس ۽ مهاندبو وٽندڙ. عورت بہ هن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٽريفڪ کي ڏسڻ لڳي. ٽريفڪ بند ٿي تہ هو روڊ ڪراس ڪري فوٽ پاٿ تي آيا. هلندي هلندي عورت وري بہ هڪ ڀيرو هن ڏانهن ڏٺو. هن کي تجربو ڪونہ هو، تنهن هوندي بہ هن اندازو لڳايو تہ هوءَ ’پرائيويٽ‘ هئي ۽ گراهڪ جي تاڙ ۾ هئي. هن سوچيو تہ ساڻس ڳالهائي ۽ معلوم ڪري تہ هن جو اگهہ ڪيترو آهي. پر جيڪڏهن هوءَ پرائيويٽ نہ هجي ۽ جيڪڏهن سندس ڳالهائڻ کي خراب سمجهي تہ! هو بڌتر ۾ پئجي ويو. کيسي ۾ پگهار جا سمورا پئسا هئا. هو خرچ ڪرڻ جهڙو هو، پر هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ عورت سان ڳالهائي ڪيئن. ماڻهو تہ ڇگين پلين عورتن کي ڦاسائي ويندا آهن ۽ هو هڪ پرائيويٽ عورت سان بہ نٿي ڳالهائي سگهيو. هن پاڻ کي همت ڏياري. عورت هن ڏانهن آڏين نظرن سان ڏٺو ۽ هن سمجهيو تہ عورت جي چپن تي هلڪي مرڪ هئي. هن سوچيو تہ اوسي پاسي ۾ ڪو ماڻهو نہ هجي تہ پوءِ عورت سان ڳالهائي. عورت ڪنهن بہ پاسي مڙڻ

ڪان سواءِ سڌي هلندي رهي. ريڪس سئنيما ڪان اڳتي نيٺ هن کي وجهه مليو. هن دل جهلي وک وڌائي ۽ عورت جي ويجهو اچي ٻيٽ ڏئي ”هلو“ چيائين. عورت هن ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪي پئي.

”هلو،“ عورت وراڻيو. هن جي دل ٺورو وڌي.

”دل ۾ نه ڪريو ته ڪٿي ويهي چانهه پيئون.“

هن کي اهو جملو ڏاڍو عجيب لڳو پر هن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته پرائيويٽ عورت سان ڪيئن ڳالهائبو آهي.

”ڀلي،“ عورت چيو.

”وليج هوٽل ۾ ويهون؟“ چرچ جي فوٽ پاٿ تي اچي هن پڇيو.

”اوهان جي مرضي، جتي به هلي ويهو.“

ٻئي گڏ هلندا وليج هوٽل جي جهوپڙيءَ ۾ اچي ويٺا، ويٽر مينو کڻي آيو. مينو ڏسندي هن پڇيو،

” چا گهرائجي؟“

”جيڪي به گهرايو“، عورت پنهنجائپ مان چيو. هن حيرت مان عورت کي ڏٺو ۽ کيس عجيب لڳو، ڄڻ هوءَ سندس پراڻي واقف هئي ۽ هن سڀ سندس مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو هو. هن ويٽر کي چڪن سئنڊوچز ۽ چانهه آڻڻ لاءِ چيو.

”جي؟“ هن شروعات ڪرڻ چاهي.

”جي! اوهان ٻڌايو؟“ عورت جون اکيون مرڪڻ لڳيون. هوءَ هڪ سئين سڌي عورت هئي جنهن ۾ ڪا به غير معمولي ڳالهه ڪا نه هئي. نه گهڻو ميڪ اپ ڪيل ۽ نه وري ڪپڙن لٽن ۾ فيشنبل لڳندڙ. هوءَ بلڪل گهرو عورتن جهڙي هئي. 'پر ڪنهن مجبوري هن کي ان ڌنڌي ۾ آندو هوندو،' هن سوچيو.

”تو کي گهر وڃڻ جي جلدي ته ڪانهي؟“ هن پڇيو.

”نہ. اهڙي خاص جلدي تہ ڪانهي،“ عورت وراڻيو.

هن سوچيو تہ ڪانئس پڇي تہ تنهنجو گهر ڪٿي آهي، پر هن اها ڳالهہ مناسب نہ سمجهي. اهڙي عورت پنهنجو گهر پتو نہ ڏسيندي ۽ پڇڻ مان فائدو بہ ڪهڙو. پر ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهائڻو تہ ضروري هو. مسئلو اهو هو تہ ڳالهائجي ڇا؟ ۽ هن کي عورت ڪجهہ منجهيل منجهيل پئي لڳي- يا اهو هن جو خيال هو!

”تو کي ميڪ اپ ڪرڻ نہ وڻندو آهي ڇا؟“

”ڇو؟ آءٌ ميڪ اپ کان سواءِ سٺي نٿي لڳان؟“

عورت کلي ڇيو.

”سٺي تہ لڳين ٿي،“ هن عورت جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”ها، تون بنا ميڪ اپ جي وڌيڪ سهڻي ٿي لڳين.“

هوءَ کلڻ لڳي، ، ”اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر جو آءٌ سچ پچ بہ پاڻ کي سمجهڻ لڳان.“

هو عورت کي ڏسندو رهيو. هن پنهنجي من کي ڪجهہ ڳرو ڳرو محسوس ڪيو. هن چاهيو تہ عورت جو منهن پنهنجن هٿن ۾ جهلي هن جي اکين ۾ ڏسندو رهي ۽ انهن ۾ پاڻ کي ڳولي.

”مون کي ائين ڇو ٿو ڏسين؟ آءٌ اهڙي سهڻي تہ ناهيان...“

”آءٌ تنهنجي اکين ۾ ڪجهہ ڳوليان پيو.“

عورت کي حيرت لڳي.

”مون تنهنجي ڳالهہ نہ سمجهي....“

”سمجهڻ جي ضرورت بہ ڪهڙي آهي. ٻن ٽن ڪلاڪن جي لاءِ هڪٻئي کي سمجهي ڇا ڪنداسين!“ هو گنڀير ٿي ويو.

عجيب ماڻهو آهي. عورت سوچيو. پر هوءَ اها ڳالهه سمجهي نہ سگهي تہ ڪيس ڇو هن لاءِ همدرديءِ محسوس ٿي رهي هئي.

ويٽر سئنڊوچز کڻي آيو هو. ٻئي کائڻ لڳا. پوءِ نيپڪن سان هٿ اگهندي عورت چيو: ”پاڻ کي ڪٿي هلڻو آهي؟“

”ڇا مطلب؟“

”ڪا جاءِ آهي يا هوٽل ۾ ڪمرو وٺڻو پوندو؟“

هو مطلب سمجهي ويو. ”ان جي ڪا ضرورت ڪانهي. پاڻ کي نہ ڪنهن جاءِ تي هلڻو آهي ۽ نہ هوٽل جي ڪمري ۾.“

عورت هن کي حيرت مان ڏسڻ لڳي.

”پوءِ تون مون کي وٺي ڇو آيو آهين؟“

”آءٌ توکي ان لاءِ نہ وٺي آيو آهيان،“ هن منهن ڦٽائي چيو. هن ڏٺو تہ عورت جي منهن تي مايوسي اچي وئي.

هن کيسي مان پگهار وارا پئسا ڪڍي ٽيبل تي رکيا.

”ٻن ـــ ٽن ڪلاڪن جي لاءِ تنهنجي جيتري في آهي، سا هنن مان کڻي وٺ.“

عورت کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هن کي اهو سڀ عجيب عجيب پئي لڳو. هن جو اهڙي ماڻهو سان ڪڏهن بہ واسطو نہ پيو هو. هن نوٽن ڏانهن ڏٺو ۽ اندازو لڳايو تہ هزار کن هوندو. هن ماڻهوءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو بنا نهارڻ جي ڪيس تڪي رهيو هو ۽ پاڻ الاجي ڪٿي هو. ويٽر آيو ۽ خالي پليٽون کڻي ويو. ٿوري دير ۾ چانهہ کڻي آيو.

”نہ، مون کي اهڙا پيسا نہ کپن،“ نيٺ عورت ڪڇي.

”ڇو؟ آءٌ توکي هي پيسا خيرات ۾ ڪو نہ ٿو ڏيان. اهي تنهنجي ٻن ـــ ٽن ڪلاڪن جي في آهن.“

”عجيب شخص آهين تون! مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ تون هرويرو ڇو مون کي پيسا ڏئي رهيو آهين. توکي

مليو چا؟“

هن مرڪي ڏنو.

”توکي ڪهڙي خبر ته مون کي چا مليو. نه، تون اها ڳالهه واقعي سمجهي به نه سگهندينءَ. خير، ڳالهه وهنوار جي آهي. مون تنهنجو وقت ورتو آهي ۽ ان جو عيوضو مون کي ضرور پرڻ گهرجي. توکي جيترا مناسب لڳن اوترا هن مان کڻ.“

”تو وٽ پيسا گهٽا آهن چا؟“ عورت چانهه ٺاهيندي چيو.

”گهٽا ته ڪو نه آهن. آءٌ هڪ معمولي ملازم آهيان. هي منهنجي پگهار جا پيسا آهن.“

”۽ اهي پيسا تون ائين وڃائي ڇڏڻ تو چاهين؟“

”جيڪڏهن آءٌ هوٽل ۾ ڪمرو وٺان ها ۽ توکي اتي وٺي هلان ها ته پوءِ سمجهان ها ته مون پيسا وڃائي ڇڏيا، پر هي سڀ آءٌ پنهنجي خوشيءَ سان ڪري رهيو آهيان. مون کي رڳو تنهنجو ساٿ کپي. آءٌ توسان ڳالهيون ڪرڻ ۽ توسان رستن تي گهمڻ چاهيان تو. ان کان وڌيڪ مون کي ڪجهه نه کپي.“ هن جو آواز ڳنڀير ٿي ويو.

عورت اکيون هيٺ ڪري پنهنجن هٿن کي ڏسڻ لڳي.

”تون سمجهندي هوندينءَ ته آءٌ ڪو چريو آهيان.“ هن کلندي چيو.

”نه، نه اهڙي ڳالهه ته ڪانهي،“ عورت کي پشيماني محسوس ٿي. ”چڱو، پيسا تون پاڻ وٽ رک، مون کي ڪجهه خريد ڪري ڏجانءِ.“

”ها، اهو به نيڪ آهي.“ هن پيسا کڻي کيسي ۾ وڌا. عورت ڏنو ته هو خوش ٿي ويو هو. هن ٽيبل تي رکيل عورت جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ ان کي ڏسڻ لڳو. پوءِ هٿ کي

متي ڪٽي ويجهو آندائين ۽ تريءَ تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيائين. هو هر گذرندڙ پل ڪي پيئندو رهيو. ويتر هڪ پيرو وري آيو ۽ اندر جهاتي پائي هليو ويو.

”تون اهڙو ڇو آهين؟“ عورت پڇڪيو.

”اهڙو ڇا؟“

عورت سوچڻ لڳي ته هوءَ ڪيئن پنهنجي ڳالهه ڪيئن سمجهائي. هوءَ چپ ٿي وئي. هو عورت جي ٻانهن تي ٿڏڙا ڪڏڻ لڳو.

”ٻڌ....“ عورت پڇڪاٽ ڪيو.

”ڇئو؟“

عورت نه ڪڇي.

”ڇا ڳالهه آهي؟ ڇئين ڇو نٿي؟“ هن هٿ وڌائي عورت جي ڳل تي رکيو ۽ عورت جو ڪنڌ هن جي هٿ تي لڙي پيو.

”تنهنجي زال هوندي! تنهنجا ٻار هوندا!“ عورت هٻڪندي چيو.

”نه منهنجا ٻار آهن ۽ نه مون کي زال آهي.“

”تون بلڪل اڪيلو آهين!“ عورت حيرت مان چيو ”تنهنجو ڪو به ڪونهي.“

”منهنجو ڪو به ڪونهي.“ هن چيو ته عورت ڪان پڇي، ’تون منهنجي ٿيندين؟‘ پر هو ڇئي نه سگهيو. عورت کي شايد هن جي اڪيلائيءَ جي ڳالهه ٻڌي همدردي محسوس ٿي هئي. هن سندس هٿ کي هلڪو زور ڏنو.

هن چاهيو ته عورت ڪان نالو ۽ حال احوال پڇي، پر پوءِ هن اهو خيال بدلائي ڇڏيو. ان سان ڪو به فرق نه پئي ها. هوءَ هڪ عورت هئي، سندس پاسي ۾ ويٺي هئي، ساڻس ڳالهائي رهي هئي ۽ اهو ئي هن لاءِ ڪافي هو. هوءَ ڪير هئي، اهو پڇي هو ڇا ڪري ها. ڪيس حاصل ڪجهه به نه ٿيڻو هو.

اهي ئي ڪجهه گهڙيون، جيڪي هوءَ ساڻس گڏ هئي، سندس حاصلات هيون. انهن گهڙين کان اڳ ۽ انهن گهڙين کان پوءِ ٻنهي جو هڪ ٻئي سان ڪو به واسطو نہ هو، ڪا بہ سڃاڻپ نہ هئي. هن کي ڪنهن جي ساٿ جي ضرورت هئي. اهو ساٿ جيڪو هن کي ايڏي ساري اجهاڳ شهر ۾ نہ ملي سگهيو هو، سو هن پئسن تي خريد ڪيو هو. بس، ان کان وڌيڪ ڪيس ڪجهہ نہ کپندو هو.

هن واچ ۾ وقت ڏٺو. اٺ ٿيڻ وارا هئا. هو پريشان ٿي ويو.

”اڙي! اٺ پيا ٿين، دڪان تہ بند ٿي ويندا“، هن گهبرائجي چيو.

”نہ، دڪان دير تائين کليل هوندا. عيد ويجهي آهي نہ،“ عورت چيو.

تڏهن هن کي ياد آيو تہ عيد ۾ باقي ٿي ڏينهن آهن. جنهن ڏينهن جو ماڻهو ايڏو انتظار ڪندا آهن، ايترا پيسا خرچ ڪري ڪپڙا لٽا ۽ سامان وٺندا آهن، سو هن جي لاءِ سخت بور ڏينهن هوندو آهي، هو سڄو ڏينهن ستو پيو هوندو آهي. ڪنهن وٽ وڃڻ يا ڪنهن سان ملڻ نہ چاهيندو.

” هاڻ هلڻ کپي“، هن ويٽر کي سڏ ڪري بل گهرايو ۽ پيسا ڏئي عورت سان گڏ اٿيو.

ٻئي آهستي آهستي گهمڻ جي انداز ۾ فوٽ پاٿ تي هلڻ لڳا – جڻ هو روز ائين گڏ گهمندا هئا .... جڻ اهو سندن معمول هو.

”آءٌ سمجهان پيو جهڙوڪر اسين ٻئي روز رات جو ڪراچيءَ جي روڊن تي گهمڻ نڪرندا آهيون ۽ اڄ بہ ائين گهمون پيا“، هو ڪلڻ لڳو.

”ها، مون کي بہ ائين پيو لڳي“، عورت بہ کلڻ لڳي.

”جڏهن اسين ورهين کان هڪبئي کي سڃاڻندا هجون ۽ گڏ رهندا هجون...“

”هون....“ هن هونگار ڪري عورت جي اکين ۾ ڏٺو ۽ هوءَ سچ پچ شرمائجي وئي. هن کي عورت جي شرمائجڻ تي مزو آيو ۽ ٺهڪ ڏيڻ لڳو.

”ڪنا!“ عورت ڪوڙي ڪاوڙ وچان هن جي ڪلهي تي ڌڪ هنيو. هن ڪلندي ڪلندي عورت جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ پوءِ گڏ کلڻ لڳا. کلڻ جو ڪو به سبب نه هو، پر ڪين هرويرو کل پئي آئي. ٻئي خوش هئا.

هو ريو سنيما وارو ڪراس ٽپي ايلفيءَ ۾ داخل ٿيا.

”ته سائين جن ڪهڙي خريداريءَ جو ارادو رکن ٿا؟“

”آءٌ عيد جي لاءِ هڪ وڳو وٺنديس. تون به عيد جي لاءِ هڪڙو وڳو وٺجانءِ. هونءَ پيسا اجايا خرچ ٿي ويندا.“

”ڪپڙا هوندا ته پيا ڪم ايندا.“

”نه، آءٌ عيد جي لاءِ ڪپڙا نه وٺندو آهيان.“

”ڇو؟“

”آءٌ عيد تي ڪيڏانهن نڪران ئي ڪو نه، پوءِ ڪپڙا وٺي ڇا ڪندس!“

”اوهه!....“ عورت کي ڄڻ ڪجهه سمجهه ۾ اچي ويو هو ۽ هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. هن عورت جي هٿ کي زور ڏنو- شايد اهو چوڻ لاءِ ته ”ڪا ڳالهه ناهي“.

”يلا ڪنهن خاص دڪان تان ڪپڙو وٺبو؟“ هن مذاقي انداز ۾ پڇيو.

”نه، ڪلاٽ مارڪيٽ ۾ ٿا هلون.“ عورت هن جي منهن ۾ نهاريو ۽ کلي پئي.

هو ٻئي ڪلاٽ مارڪيٽ ۾ آيا. هڪڙي دڪان ۾ گهڙي ويا. عورت مختلف ڪپڙا ڏسڻ لڳي ۽ هن کان رايو

پچندي وئي.

”مون کي ڪپڙن جي خبر نہ پوندي آهي. تنهنجي مرضي، توکي جيڪو وڻي سو وٺ“، هن چيو. نيٺ عورت ڪپڙو پسند ڪيو. قيمت تي هوءَ دڪاندار سان اٽڪي پئي. هو بنا ريڙهہ پيڙهہ جي پيسا ڏيڻ لاءِ تيار هو، پر عورت کيس روڪيو.

”تون چپ ڪري ويهہ. اوهان مردن کي هوڻءَ ئي دڪاندار ٺڳيندا آهن.“ هو چپ ڪري ويهي رهيو. عورت دڪاندار سان بحث ڪرڻ لڳي.

”اڄا بہ — ٽي ڏينهن اڳ منهنجي سهيلي هي ڪپڙو وٺي وئي آهي. مون کي اگهہ جي خبر آهي. اسين عيد وارو اگهہ نہ ڏينداسين.“

دڪاندار قسم کڻڻ لڳو، تہ هو عيد جو اگهہ ڪو نہ پيو وٺي، پر عورت اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي، هوءَ دڪان مان ٻاهر وڃڻ لڳي، تہ دڪاندار پنيان سڏ ڪيو: ”ٺيڪ آهي ڀلا وٺي وڃو.“

”ڏٺئي!“ عورت مرڪندي هن کي چيو، ”هي دڪاندار وڏا حرامي اٿئي.“

دڪاندار ڪپڙو ڪٽي پئڪيٽ ۾ بند ڪيو. هن کيسي مان پيسا ڪڍي دڪاندار کي ڏنا. دڪان مان ٻاهر آيا تہ هڪ فقيرياڻيءَ هنن کان خيرات گهري.

”خدا جوڙي سلامت رکي...“ ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪي پيا. هن کيسي مان رپيو ڪڍي فقيرياڻي کي ڏنو.

”ويچاري فقيرياڻي! سندس دعا اجائي وئي...“ اڳتي هلي هن کلندي چيو. عورت چپ هئي.

”اڄا بہ ڪجهہ وٺڻو آهي؟“ هن پڇيو.

”نہ، بس.“

” حجاب نہ ڪج.“

”نہ، حجاب ڪھڙو. مون کي ھِئي ڪنھن شيءِ جي ضرورت ناھي.“ عورت ھن کي يقين ڏياريو.

”۽ ھاڻي؟“ ھن عورت کان پڇيو.

”۽ ھاڻي؟“

”ھاڻي ڇا پروگرام آھي؟“

”منھنجو تہ ڪو پروگرام ڪونھي. جيئن تون چئين؟“

”ھل تہ ڪٿي ماني ھلي کائون.“

”ماني؟ پر بک تہ ڪانھي.“

”چائنيز ۾ ٿا ھلون. ھلڪو کاڌو آھي. نيڪ آھي نہ؟“

”ٺيڪ آھي. جيڪا تنھنجي مرضي“، عورت ڳالھ مڃيندي چيو.

ھلندي ھلندي عورت چيو، ”عيد جي ڪري ايتري رونق آھي. نہ تہ ھونءَ اٿين ڪان پوءِ سڄ ھوندي آھي.“

”ھا، اڄ سچي بہ رونق آھي. مون کي بہ نظر اچي پئي،“ ھن عورت ڏانھن نھاريندي چيو.

”مون ۾ ڇا ٿو ڏسين؟ رونق رستن تي آھي، مون ۾ ڪانھي“، عورت ٺھڪ ڏنو.

”مونکي تہ تنھنجي ڪري پئي رونق محسوس ٿئي،“ ھن سنجيدگيءَ سان چيو.

”سچ؟“ عورت بہ سنجيدي ٿي وئي.

”سچ.“ ۽ ھن ڏٺو تہ عورت جي منھن تي اداسي اچي وئي ھئي.

ھُئي ڪيفي ھانگ ڪانگ ۾ اچي ويٺا. دير تيڻ سبب رڳو ٽي — چار جوڙا ويٺا ھئا.

”تون بور تہ ڪانہ ٿي پئي آھين؟“

”نہ، بلڪل نہ. ڪمال آھي، تو اھو ڪيئن

سمجهيو!“ عورت مرڪندي ۽ ناراض ٿيندي چيو.

”الائي! آءٌ ته ائين سمجهندو آهيان، ته منهنجي ساٿ ۾ ٿئي ڪي رڳو بوريت پلئه پوندي آهي.“

”تون به عجيب ماڻهو آهين. پنهنجي لاءِ پاڻ ئي خيال ٺاهيو ويٺو آهين،“ هوءَ کلڻ لڳي.

”خير، منهنجي اڄوڪي شام تنهنجي نالي آهي. شايد منهنجي زندگيءَ جي اها پهرين شام آهي، جيڪا تنهنجي ڪري بوريت کان سواءِ گذري وئي ۽ مون کي خبر به نه پئي.“

”پر مون ته ڪجهه به نه ڪيو آهي!“

هو کلي چپ ٿي ويو.

هنن جيستائين ماني کاڌي، هوٽل ذري گهٽ خالي ٿي چڪي هئي. هن بل گهرائي پيسا ڏنا. ٻاهر اچي هن چيو، ”هاڻي تون وينديندءَ؟“

”ها، وڃڻو ته آهي،“ عورت کلي چيو.

”ڪا ٽيڪسي هٿ ڪجي...“ هو هيڏانهن هوڏانهن ٽيڪسيءَ لاءِ نهارڻ لڳو.

”ٿورو هلون ٿا. صدر ۾ ٽيڪسي ملي ويندي“، عورت چيو ۽ ٻئي هلڻ لڳا. هن کي پنهنجو من ڳرو ڳرو ۽ ٿڪل محسوس ٿيو. هن ان احساس کي دٻائڻ لاءِ ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو.

”جيڪڏهن تون وري ڪٿي ملي وڃين ته مون کي سڃاڻنديندءَ؟“

”آءٌ توکي وساري نه سگهنديس،“ عورت پوري سنجيدگيءَ سان چيو. هو ٺهڪ ڏيڻ لڳو.

”ڇو؟ ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”اهو ڊائلاگ ته فلمن ۾ محبوبه ڳالهائيندي آهي“، هو اڃا ٺهڪ ڏئي رهيو هو. عورت هن ڏانهن ڏٺو ۽ سندس نظرن

۾ ڏک هو.
هو اوچتو چپ ٿي ويو ۽ چيائين، ”ٽيڪسي ته نظر ئي نٿي اچي...“ عورت نه ڪڇي. هو سمجهي ويو، ته سندس ڳالهه عورت کي رنجايو آهي، پر هو ڪري به ڇا ٿي سگهيو. هن کي عورت جو جملو بلڪل روايتي قسم جو لڳو هو - ۽ .... ۽ ڪلڻ ته هن زوريءَ ٿي چاهيو.
ٻئي هلندا رهيا ۽ ٻئي خاموش هئا. ٽريفڪ گهٽجي وئي هئي ۽ شهر جو گوڙ ٿڪي ٿٽي ساڻو پئجي ويو هو. هو هڪ ٻئي کان پري پري هلي رهيا هئا. هڪ خالي ٽيڪسي پاسي مان اچي لنگهي. هن اشارو ڪري ٽيڪسي بيهاري. ٻئي وڏي ٽيڪسيءَ وٽ آيا. هن پوين در کوليو ۽ عورت خاموشيءَ سان ٽيڪسيءَ ۾ وڃي ويٺي. هن ڊرائيور کي ڀاڙي جي لاءِ ڏهين جو نوٽ ڪڍي ڏنو ۽ پوءِ ٽيڪسيءَ جي کليل دريءَ وٽ جهڪي عورت کي ڏنائين ۽ ڳري آواز ۾ چيائين، ”سات لاءِ مهرباني...“
عورت اکيون مٿي ڪٽي هن کي ڏٺو. سندس اکيون ڀنل هيون... يا هن کي ائين لڳو هو. ٽيڪسي ڀنهي جي نظرن جي ڏور کي ڇنندي هلي وئي.
هو ايمپريس مارڪيٽ جي بس اسٽاپ تي آيو ۽ پنهنجي بس ۾ چڙهي پيو. سڄي واٽ هن جو ذهن خالي هو. گهر جي ويجهي اسٽاپ تي بس مان لٿو ۽ سڄي گهٽي لتاڙي پنهنجي ڪمري جي در جي اڳيان اچي بيٺو. در کولي اندران در جي پاسي ۾ پٽ تي هٿوراڙيون ڏئي بٽڻ ڳولي بتي ٻاريائين. ڪمري ۾ روشني پکڙجي وئي. هو چرڪي دهلجي در تي ئي بيهي رهيو. ڪمري جي ويرانيءَ ۽ اڪيلائيءَ جي دهشت هڪدم هن تي ڇانئجي وئي. هو اکيون ڦاڙي حيرت ۽

ڊپ وچان ڪمري کي ڏسڻ لڳو. ڪمري ۾ پيل هر شيءِ ساڪت ۽ مئل هئي. هن کي اوچتو موت جو احساس ٿيو ۽ سندس من ۾ ڊپ پرجي ويو. هاڻ اچل ڪائي نڙيءَ ۾ اچي ڦاسي پيو. هن چاهيو تہ پوئتي ڀڄي، پر سندس پير پٿرائجي ويا هئا. کيس محسوس ٿيو تہ ڪمري ۾ پريل اڪيلائي ۽ ويراني آهستي آهستي هن ذانهن وڌي رهي هئي ۽ پوءِ اها هن جي وجود کي گهيري وئي.

# اکين ۾ ٽنگيل سپنا

رئڪ مان ڪتاب ڪڍندي، ڏسندي ۽ موٽائي رکندي ڪنول محسوس ڪيو ته ڪنهن جو اکيون هن کي لڳاتار تڪي رهيون آهن. هن هڪ ٻه ڀيرو آڏ ترڇين نظرن سان ان ماڻهوءَ ڏانهن ڏٺو ۽ لنوائي ڇڏيو. پر ماڻهو هو جيڪو چڻ پٿر بنيو بيٺو هو. ڪنول ڪتاب پئي ڏٺا ۽ هو ڪنول کي ڏسي رهيو هو. ڪنول کي سخت چڙ آئي. هن ڪاوڙ مان سڌو ان ماڻهوءَ جي منهن ۾ گهوري ڏٺو. سندس نظرن کي جهڙوڪر ڏڪ لڳو.

’جاني!‘ نالو هن جي چپن ۾ ايندي وچڙي پيو. سندس اکين ۾ چڙ جي جاءِ تي حيرت پرجي وئي. نظرون ڄمي ويون ڪجهه پل.

”هلو....“ پٿر ٻنجي ويل جسم ۾ چرپر پيدا ٿي. ڪنول سوچيو ته هوءَ هڪدم اتان هلي وڃي. جنهن هٿ ۾ ڪتاب جهليل هو تنهن ۾ هن ٿوري ڏڪڻي محسوس ڪئي. هن منهن ڦيرائي ڪتاب رئڪ ۾ رکيو. هن کي پنهنجي بيرخي نيڪ نه لڳي.

”اتي ڪڏهن کان بيٺو آهين؟“ هن رسمي طور پڇيو.

”جڏهن کان تون دڪان ۾ آئي آهين،“ جانيءَ جو آواز گهُٽيل هو.

”پر مون کي ته ڏهه پندرهن منٽ ٿي ويا آهن. ايتري دير تو ڳالهايو به ڪونه! جيڪڏهن آءٌ تو کي نه ڏسان ها ۽ هلي وڃان ها ته به تون نه ڳالهائين ها؟“

”مون ايتري دير سوچيو پئي ته تنهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڪيئن ڇڪايان،“ هن کلڻ جي ڪوشش ڪئي. دڪان ۾ بيٺل ماڻهن جون آڏيون نظرون ۽ ڌيان هنن ڏانهن هو. ٻئي ڄڻا

دڪان مان ٻاهر نڪري آيا.

”جيڪڏهن تو کي جلدي نہ هجي تہ ڪتي گهڙي ڪن ويهون؟“ جانيءَ فوٽ پاٿ تي اچي پڇيو. ڪنول انڪار ڪرڻ چاهيو. جاني اتاولين نظرن سان ڪيس ڏسي رهيو هو. هوءَ ناڪار نہ ڪري سگهي.

”ظاهر آهي. گهڙي ڪن ئي تہ ويهڻو آهي،“ ڪنول مرڪندي چيو ۽ سوچيو: ’اها گهڙي ڪن ئي تہ اسان جي نصيب ۾ آهي.

جانيءَ ڪار جو دروازو کوليو ۽ ڪنول کي ويهڻ لاءِ چيو. هن ڪار کي اسٽارٽ ڪري روڊ تي آندو.

”ڪيئن آهين؟“

” تو کي ڪيئن ٿي لڳان؟“

”اڳي کان وڌيڪ سلم ۽ سمارٽ.“

”هونهہ...“مرڪ زخم وانگر هن جي چپن تي ڦهلجي وئي.

”تون ٻن سالن ۾ ذري بہ نہ بدلي آهين. آءٌ تہ پوڙهو ٿي ويو آهيان... ڏس، وارن ۾ اڇا پئجي ويا آهن.....“

هو ڪلڻ لڳو. رکي ڦڪي کل.

ڪنول هن جي مٿي ڌيان ڏنو. هن کي ڪارن وارن ۾ ٿورا اڇا نظر آيا. هن وري جانيءَ جي منهن ۾ ڏٺو. ساڳيو ئي منهن هو. معصوم، پنهنجائپ محسوس ڪرائيندڙ ۽ ٻئي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ. ها، اکين ۾ ڪنڌر هئا. بيوسي ۽ بزدليءَ جا اهڃاڻ. ڪنول جي من ۾ اٻڙڪو آيو. هڪ ڪن جي لاءِ هن کي جانيءَ کان نفرت جو احساس ٿيو.

’بزدل...... بزدل....‘ لفظ ذري گهٽ چپن تي آيا هئا. هن هيٺئين چپ ۾ ڏند کپائي ڇڏيا.

” ڇا پئي سوچين؟“

ڪنول ڇرڪي وئي ۽ موٽي آئي.

”تنهنجي پوڙهي تي وڃڻ تي پئي سوچيان.“
جانيءَ ٺهڪ ڏنو.
”هڪڙا ماڻهو پوڙها ٿي وڃڻ کان پوءِ به ذهني طور جوان هوندا آهن ۽ اسان جهڙا ٽنل ڊنل ماڻهو جوان هوندي به ذهني طور پاڻ کي پوڙها محسوس ڪندا آهن.“
ڪنول ڪوبه جواب نه ڏنو. ٻئي چپ هئا. ڪار شهر جي گوڙ مان نڪري ٻاهر وڏي ويڪري روڊ تي اچي وئي هئي. جانيءَ هڪ ڪول ڪارنر وٽ ڪار پاسو ڪري بيهاري. هن هارن وڄائي ڇوڪري کي سڏيو ۽ هن کي سنيڪس ۽ ڪوڪ آڻڻ لاءِ چيو.
”ٻه سال ڪو ايڏو وڏو عرصو ڪونهي، پر ان عرصي ۾ گهڻو ڪجهه ٿي سگهندو آهي. اسان کي هڪ ٻئي جي ڪابه خبر نه پئجي سگهجي. ان ڪري حال احوال ڏيڻ ضروري آهي. ڪيئن؟“ جانيءَ چيو.
”حال احوال ڪو خاص نه ڪونهي. آءٌ ايم- اي ڪرڻ کان پوءِ گهر وڃي ويهي رهيس. پر پوءِ بور ٿي پيس. بوريت جي ڪري گهر وارن سان روز ڪٽ پٽ ٿيندي هئي. ايتري حد تائين جو گهر وارا مون مان بيزار ٿي پيا ۽ آءٌ گهر وارن مان.“ هوءَ کلڻ لڳي. ”نيٺ نوڪري اچي ڪيم. هينئر يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر آهيان.“
”رهين ڪٿي؟“
”اتي ئي.ڪئمپس ۾ گهر مليل آهي.“
”اڪيلي؟“
” ها، ڇو؟ ماڻهو اڪيلو نٿو رهي سگهي ڇا؟ مون سان گڏ هڪ مائي رهندي آهي. هن کي ڪو اُجهو ڪونهي. گهر جو ڪم ڪار ڪندي آهي ۽ مون وٽ ئي رهندي آهي.“
”تو.... شادي نه ڪئي آهي؟“ جانيءَ هٻڪندي پڇيو.

ڪنول هن جي منهن ۾ ڏسڻ لڳي. پوءِ هن جي چپن تي ڦڪيل مرڪ آئي ۽ هن منهن ڦيرائي ڇڏيو.

جانيءَ کي پنهنجي بيوقوفيءَ جو احساس ٿيو.

چوڪرو سنيڪس ۽ ڪوڪ کڻي آيو هو. ڪجهه دير تائين چپ رهڻ کان پوءِ ڪنول چيو، "تون ٻڌائي؟ تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟"

"آءٌ ته هاڻي گهڻو ڪري ڳوٺ رهندو آهيان. بابا جي گذاري وڃڻ کان پوءِ زمينن سنڀالڻ جو سڄو ڪم مون کي ڪرڻو پئي ٿو. ان ڪري گهڻو وقت نٿو ملي ٻاهر نڪرڻ جو. ٽائيم هڻ هٽان ۾ گذريو وڃي؟"

"ٻار گهڻا ٿيا آهن؟"

"اڃا ته هڪڙو ٻار ٿيو آهي. پٽ آهي،" هن ٻاهر روڊ ڏانهن نهاريندي چيو.

"خوش آهين؟" ڪنول جو سوال اوچتو هو. جانيءَ هن ڏانهن ڏٺو.

"جيڪڏهن آءٌ 'نه' چوندس ته اها ڳالهه تو کي سطحي لڳندي. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته ٻين جي مرضيءَ جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي شادي ڪرڻ کان پوءِ مون اهو سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي ته آءٌ خوش آهيان يا نه! تو کي خبر آهي منهنجي ڪا مرضي ڪانهي. مون کي پنهنجو ڪو اختيار ڪونهي،" هن جڻ پاڻ تي ٽوڪ ڪئي. "مون کي ٻين جي مرضيءَ موجب جيئڻو آهي. آءٌ خوش آهيان يا نه، ان سان ڪو فرق نٿو پئي،" هن جو آواز ڳرو ٿي پيو هو.

ٻه سال اڳ يونيورسٽيءَ ۾ جڏهن جانيءَ جي پيءُ جو خط آيو هو، تڏهن هن ڪنول کي اهڙي ئي دکي ۽ ڳري لهجي ۾ چيو هو، "بابا خط ۾ لکيو آهي ته شاديءَ جا ڏينهن ٻڌجي ويا آهن. منهنجي چاچي کي رڳو هڪڙي ڌيءَ آهي، ٻيو ڪو

اولاد ڪونهي. زمين گهٽي اٿس. بابا منهنجي شادي ان ڪري ڪرائڻ چاهي ٿو جيئن چاچي جي ملڪيت پاڻ وٽ رهي، ٻاهر نہ وڃي. ۽ مون ۾ ايتري همٿ ڪانهي جو انڪار ڪري سگهان. پيءُ ۽ چاچي جي مرضيءَ جي اڳيان جهڪڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي...."

"تون بزدل آهين...." ڪنول هن جي بيوسيءَ تي ڪاوڙ ۽ ڏک وچان ڏڪندي چيو هو.

"ها، تون سچ ٿي چئين. آءٌ بزدل آهيان. آءٌ مجان ٿو تہ آءٌ بزدل آهيان." ۽ پوءِ هو ڪنڌ جهڪائي ٽڙندڙ قدمن سان هليو ويو هو.

ڪنول کي هيئنر بہ اهو ساڳيو ڏک ۽ ساڳي ڪاوڙ محسوس ٿي. هن چوڻ چاهيو، 'تون بزدليءَ تي هري ويو آهين. تون ڪڏهن بہ خوش رهي نہ سگهندين.' پر جانيءَ جي اکين ۾ ڏسندي هن کي مٿس رحم اچي ويو. 'ڪن ماڻهن جي نصيب ۾ رڳو ڏک، رڳو ڀوڳڻ ئي هوندو آهي؟ ۽ ڇا اهو ضروري هو تہ جاني منهنجي زندگيءَ ۾ اچي ها، يا آءٌ جانيءَ جي زندگيءَ ۾ اچان ها. اسان جي زندگيءَ ۾ ڇا ڪو نارمل بئلنسڊ ماڻهو نٿي اچي سگهيو ۽ جيڪڏهن اچي ها تہ شايد اسين ايئن نہ هجون ها، جيئن اڄ آهيون. اهي ماڻهوءَ جون ذاتي داخلي حالتون آهن، جيڪي هن کي ٻاهرين زندگيءَ ۾ ٺاهيو يا ڊاهيو ڇڏين....'

"آءٌ تنهنجي گهر اچي سگهان ٿو؟" جانيءَ کي ماٺ نہ وڻي.

"ڇا مون کي رسمي دعوت ڏيڻي پوندي؟"

جاني کلڻ لڳو.

"تون جڏهن بہ چاهين اچي سگهين ٿو."

وري بہ ماٺ ٿي وئي. ٻنهي وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ هوئي ڪونہ.

”هاڻي هلڻ کپي،“ ڪنول پوسٽ محسوس ڪندي چيو.

”پلي،“ جانيءَ ڪار اسٽارٽ ڪئي. ”مون کي گهر جو پتو ٻڌائي ته تو کي ڊراپ ڪندو وڃان.“

ڪنول هن کي ائڊريس ٻڌائي ۽ سوچيو: ’ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي. اسان گڏ رهڻ، گڏ جيئڻ چاهيو هو- پر هاڻي اسان کي اها به خبر ڪانهي ته اسين رهون ڪٿي ٿا ۽ جيئون ڪيئن ٿا؟

ڪار جڏهن ڪنول جي گهر جي اڳيان اچي بيٺي ته هن جانيءَ کي اندر هلڻ جي آڇ ڪئي.

”نه، اڄ نه، آءٌ تو وٽ سڀاڻي ايندس شام جو.“

۽ هن هٿ لوڏي ڪنول کان موڪلايو.

صبح جو ننڊ مان جاڳندي ئي ڪنول جي ذهن ۾ شام جو انتظار شروع ٿي ويو. يونيورسٽي ۾ ڪلاس وٺندي، اسٽاف روم ۾ ويهي ساٿين سان ڳالهائيندي هن تي شام جو انتظار ڇانيل رهيو. هن کي پنهنجي ان بيچينيءَ ۽ انتظار واري ڪيفيت کان بچان اچڻ لڳي. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ آئي. پر پوءِ به هوءَ ان ڪيفيت کان جند ڇڏائي نه سگهي. هن کي خيال آيو: اڪيلين اداس شامن جو انت ته ٿيڻو ناهي، ان هڪڙي شام جو جاني آيو ته ڇا ٿي پيو. وري به ته اهي ئي شامون هونديون ۽ اڪيلائي هوندي.

شام جو جانيءَ اچڻ سان هن کان پڇيو،”تون هيئن اڪيلي ڪيئن ٿي رهي سگهين! تو کي مونجهه نٿي ٿئي؟“

”نه ته، آءٌ اڪيلي ڪٿي آهيان، يونيورسٽي مان موٽي اچي سمهي پوندي آهيان. رات جو ٽي وي ڏسندي آهيان يا ڪتاب پڙهندي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن شام جو ڪا دوست اچي ويندي آهي. ۽ گهر ۾ مائي ته آهي ئي آهي، مسئلو آهي وقت گذارڻ جو، سو گذريو وڃي.“

”ها، مسئلو آهي وقت گذارڻ جو، جيڪو ائين نٿو

گذري جيئن اسين چاهيون ٿا. پر خير، اسان جي نہ چاهيندي ۽ اسان جي مرضيءَ جي خلاف بہ گذريو وڃي،“ جانيءَ ڪمري ۾ چؤطرف نهاريندي چيو. ”پر اڪيلائي ۾ جيئڻ وحشت آهي سا نيٺ ماڻهوءَ کي ٿڪايو ڇڏي. سچ ٻڌائي، تون پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن آهين؟“

ڪنول ٺهڪ ڏنو. جانيءَ کي لڳو تہ هن سندس سوال کي ٺهڪ ۾ اڏائي ڇڏيو هو.

”ماڻهن کي منهنجو هيئن رهڻ عجيب لڳندو آهي. هن معاشري ۾ ڪا بہ عورت پنهنجي رد خود رهي تہ ماڻهن جي چوپچو جو موضوع بڻجي ويندي آهي. پر مون کي پرواهہ ڪانهي. آءٌ پنهنجي مرضيءَ موجب رهڻ ٿي چاهيان. ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي مرضيءَ موجب جي رهيو آهي تہ هن کي مطمئن هجڻ کپي. آءٌ مطمئن نظر نٿي اچان ڇا؟“

جاني چپ چاپ هن کي تڪي رهيو هو.

”مون کي ائين ڇو ڏسي رهيو آهين؟“ ڪنول مرڪندي چيو. جانيءَ کو بہ جواب نہ ڏنو، رڳو ڏسندو رهيو.

”پليز، مون کي ائين نہ ڏس.“ جانيءَ جون نظرون ڪنول جي من ۾ ولوڙ پيدا ڪرڻ لڳيون. هن اکيون هيٺ ڪري جانيءَ جي نظرن کان پاڻ کي ڇڏائڻ چاهيو.

جاني پنهنجي جاءِ تان اٿي ڪنول جي پاسي ۾ اچي وينو. سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺندي هن چيو،”ڪنول، اسين ٻئي خوش ڪونہ آهيون ۽ ٻئي اها ڳالهہ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.“

ڪنول پنهنجو ڪنڌ جانيءَ جي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيو. ’وقت بيهي رهي جيڪر...اسين ٻئي پٿر بڻجي وڃون. ڪيڏو سڪون ۽ آرام آهي جانيءَ جي ڪلهي جي سهاري ۾. سهاري کان سواءِ زندگي گذارڻ ڪيڏي مشڪل

آهي، پر هي سهارو عارضي آهي. اج آهي، هن گهڙيءَ آهي. سياٽي نہ هوندو....

”ڪنو،“ جانيءَ سرباٽ ڪيو.

”جاني.....“

جانيءَ ڪنول جو منهن پنهنجن هٿن ۾ جهلي هن جي اکين ۾ نهاريو.

”تون مون ڪي ائين چو ڏسندو آهين؟“ ڪنول جا چپ ڦڙڪڻ لڳا هئا. جانيءَ هن جي ڦڙڪندڙ چپن ۾ پنهنجا چپ پچائي ڇڏيا. ڪنول ڪي لڳو تہ سندس ذهن نستو ٿيندو پئي ويو. جسم ۾ ڪا لهر اٿڻ لڳي هئي ۽ سندس ساهہ چڪجندو چپن ۾ اچي ڦاٿو هو.

ڪنول اسٽاف روم ۾ اڪيلي ويٺي هئي. ٻيا سڀ ٻاهر ڪاريڊور ۾ اس تي ويٺا هئا. ڪلهہ شام واري بوريت اجا هن تي ڇانيل هئي، جاني ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ آيو هو ۽ اچڻ شرط چيو هئائين، ”ضروري ڪم سان آيو هوس، وري اج ئي ڳوٺ واپس وڃڻو آهي. سوچيم تہ گهڙي ڪن لاءِ تو ڪي ڏسندو وڃان.“

”ان گهڙي ڪن جي لاءِ اچڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟“

”ائين تو ڪي ڏسڻ لاءِ. گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا،“ جاني مرڪيو. ڪنول ڪي چڙ اچي وئي. هن جانيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ چپ ۾ زور سان چڪ پائي منهن ڦيري ڇڏيو.

”هڪڙو تہ تو ڪي ڪاوڙ اچي گهٽي ٿي ۽ جڏهن اچي ٿي تہ ان ڪي دٻائي ٿي ڇڏين. وڙهندي ڪر، گاريون ڏيندي ڪر، پنهنجن ڏکن ننهن سان منهنجي منهن ۾ رانبوٽا هڻندي ڪر، پر پنهنجي چپ ڪي ائين بيدرديءَ سان چڪ پائي ڇني رتو رت نہ ڪندي ڪر.“

”نيڪ آهي. منهنجي مرضي. آءٌ پنهنجي ڪاوڙ پاڻ تي لاهڻ ٿي چاهيان، چپ منهنجو آهي. مڙئي خير آهي،“ ڪنول ڪاوڙ کي روڪي ڊيرج سان وراڻيو.

”چپ ته تنهنجو آهي، پر تڪليف مون کي ٿي ٿئي.“

ڪنول ڏٺو ته جانيءَ جي اکين ۾ شرارت هئي.

”چو؟ تو کي تڪليف چو ٿيڻ کپي؟“

”چنل چپ کي چمڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي؟“

جانيءَ ٺهڪ ڏنو. هوءَ مرڪي به نه سگهي. پر نه، سندس ڏند ظاهر ٿيا هئا، جيئن جاني ائين نه سمجهي ته هن سندس مذاق کي enjoy نه ڪيو آهي. پوءِ هو جلدي هليو ويو.

سڀ ڪجهه نئين سر شروع ٿي ويو هو. جاني هاڻي مهيني ۾ هڪ به پيرا هن وٽ ايندو هو. ڪنول سوچيو ته اهو سڀ شروع چو ٿيو. ۽ ان جي پڇاڙي ڪٿي ٿيندي.... ’اسين اڄ به اتي بيٺا آهيون جتان اسين جدا ٿيا هئاسين. اسان کي گهٽو ڪجهه بدلجي وڃڻ کپندو هو، هن وقت اسان کي اهو نه هجڻ کپي جيڪي اسين به سال اڳ هئاسين. هونءَ گهٽو ڪجهه بدلجي ويو آهي. حالتون.....وقت.....پوءِ به اسين هڪ ٻئي لاءِ اهي ساڳيا آهيون. ساڳيءَ طرح سوچيون ٿا، اها ڪهڙي سزا آهي؟ اها پيڙا جيڪا به سال اڳ اسان جي زندگيءَ ۾ گهڙي آئي هئي سا هميشه رهندي؟ اهو ڇا آهي؟ ڇا هي؟ ’هن چاهيو ته رڙيون ڪري.’اها سراسر جذباتيت آهي، پاڳلپڻو آهي.‘ تڏهن هن چرين وانگر ٽهڪ ڏيڻ چاهيا. پر ڪو گوڙهو هو جيڪو ڳلي ۾ اچي اٽڪيو هو. ڪيس پاڻ کان شديد نفرت جو احساس ٿيو.

”ڪنول،“ ڪنهن اندر اچي ڪيس سڏ ڪيو.

ڪنول پاڻ کي عام رواجي حالت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. سلميٰ ڪيس حيرت مان ڏسي رهي هئي.

”ڇا ڳالهه آهي؟ طبيعت ٺيڪ نه اٿئي ڇا؟“

”ائين ئي ويني ويني ساھ منجهڻ لڳو ھو.“
”اھو تہ خطرناڪ آھي. ڊاڪٽر کي ڏيکار. ان سان هارٽ اٽيڪ بہ ٿي سگهي ٿو.“
”ها، اڄ شام جو ڊاڪٽر وٽ ويندس،“ ڪنول ڳالھ ختم ڪرڻ چاهي.
”هڪڙي ڳالھ پڇانءِ،“سلميٰ ھن جي ويجهو ويھي پنھنجائپ وچان چيو.
”ڪھڙي ڳالھ آھي؟“
”ادو جاني هاڻي تو وٽ باقاعدي ايندو آھي؟“
”چئبو تہ چڱي پبلسٽي ٿي وئي آھي،“ڪنول مرڪڻ لڳي.
”ماڻھن جي تہ تو کي خبر آھي ۽ سي بہ ھتي جا! هميشه ان تاڙ ۾ ھوندا آھن تہ ڪين ڪنھن جي ڪا ڳالھ ھٿ اچي.“
”مون کي خبر آھي تہ ماڻھو منھنجي باري ۾ ڇا چوندا آھن. ھنن جي نظرن ۾ آءٌ بدنام آھيان. ڇاٽان ٿي. پر اهي ڳالھيون تہ ويچارن لاءِ وڏي وندر آھن. نہ تہ ھن سڄ ۾ ٻيو رکيو ڇا آھي؟“
”پر ڪنول، آخر اھو چڪر ڇا آھي؟“
”ڪھڙو چڪر؟“
”اهو ئي، جانيءَ جو تو وٽ اچڻ. ھڪ دوست جي حيثيت سان منھنجي تو کي صلاح آھي تہ اوھان شادي ڪري ڇڏيو. اجائي بدنامي مان ڪھڙو فائدو؟ آءٌ تہ ڪنھن ڪان تنھنجي گلا ٻڌندي آھيان تہ ان سان وڙهي پوندي آھيان.“
”تون آخر ڪيترو وڙھندينءَ منھنجي پاران،“ ڪنول کلڻ لڳي. ”ماڻھن کي چوڻ ڏي.“
”ھاڻ تو کي ڪير سمجھائي. چڱو اُٿ تہ ٻاهر اس ۾ ھلي ويھون. ڪمرو تہ ڏس ڪيترو سرد آھي،“ سلميٰ ھن کي وٺي ٻاهر آئي.

سيارو پرپور انداز ۾ اچي چڪو هو. تيز سرد هوائون گهلڻ لڳيون هيون. آسمان تي جهڙ هو ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل بوندون ٽي وسيون. سيءُ تيهائين وڌي ويو هو. ٻاهر تيز سرد هوا جسم ۾ نوڪن وانگر چڀڻ ٿي لڳي ۽ اندر ڪمري ۾ هيٽر جي گرميءَ جي گهٽ ۽ ٻوسٽ هئي. ڪنول سخت ڊپريسڊ هئي. هن کي ڪا ڳالهه نٿي سجهي ته ان ڊپريشن مان جند ڪيئن ڇڏائي. نه ڪتابن رسالن ۾ مزو هو ۽ نه ٽي وي تي چڱو پروگرام هو. در جو ڪڙو کڙڪيو ته هوءَ ڇرڪي وئي. هينئر رات جو انين لڳي ڪير آيو هوندو؟

مائي وجي در کوليو ۽ تکڙا تکڙا قدم هن جي ڪمري ڏانهن آيا.

”جاني!“ هوءَ اٿي ٻيهي رهي ۽ سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي. ”آءٌ سخت ڊپريشن فيل ڪري رهي هيس. اهو ته سوچي به نٿي سگهيس ته هيئن اوچتو اچي ويندين....“

”اڄا به ڊپريشن آهي؟“ جانيءَ مرڪندي پڇيو.

”نڪو! هينئر ته ڊپريشن جو نالو به ڪونهي،“ ڪنول ٽهڪ ڏنو. ”ٻاهر ته ڏاڍو سيءُ آهي. اوهه.... تنهنجا هٿ ته ڪيترا ٿڌا آهن، جهڙا برف!“ ڪنول جانيءَ جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ ورتا. سيءُ سبب جانيءَ جا چپ نيرا ٿي پيا هئا ۽ نڪ برف وانگر ٿڌو هو. ڪنول هن کي ڇڪي هيٽر جي ويجهو ڪيو ۽ پنهنجو منهن هن جي چپن ۽ نڪ تي مهٽڻ لڳي.

” ههڙي سيءَ ۾ نڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

”بس، اوچتو خيال آيو ۽ هليو آيس. هينئر سڌو ڳوٺان پيو اچان.“

”Poor Soul“ ڪنول پنهنجا چپ هن جي چپن تي ڦيرائيندي چيو،”آءٌ تنهنجي لاءِ گرم گرم ڪافي ٺاهي ٿي اچان.“

”ڪافي تنهنجن چپن کان وڌيڪ گرم نه هوندي. ويهه.

هڪ ضروري ڳالهه چوڻي آهي.“
ڪنول هن جي سنجيدگيءَ ڪي حيرت مان ڏٺو ۽ ويهي رهي.
”آءٌ تو سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان،“ جاني ٽڪڙو ٽڪڙو ٿي ويو. ڪنول ڪي هو سخت بيوقوف لڳو.
”ان ڳالهه چوڻ جي لاءِ تون ههڙي سيءَ ۾ ڳوٺان آيو آهين،“ هوءَ ٽهڪ لڳي.
”پليز، ڪنول! آءٌ سيريس آهيان....“
”پر آءٌ نٿي چاهيان،“ ڪنول ٽهڪ روڪي سنجيدگيءَ سان چيو.
”ڇو؟“ جاني کي جڻ ان جواب جي اميد نه هئي.
”بس. آءٌ نٿي چاهيان، منهنجي مرضي،“ هن منهن ڦٽائي چيو.
”ڪنو، ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اسان جو هيئن ملڻ مناسب ڪونهي. ماڻهو ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن.“
”ماڻهو......ماڻهو..“ هن بيزاريءَ مان چيو. ”ماڻهن جو ڪم آهي ڳالهيون ڪرڻ. تون جيڪڏهن ماڻهن کان ڊڄي مون سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو ته مون کي نفرت آهي ان کان.“
”منهنجو اهو مطلب ڪونه هو،“ جاني پريشان ٿي پيو. ”ڪنو، تو کي خبر آهي ته آءٌ پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڪيترو دکي آهيان. هڪ ڏيڻ آهي جنهن ۾ وجان ٿو ڦاسندو. رڳو تون ئي مون کي بچائي سگهين ٿي. مون کي تنهنجي پيار جي پناه کپي. پر هيءَ صورتحال ڪيستائين رهندي؟ تنهنجي لاءِ به اهو بهتر ناهي. اسان جي معاشري ۾ اهو باعزت طريقو ڪونهي، ڇو ته اسان وٽ اهڙين عورتن کي سريت ڪوٺيو ويندو آهي. تون منهنجي Keep ناهين ۽ آءٌ تنهنجي لاءِ ڪا به اهڙي ڳالهه سهي نٿو سگهان.“
”نيڪ آهي. Keep ٿي رهڻ آءٌ به نٿي چاهيان. پر ان

سان گڏ اهو به نٿي چاهيان ته مون کي تنهنجي ٻي زال جو نالو ڏنو وڃي، جيڪا عام ٻوليءَ ۾ پهاج هوندي آهي. جيڪڏهن ماڻهن جي ڳالهه ٿو ڪرين ته هو اهو به چوندا ته مون تو سان شادي ان ڪري ڪئي آهي جو تو وٽ پئسو آهي، زمينون آهن، ڪار ۽ بنگلو آهي. نه آءٌ ٻين جي نظر ۾ پنهنجو اهو ڪردار ڪڏهن به پسند نه ڪنديس."

"هونءَ ته تون چوندي آهين، ته تو کي ماڻهن جي پرواهه ڪانهي، پوءِ ان ڳالهه ۾ پرواهه ڇو ٿي ڪرين؟"

"مون ڪڏهن به پرواهه نه ڪئي آهي. جيڪڏهن پرواه ڪريان ها ته هيئن اڪيلي نه رهان ها ۽ تو سان نه ملان ها. پر آءٌ اهو برداشت نٿي ڪري سگهان ته مون کي لالچي سڏيو وڃي ۽ ائين چيو وڃي ته مون تو کي دولت جي ڪري ڦاسايو آهي. تنهنجي زال ۽ تنهنجا مائٽ به ته ائين سمجهندا."

"اوهه ڪنو..." جانيءَ پيشانيءَ کي مهٽڻ لڳو.

"جاني، تون منهنجي پوزيشن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. آءٌ پاڻ کي ذهني طور ڪيرائي نٿي سگهان..." ڪنول هن جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهندي چيو.

جاني ڪجهه دير تائين ماٺ ڪري ويٺو رهيو. پوءِ چيائين، " نه ڪنو، مون کي هيءَ صورتحال نٿي وڻي. تون وري به سوچ. آءٌ سڀاڻي هن وقت تو وٽ ايندس." هو اٿي بيٺو ۽ وڃڻ لڳو. ڪنول هن کي روڪڻ چاهيو، پر روڪي پاڻ کي ورتائين ڪجهه چوڻ کان. هوءَ چپ چاپ ٻاهرين دروازي تائين گڏي آئي. جاني دروازو کولي پوئتي مڙيو ۽ ڪنول کي ڏسندو رهيو. ڪنول چاهيو ته هوءَ کيس چئي: 'تو کي خبر آهي ته آءٌ تو کي ڇو چوندي آهيان ته تون مون کي ائين نه ڏسندو ڪر؟ مون کي لڳندو آهي ڄڻ تون مون کي آخري ڀيرو ڏسي رهيو آهين....' ۽ تيستائين جاني در ٻيڪڙي وڃي

چڪو هو.

شام ڪان وٺي اينگهيل وقت اينگهجي اينگهجي گذري ويو. رات رڙهندي وڏيڪ سرد ٿيندي وئي. ڏهه ٿي ويا. ڊپريشن جي هڪ وڏي لهر اٿي ۽ ڪنول جي وجود مٿان وري وئي. هن کي مٿي ۾ سخت سور محسوس ٿيو. هوءَ اٿي ويهي رهي ۽ پوءِ ڪمري ۾ هلڻ لڳي. اوچتو هن کي خيال آيو ته جاني نه ايندو. هاڻي ڪڏهن به نه ايندو. ڪنول ڏڪي وئي. هن کي پنهنجي ان خيال تي اعتبار نه آيو. هن اها ڳالهه مڃڻ نٿي چاهي. تڏهن هن جي من ۾ زوردار خواهش اڀري سگريٽن پيئڻ جي ۽ پنهنجي اندر جي وڏي اڪنٽ خلا کي دونهن سان ڀري ڇڏڻ جي. هن الماڙي کولي. جانيءَ جي سگريٽن جا چار پنج پئڪيٽ رکيا هئا. ڪنول هڪ پئڪيٽ ۽ ماچيس کڻي اچي ڪرسيءَ تي ويٺي- هن پئڪيٽ کولي سگريٽ ڪڍيو ۽ سندس هانءُ ڀرجي آيو. چپ کي زور سان چڪ پائي پاڻ کي روئڻ کان روڪيائين. هڪڙو لڙڪ هن جي من جيان ٽٽندو هٿ تي اچي ڪريو. ڪنول هٿ مٿي کڻي زبان سان ان لڙڪ کي اگهي ڇڏيو. ( ذائقو ڪسارو لوڻيانو سندس زندگيءَ جيان!) هن سگريٽ دکائي هڪ ڊگهو ڪش هنيو. دونهون سندس ڦڦڙن ۾ ڀرجي ويو ۽ هوءَ ڪنگهڻ لڳي. ٻه سال اڳ جڏهن جانيءَ شادي ڪئي هئي، ڪنول ڀهريون ڀيرو سگريٽ پيتو هو. تڏهن به کيس ڪنگهه ٿي هئي. ڪيڏي ڊگهي عرصي کان پوءِ هن کي وري سگريٽن پيئڻ تي دل ٿي هئي. ڪنول کي خيال آيو ته هوءَ تڪڙا تڪڙا ڪش ڀري رهي هئي ۽ سندس هٿ ڏڪي رهيو هو. پن سب ڇٽي ويا هئا ۽ هن پنهنجي اڱڻ ۾ سڪل پنن جي ڪڙ ڪڙ جو آواز چٽو پئي ٻڌو. سياري جي هوا ڪمري جي ڪليل دروازي مان اندر گهڙي پئي آئي. ڪنول اٿي دروازو بند ڪرڻ چاهيو، پر هن سوچيو

جيڪڏهن جانيءَ ٻاهرئين در جو ڪڙو ڪڙڪايو ته! ٻڌي ڪيئن سگهبو؟ مائي ته سمهي پئي هوندي. ڪنول در کي بند ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. هن پاڻ کي لوئي سان چڱي طرح ويڙهيو. سگريٽ پورو ٿيڻ تي هو. ڪنول ان سگريٽ مان نئون سگريٽ دکايو ۽ ٽوٽو ايش ٽري ۾ مروڙي ڇڏيو.

'اڪيلائيءَ ۾ ايتري هيبت ڇو آهي؟ آءٌ هميشه ميڙ ڪان پري ڀڄندڙ آهيان. اڪيلائي چاهيندي به ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته اڪيلائي راڪاس وانگر مون کي ڳڙڪائيندي پئي وڃي. نه نه، آءٌ سادو سنياسڻ ڪانه آهيان جو اڪيلي رهان. پر جيڪڏهن آءٌ گوتم ٻڌ جي دور ۾ هجان ها ته شايد ڀڪشو بڻجي وڃڻ پسند ڪريان ها. ماڻهو وڏا ذليل آهن. دنيا وڏي ذليل آهي ۽ آءٌ وڏي ذليل آهيان جو ذليل دنيا ۾ جيئان پئي. هو اڄا آيو ڇو ڪونهي؟ ڪيس اچڻ کپندو هو. گهٽ ۾ گهٽ اڄ.... اڄ ته ضرور اچي. جيڪڏهن اڄ آيو ته آءٌ هن جي ڳالهه مڃي وينديس. هڪدم هائوڪار ڪنديس. مون پاڻ کي هميشه ايڪيري تي وينل محسوس ڪيو آهي. تڏهن مون کي لڳو آهي ته آءٌ اجهو ڪريس، اکٽ کاهيءَ ۾. هوا ته گهٽو ئي زور لاتو آهي پر پير بي نڪا آهن. جسيائي بينا آهن.' ڪنول کي ڪل اچي وئي. سگريٽ جو دونهن ڪابي اک ۾ گهڙي آيو ۽ اک ۾ باه پرجي وئي. ٻنهي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

'اڪيلائي ڪيڏي موتمار آهي.... ڪيڏي هيبتناڪ آهي.... ڪيڏي گهٽيندڙ آهي.... ۽ جاني ڪيڏو ذليل آهي. منهنجي اڪيلائيءَ... هيڏي ساري رڻ جيڏي اڪيلائي جو احساس ئي ڪونهيس. پر اڄا آيو ڇو ڪونهي. اڄ ته اچي. اڄ ته ڪيئن به ڪري اچڻ کپيس. جاني.... جاني.... جـ آ ني..... جـ آ آ آ ن...' اتر جي تيز سرد هوا ٻاهر اڱڻ ۾ سوسٽ ڪري رهي هئي. هن جا واڪا سيءَ ۾ ڄمي برف بڻجي ويا.

ڪنول جون آڱريون سڙڻ لڳيون. هن ٺوٺو ايش ٽري ۾ ڦٽو ڪيو. ايش ٽري سگريٽن سان پرجي چڪو هو ۽ هيٺ فرش تي به سگريٽ پڪڙيا پيا هئا. هن نئون سگريٽ دکايو. اوچتو هن کي محسوس ٿيو ته ٻاهرين در جو ڪڙو ڪڙڪي رهيو هو. هوءَ پيرين اگھاڙي ڊوڙندي ٻاهر وئي ۽ بنا پڇڻ جي در ڪوليائين. ٻاهر ڪو به نه هو. هڪ ڪار زوڪاٽ ڪندي روڊ تان لنگھي وئي. سخت سيءُ هو. ڪنول در بند ڪري واپس موٽي ڪمري ۾ ڪرسيءَ تي اچي ويٺي ۽ سگريٽ تڪڙو تڪڙو پيئڻ لڳي. هن کي هڪ خيال آيو ۽ هوءَ سگريٽن جو پئڪيٽ ۽ ماچيس کڻي ٻاهر اڱڻ ۾ اچي بيٺي.

'سڄي رات هتي بيهي جانيءَ جو انتظار ڪنديس. چاهي چا به ٿي پئي. ٻلي سيءَ ۾ ڄمي برف بنجي وڃان. ڪمري ۾ ويهي انتظار ڪرڻ هاڻي منهنجي سهپ کان ٻاهر آهي. هر گھڙيءَ ائين ٿو لڳي، ڄڻ جاني ٻاهر سيءَ ۾ در تي بيٺو آهي. ٿي سگھي ٿو هو هينئر سيءَ ۾ ٻاهر نڪتو هجي. مون کي خبر نه هئي ته پيار ۾ ايڏي پيڙا به آهي. ايڏو عذاب! اهو ڪهڙو چريو آرٽسٽ هو، جنهن پنهنجي محبوبا جي پيءُ کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هن کي سندس ڌيءَ سان ڪيترو پيار آهي؛ ٻرندڙ ميڻ بتيءَ تي پنهنجو هٿ جهلي ساڙيو هو. آخر ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟ ڇا هي پيار ۾؟ اها ڪهڙي چريائپ آهي.... ڇا جاني به اهو سڀ محسوس ڪندو هوندو، جيڪي آءٌ محسوس ڪريان ٿي؟ ٿي سگھي ٿو هو هاڻ نه اچي. منهنجي آخري جواب ٻڌڻ لاءِ ئي ته در وٽ بيهي رهيو هو. هو هاڻي نه ايندو. اهو ٺيڪ ئي هو. اسين جڏهن ٻيهر مليا هئاسين تڏهن مون کي محسوس ٿيو هو ته اسين وري به ٻيهر جدا ٿيڻ لاءِ مليا آهيون. نيڪ آهي. آءٌ به ڀاڻ کي ڪيرائي نٿي سگھان. مون جانيءَ لاءِ اهو ڪڏهن به نه سوچيو آهي ته آءٌ هن کي ٻڌي ڀاڻ وٽ ويهاري

چڙيان. مون هن کي ڪڏهن مجبور نہ ڪيو آهي تہ هو پنهنجي زال ۽ ٻار ڇڏي رڳو مون وٽ رهيو پيو هجي. جيڪڏهن هو اڳي وانگر وري بہ هليو وڃي تہ ڇا آءٌ هن کي روڪي سگهان ٿي! روڪي تہ آءٌ هن کي اڳي بہ نہ سگهي هيس. تڏهن هو ڪيئن بزدلي ڏيکاري هليو ويو هو.' ڪنول جي من ۾ اُبڙڪو آيو. هڪ سڪل پن اڏامندو سندس منهن تي اچي لڳو ۽ ڪڙ ڪڙ ڪندو هيٺ ڪري پيو. ڪنول کي پنهنجا پير ساڻا ساڻا ۽ مئل محسوس ٿيا.

سگريٽ ختم ٿي چڪو هو. هن ٽوٽو اڇلائي نئين سگريٽ ڪڍڻ لاءِ پئڪيٽ کوليو. باقي بہ سگريٽ وڃي بچيا هئا. هن ٻئي سگريٽ ڪڍي انهن کي ساڻين ڄمي ويل آڱرين ۾ مروڙي هيٺ اڇلائي ڇڏيو. پوءِ سن ٿي ويل پيرن کي گهليندي اندر ڪمري ۾ آئي ۽ بتي وسائي پلنگ تي ليٽي پئي.

# گلي ۾ قاتل سڏڪو

هوءَ مشين کي تيز تيز هلائڻ لڳي، جيئن سندس سوچ پنتي رهجي وڃي. اوچتو احساس ٿيو هن کي تہ بابين جو ڌاڳو ختم ٿي ويو هو ۽ هوءَ پوءِ بہ مشين هلائيندي پئي رهي هئي. هن مشين بند ڪري ڇڏي. مشين جي گوڙ ختم ٿيڻ سان هڪدم خاموشي ڇانئجي ويئي. هن پٽ تي لڳل اليڪٽرڪ گھڙيال ڏي ڏٺو. ٻئي ڪانٽا ٻارنهن کي ويجھو وڃي پهتا هئا. هن کي رات جي اڪيلائيءَ جو شدت سان احساس ٿيو. جيڪڏهن ڪو چور گھر ۾ گھڙي اچي تہ هوءَ اڪيلي ڇا ڪندي!

هن سوچيو، ڊڄڻي تہ آءٌ ننڍي هوندي کان آهيان. نانيءَ جنن ڀوتن جون ڳالهيون ٻڌائي ٻڌائي اهڙو ڊيڄاري ڇڏيو جو رات جي وقت پنهنجي پاڇي کان ڇرڪندي آهيان. مون اها ڳالهہ آصف کي ٻڌائي بہ هئي. هن کي خبر آهي تہ آءٌ ڪيتري ڪمزور دل آهيان. پر هو ائين ڪري ڇو ٿو؟ هو مون کي ڄاڻي واڻي ٽارچر ڇو پيو ڪري؟ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اهڙي آهي تہ مون کي ٻڌائي ڇو نٿو؟ آءٌ تہ پڇي پڇي بيزار ٿي پيئي آهيان. چئي ٿو تہ ڪا ڳالهہ ناهي، تو کي وهم آهي. ٺيڪ آهي، آءٌ وهمي آهيان. پر هن جو رويو ڪيتري وقت کان بدليل آهي. زوريءَ مس تہ ڳالهائي ٿو، سو بہ جڏهن آءٌ ايترو مٿو هڻندي آهيان. مون کي اکيون ڪونهن جو ڏسان تہ هو ڪيترو بيزار بيزار پيو ٿيندو آهي. پوري ماني بہ تہ ڪونہ ٿو کائي. ٻہ ــ ٽي گراهہ کڻي اٿي کڙو ٿيندو آهي. آءٌ پڇندي آهيان، ”ڇو جان، ڇا ڳالهہ آهي؟ ماني نہ وڻي ڇا؟“ تہ هو بي دليءَ سان چوندو آهي، ”نہ، مون کي بک ڪانهي.“ روز بک ڪانهي! ٽيئي ويلا بک ڪانهي! پوءِ هلي ڪيئن ٿو؟ نہ، آءٌ ڇاٽان ٿي تہ هو ڪٿان ٻاهران کائي ٿو اچي. هاڻي تہ رات جو بہ دير سان گھر اچي ٿو.

پلنگ تي منهن ورائي ليٽي ٿو پئي. آءٌ ڪيس ياڪر پائڻ چاهيندي آهيان تہ چڙي منهنجون ٻانهون پٺي پري اڇلائيندو آهي، ڄڻ مون کان ڪراهت ايندي هجيس. جيڪڏهن وس پڄي تہ مون سان گڏ سمهي ئي نہ. پر ڊبل بيڊ جو آهي. پورو مهينو ٿي ويو آهي تہ هن مون کي پيار بہ نہ ڪيو آهي. پيلر وچي ڪڏ ۾ پئي، پر هو ائين ڇو ٿي ويو آهي! ايترو بدلجي ڇو ويو آهي!

ثريا کي ياد آيو تہ بابين جو ڏاڪو ٽٽي پيو هو ۽ هن ڪيتري دير کان سبيو نہ هو. هوءَ نونٽ مشين تي رکي ڪاڏي ترپاءَ تي ٽڪائي وري سوچ ۾ گم ٿي ويئي.

هو مون کي ڪيترو چاهيندو هو! شاديءَ واري رات هن مون کي چيو هو، "ثريا! تون شايد اعتبار نہ ڪندينءَ، پر تون منهنجي زندگيءَ ۾ پهرين ۽ آخري عورت آهين. تون يقين ڄاڻ تہ آءٌ تو کي پنهنجي زندگيءَ کان بہ وڌيڪ چاهيندس،" ۽ آءٌ هن کي چنبڙي ويئي هيس. مون هن جيءَ ٻانهن جي پناهہ کي قبول ڪري ورتو هو. پر مون کي خبر ڪانہ هئي تہ اها پناهہ عارضي پناهہ آهي. ڪو وقت ايندو جڏهن آءٌ رات جي اڪيلائين کان ڊڄندي ڏڪندي رهنديس ۽ ڪا بہ پناهہ نہ هوندي منهنجي لاءِ. آصف چئي ٿو تہ آءٌ وهمي آهيان، مون تہ پهرين رات دل جي گهراين سان هن جي ڳالهين تي اعتبار ڪيو هو. مون ٻڌو هو تہ مرد شادي جي رات اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا آهن، پر مون تہ ڄڻ هن تي ايمان آڻي ڇڏيو هو. اڇا سال مس گذريو آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون هوا ٿي ويون. هن کي ڪڏهن ياد ايندو هوندو تہ هن پهرين رات ڇا ڇا چيو هو! هو تہ سڀ وساري چڪو آهي. هاڻي تہ جڏهن گهر مان ٻاهر نڪرندو آهي تہ مون کي بہ وساري ڇڏيندو آهي. پر مون کي لڳندو آهي تہ گهر ۾ بہ ڄڻ هو منهنجي وجود کان بيخبر آهي. آخر هن کي ٿي ڇا ويو آهي؟ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا هو مون

کي ٻڌائڻ نٿو چاهي؟ ڪالهه مون هن کي جڏهن گهڻو چيو تڏهن رڳو ايترو چيائين، ”اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. پر ڪٿي هجي به ته ان سان تنهنجو ڪو واسطو ناهي.“ ٺيڪ آهي. مڃيم، ان ڳالهه جو تعلق ڪٿي مون سان نه به هجي، پر هن جي جيڪا پريشاني آهي تنهن ۾ آءٌ شيئر ڪرڻ چاهيان ٿي. آخر هو اها ڳالهه سمجهي ڇو نٿو؟ ڪيس اها خبر ڪانهي ڇا ته پاڻ منهنجي ڪل ڪائنات آهي- جيڪڏهن پاڻ پريشان آهي ته آءٌ ڪيئن لاتعلق رهي سگهنديس. منهنجا خدا! هو سمجهي ڇو نٿو....

ثريا نرڙ کي زور سان مهٽيو. هن کي مٿي ۾ سخت سور محسوس ٿيو.

هو ايترو پريشان ڇو آهي؟ هن جي پريشانيءَ کيس مون کان ڪٿي الڳ ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ هن جي هوندي به اڪيلي ۽ الڳ آهيان ۽ ڪٽيل ڪٽيل آهيان هن کان. نه، اهو منهنجي سهپ کان مٿي آهي. هن جي اهڙي خالت هجي ۽ مون کي ڪا خبر نه هجي ۽ آءٌ هن جي لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهان! منهنجن هٿن مان، ٻانهن مان، ڇپن مان، جسم مان اها قوت ختم ٿي ويئي آهي جيڪا هن کي سهارو ڏيئي سگهي، هن جو من پرڀائي سگهي. آءٌ ته هن جو پار وانگر خيال رکندي آهيان. هن کي ڏسندي آهيان ته من اندر ڪيتري نه خوشي پرجي ويندي آهي. چاهيندي آهيان ته هن کي ڏسندي رهان. هن کي هلندي، ويهندي، ماني کائيندي ڏسي اندر پيو نرندو آهي. آءٌ هن کي ڪيترو چاهيان ٿي.... ڪيترو چاهيان ٿي.... ان جو هن کي ڪو اندازو به ناهي شايد!

اوچتو در جي گهنٽي وڳي ۽ ثريا ڇرڪي اٿي بيهي رهي. در وٽ وڃي هن پڇيو، ”ڪير آهي؟“

”آءٌ آهيان.... آصف!“ هو ڇڻ ڪاوڙيو بيٺو هو.

ثريا در کوليو ۽ هڪ آس سان هن جي منهن ۾ ڏٺو.

هُو ائين ئي هو، مُنجهيل مُنجهيل پريشان. آصف هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ اندر هليو ويو. ثريا در بند ڪري هن جي پٺيان ويئي، آصف بيڊ روم ۾ وڃي صوفي تي ويهي رهيو.

”جان، تون ڪپڙا بدلائي وٺ، تيسين آءٌ ماني گرم ڪري کڻي ٿي اچان،“ ثريا چيو.

”نہ، تون تڪليف نہ ڪر،“ آصف جو ٻُڏل آواز اڀريو. هن چڻ ڪوشش ڪري اهو جملو چيو هو.

”ڇو؟“ ثريا کي اهو جملو ڏاڍو ڏکيو لڳو. ”تڪليف تہ ڌارين لاءِ ڪبي آهي. تون مون کي ڌاريو....“

”او ثريا، پليز!“ آصف هٿ مٿي کڻي هن کي وڌيڪ چوڻ کان روڪي ورتو.

”تون ماني ڪائي آيو آهين ڪٿان؟“ ثريا پنهنجي ڪاوڙ کي ضبط ڪندي چيو:

”نہ، مون کي بک ڪانهي.“

ثريا هيئنئين چپ ڪري چڪ پاتو. هن کي ڊپ هو تہ ڪٿي هوءَ پنهنجو پاڻ تان ضابطو وڃائي نہ ويهي ۽ جيڪڏهن ڳالهہ شروع ٿي تہ پوءِ الائي ڇاڇا ڳالهائي ويندي.

”تونْ هيڏانهن اچي ويهہ،“ آصف هن کي پاڻ ڏي سڏيو. ”مون کي تو سان ڪجهہ ضروري ڳالهائڻو آهي،“ آصف ديوار ڏانهن ڏسي رهيو هو.

ثريا هن ڏانهن غور سان ڏٺو ۽ پوءِ هيٺ قالين تي رکيل مشين وٽ ويهي رهي. آصف خاموش رهيو. ثريا هن ڏانهن ڏسندي رهي. هو ڪيڏو لهي ويو هو ۽ ڪيترو پريشان پريشان پئي لڳو. ثريا جي دل ۾ هن جي لاءِ اٿاهہ همدرديءَ جي لهر اٿي. هن چاهيو تہ اٿي سندس پاسي ۾ وڃي ويهي ۽ هن جو مٿو پنهنجي هنج ۾ رکي سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي رهي. پر هوءَ اٿي نہ سگهي ۽ هن چيو،”توهين ايترا پريشان ڇو آهيو؟“

ثريا کي خبر هئي تہ سندس ان رٺيل سوال جو رٺيل جواب ئي ملندو: ’نہ، اهڙي کا خاص ڳالهہ ڪانهي.‘ پر آصف خاموش رهيو. هن رڳو ثريا ڏانهن هڪ ڀيرو ڏٺو ۽ پوءِ آڳرين مان نڪاءُ ڪڍڻ لڳو.

ثريا کي خيال آيو تہ هوءَ رڙيون ڪري مٿو ديوار سان ٽڪرائي ۽ چوي: ’مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو تون مون کي ايترو ٽارچر پيو ڪرين!‘

”ثريا!“ آصف آهستي چيو ۽ هڪ ڀيرو هن ڏانهن ڏسي نظرون هٽائي هيٺ ڏسڻ لڳو.

”مون کي خبر آهي تہ مون تو کي ڏاڍو پريشان ڪيو آهي. مون چاهيو ٿي تہ مسئلي جو ڪو حل نڪري اچي، پر مون کي ڪو بہ رستو نظر نٿو اچي. آءٌ بہ پريشان رهان ۽ تو کي بہ پريشان ڪريان، ان کان بهتر آهي تہ ڳالهہ هڪڙي پاسي ٿئي.....“ هو چپ ٿي ويو.

ثريا کي هڪ اڄاتو خوف محسوس ٿيو. هن جي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هانءُ ٻڏڻ لڳو.

”ثريا، پاڻ ٻنهي لاءِ بهتر اهو آهي تہ اسين هڪٻئي کان الڳ ٿي وڃون. جن حالتن ۾ اسين گڏ رهون پيا، تنهن کان نہ رهڻ ئي چڱو آهي. مون کان تو کي سواءِ پريشانين جي ٻيو ڪجهہ نہ ملي سگهي شايد..... مون کي افسوس آهي- پر آءٌ..... آءٌ ڪنهن کي چاهيان ٿو، هن کان سواءِ زندهہ نٿو رهي سگهان، ان حالت ۾....“ هو خاموش ٿي ويو.

رڙ ثريا جي گلي ۾ اچي اٽڪي پئي. هن کي لڳو تہ سندس هٿن پيرن مان ساهہ نڪري ويو هو. پوءِ بہ الائي ڪيئن هوءَ اٿي بيهي رهي.

”تون ماني ڪائي ڪونہ آيو هوندين. آءٌ تنهنجي لاءِ ماني گرم ڪري ڪٺي ٿي اچان،“ هو يڪساهي چئي ويئي ۽ هن کي

پنهنجو پاڻ تي حيرت لڳي.

آصف هن کي هٿ جي اشاري سان روڪيو.

”نه، تون ويهه، مون کي تو سان ڳالهائڻو آهي.“

هوءَ ويٺي رهي. هن جون ٽنگون سڪي ڪاٺ بڻجي ويون هيون.

”بهتر آهي ته اسين فضيلت سان هڪٻئي کان الڳ ٿي وڃون. منهنجو مطلب آهي ته الڳ ٿيڻو ئي آهي ته پوءِ هرو ڀرو جي گهِل مان ڇا حاصل! ڳالهه وڌندي ته ان مان ورندو ڪجهه ڪونه. بهرحال، تو کي جيڪي کپي سو تون کڻي سگهين ٿي. پيو به تولاءِ آءٌ جيتري قدر ڪري سگهيس، سو ضرور ڪندس. ۽ ...“

”تون..... تون.... آءٌ تولاءِ ماني کڻي ٿي اچان....“ ثريا تڪڙ ۾ هن جي ڳالهه ڪاٽي ۽ پوءِ تڪڙي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي. هوءَ رڌڻي ۾ گئس جي چلهي وٽ اچي ويٺي. هن ماچيس کڻي تيلي ٻاري ۽ ٻريل تيلي چلهي جي برنر ويجهو آندي. چلهو ڀڙڪو کائي ٻري پيو. ثريا جي گلي ۾ ڦاتل سڏڪو اوچتو نڪري آيو. هن جو هانءُ ڄڻ ڦسي پيو ۽ پوءِ هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

# آسي

هن جي فضل خان سان ڏاڍي دل هوندي هئي. فضل خان بہ کو هن کي گهڻ ڪونہ پائيندو هو، ان ڪري هو جڏهن باهر ويندو هو تہ هوءَ بي آرام ٿي پوندي هئي. هن کي هڪ اڻ ڄاتو ڊپ ٿيڻ لڳندو هو. هڪ رات فضل خان کي مٿ پيڙ ڪندي هن چئي ڏنو:

”تون ڪيڏانهن باهر ٿو وڃين تہ...“

”تہ!.....خير تہ آهي؟“ فضل خان هن کان پيار مان پڇيو.

”مون کي ڊپ ٿو ٿئي!“ هن هٻڪندي هٻڪندي چيو.

”ڇا جو ڊپ؟...“ فضل بہ گهٻرائجي پيو.

”بس.... تون باهر ويندو آهين تہ مون کي سک ڪونہ ايندو آهي، الائي ڇو....“

”چري! اها بہ ڪا ڳالهہ آهي،“ فضل خان پيار مان هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو. هن پنهنجو مٿو فضل خان جي سيني تي رکي ڇڏيو.

هوءَ غريب مائٽن جي ڌيءُ هئي، پر هئي فضل خان جي ذات جي. هن جا مائٽ فضل خان جا هاري تہ ڪونہ هئا، پر سال بہ سال لاباري ڪرڻ جي لاءِ سندس ڳوٺ ايندا هئا. فضل خان جڏهن آسيءَ کي ڦهريون پيرو سنهري سنگ لٽندي ڏٺو، تڏهن ڇڻ پنهنجي دل لٽائي وينو.

آسيءَ جا مائٽ پاڻ کي وڏن ڀاڳن وارا سمجهڻ لڳا، جڏهن فضل خان هنن کان آسي جو سڱ گهريو، آسي بہ گهڻ

خوش ڪانہ هئي، ۽ فضل خان جي پيار تہ هن جي خوشي کي بيٺو ڪري ڇڏيو. پر ڪڏهن ڪڏهن هوءَ وياڪل بنجي ويندي هئي: هن کي ڪنهن ڪنهن وقت اها ڳڻتي کٽي ويندي هئي تہ ڪٿي فضل خان ٻي شادي تہ نہ ڪندو. سندس پيءُ ٻہ تہ پنج شاديون ڪيون هيون.......

’نہ نہ، وڏيرو مون کي ايترو پيائين ٿو، ائين ڪڏهن نہ ڪندو....‘ هوءَ پاڻ کي ڏڍ ڏيندي هئي.

حاجي فضل خان پنهنجي تر جو هڪ وڏو زميندار هو. پنهنجن سمورن ڀائرن کان وڌيڪ باهمت ۽ هلنديءَ پڄنديءَ وارو هو. سيني ڀائرن مان هو ئي هڪ پڙهيل ڳڙهيل هو. پيءُ جي جيئري هوندي پنهنجي وڏي سوٽ سان گڏجي حج بہ ڪري آيو هو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هن جا ڀائر پاڻ ۾ وڙهي اجايا خرچ ڪري ڪٿي پيا. فضل خان کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي تہ سندس وڏن جي ٻني ڌارين جي قبضي ۾ وڃي، ان ڪري سموري ٻني هن پاڻ خريد ڪئي. وري جڏهن اپرندي پاسي بيراج کليو تہ هن يڪدم اتي بہ زمين خريد ڪئي. انهن جي واري ڦيري بہ ڪيس ئي ڪرڻي پوندي هئي. پر آسيءَ کي اها ڳالهہ ڪانہ ٿي وڻي تہ حاجي اتي هفتن جا هفتا وڃي ويهي رهي. آهستي آهستي هن کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ جڏهن هوءَ نئين پرڻجي آئي هئي تہ حاجيءَ جي هن سان ڪيتري نہ دل هوندي هئي. يڪا ٽي مهينا ڪيڏانهن بہ ٻاهر ڪونہ ويو هو. ان کان پوءِ ويندو تہ هو، پر وري جلدي موٽي ايندو هو. جڏهن پهريون ٻار ڄائو تہ هو ڪيترو نہ خوش ٿيو هو، اهو سڄو ڏينهن گهر مان ٻاهر نہ نڪتو. پهريون ٻار ڄڻو هو، پر وڏيري جي منهن تي سر بہ ڪونہ پيو ۽ جڏهن ٽورن مهينن کان پوءِ اهو ٻار مري ويو، تہ هن روئڻ سان ڪم ڪري ڇڏيا. پر پوءِ

آهستي آهستي هن ۾ ڦيرو ايندو ويو، ظاهر ظهور ته نه، پر آسيءَ کي محسوس ٿيڻ لڳو. ’ٻاهر به ته گهٽا ڏينهن لائيندو آهي، ان جو آخر ڪهڙو ڪارڻ آهي!‘ هوءَ وڏيڪ سوچي ڪانه سگهندي هئي.

هوءَ ويني ويني ڪنهن خيال ۾ ٻڏي ويندي هئي ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها ٽمڻ لڳندا هئا. ڳوڙهن جو ته دريا هو هن جي اکين ۾ جيڪو جهٽ ۾ اٿلي پوندو هو. جڏهن کان هن جو اولاد لاڳيتو ڪونه بچيو، تڏهن کان ڳوڙهن جو درياء هميشه اٿل ۾ رهندو هو. هن کي پڪ ٿي ويئي ته هاڻي هن جو ڪوبه ٻار ڪونه بچندو. هوءَ پاڻ کي ٻي ڀاڳي ڪوني روئڻ لڳندي هئي ۽ حاجي هن کي پرچائيندي، ماٺ ڪرائيندي ٿڪي پوندو هو.

”ايترا لڙڪ ڪٿان آيا، آسي! ايڏو ته نه رو.“

”پنهنجي ڦٽل ڀاڳ تي روئان نه ته ڇا ڪريان؟....“

”ڇري، اجايو روئي پئي پاڻ کي هلاڪ ڪرين! تنهنجو ڀاڳ ڇا ۾ ڦٽل آهي؟“

”ڦٽل ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ خدا جيڪي ڏئي، سو يڪدم ورائي وٺيو وڃي. منهنجي ڀاڳ جهڙو شل خدا ڪنهن جو نه ڪري....“ هوءَ ڳوڙها ڳاڙيندي رهي ۽ پيرن فقيرن کي ستائيندي رهي، پڙ باسيندي رهي. نيٺ هن کي هڪڙو سگهو سيتو پٽ ڄائو. هن خدا کي ڏاڍو ٻاڏايو ته اهو پٽ کيس بخشي ڏي. جڏهن هن جو پٽ ڪجهه وڏو ٿيو، ته وڏي ڌام ڌوم سان پير تي پڙ چاڙهيو ويو. آسي ته خوشيءَ ۾ ڪا نه ٿي ماپي.

هن جي پيار ۾ ٻيو ڪو ڀائيوار ٿئي، اها ڳالهه فضل خان کي ڪجهه ڏکي لڳي. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته هن ڏانهن آسي جو پيار ڪجهه گهٽ ٿي ويو آهي، ڪجهه

ورهائجي ويو آهي. هن کي اهو بہ محسوس ٿيڻ لڳو تہ آسيءَ ۾ اڳوڻي ڪشش ڪانہ رهي آهي ۽ شايد ان ڪري گهر ۾ بہ ڪا ڪشش ڪانہ رهي هئي! هو بيراج واري زمين تي وڌيڪ رهڻ لڳو. اها ڳالهہ آسيءَ اڳي بہ محسوس ڪئي هئي، هاڻي هن کي ان جو شدت سان احساس ٿيو، پر هوءَ ڪجهہ سمجهي ڪانہ سگهي. هن چاهيو تہ حاجيءَ کان پڪ ڪري، پر هن پاڻ ۾ ايڏي سگهہ ڪانہ ٿي ساري. آهستي آهستي هن جي ڪنن تي پڙلاءَ پوڻ لڳا تہ فضل خان ڪنهن سان ڦٿي پيو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو بيراج واري زمين تي گهڻو وقت ٽڪي پئي ٿو. هن جڏهن پهريون ڀيرو اهو ٻڌو، تڏهن هن ائين سمجهيو تہ اهو اجايو هل آهي. وڏيرو مون سان ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندو. جڏهن اها ڳالهہ زور ورتڻ لڳي، تڏهن هن کي بہ ڊپ ٿيڻ لڳو.

"حاجي... مون ٻڌو آهي، تہ...." هن کان صبر نہ ٿي سگهيو ۽ پڇڻ جي لاءِ مجبور ٿي پئي. هوءَ ڏاڍو گهٻرائي رهي هئي. لفظ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ٿي.

"ڇا ٻڌو اٿئي؟" فضل خان عجب مان پڇيو.

" تہ.... تہ ايرندي واري ٻنيءَ تي...."

"ڇا آهي اتي، ٻڌاءِ؟"

"اتي ڪا رن توسان....." هوءَ وڌيڪ چئي ڪا نہ سگهي.

فضل خان سڀ سمجهي ويو.

"توکي مون تي اعتبار آهي يا ماڻهن تي!"

پر آخر ماڻهن جي ڳالهہ سچي نڪتي ۽ هڪ ڀيري فضل خان زمين تي ويو تہ گهڻو وقت رهي پيو. قيامت جا ڏينهن هئا، اهي آسيءَ جي لاءِ.... ڀاڄ جي تصور ئي هن کي ڏڪائي تي چڙهيو.

هڪ ڏينهن فضل خان آيو، پر هو اڪيلو ڪونہ هو، هن جي پنيان اجرڪ ۾ ويڙهيل سيڙهيل هڪ مائي هئي. آسيءَ ڪان چرڪ نڪري ويو، جڻ تہ سندس اڳيان ڪو بم اچي ڦاٽو هو، جنهن هن جي دل کي چيهون چيهون ڪري ڇڏيو. هن جي اکين مان ڳوڙها ائين ڪرڻ لڳا، جيئن وڏ ڦڙو مينهن. اُن رات هوءَ دير تائين منين هٽڻ جي لاءِ سڏ جو انتظار ڪندي رهي ۽ پوءِ ڳوڙهن جو دريا هڪ پيرو وري بہ اٿلي پيو هو.

آمي آسيءَ کان وڏيڪ ڳوري تہ ڪانہ هئي، پر هن جي ڦوهہ جواني ۽ سانوري رنگ اڳيان آسي گهٽ پئي لڳي. هاڻي هن کي پڪ ٿي ويئي تہ خوشيءَ جو وقت ختم ٿي ويو. فضل خان سڀ ڪجهہ پئي ڏنو، پر ان تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. هن جي وڏن بہ تہ ان ڳالهہ تي ڪڏهن ڌيان ڪونہ ڏنو هو.

آسيءَ نماز شروع ڪري ڏني. خدا کي ٻاڏائڻ سان گڏ هوءَ تعويذ ۽ ٽوٽا ڪرائيندي رهي. آهستي آهستي هن جي دل ۾ فضل خان جي لاءِ جيڪو پيار هو اهو گهٽجي، ڪٽجي اولاد جي پيار سان وڃي مليو. هن جو وڏو پٽ اسڪول ۾ پڙهندو هو. ٻئي ٻار کي ڇائي سال ڪن ٿي ويو هو. وڏيري جي نَنڍڙي تي گهٽي دل هوندي هئي. آميءَ جي اچڻ کان پوءِ آسي نَنڍڙي کي وڏيري ڏانهن وڃڻ کان روڪڻ لڳي. آميءَ کي ٻار جي ڏاڍي سڪ هئي، هوءَ آسيءَ جي ٻارن کي پائيندي بہ گهٽو هئي. هڪڙي ڏينهن فضل خان نَنڍڙي کي ڪٽي اچڻ جي لاءِ دائي کي موڪليو. پر آسيءَ دائيءَ کي نٽروپٽرو جواب ڏيئي ڇڏيو.

فضل خان کي باهہ وني ويئي، هو پاڻ اتي آيو. ڪجهہ سوچي آهستي چيائين:

”چو آسي، نَنڍڙو چو ڪين ڏنئہ؟“

”ننڍڙي ۾ اوهان جو ڇا؟ اوهان کي خدا پنهنجو ڏيندو...“ هن جون اکيون پرجي آيون ۽ فضل خان چپ چاپ ٻاهر نڪري ويو.

آميءَ کي پٽ ته ڄائو، پر اهو هن جي لاءِ ڄڻ عزرائيل بنجي آيو. فضل خان ڏاڍو رنو، پر آسيءَ کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ ڪا آفت ٽري ويئي.

فضل خان ۽ آسي وري هڪ ٻئي سان گڏ ائين رهڻ لڳا، ڄڻ ته هميشه کان ائين رهندا آيا هئا. فضل خان چڱي طرح ڄاتو ٿي ته هاڻي آسي سندس منهن تي اصل ڪانه ٿي پئي ۽ هو پاڻ کي ائين تباهه نٿي ڪري سگهيو. هن پاڻ کي جانچيو. هو ته بلڪل جوان هو، جوانن کان به ڪي رتيون ڪثر ۽ ڪيس پاڻ جهڙي جوان عورت جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. آسي ته هينئر ٽن ٻارن جي ماءُ هئي، انهن کان اڳ ۾ ته سندس ڪيترا ٻار مري چڪا هئا. پر آسي ائين بلڪل ڪونه ٿي سوچيو. هن جو پيار اڳوڻي جهڙو ته ڪونه هو، پر ان ۾ هڪ ٻيو رنگ اچي ويو هو. هوءَ چاهيندي هئي ته وڌيرو هن کي گاريون ڏي، ماري، پر هن کي وري ڇڏي نه. هاڻي هوءَ اڳوڻي وانگر توري توري ڳالهه تان رسندي ڪانه هئي، هن کي گارين مان به مزو ايندو هو ۽ خدا جا تورا مڃيندي هئي.

اوچتو ئي اوچتو هڪ ڀيرو وري هن جي اکين جي درياهه ۾ هڪ زوردار ٻوڏ آئي. هوءَ خدا کي ٻاڏائيندي رهي: ”خدا ڪندو ته ڄڻا جو منهن به ڪانه ڏسنديس....“ ۽ جڏهن ڪنوار گهر ۾ داخل ٿي ته هن منهن ڦيري ڇڏيو، هن جي اکين مان الائي ڇو رڳا به ٿي ڳوڙها ڪريا ۽ پوتيءَ ۾ جذب ٿي ويا.

ڄڻا مينهن لڳي پئي هئي، هلي ٿي ته ڏرتي به پئي ڏٻي.

هوءَ سياءَ جي سني هئي، هن کي شايد آسيءَ تي رحم اچڻ لڳو هو، ان ڪري هوءَ آسي سان سني نموني پيش آئي پر آسيءَ کي جنا جي اصل شڪل ٻه ڏني نتي وٺي. جڏهن جنا جي ماءُ – جيڪا ٻت ۾ ڏيءَ کان ٻيٺي هئي ۽ ٻن ٽن وکن تي سهڪڻ لڳندي هئي – پنهنجي ڏيءَ کي گڏجڻ آئي ته هن جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا. هوءَ سهڪندي سهڪندي ڏيءَ کي سمجهائڻ لڳي:

”چري نه ٿي، مڙس ائين ڪونه ٻڌبا آهن. آسي وڏي تيرهن تالي آهي، تون ته هن جي اڳيان ٻار آهين. آسيءَ کان جدا ٿي رهو، وڏيري کي آسيءَ سان گڏجڻ نه ڏي، هن کي اصل وڏيري جي منهن ڏسڻ کان سڪائي ڇڏ. پوڙهي ماڻهوءَ جي دل ريجهڻ ته صفا سولي آهي...“ جنا ڏيڏريءَ وانگر وئي ڦوڪبي، جڏهن ماڻس ڏنو ته هاڻي هوءَ ڦاٽڻ تي اچي پهتي آهي تڏهن ماٺ ڪيائين- ۽ پوءِ جڻ ته ڦيرو ڦري ويو. جنا وڏيري کي قابو ڪري ڇڏيو. ماڻس شڪرانا مڃيا ۽ هوءَ ڏيءَ کي وڌيڪ سمجهائي، سامان جي گاڏي پرائي هلي ويئي.

جنا جي ماءُ الائي ڪهڙو ڪوڪٽ ڪري ويئي. آسيءَ جي لاءِ جڻ پاڻي ٻرڻ لڳو. ڳالهين مان ڳالهوڙا ٿيڻ لڳا، نوبت وڃي گارگند ۽ جهيڙي تي پهتي. ماٺ ڪرڻ ته آسيءَ جي لاءِ ٻه مشڪل هو. فضل خان هميشه جنا جو پاسو وٺي، آسيءَ کي سوين گاريون ڏيئي وڃي نڪرندو هو. هاڻي آسيءَ جو گهر ۾ سريت کان ٻه گهٽ مان هو. هن جو سڄو متو اچو تي ويو، منهن ۾ گهنج پئجي ويا هئس، ڪاڏيءَ ۽ ٻانهن جو ماس لڙڪي پيو هوس. هن کي قيدين وانگر اٺو ۽ لٺو ڏنو ويندو هو. گهر جي گهٽيل هوا ۾ هن کي اهو سڀ وسري ويو هو ته ٻاهر ڇا آهي؟

هڪ ڀيري هوءَ ڏاڍي بيمار ٿي پئي، اصل مرڻ ڪنديءَ

تي اچي پهتي هئي. هن فضل خان ڏانهن ماڻهو موڪليو، پر هن ڳالهه پوري ٻڌي به ڪانه، ڇو ته آسيءَ سان هن جو ڪو به تعلق ڪونه هو. آسيءَ جي دل ۾ هن جي لاءِ آهستي آهستي نفرت اڀرڻ لڳي. فضل خان جي ڪنهن تڪليف بابت ٻڌي هن کي ڳجهي ڳجهي بدران خوشي ٿيندي هئي. هاڻي جڏهن ٻئي هٿ مٿي ڪٽي هن حاجيءَ کي پٽيو ٿي ته سندس دل ۾ ٿر جيترو به کهڪاءُ ڪونه ٿي پيدا ٿيو. وڏيري ته هن جي آندن کي به چني ڇڏيو هو. هن اهو به نٿي سمجهيو ته آسيءَ جو اولاد ڪو سندس پنهنجو اولاد هو، ڇو ته سندس اڳ ڇايا هئا.

جنا فضل خان کي ايترا ته ٻار ڄڻي ڏنا هئا، جو هن کي ٻئي ڪنهن جي يادگيري به ڪانه هئي.

آسيءَ ٻڌو ته وڏيرو تمام گهڻو بيمار ٿي پيو آهي. پر هن ڪو به ڌيان نه ڏنو. ڇو ته هن جو ان ڳالهه سان ڪو واسطو ئي ڪونه هو. وڏيرو بيمار ٿئي ته هن جي لاءِ ڇا، جي ڇڱو ڀلو هجي ته ڇا!......فضل خان جي بيماري ويئي زور وٺندي. اوچتو هن کي سالن جي وسريل آسي ياد اچي ويئي. هن ڪنجهندي چيو:

”آسي ڪميني آهي!..... منهنجي ايڏي بيماريءَ جو ٻڌي مون کي پڇڻ به ڪانه آئي......“

آسيءَ کي سندس پٽن مجبور ڪيو ته هن حال ۾ ابا کي ضرور هلي پڇي، نه ته جڳ ڪلندو. هن قسم کنيو هو ته وري جنا جي تڏي تي پير ڪانه رکندي، پر پٽن جي زور پرڻ تي هوءَ دل تي پٿر رکي جنا جي گهر ۾ گهڙي.

”وڏيرا! ٻڌو آهيم ته مون کي ميارون پيو ڏين؟ مون تي تنهنجون ميارون لڳن به ٿيون!.....“ هن هڄ ڪري چيو.

”نہ نہ... ميارون وري کھڙيون! تون نہ پڇندينءَ تہ نهيو، پڇڻ وارا ٻيا ئي گھڻا آهن. تنهنجي پڇڻ جو هروڀرو لاچار ڪونهي!........“

آسيءَ منهن ڦيري ڇڏيو.... پر هن جي اکين مان لڙڪ ڪونہ ڪريا.... هنن جون اکيون خشڪ ٿي چڪيون هيون.

# چتيءَ جيترو آسمان

اک کلندي ئي نواز واچ ۾ ٽائيم ڏٺو. ڇهه ٿيا هئا. پوءِ وري هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ ننڊ جو گهيرٽ اچي ويس. ڪجهه دير کان پوءِ کيس محسوس ٿيو ته هو جاڳي رهيو هو. هن پوريءَ طرح سجاڳ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ کي ننڊ جي گهيرٽ مان آجو ڪرڻ چاهيو، پر هن ۾ سگهه ڪا نه هئي. اکيون کليون ٿي، وري بند ٿي ٿي ويون. هن پاڻ کي بيحد ٿڪل، بيحد ڪمزور ڀانيو. هو ڪيتري دير تائين اڌ جاڳ اڌ ننڊ جي حالت ۾ رهيو. مسين مسين وڃي ننڊ جي ڪُن مان ابري ٻاهر نڪتو ۽ سنئون ٿي ليٽي پيو. اٿڻ تي پوءِ به من نٿي وريو. نواز مٿي آسمان ڏانهن ڏٺو. چتيءَ وانگر ايتري جاءِ ڪليل هئي، جنهن مان آسمان جو چوڪنڊو ٽڪر نظر آيو پئي. جاين جون ڏگهيون ديوارون هيون ۽ انهن جي وچ ۾ هن جي ڪوهه جهڙي ڪوٺڙي ۽ سوڙهو اڱڻ هو، جنهن ۾ ٻن ڪٽن رکڻ جيتري جاءِ هئي. نواز جي کٽ به اتي پيل هئي، رڌڻو ۽ وهنجڻ جاءِ به اتي هئي. مٿي آسمان ڏانهن نهاريندي نواز جون اکيون ڪيڏي ڪيڏي مهل سامهون واري اوچي ڀت ۾ اٽڪي ٿي پيون. هن اکٽ ٽڪ جي ڏگهي اوٻاسي ڏني ۽ ڪنجهندي پاسو ورايو. کيس اٿڻ جو خيال آيو، پر هو هميشه وانگر نستو هو. سَنڌ سَنڌ ساٽو هو، ڄڻ ڪنهن کيس نپوڙي ڇڏيو هو. هن کي ائين لڳو ۽ هر صبح جو کيس ائين لڳندو هو ته پاڻ سڄي رات نه ستو هو ۽ رات پاسا ورائيندي گذري هئي.

هو زور مس ڪري اٿيو ۽ ڏگهي اوٻاسي ڏئي مرٽينگ

قلمن سان اندر ڪونيءَ ۾ گهڙي ويو. پيتيءَ وانگر بند ڪونيءَ ۾ ساهه گهٽيندڙ اُبس هئي. آرسي ڪٽي منهن ڏٺائين. آرسيءَ ۾ نواز کي پنهنجو پيلو سڪل منهن نظر آيو ۽ هن آرسي رکي ڇڏي. هن سوچيو ته هو اٽڻ سان ڪونيءَ ۾ کهڙي ڪم سان ويو هو. 'رڳو آرسيءَ ۾ پنهنجو ٻوٿ ڏسڻ لاءِ!' هو روز ائين ڪندو هو ۽ پوءِ ڪيس پاڻ تي ڪاوڙ ايندي هئي. هو ٻاهر نڪري آيو. لوٽو ڪٽي ان کي پاڻيءَ سان وچوري کٽ تي رکي، قميص پاتائين. پوءِ تالو ۽ لوٽو ڪٽي ٻاهر آيو. در کي تالو هڻي، چابي کيسي ۾ وجهي، اونداهي بدبودار ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو.

هيٺ ڪليل ميدان هو. اهو پڙ هو جنهن جي وچ تي عَلم کتل هو. پڙ جي ٽنهي طرف جايون هيون ۽ پريان روڊ هو. نواز ڏگهو ساهه ڪٽي ساڻن ڦڦڙن ۾ تازي هوا ڀري. پوءِ هو سڌو پاسي واري بلڊنگ ۾ گهڙي ويو. اندر مينهن جو وٿاڻ هو. اتي بازار جي پيٽ ۾ چڱو ڪير ملندو هو. اندر هڪ تختي تي ڪير جون بالٽيون ڀريون رکيون هيون. وٿاڻ ۾ مال جي بوسن ۽ پيشاب جي ڌُوءَ هئي. ٻچو ڪونه هو. شايد مٽي گهر ۾ ويو هو. وٿاڻ جي مٿان سندن گهر هو.

نواز وٿاڻ مان ٻاهر نڪري ويو ۽ در وٽ ڀت کي ٽيڪ ڏئي بيٺو. پاسي واري گهر جي بالڪنيءَ ۾ شاهه ڪرسيءَ تي ويهي ٻيڙي پئي ڇڪي ۽ رکي رکي کنگهي رهيو هو. بالڪنيءَ جي هيٺان ٻچوءَ جي پٽ صديق ڪانيون پئي چيريون. پٽس ڪير جو ڌنڌو ڪندو هو ۽ صديق ڪانيون چيري وڪڻندو هو. صديق ڪنڌ هيٺ ڪري ڪانيون به چيري رهيو هو ۽ شاهه سان ڳالهيون به ڪري رهيو هو. شاهه جي ٿوري گهٽي زمين هئي، پر ان کان وڌيڪ سندس پيري مريديءَ جو

ڏنڊو هلندو هو. مهيني جا ڪجھ ڏينهن شهر ۾ رهندو هو ۽ ٿورا ڏينهن ڳوٺ ۾. عمر جو اڌڙوٽ هو. رنگ جو ڪارو ۽ شڪل موالين جهڙي هيس. نواز کي هن جي پيلين اکين ۾ اڃيون پڇيون نظر آيون. هن جو من ڪچو ٿيڻ لڳو ۽ منهن ڦيرائي پريان روڊ ڏانهن ڏسڻ لڳو، جنهن تان رڪي رڪي ڪا رڪشا يا ٽانگو لنگهي ٿي ويا. روڊ تي چهل پهل شروع ٿي چڪي هئي. هڪڙي رڪشا اچي بيني ۽ ان مان ڪاري چادريءَ سان هڪ عورت لٿي. هن جون اکيون ظاهر هيون ۽ باقي منهن تي نقاب ورايل هو. اهو انهن جو خاص پردي جو طريقو هو. هوءَ ڍرا ڍرا قدم کڻندي پڙ ۾ آئي ۽ شاهه جي بالڪنيءَ جي هيٺان لنگهي، اونداهي ڏاڪڻ چڙهي وئي.

”رات پالي ڪري پئي اچي ڇا؟“ شاهه کلي چيو ۽ سندس اکين جي پيلاڻ گهاٽي ٿي وئي. صديق، جيڪو ڪهاڙو هٿ ۾ جهلي بيٺو هو تنهن وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ ڪهاڙو زور سان بُنڊَ تي هنيو. شاهه ٻيڙيءَ جو اونهون سوٽو ڀريو ۽ کلندي کلندي کنگهڻ لڳو.

نواز اندر وٿاڻ ۾ گهڙي ويو. ٻچو ٻالٽين جو ڪير ماپي رهيو هو. هن هڪڙو پاءُ ورتو ۽ واپس وريو. شاهه جي بالڪنيءَ جي هيٺان لنگهندي هن جو ڪنڌ هيٺ هو. هن شاهه ۽ صديق ڏانهن نهارڻ نٿي چاهيو. هن سوچيو ته هوءَ ڪهڙي ڪوٺيءَ ۾ گهڙي وئي هوندي- سندس پاسي واري ڪنهن ڪوٺڙيءَ ۾ يا مٿي جيڪي ڪوٺڙيون هيون؟ اونداهن ڏاڪن تي چڙهندي ڪيس خيال آيو ته سندس باري ۾ شاهه ۽ صديق ڇا چوندا هوندا؟ ’ هو مون کي سڃاڻن ٿا يا ٻيو ڪجھ سمجهن ٿا؟ پاڙي ۾ ماڻهن کان الڳ ٿلڳ رهڻ ڪري ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو مون کي سڃاڻندا نه هجن

۽ منهنجي لاءِ خراب سوچيندا هجن. هنن کي اها خبر ڪا نه هوندي ته آءٌ هڪ شريف ماڻهو ۽ سرڪاري آفيس ۾ ڪلارڪ آهيان. هو سمجهندا هوندا ته آءٌ به ڪنهن رات پالي ڪري ايندڙ عورت جي ڪمائي تي گذران ڪندڙ آهيان.‘ ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ آئي. ’ماڻهن کي جيڪي وڻي سو بڪندا رهن. ماڻهن جي چوڻ سان آءٌ تي ڪونه پوندس.‘ در جو تالو ـ ڪوليندي هن کي شاهه جو چيل جملو ياد آيو: ”رات پالي ڪري پئي اچي ڇا؟“

’هون، رات پالي‘، نواز ڪاوڙ مان ڀُڻڪيو ۽ اندر تي در بند ڪيائين. ڪير جو لوٽو تيل جي چلهي وٽ رکي، ان جي مٿان تالهي رکي ڇڏيائين. پوءِ ڪوُنري ۾ پاٽي پيري مٿي ويندڙ ڏاڪڻ جي هيٺان نهيل ڇُر جهڙي ڪاڪوس جو در کولي اندر گهڙي ويو. ڪاڪوس جي تکي ڌپ هن جي ناسن ۾ هلي آئي. هن کي خيال آيو. ’آءٌ هن جاءِ مان شايد مري نڪران ۽ هتي ته منهنجو لاش به جلدي سڙي ڌپ ڪندو. ٻي ڪنهن فضيلت واري جاءِ ملڻ جو ته آسرو ئي ڪونهي. سڄي عمر هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ سڙندي سڙندي گذري ويندي.‘ نواز جڏهن پهريون ڀيرو اها جاءِ ڏٺي هئي تڏهن هن جي دل تي بار ٿي پيو هو. هن کي جاءِ جي، ۽ سا به سستي جاءِ جي سخت ضرورت هئي؛ پر ان جاءِ ۾ رهڻ جي هن کي ڪا به خوشي نه ٿي. ’آءٌ وهمي ڪونه آهيان، پر ان وقت کان منهنجي دل ۾ اهو وهم پيدا ٿي پيو آهي ته هيءَ ڪوٺڙي منهنجي قبر آهي. ان ۾ منهنجو ڏوهه به ڪونهي. اهو رڳو وهم به ته ڪونه هو. جاءِ آهي ئي اهڙي. اڳيان ۽ پاسن کان وڏيون وڏيون آسمان تائين ويندڙ پٽيون ۽ انهن جي وچ ۾ هيءَ کوهه وانگر بند ڪوٺڙي. هيءَ جاءِ انسانن جي رهڻ جي لائق آهي؟ يا ته آءٌ انسان ڪونه آهيان جو اهڙي جاءِ ۾ اچي رهيو آهيان. پر رڳو آءٌ ته ڪونه

آهيان. ٻيا جو هيترا رهن ٿا يا رهن ٿيون! اهڙي اونداهي لڪل جاءِ. انهن جي لاءِ مناسب آهي. اهي سڀ آيون ڪٿان آهن؟ اڳ پوءِ بازار ۾ وڃي رهن ها. اتي بہ گهڻ ٿي وئي هوندي ۽ جاءِ نہ ملندي هوندي. هتي وري انهن جي سلامتي بہ آهي. آسپاس شريف ماڻهن جو پاڙو آهي،‘ نواز کي خيال آيو، تہ هن جاءِ مان جيڪو بہ ايندو ويندو آهي، ان کي ٻيا شڪي ۽ عجيب نظرن سان ڏسندا آهن. ’تي سگهي ٿو اهو منهنجو وهم هجي. پر نہ، آءٌ هتي رهڻ ئي نٿو چاهيان. مون کي هن ڪال ڪوٺڙيءَ کان ئي نفرت آهي.....‘

هو ڇُر مان نڪري ٻاهر آيو. ڪمري مان برش ۽ پيسٽ کڻي آيو ۽ در وٽ ٻاهر ويندڙ نالي جي اڳيان ڏندن کي برش ڪرڻ لڳو. اتان واندو ٿي چانهہ جي ننڍڙي ديڳڙيءَ کي پاڻيءَ سان ڌوئي ڏيڍ ڪوپ پاڻي وجهي، چلهو ٻاري ان تي رکيائين. پاڻ ڪاٺ جي صندليءَ تي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. گهر ۾ رڌڻو ڪونہ هو، ان ڪري هن اڱڻ جي هڪڙي ڪنڊ ۾ رڌڻو ناهيو هو. هو مٿو پٽ تي ٽڪائي سوڙهي اڱڻ جي ڳاڙهين سرن کي ڏسڻ لڳو. اندر ڪوٺيءَ کي سيمنٽ جو پلستر ۽ ان تي پوچي ٿيل هئي؛ پر ٻاهر ديوارون اگهاڙيون هيون. انهن تي نہ پلستر ٿيل هو ۽ نہ پوچي ڏنل هئي. ڳاڙهيون سرون ڏسي هن کي ائين لڳندو هو ڄڻ ڪي خوفناڪ جانور ڳاڙهيون ڳاڙهيون رت سان ڀريل زبانون ڪڍي گهوري رهيا آهن. هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون. ديڳڙيءَ ۾ پاڻيءَ جي ٺهڪڻ جو آواز اچڻ لڳو، تہ هن اکيون کوليون ۽ چانهہ ناهي. هن ديڳڙي لاهي چانهہ مگ ۾ وڌي. راتوڪي ورتل ڊبل روٽي کڻي آيو ۽ مگ ۾ ٻوڙي کائڻ لڳو. پهريون مگ ڊبل روٽي ڇُهي وئي. هن ٻيو مگ ڀري چانهہ پيتي. پوءِ ديڳڙي ۽ مگ کي ڌوئي رکيائين.

هو ڪمري مان شيونگ جو سامان کڻي آيو. پياليءَ ۾ پاڻي

وجهي دريءَ تي آڻي رکيائين. آرسيءَ کي دريءَ جي ڪامن تي اٽڪائي، ڪريم برش تي رکي ڏاڙهيءَ تي هٿڙ لڳو. هن بليڊ ڪڍي سيفٽي ريزر ۾ وجهڻ چاهيو. ’ٽيون ڏينهن مون بليڊ جو کهڙو پاسو ڪم آندو هو؟‘ هن ياد ڪرڻ چاهيو، پر ڪيس ياد نہ آيو. ’الائي کهڙو پاسو هو! مصيبت آهي. مون کان اها ڳالهہ هميشه وسريو وڃي. ڏينهون ڏينهن منهنجو حافظو وڃي ٿو ڪمزور ٿيندو. اجا ٽيون ڏينهن شيو ڪئي اٿم ۽ بليڊ رکڻ وقت بہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هيم. تڏهن بہ ڳالهہ وسري وئي. الائي کهڙي ڏار هئي. پر هن بليڊ سان تہ هي چوٿون شيو آهي. ڦهڙي ٿرڊ ڪلاس بليڊ سان چار شيو هرويرو مهانگا تہ ڪونہ آهن. پهريان بہ شيو هر هڪ ڏار سان سٺا ٿيو وڃن. پر پيهر شيو ڪجهہ ڏکيو لڳي ٿو. مڙئي ڪم ٿيو وڃي. هفتي جي لاءِ هڪڙو بليڊ ڪافي آهي. آءٌ ڪوشش تہ گهڻي ٿو ڪريان، پر پوءِ بہ بچت نٿي ٿئي جو ڳوٺ مناسب پيسا موڪلي سگهان. آءٌ پاڻ تي گهٽ ۾ گهٽ پيسا خرچ ڪندو آهيان. مهينو چڪي تاڻي پورو ٿيندو آهي. ان ڪري تہ آءٌ ماڻهن سان گهٽو اٿڻ ويهڻ کان لهرايان ٿو. منجهند جي ماني گهر ۾ ڪرڻ ڏکي آهي. ماڻهو آفيس مان ٿڪي ٽٽي اچي تہ ماني کائي ڪلاڪ اڌ آرام ڪري. ٽڪ ۽ بک ۾ ماني ڪرڻ ڪٿي تي پڄي. پر پوءِ بہ ڪرڻي پوي ٿي.....‘ هو شيو ٺاهي چڪو هو. هن منهن ڌوتو ۽ ٽوال سان منهن کي اگهيائين. ان وقت اٺ ٿيا هئا. هو تڪڙ تڪڙ ۾ ڪپڙا پائڻ لڳو. آفيس جو ٽائيم ساڍا ست هو، پر هو پوري ٽائيم تي پهچي نہ سگهندو هو. روز ڊڄندو ڊڄندو ويندو هو تہ اڄ دٻ پوندي. دٻ پوندي هئي تہ ٻئي ڏينهن تي ڪجهہ سوير ويندو هو.

هو ڪپڙا پائي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، تہ ڪنهن در تي نڪ

نڪ ڪئي. ڀنگياڻي آئي هوندي! هن سوچيو ۽ در وجي کوليو. ٻاهر ڀنگياڻي بيٺي هئي.

”ٿورو جلدي تہ ايندي ڪر. آءٌ تہ هاڻي ويس پئي،“ هن سوچيو تہ اهي پنج منٽ بہ ويا.

ڀنگياڻي ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ اندر گهڙي آئي. نواز منٽ مان پاڻي ڪڍي دٻي ۾ وجهڻ لڳو. ’هن پوڙهيءَ تہ تنگ ڪيو آهي. آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿيندس تہ مٿان نڪ اچي ڪندي. اجا ڪا جوان جماڻ هجي ها، تہ گهٽ ۾ گهٽ صبح ساڻ ڪا چڱي صورت تہ ڏسجي ها.‘

ڀنگياڻي صفائي ڪري هلي وئي ۽ نواز بہ تالو ڪٽي ٻاهر آيو. در کي تالو هڻندي هن کي خيال آيو، ’ڪجهہ وسري تہ ڪونہ ويو آهي ڪٿڻ! لڳي ٿو تہ ڪا شيءِ وسري وئي آهي. ڏاڍي ويسر ٿي پئي آهي. ڇا ڪريان؟ هڪڙي ڳالهہ آهي تہ ڪا شيءِ وسري ويندي آهي تہ دل ۾ پئي هُرندي آهي. اڄ بہ هُري تہ پئي. ڪهڙي شيءِ وسري وئي آهي؟‘ هن ذهن تي زور ڏنو، پر ڪيس ڪا ڳالهہ ياد نہ آئي. هو پاڻ تي چڙي تڪڙو تڪڙو بدبودار ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو.

(2)

هن سال تہ مارچ مهيني ۾ ئي گرميون شروع ٿي ويون هيون. اُس ۾ گهٽي تپت اچي وئي هئي. ڏينهن گرم ٿي ويا هئا، البت رات جو اجا ٿڌڪار هئي. نواز رات جو تہ ٻاهر هڪڙي کٽ رکڻ جيتري اگڻ ۾ سمهي سگهيو ٿي، جتي ڪيڏي ڪيڏي مهل هوا جو ڪو جهوٽو ڊگهين ڀتين سان ٽڪرائجي هن کي اچي لڳندو

هو، پر اصل مسئلو ڏينهن جو هو. آفيس مان موٽي اچڻ کان پوءِ هو ڪيڏانهن وڃي! پيٽيءَ وانگر بند ڪوٺڙيءَ ۾ هوا جو ڪو گذر ڪونہ هو. وري جاءِ جي مالڪن ڪوٺڙيءَ ۾ پکو بہ ڪونہ لڳرايو هو. پکو خريد ڪري لڳرائڻ، نواز جي پهچ کان پري هو. هن ڪيترا ڀيرا سوچيو هو تہ پيڊسٽل فئن يا گهٽ ۾ گهٽ ٽيبل فئن خريد ڪري. ان مان فائدو اهو هو تہ ڏينهن جو ڪوٺڙيءَ ۾ ۽ رات جو ٻاهر اڱڻ ۾ ڪم اچي سگهيو ٿي. پگهار مان ڇڪي تاڻي پورت ٿي ٿي. هن آفيس مان قرض وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، اهو ڪم بہ اجا نہ ٿي سگهيو هو.

گرمي گهٽي هئي ۽ ان سان گڏ ٻوسٽ بہ هئي. نواز ٻوڙ رڌڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. هن پيالو کنيو ۽ در کي تالو هڻي هيٺ لهي ويو. هن ڀرين ڏوڙنرو ورتو ۽ پوءِ هوٽل تان بہ مانيون ورتيون ۽ واپس موٽي آيو. مرچن جي ٻاھ کان تہ وري بہ ڏوڙنرو پيٽ کي ٺٺو ڪندو آهي. هن ماني کائي، پيالي کي پاڻيءَ سان آگهاري رکيو.

اڱڻ جهڙو ٽڪرو سڄو ڪاڙهو هو. هن ڪوٺڙيءَ جي در تائين فراسي وڇائي ۽ ان تي وهاڻو رکي مٿو اڱڻ ڏانهن منهن ڪري ليٽي پيو. ڪنهن ڪنهن وقت گرم هوا آئي ٿي، نہ تہ هو اخبار سان پاڻ کي هوا ڪرڻ ٿي لڳو. اهڙي ٽپت ۾ بہ ننڊ هن جي اکين ۾ گهڙي ٿي آئي، پر ڪوٺڙيءَ جي اُٻس ۽ گرمائش سبب ننڊ جي گهيرت مان نڪري ٿي آيو. وهاڻي تي رکيل ڪنڌ سڄو پگهر ٿي پيو هو. هن آلي قميص لاٿي ۽ ان کي ڪرسيءَ تي اڇلائي ڇڏيائين. گنجي تہ هو پائيندو ئي ڪونہ هو. هن سلوار جي ٻنهي پائنچن کي ڇڪي، گوڏن تائين آندو ۽ ليٽي پيو.

آفيس مان اٿڻ وقت هن سوچيو هو تہ گهر نہ ويندو. بس ۾ چڙهي راڻي باغ هليو وڃي ۽ اتي لان تي ڪنهن وڻ جي ڇانوءَ هيٺان

وجي سمهي پئي. هن گنريل گرميون به ائين گذاريون هيون. آفيس مان اٿي، گاڏي ڪاٽي ۾ ڪلو پڪوڙائيءَ وٽ ايندو هو ۽ اتان پڪوڙا ۽ ڊبل روٽي وٺي، بس ۾ چڙهي راڻي باغ ويندو هو. ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇٽي ڇانءَ هيٺ ويهي ڊبل روٽي ۽ پڪوڙا کائي، نلڪي مان پاڻي پي ليٽي پوندو هو. ننڊ ڪڏهن ايندي هئي، ڪڏهن ڪانه به ايندي هئي. پر هنن گرمين ۾ اهو سلسلو وري شروع ڪرڻ مشڪل هو. پڪوڙا کائي کائي هن جو هاضمو خراب ٿي پيو هو. هاڻي هو آفيس مان موٽندي، هوٽل تان مانيون وٺي گهر ايندو هو ۽ جهڙي تهڙي ڀاڄي ڀاڄي ٿاهي کائيندو هو.

پگهر هاڻ وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي، هن کي ياد آيو ته . س وارن ۾ چڱا خاصا اڇا پئجي ويا هئا. وار ته ڪڏهن به اڇ ني سگهن ٿا..ان لاءِ عمر جي ڪا حد ڪانهي. اڄڪلهه ته ننڍي عمر وارن جا وار به اڇا ٿيڻ لڳا آهن. ۽ هن سوچيو ته سندس عمر وري به 25 سال هئي. پر هو ته ان عمر ۾ ئي پوڙهو ٿيڻ لڳو هو. گهٽ ۾ گهٽ نوجواني ته هن ڏٺي به ڪانه هئي. هن کي ياد آيو ته جڏهن کان ڪيس هوش آيو، هن پاڻ کي وڏو ڀانيو، گهر جو سڄو بار، سموريون ذميواريون هن جي مٿان اچي پيون هيون.

'آءُ نه هجان ها ته ڇا ٿئي ها؟' هن پاڻ کان پڇيو. 'منهنجي هجڻ سان ڪهڙو فرق پيو آهي! مون گهر وارن جي لاءِ ڪهڙا ڦاڙها ماريا آهن. جند جي ٻن پڙن ۾ پيسجان پيو... پيسجي نه اٿو ٿو ٿيان ۽ نه جند ٿي ڇٽي. هڪ مسلسل پيڙا آهي، جنهن کان نه ڏينهن آجا آهن نه راتيون. ۽ ان زندگيءَ جي سموري حاصلات آهي هيءَ قبر جهڙي ڪوٺڙي!' ان گهٽڙيءَ ڪوٺڙيءَ جي ٻوسٽ ۽ گرميءَ ۾ زندگيءَ جا ڪل عذاب گڏجي مسجي ويا.

ذهن جي ڪنهن ڏڪندڙ ڪنڊ مان شهناز جي ياد لُڪ وانگر هن جي تن من کي لوساڻي وئي. ان ئي ڪوٺڙيءَ ۾ شهناز به رهي وئي هئي. نواز کي جڏهن نوڪري ملي هئي ۽ هو گهٽ مسواڙ واري جاءِ جي ڳولا ڪري رهيو هو، تڏهن ڪيس ڪنهن ٻڌايو هو ته شهناز وارا اها جاءِ خالي ڪرڻ وارا هئا. هن کي اها جاءِ شهناز وارن ئي ونرائي ڏني هئي، پر تڏهن اجا بازاري عورتن هتي رهڻ شروع نه ڪيو هو، سو ته هاڻي پابندي پوڻ ڪانپوءِ هنن مان ڪي هتي اچي رهي پيون هيون.

نواز نراڙ تان ۽ نوڪن تان وهي ايندڙ پگهر اگهيو. هو ۽ شهناز ايترو هڪ ٻئي کي چاهيندا هئا. پوءِ اوچتو ڪهڙي ڳالهه تي جو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. هن ان ڳالهه تي ڪئين ڀيرا ويچاريو هو: 'زندگيءَ ۾ اهڙيون وڏيون تبديليون ڪيئن ٿيون اچي وڃن. ماڻهو ته اهو ئي ساڳيو هوندو آهي- پوءِ به هن جي ٻاهر ۽ هن جي اندر ايترو ڪجهه بدلجي ويندو آهي جو هو اهو نه رهندو آهي، جيڪو اڳ ۾ هو. جذباتي سوچ ئي سهي، جو عمر ئي اهڙي هئي، پر اسان ته ائين سمجهيو هو ته هڪ ٻئي کان سواءِ جيئرا رهي نه سگهنداسين، پوءِ جڏهن زندگيءَ جون نوس حقيقتون اڳيان آيون ته سموري جذباتيت ٺوڪٽي وانگر ڦسي پئي. آءٌ پاڻ بيروزگار. رات جو سمهڻ لاءِ نڪاٽا گئريج ۽ ورڪشاپ. هوءَ مون کان وڌيڪ سمجهو ۽ ميچوئر هئي، تڏهن ته هن مون کي چيو هو: چڱو آهي ته اسين رڳو سٺا دوست بڻجي رهون. مون هن جون مجبوريون ڪونه ڏٺيون. مون سمجهيو ته مون وٽ ڪجهه ڪونهي، ان ڪري هوءَ مون مان جند ڇڏائڻ چاهي ٿي. ماڻهو رڳو پنهنجي لاءِ ڇو ٿو سوچي! اسين ڪنهن کي ڪيترو به چاهيون پر سوچيندا رڳو پنهنجي لاءِ آهيون ۽ چاهيندا آهيون ته ٻيو به اسان جي لاءِ ئي سوچي. مون ڇونه

سوچيو تہ شهناز ڪهڙين ڏکين حالتن مان گذري رهي هئي. آءٌ پاڻ تہ شهناز جي لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهيس، پر هن جي شاديءَ جي ڳالهہ ٻڌي مون کي هن تي ڪاوڙ آئي تہ هن گاڏيءَ ۾ بنگلي جي شوق ۾ پاڻ کي وڪڻي ڇڏيو.'

نواز کي پاڻ تي چڙ اچڻ لڳي: 'ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اهڙو ننر ڇو ٿي ويندو آهي، نہ پاڻ کي ڏسندو آهي نہ مجبورين کي، ٻئي جي مجبورين کي ڏسڻ تہ پري رهيو. پر ماڻهو ڪيترو وقت لنوائي سگهي ٿو. آخر تہ هن کي آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ نظر اچيو وڃي، پوءِ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ماڻهو کلي يا روئي. جيڪي پنهنجي هٿان پاڻ دوکو کائيندا آهن، سي نہ کلي سگهندا آهن نہ روئي سگهندا آهن.'

هن چاهيو تہ ڪيس ننڊ اچي وڃي، پر اهڙي گرميءَ ۾ ننڊ اچڻ مشڪل هئي. زندگي ائين هئي، ائين آهي ۽ ائين رهندي. هن کي پري پري تائين ڪنهن تبديليءَ جا اهڃاڻ نظر نٿي آيا. ٿاڪ منجهند جو اهو سفر ڪٿي ڪٽندو؟ پڳهر جي ڦڙن وانگر ذهن ۾ سوال ڦٽندا رهيا ۽ نواز منهن تان پگهر اگهڻ سان گڏ انهن سوالن کي بہ ميسارڻ جي اجائي جاکوڙ ڪرڻ لڳو.

(اڌوري ناول جا ٻہ باب)

# هيسيل هانوءَ اُڀرا اُلڪا

هڪ ڏکهو ڇُرو سج جي روشنيءَ ۾ چلڪندو، هڪ پوڙهي ڳوناٽي جي ڪُک کي چيري، پيٽ ڦاڙي، ٻاهر نڪري آيو رت ٻڏل- ۽ مرندڙ جي فقط هڪ دبيل هڏڪي، ۽ چوطرف نعرا ۽ گوڙ.... هن جي ڪنن ۾ نعرا ۽ گاريون ٻرندڙ شيهو بڻجي ويا ۽ ذهن ۾ تاندا ٽڙڪڻ لڳا. ڪاوڙ ۽ پوءِ وچان هن جي لونءِ لونءِ ڪانڊارجي وئي. ڪجهه به ڪري نه سگهڻ جو احساس، بيوسي، اکين جي اڳيان موت ۽ ٽنگن ۾ رت ڄمي ويل- پوءِ به هو منهن واهه ڪري ڀڄڻ لڳو. هو چئني طرفن کان وڪوڙيل هو ۽ گهيريل جلادن ۾. فضا ۾ رت ۽ بارود جي عجيب گڏ سڏ بُوءِ هئي. هن جو دماغ ان بوءِ ۽ ڏپ جي ماريندڙ احساس وچان ساڻو ٿي چڪو هو. آواز هن جي پنيان، پاسن کان ۽ اڳيان ساڻس گڏ ڊوڙندا رهيا، ۽ هو انهن مڪروهه آوازن کان پري ٿيڻ جي لاءِ آواز کان تيز ڊوڙڻ جي جاکوڙ ڪري رهيو هو. هو ڀڄندو ويو، هيسيل ۽ ڏنل ڪُتي وانگر. پر هن کي لڳو: هو ڀڄي ڪونه رهيو هو، چوگرد ڦري رهيو هو آوازن جي گهيري ۾. پوءِ به هو ڀڄندو ويو. اوچتو هن جي اڳيان ڌماڪي سان گڏ ڌرتي ڏُڏي وئي. شايد بم ڦاٽو هو. هن مڙي پوئتي ڀڄڻ چاهيو، پر هن جي اڳيان ڪارا ڳاڙها ساوا پيلا ترورا اچي ويا، ۽ ذهن ۽ پيرن جو ساٿ ٽُٽي ويو. پنيان، پاسن کان، اڳيان ڊوڙندڙ آواز به آهستي آهستي گهٽجندا، پري ٿيندا، اوچتو بند ٿي ويا.

هو ڀڄندو ويو ۽ هن کي لڳو: هو تمام پري نڪري آيو هو. ڪٿي؟ ڪيس اها خبر نه پئجي سگهي. 'عجيب جاءِ آهي، پر نه، هيءَ منهنجي ڄاتل سڃاتل آهي' هن سوچيو. چوطرف واريءَ جون وڏيون پٽون هيون، ويراني هئي

۽ هو ان ويرانيءَ ۾ اڪيلو هو. واريءَ جي جبل جيڏن دڙن تي چڙهندي لهندي هو سهڪي پيو هو. هن کي محسوس ٿيو ته هتي به ڪي ماڻهو سندس پيڇو ڪري رهيا آهن. هن تڪو هلڻ چاهيو، پر پيرن جون ڪڙيون واريءَ ۾ ڪپي تي ويون. ’مان پڇان چو پيو! مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟‘ هن پنهنجي ذهن تي زور ڏنو، پر ڪيس ڪجهه به ياد نه آيو. ڪي ماڻهو مون کي مارڻ لاءِ پنيان پيا آهن!- ۽ ڪجهه عجيب ڊنڊليون، اڻ لکيون- ۽ بي معنيٰ- تصويرون هن جي ذهن ۾ اڀرنديون مٽجنديون رهيون، جيڪي شايد هن جي ماضيءَ جون هيون يا حال جون هيون، پر ڪجهه به چٽو نه هو. اوچتو هڪڙو خيال هن جي سن تي ويل ذهن ۾ وڄ جيان وراڪو ڏيئي پيدا ٿيو ۽ منجهيل ليڪن کي ڊاهيندو ويو- زندگيءَ جو وڏو ۽ ڀرپور حصو اجايو ۽ بي معنيٰ گذري ويو... هو سُن ۾ اچي ويو. ’تڏهن..... تڏهن..... پر مان ان بي معنيٰ زندگيءَ گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو آهيان. ان ۾ منهنجو ڪو به ڏوهه ڪونهي. مون کي هاڻي خبر پئي آهي ته مان ان بي معنائيءَ ۾ ئي پيدا ٿيو آهيان ۽ منهنجي چوطرف بي معنائي ۽ ڊاريائپ آهي. مون سڄي ڄمار ان ڊاريائپ جي دونهن ۾ ساهه کنيو آهي. منهنجو ساهه گهٽجي رهيو آهي.‘ هن کي سخت تڪليف محسوس ٿيڻ لڳي. ’مون به سپنا ڏٺا هئا- پنهنجي گهر جا، پنهنجي ديس جا. پر منهنجو ديس اهو نه هو، مون پاڻ کي پنهنجي وطن ۾ جلاوطن ڀانيو آهي. پنهنجي وطن ۾ بي وطن ۽ بي گهر! تڏهن زندگي ائين بي معنيٰ گذري وئي......‘ اهو جملو وري وري هن جي ذهن ۾ ڦرڻ لڳو. ’پر مون ان ڊاريائپ ۽ بي معنائيءَ کي ڪڏهن به ذهني طور قبول نه ڪيو آهي. مون حالتن سان سمجهوتو نه ڪيو آهي، ان ڪري ئي ته مون کي جلاوطنيءَ جي سزا ڏني وئي آهي. مان پڇي پڇي هتي اچي

پهتو آهيان، پر هتي بہ ماڻهو منهنجي پنيان آهن......' هو ڏپ ۾ پرجي ويوَ ۽ تکو تکو هلڻ چاهيائين. 'هيءَ عجيب ڳالهہ آهي تہ غلامن کي پنهنجي غلاميءَ جو احساس ڪونهي ۽ ان بيحسيءَ ۾ ئي خوش آهن!' سِرج ٽڪر ٽڪر تي وئي ۽ ٽتل ٽڪر هن جي ذهن ۾ چيڻ لڳا. گهڙيءَ دير تائين رڳي اها چپ چپان هئي ۽ اڻ ڪٿ پيڙا هئي. آهستي آهستي ڪپار ۾ ڪڪر پرجڻ لڳا ۽ پوءِ ڪجهہ بہ نہ هو.

هئڻ جو احساس ڪپار ۾ پريل ڪڪرن کي چيري اپري آيو. هن پاڻ کي اڪيلو ڏٺو ۽ چوطرف واريءَ جو اجهاڳ رڻ هو. هن کي خيال آيو تہ هو اهو رڻ ڪڏهن بہ جهاڳي نہ سگهندو. آخر هو ڪيڏانهن وڃي- وک وک تي هن جي اڳيان ڪئين راهون تي ڦٽيون ۽ هو منجهيو بيٺو هو. فيصلو نٿي ڪري سگهيو تہ ڪهڙي راهہ چوندي. راهون الڳ الڳ هيون ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هيون ۽ منجهيل هيون. ڪڏهن ڪڏهن هو هلي هلي وري ساڳئي هنڌ موٽي تي آيو، جڻ هليو ئي ڪونہ هو. هن کي لڳو تہ جڻ هو هڪ ئي چڪر ۾ ڦاٿو پيو هو جتان نڪرڻ جو ڪو حيلو ڪارگر نٿي ٿيو. وقت ڪيئن گذري ويو ۽ گذرندو تي ويو! ڪڏهن هن کي لڳو تي تہ اجا هينئر هتي پهتو هو، ڪڏهن هن سمجهيو تي تہ ڪيس هلندي هلندي سال نبري ويا آهن- پر هو ڪوبہ صحيح اندازو نٿي لڳائي سگهيو. ايترو سمجهي سگهيو تي تہ ڪيس ڪافي وقت تي ويو آهي. پر هاڻي تہ وقت گذرڻ جو ڪو پتو ئي نٿي پيو.

پير باهہ جي تتل تئي تي رکيل هئا ۽ دماغ پجري رهيو هو. ٿڪ، بيزاريءَ ۽ هڪ عجيب پيڙا جا دٻيل احساس سڀ بند ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا هئا. اوچتو هن جي اڳيان واريءَ جو هڪ واچوڙو اٿيو ۽ نچندي نچندي پري ٿيندي غائب ٿي ويو. هن کي لڳو: هو بہ رڳو واريءَ جو واچوڙو هو

۽ پيو سڀ ختم ٿي چڪو هو.

’ڇا، واقعي سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو آهي!‘ هو ڇرڪي پيو. ’پر مان وڙهڻ کان سواءِ هارائي چڪو آهيان.....‘ هن کي اعتبار ئي نٿي آيو. ’مان هڪ هارايل ماڻهو آهيان.‘ چوطرف پري پري تائين واريءَ جا دڙا هئا. هن پاڻ کي ڏسڻ چاهيو. فقط محسوس ڪرڻ جي حد تائين هو ساڳيو هو، نہ تہ هن ۾ ڪا بہ ڳالهہ اهڙي ڪانہ رهي هئي جنهن کي ڏسي چئجي تہ هو ساڳيو هو- يا شايد هو هو ئي ڪونہ.

’۽ مان ڊنل ۽ مايوس آهيان!‘ هن پاڻ کي ٺوڪ مان چيو ۽ کلڻ چاهيو. ٺهڪ ڏيندي هن کي محسوس ٿيو تہ هو رڙيون ۽ دانهون ڪري رهيو هو. هو يڪدم چپ ٿي ويو ۽ ان سان گڏ سوچ بہ چپ ٿي وئي.

’..... ماڻهو فقط هڪ ئي ڳالهہ تي بيهي چو ٿو رهي. گهڙيال جي لڏٺي جون حدون آهن، وري وري ساڳئي هنڌ موٽيو اچي. ساڳيو رستو. ساڳيو پنڌ. پر ماڻهوءَ جو ٽڪاڻُ هڪ هنڌ آهي ئي ڪونہ، يا گهٽ ۾ گهٽ ذهن تہ هڪ هنڌ ٽڪي بيهي ڪونہ ٿو. مان ڏاڍو تيز هليو آهيان. مون ڪٿي پهچڻ ٿي چاهيو. پر ڪٿي؟ ڪنهن اهڙي هنڌ جتي ٽڪاڻُ اچي. مان ڪٿي بہ بينس ڪونہ، يا بينس تہ مون بيهڻ ڪونہ چاهيو، پر مون کي بيهڻو ٿي پيو- اوهہ خدا! مون سمجهيو ٿي تہ مان ڪجهہ ڪندس. پين ڪن بہ ائين ٿي چيو. امان چيو ٿي تہ منهنجو پٽ وڏو ماڻهو ٿيندو ۽ اسان تان ڏک لهي ويندا. مون کي اهي ڳالهيون ٻڌي روئڻ ٿي آيو يا خار ٿي آيا پاڻ تي. مان پنهنجي ماءُ جي منهن تان عمر جون ريڪائون ڊاهي نٿي سگهيس پر ڏک جون ريڪائون تہ مٽائي ٿي سگهيس- ۽ هن مون ۾ ڪيڏيون غلط اميدون رکيون. مان ننڍي هوندي کان وڏي خواب ڏسي خوش ٿيو آهيان. مون تڪو ڊوڙڻ چاهيو. مان ڪونہ ڊوڙيو

هوس چا؟ پر مون ڏنو تہ رستو بند هو. مون ان بند کي ٽوڙڻ تي چاهيو. مون سيني کي چيو تہ فضا ۾ غلاميءَ جوِ دونهن آهي. اوهان انڌا آهيو، گونگا آهيو، ٻوڙا آهيو، بيحس آهيو. مردار آهيو. اوهان غلام آهيو ۽ غلاميءَ ۾ خوش آهيو. لعنت آهي اوهان تي. مان ان صورتحال ۾ رهي نٿو سگهان. نٿو رهي سگهان.... نٿو رهي سگهان... پر مان تہ رهيو آهيان. مان تہ هميشہ ان صورتحال ۾ رهيو آهيان، منهنجي لاءِ ڪوبہ ماضي ڪونهي، ڪو بہ مستقبل ڪونهي. فقط حال آهي ۽ ڪيڏو عذابناڪ... ڪيڏو ڊيچاريندڙ. پر مان ڊڄان ڪونہ ٿو. ڊڄڻ جي ڳُٽتي ڪرڻ جي ضرورت ڪھڙي آهي. پوءِ بہ مان ڀڄان چو پيو. جيتوڻيڪ ماڻهو ڄاڻي بہ ٿو تہ ڀڄڻ جي بچڻ جي ڪا بہ واهہ ڪانهي. ڪيڏو ٿڪي پيو آهيان ڀڄي ڀڄي...

واري ڏاڍي تتل هئي. ننهن ڪان چوٽيءَ تائين پيڙا جون اڻ ڪٿ لهرون هيون. هو ويهي رهيو ساهي پٽڻ جي لاءِ. هن کي ويني اڃا ٿوري مهل مس تي هئي تہ اوچتو پنيان ڪنهن ڪيس ڌڪو ڏنو. هن پاڻ کي ڪرڻ ڪان بچائي ورتو ۽ چرڪ ڀري اٿي بيٺو. هن پنيان مڙي ڏنو. رڳي انڌوڪار هئي جيڪا تيزيءَ سان اڳيان وڌندي ۽ پکڙجندي ٿي ويئي. هن جا واڪ ڪاندارجي ويا. 'نيٺ پهچي ويا......' هن ڀڄڻ چاهيو پر هو چئن ڏسائن ڪانہ وڪوڙجي چڪو هو. هوا واريءَ جا ٻڪ ڀري هن جي منهن، ڇاتيءَ ۽ پٺ ڪي سٽي رهي هئي. هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. واريءَ جي ڌڪن ڪان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن اجايو ڊوڙي رهيو هو. 'خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڪيڏي مهل ۽ ڪٿان ٿو ڌڪ لڳي. پر جيڪڏهن خبر پئي بہ، تہ ان سان ڪهڙو فرق پوندو. ڪٿان بہ ۽ ڪو بہ وار ٿئي ۽ پلي ماڻهو ڏسي، پر جڏهن بچاءُ بہ ڪري سگهي. سوال اهو ڪونهي تہ وار ٿئي ٿو. وار هر طرف ڪان ۽

هر طرح ٿئي ٿو، پر سوال اهو آهي ته بچاءُ ڪيئن ڪجي. مسئلو آهي ئي بچاءُ جو. ۽ هتي بچاءَ جون سڀ راهون بند آهن.‘ هن کي پنهنجو ساهه گهٽجندو محسوس ٿيو. هن وات کي زور سان بند ڪري ڄاڙيون ڀچائي ڇڏيون هيون..... پر واري نڪ ۾ گهڙيو ٿي آئي. ڇڻ ڪو هن جي تارونءَ تي زور ڏيئي رهيو هو ۽ ان جو ايذاءُ سڄي جسم ۾ نسن ۾ ڊوڙي رهيو هو. هن جا پير واريءَ ۾ ڦاٿا پيا هئا ۽ هو ڇڻ رڍ جو گڏو هو، جنهن کي ڪو زور ڏيئي وري ڇڏي رهيو هو. ٽڙڪٽي هئي، پر جسم جي ڪهڙي حصي ۾! شايد ٽنگون ٽڙڪيون پئي يا ڏند يا ڇاتي يا شايد سڄو وجود..... ’ڪنهن به ڳالهه جو يقين ڪونهي. هر وقت بي يقينيءَ جي حالت- ٻئي پل ۾ ڇا ٿيندو، ڪو به يقين ڪونهي، ڪجهه به يقين سان نٿو چئي سگهجي. ڪهڙي خبر ڪڏهن طوفان ختم ٿي وڃي ۽ هتي ته ڪئين طوفان آيا آهن ۽ گذري ويا آهن. مون ڪنهن کي چوندو ٻڌو آهي ته اسين ٻيڀ آهيون: ڇرڻ ۽ لتاڙجڻ کان پوءِ به وري پيا جمنداسين. ختم ٿي ويندا سين ۽ وري پيا جمنداسين ۽ فقط ڊپ ئي هونداسين.....‘

هن کي احساس ٿيو ته سندس وات ڪليل آهي. هن زور سان ڄاڙيءَ کي بند ڪيو. ڏندن جو پاڻ ۾ يا ڏندن ۾ واريءَ جو ڪرٽو ٿيو ۽ هو ڏڪي ويو. ڪنهن ڏند ڪرٽيا! هن چرڪي چوڌاري نهاريو. واريءَ جا وڃوڙا هئا، جيڪي هن جي چوطرف پوتن وانگر ڦري رهيا هئا ۽ هوُ انهن پوتن کان ڊڄندو، تيز هوا ۾ واريءَ ۾ ٿاٻڙجندو، ڀڄندو ويو. اڏامندڙ واري هن جي اکين ۾ گهڙيو ٿي آئي ۽ هو اکين کي کولي نٿي سگهيو. واريءَ ۾ ڊوڙندي ڪري ٿي پيو، پوءِ به هو ڀڄڻ جي جاکوڙ ڪري رهيو هو، شايد رڳي جاکوڙ ئي ڪري رهيو هو. ’مان ڄاڻان ٿو ته اها سموري جاکوڙ اجائي آهي. بچاءُ جون

سڀ واهون بند آهن ۽ چوڌاري سنگينون آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي ڏکي لتون هٽي وري ان جاءِ تي آڻيو ڇڏين جتان هو ڀڄو هو. کو بہ ان قيد خاني مان ڀڄي نٿو سگهي. مان چوطرف کان گهيريل آهيان. مون کي لڳي ٿو تہ ڪٿان نہ ڪٿان اوچتو کو ڄار مون تي اڇلايو ويندو ۽ مان ڦاسي ويندس- لڇندس، ڦتڪندس، تڙپندس، پر سڀ اجايو ۽ اوچتو هڪ سنگين منهنجي سيني ۾ کپي ويندي....

هن کي ڀڄڻ جو خيال آيو ۽ هن پنهنجي سموري سگهہ ميڙي ڀڄڻ چاهيو، پر سگهہ جهڙي ڪا شيءِ رهي ڪا نہ هئي. سمورو رت ڄڻ واريءَ چهي ورتو هو ۽ ٽنگون سڪي ڪانيون بنجي ويون هيون. فقط هڏا هئا جن تي سڪل چمڙي چڙهيل هئي ۽ هڏن جي پُورن ۾ پيڙا پريل هئي. هن جيئن پورو زور ڏيئي اڳتي وڌڻ چاهيو، تہ سندس ٽنگون واريءَ ۾ گچي ويون. هو گوڏن تائين ڦاسي چڪو هو. هن واريءَ مان پيرن کي ڪيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر پير ڄڻ سندس هئا ئي ڪونہ- رڳو ساڻس ڳنڍيل هئا. تيز هوا هن جي آسپاس واريءَ جو ڍڳ ناهڻ شروع ڪيو، ۽ ڍڳ هن جي گوڏن کان مٿي چڙهندو ويو. هن پنهنجين اکين تان ۽ منهن تان واري هٽائڻ چاهي، پر هن کي ائين لڳو ڄڻ هٿ ۽ نراڙ ۾ ميلن جو فاصلو هو. ٻانهون هن جي ڪلهن سان رڳو ڇهنيل هيون. ذهن کي جسم جي ڪنهن بہ حصي تي اختيار ڪونہ هو. ۽ رڳو پيڙا جون بي انت لهرون هيون.

# توڪل

جيستائين پٽس جيئرو هو، يعقوب حيدرآباد ۾ الوليون ڪندو رهيو. جڏهن ڪان پڙهڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي ڄام شوري ۾ اچي رهيو، تہ جڻ هاسٽل سندس گهر بڻجي ويو. پڙهڻ سان هن کي ڪا گهڻي دلچسپي نہ هئي، اها بي ڳالهہ هئي تہ پوءِ بہ هر سال پاس ٿيندو رهيو. هن جي اصل دلچسپي هئي ڳوٺ کان پري حيدرآباد ۾ رهڻ سان. جنهن ڏينهن شام جو ڄام شوري کان حيدرآباد نہ ويندو هو، اهو ڏينهن هن جي حساب موجب جهڙوڪر اجايو ويو. هن ڪوشش گهڻي ڪئي تہ سڄي ڄمار شاگرد بڻجي هاسٽل ۾ رهيو پيو هجي. پوئتي جي ڳڻتي هن کي ڪانہ هئي. زمين پٽس سنڀاليندو هو. هونءَ بہ يعقوب کي ڳوٺ ۾ مزو ڪونہ ايندو هو. ماءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اها ڇڪ بہ نہ رهي.

يونيورسٽين ۾ امن امان جون حالتون جڏهن گهڻيون خراب ٿي ويون، تہ مارشل لا حڪومت اتي پوليس چوڪيون ٺاهيون. هاسٽلن تي وڏيڪ سختي ڪئي وئي. پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ بہ هاسٽنا ۾ رهڻ واريون روايتون ختم ٿي ويون. يعقوب کي جڏهن يونيورسٽيءَ وارن زوريءَ ڊگري ڏني تہ هن کي بہ لاچار هاسٽل مان ٽپڙ کڻڻا پيا. ڪجهہ وقت حيدرآباد ۾ چڙن دوستن وٽ نڪاٽو ڪيائين، پر نيٺ ڪنهن بلڊنگ ۾ خالي ڪمرو مسواڙ تي ملي ويس. هاڻي هو پڪو حيدرآبادي هو. پٽس ڪيس گهڻو زور پريو تہ ڳوٺ اچي رهي ۽ زمينون سنڀالي پر يعقوب ڳوٺ کان ونءُ ٿي ويو. ڪير ٻنين ٻارن ۾ رلي ۽ هارين سان مٿو هڻي. ان کان تہ حيدرآباد جي رستن تي رلڻ ۾ وڏيڪ مزو هو. اڌ راتِ تائين هوٽلن ۾ ويهي دوستن سان ڪچهريون ڪرڻ ۽ رستن تي

پسار ڪرڻ کان پوءِ وجي سمهندو هو ۽ منجهند مهل اٿندو هو. پيءُ جو هڪڙو ئي پٽ هو، ان ڪري پٽس کيس خرچ پکو ڏيندو رهيو.

يعقوب جو پيءُ جڏهن سڀ حيلا هلائي چڪو ته هن آخري طريقو آزمايو. هن يعقوب جي شادي ڪرائي ڇڏي. ڇوڪري ٿوري گهٽي پڙهيل هئي ۽ ڏاج ۾ ڪجهه زمين به ڪٽي آئي هئي. يعقوب پهرين ته نٽايو هو، پر جنهن پيءُ سڄي ڄمار سندس مرضي رکي هئي، تنهن جو چوڻ کيس مڃڻو پيو. باقي پٽس جي اها آس پوري ڪا نه ٿي ته هو شادي ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد ڇڏي ڳوٺ اچي رهندو. يعقوب جا پرڪار اهي رهيا. ڳوٺ ويندو هو، ڪجهه ڏينهن رهندو هو، پوءِ حيدرآباد جي ڇڪ ٿيندي هئس ته جهلي جهل نه ڏيندو هو. پٽس ته هٽي هٿي بيٺو. پوءِ زال جو وارو آيو. پر اها به يعقوب کي حيدرآباد کان روڪي نه سگهي.

”سچي ٻڌاءِ، حيدرآباد ۾ ڪنهن سان ٿتل ته ڪونه آهين؟“ زال هن کان پڇيو.

”نه، اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي، قسم سان.“ هن زال کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پوءِ تو کي حيدرآباد جي ايتري ڇڪ ڇو آهي؟“ زال بي اعتباريءَ مان چيو.

”تو کي سچي ٻڌايان؟“ يعقوب جي اکين ۾ شرارت هئي. سندس زال جا پرون تاڻجي ويا.”ٻڌاءِ؟“

”آءٌ حيدرآباد سان ٿتل آهيان.....“ هن ٺهڪ ڏئي زال کي ڇڪي ڀاڪر ۾ آندو.

ٻار ٻچا به ٿيا. هڪ پٽ، هڪڙي ڌيءَ. يعقوب زال ۽ ٻارن کي پائيندو به هو، پر ڳوٺ ۾ رهڻ هن لاءِ ڏکيو هو. هن جو وس هلي ها ته زمينون وڪڻي هميشه لاءِ حيدرآباد ۾ وڃي رهي ها. پر

پيءُ جي اڳيان ان ڳالهه ڪرڻ جي هن کي همٿ نه ٿيندي هئي.

پيءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هو اڪيلو زمينن جو مالڪ بڻجي ويو. پٽس جو چاليهو نبري ويو ته هن پنهنجي من جي ڳالهه ز'ل جي اڳيان کولي ظاهر ڪئي.

”ٻيلي، زمينن سنڀالڻ جو ڪم پاڻ کان ڪونه ٿيندو. آءٌ سڄي عمر ان ڪٽراڳ کان پري رهيس. مون کي ته ڪا خبر به ڪانهي. هاري مون کي ڦري ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندا.“

”زمينون نه سنڀاليندين ته پوءِ ڪائيندا سين ڪٿان؟“ جوٽس حيرت مان چيو.

”سڄي دنيا جو گذر سفر رڳو زمينن تي آهي ڇا؟ ٻيا به ڪوڙ ڏنڌا آهن. جنهن ڪم سان دل نه لڳي، ان ۾ هٿ ئي نه وجهجي. ٻنيون مون کان ٽينديون ڪونه. نڪو آءٌ هتي رهي سگهندس.“

”پوءِ تنهنجي مرضي ڇا آهي؟“ زال ڪانئس پڇيو.

”منهنجي مرضي آهي ته زمينون وڪٽي حيدرآباد ۾ گهر وٺي هلي تا رهون. ٻارن کي به اتي پڙهايون. ڳوٺ ۾ ڪهڙي پڙهائي آهي. ٽن چئن سالن کان پوءِ ته هونءَ به ٻارن کي شهر ۾ پڙهائڻو پوندو.“

”ٻنيون وڪٽي هلي شهر ۾ رهون! پوءِ گذران ڪيئن ٿيندو؟“

”اهو تون مون تي ڇڏ. شهر ۾ گهڻا ئي وسيلا آهن. ڪنهن نه ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳي ويندس.“

جوٽس ڏٺو ته سندس مڃڻ يا نه مڃڻ سان ڪو فرق ته پوندو ڪونه. ٻارن جي پڙهائيءَ جو به مسئلو هو ۽ حيدرآباد ۾ رهڻ تي هن جي به دل هرڪي پئي.

يعقوب ٻنيون وڪٽي لطيف آباد ۾ بنگلو ورتو. ٻارن کي انگريزي- اڙدو ميڊيم جي پرائيويٽ اسڪول ۾ داخل ڪرايو. هو دوستن سان اڳي ئي ڪنهن مناسب ڌنڌي ڪرڻ جي سلسلي ۾ صلاح مشورا ڪندو رهيو هو. دوستن ڪيس چيو ته

اڄڪلهه سنڌي ماڻهن پنهنجا ڳوٺ ڇڏي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ڏانهن رخ رکيو آهي. هڪڙو تہ ڌاڙيلن سنڌي ماڻهن کي تپائي ڇڏيو آهي. ٻورن ڍڳن ۽ مال جون چوريون ويون ختم ٿي. هاڻي ماڻهن جي چوري زور تي آهي ڇو تہ سڀ کان سولو ڪم اهو آهي. ڪنهن سٺيي گهر جو ڪو ماڻهو اغوا ڪجي ۽ پوءِ ٻہ ٽي لک وٺي موٽائجي. ماڻهو ڊور ڍڳا وڪڻي ڌاڙيلن کي پئسا ڏين، تنهن کان چڱو آهي تہ اهي پئسا ڪٺي حيدرآباد يا ڪراچيءَ وڃي رهجي. اهڙن ماڻهن کان سواءِ ٻيا يعقوب جهڙا بہ هئا، جن کي شهري زندگي وڌيڪ پسند هئي. ڳوٺن کان شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ جو لاڙو ڪجهہ وڌي ويو هو. سنڌي ماڻهن کي حيدرآباد ۾ گهرن جي ضرورت هئي. دوستن يعقوب کي ٻڌايو تہ انهيءَ ڌنڌي ۾ جيڪي اسٽيٽ ايجنٽ آهن، تن ۾ سنڌي گهٽ آهن. هنن يعقوب کي صلاح ڏني تہ هو اهو ڌنڌو ڪري. هڪ سٺي سينگاريل ايئر ڪنڊيشنڊ آفيس ٺاهي آرام سان وينو هجي. جنهن کي گهر وڪڻو يا مسواڙ تي ڏيڻو هوندو سو پاڻهي وٽس ايندو ۽ خريد ڪرڻ يا مسواڙ تي وٺڻ وارا ماڻهو هونءَ ئي ڳولها ۾ هوندا آهن.

يعقوب لطيف آباد ۾ هڪڙو دڪان مسواڙ تي ورتو. ان ۾ شيشي جا پارٽيشن ۽ ايئرڪنڊيشنڊ لڳرائي سنو فرنيچر وجهي ويهي رهيو. ايترو وقت حيدرآباد ۾ رهڻ ڪري جيڪا ڄاڻ سڃاڻ ٿي هئس سا بہ ڪم آئي. هن جو ڌنڌو چڱو هلي پيو.

ڏسندي ڏسندي ملڪ جي سياست جيڪا مارشل لا جي دؤر ۾ دٻيل هئي، تنهن عجيب پلٽو کاڌو. مهاجرن جي هڪ فاشي تنظيم جنم ورتو، جنهن 'مهاجر پاور، سپر پاور' جو نعرو هنيو. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي پرامن ماحول ۾ ڪا زهريلي گيس پرجي وئي. ڪراچيءَ ۾ مهاجرن ۽ پناڻن جي وچ ۾ جهڳڙو ٿي پيو. وڏي خونا خوني ٿي. اهو جهيڙو وڌي اچي

حيدرآباد پهتو. پناڻن جي جڳهين ۽ دڪانن کي ڦري لٽي باهيون ڏنيون ويون. رستي ويندي جنهن کي، جنهن جو ماڻهو هٿ آيو ٿي، سو مئو رکيو هو. سنڌي خاموش تماشائي هئا.

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪرفيو لڳي ويو. يعقوب آرام سان گهر ۾ ويهي رهيو. هن جي ڏهاڙي ته هئي ڪانه جو ڳڻتي ڪري. پر ڪيس هڪڙي ڳالهه جو ڪتڪو ٿي پيو. هن زال سان اها ڳالهه ڪئي.

”الائي چو مون کي لڳي ٿو ته مهاجرن ۽ پناڻن جي وچ ۾ جيڪو جهيڙو ٿيو آهي، سا هڪڙي قسم جي ريهرسل آهي. مهاجر رڳو پناڻن ۽ پنجابين کي پنهنجو دشمن ڪونه ٿا سمجهن. پنجابين ۽ پناڻن کي ته پنهنجا صوبا آهن، پر مهاجرن جو اصلي جهيڙو ڌرتي ڌڻين سان ئي ٿيندو.“

جوٽس اتندي ئي سندس ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيو.

”توکي الائي ڪٿان اهو خيال آيو آهي. اسان جي پاڙي ۾ سڀ مهاجر آهن. سنڌين جو رڳو پنهنجو گهر آهي. منهنجو انهن جي ماڻن سان گڏ اٿڻ ويهڻ آهي. آءُ انهن جي گهر وڃان، اهي منهنجي گهر اچن. مون کي ته ڪڏهن ڪونه لڳو آهي ته مهاجر سنڌين جي خلاف آهن.“

”پاڙي جي ڳالهه ٻي آهي. منهنجو هر قسم جي ماڻهن سان واسطو پئي ٿو. مون کي خبر آهي ته مهاجرن جو مٿو ڦريل آهي.“

”مٿو ڦريل اٿن ته پنهنجو ڇا؟ وڃي پنجابين پناڻن سان وڙهن. پاڻ وچ ۾ اچون ئي ڇو؟“جوٽس ڳالهه کي وڌيڪ اهميت ئي ڪانه ڏني.

ڪرفيو لٿو ته زندگيءَ جو ڪاروبار وري شروع ٿي ويو. يعقوب جو ڪتڪو لٿو ڪونه. هن پنهنجن دوستن سان اهو ذڪر ڪيو. پر دوستن هن جي ڳالهه کي جوٽس وانگر ڪا

اهميت ڪانه ڏني.

”اهي سياسي پيچيدگيون توکي سمجهه ۾ ڪونه ايندءون. پنجابي سامراج کي سنڌي اڪيلا منهن ڏئي ڪونه سگهندا. سنڌي پنجابي سامراج سان به وڙهن ۽ مهاجرن کي به پاڻ کان الڳ ٿلڳ رکن ته پوءِ isolation جو شڪار ٿي ويندا. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ هڪ نئون طاقتور فيڪٽر آهي. سنڌي قوم پرستن کي انهن جو سهڪار حاصل ڪرڻ کپي. مهاجرن کي سنڌ ۾ ئي رهڻو ۽ مرڻو آهي. جيڪڏهن اهي ٻئي طاقتون پاڻ ۾ ملي وينديون ته پنجابي سامراج کي ڏکيون پونديون،“ سياسي شعور رکندڙ هڪ دوست يعقوب کي سمجهائيندي چيو.

يعقوب کي هن جي ڳالهه دل سان لڳي. سندس من ۾ پيدا ٿيل ڪنڪي کي آٿت ملي ويو. هن کي لڳو ته مهاجر ڪيس وڏيڪ ويجها هئا. پاڙي جي لحاظ کان به ۽ ڌنڌي جي لحاظ کان به. جيڪي پڙهيل لکيل مهاجر سندس آفيس ۾ ايندا هئا، تن جي اڳيان هو ايم ڪيو ايم کي ساراهيندو هو. سنڌين ۽ مهاجرن جي ٻڌيءَ جي پنيرائيءَ ۾ پنهنجن سياسي دوستن کان ٻڌل دليل ورجائيندو هو.

جيڪڏهن ڪو مهاجر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مهاجر شاگردن سان ٿيندڙ زيادتين جو ذڪر ڪندو هو، ته يعقوب يڪدم ان ڳالهه جي تائيد ڪندو هو.

”آءٌ به يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو آهيان. وقتي اتي مهاجر شاگردن تي زيادتيون ٿينديون رهيون آهن. پر اها پنجابين جي چالبازي هئي. اهي ٻنهي ڌرين کي استعمال ڪندا رهيا آهن. هنن جي ڪوشش هئي ته مهاجر ۽ سنڌي پاڻ ۾ وڙهيل هجن. سنڌي شاگرد تمام سادا آهن. ٻهراڙين مان هلي شهر ۾ يونيورسٽيءَ جهڙي وڏي تعليمي اداري ۾ اچن ٿا، ته ان وقت

هنن ۾ ايتري سمجهه ڪانه هوندي آهي. ردِن وانگر هنن کي جنهن پاسي هلائبو آهي هلي پوندا آهن. ان ڪري اهي غلط حرڪتون به ڪندا رهندا آهن. پر هاڻي هنن ۾ اهو شعور پيدا ٿيو آهي ته سنڌ جا اصل دشمن ڪير آهن. اڄڪلهه سنڌي شاگرد مهاجر شاگردن کي وڏيڪ ويجهو محسوس ڪن ٿا.“

ايتري ڳالهائڻ کان پوءِ يعقوب کي خوشي ٿيندي هئي ته هن ۾ به سياسي شعور اچي ويو هو ۽ سياسي معاملن تي چڱو خاصو ڳالهائي ٿي ويو.

پر يعقوب کي اها خبر ڪانه هئي ته فاشي تنظيمون ڪيئن جنم وٺنديون آهن ۽ اهي مظلوم هجڻ جون رڙيون ڪري ڪيئن دهشت گردي ڪنديون آهن. حيدرآباد جي ميئر جي هڪ اخباري بيان خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ جا سنڌي شاگرد بسن ۾ چڙهي ميونسپل آفيس پهتا. اوچتو بسن تي گولين جو وسڪارو ٿي ويو. اهي ساهه بچائڻ لاءِ حيدرآباد جي جنهن گهٽيءَ ۾ ٿي پڳا اتي هنن کي ڦيهو ويو. ستت ئي سڄي شهر ۾ مهاجر- سنڌي فساد شروع ٿي ويا.

يعقوب ان وقت پنهنجي آفيس ۾ موجود ڪونه هو. هو ڪنهن گراهڪ کي جاءِ ڏيکارڻ ويو هو. موٽي آيو ته سندس آفيس ۾ ڪا شيءِ سلامت نه هئي. شيشي واري پارٽيشن پور پور هئي. ايئرڪنڊيشن ۽ صوفا گم هئا. ايڏيون ڳريون شيون منٽن ۾ گم ٿي ويون! آسپاس وارا دڪان بند هئا. شهر ۾ ڪرفيو لڳي ويو. يعقوب گهر ۾ بند ٿي ويهي رهيو. هن جي من ۾ پيدا ٿيل ڪنڪو هڪ ڀيرو وري جاڳي پيو. ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي قوم پرست اڳواڻن جي وچ ۾ ڳالهيون هليون. غلط فهمين کي دور ڪري هڪ ٻئي سان سهڪار ۽ اتحاد تي زور ڏنو ويو. پر يعقوب جي ڪنڪي کي هاڻي آٿت نه مليو. هڪ چٽنگ به وڏو ڀنيت پڙڪائي سگهي ٿي. پوءِ به هن ...

سر آفيس کي ٺاهيو. آفيس کي نهرائڻ ۽ فرنيچر وٺڻ تي چڱو خرچ اچي ويو.
ٿورو گهڻو ڏنڌو اچا هليو مس ته ٻيو پنيٺ پڙڪيو. سڄي شهر ۾ باهه وانگر ڳالهه پکڙجي وئي ته ميئر تي سنڌين قاتلانه حملو کيو آهي. مينهن وسڻ کان پوءِ جيئن کنڀيون پيدا ٿينديون آهن، تيئن الائي کٿان نقاب پوش نڪري نروار ٿيا. هنن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف هيون ۽ جتي به ڪو سنڌي نظر آيو ٿي ته هن کي پرڻ ڪري ٿي ڇڏيائون. ڦڙڦوٽ پئجي وئي. دڪان بند ٿي ويا. يعقوب آفيس پوري گهر ڏانهن ڀڳو. جيستائين ڪرفيو لڳو سنڌين جو گهڻو جاني نقصان ٿي چڪو هو. يعقوب جي آفيس کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. ’جيڪڏهن ان وقت آءٌ موجود هجان ها ته مون کي به آفيس ۾ جيئرو ساڙي ڇڏين ها.....‘ هن کي خيال آيو.
ايتري وحشانيت ۽ نفرت ڪٿان پيدا ٿي هئي! يعقوب جو نئون پيدا ٿيل سياسي شعور ان ڳالهه جو جواب نه ڏئي سگهيو. اوڙي پاڙي جي وهنوار ۾ ڪو خاص فرق نه آيو هو. پر دلين ۾ شڪ شبها پيدا ٿي چڪا هئا. ڪا ڪوٺ پئجي وئي هئي. چاليهن سالن کان گڏ رهندڙ مهاجر ۽ سنڌي هڪ ٻئي کي شڪي نظرن سان ڏسڻ لڳا هئا. ڪن پاڙن ۾ جتي سنڌي ٿورائيءَ ۾ هئا، سندن گهرن تي حملا ٿيا هئا. ڪجهه ماڻهو ڳوٺ هليا ويا هئا ته انهن جي گهرن جا تالا ٽوڙي سامان جي ڦرلٽ ڪئي وئي هئي. لطيف آباد ۾ جنهن پاڙي ۾ سنڌين جا هڪ ٻه گهر مس هئا تن دٻ وچان ڀڳڙن مٺ تي گهر وڪڻي ڇڏيا. جڻ چاليهن سالن کان پوءِ وري ورهاڱي جو ورجاءُ ٿيو هو. اڳي سنڌي هندن پنهنجا گهر ڇڏيا هئا ۽هاڻي سنڌي مسلمانن جو وارو هو.
گهرن وڪڻڻ واري ڏنڌي سان لاڳاپو هئڻ سبب،

يعقوب کي خبر هئي جنهن گهر جي قيمت پنج لک هئي ته ان جا هاڻي ٻه لک مس ٿي مليا. خود يعقوب پاڻ گهر وڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اول ته ڪو گراهڪ ڪونه ٿي مليو، پر جي ڪو مليو ٿي ته ان اڌ قيمت کان به گهٽ پئسا ٿي آڇيا.

يعقوب جو ڌنڌو لطيف آباد ۾ بند ختم ٿي ويو هو. سنڌي ماڻهن حيدرآباد جي پرئين پاسي قاسم آباد، سٽيزن ڪالوني ۽ پٺائي ننگر وجهي وسايا هئا. ان پاسي يعقوب کي ڌنڌي جو چانس هو، پر هتي لطيف آباد ۾ ساهه سوريءَ تي ٽنگيو پيو هو. گهر ڇڏي وڃي ته ان تي قبضي ٿيڻ جو ڊپ هو. هن کي ڪا واهه نه پئي سجهي.

هڪڙي دوست يعقوب کان پڇيو، ”گهر ۾ ڪو هٿيار به اٿئي يا نه؟“

”هٿيار! نه يار، هٿيار ته ڪو به ڪونهي،“ يعقوب وراڻيو.

”پاڙي ۾ تنهنجو اڪيلو سنڌي گهر آهي ۽ سياڻي خدانخواسته تنهنجي گهر تي حملو ٿئي ته تو وٽ ڪو هٿيار به ڪونهي، جو پنهنجن ٻچن جو بچاءُ ڪري سگهين.“

”بس يار، توڪل تي وينا آهيون. مون ڪڏهن عمر ۾ ڪو هٿيار هٿ ۾ نه ڪنيو. پاڻ کي ته هلائڻ ئي ڪونه ايندو آهي.“

يعقوب پنهنجي زال کي دوست واري ڳالهه ٻڌائي. هن جي زال جو به اهو خيال هو ته شريف ۽ پرامن ماڻهن جو هٿيار سان ڪهڙو ڪم. ٻي ڳالهه ته سندس پاڙو به سنو هو.

”هٿيار ته گهر ۾ پيو هوندو ۽ سياڻي وات ويندي ڪو ماري ڇڏي ته گهر ۾ رکيل هٿيار ڇا ڪندو،“ يعقوب چيو.

”الله خير ڪري. باقي پاڙي ۾ ته ڪو ڊپ ڪونهي. پنهنجي ته ڪنهن سان دشمني ڪانهي. پوءِ هرو ڀرو پنهنجو نالو ڇو وٺندا...“ سندس زال چيو.

هڪ ڏينهن صبح جو يعقوب گهر جو ٻاهريون دروازو کوليو تہ ان تي چاڪ سان منديئڙو لڳو پيو هو. اها ڳالهہ اشارو هئي تہ سندس گهر حملي جي زد ۾ هو. يعقوب پاڙي وارن کي گهران سڏي اچي اهو نشان ڏيکاريو.

"ڊڄو نہ. اها ٻارن جي شرارت تي لڳي،"پاڙي وارن هن کي آٿت ڏني.

ڪجهہ مهينن کان پوءِ 30 سيپٽمبر 1988ع ۾ حيدرآباد جي تاريخ جو سڀ کان وڏو قتلام ٿيو. مرنڙرڪارن ۾ ويٺل ماڻهو حيدر آباد جي مهاجر علائقن ۾ انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪندا شهر مان نڪري هليا ويا. ان قتلام جو حساب حيدرآباد ۾ خالي هٿين رهندڙ سنڌي ماڻهن کي ڀرڻو پيو. ان رات ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ نقاب پوشن سنڌي گهرن ۾ گهڙي ڪئين خاندانن کي موت جو ٻڪ ٻڌائي ڇڏيو. جيڪي خاندان پنهنجن گهرن ۾ ماريا ويا هئا تن جا نالا اخبارن ۾ آيا. انهن ۾ هڪڙو خاندان يعقوب جو هو. خبر موجب ٻئي زال مڙس ۽ سندن وڏو پٽ ماريا ويا ۽ ٽي ٻار زخمي ٿيا، جن کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

# خوف جو موت

رات جا ٽي ٽيا هئا پر فائرنگ اڃا بند نہ ٿي هئي. رڪي رڪي اوچتو فائرنگ جا هيڪاندا آواز ٿي آيا. زينب ٻن سالن جي پٽ سان گڏ کٽ تي ليٽيل هئي ۽ پاسي ۾ ٻي کٽ تي ڪامل ليٽيل هو. هن ذري ذري پاسا پئي ورايا.

”جاڳين پيو ڇا؟“ زينب سرٻاٽ ۾ چيو.

” ها. توکي بہ ننڊ نٿي اچي ڇا؟“

”موت جي منهن ۾ ڪنهن کي ننڊ ايندي،“زينب سرٻاٽ ۾ چيو. هوءَ ڊني پئي تہ ڪٿي سندس آواز ڪمري مان، گهر مان ٻاهر نہ نڪري وڃي ۽ گوليءَ ان آواز کي جهٽي اندر نہ هلي اچي.

”وليم جو اٽي ڏنيون هيونمانءِ. اهي ڪونہ کاڌئي؟“ ڪامل پڇيو.

”ٻہ کاڌيون اٿم. مٿو ڳرو ٿي پيو آهي، پر ننڊ نٿي اچي.“

ڪامل ڪجهہ نہ چيو. موت جو خوف ننڊ جي گورين کان وڌيڪ طاقتور آهي.سڄي شيشي ڦڪڻ سان بہ ڪجهہ نہ ٿيندو، هن سوچيو.

”پاڙي ۾ جيڪي بہ ٽي سنڌين جا گهر هئا، سي سڀ لڏي ويا آهن، باقي پاڻ وڃي بچيا آهيون. اڄ پاڙي وارن مهاجرن جي ڇوڪري آئي هئي. هن چيو تہ خطرو آهي. اوهين بہ لڏي وڃو،“ زينب چيو.

”تنهنجو ڇا خيال آهي تہ هوءَ همدرديءَ طور توکي ٻڌائڻ آئي هئي. هن کي هاسيڪار موڪليو ويو هوندو توکي ڊيڄارڻ لاءِ،“ ڪامل ڪاوڙ ۾ کٽ تي اٿي وينو.

”نہ نہ، ائين ڪيئن هوندو،“ زينب بي اعتباريءَ مان چيو. ”اٿ تہ هن گهر ۾ هاڻ آئي آهيان. پر اهي چاليهن سالن

ڪان اوهان سان گڏ پاڙي ۾ ٿا رهن. مائٽن وانگر هڪ ٻئي سان اٿڻ ويهڻ آهي. ائين ڪيئن ڪندا.....“

”پاڻ ڪٿي ڪجهه نه ڪن، باقي ٻين کي ٻچيندا،“ ڪامل چيو. ” هنن جي اک اسان جي گهر تي آهي.“

”توکي ڪيئن خبر پئي؟“ زينب حيرت مان پڇيو.

”ڇوڪريءَ جي پيءُ مون سان ڳالهايو آهي. هن به ساڳي ڊيٽس واري ڳالهه ڪئي ته هتي رهڻ اسان جي لاءِ خطري کان خالي ناهي. هن اهو به چيو ته جيڪڏهن آءٌ گهر وڪڻان ته هو وٺڻ لاءِ تيار آهي.“

”پوءِ؟ تو ڇا چيو؟“

” مون چيومانس ته منهنجي گهر جي قيمت هن وقت چار لک رپيا آهي. پر هو ڏيڍ لک رپين کان وڌيڪ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي.“

”هون.....“ زينب سوچ ۾ پئجي وئي. ٺ ٺ ٺ ٺا ٺا... ڪٿان ويجهو فائرنگ جو آواز آيو. زينب اٿي ڪامل جي ڪٽ تي اچي ويني. ڪامل هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو. زينب جو هٿ برف جيان ٿڌو هو. ڪامل هن جي نرڙ تي هٿ رکيو. زينب جي نرڙ تي پگهر جي آلاڻ هئي.

”ڇا ڳالهه آهي؟“ ڪامل هٿ سان زينب جي نرڙ تان پگهر اگهندي چيو، ”ڊني آهين؟ ليٽي پئو.“

”توکي ڊپ ڪونه ٿو ٿئي؟“زينب هن جي پاسي ۾ ليٽي پئي. ڪامل ڪو جواب نه ڏنو، پر هن دل ۾ چيو: هائو، آءٌ به ڊڄان ٿو..... هو زينب جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳو.

”الاجي ڪيترين راتين کان ننڊ ڪانه آئي آهي. ڪرفيو ۾ به ڊپ هو. ڪرفيو هوندي به مهاجرن سنڌين جي گهرن تي حملا پئي ڪيا. هاڻي ته ڪرفيو به لهي ويو آهي. ويتر وڌيڪ ڊپ آهي. سڄي رات فائرنگ ٻڌي ائين ٿو لڳي ته ڄڻ پنهنجي

گهر تي حملو ٿيو آهي.“

”پوءِ ڇا ڪريون؟ ٻي ڪا واهه به نه ڪانهي. جن سنڌين جا گهر پنهنجن ڳوٺن ۾ به آهن، سي نه فساد شروع ٿيندي ئي پنهنجن ڳوٺن ڏانهن هليا ويندا آهن. اسان جو نه ڪنهن ڳوٺ سان واسطو ڪونهي. ڏاڏا پڙ ڏاڏا حيدرآباد جا هئا. ڪهڙي خبر هئي ته پنهنجن ابن ڏاڏن جي شهر ۾، پنهنجي ئي گهر ۾ جان جي امان ڪانه هوندي.“

”منهنجي صلاح آهي، گهر وڪڻي ڪنهن سنڌين جي پاڙي ۾ هلي رهون.“

”پڳڙن جي مٽ تي پنهنجو اباڻو گهر وڪڻي ڇڏيان؟“ ڪامل چڙ مان چيو.

”ساهه کان وڌيڪ گهر آهي ڇا! خدا خير ڪري، سياڻي گهر ۾ ڪهڙي اڇي ماري وڃن نه پوءِ گهر ڪهڙي ڪم ايندو.“ زينب اونده ۾ ڪامل جي منهن ڪي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪامل هڪ ڊگهو ساهه کنيو. هن کي لڳو نه زينب جي ڳالهه سچي هئي. ٻنهي ڄڻن جنهن ڳالهه کي ڇپن تائين آڻڻ کان لنوايو پئي، ان کان ڪامل اڻ ڄاڻ ڪونه هو. ڪين پنهنجي حياتيءَ کان وڌيڪ ننڍڙي پٽ جو فڪر هو.

”ٺيڪ آهي پلا، سياڻي قاسم آباد واري پاسي وڃي ٿو جانچ ڪريان. جاءِ وٺي پوءِ پاڙي وارن کي ئي گهر وڪڻي هلنداسين. پيا نه ايترا پئسا به هينئر ڪونه ڏيندا.“

زينب سک جو ساهه کنيو ۽ ڪامل جي ٻاڪرن ۾ سمائجي وئي.

قاسم آباد ۾ پراپرٽي ڊيلرن کان پڇا ڪرڻ تي ڪامل کي معلوم ٿيو نه جاين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا هئا. لطيف آباد توڙي حيدرآباد ۾ مهاجرن جي اڪثريتي پاڙن ۾ رهندڙ سنڌي

لڏي هن پاسي اچڻ لڳا هئا. ان ڪري پلاٽ ۾ جايون مهانگيون ٿي ويون هيون. مسواڙن جا اگهه به وڌي ويا هئا. ڪامل جو ڪٽنب وڏو ڪونه هو. ان ڪري هن جو ڪم ننڍي گهر مان به هلي وڃي ها. هڪڙي دوست ڪامل کي ٻڌايو ته سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ۾ هڪ رٽائرڊ ٽپيدار حاجي صاحب جو گهر آهي. هن جو پٽ سعودي عرب ۾ ڊاڪٽر آهي. پاڻ رڳو پنهنجي زال سان گڏ هيٺئين حصي ۾ رهي ٿو. گهر جو مٿيون حصو خالي آهي، جنهن ۾ ٻه بيڊروم آهن. مسواڙ پندرهن سؤ رپيا ماهوار ۾ هڪ سال جي ائڊوانس وٺندو. مسواڙ وڌيڪ هئي، پر ڪامل سوچيو ته ڳالهائڻ ۾ ڪو حرج نه هو. ٿي سگهيو ٿي سندس مجبوري ڏسي هڪ سنڌي جي حيثيت سان حاجي صاحب مڃي وڃي.

شام جو وقت هو. گهر جي ٻاهران ننهيل ننڍڙي لان ۾ ڪجهه ڪرسيون رکيون هيون، جن تي وڏي عمر وارا رٽائرڊ قسم جا ڪامورا ويٺا هئا. حاجي صاحب ڪامل کي ويهاري ڪانئس حال احوال ورتو.

”هاڻي ڏسو سائين، ويچارن سنڌين کي پنهنجن اباڻن ڏاڏاڻن گهرن مان لڏڻ تي ڪيئن مجبور ڪيو پيو وڃي. جڻ هيءَ حيدرآباد دکن آهي. سنڌن بابي جو شهر آهي، جتي سنڌين کي رهڻ جو ڪو حق ڪونهي!“ حاجي صاحب جي ڳالهه ڪامل جي هانءُ تي تڏا چندا وجهي ڇڏيا. هاڻي هر سنڌيءَ کي پنهنجي نڌڻڪائيءَ جو احساس تيڻ لڳو هو.

”اهي ئي سور ته اسين روئون ويٺا. تنهنجي اچڻ کان اڳ به اها ڳالهه پئي هلي،“ رٽائرڊ استاد ڪامل کي چيو. ”دنيا جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيئن مثال آهن ته ٻاهران آيل ماڻهن اصلي وينل ماڻهن کي ڪيئن نيست نابود ڪري ڇڏيو. آمريڪا ۾ ريڊ انڊين جو مثال آهي.“

”اهي ڪالونائيزيشن جا پراڻا مثال آهن. اوهان موجوده دؤر جي سياسي چالبازين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو،“ ٻئي دانشور قسم جي رٽائرڊ ڪاموري چيو. ”ايم.ڪيو.ايم جي دهشت گردي ان ساڳي لائين تي پئي وڃي جنهن لائين تي هٽلر جي نازي تحريڪ اُڀري هئي. هٽلر جرمنن ۾ مظلوميت جو احساس پيدا ڪري، نسل پرستيءَ جا جذباتي نعرا ڏئي ڪين چٽو ڪري ڇڏيو. اهي ساڳيا نازين جي دهشت گرديءَ وارا طريقا هتي آزمايا پيا وڃن. اتي نازين يهودين جون ملڪيتون لٽي، گهر ۽ دوڪان ساڙي، قتل خون ڪري ڪين ملڪ مان ئي ڪڍي ڦٽو ڪيو. اها ساڳي ويڌن سنڌين سان ڪئي پئي وڃي.“

”اسان کي ڏکي ڪيڏانهن ڪيندا،“ حاجي صاحب پڇيو.”اسان کي ته نه هندستان قبول ڪندو نه افغانستان ۽ نه ايران.“

”اوهين چا ٿا ڀانيو ته مهاجر سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اهي فساد اجايو ڪري رهيا آهن؟ واٽ ويندل بيگناهه سنڌي ماڻهن کي هرو ڀرو ماري رهيا آهن؟“ دانشور ٽائپ ڪامورو حاجي صاحب جي ڳالهه اٽڪائي ڪري ڳالهائيندو رهيو.“ اهو سڀ سوچيل سمجهيل سازش هيٺ ٿي رهيو آهي. ايم.ڪيو.ايم وارن جي پلاننگ اها آهي ته سنڌين کي وڏن شهرن مان ڦري لٽي، ماري ڀڄائي ڪيجي. اهڙي ريت رد عمل ۾ ننڍن شهرن مان مهاجر ڀڄڻ تي مجبور ٿيندا. اهو جهيڙو جيترو وڌندو اوترو ايم ڪيو ايم وارن جي رٿا کي هٿي ملندي. نيٺ هڪ ڏينهن هو باقاعدي نعرو هڻي. مهاجرستان ناهڻ جو مطالبو ڪندا ۽ سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪندا.“

”هائو ٻيلي، اڙجي وياسين هنن مصيبتن مان،“حاجي صاحب شوڪارو ڀريندي چيو.

”پر سائين معاف ڪجو، اهي مصيبتون اسان جي وڏن ئي اسان جي ڳلي ۾ وڌيون آهن. هندن کي سنڌ مان ڪڍي ڌارين کي دعوت ڏئي هتي ڪنهن گهرايو؟ ڇي: اسان جا مسلمان ڀائر آهن. ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻيا وڏا شهر اسان پاڻ هنن کي نذرانو ڪري پيش ڪيا. اهو ڪيتو سنڌ جو موجوده نسل پيو لوڙهي،“ڪامل چيو.

”ميان صاحب، اوهان جي عمر گهٽي آهي؟“ رٽائرڊ استاد ڪامل کان پڇيو.

”ٽيهه سال،“ ڪامل وراڻيو.

”پوءِ توکي ان زماني جي ڪهڙي خبر. هندو جيڪڏهن پاڻ اسان سان ڏاڍايون ۽ زيادتيون نہ ڪن ها، تہ اسان کي ڇتي ڪتي ڪاڏو هو جو هنن مان بيزار ٿيون ها. اهي پاڻ کي سڌريل ۽ مٿانهون ڪري سمجهندا هئا. هنن جيڪي عقوبتون ڪيون، تن جي اوهان اڄ جي نوجوانن کي خبر ئي ڪانهي،“ رٽائرڊ استاد ڪاوڙ مان چيو.

”اوهان جي ڳالهہ صحيح هوندي، پر هندن دهشتگرد ٽولا ناهي سنڌي مسلمانن جي گهرن ۾ گهڙي انهن کي بيعزت ڪري ڦريو لٽيو ۽ ماريو ڪونہ هو. انهن رستي تي هلندڙ بيگناهہ ماڻهن کي گوليون ڪونہ هنيون هونديون... جيڪڏهن سنڌي هندن جي نظر ۾ سنڌي مسلمان ڄٽ هئا تہ هينئر مهاجرن جي نظر ۾ اسين جهنگلي، غير مهذب ۽ جاهل آهيون. اسان لاءِ ڪهڙو فرق پيو. ويتر هڪ ڌارين ٻولي ۽ ڌارين ثقافت اسان تي مڙهجي وئي....“ ڪامل کي جوش اچي ويو هو.

”هائو جوان، چئين سچ ٿو. اڪين تي پٽيون ٻڌي اوڙاهہ ۾ وجي ڪرياسين. مهاجرن تہ جهڙو ڪر اسان کي فتح ڪيو آهي. بس يار، سنڌي مسلمانن جي قسمت ئي ڦٽل آهي،“ حاجي

صاحب ڪامل جي ڳالھ جي تائيد ڪندي چيو.

”نہ حاجي صاحب، قسمت جي ڳالھ ڪانهي. اسان جون پنهنجون ڪمزوريون آهن،“ دانشور قسم جي رٽائرڊ ڪاموري چيو.”اسان سنڌين ۾ قومي شعور پوريءَ طرح پيدا نہ ٿي سگهيو آهي. اسان ۾ اجتماعي سوچ جي کوٽ آهي. هر سنڌيءَ جي انفرادي سوچ ۽ عمل آهي. اخبارون کڻي پڙهو. سنڌي هڪ ٻئي جا ڪيترا خون ٿا ڪن. ذاتي دشمنين ۾ گهرن جا گهر ناس ڪريو ڇڏين. معمولي تڪرار تي، پاڻيءَ جي واري تي سسيون لاهيو ڇڏين. سنڌي ڌاڙيل روزانو ڪيترن سنڌين کي ٿا ڪٽن. ٻئي طرف سنڌ جي سياست کي ڏسو. الطاف چند سالن اندر سيني مهاجرن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري تمام مضبوط تنظيم ٺاهي ورتي آهي. سنڌي اڳواڻ ڪئين سالن کان رڳو ڳالهيون ڪندا رهيا آهن. ڪم ڪهڙو ڪيو اٿن؟ هر ڪو ڏيڍ سر جي مسجد ڌار ناهيو وينو آهي. سؤ ڪن تہ تنظيمون ۽ پارٽيون آهن. جيستائين سنڌي ليڊر پنهنجي ’مان‘ کي ماري ۽ انا کي ڇڏي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ نہ ٿيندا، تيستائين ڪجهہ نہ ٿيندو. سنڌي ماڻهو ائين ماربو رهندو ۽ سنڌين کي شهرن مان ڌڪي ڪڍڻ جو عمل ڪامياب ٿي ويندو.“

وايو منڊل تي مايوسي ڇانئجي وئي. لڳو ٿي تہ ڪنهن کي بہ ڳالهائڻ تي دل نہ پئي ٿي.

”چڱو يار، هاڻي هلون ٿا،“ رٽائرڊ استاد ۽ ڪامورو اٿي بيٺا. ٻنهي کان موڪلائي حاجي صاحب ويهندي ڪامل کان پڇيو، ” اوهان ڇا ڪندا آهيو؟“

”ڪاليج ۾ ليڪچرر آهيان.“

”نيڪ آهي جوان، تنهنجو پنهنجو گهر آهي. ڀلي اچي رهو. ههڙي ڏکئي وقت ۾ اسين سنڌي هڪ ٻئي کي ڪم نہ

ايندا سين تہ ٻيو ڪير ايندو.“
”مهرباني سائين،“ ڪامل انتهائي شڪر گذاري وچان چيو.” پر هڪ عرض آهي. مسواڙ ڪجهہ وڌيڪ آهي. منهنجو پگهار ٽي هزار رپيا آهي. جيڪڏهن اڌ پگهار مسواڙ تي هليو ويو تہ پوءِ گذر سفر ڏکيو ٿيندو. ٻي اوهان کي سچي ڳالهہ ٻڌايان تہ مون وٽ هن وقت ڪل رقم ايتري آهي جو ان مان ائڊوانس جا اڌ پئسا ڏئي سگهندس. ها، باقي جيئن ئي منهنجي جاءِ وڪامي تہ باقي پئسا حاضر ڪندس.“
حاجي صاحب سوچ ۾ پئجي ويو.”پوءِ پُلا، تون ٻڌائي، ڪيتري مسواڙ ڏئي سگهندين؟“
”سائين، اٺ سؤ رپيا ونو تہ مهرباني ٿيندي،“ ڪامل نماڻو بڻجي چيو.
”اٺ سؤ رپيا!“ حاجي صاحب ڪان ٿهڪ نڪري ويو.
”اهي تہ تمام گهٽ آهن، ٻيلي ايڏو نقصان تہ نہ ڏي.“
”نہ حاجي صاحب، خدا نہ ڪري، آءٌ اوهان کي نقصان ڇو ڏيندس. مون پنهنجي مجبوري اوهان جي اڳيان رکي آهي. جي مهرباني ڪري سگهو تہ.....“
”هونهہ.....“ حاجي صاحب وري سوچ ۾ پئجي ويو. ”ٻار گهڻا اٿئي؟“
”اڃا هڪڙو پٽ آهي ٻن سالن جو. سچ پڇو تہ اسان کي پاڻ کان وڌيڪ هن جو فڪر آهي. منهنجي زال الاجي ڪيترين راتين کان ڊپ وچان ستي ناهي.“
”چڱو پُلا، آءٌ وڌ ۾ وڌ نو سؤ رپيا ڇڏي سگهان ٿو. آخري ڳالهہ ٻارنهن سؤ رپيا. باقي اڌ ائڊوانس ڏئي پلي سياڻي چابي وٺي وڃ. توتي اعتبار آهي.“
ڪامل سوچيو تہ وڌيڪ چوڻ اجايو هو.
”نيڪ آهي، سائين اوهان جو فيصلو اکين تي، پُلا جاءِ

ڏيکارڻ جي مهرباني ڪندؤ.“

حاجي صاحب ڊاڪٽر جو در کولي ڪامل کي مٿي وٺي ويو. جاءِ نيڪ هئي ۽ ڪامل جي ضرورتن لاءِ مناسب هئي.

”پوءِ سائين، آءٌ سياڻي ائڊوانس جي رقم ڏئي چابي وٺي ويندس،“ ڪامل حاجي صاحب کان موڪلائيندي چيو.

ڪامل جڏهن گهر اچي زينب کي اها خوشخبري ٻڌائي، ته هن کي ائين لڳو زينب جي منهن تي مڙي آيل پريشانين ۽ ڏپن جا ڪارا ڪڪر ٽڙي پکڙي ويا. زينب جي هيسيل اکين ۾ چمڪ اچي وئي. انسان اميد جي آسري ۾ به جيئو اٿي، اها ڳالهه پهريون ڀيرو ڪامل کي محسوس ٿي.

”گهر ڪيئن آهي ڀلا؟“ زينب پڇيو.

”سٺو آهي. پنهنجو گذر سفر آسانيءَ سان ٿي ويندو.“

”مسواڙ گهٽي ته ڪانهي؟“

”آهي ته گهٽي. پهرين هنن 1500 رپيا گهريا هئا، پر پوءِ نيٺ 1200 رپين تي راضي ٿي ويا. حاجي صاحب ماڻهو ڀلو آهي. ڏاڍي همدردي ڏيکاريائين. هاڻي سنڌين کي هڪ ٻئي جو احساس ٿيو آهي.“

”خدا سنڌين کي ساجهه ڏئي ته پاڻ ۾ ٻڌي ڪن، نه ته هي مئا اسان کي جيئڻ ئي ڪونه ڏيندا،“ زينب چيو.

ٻئي ڏينهن ڪامل مسواڙ جا پئسا کڻي حاجي صاحب جي گهر آيو. پنجاهه سالن جي هڪ عورت ٻاهر نڪري آئي.

”امان، حاجي صاحب گهر ۾ آهي؟“ ڪامل پڇيو.

”حاجي صاحب جي طبيعت نيڪ ڪانهي. سُتو پيو آهي. ڪم هجي ته ٻڌائي،“ عورت هن کي چتائي ڏسندي چيو.

”آءٌ ڪالهه حاجي صاحب سان مليو هوس. مٿيان ڪمرا مسواڙ تي وٺڻ لاءِ ڳالهايو هومانس. مسواڙ جا پئسا کڻي آيو آهيان. اوهان کي حاجي صاحب ٻڌايو هوندو. حاجي صاحب کي

تڪليف نہ ڏيو، ڀلي آرام ڪري. جي اوهان مون کي چابي ڏيو تہ آءٌ سياڻي سامان ڪٽي اچان. اسان کي اُتان جلدي شفٽ ٿيڻو آهي.“

”مان حاجي صاحب جي گهر واري آهيان،“ مائي ڀهريون ڀيرو پنهنجي واقفيت ڪرائي. هن مون سان ڳالهہ ڪئي آهي. اڄ صبح جو هڪڙا ٻيا گراهڪ آيا هئا. اهي 1500 رپيا مسواڙ ۽ سال جي ائڊوانس ڏيڻ لاءِ تيار آهن. پر حاجي صاحب في الحال هنن کي جواب ڏئي ڇڏيو جو تو سان وعدو ڪري وينو آهي. هاڻي تنهنجي مرضي آهي، جيڪڏهن 1500 رپيا ڏئي سگهين تہ چابي وٺي وڃ...“ مائي حاجي صاحب کان وڌيڪ پڪي هئي.

” پر اماں، حاجي صاحب تہ مون سان 1200 رپين تي ڳالهہ پڪي ڪري چڪو آهي ۽ ان کان وڌيڪ مسواڙ ڀرڻ جي مون ۾ ڀچت بہ ڪانهي،“ ڪامل نيزاري وچان چيو.

” اها تنهنجي مرضي آهي، ڪا زبردستي ڪانهي...“ هن انڪار ڪندي پير در اندر رکيو.

”منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌو. حاجي صاحب کي خبر آهي تہ آءٌ سخت مجبور آهيان. وري بہ پاڻ ۾ سنڌي آهيون، اوهان کي احساس نہ ٿيندو تہ ٻيو ڪنهن کي ٿيندو. مهرباني ڪريو....“

ڪامل ليلائيندي مائي کي اندر وڃڻ کان روڪيو.

”سنڌي آهيون تنهن ڪري اسين پاڻ کي نقصان ڏيون!“ مائي اندر گهڙي در بند ڪري ڇڏيو.

ڪامل وائڙو ٿي بند در کي تڪيندو رهيو. هن ۾ هلڻ جي سگهہ ڪانہ رهي هئي، پوءِ بہ هو پاڻ کي گهليندو اتان روانو ٿيو. هو هلندو وحدت ڪالوني لنگهي، چوڪ تي اچي ويهي رهيو. هن جون ٽنگون جواب ڏيئي بيٺيون هيون.

’اهي منهنجن ابن ڏاڏن جو شهر آهي، جتان جان بچائي ڀڄي نڪرڻ لاءِ آءٌ جاکوڙ پيو ڪريان ۽ پناهه جي لاءِ در در پيو واجهايان.‘ هن کي خيال آيو. هو اوچتو اتي بيهي رهيو. ’مون کي پنهنجي گهر وڃڻ گهرجي، زينب انتظار ڪندي هوندي ۽ پريشان هوندي.‘ هو شهر ويندڙ سوزوڪي ۾ چڙهي پيو.

ڪامل جڏهن گهر پهتو ته زينب واقعي پريشان هئي. ”ڇا ٿيو؟ ايتري دير ڇو ٿي؟“

”ڪا خاص ڳالهه ڪانهي. تون پريشان نه ٿي، خير آهي.“ هو کٽ تي ويهي بوٽ لاهڻ لڳو.

”گهر جي چابي وٺي آئين؟“

”نه. پاڻ کي ڪيڏانهن به ناهي هلڻو. پاڻ هتي ئي رهنداسين پنهنجي گهر ۾. جنهن گهر ۾ منهنجا سمورا وڏا، بابو ۽ امان مري ويا، ان گهر ۾ پاڻ مرڻ کان ڇو ٿا ڊڄون! اڄ کان ڊپ ذهن مان ڪڍي ڇڏ، ڪو الڪو نه ڪر.“ ڪامل کٽ تي ليٽي پيو ۽ سگريٽ دکائي آرام سان سوٽا هڻڻ لڳو.

# شهر ۾ سپنا

ايلفي ۽ بوري بازار جي گهٽين ۾ چڪر هڻندي هن جون ٽنگون ساٿيون ٿي پيون هيون ۽ پير سور ڪرڻ لڳا هئا. هو نار جي ڏڳي وانگر ڦري ڦري وري ساڳئي هنڌ تي پهتو. هن کي رلندي گهڻي دير ٿي وئي هئي، پر هن ڪٿي ويهڻ نٿي چاهيو. ويهڻ سان هن جي اندر ۾ آنند ماند ساموندي ڪن وانگر اپامڻ ٿي لڳي. هو ڄڻ سمنڊ جي پاتار ۾ پيهي ويو هو. هن جي حالت اجا تائين ٻڏل ماڻهوءَ جهڙي هئي. هن چاهيو ٿي ته ايترو رلي جو ساڻو ٿي هوش حواس وڃائي ڪٿي ڪري پئي. ڊرائي سبب ماڻهو هن کي اڳتي ڌڪي رهيا هئا، پر هن کي ان ڳالهه جو خيال ڪو نه هو. هن جي اڳيان عورتون آسماني مخلوق وانگر ڳاٽ اوچا ڪري پئي هليون. اڳي يونس کي ڪاوڙ لڳندي هئي ته اسين ڄڻ زمين جا خسيس ڪيڙا آهيون هنن جي اڳيان، جو اسان ڏانهن هڪ پيرو اک کڻي به ڪو نه ٿيون نهارين. پر اڄ هن کي ڪنهن مهانديءَ ۾ اهڙي مٺيا نظر ڪا نه آئي هئي جيڪا من کي ڇڪي وٺي. هن هڪ پيرو نظر وجهي منهن ڦيري ڇڏيو. سڀ اجايو هو. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هو ايلفي مان نڪري وڪٽوريا روڊ طرف مڙي ويو. هو هاڻي بيزار ٿي پيو هو، هن کي خبر هئي ته هو جنهن شيءِ کان پڇي رهيو هو تنهن کان پڇڻ جي ڪوشش اجائي هئي، ان جا چنبا هن جي هانءَ ۾ ڪتائي ڪتا پيا هئا. فٽ پاٿ تان اينڊڙ ويندڙ مني اسڪرٽ پهريل پرڏيهي ۽ ديسي ڪرسچن عورتن جي پورين، ڪير جهڙين اڇين، سانورين ٽنگن ۽ داغن سان پريل گوڏن جي ڏڪڻين کي ڏسي هن جي ذهن ۾ بچان جا اپڙڪا اٿڻ لڳا. يونس کي لڳو ته هن جي اندر ۾ جنسي ڇڪ واري شيءِ مري وئي هئي. هو چوواٿو

ٽپي هولي ٽرنٽي چرچ جي اڳيان اچي بيٺو. چرچ جي ديوار جي ٻاهران فوٽ پاٿ تي ڪاٺ جون بينچون رکيل هيون. ڪجهه ڪرسچن ۽ پارسي پوڙها شام گذارڻ جي لاءِ بينچن تي اچي ويٺا هئا. فقط هڪ پڳل بينچ خالي هئي. هو ان تي ويهي رهيو. سامهون وڏي ويڪري چوواٽي جي وچ تي ڦوهارو هو. يونس چئني طرفن کان ايندڙ لڳاتار ۽ اڻ ڪٽ ٽرئفڪ کي ڏسندو رهيو. نيون سهٽيون ڪارون ۽ انهن ۾ وينل خوشحال ماڻهو – جن کي نه ڪا ڳڻتي هئي ۽ نه خيال هو. هن پاڻ طرف ڏٺو. چئني طرفن کان ايندڙ بيپناهه ٽرئفڪ جيترو غم هو جيڪو هن جي دل کي چيڀاٽيندو گذرندو تي ويو.

هن زوريءَ پاڻ تان نظرون هٽائي سامهون ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڪارن ۾ وينل سهٽين سجيل عورتن تي ڌيان ڪپائڻ چاهيو. سنگمرمر جهڙا اجرا ۽ ٿڌا جسم، جن جي اندر فقط ڪاغذ جي نوٽن گرمي پيدا ڪئي تي. ڪاغذ جي انهن اڏامندڙ نوٽن جي پنيان هو ڪيترو ڊوڙيو هو، چو ته هن کي خبر هئي ته دنيا جي سموري سچائي، سڄو علم انهن ڪاغذن جي ٽڪرن ۾ هو. پر هن جي سڄي ڊوڙ اجائي هئي. مشڪرن واري راند هئي. هو اهڙو مشڪرو هو جو رڳو پنهنجو پاڻ تي کلي سگهيو تي. هينئر جڏهن هن پاڻ تي ٿهڪ ڏيڻ چاهيا، ته کيس روئڻ اچي ويو. هن اکيون پوري ڇڏيون. ٽريفڪ جو گوڙ هن جي مٿان چڙهندو تي آيو. هو ان گوڙ هيٺان دٻجندو ويو. هن پاڻ بہ ائين تي چاهيو. پر چاهڻ سان ڇا ٿو ٿئي. هن جيڪي ڪجهه چاهيو هو سو ڪڏهن تي نه سگهيو هو.

”ڪراچي“، هو چپن ۾ سڏڪيو. ”خوابن جو شهر....“

پٽس چيو هو: ”آخر ڪيستائين ڪراچيءَ ۾ ڌڪا کائيندو رهندين، جتي نه رهڻ لاءِ سولي جاءِ ۽ نه فضيلت وارو

ڪاڏو پيتو. ڏس تہ! هوٽلن جا الائي ڪهڙا ڪنا سنا ڪاڏا ڪائي
ڪائي سڙي ويو آهين. ڳوٺ موٽي اچ پنهنجو ٻنيءَ ٽڪر آهي.
پاڻ ولينداسين. ڇگو گذران ٿي ويندو.“

هن ڪي پيءُ جون ڳالهيون ڪل جهڙيون لڳيون.

”نہ، بابا، مون ڪي ٻهراڙي ۾ سک ئي نٿو اچي.
ڪهڙي جهنگلي زندگي آهي! آءٌ جيڪڏهن سال ڪن اتي رهان
تہ چريو ٿي پوان. نہ اٿڻ ويهڻ نہ گهمڻ ڦرڻ. ڏينهن رات ٻنيءَ
۾، پاڻيءَ جو فڪر ۽ جاهلن وارا جهڳڙا. مٿان وري تو واري
دنگئي وڏيري جو آزار. هرويرو وتي پنهنجي وڏيرائپ
ڏيکاريندو. مون کان اهي ڳالهيون سنيون ڪو نہ ٿينديون.“

پٽس اهي ڳالهيون ٻڌي تورو هٻڪيو. ”وڏيري وٽ
طاقت آهي ۽ پئسو آهي. پاڻ وٽ ڪٽي تورو ٻنيءَ جو ٽڪر
آهي تہ ڇا ٿي پيو، اصل کان وٽي وڏيري جا هاري آهيون. پر
تون پڙهيل لکيل آهين. وڏيري سان رس ۾ ملي ويندين.“

ان وڏيري جي ڪري تہ هن ڪي ڳوٺ ڇڏڻو پيو هو.
ننڍي هوندي هڪ ڀيري هو پنهنجي منهن راند ڪيڏي رهيو هو
تہ وڏيري جي پٽ نواز هرويرو ڪيس گاريون اچي ڏنيون.
يونس خار ۾ ڪيس ٻہ ٽي لڪڙ وهائي ڪڍيا. پٽس کي ترت
خبر پئجي وئي ۽ هو ڪيس وٺي شهر هليو ويو. اتي پنهنجي
ڀيڻ جي گهر ڇڏي آيو، جنهن جو مڙس رائيس مل ۾ مزوري
ڪندو هو. وڏيري يونس تي هٿ ٺارڻ ٿي چاهيا، پر هو ڪيس
هٿ نہ آيو تہ پٽس سان ڏاڍيون جنيون ڪيائين. يونس ڪيترو
وقت ڳوٺ نہ اچي سگهيو. پٽس جي مرضي هئي تہ هو شهر ۾
رهي پڙهي پئي. يونس جيئن تيئن سورن سان مئٽرڪ پاس
ڪئي - ۽ پوءِ نوڪريءَ جي لاءِ رلندي رلندي هو ڪراچيءَ
وڃي نڪتو. ڪراچي هن کي اهڙي وٽي وئي جو بيروزگاريءَ
۽ بنا اجهي هوندي بہ هو ان کي ڇڏي نہ سگهيو. گهٽي رلڻ

کان پوءِ جڏهن ڪيس ڪلارڪي ملي وئي ته پوءِ ڄڻ هو ڪراچيءَ سان لانئون لهي ويهي رهيو.

”پر بابا مون کي تو واري وڏيري جي پرواهه ڪانهي. هن ڪان به وڏا گڙينگ زميندار آفيس ۾ اسان جو سلام پريندا آهن. وڏيرو ته خير وجي کڏ ۾ پئي، اصل ۾ هاڻي آءٌ ڳوٺ ۾ گذاري ڪو نه سگهندس. ڪراچيءَ کي ڇڏي اچي هتي جهنگ ۾ رهان. آخر فائدو ڪهڙو — شهر ۾ ڪنهن جي پرواهه ڪانهي. بادشاهه ٿي پيا هلون. اتي تو وارو وڏيرو گڏجي ته ان کي ڪنگهون به ڪو نه.“

نواز ڪيترا ڀيرا هن کي ڪراچيءَ جي هوٽلن ۾ گڏيو هو. يونس اهو ڏيکاءُ ڏيندو هو ته ڄڻ هن نواز کي ڏٺو ئي ڪونهي. پر اها ڪوشش ڪندو هو ته نواز ڪيس ضرور ڏسي. ان مان هن کي خوشي ٿيندي هئي. پاڻ کي وڏيري جي برابر محسوس ڪندو هو. وڏا ٺهڪ ڏيندو هو ۽ ٻيرن کي رعب سان سڏيندو هو. هوٽل ۾ هو ٻئي هڪ جهڙا هوندا هئا. پر ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ جڏهن نواز نئين ماڊل جي ڪار ۾ چڙهي ويندو هو ته يونس کي پنهنجي سڄي خوشي ۽ فخر پاڻيءَ تي ليڪي جيان لڳندا هئا. محرومين جو احساس هن کي ڪنهن اونهي کاهيءَ ۾ ڪيرائي ڇڏيندو هو. ڪراچي هونءَ به هن کي خوشيون گهٽ، محرومين جا ڏنپ وڌيڪ ڏنا هئا. پر انهن ڏنين ۾ به ڪو اهڙو مزو هو جو انهن کي هن ڇڏڻ نٿي چاهيو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي ائين لڳندو هو ته ڪراچي اهڙي ڏٻڻ هئي جنهن ۾ هو خوشيءَ سان اندر غرق ٿيندو پئي ويو.

”يونس، توکي ٻئي ڪنهن ڳالهه جي پرواهه هجي نه هجي، پر تنهنجي هڪ جوان ڀيڻ به آهي. آءٌ هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهيان، ابا، مون ۾ ايترو ست ڪونهي جو جوان ڌيءَ جو بار کڻي سگهان. اهو بار توتي آهي.“

يونس پويان وينل پيڻ ڏانهن ڏٺو هو، جيڪا هيٺ تؤنري تي ويهي پرت پري رهي هئي. جيڪڏهن منهنجي منڙي سهڻي پيڻ نجو شهر ۾ هجي ها ته شهر واريون عورتون هن جي اڳيان جنڙيون لڳن،“ يونس سوچيو. ماءُ ته هن جي ننڍي هوندي مري وئي هئي. پيءُ ئي ٻنهي کي تاتيو نپايو هو، يونس پيڻ کي دل سان پائيندو هو. اها پيڻ ئي هئي جنهن جي سڪ ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ چڪي ويندي هئي.

”بابا، منهنجي صلاح آهي ته اهو ٻنيءَ ٽڪرو وڪڻي شهر هلي رهو. ان مان نه هوند نه شکر. جيستائين وڏيري جي خوشامد نه ڪجي تيستائين پاڻي به ڪو نه ملي، تنهن ڪان ان کي وڪڻي شهر ۾ ڪا اپري سيري جاءِ وٺي هلي رهو. نجوءَ کي مئٽرڪ پاس ڪرائي ماستري وٺائي ڏينداسين. هتي ٻهراڙيءَ ۾ چو تا سندس حياتي ڪاريو.“

پٽس ڪاوڙجي پيو. ”ٻنيون ۽ ونيون مڙس ڪو نه ڇڏيندا آهن، يونس! شهر ۾ رهي تنهنجي اک جو پاڻي مري ويو آهي. هينئر اڃي ڏاڙهيءَ ۾ جوان ڌيءَ کي وٺي هلي شهر ۾ ڌڪا کايان!“

يونس ٻنين واري ڳالهه گهڻا پيرا ٻڌي چڪو هو. اڳي ٻڌي ڪلندو هو. پر هاڻي کيس ان ڳالهه تي چڙ ايندي هئي ۽ چڙ کي دٻائي چپ تي ويندو هو.

هڪ ڏڳهو چيڪٽ تيو – يونس اکيون کولي ڏٺو. هڪ ڪار چوواٽي وٺان تيزيءَ سان مڙي هئي. پڪي چلڪندڙ روڊ تي ڪار جي ڦيٿن جا نشان نهي ويا. يونس جي دل ٻڏي وئي. اڳيان ڏيک ڏنڌلو تي ويو. هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو هو.

”او..... منهنجي منڙي سهڻي پيڻ....“ هن جي اندر مان سڏڪن جي وير اٿي ۽ سڄي وجود کي ٻوڙي وئي. هن جا ڏند

هينئين چپ ۾ پيهندا ويا. هو روئندڙ اکين سان سامهون وڏين وڏين عمارتن جي چوٽين ڏانهن ڏسڻ لڳو. نجو جو سر ڏڙ کان ڌار ٿيو پيو هو. پٽس نجوءَ کي کاري ڪري ڪهاڙي ڪٽي ٽاٽي تي وجي پيش پيو هو. هن کي ڪنهن ٻڌايو هو تہ ڊيٽس وڏيري نواز سان قتل هئي.

يونس هڪدم اتي بيهي رهيو. سڏڪا هن جي هانءُ کي نپوڙي رهيا هئا. هن کي وات ۾ رت جو ذائقو محسوس ٿيو. ڏندن چپ کي رتو رت ڪري ڇڏيو هو. ٽريفڪ جهڪي ٿي ويئي هئي. هو مئل قدمن سان چرچ جي اڳيان هلندو ايلفيءَ ڏانهن مڙيو.

هو ايلفيءَ جي ويران روڊ تي ٿڙندو ٿاٻڙندو هليو. هن کي سخت ڪمزوري پئي محسوس ٿي. اوچتو هن جي دماغ ۾ چڪر آيو ۽ هو وچ روڊ تي ڪري پيو. تيزي سان ايندڙ ڪار کي هڪدم بريڪ لڳو ۽ ڦيٿا زوردار چيڪٽ ڪري انچ جيتري فاصلي تي اچي بيهي رهيا. يونس ڇرڪي اٿي بيٺو ۽ رڙيون ڪري ڊوڙڻ لڳو، هن کي لڳو ڄڻ کي ماڻهو ڪهاڙيون ڪٽيَ ڪيس مارڻ لاءِ پويان ڊوڙي رهيا هئا.

# اِشارو

’دنيا جيئڻ جي قابل ناهي يا آءٌ دنيا جي قابل ڪونہ آهيان؟‘ ڪمال جي ذهن ۾ سوال اٿيو ۽ هو ششدر بنجي بيهي رهيو. هو لُنڊا بازار مان ٻاهر نڪري لائيٽ هائوس سئنيما جي اڳيان اچي بيٺو هو. بندر روڊ تي ٽرئفڪ جي ٻوڏ کي لائيٽ هائوس جي اڳيان سگنل جي ڳاڙهي بتيءَ ڪجهہ دير لاءِ بند بنجي روڪيو ٿي، تيستائين سامهون پاڪستان چوڪ کان ايندڙ ٽرئفڪ کي وارو مليو ٿي ۽ پوءِ سائي بتيءَ جي اشاري تي اها ٻوڏ اڳتي وڌي ويئي ٿي.

ڪمال جو هٿ پاڻيهي جاڻي ڪيسي ڏانهن کڄي ويو ۽ سندس هٿ اندر ڪيسي ۾ پيل خط کي ٻاهران محسوس ڪيو. هن جو سڄو ڌيان پيءُ ڏانهن هليو ويو. قد جو ننڍو، ٿلهو ۽ هٿ ۾ سدائين ڏنڊي. اهو ٻاهر تہ اسڪول ۾ هيڊ ماستر هو، پر گهر ۾ بہ هيڊ ماستر هو. زال ۽ ٻارن کي هر وقت چڙٻون ۽ دڙڪا ڏيندڙ، ڪڏهن ڪاوڙ ۾ اچي ٻارن کي ڏنڊيءَ سان سٽيندڙ. ڪمال پيءُ جي ان طبيعت کي سمجهي نہ سگهيو تہ اهڙو ڇو هو! هن کي پيءُ سان ڪڏهن بہ پنهنجائپ محسوس نہ ٿي. پر هن کي ڪڏهن پيءُ کان نفرت بہ محسوس نہ ٿي، رڳو ڊپ ٿيندو هو. هاڻي هن کي لڳو تہ سندس ۽ پيءُ جي وچ ۾ رڳو ڊپ جو رشتو هو. پوءِ هو جيئن وڏو ٿيندو ويو ۽ سندس پيءُ پوڙهو ٿيڻ لڳو تہ اهو ڊپ لاتعلقيءَ ۾ بدلجندو ويو. ڪمال گهر ڇڏيو، ان کي گهڻو وقت ٿي ويو هو. هاڻي هو ڪڏهن ڪڏهن گهر ويندو هو تہ پيءُ سان هڪ ٻن لفظن کان وڌيڪ ڳالهائيندو نہ هو. پيءُ اندر ڪمري ۾ ويٺل هوندو تہ ڪمال ٻاهر ورانڊي ۾ وڃي ويهندو. پيءُ ٻاهر ويٺل هوندو تہ ڪمال اندر وڃي ويهندو يا مورڳو گهر کان ٻاهر نڪري

ويندو. هو سمجهي نہ سگهيو تہ ائين ڇو ٿي ٿيو! هن کي پيءُ جي موجودگيءَ ۾ هڪ عجيب مونجهہ محسوس ٿيندي هئي. هن اهو بہ ڏٺو هو تہ پٽس کي بہ هرويرو سِڪ کانہ هئي تہ کو پُٽ سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪري. ڪجهہ دير گڏ ويهٺو بہ پوندو هئن تہ ٻئي چپ هوندا. گهر ۾ ٻي هئي ماءُ جيڪا هر وقت پٽس جي روييءَ گهر ۾ اڻ هوند جون شڪايتون پئي ڪندي هئي. ڪمال چپ چاپ ماءُ جون ڳالهيون ٻڌندو رهندو هو. هن ڪڏهن بہ ماءُ جي شڪايتن تي سنجيدگيءَ سان ڌيان ڪونہ ڏنو. پر گهٽي وقت کان پوءِ هن کي احساس ٿيو تہ ماءُ سان سندس وهنوار بلڪل اهڙو ئي هو، جهڙو سندس پيءُ جو هو. هن کي پنهنجي ماءُ تي رحم آيو، جنهن کي سندس مڙس تہ نظر انداز ڪري ڇڏيو هو، پر پٽن بہ ڌيان نہ ڏنو ۽ ان غريب عورت سڄي عمر ڪيترو لوڙيو هو!

ڪمال خط ڪيسي مان ڪڍيو ۽ بيٺي بيٺي اُن کي وري پڙهيو. هو اهو خط ٿي ڀيرا اڳ بہ پڙهي چڪو هو. پٽس لکيو هو: ”ماڻهو اولاد ڇٽيندا آهن تہ ان کي پڙهائي لکائي، پنهنجن پيرن تي بيهاري، اميد رکندا آهن تہ هو ڪين ڏکئي وقت ۾ سهارو ڏيندو. اسان تو لاءِ ڇا نہ ڪيو؟ پنهنجي غريباڻي حال سارو توکي پالي پڙهائي ايڏو سارو ڪيو، پر اسان کي خبر ڪا نہ هئي تہ تون اهڙو نالائق ثابت ٿيندين، جو پنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ پيءُ، پنهنجن ننڍين ڀينرن ۽ ڀائرن جي سار سنڀال نہ لهندين. ڇا توکي ذرو بہ احساس ڪونهي تہ اسين ڪيتري تنگدستيءَ ۾ آهيون. اسان کي ڪٽي ڇڏ، اسان تو لاءِ ڪجهہ ڪونہ ڪيو، اسين اڃي مرڻ ڪنڌيءَ تي بيٺا آهيون. اسان کان پوءِ انهن معصوم نياڻين جو ڪهڙو سهارو آهي؟ تون تہ ننڍي هوندي کان لاپرواهہ آهين. نہ ماءُ پيءُ جو خيال ۽ نہ ڀينرن جي ڇنتا. هتي تنهنجي ڇري ماءُ تنهنجي

شاديءَ جا سانباها پئي ڪري. ڇوڪريءَ وارا هاڻي تڪڙ پيا ڪن. مون وٽ تہ پيسو ڪونهي، جو شاديءَ جو خرچ پري سگهان. اهو سڀ توکي ڪرڻو آهي. هاڻي تہ سستي ۽ ڪاهلي ڇڏ. زندگيءَ ۾ ڪجهہ سنجيدو ٿي، ڪجهہ احساس ڏار، ڪجهہ ڪر. ان ڪان وڌيڪ آءٌ تو کي ڇا چوان.....“

ڪمال خط ويڙهي کيسي ۾ وڌو. هن روڊ ڪراس ڪرڻ چاهيو، پر ٽرئفڪ جو تيز وهڪرو ڏسي هو ترسيو، جيستائين ريڊ سگنل اچي. هنن کي خيال آيو تہ هو سڄي عمر منتظر رهيو تہ ڪيس ڪٿان ڪو گرين سگنل ملندو، ڪو اشارو ملندو ۽ هو بہ دنيا سان گڏ اڳتي وڌندو. پنهنجن مسئلن جي ڏٻڻ مان، پنهنجن ڪامپليڪس جي گهيرن مان ٻاهر نڪرندو.

’ايتري ساري زندگي گذري ويئي، پر مون کي ڪٿان بہ ڪو گرين سگنل نہ مليو اڳتي وڌڻ لاءِ. گرين سگنل هميشہ ٻين جي لاءِ هوندو آهي. ٻيا اڳتي وڌي ويندا آهن ۽ جڏهن منهنجو وارو ايندو آهي تہ ريڊ سگنل روشن ٿي ويندو آهي. وقت ڪيترو اڳتي وڌي ويو آهي ۽ آءٌ پوئتي ڌڪجندو وڃان. موجوده وقت ۾ اڻ ٺهڪندڙ. صفا Misfit.‘

ڪمال کي ڪراچيءَ جي جنهن آفيس ۾ نوڪري ملي هئي، تنهن ۾ هن پاڻ کي اڃا تائين نہ ٺهڪايو هو. ڪراچيءَ جا ماڻهو ڳالهائڻ جا، ڪم ڪرڻ ۾ هلڻ جا تيز. هڪڙي هنڌان اٿي ٻئي هنڌ ائين تيز ويندا، ڄڻ ڪا ايمرجنسي هجي ۽ موٽندي بہ ايترو ئي تيز ايندا، پوءِ پلي پنهنجي ٽيبل ٽي ويهڻ ڪان پوءِ ڪو ڪم نہ هجين. ڪمال جو آفيسر مسٽر نظامي ٻاهران ائين تيز تيز ايندو هو، جو ساهہ بہ ڪرسيءَ تي ويهي ڪڍندو هو. اهو مسٽر نظامي ڪمال کي سُست ڪري سڏيندو هو:

”ڪراچيءَ جهڙي تيز شهر ۾ ائين مئل قدمن سان

هلندين تہ پوئتي رهجي ويندين، ۽ ٻيا سڀ توکان اڳتي نڪري ويندا...“

پر ڪمال پنهنجي گهران جيڪي مئل قدم کڻي نڪتو هو، سي ڪراچيءَ ۾ بہ اهڙائي رهيا.

’چو؟ آءٌ ٻين جهڙو نٿو ٿي سگهان!‘ هن پاڻ کان پڇيو.

’آءٌ ٻين جهڙو تيز ۽ چالاڪ ڪونہ آهيان.... هلڻ ۾ سُست..... ڳالهائڻ اُچي ڪونہ.....‘

”تون ماڻهن سان گڏ رهيو آهين يا جهنگلي جانورن سان گڏ؟“

اُها ڪرسٽائن هئي، جنهن ڪائنس پڇيو هو. ڪاري هجڻ جي حد تائين سانوري، مسٽر نظامي جي اسٽينو. ڪمال ڊسپيچ ڪلرڪ هو، ان ڪري ٻنهي جو هڪ ٻئي سان واسطو هو. پر ڪمال ڪوشش ڪئي تہ سندس واسطو گهٽ پوي. ڪرسٽائن جو واسطو ڪجهہ زيادہ ئي هو.

”تنهنجي لاءِ تہ آءٌ جهنگ مان پڪڙجي آيل هڪ جانور ئي آهيان، اوهان جهڙن شهري ماڻهن جي وندر جو وسيلو.“

”او نو..... تون تہ چڙي بہ جلدي ٿو پئين. منهنجو مطلب اهو ڪونہ هو. تون دنيا ۾ ڪجهہ سک. Taboos ۽ Complexes مان ٻاهر نڪر. نہ تہ هيءَ دنيا تو کي لتاڙي پوئتي ڇڏي ويندي.“ ۽ ڪرسٽائين پاڻ ئي اڳتي وڌي هن ڏانهن آئي هئي. ڪمال تہ پنهنجي ليکي گهڻي ڪوشش ڪئي هئي تہ ڪرسٽائن کان فاصلو رکي. هوءَ جيڪڏهن خوبصورت ڪانہ هئي، تہ وٽندڙ ضرور هئي. صحتمند ۽ نيڪ ناڪ. پرٽيل هئي ۽ هڪ ٻار جي ماءُ پڻ هئي. پر ڏسڻ ۾ اجا ڇوڪري ٿي لڳي. شروع شروع ۾ ڪمال هن سان ڳالهائيندي ڊڄندو هو. اول اول ڪرسٽائن ئي هن سان فري ٿي هئي ۽ هن کي ڇڪي پنهنجي ويجهو آندو هئائين.

”تون هر ڳالهہ ۾ سُست آهين، سواءِ هڪڙيءَ ڳالهہ جي...“

”شڪر، ڪنهن تہ ڳالهہ ۾ تيز آهيان! ڪهڙي آهي اها؟“

”تون اچين تڪڙو ٿو.“

ڪرسٽائن ٿهڪ ڏنو هو. ڪمال به هن سان گڏ کليو، پر جلدي گنڀير ٿي ويو. هو پريشان ٿي پيو هو.

”هاڻي وري ڇا پيو سوچين؟“

”ڪجهه نه.“

”ائين ته آءٌ توکي سڃاڻان ٿي. سواءِ سوچڻ جي ٻيو توکي اچي ڇا ٿو! نهيو. ٻڌاءِ، ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”اهو ئي تڪڙي اچڻ تي پيو سوچيان.“

”يوُ اسٽوپڊ! اها به ڪا سوچڻ جي ڳالهه آهي. مون ته مذاق ۾ چيو. اِهو ته نيچرل آهي تو جهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ. جڏهن ڪو Excited گهڻو هوندو آهي نه، ته جلدي اچي ويندو آهي. تون پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندين. ان تي گهڻو سوچيندين ته سڄو معاملو گڙٻڙ ٿي ويندو. پر مون کي تنهنجو جلدي اچڻ به وڻي ٿو. تون ڪجهه به نه سوچ ان بابت.“

ڪرسٽائن هن کي زور سان ڀاڪر پائي هڪ ڊگهي ڪِس ڪئي هئي.

بندر روڊ تي تيز ٽرئفڪ سان گڏ هن جون نظرون به ڊوڙنديون ويون. ايتري ساري وڏي دنيا ۾ هڪڙي ڪرسٽائن هئي، جنهن مان هن کي پنهنجائپ ملي هئي، جيڪا هن جي وجود جي اونداهي غار اندر گهڙي آئي هئي ۽ اتان ڄارا صاف ڪيا هئائين. ڪيس ماڻهو بنايو هو ته ڪرسٽائن.

”تو مون کي جهنگلي جانور مان پالتو جانور بنائي ڇڏيو آهي.“

”بيوقوف آهين تون. پالتو جانورن جي ڳچيءَ ۾ ته پٽو هوندو آهي.“

”اهو پٽو تون آهين.“

”نه تون پالتو جانور آهين ۽ نه آءٌ تنهنجي ڳلي ۾ پيل

پئو. اونڌيون ڳالهيون نہ سوچيندو ڪر. ماڻهو هميشہ سنيون ڳالهيون سوچي. تون ماڻهو آهين، ٻين ماڻهن وانگر عام ماڻهو... آئيندي ڪڏهن ڪا اونڌي اُبتي ڳالهہ متان سوچين.“

ڪمال سوچيو، ’پر جنهن ماڻهوءَ جي شخصيت ئي اونڌي هجي، اهو اونڌيون اُبتيون ڳالهيون نہ سوچيندو تہ ٻيو ڇا ڪندو. آءٌ ڪيتري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود پاڻ کي دنيا سان ٺهڪائي نہ سگهيو آهيان. هر هنڌ، هر ڪنهن سان، هر ڳالهہ ۾ Misfit.....‘ هن جون نظرون آسپاس ۾ روڊ جي ٻئي طرف وارن دڪانن، شين، ماڻهن ۾ گاڏين تان ڦرنديون سگنل تي اچي ڄمي ويون ٿي- ڄڻ ڪيس انتظار هجي تہ هن کي ڪڏهن اشارو ملندو اتان هلڻ جو. ان اشاري جي انتظار ۾ سڄي زندگي گذري وئي ۽ هن زندگيءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. نہ پنهنجي لاءِ، نہ ٻين جي لاءِ.

ماڻهو ڏسندا اهو آهن تہ هن ٻين جي لاءِ ڇا ڪيو آهي!

’مون تہ ڪنهن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. نہ پنهنجي گهر وارن جي لاءِ، نہ ڪرسٽائن جي لاءِ.....‘

اها ڪرسٽائن هئي، جنهن هن جي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪيو، پر هو ڪرسٽائن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو هو. اها ڳالهہ چيت بنجي هن جي ذهن ۾ چڀي رهي هئي. هن کي لڳو تہ هو هيٺ ڪري پيو هو. گهڻو گهڻو هيٺ، جتان نڪرڻ جي لاءِ ڪو حيلو وسيلو ڪونہ هو.

”تون شروع کان اهڙو بيحس آهين يا هاڻي ٿيو آهين؟“

ڪرسٽائن پڇيو هو هن کان، ۽ هن سوچيو هو تہ ڇا هو اندر بہ ايترو ئي بيحس آهي، جيترو ٻاهران لڳي ٿو! جيڪڏهن سچي بہ هو ايترو بيحس هو، جيڪو هن ڪڏهن پاڻ کي نہ سمجهيو هو، تہ ان بيحسيءَ جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟

”مون تہ هميشہ ائين پئي سمجهيو آهي تہ آءٌ حد کان

وڏيڪ حساس آهيان. معمولي ڳالهہ بہ مون تي وڏو اثر ڪندي آهي ۽ ذهن ۾ چنبڙي پوندي آهي.“

”ها، تون حساس تہ آهين، پر رڳو پنهنجي لاءِ، پنهنجي ذات جي حد تائين. ٻئي ڪنهن کي ڪا تڪليف آهي، ڪو مسئلو آهي، ان جو احساس توکي ڪٿي ٿيندو آهي! جيستائين ٻئي جي جذبات جو واسطو آهي تہ تنهنجو حساس پڻو ڪيڏانهن گم ٿيو وڃي؟“

ڪمال کي لڳو: لائيٽ هائوس جي سامهون گذرندڙ سموري ٽرئفڪ هن جي مٿان چڙهندي پئي آئي. هن جي سيني اندر ڪا شيءِ مروٽجي رهي هئي. ڪمال ڇاتيءَ تي هٿ رکيو ۽ ڏکي ساهہ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. اوچتو ريڊ سگنل سبب سموري ٽرئفڪ بيهجي وئي. سگنل جي ڳاڙهي بتي ڪمال جي اکين ۾ نچڻ لڳي. هن کي ڊپ لڳو تہ چڪرائجي فوٽ پاٿ تي نہ ڪري پوي. هن سيني کي زور سان دٻايو ۽ گهڙي کن جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون.

هن پاڻ کي چيو: تون اهو شخص آهين جنهن ڪڏهن بہ ڪنهن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو. ڪجهہ ڪرڻ تہ پري رهيو، تو ڪڏهن ڪنهن جي لاءِ سوچيو بہ ڪونہ. ڪو اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو تو مان مطمئن هجي! تو هميشہ ٻين ۾ اميدون رکيون تہ اهي تنهنجو خيال ڪن، تو لاءِ ڪجهہ ڪن...... تنهنجي جيئڻ جو ڪارڻ بڻجن، پر تو انهن جي لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ لعنت آهي توتي- تنهنجي جيئڻ تي......

ٽرئفڪ جي گوڙ تي هن اکيون کوليون ۽ سگنل جي بتيءَ ڏانهن ڏٺو. سائي روشني. هن جي اکين ۾ تڏاڻ ٻنجي آئي. هن پاڻ کان پڇيو، ’مون کي ڪڏهن زندگيءَ ۾ گرين سگنل ملندو؟ سڄي حياتي آسرو رهيو، پر منهنجي اڳيان سڀئي رستا بند رهيا آهن، سڀئي دروازا بند رهيا آهن. جڏهن

ڪو رستو نہ ملي، ڪو دروازو ڪليل نہ هجي تہ ماڻهو ڪيڏانهن وڃي؟' تڏهن هن کي ڪرسٽائن جي چيل ڳالهہ ياد آئي: "منهنجي گهر جو دروازو تو لاءِ هميشہ کليل رهندو،" پر اهو دروازو بہ بند ٿي ويو هو هن لاءِ.

"منهنجو مڙس ٻن سالن کان آمريڪا ۾ آهي. اڃا هن جي اچڻ جو ڪو پروگرام ناهي. پنيان آءٌ ٻار جي ماءُ بڻجي وڃان تہ ماڻهو ڇا چوندا؟ منهنجو مڙس ڇا چوندو؟ تون اهو سمجهين ٿو نٿو!"

"تون طلاق وٺ، آءٌ توسان اڄ ئي شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"اوهہ ڪمال! اها ڳالهہ ايتري سولي ڪانهي. طلاق وٺڻ جي لاءِ ڪو سبب هجڻ کپي. آءٌ الڳ ٿيڻ چاهيان ٿي، آءٌ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان پيار ڪريان ٿي ۽ هن جي ٻار جي ماءُ بڻجڻ واري آهيان...... اهو ڪو سبب ناهي. ٻي ڳالهہ تہ طلاق ايترو جلدي ملندي بہ ڪانہ. تيستائين تہ ٻار بہ ڄمي پوندو. نہ، مون ۾ ايترو حوصلو ناهي جو آءٌ پنهنجن پراون کي منهن ڏئي سگهان."

"پوءِ تون ڇا ٿي چاهين؟ ايبارشن!"

"ٻيو ڪو چارو ناهي."

"ها ٻيو ڪو چارو نہ هو،" ڪمال جي واتان نڪري ويو. پاسي مان لنگهندڙ ماڻهوءَ هن ڏانهن ڏٺو ۽ هليو ويو.

پر اهو سڀ هن کي نہ وڻيو هو. بيوسي اها هئي تہ هو ڪجهہ ڪري بہ نٿي سگهيو. نہ ڪرسٽائن جي لاءِ ۽ نہ وري پنهنجي ٿيندڙ ٻار جي لاءِ. ڪرسٽائن موڪل وٺي هلي وئي. هاڻي صرف فون تي حال احوال معلوم ٿي سگهيو ٿي. هڪ ڏينهن ڪرسٽائن هن کي ٻڌايو تہ جيڪي عورتون ايبارشن ڪرائڻ ۾ ماهر آهن ۽ بنا تڪليف جي جلدي سڄو ڪم ڪريو

ڇڏين، سي پيسا گهٽا ٿيون وڃن. ڪرسٽائن وٽ ايترا پيسا ڪونہ هئا، ان ڪري هن کي اهڙي دائيءَ جي تلاش هئي، جنهن کي هوءَ افورڊ ڪري پئي سگهي.

”ان ۾ ڪو خطرو تہ ناهي؟“

”ها، رِسڪ تہ آهي. هڪ ڏينهن ڪان وڌيڪ بہ لڳي ويندا آهن ۽ جيستائين ڪجهہ ٿئي، تيستائين روز روز جهنم جي عذاب مان گذرڻو پوندو.“

”پوءِ اُهو ڪم ڪنهن چڱي هنڌان ڇونہ ڪرائجي. جيستائين پيسن جو معاملو آهي تہ ڪٿان اوڌر سوڌر ڪري وٺنداسين. پوءِ جڏهن تو وٽ ٿين تہ ڏجانءِ!“

”نہ، اهڙي ضرورت ڪانهي. مون وٽ ڪجهہ پئسا آهن.“

موڪل ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ڪرسٽائن جڏهن آفيس ۾ آئي تہ ڪمال ڏٺو تہ هوءَ ڏانهس نهارڻ ڪان ڪنائي رهي هئي. ڪمال کي لڳو تہ هوءَ ڪوشش ڪري ڪانئس پري پري پئي ٿي. ڪمال گهڻو سوچيو، پر ڪيس ڪرسٽائن جي ان رويي جي لاءِ ڪو ڪارڻ نہ سجهيو.

” ڇا ڳالهہ آهي. ڪرسٽائن! تون ناراض آهين؟“

”پاڻ کان پڇ!“

”پاڻ کان تہ گهڻو پڇيو اٿم، پر ڪو سبب سمجهہ ۾ نٿو اچي.“

”اهڙو يار تہ ڪونہ آهين.“

”سچي بہ...ٻڌاءِ ڪٽي، ڇا ڳالهہ آهي؟ مون کان ڪا غلطي ٿي؟“

”تو کي ڪڏهن پنهنجي فرض ۽ ذميداريءَ جو احساس ٿيو آهي؟“

”مون سمجهيو ڪونه!“

”ها، تون ڇو سمجهندين! توکي ضرورت ڪهڙي آهي....“

”پر تون صاف صاف ڇو نٿي ٻڌائين؟“

”منهنجو ڪو حق ناهي توتي؟ مون ايتري تڪليف سهي ايبارشن ڪرايو. تو ڇا ڪيو منهنجي لاءِ؟“

”مون نه توکي چيو هو نه ڪنهن چڱي هنڌان ڪراءِ. پيسن جو بندوبست آءٌ پاڻهي ڪندس.“

”جي نه. تو چيو هو نه ڪتان اُڌارا وٺنداسين ۽ جڏهن مون وٽ ٿين نه واپس ڪريان. اُڌارا پيسا آءٌ نٿي وٺي سگهيس ڇا ڪتان؟“

”مون سوچيو نه جيڪڏهن آءٌ چوندس نه تنهنجي ابارشن لاءِ پيسا آءٌ ڏيندس نه توکي خراب لڳندو. مون کي خبر آهي نه تون خوددار آهين، ان ڪري ڊپ لڳو نه تون ڪاوڙجي نه پئين....“

”توکي اصل ۾ پنهنجي خودداريءَ جو احساس هو نه ڪٿي آءٌ انڪار نه ڪري ڇڏيان. توکي رڳو پنهنجو احساس هوندو آهي، ٻين جو تو کي ذرو به احساس ڪونه ٿيندو آهي. مون تو جهڙو بيحس ماڻهو ڪونه ڏٺو. مون کي نفرت آهي، اهڙن ماڻهن کان.....“

ڪمال سوچيو نه ڪيترو وقت ٿي ويو هو ڪيس اتي ئي بيٺي بيٺي. هن کي خيال آيو نه وقت گهڻو اڳتي وڌي ويو هو ۽ هن جي ڪرڻ لاءِ هاڻي ڪجهه به نه هو. هو ڪنهن جي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي لائق نه هو. هاڻي سندس جيئڻ جو ڪو ڪارڻ نه رهيو هو. رڳو جيئڻ خاطر جيئڻ، ٻين کان لاتعلق ۽ بيحس بنجي جيئڻ بيسود هو. هن ڪيسي ۾ پيل خط کي هٿ سان ڇُهيو ۽ چيو،’منهنجو هئڻ ٻين لاءِ تڪليفن جو ڪارڻ آهي. آءٌ

آهيان تہ ٻين جون مون ۾ ڪوڙيون اميدون ۽ آسرا آهن. مون پنهنجي گهر وارن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو. پر جن کي خبر ناهي انهن هميشہ ڏک ڪاڏا آهن منهنجي هٿان ۽ پوءِ چاتو آهي تہ منهنجو وجود هڪ فراڊ آهي. دوکو آهي. اهو ڇا ائين ئي هلندو رهندو؟ ڪيستائين! ڪيستائين!....."

هن جون نظرون ٽرئفڪ سگنل ڏانهن ويون. ڳاڙهي لائيٽ بند ٿي وئي ۽ پيلي لائيٽ روشن ٿي. ڪمال جي ذهن ۾ وڄ چمڪي وئي. هن کي لڳو تہ پيلي لائيٽ ڪيس اشارو ڏنو هو تيار ٿيڻ جو. هو خوش ٿي ويو. 'مون کي اشارو ملي ويو... اشارو ملي ويو....' هن جي ذهن ۾ اهو جملو ڦاٽل سئيءَ واري رڪارڊ وانگر وڄڻ لڳو. سائي لائيٽ جي روشن ٿيڻ سان ٽرئفڪ چالو ٿي وئي هئي- ۽ ان سان گڏ ڪمال جو پير بہ اڳتي-روڊ طرف کڄي ويو.

# مئل ويساھ

اسپتال جي اڳيان پڪڙيل ويڪري لان تي ڪيترائي ماڻھو وينا ھئا. مريضن جا مٺ مائٽ عورتون ۽ مرد، انھن سان گڏ آيل ٻار ۽ ڪجھ مريض پڻ جيڪي گھمڻ ڦرڻ جھڙا ھئا ۽ تازي ھوا کائڻ لاءِ ٻاھر نڪتا ھئا. شام اچي لٿي ھئي. ڇپر جو رنگ وڏيڪ گھاٽو ٿي ويو ھو. لان جي چوڌاري رنگا رنگ گل ھلڪي ھلڪي ھوا تي لڏي رھيا ھئا. الياس گلن کي ۽ ٻارن کي خالي نظرن سان ڏسي رھيو ھو. ھن جو ذھن پروين ڏانھن ھو جيڪا جنرل وارڊ جي ھڪ بستري تي مرٽينگ حالت ۾ پئي ھئي. الياس کي لڳو تہ ھو آھستي آھستي تباھي طرف وڌي رھيو ھو — يا تباھي ھن طرف وڌي رھي ھئي! جيڪڏھن ..... جيڪڏھن ..... اوچتو ھڪ ٻار ڊوڙندي ڊوڙندي منھن ڀر وچي ڪريو. الياس ڇرڪي اٿي بيٺو ۽ ٻار کي ڪڍڻ لاءِ وڌيو، پر ٽيسٽائين ٻار جي ماءُ لُوھ پائي ٻار کي ڪٽي ورتو. الياس ويھي رھيو. ”ٻارن کي گلن جھڙا ڇو ٿو سڏيو وڃي؟“ ھن پاڻ کان پڇيو. شايد ان ڪري جو گل ڪجھ وقت لاءِ تازه رھندا آھن ۽ جڏھن وڏا ٿيندا آھن تہ منجھن نہ خوشي رھندي آھي ۽ نہ بي پرواھي. الياس کي پنھنجا ٻار ياد آيا. ھن کي لڳو تہ سندس ٻار وقت کان اڳ وڏا ٿي ويا ھئا. ھنن کي ھر ڳالھ تي ھيسايو ٿي ويو، ھر شيءِ لاءِ سڪايو ٿي ويو ”.....۽ آءٌ تہ ڪڏھن ٻار ئي ڪونہ ھوس. مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ مون ڪڏھن ٻاراڻو انگل ڪيو ھجي!“

ھن پاڻ بہ تہ سڄي حياتي سڪندي گذاري ھئي، پر ھن چاھيو ھو تہ سندس ٻار ٻار ئي رھن ۽ سندن ضرورتون اڻپوريون نہ رھن.

”تي سگھي ٿو تہ بابا بہ منھنجي لاءِ ائين چاھيو ھجي!

هرڪو مائٽ ائين چاهيندو آهي ۽ پنهنجي سچي زندگي، پنهنجون سموريون خوشيون اولاد کي ڏيڻ چاهيندو آهي، پر تئي چا ٿو؟ هن جي زندگي گهاٽي ۾ پيڙجيو وڃي ۽ خوشيون هن وٽ ئي ڪونهن تہ اولاد کي چا ڏيندو؟ اها سڀ ٺڳي آهي. هو چاٽي ٿو تہ وٽس پنهنجي اولاد جي لاءِ نہ ڪا خوشي آهي ۽ نہ سک آهي. اصل ۾ هن وٽ جيڪي ڏک ۽ تڪليفون آهن تنهن ۾ پنهنجي اولاد کي ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ ٿو چاهي ”۽ اسان جهڙن ماڻهن کي اولاد ڪپي ئي ان لاءِ.....“

هن لان تي ڊوڙندڙ ڪيڏندڙ ٻارن ڏانهن ڏنو.”جيڪڏهن ڪو مائٽ پنهنجي اولاد کي خوشيون ۽ سک نہ ٿو ڏئي سگهي تہ هن کي اولاد پيدا ڪرڻ جو ڪو حق نہ هئڻ ڪپي. اهو ظلم آهي، ان کي روڪڻ ڪپي.“ هن کي محسوس ٿيو تہ اها ڳالهہ هو پنهنجو پاڻ کي چئي رهيو هو. ”پهرين تہ مون پنهنجن ٻارن تي جيڪو ظلم ڪيو آهي، مون کي ان جي سزا ملڻ ڪپي، پر مون کي تہ اڳي ئي ان جي سزا ملي رهي آهي. جيڪڏهن ...... پروين نٿي بچي ..... اوهہ منهنجا خدا! پوءِ؟ ننڍڙن ٻارن جو چا ٿيندو؟ هنن کي ڪير سنڀاليندو؟ نہ نہ، آءٌ هنن کي سورن ۽ تڪليفن ۾ ڏسي نہ سگهندس.“ هن کي لڳو تہ هو تباهي جي ڪناري تي بيٺو هو. هو گهٻرائجي اٿي بيٺو ۽ هلڻ لڳو. هن جو رخ جنرل وارڊ طرف هو. ڊاڪٽرن هن کي ٻڌايو هو تہ پروين جي بچڻ جو آسرو گهٽ آهي. الياس هلندي هلندي بيهي رهيو. ”پر آءٌ وڃان چو پيو؟ اڃا هاڻي تہ پروين وٽان اٿي آيو آهيان، وري يڪدم ...... مون ڪجهہ دير مريضن جي ڪنجهڻ ۽ دوائن جي بوءِ ڪان پري رهي، ٻاهر کلي هوا ۾ ساهہ کڻڻ ٿي چاهيو ۽ وري موٽي وڃان.اٿي!“ هو لان تي اچي ويهي رهيو.

ايترا ڏينهن هو اسپتال ۾ رهي پاڻ کي مريض

محسوس ڪرڻ لڳو هو. هن کي ياد آيو ته ڪيس سياڻي دوائن لاءِ پيسا کپن. هن وٽ ايترا پيسا ڪو نه هئا ۽ ڪو اهڙو ماڻهو به نٿي سجهيو جنهن کان قرض وٺي. قرض هن جيڪو ورتو هو سو به اجا واپس نه ڪري سگهيو هو. اهڙو ڪير هو جيڪو قرض مٿان قرض ڏيندو رهي. جن دوستن کي ڊپ هو ته الياس کانئن قرض وٺندو تن ساڻس ملڻ ئي ڇڏي ڏنو هو ۽ جن کان هن قرض ورتو هو، اهي به ان ڪري ساڻس ملڻ کان نٽائي ٿي ويا ته ڪٿي هو وڌيڪ قرض نه گهري.

”پروين جي بيماري ڪيتري اينگهجي پيئي آهي! هن جي بيماريءَ جي پٺيان سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. گذر ڪيئن ٿي سگهندو ..... پروين کي َمرڻو ئي آهي ته پوءِ هيءَ دير ......“هن يڪدم پاڻ کي روڪي ورتو.”آءٌ الائي ڇا ڇا پيو سوچيان. پروين کان سواءِ منهنجو گهر رلي ويندو. آخر ٻچاڙي ڪٿي ٿيندي؟ انت ڪٿي آهي، يا خدا! انت ڪٿي آهي؟“ هن جي دل ۾ آيو ته هٿن ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري روئي. هن پنهنجي هٿن کي ڏٺو. سڪل هٿ ۽ هڏايون آڱريون، ڄڻ ڪنهن مردي جا هٿ هئا. هٿ جون تريون ڪاٺ وانگر سخت هيون، ماس ته هو ئي ڪو نه. هٿن جي پوين وڏيون نيريون نسون اڀريل هيون.

”اهي هٿ منهنجا آهن؟“ هن کي ان ڳالهه جو احساس پهريون ڀيرو ٿيو هو. ”منهنجا هٿ اهڙا ته نه هئا....“ هن کي اعتبار نٿي آيو. ”مون سان اهو سڀ ڇو ٿيو؟ ڪجهه ٻيو نٿي ٿي سگهيو؟ جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها ته دنيا کي ڪهڙو نقصان پهچي ها. پر جي مون کي ئي ڏک ۽ عذاب سهڻا هئا ته منهنجن ٻارن ڪهڙو ڏوهه ڪيو. مون کي مليل سزا اهي مون سان گڏ ڇو ڀوڳين؟ ها، انهن کي به مون سان گڏ اهي دک ۽ تڪليفون سهڻيون آهن، جيستائين هو ان لائق ٿين ته پنهنجي قسمت کي منهنجي قسمت کانءُ ڇني ڌار ڪن. پر جيڪڏهن

منهنجن ٻارن کي منهنجا ڏک ۽ سور ورثي ۾ مليا تہ....“ هو ڊڄي ويو.

پروين هن کي چيو هو، ”اسين کهڙا نہ بدنصيب مائٽ آهيون جو پنهنجي اولاد جو معمولي انگل بہ پورو نٿا ڪري سگهون.“ تڏهن هن ڪيس جواب ڏنو هو، ”رڳا اسين ڪو نہ آهيون، اسان جهڙا ٻيا بہ گهڻا آهن. گهڻا آهن ئي اسان جهڙا. اهڙا ماڻهو تہ ٿورا آهن جن جا ٻار ڪڏهن ڪنهن شيءِ لاءِ نہ سڪندا هجن.“ پروين هن ڏانهن عجب مان ڏٺو هو. ڪيس الياس جي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي هئي، يا هن کي ڪاوڙ لڳي هئي تہ الياس سندس ڳالهہ کي وزن ئي ڪو نہ ڏنو. الياس سوچيو هو تہ هاڻي هوءَ اهو ئي سمجهندي تہ هن کي پنهنجن ٻارن جو ڪو خيال ڪونهي. ”هر ماءُ ائين سمجهندي آهي. منهنجي ماءُ بہ بابا کي هميشہ ائين چوندي هئي تہ توکي ٻارن جي ڪابہ ڳڻتي ڪانهي، ڪو فڪر ئي ڪونهي — جڻ تہ جيڪڏهن بابا چاهي ها تہ سڀ مصيبتون ختم ٿي وڃن ها ۽ اسين سُکيا ٿي وڃون ها؟ الياس کي عجب لڳو تہ جڏهن هو ٻار هو ۽ تڏهن پاڻ بہ پنهنجي پيءُ لاءِ ائين سمجهندو هو. اسڪول ۾ ڪتاب يا ڪاپي نہ هئڻ تي، في نہ ڏئي سگهڻ تي ماستر ماريندو هو، يا هو ڪا شيءِ وٺڻ چاهيندو هو پر وٺي نہ سگهندو هو تہ پنهنجي پيءُ ڪان ڪري سمجهندو هو.

اوچتو هن کي خيال آيو تہ ڪٿي سندس ٻار بہ ائين تہ ڪو نہ سمجهندا هوندا؟ هن کي ياد آيو تہ جڏهن بہ ٻارن جي ڪا فرمائش پوري نہ ڪري سگهندو هو تہ ٻار ڪيس ائين ڏسندا هئا جڻ هو جاڻي واڻي اها شيءِ نٿو وٺي ڏي. جيڪڏهن چاهي تہ وٺي سگهي ٿو. هو ٻارن کي ڪيترو بہ چوندو هو تہ بابا پاڻ غريب آهيون، پاڻ ۾ ان شيءِ وٺڻ جي پڄت ڪانهي، پر ٻارن کي اعتبار ڪو نہ ايندو هو.

”پنهنجن ٻارن جي نظرن ۾ آءٌ ڪوڙو ۽ ڪنجوس آهيان.... پروين سمجهي ٿي ته مون کي ٻارن جو خيال ڪونهي، آءٌ هنن جي لاءِ ڪجهه نٿو ڪريان. ٻار سمجهن ٿا ته آءٌ پڪائي ٿو ڪريان.....“ هن جو هانءُ ٻڏڻ لڳو، دل ۾ آيس ته ڇپر تي ليٽي پئي، پر هو ويٺو رهيو جيئن هن ۾ چرڻ پرڻ جي سگهه نه رهي هجي. هو ٻاهران جيترو ئي خاموش ۽ پٿر ٻڻيو ويٺو هو اوترو ئي اندر ڳري پري رهيو هو. هن جي ذهن ۾ اڻتڌڙ سوچ جون ويرون هڪ هنڌ بيهي جمي ويون. هن کي محسوس ٿيو ته سندس پيشانيءَ جون نسون چڪجي سور وچان ڦاٽي رهيون هيون. هن کي اتي ويني ڳچ دير ٿي وئي هئي. ”پروين کي ايترو وقت اڪيلو ڇڏڻ نيڪ ناهي. هينئر پروين وٺان ٿي گهر ويندس ۽ پروين جي ماءُ کي اسپتال موڪليندس. ٻارن کي به وڃي ڪو دلاسو ڏيان.“ هو ترڪيءَ جي زور تي اٿي بيٺو ۽ آهستي هلڻ لڳو.

جنرل وارڊ جي وڏي ويڪري هال ۾ بلب ٻري چڪا هئا. جهڪي زرد روشنيءَ ۾ پروين جي منهن جي پيلاڻ ٿهائين وڌي وئي هئي. هن جون اکيون ٻوٽيل هيون. الياس پلنگ جي پاسي ۾ بيهي هن کي ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيو. هوءَ هڏن جو پڃرو ٿي رهجي وئي هئي. گوشت جهڙي ڪا شيءِ هن جي جسم تي هئي ڪانه.

پروين اکيون کولي هن طرف ڏٺو. هن شايد پنهنجي پاسي ۾ الياس جو اچي بيهڻ محسوس ڪري ورتو هو.

”تون ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟“ پروين شڪايتي لهجي ۾ هن کان پڇيو.

”ڇو، آءٌ ته اتي ئي هوس،“ الياس کي هن جو سوال عجيب لڳو.

”نرس به الاجي ڪيڏانهن وئي آهي، اڄ سان مران ٿي.“

الياس پاڻيءَ جو گلاس پري آيو ۽ پروين کي ڪنڌ جي پويان ٻانهن ڏئي اٿاريائينس. پروين پاڻيءَ جا ٻه ٽي ڍڪ پريا ۽ گلاس موٽائي ڏنائين.
"بس، اڄ ايتري ۽ نلهي گهوڙا گهوڙا. هن جي مرضي اها آهي ته آءٌ سڄو ڏينهن ونس ٻڌو وينو هجان...." هن چڙ وچان سوچيو.
"اڄ شام جو ٻار به ڪو نه آيا. جيسين جيئري آهيان تيسين ته انهن کي ڏسي اکيون ٺاريان." پروين پاڻ سان ڳالهائيندي چپ ٿي وئي. الياس سمجهي ويو ته اها ڳالهه ڪيس ٻڌائڻ جي لاءِ ڪئي هئائين.
"آءٌ اڪيلو ڇٽو ڇا ڇا ڪريان! آفيس وڃان، اسپتال وڃان ۽ روز روز ٻارن کي به وٺي اچان ..... آخر ڪٿي پڄان!" هن کي محسوس ٿيو ته سندس آواز ۾ بيزاري ۽ چڙ هئي.
"هاڻي ته خدا ڪٿي پنهنجو ڪري. هن حال ۾ ته هرڪو ڪک ٿيو پوي...." پروين اڃا به ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر هن جو آواز گهٽجي ويو.
"تون هرويرو اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي سوچين؟ ڪک ڪير ٿيو آهي!" هن پروين کي تسلي ڏني، پر هن کي اهو سڀ اجايو لڳو - ۽ هن جي آواز ۾ به ته تسليءَ واري ڳالهه ڪا نه هئي. هن کي حيرت لڳي ته ڪيس اهو اوچتو ڇا ٿي ويو هو!
"بدنصيب عورت! مون هن کي ڪڏهن به پيار نه ڏنو. مون هن کي هميشه پنهنجي ڳلي جو ڳٽر سمجهيو. پنهنجن سمورين مصيبتن جو ڪارڻ سمجهيو. آءٌ اهو ئي سمجهندو رهيس ته جيڪڏهن هوءَ منهنجي ڳلي نه پئي ها ته جند ڇٽي پئي هجي ها."
الياس جي دل ۾ پروين جي لاءِ همدرديءَ جي وير

ايري آئي. هن چاهيو ته پروين کي آٿت ڏئي.

”تون دل نہ لاهہ، پروين، سڀ نيڪ ٿي ويندو. ڊاڪٽر چيو ٿي تہ هاڻي تورن ڏينهن ۾ توکي گهر وڃڻ جي موڪل ڏئي ڇڏيندو.“

پروين هن ڏانهن ڏٺو. سندس مک تي مايوسيءَ ۽ لاچاريءَ جو ڇانيل جهڙ وڏيڪ گهاٽو ٿي ويو - ۽ هن جي نظرن ۾ ويساهہ مئل هو. الياس کي پنهنجا لفظ کوکلا لڳا، جن جي کا معنيٰ نہ هئي، کا اهميت نہ هئي.

”آءٌ اچان ٿو،“ هو تکڙو ٻاهر نکري ويو.

اسپتال جو ڊگهو کاريڊور ويران هو. کاريڊور ۾ جهڪا بلب ٻري رهيا هئا، جن جي جهيڻي روشنيءَ ويران ماحول ۾ وڏيڪ اداسي پيري ڇڏي هئي. الياس هک دريءَ جي اڳيان بيهي رهيو. ٻاهر اڻ ڳڻيا بلب چمکي رهيا هئا. اوچتو هن کان سڏکو نکري ويو ۽ هو آهستي آهستي روئڻ لڳو. پر هن کي اها خبر کا نہ هئي تہ هوءِ ڇو روئي رهيو هو — پروين لاءِ، ٻارن لاءِ يا پنهنجو پاڻ لاءِ؟

# اوپرو ماڻهو

هن سگريٽ پيئڻ ڪڏهوڪو ڇڏي ڏنا هئا، پر جنهن ڳالهہ ڪري هن سگريٽ ڇڏيا هئا، تنهن ڪيس ڪونہ ڇڏيو هو. غلام محمد کي جنهن وقت کنگهہ جو دورو پوندو هو تہ کنگهي اڌ مئو ٿي ويندو هو. هاڻي بہ هن جيئن کنگهہ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن نڙيءَ ۾ سُرڙاٽ وڌي ٿي ويو.

هن کي پنهنجي تڪليف جو خيال ڪونہ هو. هو ان ڊپ ۾ هو تہ سندس کنگهہ گهر وارن جي ننڊ خراب ڪري ڇڏيندي. ٿيو بہ ائين. سندس وڏي پٽ انور ننڊاکڙي آواز ۾ بيزاريءَ وچان رڙ ڪئي، ”توبنهن!“ پوءِ پٽس کي ڪجهہ چوڻ بدران هن ماءُ کي سڏ ڪيو.

”امان! اسين چو اچي ڦاٿا آهيون. رات جا چار پهر ننڊ بہ حرام آهي اسان جي.“

”بس ابا، پٽهين کي ڪهڙي پرواهہ آهي. ڪائڻ ۽ کنگهڻ کان سواءِ بيو ڪم ڪهڙو اٿس!“ مريم چڙ مان چيو.

”ڪائي تہ پلي وينو ڪائي، الاهي ڪمائي رکيو اٿس، پر گهٽ ۾ گهٽ آرام تہ نہ ڦٽائي.“

”پٽهين اڳي ڪڏهن ٻچن جو خيال ڪيو آهي، جو هاڻي ڪندو،“ مريم منهن ڦٽائي چيو ۽ وري کٽ تي ليٽي پئي.

”اسين تہ جمي اچي ڦاٿا آهيون،“انور بيزاريءَ مان چيو.

”ادا، هونئن جند ڪانہ ڇٽندي. بابا کي ڊرائينگ روم ۾ کٽ وجهي ڏيو. پوءِ پلي پيو کنگهي،“ ننڍي پٽ احمد انور کي صلاح ڏني.

”واهہ جي سهڻي صلاح ڏني اٿئي!“ انور ڪاوڙ مان

چيو. ” ڊرائينگ روم ۾ ڪانگهارن جي نمائش ڪرائي پاڻ تان ماڻهو ڪلايون!“

غلام محمد سڀ ڪجهه ائين پئي ٻڌو ڄڻ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جو ذڪر پئي هليو، پر پوءِ هن ڪان سنو ڪو نه ٿيو. هن ڪنگهه کي زوريءَ روڪي پڙڪو ڪاڊو.

”مون ۾ ڪهڙا ڪيڙان پيا آهن، جو ماڻهو مون تان ڪلندا؟“

”تو سان ڪنهن ڳالهايو؟ ويچارا پاڻ ۾ پيا ڳالهائين، تون اجايو وهلور نه وڃ. ماٺ ڪري وينو ڪنگهه!“ مريم ڪاوڙ مان چيو.

”پاڻ ۾ پيا ڳالهائين! منهنجي پچار ڪان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه آهي گهر ۾؟“ غلام محمد کي به ڪاوڙ اچي وئي.

مريم اٿي ويهي رهي. ”تون گهر جون نندون آرام پلي ڦٽائين! باقي ڪير ڪڇي ته ڪٽيو نڙيءَ ڪان ونين!“ مريم انور ۽ احمد ڏانهن مدد لاءِ نهاريو.

انور اٿي ٻئيٰ هٿ پيءَ جي اڳيان ٻڌا.

”بابا! ٻيلي اسان تي رحم ڪر.سڄو ڏينهن هڻ هڻ ڪري رات جا چار پهر اچي تا ڪرون. اهي ته حرام نه ڪر.“

”ڪنگهي ڪنگهي سڄو گهر ڪانگهارن سان ٿقي ڇڏيو اٿس. الاجي ڪهڙو مرض آهيس!“ مريم ڪاوڙ مان پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

”آءٌ ڪو خوشيءَ سان ٿو ڪنگهان! ڪانگهارا اچن تا ته ڪيڏانهن ڪريان؟“ غلام محمد ڍيل لهجي ۾ چيو.

”ادا! بابا کي ڪنهن اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏ. گهر ۾ سيني کي بيمار ڪندو،“ احمد انور کي چيو.

”ها ابا! پڇاڙيءَ ۾ پٽن ڪان اهو پڄندو. ونئي وڃي ڪنهن اسپتال ۾ اڇلائي اچو. سيني جي جند ڇٽي پوندي.

غلام محمد ڏک مان چيو.

”هاڻ ٻڌو رنن وارا مهٽا!“ مريم ۽ انور ۽ احمد ڏانهن نهاري چيو.

”ان سوران تہ بابا سان ڳالهايون ڪونہ،“ انور ڪاوڙ مان چيو. غلام محمد چپ تي ويو. هو سمجهي ويو تہ هاڻ وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب ڪونهي. اجايو ڳالهہ وڌي ويندي.

”ابا، هيءُ پيءُ ڪونهي، دشمن آهي ٻچن جو!“ مريم ڪاوڙ مان منهن ڦيرائي ليٽي پئي.

غلام محمد کي اچ لڳي. پر هن کي خبر هئي تہ اها ڳالهہ ڪرڻ ئي اجائي هئي. پٽ تہ نهيو، پر زال بہ اتي هن کي پاڻي ڪا نہ پيارينديِ . هو ڪٽ تان اٿي ڪولر ڏانهن ويو هو. هن کي پنهنجو خاص گلاس مقرر جاءِ تي رکيل نظر نہ آيو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو.

”منهنجو گلاس ڪٿي آهي؟“هن لاچار تي مريم کان پڇيو.

”اتي ڪٿي پيو هوندو،“ جوٽس وراڻيو.”پنهنجو گلاس سنڀالي رکندو ڪر.“

”آءٌ جتي رکندو آهيان، اتي تہ نظر ئي ڪونہ ٿو اچي!“ غلام محمد شڪايت واري لهجي ۾ چيو.

”ها تنهنجو گلاس سونو آهي! ڪير چورائي ويو هوندو...“ جوٽس ٺوڪ مان چيو.

”اسين تہ ان گلاس کي هٿ بہ ڪونہ لائيون،“ احمد چيو. ” ان گلاس ۾ پاڻي پي ڪنهن کي بيمار ٿيڻو آهي.“

غلام محمد کي ڪاوڙ اچي وئي.

”مون کي ڪهڙي سلهہ آهي جو منهنجي گلاس ۾ ڪير پاڻي پيئندو تہ بيمار ٿي پوندو!“

”سلهہ کي ڪهڙا سگ ٿيندا آهن! باقي اهي ڪانگهارا

ڇا جا آهن؟ ڏسيو دل ڪجي ٿيو پوي....“ جوٽس چڙ مان چيو.

”بابا پڙهي لکي الاجي ڪيڏانهن ڪيو! گهر ۾ جتي ڪتي ڪانگهارا اڇلائيندو وتي....“ انور منهن ڦٽائي چيو.

غلام محمد ڪجهہ چوڻ تي چاهيو تہ هن جي نظر پنهنجي گلاس تي پئي، جيڪو پريان ڪنڊ ۾ هيٺ پٽ تي پيو هو. هن کي ڪولهين ۾ مينگهواڙن جا گلاس ۽ ڪوپ ياد آيا، جيڪي ننڍن شهرن جي هوٽلن ۾ ڪنهن مقرر جاءِ تي پيل هوندا آهن. هو هاڻ پنهنجي گهر ۾ شيڊيولڊ ڪاسٽ ٿي ويو هو. هن گلاس ڪنيو ڪولر مان پاڻي پري پي هن گلاس کي مقرر جاءِ تي رکيو ۽ پوءِ اچي کٽ تي ليٽي پيو.

’لعنت آهي ههڙي جيئڻ تي! ماڻهو پوڙهو ٿي ڪيڏو ذليل خوار ٿو ٿئي. سٺ سالن ڪان پوءِ نوڪريءَ تان رٽائرڊ ٿيڻ سان گڏ ماڻهو زندگيءَ تان بہ رٽائرڊ ٿي وڃي تہ سٺو. ٻاهر تہ ڪير ڪونہ پڇي، پر گهر ۾ بہ ڪا عزت ڪانہ هوندي آهي.‘

هن کي احساس هو تہ هاڻ هو ڪنهن ڪم جو نہ رهيو هو، پر هو جڏهن نوڪري ۾ هو، تڏهن بہ گهر وارا هن مان مطمئن ڪونہ هئا. رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ گهر وارن جي هن جي خلاف وڏي شڪايت اها هئي تہ هن نہ پاڻ کي ٺاهيو ۽ نہ ٻچن جي آئيندي لاءِ ڪجهہ ڪيو.

”تون جڏهن رٽائرڊ ٿيندين تہ سرڪار توکي تنهنجي ايمانداريءَ جي ڪري سون ۾ توريندي،“ زال هن کي ٽوڪون هڻندي هئي. تڏهن غلام محمد جو بہ رعب هو، زال کي دڙڪو ڏئي چپ ڪرائي ڇڏيندو هو. پر هاڻ تہ اهو رعب ئي ڪونہ رهيو هو. مريم ۽ ٻارن جي اڳيان جهڙوڪر ويچارو ٿي پيو هو. انور ساڻس گهٽو ڪري ڳالهائيندو ئي ڪونہ هو. ڪڏهن ڳالهائيندو بہ هو تہ ڪاوڙ مان.

”تو اسان لاءِ ڪيو ڇا؟ ڪار تہ نهي، تو اسان کي سائيڪل بہ ڪانهي وٺي ڏني ۽ تو کان گهٽ گريڊ وارن جا ٻار ڪارن ۾ چڙهيو پيا گهمن.“

انور موٽر سائيڪل جي پراڻي ڳالهہ وساري نہ هئي. غلام محمد جڏهن نوڪري ۾ هو ۽ انور ڪاليج ۾ پڙهندو هو، تڏهن هن موٽر سائيڪل وٺي ڏيڻ لاءِ ضد ڪيو هو.

غلام محمد سختيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هڪڙو ٺيڪيدار غلط بل پاس ڪرائڻ لاءِ غلام محمد جي گهر جا چڪر هڻڻ لڳو. غلام محمد تہ ساڻس ڪونہ ملندو هو، پر ٺيڪيدار انور جو موٽر سائيڪل وارو شوق معلوم ڪري ورتو هو. ٺيڪيدار هڪ نئين موٽر سائيڪل وٺي انور کي ڏئي ويو. غلام محمد گهر ۾ موٽر سائيڪل ڏٺي تہ باهہ ٿي ويو. هن انور کان موٽر سائيڪل ڦري ٺيڪيدار کي واپس ڪري ڇڏي. انور ۽ مريم ان ڏينهن فيصلو ڪري ڇڏيو تہ غلام محمد سندن دشمن هو.

اٽو، لٽو ۽ اجهو غلام محمد جي هٿ ۾ هو، ان ڪري گهر وارا مجبور هئا، نہ تہ هو گهر ۾ وٽندو ڪنهن کي ڪونہ هو. اها دبيل نفرت هاڻ ظاهر ٿي پئي هئي.

غلام محمد بہ سمجهي ويو هو تہ هو گهر ۾ جهڙوڪر اوپرو ماڻهو هو. پر هن جي ٻي ڪا واهہ ڪانہ هئي. پنهنجي ئي گهر ۾ هن جي حيثيت ڏوهاريءَ واري هئي.

’ايمانداري منهنجي لاءِ ذهني تسڪين هئي يا هڪ ضد هو؟‘ هن پاڻ کان پڇيو. هن جي ان ضد جي ڪري ڪيترن ماڻهن کي تڪليف پهتي هوندي! هن جو ڪنهن تي بہ اعتبار ڪونہ هو. هن جو هر ڪنهن تي شڪ هوندو هو تہ ماڻهو ڪانئس بي ايماني ڪرائڻ چاهين ٿا. ان شڪ ۾ هو ماڻهن جا

جائز ڪم بہ رلائي ڇڏيندو هو. هو جيستائين نوڪريءَ ۾ هو ماٺهو بيزار هئا هن مان ۽ هاڻ گهر وارن تي بار هو. هن کي لڳو تہ هو هن سوسائٽيءَ ۾ يا شايد دنيا ۾ ئي مسفٽ هو، پر هاڻ ان ڳالهہ تي سوچڻ اجايو هو. هن زال ۽ ٻارن ڏانهن نهاريو. سڀ سمهي چڪا هئا. هن جي نڙيءَ ۾ وري سرڙاٽ ٿيو. هن جا ٻئي هٿ پنهنجي ڳلي ڏانهن کڄي ويا، کنگهہ کي دٻائڻ لاءِ. سندس اکيون ٻاهر نڪري آيون. هو وڏيءَ تڪليف سان ڪٽ تان اٿيو ۽ چپ پيڪوڙي ڊبيل نموني کنگهندو ڪاڪوس ۾ گهڙي ويو. پوءِ ڄڻ برنڊڙ ڄبل ڦاٽي پيو. هو هڪڙو هٿ سيني تي ۽ ٻيو هٿ وات تي رکي کنگهندو رهيو.

# بيٺل پاڻي

تلاءَ جي ڪپ تي ويٺي هن کي گهڻي دير ٿي هئي، ان جو هن اندازو لڳائڻ چاهيو. ڪجهه پل! پر هاڻي شام ٿي هئي. سڄو ڏينهن! نه، جيتري قدر مون کي ياد ٿو اچي آءٌ گهڻن ڏينهن کان ويٺو آهيان. هفتو کن ٿي ويو هوندو! مهينو! نه، سال گذري ويا آهن مون کي هتي ويٺي. اڳي هن تلاءَ ۾ لهرون هيون، ڇوليون هيون. پاڻي ڪپن سان لڳي موٽ کائيندو هو ۽ وري اچي ڪپن سان لڳندو هو. پر هاڻي نه پاڻيءَ ۾ ڪا چرپر ڪانهي. پاڻي هڪ هنڌ بيهي رهيو آهي. ڄمي ويو آهي. مون وانگر. يا آءٌ هن تلاءَ وانگر. ان ڳالهه تي متو هٽڻ اڄايو آهي. ڪو نتيجو نه نڪرندو. نڪرڻو به ڪونهي. پر اها ڳالهه صاف آهي ته هتي ويٺي مون کي سال گذري ويا آهن ۽ مون تلاءَ جي پاڻيءَ کي هوائن تي ڇلڪندي ڇلڪندي هڪ ڏينهن ڄمي ويندي ڏٺو آهي. ان کي به ڪو وقت ٿيو.

آءٌ جڏهن پاڻ کي ڏسان ٿو ته جهڙو جهونڙ اڄ آهيان سدائين ائين رهيو آهيان. آءٌ ڪڏهن ٻار نه هوس. ڪڏهن نوجوان ڪونه هوس. ڪڏهن هوس، ته مون کي ياد ڪونهي. ذهني طور سدائين ائين ڏٺو اٿم پاڻ کي. جڏهن زال هئي، ٻار هئا تڏهن به اڪيلو هوس. زال مون کي ڪڏهن ڪانه وڻي. پوءِ به ٻار ڄميا. گهر پريو. وڌيو ويجهيو. ٻارن جا ٻار ٿيا. اهو سڄو وقت آءٌ اڪيلو هوس. هاڻي جڏهن هوءَ مري وئي آهي ۽ جڏهن مئي هئي ته مون پاڻ کي آزاد محسوس ڪيو. پر پوءِ اڪيلائي تهائين وڌي وئي. اهو ڇا آهي. هوءَ هئي ته گهر ۾ گوڙ هو. جهيڙو هو. ٻارن جا مسئلا هئا. هاڻي ڪجهه به ناهي رهيو. گهر گهر ناهي رهيو. منهنجي لاءِ ناهي رهيو. ٻين جو ٿي ويو آهي. گهر ۾ منهنجو وجود غير ضروري آهي. ڪنهن

ٻه ڪيستائين. هن پاڻ کان پڇيو. پاڻيءَ ۾ پٽر اڇلائي ڏسان ها ته ان ۾ ڪا چرپر ٿئي ٿي يا نه. اها آخري خواهش به پوري ٿيٺي نه هئي. تلاءُ تي به فالج ڪريو هو ڇا! پاڻي سن هو. مون رڳو ڇاڻڻ ٿي چاهيو. ٻيو مون کي ڪجهه نه کپندو هو. هاڻي ڪو موهه ئي نه رهيو آهي. کپندو ان کي جنهن جو موهه سلامت هوندو آهي. مون ته هر ڳالهه تان پاڻ هٿ کڻي ڇڏيو هو. پر شروع ۾ ائين نه هو. سواءِ زال جي چونڊ جي. مون ٻارن تي پنهنجي مرضي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. ناڪام ڪوشش. منهنجو وڏو پٽ منهنجي پڇڻ کان سواءِ هڪ ٻچڙيوال زن زال کي پرڻائي آيو. آءٌ رڳو ايترو ڪري سگهيس ته هن کي پنهنجي گهر مان هڪالي ڪڍيم ۽ سندس حق ريٽي ڇڏيم. اهو مون ڇو چاهيو ته جيئن آءٌ ڏبيل هوس پنهنجي بابي اڳيان تيئن منهنجو وڏو پٽ منهنجي اڳيان ڏبيل رهي. زال جي روئڻ رڙڻ جي پرواهه نه ڪري آءٌ پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيس. مون پٽ کي گهر ۾ اجنبيءَ جو درجو ڏئي ڇڏيو. ڪڏهن ڪڏهن اجنبين وانگر اچي ۽ هليو وڃي. پر جيڪي پنهنجا هئا، منهنجا ٻيا پٽ، جيڪي منهنجي گهر ۾ هئا سي مون سان رهندي اجنبي ڇو بنجي ويا؟ يا آءٌ هنن لاءِ اجنبي بنجي ويس! هر ڪو پنهنجيءَ ۾ لڳي ويو آهي. منهنجي لاءِ ڪجهه به ناهي رهيو. جيڪي مون ڪيو سو نيڪ هو الائي نه! اهو فيصلو ڪير ڪندو؟ آءٌ ايترو اڪيلو آهيان، پاڻ کي ويچارو پيو لڳان. ڪٿي ڪا گڙٻڙ ضرور ٿي آهي. منهنجي عمر کي پهچي هرڪو ائين سوچيندو آهي ڇا؟

هن چاهيو ته ڪنهن کان پڇي. هن تلاءُ کان پڇڻ چاهيو. پر تلاءُ ته خاموش هو. بنا چرپر اکيون ڦاڙي ڪيس تڪي رهيو هو. هن کي ڪاوڙ آئي ۽ تلاءُ تي ڄڪ ڪاڻڻ لڳو. هن کي خيال آيو ته تلاءُ کي لتون هڻي. بيٺل پاڻيءَ کي لتن

سان سٽي. پر هن ۾ چرڻ جي طاقت ڪانہ هئي.

"منهنجا مولا، پنهنجي هلنديءَ هلائجانءِ...." هن وڏن کي ائين چوندي ٻڌو هو. پوءِ جيئن هو پوڙهو ٿيندو ويو، هن پاڻ بہ اها دعا گهرڻ شروع ڪئي. هن کي ڊپ ويڙهي ويو هو. هن محسوس ڪيو تہ هو ٻين تي بار ثابت ٿي رهيو هو. آءٌ نہ هوندس تہ ٻين تان هڪ بار لهي ويندو. انهن تي ذميواري نہ هوندي منهنجي. ماڻهو انهن کي ائين نہ چوندا تہ پنهنجي پيءُ کان لاپرواهہ ٿي ويا آهيو. هُو ڪنهن ليکي ۾ ڪونهي. ان ڪري آءٌ ڪڏهن ڪڏهن هنن جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائيندو آهيان تہ جيئن پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريان. پوءِ بدمزگي ۽ جهيڙو بہ ٿيندو آهي. تڏهن لڳندو آهي تہ اجا ليکي ۾ آهيان. پر ڪجهہ وقت کان، الائي ڪڏهن کان، شايد جڏهن کان هوءَ مري وئي آهي، ڪو جهيڙو ڪا بدمزگي پاڻ ۾ نٿا پون. ڏاڍي پيڙا ڏيندڙ آهن. من تي بار وڌي ٿو وڃي. سڀ اجايو لڳندو آهي. آءٌ بہ اجايو آهيان. تلاءُ ۾ بيٺل سينور لڳل پاڻيءَ وانگر بيڪار. جڏهن وڻ جون پاڙون سڪڻ لڳنديون آهن تہ وڻ بہ سڪي ٻنڊ ٻڻجي ويندو آهي. ان کي ڪٽيو ويندو آهي. اهو وري بہ ڪنهن ڪم اچي ويندو آهي. ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ٺاهيو ويندو آهي، نہ تہ بہ ٻارڻ جي ڪم تہ ايندو آهي. ماڻهوءَ جو ڪارج جڏهن ختم ٿي ويندو آهي تہ اهو ڪنهن ڪم جو نہ رهندو آهي. ان کي ڪنهن بہ ڪم ۾ آڻي نٿو سگهجي. انساني زوال وڏي ۾ وڏي ٽريجڊي آهي. ٻيون سڀ ان مان جنم وٺنديون آهن.

سج لهڻ تي هو. شفق جي ڳاڙهاڻ تلاءُ تي اوتجي وئي هئي. پاڻي هو يا ڪني ڪاري رت جا ڊٻا هئا. هو ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو. تيز هوا لڳڻ شروع ٿي وئي هئي. مٽيءَ جا واچوڙا هن جي وجود کي ويڙهي ويا. تلاءُ جي مٿان رڳو ڌوڙ پئي نظر آئي. هوا جا سٽڪا وڌندا ويا. هن جي منهن تي هوا

جا تيز ڏڪ پئي لڳا. هوا جو هِڪ زوردار سٽڪو آيو ۽ هن کي جهڙوڪر ڪنهن ڌڪو ڏنو. هن پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ۾ ڪا سگهه نه رهي هئي. هو تلاءُ ۾ وڃي ڪريو. هوا هن کي اڳيان ڌڪيندي وئي. آءٌ ايترو هلڪو ڪيئن ٿي ويو آهيان جو ڪک وانگر پاڻيءَ تي تري رهيو آهيان. هن کي حيرت هئي. هوا ڪيس ڌڪيندي وئي. هڪ هنڌ ڄمي ويل پاڻيءَ ۾ جاءِ پيدا ٿي وئي ۽ هو ڇڪجڻ لڳو. هاڻي هن جو جسم ڳرو بڻجي رهيو هو. پوءِ اهو پاڻيءَ ۾ اندر وڃڻ لڳو. پاڻي ڳچيءَ تائين اچي ويو. هن آسپاس ڏٺو. تيز هوا جي ڪري رڳو ڌوڙ هئي. ڪجهه به چٽو نه هو. تلاءُ سندس سڄي جسم کي ڳيهي ويو. هو هيٺ هليو ويو. تلاءُ جي تري ۾ گاهه جو گهاٽو جهنگ هو. ’هاڻي آءٌ گاهه جي گهاٽي اونداهي جهنگ ۾ آرام ڪندس.‘ هن آخري ڀيرو سوچيو- ۽ پوءِ گاهه جا پوڙا هن جي جسم سان وڪوڙجي ويا.

# گم ٿيل پاڇو

هوا بند آهي ۽ ڪو به آواز ڪونهي. گهڻ پوسات ڳڙڪائي چڪي آهي سيني آوازن کي. منهنجي هلڻ جو آواز به ڪونه ٿو ٿئي رستي تي... فقط منهنجي ذهن ۾، لڳاتار هلندڙ، سوچ جو آواز آهي، ۽ آءٌ سوچ جي سلسلي کي هڪ پل لاءِ به روڪي نٿو سگهان. ذهن ساڻو ٿيو پئي ۽ پوءِ ساڻو سڄو وجود. پر سوچ جي سلسلي کي روڪڻ هڪ هنڌ بيهارڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. جيڪر آءٌ ويچاري نه سگهان. اڳي رستي هلندي ڪي چريا مست ڏسندو هوس، جيڪي ايڏا ته گندا هوندا هئا، جو پاسي کان لنگهندي به ڪراهت ٿئي- ڏسي ويچاريندو هوس ته آءٌ ڪٽي وڪ تي پاڻ کي عذابن ۾ محسوس ڪريان، پوءِ به انهن کان ته چڱي حال ۾ آهيان. پر آءٌ پليل هوس. پوءِ خبر پئي ته چريا مست ڪٽي ڪيئن ٿا هجن، پر ويچارڻ جي عذاب کان آجا آهن. تڏهن کان مون کي پنهنجو پاڻ تي رحم اچڻ لڳو آهي- ۽ ان کان وڌيڪ ماڻهوءَ سان ٻي جٺ ٿي نٿي سگهي. اهو منهنجن ڪهڙن ڪرمن جو ڦل آهي، ته آءٌ جنهن شيءِ کي ڇهان ٿو، سا پاڇو بڻجي گم ٿيو وڃي. ڪيڏي نه حيرت جهڙي ماجرا آهي! آءٌ ان ڳالهه تي سوچڻ کان ڊاڍو لهرايان ٿو، پر جيڪا ڳالهه سڄي وجود کي گهيريو پئي هلي، تنهن کان جند آجي ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.آءٌ ميڊاس بادشاهه وانگر ڪونه آهيان، جنهن دعا گهري هئي ته هو جنهن شيءِ کي ڇهي، سا سون ٿي پئي. منهنجو دعا ۾ اعتبار ئي ڪونهي ته پوءِ دعا ڪنهن کان گهران! يا شايد دعا ۾ اعتبار نه هجڻ ڪري، دعا نه گهرڻ جي ڪري اها سزا ملي آهي ته آءٌ جنهن شيءِ کي ڇهان، سا گم ٿيو وڃي.

هتي ڪيئن پرائي راهہ تي پٺڪي آئين؟.... اوچتو منهنجو هٿ خالي رهجي ويو، ۽ اُهو وجود پاڇي ۾ بدلجي ويو. پوءِ اهو پاڇو آهستي آهستي ڏنڌلو ٿيڻ لڳو، تان جو ڊگهو ٿيندو ٿيندو. غائب ٿي ويو اوچتو ۽ پٽر جي وڪن ۾ وچڙي پيو منهنجو من، تڏهن ڏٺم تہ هڪ پاڇو مون سان گڏ پئي هليو. مون کان ڇرڪ نڪري ويو. پر اُهو منهنجو پاڇو هو. تڏهن مون کي خبر پئي تہ منهنجو بہ پاڇو آهي. اڪيلي، سنسان، بي آواز رستي تي منهنجو پاڇو ڪڏهن گهٽجندو، ڪڏهن وڌندو ٿو رهي، ڪڏهن هڪڙي پاسي ٿنندڙ راهہ ڏانهن تہ ڪڏهن ٻئي پاسي ٿنندڙ راهہ ڏانهن. مون سان گڏ هوندي بہ مون کان الڳ. رستي جي پاسن کان ننڍا وڏا پٽر پيا آهن. پٽر بہ سوچيندا هوندا ويچارا! منهنجو پاڇو وڏي وري گهٽجي ويو آهي. ماڻهو نہ رڳو پاڻ سوچي ٿو، پر پنهنجي سوچ ٻين تي مڙهي ٿو، ۽ هر شيءِ لاءِ سمجهي ٿو تہ اها هوندي مون وانگر. ويچارو ماڻهو!

ڪنهن هڪ پيري چيو هو،’تون تمام گهڻو حساس آهين.... حد کان زياده حساس هئڻ بہ خراب ڳالهہ آهي.‘ مون مرڪي ڏنو، تہ هن وري چيو،’چو، يڪدم گنڀير ٿي وئين، منهنجي ڳالهہ کانہ وڻيءِ ڇا!‘ مون سوچيو تہ مون کي پاڻ سان گڏ آئينو کڻي هلڻ گهرجي. گهر اچي آئيني ۾ مرڪي ڏٺم. منهنجي شڪل ٽڪر ٽڪر ٿيل هئي.

ڪنهن کي بيحد حساس بنائڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا سزا ڏيئي نٿي سگهجي. حساس ماڻهو جيئري جهنم ۾ آهي. هو اجا دنيا ۾ شروعات مس ڪرڻ چاهي ٿو تہ ڪيس چوڪنيو ٻڌي جهنم ۾ اُڇلايو وڃي ٿو. سارتر چيو آهي تہ ’ٻيا ماڻهو جهنم آهن، پر جهنم تہ خود ماڻهوءَ ۾ آهي، ڪو محسوس ڪري يا نہ ڪري.‘ منهنجو ذهن منهنجي لاءِ جهنم آهي، جنهن ۾ وجود

سڙندو پچندو رهندو آهي. هيءَ کهڙي اڻ کيل ڏوهہ جي سزا آهي! رستي هلندي هلندي ذهن جي جهنم جا پنيث ايڏا پڙڪندا آهن، جو چاهيندو آهيان تہ زور زور سان رڙيون ڪريان ۽ مٿو ديوارن سان ٽڪرائي ذهن کي پچي پوري ڇڏيان. ان وقت لڳندو آهي تہ ذهن جو ٿمٿار تيل ٿانءُ اونڌي تيڻ تي آهي. وڏي مشڪل سان ٿانءُ کي بچائيندو آهيان. پر آخر ڪيستائين! آءٌ هتان پڇي نڪرڻ تہ چاهيان، پر اهو سڀ بيڪار آهي. ماڻهو دنيا کان پڇي سگهي ٿو، پنهنجو پاڻ کان نہ. آءٌ جيترو پنهنجو پاڻ کان پڇان ٿو، اوتري وڌيڪ مضبوط جڪڙ محسوس ڪريان ٿو. ڇا ڪريان... ڇا ڪريان.... ڇا ڇا ڇا ڇا... آ آ آ... اوهہ!

ذهن آهي يا پيلاڙ تيل ٻني، جنهن ۾ هر ڪو خيال بيپرواهيءَ سان گهڙيو اندر اچي- ڪو چاهي نہ چاهي. سڀ بڪواس آهي، جيستائين انسان جو پنهنجو پاڻ تي اختيار نٿو هلي. پلي چنڊ تي وڃي رهي، پر پوءِ بہ پنهنجو پاڻ تي سندس ڪو بہ اختيار ڪونہ هلندو. ڪابہ مرضي ڪانہ هلندي. اهو ڇا آهي! انسان پنهنجو پاڻ اڳيان ايڏو مجبور ۽ لاچار ڇو آهي؟ ننڊ، بک، اڃ، ٿڪ، سستي. افلاطون جو يوٽوپيا رڳو ذهن ۾ ئي نهي سگهي ٿو. ذهن جي دنيا پاڻيءَ جو ڦوٽو آهي. انسان پنهنجي ليکي ئي ڪيڏي وڏي بڪواس آهي.

هي پير تہ پٿر جا آهن، ڪجهن ئي نٽا. رڳو ذهن جي سهاري ڏڪجندو پيو وڃان. آءٌ ديو تہ ڪونہ آهيان، جنهن جادوءَ سان هڪ شهزاديءَ کي پاڇو بڻائي ڇڏيو هو. مون وٽ جادو ڪونهي، پوءِ الائي ڇا آهي، جو منهنجي رڳو ڇُهڻ سان هڪ شهزادي پاڇو بڻجي وئي. هرڪو ماڻهو پاڻ کي ديون پرين جي ڪهاڻين جو شهزادو سمجهندو آهي، پر آءٌ پاڻ کي ديو سمجهندو آهيان. منهنجي ڇهڻ سان هڪ شهزادي پاڇو بڻجي وئي هئي. اها ڪهاڻي ڪانهي- يا واقعي ڪهاڻي آهي تہ پوءِ

هڪ شهزادو آيو هو، جنهن ڪنهن درويش جي دعا سان اهڙا سونا زيور آندا جو منهنجي ڇهڻ جو اثر ختم ٿي ويو. هوءَ اُهي زيور پائي پاڇي مان بدلجي شهزادي بڻجي وئي، شهزادي سان گڏ هلي وئي- ۽ منهنجا پير پٿر بڻجي ويا.

جيڪڏهن آءٌ سڄو سارو پٿر بڻجي وڃان ها ته چڱو ٿئي ها. هن گهٽ ٻوسٽ واري بي انت خاموشيءَ ۾ جذب ٿي وڃان ها. بي انت خاموشيءَ ۾ منهنجي سوچ جو آواز ڪيڏو ڀيانڪ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ عذاب ناڪ ٿو لڳي. سڀ ڪجهه گهُٽيل آهي، سڀ ڪجهه. اڪيلي ۽ سنسان راهه جي چپي چپي تي Silence ۽ Slow جا بورڊ لڳل آهن- عجيب هدايتون، حڪم ۽ هر هنڌ 'سخت منع' جا لفظ. هتي ماڻهوءَ جي زنده رهڻ جون سڀ واهون بند آهن. جي رهڻو آهي ته مُڙدا ٿي رهو. چپ! چپ! چڱا ٻار گوڙ نه ڪندا آهن.شاباش! خاموشي ۽ سنجيدگي، مذهب ۽ سماج جا لازمي جزا آهن. خاموش! بيوقوف، جاهل... ڏنڊي ڪان سواءِ نه سڌرندا. هن اڪٿ ۽ بي انت خاموشيءَ ۾ منهنجي سوچ جو آواز به زبردست گناهه آهي. اوهه! منهنجو ذهن ٻرندڙ جبل جيان ڦاٽي ٿو... (ڏندن جو پيڙجڻ، ذهن جي نسن جو ڇڪجي ٽاٽجي وڃڻ ۽ پٿر جي قدمن کي تيز ڪرڻ جي بيسود ڪوشش).

گهر اچي ويو. آءٌ گهر جي اڳيان اوچتو ئي اوچتو اچي بيهندو آهيان ته حيرت ٿيندي آهي. مون کي خبر ئي ڪا نه پئي ۽ پنهنجو پاڻ پهچي ويس. جڏهن پهچڻ چاهيندو آهيان ته پهچي نه سگهندو آهيان، پٿر جا پير ڪجندا ئي ڪونه، ۽ خيال ايندو آهي ڪڏهن به نه پهچي سگهڻ جو. تالو کولي، ڪڙو لاهي اندر وڃان ٿو. آهي چاٻ جنهن لاءِ تالو ٿو هٽجي!ماڻهو سڀ ڪجهه سمجهندي به ڪيترين غير ضروري ڳالهين تو ڪري. هي گهر آهي يا ڪا سوڙهي چُر آهي؟ ههڙي سوڙهي

ڇُر ۾ ڪا شهزادي ڪيئن ٿي رهي سگهي! وڏو ذليل هيس، جو هن کي قيد ڪري رکڻ چاهيم.

ڪيڏي اوندهه آهي! پنهنجو پاڻ کي بہ نٿو ڏسي سگهان. لڳي ائين ٿو ڄڻ ڪنهن اونهي بي انت کوهہ ۾ وينو آهيان. هوا بند آهي. ساهہ نٿو کڻي سگهان. آءٌ بي انت کوهہ ۾ هيٺ پيو وڃان... هيٺ..... هيٺ.... اجا بہ هيٺ..... چئني طرفن ڪان داٻ آهي، آءٌ پاڻيءَ ۾ ٻڏي رهيو آهيان. ساهہ ڪجهڻ بند ٿي ويو آهي. منهنجو وجود اوندهہ ۾ تحليل ٿيندو پيو وڃي. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي! پر مون کي تہ محسوس ائين پيو ٿئي. محسوس ائين ٿو ٿئي، ڄڻ اوندهہ منهنجي جسم جي پور پور ۾ گهڙندي پئي وڃي. منهنجي وجود جو حصو، منهنجو پاڇو ڪٿي آهي؟ ان ڪان اڳ جو اوندهہ هر شيءِ کي ڳڙڪائي ڇڏي، مون کي هتان ڀڄي نڪرڻ کپي. آءٌ اُٿڻ چاهيان ٿو. اوندهہ جو حصو بنجڻ نٿو چاهيان. اٿڻ جي لاءِ سوچيندو رهان ٿو. شايد تنتن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، جيڪي دماغ جو حڪم عمل ۾ آڻين. آءٌ اجا اُتان چو نٿو؟ زور لڳايان ٿو. پير تہ پٿر جا آهن، اهي اوندهہ ۾ بدلبا ناهن. آءٌ سٽ پائي اتي باهر نڪران ٿو ۽ روڊ تي اچي بيهان ٿو. روشنيون تمام تيز آهن، ڄڻ سرچ لائيٽ آهي چوطرف. پر منهنجو پاڇو! منهنجو پاڇو ڪٿي آهي؟ منهنجو پاڇو وڃائجي ويو- ڪڏهن، ڪٿي، ڪيئن؟ ڪٿي.... ڪٿي..... روشنيون تہ تيز آهن، پر پاڇو ڪٿي آهي؟ پاڇو شروع ڪان وٺي مون سان گڏ هو، پر مون کي خبر نہ پئي يا مون اُن تي ڌيان ڪونہ ڏنو. يا تہ وري مون سان گڏ هوندي بہ گم ٿيل هو. ڪجهہ بہ يقين سان نٿو چئي سگهجي. هڪ ڏينهن اوچتو خبر پئي تہ منهنجو بہ پاڇو آهي. گذريل دفعي جڏهن ڳوٺ ويو هوس، تڏهن مون اها ڳالهہ گهر ۾ بہ ڪئي

هئي. گهر وارا، خاص ڪري منهنجا پائر ڪلڻ لڳا، پر بابا تہ اصل ڪاوڙجي پيو هو: ’اهڙين بيوقوفين وارين ڳالهين تي سوچي پنهنجو وقت نہ وڃائيندو ڪر.‘ مون کي پڪ هئي تہ ماءُ، جنهن مون کي جنم ڏنو آهي، تنهن کي ضرور خبر هوندي. پر هن رڳو تڏو شوڪارو ڀريو ۽ ڪي دعائون گهرڻ لڳي. منهنجن پائرن اها ڳالهہ پنهنجن دوستن کي وڃي ٻڌائي. مون پنهنجن دوستن کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ نٿي چاهي. مون سوچيو هو تہ منهنجي پاڇي جي باري ۾ منهنجا گهر وارا ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڄاڻندا هوندا، دوستن کان وڌيڪ. دوستن مون کان ان بابت پڇيو تہ مون اهو سوچيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هو گهر وارن کان وڌيڪ ڄاڻندا هجن، مون ڪين پنهنجي پاڇي بابت ٻڌايو. هنن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. اکين ۾ ڪي اشارا ڪيائون ۽ پوءِ مون محسوس ڪيو تہ هو ان ڏينهن کان مون کي عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳا. ائين ٿيندو آهي. مون کي اها بہ پڪ ٿي وئي تہ مون کي ٻاهران ڪٿان بہ، ڪا بہ مدد ڪانہ ملندي. مون ’هن‘ جي پاڇي کي ڏنڊلو تي گم ٿيندو ڏٺو هو. هوءَ اتفاق سان مون کي ملي، تہ مون ڪانئس سندس پاڇي بابت پڇا ڪئي. پر هن کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، ۽ هن شايد ٻين کان منهنجي باري ۾ ٻڌو هو. مون کي منٿ ڪرڻ وانگر چيائين تہ مون کي اهڙين اجاين ڳالهين تي سوچڻ نہ کپي. آءٌ پلي اهڙين ڳالهين تي سوچڻ ڇڏي ڏيان، پر پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان! اها ڳالهہ آخر هنن کي سمجهہ ۾ ڇو نٿي اچي؟

”ڪير آهين؟“ (اوچتي رڙ)

”تون ڪير آهين؟“

”ڏسين نٿو تہ مان ڪير آهيان. اکيون ڪونہ اٿئي ڇا؟“

ها اڪيون رڳو ٻين کي ڏسڻ جي لاءِ آهن.هو پوليس وارو آهي.

”ڪير آهين؟ هن وقت ڇو پيو رلين؟“ هو مون کي چپ ڏسي ڏمڪيءَ واري لهجي ۾ پڇي ٿو.

”تنهنجو پاڇو ڪٿي آهي؟“ مون هن کان پڇيو.

”پاڇو! ڇا جو پاڇو؟“ هن جي لهجي ۾ حيرت آهي.

”آءٌ پنهنجو گم ٿيل پاڇو پيو ڳوليان. پر توکي ڪهڙي خبر. توکي ته خود پنهنجي پاڇي جي به خبر ڪانهي.“ هو عجيب نظرن سان پڻ پڻ ڪندو هليو ٿو وڃي. مون کي خبر آهي ته هو مون کي ڇا سمجهندو هوندو. مون هاڻ ان ڳالهه جي پرواهه ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي ته مون کي ٻيا ڇا ٿا سمجهن.

شهر سڄو ستل آهي. رستا ۽ جايون به ستل آهن. آءٌ ٻين تي ڪيئن فتويٰ ڏيان ته هو بدنصيب آهن يا خوشنصيب، جي پنهنجن پاڇن کان بيخبر ۽ بيپرواهه سُتا پيا آهن. مون کي ته پاڻ لاءِ ئي فيصلو ڪرڻو آهي. ويهي رهڻ مان ڪو به فائدو ڪونهي. پٿريلن پيرن کي تيز تيز گهلڻ شروع ٿو ڪريان، ۽ ڄڻ ڊوڙان پيو. پاڇي جو ڪٿي به ڪو اهڃاڻ ڪونهي. آءٌ ڊوڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان ۽ ڳوليندو ٿو رهان.

آءٌ ڪيترو وقت ڊوڙندو رهيو آهيان، مون کي خبر ڪانهي. صبح جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ ڏسان ٿو ته آءٌ اجا ڊوڙي رهيو آهيان. چاهيان ٿو ته ٿڪ ڏيڻ، ايڏا وڏا هيبتناڪ ٿڪ، جو سڄو ستل شهر ڇرڪ ڀري جاڳي پئي. ستل ماڻهو سجاڳ ٿي اکيون مهٽيندا گهٽين ۾ نڪري اچن. آءٌ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. قدم ڍرا ٿيندا پيا وڃن. لڳي ائين ٿو ڄڻ رات سسيفس جي بدران آءٌ چپ ڍوئيندو رهيو آهيان. اوچتو هڪ ماڻهو گهر مان نڪرندي ڏسان ٿو. هن جي هٿ ۾ ٽوڪرو

آهي. ڪيڏو ٽڪل ۽ ساڻو آهي- ڄڻ سڄي رات ڪا پيڙا ڀوڳيندو رهيو آهي. ڪٿي هن جو ٻه پاڇو... مون کي پڇڻ گهرجي، شايد ڪا خبر پئي. آءٌ اڳتي وڌي پڇان ٿو:

"سائين، اوهان جو پاڇو ته گم ڪونه ٿيو آهي؟"

هن جي منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو آهي.

"ڇاجو پاڇو، ڪهڙو پاڇو؟" ۽ گهوريندو هليو ٿو وڃي. ويچارو! مون کي هن تي رحم ٿو اچي. هن کي پنهنجي پاڇي جي به خبر ڪانهي. ماڻهو آهستي آهستي گهرن مان نڪرندا ٿا وڃن. ٺوڪرا هٿن ۾، ڪنڌ جهڪيل ۽ مئل قدم- ڄڻ سڄي رات قبر ۾ عذاب سنو اٿن. ويچارن کي پنهنجن پاڇن جي به خبر ڪانهي. آءٌ به ڪنڌ جهڪائي، پٽريلن قدمن سان هنن جي مئل جلوس ۾ شامل ٿي ٿو وڃان.

# سمنڊ ۽ هيڪلو روح

آسمان جو رنگ گهاٽو نيرو هو، ۽ اُن تي ڪڪرن جا ٽڪرا ڪپهه جي پُوٽين وانگر ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. هيٺ سمنڊ جو رنگ بہ آسمان جهڙو هو. سمنڊ مانو هو. طوفان ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو هو، پر سمنڊ جي تهہ کي اُٿلائي ۽ هر شيءِ کي ٿوڙي. گذري ويل طوفان جي هڪ نشاني، هڪ تختو، لهرن جي رفتار تي لڙهندو پئي ويو- ۽ هو ڊنل ۽ هيسيل، تختي کي چنبڙيو پيو هو. هن جو سڄو گم ٿي ويل هوش موٽي آيو هو، اُڌوريءَ ۽ ٽٽل حالت ۾. هر طوفان کان پوءِ سمنڊ نئون لڳندو آهي، هن کي بہ سمنڊ بلڪل نئون نظر آيو. رڪي رڪي هن کي لڳو ٿي تہ هو ترندو پئي ويو. 'شايد منهنجو ذهن سٽل ۽ جسم ٿڪل آهي، تڏهن تہ ائين محسوس ٿئي'- هن سوچيو: 'جهاز وانگر، منهنجو وجود بہ ٽٽي چڪو آهي، ۽ سوچ بہ. پر اها ٽٽل سوچ، ٽٽل شيشي وانگر منهنجي ذهن ۾ چڀي رهي آهي.' هن چاهيو تہ متو تختي تي زور سان ٽڪرائي ۽ اُن چڀ چڀ کان ذهن کي آجو ڪرائي. 'پر جي تختو ڇڏائجي وڃي تہ....' هن کي ٽٽل جهاز جو فقط اهو هڪ تختو ئي هٿ آيو هو، اهو بہ غنيمت هو. 'مون کي هن تختي تي ڪهڙا ڏينهن ٿي ويا آهن؟' هن ياد ڪرڻ چاهيو. هو ڊڄي ويو. 'هي منهنجي ذهن کي ڇا ٿي ويو آهي؟ يادگيريون ڪيڏيون ڏنڌليون آهن- سمنڊ جي پاڻيءَ وانگر ڪارسريون! محسوس ائين ٿو ٿئي، ڄڻ تہ مان ازل کان وٺي ان صورتحال ۾ موجود رهيو آهيان. ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي!' هڪ ڀيرو وري هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ اڪيون پوري پاڻ کي موجوده حالت ۾ غيرموجود ۽ ڪنهن ٻئي هنڌ ۽ ٻيءَ حالت ۾ موجود سمجهي. هو هڪ ڀرئي ڀڪلئي جهاز ۾ سوار هو، جنهن ۾

ڪلنڊڙ ڪڏنڊڙ بيپرواهہ ماڻهو هئا. جهاز سمنڊ ۾ ڏاڍي شان ۽ مزي سان پئي ويو تہ اوچتو ئي اوچتو ..... 'پر اهو تہ مان زبان سان بہ چئي سگهان ٿو. ذهن ۾ تصويرون چو نٿيون اُڀرن! پر آخر فرق ڪهڙو ٿو پئي. ياد ڪرڻ مان ڪو بہ فائدو ڪونهي. جڻ ڪو ماضي آهي ئي ڪونہ، ۽ نہ مستقبل جو ڪو يقين آهي، فقط حال آهي، ۽ موجوده صورتحال ئي سچ آهي. ٻيو سڀڪجهہ بڪواس آهي منهنجي لاءِ..... منهنجي ٽٽل وجود جي ٽٽل ذهن مان سڀ يادگيريون ٽُٽي وڃائجي ويون آهن.' هن بيزار ٿي اکيون کولي ڇڏيون. 'سمنڊ ڪيڏو وسيع آهي، ۽ آءٌ ان تي هڪ ڪک وانگر لڙهندو پيو وڃان. جي آءٌ ٻڏي ويس تہ ڪهڙو فرق پوندو. سمنڊ جون ڇوليون ائين ئي ايندڙيون ويندڙيون رهنديون. ڪڏهن نہ ڪٽنديون- ويرون، لهرون ۽ موجون.... آخر هي لهرون ۽ ويرون ڪٿان ٿيون اچن، ۽ ڪيڏانهن ٿيون وڃن؟ ڪٿي ڪٽن بہ ٿيون يا نہ؟ هي پاڻي ساندهہ پيو وهي. ڪا شيءِ ايڏي حيرت انگيز ڪانهي، جيڏو هي سمنڊ- جنهن ۾ ڪئين ڳجهہ، طوفان ۽ تبديليون سمايل آهن.... ۽ ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي، هرڪا اُٿندڙ لهر مون کي سوالي نشان جي شڪل ۾ نظر ٿي اچي. هي شايد حيرتن جو وهڪرو آهي، جنهن ۾ مان لڙهندو پيو وڃان. گهڻو سوچڻ اجايو آهي. ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو. گهڻي سوچڻ کان پوءِ مون کي خود منهنجو ذهن بہ ڏاريون لڳندو آهي. مان شايد مري چڪو آهيان. پر منهنجو ذهن مئل ناهي، فقط ٽٽل آهي.' هن پڪ ڪرڻ لاءِ تختي کي محسوس ڪرڻ چاهيو، پر هن جي ساڻي بت کي ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿيو. وري سندس سُڪل آڱرين جسم کي ڇُهيو. تڏهن بہ هن کي ڪا خاطري نہ ٿي. 'نہ، مان جيئرو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ سمجهي سگهان ٿو. هيءَ ايڏي ساري جدوجهد زنده رهڻ لاءِ ئي تہ

ڪري رهيو آهيان، نہ تہ هڪ معمولي تختي جي سهاري جيئڻ ڪيڏو ڪنن آهي. مون کي هر وقت ٻڏڻ جو ڊپ آهي. جيڪڏهن حياتي پياري نہ هجيم ها تہ رات ڏينهن هن تختي کي چو چنبڙيو پيو هجان ها. چاڻان بہ ٿو تہ هن جو سهارو دائمي ڪونهي. آخر ڪيستائين؟ نيٺ تہ اهو سهارو بہ ختم ٿي ويندو. ڪوبہ سهارو هميشہ جي لاءِ نٿو رهي. سهارا بدلجندا ئي رهندا آهن. پر منهنجي خواهش ڪا ايڏي غير معمولي تہ ڪانهي. مون کي ڌرتيءَ جو سهارو کپي. ڌرتيءَ جي سهاري سڄي حياتي گذاري سگهجي ٿي، پر جي ڪنهن موزون هنڌ سهارو ملي.

'مان وڏيڪ ڪجهہ بہ نہ، فقط ڌرتيءَ تي پير رکڻ ٿو چاهيان' ڌرتيءَ تي پيرَ رکڻ جي لاءِ هن جي خواهش ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل تمام زور وٺي ٿي ويئي. تڏهن هن خدا کان مدد جي لاءِ دعا تي گهري. هن سمجهيو ٿي تہ فقط ڪو معجزو ئي ڪيس بچائي ٿي سگهيو.

'مان ڪٿي بئي هنڌ بہ پيدا ٿي سگهيس ٿي.'

هو هڪ ٽٽل جهاز جو مسافر هو. پاڻ بہ ٽٽل، ۽ سهارو فقط هڪ تختي جو.

'جيڪر جهاز صحيح سالم ۽ مضبوط هجي ها.'

رکي رکي گُگهہ اوندهہ هن جي اکين ۾ گهڙيو ٿي آئي. هن زور ڪري اکيون ڦاڙي پاڻ کي هوش ۾ رکڻ ٿي چاهيو... يا شايد سمنڊ جو رنگ ئي اهڙو هو. ذهن ڪنهن ڏارئين شخص جو ٿي لڳو- اهڙو ڏاريون، جنهن کي ماڻهو پاڻ بہ سمجهي نہ سگهي. 'هيءَ عجيب صورتحال آهي. مون اڳي ڪڏهن بہ ائين محسوس نہ ڪيو آهي. مان تمام گهڻو ٿڪل آهيان. اصل سَنڌ سَنڌ ٿڪجي ساٽو ٿي پيو آهي. ۽ جڏهن ڪا شيءِ پنهنجي هوندي بہ ڏارين محسوس ٿئي....' گُگهہ اوندهہ

وري بہ هن جي اکين ۾ گهڙي آئي. هن زور- مس ڪري اکيون کوليون ۽ پاسي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

’مان بہ هڪ عام انسان تي سگهيس تي....‘

’جيڪڏهن مان سوچيان نہ، تہ اُفت مري پوان. جسم ساڻو تي ساهہ ڇڏي ڇڪو آهي. فقط لڳاتار سوچيندڙ ذهن اهو يقين تو ڏياري تہ آءٌ اجا جيئرو آهيان. ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل مون کان اهو بہ وسريو وڃي تہ مان هينئر ڪٿي آهيان. آخر هي سفر ڪڏهن وڃي ڪٽندو؟ ڪٿي ڪٽندو؟ مان سخت بيزار تي پيو آهيان. آخر ڪا حد هوندي آهي. سڀ وسيلا ختم تي چڪا آهن. زندهہ رهڻ جي لاءِ انهيءَ اٽڪٽ خواهش ۽ ٽڪائيندڙ جدوجهد مون کي وڏيڪ ٽوڙي ڇڏيو آهي. مان ڌرتيءَ تي ڪنهن مضبوط هنڌ تي پير رکڻ تو چاهيان. تختي جي سهاري لڳاتار لڙهندو رهڻ، ڏينهون ڏينهن منهنجي سهپ کان ٻاهر ٿيندو وڃي. ڪٿي مان......‘ آسمان ساندي وانگر رنگ بدلائيندو رهيو ۽ تختو لڙهندو ويو.

هن جون اکيون ڦاٽي ويون. اهي ڌنڌ جون عجيب شڪليون هيون، يا واقعي ٽڪريون هيون. هن پوريءَ ڪوشش سان جاچي ڏٺو- واقعي ٽڪريون هيون. ڌنڌليل...... ائين لڳو، ڄڻ نظرن کي اوچتو ڳڳهہ اوندهہ ۾ هڪ چمڪندڙ تارو نظر آيو هو، جيڪو ترت گم تي ويو. ’مون تہ سنئينءَ سڌيءَ ڌرتيءَ تي پير رکڻ لاءِ دعا گهري هئي. ماڻهو چاهي چا تو، ۽ کيس ملي چا تو. هنن پهاڙن تائين پهچڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي- مون تہ ڪڏهن اهو چاهيو ئي ڪونہ هو.‘ سمنڊ جي ڪناري بينل پهاڙن جي هن پار ڄڻ تہ زندگيءَ جون راهون ختم پئي ٿيون. ’سچ تہ اهو آهي تہ مان سمنڊ کان ڌار ٿيڻ نٿو چاهيان.‘ هن کي خيال آيو، پر هڪ تختي جي معمولي سهاري، هوا جي ٿڦيڙن تي، ڪو ڪيستائين لهرن ۾ لڙهندو

رهندو. سمنڊ ۾ رهڻ جي لاءِ هڪ مضبوط جهاز جي ضرورت آهي. اها ٻہ قسمت جي ڳالهہ آهي.'

هو هاڻي ٽڪرين جي ويجهو اچي پهتو هو. اتي سمنڊ ۾ ڏاڍو شور هو. سطح کان وني تري تائين هڪ زبردست ولوڙ هئي. سڄو بنياد اٿلي رهيو هو. هو تختي کي زور سان ڇُهٽي پيو.

'نہ نہ، مان هن تختي کي نہ ڇڏيندس.'

سمنڊ جون وڏيون وڏيون لهرون ٽڪرين جي چوٽيءَ تائين زور سان ٽڪرائجي گجنديون وري موٽي تي آيون. هن تي هيبت ڇانئجي ويئي. زوردار لهرن ۾ هن جو تختو ڪک وانگر اُڇلجڻ لڳو. اوچتو هڪ وڏي وِيرَ اٿي، ۽ هن اکيون پوري ڇڏيون.

شايد معجزو ئي ٿيو هو. هو اڃا جيئرو هو. ڪجھ وقت تائين ڊپ ۾ اکيون پوري، پنهنجي جيئري هجڻ تي عجب کائي رهيو هو. ڊڄندي ڊڄندي اکيون کوليائين، ۽ اکيون کولي ڊڄي ويو. هن پاڻ کي هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي موجود ڏٺو. مٿان تيز هوا لڳي رهي هئي، ۽ هيٺ سمنڊ گجي رهيو هو.هن پنهنجي ٻُت کي ڪوئڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊپ ڪوهيڙي وانگر هن جي من تي ڇانئجي ويو. 'ٻچڻ جي ڪا بہ واهہ ڪانهي، ڇا، مان هيئن اڪيلو پنهنجي منهن مري ويندس؟ انسان جو روح ايڏي اڪيلائي ڇو ٿو محسوس ڪري! موت ۽ ڊپ سڀ اُن اڪيلائيءَ جي پيدائش آهن.' هن جي اڳيان وسيع، بي انتها ۽ لا محدود سمنڊ هو- ۽ سندس اڪيلو روح. سمنڊ ۾ ڪيس ڄڻ پنهنجي اڪيلائيءَ جو پاڇو نظر آيو... هڪ هيبتناڪ راڪاس جهڙو. هن هڪدم ڊڄي نظرون ڦيرائي ڇڏيون. هن چوڌاري ڇتائي نهاريو. ٽڪريءَ جي پنيان گهاٽو ڏنڊ هو. ڏنڊ ۾ ڪيس ڪجهہ نظر ئي نہ آيو. هن محسوس ڪرڻ چاهيو، اهو ڇا

تي سگھي ٿو! ڪو بہ اندازو لڳائڻ مشڪل هو. شايد ڪا بي انت اونداهي گھري ڪاهي هوندي، گھاٽي ڏنڌ سان ڍڪيل. ’مان سمنڊ ڏانهن موٽي وڃڻ ٿو چاهيان.‘ هن وري سمنڊ ڏانهن ڏٺو، جنهن جون ڇوليون اُن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ سان لڳي وري واپس موٽي ٿي ويون. پر بنا سهاري جي سمنڊ ۾ گھڙڻ مشڪل آهي. هن کي تختو ياد آيو، پر اهو ٽڪريءَ تي ڪونہ هو. هڪ معمولي تختي جو سهارو هو، پر اهو بہ هاٿي ڪونہ رهيو. ’اها مون کي اڳ ۾ ئي خبر هئي تہ ڪو بہ سهارو هميشہ جي لاءِ نہ هوندو آهي. ڪو بہ ماڻهو ڪنهن سهاري کي خوشيءَ سان ڇڏڻ نہ چاهيندو آهي، پر اهو ڇڻ ڪٿي نہ ڪٿي وڃائجي ويندو آهي. انسان آخر انسان آهي، ڪڪ آخر هڪ ڪک، پر ٻنهي ۾ هڪڙي ڳالهہ ساڳي آهي، ٻنهي جو هڪڙي هنڌ ٽڪاءُ تمام مشڪل آهي. هڪ ازلي طوفان ٻنهي کي پنهنجن بنيادن مان اکوڙي ڪڍهن ڪٿي، ڪڍهن ڪٿي اڏائيندو رهندو آهي، ۽ نيٺ وڃي ڪنهن گھريءَ ڪاهيءَ ۾ اُڇلائيندو آهي.‘ هن اکيون پوري ڇڏيون. ’مون کي اها خبر پوءِ پئي تہ جهاز تباهہ ٿيل هو. مان ڄاڻي واڻي ٽٽل جهاز ۾ ڪونہ چڙهيو هوس. طوفان جي لڳاتار ڌڪن جهاز کي ٽوڙي ڇڏيو هو. بچاءَ جو هرڪو طريقو ڪتب آندو ويو- پاڻ کي بچائڻ لاءِ، ۽ پنهنجيءَ دنيا کي بچائڻ لاءِ. جهاز بہ هڪڙي ننڍڙي دنيا هئي. اسين سڀ خوش هئاسين، ۽ بيپرواهہ هئاسين، مگن، پنهنجن ننڍڙين ننڍڙين خوشين ۾ وندريل. جهاز جا بنياد آهستي آهستي اکڙجڻ شروع ٿيا. اسين سڀ ڳڻتيءَ ۾ پئجي وياسين. ٽٽڻ جو سلسلو تمام ڍرو هو، ۽ اهو سيڪجهہ اسان جي اکين اڳيان ٿيندو رهيو. پنهنجي وس آن ڪير ٿو گھٽائي، پر جتي بنياد ڪمزور ٿي اکڙجڻ لڳن، اتي ڪو ڇا ٿو ڪري سگھي. اسان کي هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ جو

غير شعوري طور انتظار هو. اسين سڀ ڏُکي هئاسين، پنهنجي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ. هاڻي اها ڳالهه چٽيءَ طرح اڳيان آئي ته اسان ڪي نيٺ ڏار ٿيڻو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي اڪيلائيءَ جو ڊپ هو. وقت بي رحم آهي، يا حالتون ظالم آهن، ٽُنڊڙ پن لاءِ اهو سوچڻ اجايو ۽ بي معنيٰ آهي. ڪِرڻ وِتت فقط ڪرڻ جي ڳالهه ذهن ۾ هوندي آهي. هٿ لوڏي جدا ٿيڻ ۽ اوچتو ئي اوچتو جدا ٿيڻ ۾ فرق آهي، پر ماڻهو جدا بنهي حالتن ۾ ٿئي ٿو. پوءِ به هن نموني ۾ جدا ٿيڻ، پنهنجي اکين اڳيان پنهنجن کي ۽ پاڻ کي ٻڏندو ڏسڻ- ان وقت ڪنهن جي به دل ۾ اها خواهش نٿي اُڀري ته هٿ لوڏي هڪٻئي کان جدا ٿيون. جهاز مڪمل طرح ٽٽي چڪو هو، ۽ سيني زنده رهڻ ٿي چاهيو. ڪي ٻُڏي ويا ۽ ڪن کي تختن جو سهارو ملي ويو. آءٌ جن حالتن ۾ هيستائين پهتو آهيان، اهو فيصلو ڪرڻ مون لاءِ مشڪل آهي ته آءٌ خوشنصيب آهيان يا بدنصيب. هاڻي ته ڪو ڳوڙهو به نه رهيو آهي، جيڪو گذريل وقت کي ياد ڪري وَهائجي. پر مون کي ته گذريل وقت به ياد ڪونهي. جڻ ته گذريل وقت جو ڪو وجود ئي ڪونه هو. وقت جي اهميت تيستائين رهندي: جيستائين آءٌ جيئرو آهيان. مرڻ کان پوءِ مون لاءِ ڪنهن به شيءِ جي اهميت نه هوندي.'

هن هڪ عجيب بيچيني محسوس ڪئي. هن جي من ۾ آيو ته ان اڻ ڏٺل، ڏنڌ ۾ گم ٿيل، ڪاهيءَ ۾ ٽپو ڏئي. ٽڪرين سان ٽڪرائيندڙ ڇولين جو زوردار آواز اُن خيال تي چانئجي ويو. 'مون کي اهڙيون ڳالهيون نه سوچڻ کپن. مون ۾ اجا ساهه آهي، ۽ ساهه جي سگهه آهي. شايد مان خوفناڪ ٽڪريءَ تان سلامتيءَ سان لهي وڃان. پر سمنڊ ۾ گهڙڻ جو ڪو وسيلو ته هئڻ کپي. مان هٿين خالي، ٽٽل سگهه سان هن ويران ٽڪريءَ تي بيهي ڇا ٿو ڪري سگهان! آءٌ ڪڏهن هوس،

پر هاڻي ڪجهه به نه رهيو آهيان، هاڻي به اهو مان ئي آهيان، پر اهو ساڳيو نه آهيان. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ مان ڪجهه ٿي سگهيس ٿي. مون ته فقط ڌرتيءَ تي پير رکڻ جي دعا گهري هئي- ڪيڏي نه معمولي ۽ سادي سودي دعا. اُن ۾ ڪنهن کي ڪهڙو نقصان هو؟ مان پُليل هوس، مون کي خبر ڪانه هئي ته معمولي دعائون ڪڏهن به پوريون ڪونه ٿينديون آهن. مون سان ويساهه گهاتي ٿي آهي، پر اعتراض ڪرڻ فضول آهي. هتي ڇوندِ جو حق ڪنهن کي ڏنو ئي نٿو وڃي. مان گهڻو ٿو سوچيان ته نيٺ نصيب جهڙي واهيات ۽ مهمل شيءَ تي اعتبار ڪرڻ جي لاءِ مجبور ٿيو پوان. سمنڊ مون کي ٺوڙي ڇڏيو. مون کي ڇوندِ جو ڪوبه حق نه ڏنو ويو. جيڪڏهن ڪو حق ڏنو ويو آهي ته فقط ڏُنڊ ۾ گم ٿيل گهريءَ ڪاهيءَ ۾ ۽ بنا ڪنهن سهاري جي وسيع ترين سمنڊ مان ڪنهن هڪ کي ڇوندڻ جو. مان موجوده صورتحال ۾ وڌيڪ وقت رهي نٿو سگهان. مون کي ڪونه ڪو فيصلو ڪرڻو ئي آهي. ايڏي ساري سفر کان پوءِ به هڪ مهمل منزل تي ئي پهچي سگهيو آهيان، جتي ٽڪ پيچڻ جي به اجازت ڪانهي، ۽ سڀڪجهه غيريقيني آهي، سڀ ڪجهه بڪواس آهي... فريب آهي، بڪواس آهي، بڪواس آهي.... بڪواس، بڪواس.... او! بند ڪر.... بند ڪر...... بند ڪر.... هي ذهن به بڪواس آهي- سڀ بڪواس آهي'...... هو رڙيون ڪرڻ لڳو. پوءِ اُبتي مٺ پوري زور سان هنيائين پنهنجي نراڙ تي.

هن وڏيءَ مشڪل سان پاڻ تي ضابطو آندو: 'جيڪڏهن ٿڪل ٽٽل ذهن ضابطي مان نڪري ويو ته پوءِ خاتمو يقيني آهي. پر هيڙيءَ حالت ۾ ته ذهن کي ضابطي ۾ رکي ئي نٿو سگهجي. اهو ته پاڻمرادو سوچيندو رهي ٿو. مون کي ڪونه ڪو حيلو هلائڻ کپي.' پر جنهن ڳالهه هن کي ديبجاريو ٿي، سا

هئي تيز هوا، هو ڪنهن به وقت ڏنڊ ۾ گم ٿيل ڪاهيءَ ۾ ڪري سگهيو ٿي. هن مهمل خيالن کي روڪڻ جي لاءِ هٽان نڪرڻ جا طريقا سوچڻ چاهيا، پر ذهن قبضي ۾ نه هو. اهو آٽوميٽڪ مشين وانگر پئي هليو. هن کي خار آيو ته ذهن کي زور سان پٽرن تي اُڇلائي چپ ڪرائي ڇڏي... سندس ذهن ۾ تيز واچوڙو اُٿيو. هن کي لڳو: هو ويو... ويو..... هن پنهنجيءَ ٽُنل سگهه کي ميڙي پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. 'مان پاڻ پنهنجي ذهن کي چيڙي سندس تباهي آڻي رهيو آهيان.' هن ڪاوڙ وچان سوچيو. پوءِ هن ذهن کي پنهنجي مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو، ۽ پاڻ لا تعلق ٿي ويهي رهيو. خيالن جون لهرون ۽ ويرون هيون، ۽ هن اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون.

وقت گذريو پئي يا هڪ هنڌ بيٺل هو، ان ڳالهه جو هن کي سماءُ ڪونه هو. 'ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڏنڊ ۾ گم ٿيل ڪاهيءَ کي پنهنجي آخري منزل سمجهان؟' پر اڃا ڏنل لاءِ اهو فيصلو ڪيس نه آئڙيو. 'وٽڻ ۽ نه وٽڻ جو احساس اڃا به ٿئي ٿو!' هن پاڻ تي ڪلڻ چاهيو- 'جيڪڏهن ڪلڻ بند نه ٿئي ته پوءِ... جي مان هتي چريو ٿي پوان؟' هُن کي اهو خيال ڏاڍو دلچسپ لڳو. وري ڪيس ٻيو خيال آيو، 'مان پنهنجي مرضيءَ تي کِلي به نه ٿو سگهان! شايد ڪنهن به شيءِ ۾ منهنجي مرضيءَ جو دخل نه رهيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ چوندؤ ۽ فيصلو ڪرڻ، مون کي فقط بيجان لفظ ٿا لڳن. منهنجو اندر خالي آهي، خال وانگر، ۽ لفظ بيجان آهن. ڪٿان گرمي ملڻ جو امڪان ئي ناهي.'

'ڇا مان ائين چپ چاپ مري وڃان؟' هن سوچيو.

ان وقت هن پنهنجي اندر ۾ هڪ تبديلي محسوس ڪئي. هن جي دل مايوسيءَ جي پاتال مان نڪري، مٿي سطح تي آئي.'مان جيئڻ چاهيان ٿو. مون اڃا ڪيو ئي ڇا آهي. اڃا

ٻہ موقعو آهي، شايد مان ڪجهہ تي سگهان... گهٽ ۾ گهٽ هڪ رواجي انسان.' جيئڻ جي خواهش هن جي ٿڪل ٽٽل ذهن کي ڪجهہ تازگي ڏني. هو هاڻي اڳي کان بهتر محسوس ڪرڻ لڳو. 'هڪ ٽٽل ماڻهوءَ جي لاءِ جدوجهد ڪيڏي ڪٺن آهي. پر نہ، مون کي هڪ ڀيرو وري ٻيهر شروعات ڪرڻ کپي. هڪ ڀيرو وري آزمائڻ کپي. تي سگهي ٿو... تي سگهي ٿو تہ'.... ٻڏندڙ آس وري اُڀري آئي. هو هاڻي ٻيهر شروعات ڪرڻ جا ڳهاٽ گهڙڻ لڳو.

هو ٿڪل، خالي ۽ ويران نظرن سان سمنڊ کي ڏسندو رهيو، ۽ بچاءَ جا طريقا سوچيندو رهيو. اوچتو هن کي پري کان هڪ نقطو اُڀرندو نظر آيو. هو اُن نقطي کي چتائي ڏسڻ لڳو: 'اهو ڇا تو ٿي سگهي؟' نقطو ويو وڌيڪ اُڀرندو- اهو هڪ جهاز هو. هو خوشيءَ ۾ اٿي ٻيهي رهيو. 'مان بچي سگهان ٿو!.... مان بچي سگهان ٿو!'.... جهاز ويجهو ايندو ويو. هو هڪدم پنهنجي قميص لاهي، زور زور سان ڦيرائڻ ۽ لوڏڻ لڳو. 'من مون تي نظر پئجي وڃين ۽ هن اوڙاهہ مان بچائين.' جهاز اڳيان وڌي ويو. هو قميص کي جهنڊو بنائي هوا ۾ لوڏيندو رهيو، ۽ جهاز ويو پري ٿيندو. قنديل دل سُسِي وئي. هن جون اکيون جهاز تي جميل هيون، ۽ ٻانهون مٿي قميص کي جهليو بيٺيون هيون. هن کي ياد آيو تہ هو هڪ ڀيرو ڊوڙندو ڊوڙندو پليٽفارم تي آيو هو، ۽ گاڏي هن جي اڳيان ڇٽي وڃي رهي هئي. ساڪت ٻانهون ٽٽل تاريءَ وانگر هيٺ اچي ڪريون. نقطو هن جي اکين اڳيان نچڻ لڳو. هاڻي ڪنهن جو بہ آسرو نہ رهيو هو. 'جيڪڏهن ڪجهہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو فقط مان ئي ڪري سگهان ٿو. ٻيا آسرا بيڪار آهن.'

هن ٽُرهي ناهڻ جو سوچيو، ۽ هتان هُتان ڪاٺيون ميڙڻ شروع ڪيون. ڏاڍي مشڪل سان ايتريون ڪاٺيون هٿ

ڪري سگهيو، جن مان هڪ معمولي ٽُرهو ناهي سگهجي. هن ڪپڙا ڦاڙي، نوڙيون ناهي، ترهي کي ٻڌو. ترهو مضبوط نہ ٿهي سگهيو، پر هن زنده رهڻ تي چاهيو. ’مان چپ چاپ مري وڃڻ نٿو چاهيان. هن معمولي ٽُرهي جي سهاري حالتن سان ٽڪر ڪائيندس. زنده رهڻ جي جدوجهد ڪرڻ جي لاءِ اجا ڪجهہ همت آهي.‘ سوچ سان گڏ هن جا هٿ بہ ڪم ڪندا رهيا. هاڻي ٽُرهو بلڪل تيار هو. هو ترهي کي ڇولين کان بچائڻ جي لاءِ سٽائيءَ مهل جو انتظار ڪرڻ لڳو.

هو وري سمنڊ ۾ هو.

’ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي،‘ هن سوچيو، ’مان وري نئين سر شروعات ڪري رهيو آهيان، سيڪجهہ نئين سر حاصل ڪرڻ جي لاءِ. اهو مان نٿو ڄاڻان تہ ڪجهہ حاصل بہ ٿيندو يا نہ. جيڪڏهن ڪو ڄاڻي، تہ پوءِ ايڏي مٿاڪٽ ڇو ڪري. ممڪن آهي تہ مون کي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿئي. ممڪن آهي تہ منهنجو ٽُرهو ٽُٽي پئي. پر پوءِ بہ سمجهان ٿو تہ آءٌ جو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان، بهتر ڪري رهيو آهيان. مان وجود جي بار کان ڀڄڻ نٿو چاهيان. جيستائين ٿي سگهيو، اهو بار ڪڻندس. اها بہ جڻ سزا آهي، جيڪا هر حالت ۾ ڀوڳڻي آهي.‘

آسمان کي جڻ ڪنهن ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو هو. هيٺ وسيع ۽ لامحدود سمنڊ تي ٽُرهو ڪک وانگر ترندو پئي ويو. هن کي خبر هئي تہ ترهو ڪمزور هو. اهو معمولي سٽ بہ سهي نٿي سگهيو. سامهون هر ڪا لهر ڌسي هو ڊڄي تي ويو. ان کان تختو وڌيڪ مضبوط هو. ’خبر ناهي ڇو، جيئن پوءِ تيئن سهارا ويندا آهن ٽٽندا ۽ ڪمزور ٿيندا.‘ٽڪرين جا سلسلا ختم ٿي چڪا هئا، ۽ هو پري نڪري ويو هو. ’مان سنئين سڌيءَ ڌرتيءَ تي پير رکڻ ٿو چاهيان.‘ هن پنهنجيءَ خواهش کي دل ۾ ورجايو. ڪمزوريءَ ۽ هيڻائيءَ هن جي جسم کي ڳاري ٿانئو ڪري ڇڏيو هو. هن ڇڳيءَ

طرح جاتو ٿي ته هن پنهنجيءَ ٽُنل سگهه کي ميڙي اها آخري ڪوشش ڪئي هئي. ٽُرهو لهرن تي لڙهندو ويو- ڪٿي تکو، ڪٿي ڍرو. وقت جو ڪو احساس ڪونه هو، هڪ هنڌ ساڪت هو يا نظرن کان به وڌيڪ تيزيءَ سان گذرندو پئي ويو. ڪا ڳالهه چٽي ڪانه هئي.مستقبل تي پردا چڙهيل هئا، جن کي ترهو هڪ هڪ ڪري لاهيندو پئي ويو... پر اهي پردا ڪٿا ئي ڪونه ٿي. مستقبل جا پردا به شايد بصر وانگر هوندا آهن. کلون وينديون هڪٻئي پٺيان لهنديون، تان جو باقي ڪجهه به نه بچندو. مستقبل جي آخري پردي کان پوءِ رڳو خال آهي، جنهن جي بي انت اوندهه ۾ ڪجهه به نظر نه ٿو اچي.

ڏسندي ڏسندي، آسمان تي الائي ڪٿان ڪڪر گڏ ٿيڻ شروع ٿيا. صاف آسمان ڪارن ڪڪرن سان گدلو ٿي ويو ۽ سمنڊ جو رنگ وڌيڪ گهرو ڪارو ٿي ويو. هن کي وايو منڊل عجيب ۽ دهشتناڪ لڳو. کيس سخت بيچيني محسوس ٿيڻ لڳي. هوا ۾ تيزي ايندي ويئي، جيڪا ويئي وڌندي. لهرون هوا جي تيز مرليءَ تي نانگڻ جيان ڪر کنيو نچنديون آيون. هو ڪنبي ويو، ۽ ٽُرهي کي مضبوطيءَ سان چنبڙي پيو، جيڪو لهرن جا ڏنگ ڪائي هيڏانهن هوڏانهن پچڻ لڳو. هن جي دلُ ٻڏي ويئي. مرٽينگ حالت ۾ ترهي کي چنبڙيو پيو هو. لهرن ترهي کي هڪڙي هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ اڇلائي ٿي ڇڏيو. اوچتو هن کي محسوس ٿيو ته ترهو ڪاني ڪاني ٿي رهيو هو. اهو نيٺ ٽيٽو ئي هو! پر اهو ڄاڻندي به، هو ان لاءِ تيار نه هو. هو ڏار ٿيندڙ ڪانين کي مضبوطيءَ سان چنبڙي پيو. پر ترهو مڪمل طرح ٽٽي چڪو هو- ۽ ان سان گڏ هو پاڻ به.

.... جهاز هلندي هلندي بند ٿي ويو آهي. ڪو به آواز ڪونهي. آخر ڳالهه ڇا آهي! ماڻهو ڪيڏا نه خوش هئا، پر سندن ڪِل، ٺهڪ، هُل ۽ گوڙ بند ڇو ٿي ويا آهن. ڪو به آواز

ڪونهي. ڪا بہ روشني ڪانهي. مون کي ڪجھ سُور پيو محسوس ٿئي. هاڻ ۾ ولوڙ آهي، ڄڻ ان کي ڪو نپوڙي پيو. ڪيڏي عجيب ڳالھ آهي! سڀ مون کي اڪيلو ڇڏي هليا ويا آهن. مان بہ وڃڻ ٿو چاهيان. ڏسڻ ٿو چاهيان تہ سڀ ويا ڪيڏانهن آهن. مون کي ڪا بہ خبر نٿي پئي. جهاز ايڏو چو لڏي رهيو آهي- ڄڻ ڪا تيز لڏندڙ پينگھ آهي. مان اٿڻ ٿو چاهيان، پر اٿي ويهي نٿو سگهان. منهنجا خدا! مان ڏسڻ ٿو چاهيان... هيءَ هيڏي اونده چو آهي؟'-

"ڪو آهي؟ روشني ڪريو.. توري روشني ڪريو!"

"اجا جيئرو آهي. شايد ڪجھ چوڻ چاهي ٿو."

هن کي مکين جي ڀُون ڀون ٻڌڻ ۾ آئي. هو واريءَ تي ليٽيل هو، ۽ ڪيڏي عجيب ڳالھ هئي تہ هو وري بہ بچي ويو هو. هن جي چوڌاري ماڻهو بيٺا هئا، گول ناهيو. ماڻهو چئي رهيا هئا تہ هو ڀاڳن وارو هو، جو ڪناري کي ويجهو اچي پهتو هو تہ طوفان شروع ٿيو. جيڪڏهن ڪناري ڪان پري هجي ها..... پر ڪنهن ٻڌايو تہ هو سَڪرات ۾ آهي. ماڻهو هن تي افسوس ڪرڻ لڳا، ۽ همدردي ظاهر ڪيائون. هو هاڻي مڪمل طرح ٽُٽي چڪو هو. سندس ذهن ٿڪل گهڙيال وانگر هلي هلي بيهي ٿي ويو. هن زور ڪري اکيون کولي ڏسڻ چاهيو. آسمان جو رنگ ڪارو هو، يا آسمان پنهنجيءَ جاءِ تي هو ئي ڪونہ؟ رُڳي ڪاراڻ هئي، چوطرف. فيصلي ڪرڻ واري ڪا شيءِ نہ رهي هئي هن جي اندر ۾. هن وري بہ ڏاڍي ڪوشش ڪري پنهنجي آسپاس ڏٺو. هن کي ڪاراڻ ڪجھ جَهڪي نظر آئي. شايد ڪنهن روشني ڪئي هئي- هن سمجهيو. پر سندس چوطرف ڪهڙي عجيب مخلوق بيٺي هئي: هئا تہ ماڻهو، پر صفا پتڪڙا پتڪڙا، جهڙا لليپٽ جا

چامڙا. هن کي ڏاڍو عجب لڳو. رکي رکي اهي پتڪڙا ماڻهو
بہ اکين کان غائب ٿي ٿي ويا. هن زوردار ڪوشش ڪري وري
اکيون کوليون. پري پري تائين ڏنڊ هو، جيڪو وري آسمان
جي رنگ سان گڏجي ڪارو ٿي ويو هو. اهو گهرو ڪارو ڏنڊو
وڌندو آيو، ۽ نظر ايندڙ پتڪڙا پتڪڙا ماڻهو ان ۾ گم ٿيندا
ويا. پوءِ اهو ڏنڊ تمام ويجهو اچي پهتو، ۽ هن جي کليل اکين
۾ گهڙي آيو.

# سُرنگ

کنهن کنهن وقت هن کي لڳندو هو ته روڊ کي ڪٺي آٽي سندن گهر ۾ اندر رکيو ويو آهي... ٽرڪون، بسون ۽ موٽرڪارون، در مان ڏوڪينديون اندر پيون ايندڀون هيون. هڪڙي ڏينهن ڪٿ تي ليٽيو پيو هو ته ڪيس لڳو ته گوڙ متائنس چڙهندو پئي آيو. هن زور سان چيو، 'ڪٺي وجو روڊ کي هتان! ڪهڙي مصيبت آهي هيءَ؟' ۽ رڙيون ڪندو ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو. سُڪل ڪانيءَجهڙي ڪمزور پوڙهي ماءُ ڏڪندي هن ڏانهن آئي ۽ لرزندڙ چپن ۾ مِڻ مِڻ ڪري متي آسمان ڏانهن اکيون ڪٽي ڏٺائين. هو ويتر ٻاهه تي ويو. 'ائين چپن ۾ مِڻ مِڻ ڇو ٿي ڪرين؟ زور سان چئو ته خدا به ٻڌي! مون تو کي ڪيترا ڀيرا چيو آهي ته منهنجي لاءِ دعا نه گهرندي ڪر.... ' ماءُ ڊڄي سوڙهي ٿي، پنهنجو پاڻ ۾ ويڙهجي اکيون هيٺ جهڪائي بيهي رهي، پر سندس ڄاڙي پوءِ به پئي ڏڪي. هن کي ماءُ تي رحم آيو ۽ پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ. موٽي اندر ڪمري ۾ هليو ويو، پر گهڻو ڪري هن کي رحم پنهنجو پاڻ تي ايندو هو، پنهنجي ذات تي، پنهنجي بگڙجندڙ ذهني حالت تي ۽ پنهنجي ارد گرد تي. اها ئي ڳالهه هن کي نه وڻندي هئي ته ٻيا متس رحم ڪائين ۽ هن کي به پنهنجو پاڻ تي رحم اچي!

ڪمري ۾ اوندهه گهري ٿي وئي. هن بلب ٻارڻ جو سوچيو: پر ٻٽڻ هيٺ ڪرڻ جي لاءِ سندس هٿ نه وڌي سگهيو. کٽ تي پئي پئي ٿڪجي پيو هو ۽ هاڻي ڪمري ۾ هانءُ منجهڻ لڳو هوس. هو گهر مان ٻاهر نڪري ويو، روڊن تي رلڻ جي لاءِ. پيرن ۾ چمپل پاتل هوس ۽ ڏاڙهي ٻن ڏينهن ڪان وڌيل هئس. فوٽ پاٿ تي هلندي هن کي پنهنجو اڳيون پٽيوالو منهن پئجي ويو. هو جڏهن نوڪريءَ ۾ هو ۽ ڪڏهن اتفاق سان بازار ۾ پٽيوالو منهن٠سامهون اچي ويندو

هو تہ کيس سلام ڪري، پاسو ونني هليو ويندو هو. هن ڏنو تہ جيئن ئي پٽيوالي جي متس نظر پئي، هو پهرين ٿورو هبڪي ويو، شايد گهٻرائجي ويو هو، کيس ان حالت ۾ ڏسي، هو هڪدم سلام ڪري سامهون بيهي رهيو ۽ هلڪو جهڪندي هٿ ڏنائين.

" ڇا حال آهي، عارب؟" هن رسمي طور پٽيوالي کان پڇيو. پٽيوالو پشيمان پشيمان ٿي کيس ڏسي رهيو هو، ڄڻ هن جي نوڪري ختم ٿيڻ جو ڪارڻ پاڻ هو.

"سائين،سڀ خير آهي.... اوهان تہ خوش آهيو نہ، سائين!"

هن جي وڏيل ڏاڙهي ۽ لٿل منهن ڏسي شڪي ٿي ويو. "اوهان جي طبيعت ٺيڪ آهي؟"

"ها ها،طبيعت ٺيڪ آهي.تون ٻڌاءِ، تون ڪيئن آهين؟ ڪم ڪار ڪيئن پيو هلي؟" هن کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇو پٽيوالي سان ايتري ديگهہ ڪرڻ بيهي رهيو هو.

"بس سائين،ڪم مڙيو ئي پيو هلي.... سائين، اوهان...." پٽيوالو هبڪيو ۽ رڪجي ويو ۽ سندس چهري تي همدرديءَ جا اهڃاڻ ايري آيا.

'هي بيوقوف ڇا ٿو سمجهي تہ نوڪري وڃڻ سبب آءٌ چرين جهڙو ٿي پيو آهيان' هو زوريءَ مرڪيو ۽ چيائين، "سڀ ٺيڪ آهي، چڱو...." هن پٽيوالي کي هٿ ڏنو ۽ وڌي ويو. هٿ ملائيندي هن ڏنو تہ پٽيوالي جي اکين ۾ سندس لاءِ رحم هو. هن کي سخت ڪاوڙ آئي. هن جي لاءِ ڪٿي بہ جاءِ نہ هئي. ٻاهر ڪونہ ڪو واقفڪار ملي ويو ٿي ۽ سيني کيس پنهنجي منافقيءَ سان ڀريل همدردي ڏيکارڻ شروع ٿي ڪئي. گهر ۾ بہ ڪو سُک نہ هو. اتي بہ هاڻ منجهڻ ٿي لڳو ۽ گهر جا سڀ ڀاتي ڄڻ سندس اڳيان پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري سمجهندا هئا.

آفيس ۾ آخري ڏينهن تي صاحب جڏهن ساڻس

همدردي ڪئي هئي، تڏهن ائين ٿي لڳو ته اهو به پاڻ کي ڏوهاري سمجهي رهيو هو. هن ڪيس يقين ڏياريو ته ٽرمينيشن ۾ سندس ڪو به هٿ نه هو. نوڪريءَ جي ختم ٿيڻ جو سبب نوڪريءَ واريءَ درخواست تي لکيل سفارشي نوٽ هو.

”مان تنهنجي ڪم مان سيٽسفاءِ آهيان. مون کي خبر آهي ته تون بلڪل افيشنٽ آهين، پر حالتون تون پاڻ ڏسين ٿو. مٿان آرڊر آيو آهي ته جن ماڻهن کي سياسي بنياد تي ڀرتي ڪيو ويو آهي، تن کي ڪڍيو وڃي. مون کي تو سان همدردي آهي، پر مان ڪجهه به ڪري نٿو سگهان....“

هو بور ٿيڻ لڳو. ڪيس صاحب جي وضاحت اجائي لڳي. هن جلدي جند ڇڏائڻ لاءِ چيو، ”آءٌ سمجهان ٿو، سائين، اوهان مجبور آهيو. اوهان کي مون سان همدردي آهي، اها به وڏي مهرباني. چڱو سائين......!؟“

هن سوچيو ته جهڙي سولائي ۽ بنا دير جي ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو، تهڙي طرح نوڪري ملي ڪانه هئي. اُن اڌ سٽ واري نوٽ لکائڻ جي لاءِ ڪيترو رليو هو، در در ڀٽڪيو هو ۽ ڪيترن ماڻهن کي ايلاز منٿون ڪيون هئائين. ۽ پوءِ نوڪري وئي ته ان اڌ سٽ جي نوٽ سبب!

هن جي نظر آفيس جي هڪڙي ڪلارڪ تي پئي، جو مزي سان سگريٽ جا سوٽا ڀريندو پئي آيو. هو گهٻرائجي ويو ۽ ڪُهت هٽي پاسي واري گهٽيءَ ۾ مڙي ويو. هن سوچيو ته چڱو جو ڪلارڪ جي مٿس نظر نه پئي، نه ته وري اهو ئي رينگٽ شروع ٿئي ها. هو ساڳئي ساڳئي ميسٽي انداز ۾ چيل ڳالهيون ٻڌي بيزار ٿي پيو هو. ڪڏهن من ۾ ايندو هوس ته چئي ڏي: ’نوڪري وني آهي ته متهنجي وئي آهي، اوهان چو اچي منهنجي پويان پيا آهيو؟‘ ۽ هو ڊنو ٿي ته ڪڏهن سچ پچ ڦاٿ نه ڪائي. ٻرندڙ جبل وانگر ڦاٽي نه پئي.

گهٽي سوڙهي ۽ گندي هئي. لڳو لڳ وهندڙ نالي مان ڪٿي ڪٿي ڪنو پاڻي ۽ڪچرو اٿلي گهٽيءَ ۾ پرجي ويو هو. هو ان گهٽيءَ ۾ پهريون ڀيرو آيو هو. ڪيس خيال آيو ته پوئتي موٽي وڃڻ کان چڱو آهي ته سڌو هلندو رهي. اها گهٽي نيٺ ته ڪٿي ڪٿندي ۽ ڪنهن ٻئي روڊ ۾ وڃي پوندي. هونئن روڊ تي هلڻ نيڪ نه هو.آفيس جا ماڻهو پئي ٽڪرايا ان روڊ تي.

هن جلدي گهر موٽي وڃڻ نٿي چاهيو. هن سوچيو ته هلي هلي جڏهن صفا ٿڪجي پوندو ته پوءِ گهر واپس موٽندو. ٿڪ سبب ننڊ جلدي اچي ويندي، جيڪا رات جو ڪانه ايندي هئي. جاڳي مٿو ڳرو ٿي پوندو هو ۽ اکيون سور ڪرڻ لڳنديون هيون. جيڪڏهن ننڊ ايندي به هئي ته سخت بي آراميءَ واري- رڳو اٿل پٿل. رکي رکي ننڊ ڦٽي پوندي هئي. هن ڪي گهر جي ٻين ماڻهن ٻڌايو ته هو ننڊ ۾ رڙيون ڪندو آهي، جهڙوڪر ڪو سخت تڪليف ۾ هجي. سندس ماءُ انهن ڪنجهڪارن تي ڏجي اٿي ايندي هئي، ته ڪٿي هن جي طبيعت خراب ته نه ٿي پئي آهي. هوءَ هيسيل هيسيل سڏ ڪندي هئي ۽ پوءِ جڏهن پڪ ٿيندي هيس ته هو سٺل آهي، تڏهن موٽي ويندي هئي. گهٽيءَ ۾ اٿليل گندي پاڻيءَ تان ٽپندي هن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته ڪيس اها عادت ڪڏهن پئي هئي! هن جي ذهن ۾ تمام گهڻيون يادگيريون گڏوچڙ ٿي ويون ۽ ڪا به ڳالهه چٽي نه هئي. سڄي حياتي ڏک ئي ڏک هئا، محروميون ئي محروميون هيون. بکون، بيماريون ۽ ذلتون. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ٽن سالن تائين بيروزگاريءَ جو پيڙيندڙ عذاب. يادگيريون، جن ۾ رڳي پيڙا هئي، تن جو هڪ ڍير هو ۽ هو ان ڍير مان ڪا هڪڙي يادگيري چونڊي نٿي سگهيو. ننڊ ۾ رڙين ڪرڻ جي عادت ڪيس گهڻي وقت کان هئي. هن کي ڏپ هو ته جڏهن سندس شادي ٿي ويندي، ته ان عادت سبب نسرين جي ننڊ ڦٽي پوندي. هو ان پريشانيءَ ۾ هو ته اها عادت پاڻ کان ڪيئن ڇڏائي. نوڪريءَ وڃڻ سبب پيو نه ته گهٽ ۾

گهڻ ان پريشانيءَ کان ته ڇوٽڪارو مليو هوس. هو من ئي من ۾ مرڪيو.

اوچتو هن جو هڪ پير ڪني پاڻيءَ ۾ وڃي پيو. چمپل گپ ۾ ڦاسي پيو ۽ ڇنڊا اڏامي ڪپڙن تي اچي پيا. هن زور لڳائي چمپل گپ مان ڪڍيو. ڌپ ناسن ۾ گهڙي آئي. گهٽي سوڙهي هئي ۽ ان ۾ پوري روشني به ڪانه هئي: هو ڇرڪي بيهي رهيو. 'آءٌ ڪٿي آهيان؟ وڃان ڪيڏانهن پيو؟' هن پاڻ کان پڇيو. هن کي سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. گهٽي سندس اڻ ڄاتل هئي. اجا ڪيتري ڊگهي هئي ۽ ڪٿي وڃي ڪٽڻي هئي، تنهن جي ڪا خبر نه هئي. هو منجهي پيو ته ڇا ڪري. هن کي لڳو ته هو گهڻو پنڌ ڪري چڪو هو. ايتري گهٽي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هاڻ پنٺي موٽڻ ممڪن نه هو. 'تي سگهي ٿو هاڻي گهٽي ختم ٿيڻ واري هجي،' هن سوچيو ۽ هلڻ لڳو.

'جيڪڏهن نسرين سان منهنجي شادي ٿي چڪي هجي ها، ته هن وقت ڇا حالت ٿئي ها؟... هوءَ مون کي ڇڏي مائٽن وٽ هلي وڃي ها. ائين ئي ٿئي ها،' ان ڳالهه جي ڪيس پڪ هئي. هن کي حيرت لڳي ته نسرين ۽ هن جي پاڻ ۾ ڪهڙي قسم جي محبت هئي! جيتري قدر هن ٻڌو هو يا ڪتابن ۾ پڙهيو هو، سو ائين هو، ته محبت هر قسم جي لالچ ۽مفاد کان مٿاهين ڪا آسماني شيءِ هوندي آهي. شايد سندن محبت گهٽ درجي واري هئي. هن کي خيال آيو ته نسرين ۽ سندس محبت روايتي نه، پر وهنواري محبت هئي. 'ها، اصل ڳالهه اها ئي آهي.' هو خوش ٿيو ته حقيقت جي ته کي وڃي پهتو هو. هن سڄي ڳالهه جو تجزيو ڪرڻ چاهيو. هن جي نسرين سان ان وقت کان محبت هئي، جڏهن هو اجا ڪلارڪ هو. هو هڪٻئي کي ڏسندا هئا، ته نظرون اٽڪي پونديون هيون ۽ پوءِ

نسرين جي بت ۾ هلڪي ڏڪڻي پيدا ٿيندي هئي، نظرون جهڪائي ڇڏيندي هئي. هن ڪڏهن نسرين سان محبت جو اظهار نہ ڪيو هو، پر ڪيس خبر هئي تہ ٻنهي کي هڪٻئي سان پيار آهي. ان وقت سندس ماءُ سگ گهرڻ ويئي، تہ نسرين جي مائٽن انڪار ڪري ڇڏيو. هنن هڪ ڪلارڪ کي ڌيءُ ڏيئي، سندس قسمت هميشہ جي لاءِ ڦٽائڻ نٿي چاهي. هن کي پنهنجي محرومين جو شدت سان احساس ٿيو هو. هن اهو ڏٺو تہ نسرين کي ان ڳالهہ جو ڪو بہ ڏک نہ ٿيو. هوءَ انهن ڇوڪرين مان هئي، جيڪي محبت سُڄن سان ڪنديون آهن ۽ شادي شاهوڪارن سان. تنهن هوندي بہ هو نسرين سان محبت ڪندو رهيو. پوءِ جڏهن وڏي جاکوڙ ڪان پوءِ سفارش ڪرائي آفيسر ٿيو، تہ نسرين جي مائٽن پاڻ سگ ڏيڻ جي آڇ ڪئي. مڱڻو ٿي ويو. شاديءَ ۾ اجا ٿورو وقت هو، تہ سندس نوڪري ختم ٿي وئي. نسرين جي مائٽن مڱڻو ٽوڙي ڇڏيو.هن کي اميد هئي تہ نسرين جيڪڏهن مائٽن جي فيصلي جي مخالفت نہ ڪري سگهندي، تہ بہ ان کي ذهني طور نہ قبوليندي. هن نسرين سان ملڻ ۽ ڳالهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هاڻي ملڻ مان فائدو ڪهڙو ۽ ڳالهائڻ جي لاءِ تہ ڪجهہ رهيو ئي ڪونهي. نسرين ڪيس جواب موڪليو هو. هو هلندي هلندي ڪليو. هن چاهيو تہ هڪ وڏو ٽهڪ ڏئي، من جي ڊپريشن کي هلڪو ڪري، پر هن کي ماڻهن جو خيال آيو، جيڪي ڪيس چريو سمجهن ها. اوچتو هن کي احساس ٿيو تہ هو ڪيتري وقت ڪان گهٽيءَ ۾ هلندو رهيو هو، پر ڪيس ڪو هڪڙو ماڻهو بہ نہ مليو هو. گهٽي اجا ڪانہ ڪٽي هئي ۽ وڌيڪ سوڙهي ٿي وئي هئي هو بيهي رهيو. ڪيس ساهہ کڻڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿيڻ لڳي گهٽيءَ ۾ هوا بلڪل ڪانہ هئي. هن مٿي آسمان ڏانهن ڏٺو، پر آسمان نظر نہ آيو. گهٽيءَ جي ٻنهي طرف پٿر جون ڊگهيون ديوارون

هيون ۽ آسمان غائب هو. اوچتو هن کي خيال آيو ۽ سندس وار ڪاندارجي ويا. هو جتي بيٺو هو، اها گهٽي ڪانه هئي، پر هڪ ڏگهي اونداهي سُرنگ هئي. هو ڊڄي ويو ۽ سرنگ مان جلدي نڪرڻ جي لاءِ ڊوڙڻ لڳو. اونده ۾ پٿر جي ديوارن سان ٽڪرائجي گپ ۾ ڪري ٿي پيو ۽ اٿي وري ڊوڙڻ ٿي لڳو. هن کي پڪ ٿي وئي ته اها سرنگ ڪٿي به ڪُٽي ڪانه هئي، پر تڏهن به هو ڊوڙندو رهيو......

# گونگي ڌرتي، ٻوڙو آڪاس

هو فلم جي پوئين شو تان موٽيو آهي. گهر جا سمورا ياتي سمهي چڪا آهن. هو زال جي ننڊ ڦٽائڻ مناسب نہ سمجهي، پاڻ ئي ماني کڻي ٿو. اهو ڏسي خوش ٿو ٿئي، تہ اڄ دال جي بدران پڪوڙا آهن. سڪل مانيءَ کي زور سان چٻاڙيندي سوچي ٿو، ”سيما ڏاڍي سياڻي آهي. سوچيو هوندائين تہ مهيني ۾ هڪ ڀيرو مس فلم ڏسڻ ٿو وڃي، موٽي اچي روز روز واري دال کائيندو تہ فلم جي خوشي ڪافور ٿي وينديس. هن کي دال کان سخت چڙ آهي، تڏهن بہ روز اها ئي دال کائيندو آهي،. هو ماني کائي، چپ-چاپ کٽ تي زال جي پاسي ۾ ليٽي ٿو پئي. چنڊ ڏانهن نهاريندي نهاريندي سوچي ٿو، ”رات ڪيڏي نہ حسين آهي. هر طرف چٽڻ کير جهڙي چانڊوڪي هاريل آهي....“ کير واري ڳالهہ تي هن کي وري دال ياد اچي ٿي. دال کي وسارڻ جي لاءِ هو فضا ۾ گم ٿي وڃڻ چاهي ٿو.

”ٿڌي ٿڌي هير جي جهوٽن ۾ ڪو نشو رچيل آهي. هر شيءِ سڪون جي چادر ۾ ويڙهي پيئي آهي. ايترو سڪون، ايتري خاموشي، مون اڳي ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي آهي — مون کي سڪون ئي ڪٿي نصيب ٿيو آهي جو ڪنهن چانڊوڪيءَ رات جو حسن ماڻي سگهان ۽ زندگيءَ جي سمورين تلخين کي وساري ڇڏيان. سڄي ڏينهن جي بيزاري ۽ ٿڪ، اڌ مئو ڪري، موت جهڙي ننڊ جي گهيرٽ ۾ اڇلايو ڇڏي. صبح جو اک کلڻ شرط، ڏينهن جو شور ڪنهن ڌماڪي جيان ڪنن ۾ ڌوڪي ايندو آهي ۽ مان آفيس ڏانهن وڃڻ ۾ دير ٿيڻ جي ڊپ کان تياريءَ ۾ لڳي ويندو آهيان. وري ڊزن کن ٻار ننڍ مان اٿي پنهنجين رڙين سان ڏينهن جي شور ۾

وس آهر اضافو ڪندا آهن ....“ هن ڪي ٻارن جي روئڻ کان سخت چڙ آهي، ڪيس ٻارن جو روئڻ اصل ڪو نہ وڻندو آهي. ”توبہ، سيما اجا هڪڙي کي مس ماٺ ڪرائيندي تہ وري ٻيو شروع ٿي ويندو، يا ڪتي پاڻ ۾ وڙهيا پيا هوندا ۽ رڙيون پيون پوندن! سيما هنن کي ماٺ ڪرائي يا مون کي ڪجھ ڪري ڏئي..... پوءِ تڙ تڪڙ ۾ سڄا گرھ ڳڙڪائي، سيما کي چڙٻون ڏيندي، ٻن ٽن ٻارن تي هٿ ٺاريندي، ٻاهر نڪري ماڻهن جي ميڙ ۾ گم ٿي ويندو آهيان. ڪيتريءَ بہ ڪوشش ڪندي، آفيس پهچڻ ۾ دير ٿي ويندي آهي، ۽ صاحب دڙڪن سان گڏ وارننگ ڏيندو آهي. ان وقت دل چاهيندي آهي تہ استعيفا لکي، صاحب جي منهن تي هڻي هليون وڃان، پر جڏهن سيما ۽ ڏزن کن ٻار اکين اڳيان ڦري ويندا آهن، تڏهن هوندي آهي. ڪاغذن جي سر سر ۽ ٽائيپ جي ڪٽ ڪٽ ..... آفيس مان اٺڻ وقت پاڻ کي ورهين جو ٿڪل ۽ بيمار پائنيندو آهيان، تڏهن خودڪشي ڪرڻ جو خيال ايندو آهي، خودڪشي جي ڪنهن موزون طريقي تي سوچيندي سوچيندي گهر پهچي ويندو آهيان، ۽ گهر پهچڻ سان ٻارن جي رڙ واڪ کان ڏڄي سمورا خيال پڇي گم ٿي ويندا آهن. رات جو ماني دال ۾ پسائي، زوري ڳڙڪائيندي: سيما کان مهانگائيءَ جون شڪايتون، ٻارن جي ڦاٽي ويل ڪپڙن جون خبرون، ٻارن تان، ڪنهن پاڙي واريءَ سان جهيڙي جو احوال — وچ وچ ۾ ڪي منيون منيون ڳالهيون ٻڌندو رهندو آهيان، تان جو ننڊ اچي ورائيندي آهي. صبح جو وري ساڳي ڪار — اهو ئي چاڪيءَ جي ڏڳي وارو چڪر!

”اسان نوڪري وارن جي لاءِ سنڌي جهڙو پاڪ ۽ پلارو ڏينهن ٻيو ڪونهي. فقط ان ڏينهن اسان کي محسوس ٿيندو آهي تہ اسين بہ ٻين انسانن جهڙا انسان آهيون.... اهڙي رات تہ

سچ پچ ٻاڦن واري کي نصيب ٿيندي آهي. ڪکڙن جي ڪڏيءَ جهڙي گهر ۾، گهٽڻ ڏينهن ڪان پوءِ، اهڙي خاموشي ۽ سڪون ڏنو اٿم. هونئن هي به ڪو گهر آهي! سچ پچ ڪکڙن جي ڪڏي آهي ! انسانن جي لائق ته هرگز ناهي — پر اسين ڪٿان ٿياسين انسان ! اهڙن گهرن ۾ انسان ٿوروئي رهندا آهن. اونهاري ۾ هوا جو ڪو به گذر نه، سياري ۾ وري ڇڻ ته برف خانو! شايد اهو اسان تي خدا جو فضل آهي جو اسان جو گهر سياري ۾ ايئرڪنڊيشنڊ بنجي ويندو آهي! ويڪرو به اهڙو آهي جو هڪ ٻئي مٿان سٽيا پيا هوندا آهيون .... هيڏانهن ڏزن ڪن ٻار هڪ ٻئي سان سلهاڙيا پيا آهن. هو ڪنڊ مٿي ڪٽي ٻارن کي ڏسي ٿو. هينئر ڪيئن نه خاموش سٽا پيا آهن، ڪيڏا نه پيارا پيا لڳن، پر رڳو جاڳن ..... اصل شيطان جا به ابا آهن، توبه! انهن جي لاءِ ئي ته اسان پنهنجي جواني ڳاري ڇڏي، رت سڪائي ڇڏيو.....“

اوچتو چاندوڪي ڏنڌلي بنجي وڃي ٿي. هو ڏسي ٿو ته چنڊ کي هڪ وڏي ڪڪر ڍڪي ڇڏيو آهي. هن کي ڪڪر تي ڏاڍي ڪاوڙ ٿي لڳي. جڏهن ڪڪر هٽي ٿو وڃي، تڏهن هو ٻارن وانگر خوش ٿي سوچي ٿو، ”چنڊ ۾ ڪيڏو نه حسن آهي ... چنڊ مان سونهن ڇاڻون ڪري هيٺ ڇٽي رهي آهي.“ سندس زال هن ڏانهن پاسو ٿي ورائي. هو زال جو چهرو ڏسي سوچي ٿو، ”سيما هينئر ڪيتري نه بدلجي ويئي آهي....“ سوچ هن جي ذهن ۾ پراڻيون يادون ڪٽي ٿي اچي. ڪيس انهن يادن سان بيحد پيار آهي. جڏهن هو سيما سان پنهنجي شاديءَ واري زماني جون ڳالهيون ڪندو آهي ته سيما اڄ به نئين ڪنوار وانگر شرمائڻ لڳندي آهي. ڪڏهن ته سيما به جنسي چاندوڪي هئي، پر الا! اڄ هن جي چنڊ جهڙي صورت ڪارانجي ويئي آهي. هاڻي منهنجو ته حسن مان ئي

ويساھہ نڪري ويو آھي. ھينئر سيما کي ڏسان ٿو، تڏھن ھر حسين شيءِ کان نفرت ٿي ويندي اٿم. شايد اِن ڪري جو منھنجا جذبا مري چڪا آھن. مشين جھڙي زندگيءَ ۾ پيڙجي ويا آھن- پر نہ، مان غلط آھيان: اڄوڪي حسين رات مون کي اھو سيڪاريو آھي تہ زندگيءَ ۾ ڏک درد سان گڏ حسن بہ آھي. جيستائين انسان جو روح سلامت آھي، تيستائين انسان جا جذبا نٿا مري سگھن. ائين نہ ھجي ھا تہ جيڪر سھڻا شعر ۽ گيت، سھڻيون تصويرون ۽ مجسما وجود ۾ ئي ڪو نہ اچن ھا. منھنجو روح بہ شاعراڻو روح آھي ! اھو منھنجو ڏوھہ ھو، جو مون حالتن سان سمجھوتو ڪري ڇڏيو. پنھنجي چوڌاري ھڪ خاص فضا ڪڙي ڪري ڇڏيم. مون پنھنجن ھٿن سان ئي پنھنجن جذبن جو گلو گھٽي ڇڏيو آھي. پر اھڙين حسين گھڙين ۾ احساسن جي اڌام ۽ جذبن جي اڇل کي ڪيئن ٿو روڪي سگھجي! ڏينھن جي شور ۾ تہ اھڙا احساس دٻجيو وڃن. جڏھن اھا حالت لاڳيتي قائم رھندي آھي تہ پوءِ ھن انڌي، گونگي ۽ ٻوڙي ڌرتيءَ تي اسان جا احساس بہ گونگا بنجيو وڃن...." ھن کي اوچتو ڳالھہ ياد اچي وڃي ٿي تہ گھڻي دير ٿي ويئي آھي، صبح جو دير سان اک کلندي ۽ آفيس پھچڻ ۾ دير ٿي ويندي. ان ئي ساعت ڪيس ياد ٿو اچي تہ سياڻي سندي آھي، ۽ ھو پنھنجو پاڻ تي کلي ٿو.

چنڊ ڏانھن نھاريندي ھو ورني سوچ جي لھرن تي لھي ٿو وڃي. ڏاڍا ڏک آھن ھن ڌرتيءَ تي. منھنجو وس لڳي تہ جيڪر ھتان اڏامي چنڊ جي حسين دنيا ۾ ھليو وڃان. ڌرتيءَ کان چنڊ جي دنيا سؤ درجا بھتر ھوندي. پر سائنس تہ ان خيال کي غلط ثابت ڪيو آھي. مونکي سائنس کان بہ نفرت آھي. مون کان چنڊ جو حسين تصور ڪير بہ کسي نٿو سگھي. پر جيڪڏھن چنڊ ۾ دنيا آباد ناھي تہ ڪن تارن ۾ تہ ضرور

هوندي! تارا اجا سائنس جي پهچ کان پري آهن. تارن جي دنيا، هن ڌرتي کان ضرور مختلف ۽ حسين هوندي. مان بہ جيڪر ڪنهن تاري ۾ ئي هليو وڃان. پڪيءَ وانگر اڏامي، ڌرتي جي ڏکن کان دور، هن ڪال ڪوٺڙيءَ مان آزاد ٿي..... هن گهر کان تہ جيل وڌيڪ ويڪرا آهن. پتيون کهڙيون نہ غليظ آهن. گهر جو هر سامان غليظ آهي - ۽ هر وقت، اٿئي ويٺي، اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي روح کي ڪيتري نہ تڪليف ٿي پهچي. ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجو پاڻ کان ئي نفرت ٿي ويندي آهي، ۽ مان پاڻ کي هڪ غليظ ڪينئون سمجهڻ لڳندو آهيان..... مان آهيان تہ انسان، ٻين انسانن جهڙو! ڪي ماڻهو عيش ۽ راحت پيا ماڻين، مان انهن جهڙو ڪو نہ آهيان ڇا! منهنجو جيڪر هڪ سٺو گهر هجي. گهر ۾ هڪ سهڻو سينگاريل ڊرائنگ روم هجي، جهڙو منهنجي صاحب جو آهي. پر جي ان جهڙو نہ هجي تہ ان کان ٿلهي گهٽ هجي. ها، ان ۾ سٺا پردا ٽنگيل هجن، سٺا صوفا ۽ ميزون پيل هجن. ميزون خاص سامانن سان سينگاريل هجن. ماني کائڻ جو ڪمرو بہ جدا هجي.“ اهو سوچي هن جون اکيون چمڪڻ لڳن ٿيون. ”ميز تي طرحين طرحين جا لذيذ طعام رکيل هجن، اڇين پليٽن ۾ ...... هڪڙو ڪڪڙ تہ روز هجي، ۽ ڪجهہ مناڻ ۽ ميوو پڻ .....

”گهر جي اڳيان هڪ ننڍو پارڪ هجي، جنهن تي منهنجا ٻار سٺا ڪپڙا پائي کيڏندا هجن. ها، هڪ ڪار بہ هجي. شيورليٽ تہ تمام مهانگي آهي، ڀلا اوپل ڪار ئي هجي ..... يا ڪٽي واڪس ويگن هجي ...... نہ تہ ڪو ٽانگو ئي هجي .... نہ نہ، ڪار هجي ..... شام جو مان، سيما ۽ ٻار تمام اڇا ڪپڙا پائي، ڪار ۾ چڙهي گهمڻ وڃون. وڏن ماڻهن سان ملون، انهن سان گڏ وڏين دعوتن ۾ شرڪت ڪريون. پر سيما اهڙيءَ حالت ۾ ٿوروئي هلندي. ڏاڍي ڪمزور ٿي ويئي آهي. سيما جو

ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کان علاج ڪرايان، طاقت جون سيون هڻايان، ۽ قيمتي دوائون ۽ سٽيا ڪاڏا ڪارايان. ٻارن جي خفي کان جند ڇڏائڻ جي لاءِ ٻارن ڪاڻ هڪ خاص نوڪرياڻي رکي ڏيانس. گهر جي ڪم ڪار ۽ رڌ پچاءَ جي لاءِ هڪڙي ٻي نوڪرياڻي هجي. مان آفيس مان اچان ته سيما رڳو مون وٽ ويٺي هجي .... هو مرڪي، ستل سيما ڏانهن نهاري تو، ۽ سندس منهن تان هٿ ڦيري تو. هو تيستائين هٿ نٿو ڪٽي، جيستائين هوءَ جاڳي هٿ هٽائي ننڊاکڙي آواز ۾ چوي ٿي:

”اڃا پيا جاڳو! ڪيڏي رات ٿي آهي. هاڻي ته سمهي رهو.....“

هوءَ ٻانهن مٿس رکي وري سمهي پئي ٿي. هو سوچي ٿو، ”سچ پچ رات گهڻي گذري چڪي آهي. انهن خيالي پُلائن پچائڻ جي ڪري ته ننڊ سڄي رات ڪا نه ايندي، نڪو وري اسان جو اهڙو نصيب آهي....“ هو ٿڌو شوڪارو ڀري، سيما جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي سمهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هڪڙو پکي، تمام گهڻي تيزيءَ سان هڪ چمڪندڙ تاري ڏانهن اڏامندو پيو وڃي. ترت ئي هو تاري ۾ اندر پهچي ٿو وڃي. تاري جي دنيا ڏسي هن جون اکيون ڦاٽي ويون آهن: ”اهڙي حسين دنيا! اهڙي حسين دنيا جو ته ڪو ذهن ۾ خيال به نٿو آڻي سگهي. چوڌاري روشني ئي روشني — ٿڌيءَ ٿڌيءَ چانڊوڪيءَ کان به زياده وڻندڙ ..... سنئين زمين تي ساوڪ جي چادر وڇايل آهي. هر طرف رنگا رنگ گل ۽ ٻوٽا آهن. ڪٿي به مٽي ۽ ڌوڙ جو نشان ڪونهي. چوڌاري حسن آهي، خوبصورتي آهي. ڪيڏي نه حسين آهي چنڊ جي دنيا! هو خوشيءَ وچان ساوڪ ڀري زمين تي ليٽڙيون پائڻ ٿو لڳي. هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي ٿو. اتساهه وچان هن جي رڳ رڳ ڦونڊجي ويئي آهي. پريان ڪو اچي پيو. ڪجهه عجيب شڪل

جو آهي، پر لڳي ٿو ته ماڻهن جهڙو ٿو، ۽ شايد ماڻهن کان زياده حسين آهي. اوچتو هو اڏامڻ ٿو لڳي. تڏهن هتي جي ماڻهن کي پر به آهن! ڪهڙو نه سنو.... هن کي پڪين جون منيون لاتيون بڌڻ ۾ اچن ٿيون. "شايد پريات ٿيڻ واري آهي. مان ٿڪجي پيو آهيان. ڪو گهر نظر اچي ته اتي ويهي ٿورو آرام ڪريان ۽ ڏسان ته هتي جون جايون ڪهڙي قسم جون آهن." هن کي جايون نظر ٿيون اچن. جايون تمام سهڻيون آهن. ڌرتي جا شاندار بنگلا به انهن جي اڳيان ڪجهه ناهن. هو هڪ جاءِ ۾ گهڙي ٿو وڃي. جاءِ اندر به تمام سهڻي نموني سينگاريل آهي. ماڻهو هاڻي اٿيا آهن. ٻار به اٿيا آهن. اتي چپ چاپ صفائي ۾ لڳي ويا آهن. ٻار ڪيڏا نه مانيٽا، سمجهدار ۽ پيارا آهن. اٿڻ سان نه رنا، نه گوڙ ڪيائون. گهر ۾ گوڙ ته اصل آهي ئي ڪو نه. شايد هيءَ چنڊ جي دنيا ئي جنت آهي. ڪيڏو نه آرام ۽ سڪون آهي. هتي جي ساري دنيا اهڙي ئي هوندي! هتي جا ماڻهو ڏکن، سکن، تڪليفن ۽ اهنجن کان ته بنهه اڻڄاڻ هوندا. مان سڄي ڄمار هتي رهندس....! گهر جا ماڻهو ماني کائڻ واري ڪمري ۾ اچي گڏ ٿيا آهن. صفائي ته ڪهڙي آهي! ميز تي قسم قسم جا طعام رکيل آهن، جي ججهي سٽيپ وچان چڻ ته پيا چمڪن! ٻار ڪيئن چپ چاپ فضيلت سان وينا کائين.

"ٻار سنا ڪپڙا پائي، پيءُ سان گڏ ٻاهر پيا وڃن. شايد اسڪول ۾ ويندا. پيءُ هنن کي اسڪول ۾ ڇڏي پوءِ ڪم تي ويندو. هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪم ڪار نه هجي ها ته ڏاڍو سنو. پر هتي جي ماڻهن کي ڏک سور به ته ڪونهي. ڪاڏو پيتو، ڪپڙا ۽ جايون سيني کي هڪجهڙيون ۽ تمام سنيون آهن. نلهو بيڪار ته ماڻهو ويهي ڪو نه سگهندو. مان هن جي پٺيان پيو وڃان. هو هڪ تمام وڏي جاءِ ۾ پيا وڃن. جاءِ جي چوڌاري

هڪ عاليشان باغ آهي. باغ ۾ ڪئين ٻار پيا ڪيڏن. رڳا ٻار ئي آهن. منجهن ڪو بہ غريب، ڪمزور ۽ بيمار ٻار نظر ڪو نہ ٿو اچي. هيءُ جاءِ شايد ٻارن جي وندر جي لاءِ آهي، ۽ هتي هرڪو ٻار اچي سگهي ٿو!“ هو ان جاءِ مان ٻاهر نڪري ٿو اچي. هلندي هلندي بازار ۾ اچي ٿو نڪري. بازار ۾ وڏا وڏا دڪان آهن، جن ۾ قسمن قسمن جا سامان رکيل آهن. هو ڏسي ٿو هرڪو ماڻهو بنا ڊپ ڊاءَ ۽ هٻڪ جي، جيڪا شيءِ وٽيس ٿي، کڻي ٿو وڃي — نڪا جهل نہ پل. هو خوش ٿو ٿئي تہ ماڻهو هڪ جهڙا آهن، ۽ هتي ڪنهن بہ شيءِ جي قيمت ڪانهي جنهن کي وٽي، پنهنجيءَ مرضيءَ سان کڻي وڃي ! بازار ۾ ڪئين عورتون گهمي رهيون آهن. عورتون اهڙيون سهڻيون آهن، جهڙيون حورون. هتي جون عورتون شايد بيمار ۽ ڪمزور ٿينديون ئي ڪو نہ هونديون.

پوءِ هو هڪ شاندار قسم جي عمارت جي اڳيان اچي بيهي ٿو — اندران سازن جا سريلا سريلا آواز اچي رهيا آهن. هو ويجهو ٿي جهاتي پائي ٿو: ”ڪهڙو نہ دل ڇڪيندڙ نظارو آهي ! ماڻهو خوشيءَ وچان ٽهڪ پيا ڏين. مان بہ اندر وڃي ساڻن گڏ ويهان — پر بين سيني کي ڪپڙا تمام سنا پيل آهن، منهنجا ڪپڙا تہ ٻنهہ خراب آهن....“ هو ڊڄي ٿو تہ متان ماڻهو کيس لوڏي نہ ڪڍن! هو ڏسي ٿو تہ ان عمارت ۾ ماڻهو بيپرواهيءَ سان پيا وڃن، ڄڻ تہ سندن پنهنجو گهر آهي. اهو ڏسندي بہ هو دل جهلي نٿو سگهي ۽ اڳتي روانو ٿي وڃي ٿو. سوچي ٿو، ”هتي جي ماڻهن کي تہ رڳا مزا ئي مزا آهن. نہ ڪم ڪار، نہ ڪو ڏک سور ....“ هو اوچتو ڏسي ٿو تہ پاڻ شهر کان ٻاهر اچي نڪتو آهي. هو هاڻي تمام ٿڪجي پيو آهي. چاهي ٿو تہ ڪٿي آرام ڪريان. هن کي پريان کي ننڍڙيون ننڍڙيون جايون نظر اچن ٿيون.

”شايد هتي جي ماڻهن پنهنجن جانورن جي لاءِ اهڙيون جايون نهرايون هونديون. هتي جا ماڻهو پاڻ اهڙين سهڻين جاين ۾ رهن ٿا، تہ سندن جانورن کي بہ ضرور گهر هوندا — ڪيڏي نہ سٺي آهي هيءَ چنڊ جي دنيا! گهر اوچا ۽ سنا تہ ڪو نہ آهن، پر غريبن جي گهرن جهڙا تہ آهن. هتي مٽي ۽ ڌوڙ پڻ آهي، ساوڪ ڪانهي پر جانورن کي ان ڳالهہ جي ڪهڙي ضرورت! رهڻ لاءِ پنهنجا گهر تہ اٿن، هيڏانهن هوڏانهن رلندا ۽ پٽڪندا تہ ڪو نہ هوندا. هن دنيا جي جانورن کي بہ ايڏي سمجهہ آهي جو پنهنجا گهر ٺاهي ويٺا آهن!“ هو هڪ گهر جي ويجهو پهچي ويو آهي.

”ڏسان تہ سهي، جانور ڪيئن ٿا گهرن ۾ رهن.....“ هو هڪ گهر جي پٽ تي ويهي، هيٺ ڏسي ٿو. هيٺ نهارڻ سان هن کان هڪ پوائتي رڙ نڪري وڃي ٿي، ”يا خدا! هنن گهرن ۾ تہ ماڻهو ٿا رهن. ڪهڙا نہ ڪوجها، ڪمزور ۽ بيمار ٿا لڳن ..... شايد ننڊ مان هاڻي اٿيا آهن. ٻار بہ ڍڙن ڪن آهن. اٿڻ شرط روج راڙو شروع ڪري ڏنو اٿن. ڪيڏو نہ شور آهي هن گهر ۾ - ٻار هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا آهن. ڪو مانيءَ جي لاءِ روئي رهيو آهي، تہ ڪو ”امان امان“ جي رٽ لڳائي دانهون رڙيون ڪري رهيو آهي. ڪپڙا گندا ۽ پراڻا ڦاٽل پيل اٿن، صفائي تہ رهي پري، گهر ڪيڏو نہ سوڙهو آهي .... هن ۾ ماڻهو ڪيئن ٿا رهن! پٽيون ڪهڙيون نہ ڪنيون ۽ غليظ آهن — گهر جو سامان ڪنو آهي .... ۽ هنن گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو بہ ڪنا ۽ بدفضيلت آهن ..... هوءَ بيمار ۽ ڪمزور عورت، ٻارن جي ماءُ آهي. اڙي ..... سيما! هان ! هي تہ منهنجو گهر آهي .... گهر جي ڇت لڏي پيئي !· اِجها ٿي ڪري ..... مان پڇي نٿو سگهان — اوهہ .... مان هيٺ پيو ڪران ..... ڪران ٿو ..... الا ڪران ٿو .....“

هو اوچتو چرڪ ڀري اٿي ويهي رهيو آهي. هن کي محسوس ٿيو ته شايد پاڻ ڪٿ تان هيٺ ڪري پيو آهي. پڪ ڪرڻ جي لاءِ هو نوَڙي هيٺ نهاري ٿو. غور سان ڏسڻ ڪان پوءِ هن کي لڳي ٿو ته رات نهايت ئي اونداهي ۽ ڪاري آهي. هو سوچي ٿو: ”جهڙ ڪيڏي مهل ٿيو آهي، آسمان ڇو جهڙ ڀنيان لڪي ويو آهي ..... ۽ هو تارو.....“ ٻاهران ڪنهن ڪتي جي هڪ ڏکهي ۽ اداس اوناڙ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. وري هن کي ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ مٿس ڪو ٿهڪ ڏيئي رهيو آهي. هلڪو مينهن پوڻ شروع ٿي ويو آهي. ٻار جاڳي پيا آهن، ۽ روئڻ لڳا آهن. هن جي زال ٻه ڪنجهندي اٿي آهي. هوءَ اوٻاسيون ڏيئي چوي ٿي:

”مينهن کي ٻه رات جو وسڻو آهي. قدرت جا ٻه انڌير آهن، جي ڏينهن جو وسي ته ڇا ٿي پئي ها !.... هڪڙو گهر سوڙهو، ٻيو وري گهُٽ ۽ ٻوساٽ ...... رات جو مينهن مصيبت آهي ......!“

هو جواب ۾ چئي ٿو، ”آسمان اسان تي ٽوڪون ٿو ڪري!“ سيما وائڙي ٿي هن کي ڏسي ٿي. هن ڳالهه سمجهي ڪانهي.

مينهن تيز ٿي وڃي ٿو. هو جلدي هنڌ اندر ڪن ٿا. هڪڙي ڪٽ ريڙهي وراندي ۾ وجهن ٿا. ٻار اڃا ٻه زور سان روئڻ ٿا لڳن. سيما هڪڙي ٻار تي ڪاوڙ وچان هٿ الاري ٿي. ٻار ڊڄي چپ ٿي وڃي ٿو. هوءَ ٻارن کي چپ ڪرائي، سوڙها سنگڙا ڪري سمهاري ٿي. مينهن جيئن پوءِ تيئن زور سان وسي رهيو آهي. زال ۽ مڙس، گوڏن ۾ ڪنڌ لڪايو، سوڙها ٿيو ڪڪڙن وانگر ويٺا آهن. سيما ننڊ وچان اوجهڙاٽيون ڪائي رهي آهي — هو اونداهيءَ ۾ نهاريندي سوچي ٿو: ”اڄوڪي رات وڏي مصيبت واري رات آهي، ڪڏهن گذرندي ! صبح ڪڏهن ٿيندو!“

# آخري ڏينهن

جيئن ئي هو ننڊ مان جاڳيو ته راتوڪو ڊپ وري هن جي ذهن ۾ گهڙي آيو. رات جو به هو دير تائين ان بابت سوچيندو رهيو هو ته ايندڙ ڏينهن ڪي هو ڪهڙي ريت منهن ڏيندو. ڏهه سال اڳ به هن سان اهڙي ويڌن ٿي هئي. جڏهن ڪجهه وقت بيروزگار رهڻ ڪان پوءِ مس مس ڪيس هڪ نوڪري ملي هئي، ته هو سڄي رات سمهي ڪونه سگهيو هو. نوڪريءَ ملڻ جي خوشيءَ سان گڏ هن کي ڊپ به هو. اها هن جي پهرين نوڪري هئي، ان ڪري هو ڊڄي رهيو هو ته آفيس وارن جو ساڻس الاجي ڪهڙو رويو رهندو. پر ان کي ڏهه سال گذري چڪا هئا ۽ هاڻي هو ان نوڪريءَ مان استعيفيٰ ڏئي ٻئي هنڌ وڃي رهيو هو. 'ڏهه سال!' هن سوچيو ته سندس زندگيءَ جو هڪ ڏهاڪو ان نوڪريءَ ۾ وڃائجي ويو هو ۽ وڌيڪ وقت وري ٻي نوڪريءَ ۾ ويندو. ماڻهوءَ جي سڄي عمر رڳو پيٽ گذر ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ ختم ٿيو وڃي. 'جيستائين پيٽ گذر جو تعلق آهي ته هيءَ نوڪري ئي ٺيڪ آهي. ٻيءَ ۾ وري ڪهڙي دولت گڏ ڪندس. هتي هري ويو آهيان، نئين هنڌ تي خبر ناهي ته دل لڳي نه لڳي....! اهو سوچي هن ٻي ڪنهن نوڪريءَ جي لاءِ ڪڏهن ڪوشش ڪانه ڪئي هئي. هتي هن کي سهوليت اها هئي ته هو پنهنجن گهر وارن سان گڏ رهيو پيو هو ۽ بدليءَ جو سوال ئي ڪونه ٿي پيدا ٿيو. ٻي ڪنهن نوڪريءَ ۾ ته شايد هن کي ٻاهر وڃڻو پئي ها ۽ اها ڳالهه هن توڙي سندس گهر وارن نٿي چاهي. پر ڪجهه وقت ڪان هن جي طبيعت ۾ بيزاري وڌي وئي هئي. ساڳي آفيس، ساڳيو گهر، گهر ڪان آفيس ۽ آفيس ڪان گهر وڃڻ جو ساڳيو رستو. حيدرآباد جون سوڙهيون، ورن وڪڙن وارن گنديون گهٽيون.

جن تي هر وقت نالين جو ڪنو پاڻي اتليو پيو هوندو هو. اوچتو ڪراچيءَ مان هن کي هڪ نوڪريءَ جي آڇ ٿي هئي ۽ هن روٽن لائيف مان جند ڇڏائڻ لاءِ اها آڇ قبول ڪئي هئي. هن کي هاڻي جيڪا نوڪري ملي هئي تنهن ۾ نه رڳو پگهار ڪجهه وڌيڪ هو، پر پروموشن جي به اميد هئي. جيتوڻيڪ پوسٽ ڪا خاص نه هئي، ان ڪري هن کي هرويرو خوشي به ڪا نه هئي. هن سوچيو ته پيو نه ته هڪ قسم جي چينج ته آهي. جيڪڏهن اتي به بيزار ٿي پيو (۽ بيزار ٿيندو، اها هن کي پڪ هئي، هن جي طبيعت ئي اهڙي هئي) ته وري ڪٿي ٻئي هنڌ گهٽ ۾ گهٽ اهڙي نوڪري ته ملي ويندي. سڄي عمر هڪڙي هنڌ رهي هن کي ڪئرير ته ناهڻو ڪونه هو.

استعيفيٰ لکندي هن کي ڪجهه اهڙو محسوس ٿي رهيو هو جهڙو پنهنجي ڪنهن پراڻي شئي کي ڇڏڻ سان ٿئي. هن جنهن آفيس ۾ ڏهه سال گذاريا هئا، اتان هو هميشه لاءِ وڃي رهيو هو. ايترو وقت ڪنهن جاءِ ۾ رهڻ سان لڳاءُ ته پيدا ٿي ئي ويندو آهي. هن اهڙا ماڻهو ڏٺا هئا، جن کي پنهنجي آفيسن سان بيحد پيار هو- گهر کان به وڌيڪ. ايتري حد تائين جو هنن کي گهرن کان وڌيڪ آفيسن ۾ سک ايندو هو. اهڙا ماڻهو جڏهن رٽائر ڪندا هئا يا استعيفيٰ ڏيندا هئا ته روئڻهارڪا ٿي پوندا هئا. هو اهڙن ماڻهن تي کلندو هو، پر هاڻي ڪيس ڊپ ٿي رهيو هو. هو پاڻ به هڪ جذباتي ماڻهو هو، ان ڪري متان آفيس مان آخري پيرو موڪلائڻ وقت هن جو من پرجي اچي، اکيون آليون ٿي پون ۽ ٿي سگهي ٿو ته لڙڪ لڙي اچن. موڪلاڻيءَ جي دعوت ۾ ڳالهائيندي سندس، هانءُ ڦسي پوندو، گلي ۾ ڳوڙهو اٽڪي پوندو ۽ هن جي واتان هڪ اکر به نه اڪلندو. ايترن ماڻهن جي اڳيان روئڻهارڪو ٿي پوڻ واري ڳالهه هن کي نٽي وٺي. پر پاڻ کي روڪي سگهڻ به ته هن جي وس ۾ نه هو.

’مون آفيس ۾ کھڙا ڦاڙها ماريا آهن جو منهنجي پارٽي پيا ڪن! چڙي ڏين ته چپ چاپ هليو وڃان.‘ تڏهن هن کي خيال آيو ته جيڪڏهن آفيس وارا هن جي موڪلاڻيءَ جي دعوت نه ڪن ها ته هو ائين سوچي ها ته آفيس وارن کيس ڪا اهميت ئي ڪانه ڏني. هن کي ٿوري خوشي ٿي، پر وري ڊڄي ويو ته ان موقعي تي هو ڪا جهڙيٰ تهڙي حرڪت نه ڪري ويهي.

هو نيٺ ڪٿ تان اٿيو. هن واچ ۾ ٽائيم ڏٺو ته دستور جي خلاف کيس ڪلاڪ دير ٿي وئي هئي. هن کي هاڻيٰ اهو ڊپ ڪونه هو ته آفيس ۾ دير سان پهچندو، ان ڪري هو ڊرائيءَ سان تيار ٿيڻ لڳو. پر کيس لڳو ته ان ڊرائي جي پويان سندس اڄوڪي ڏينهن جو ڊپ هو. ان وقت هن کي ياد آيو ته آفيس جي طرفان هڪ فوٽوگرافر کي پڻ سڏايو ويو آهي. هن سوچيو ته ان موقعي تي کيس خاص تياري ڪرڻ کپي. پر ڊرائي سبب هو ڪا به خاص تياري نه ڪري سگهيو. ۽ اڳي جيان رواجي ڪپڙن ۾ ئي آفيس ڏانهن روانو ٿيو. هن پنهنجو پاڻ کي اها ڳالهه سمجهائڻ ٿي چاهي ته هو هميشه جيان اڄ به آفيس وڃي رهيو هو. هن ڪوشش ڪئي ته آخري ڏينهن واري ڳالهه کي ڪجهه وقت لاءِ ذهن مان ڪڍي ڇڏي. پر اها ڪوشش اجائي هئي. موڪلاڻيءَ وارو پوت هن جي ذهن ۾ پوري طرح واسو ڪري چڪو هو.

هن کي پنهنجي جذباتي طبيعت تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن سوچيو ته آفيس وڃي استعيفيٰ واپس وٺي ۽ پاڻ کي پنهنجي اهڙي طبيعت جي سزا ڏي. آخر هو سڄي عمر ته ان آفيس ۾ رهي نٿي سگهيو. ڪڏهن نه ڪڏهن ته کيس ان کي ڇڏڻو ئي هو. اڄ نه ته سڀاڻي. اهڙو جذباتي لڳاءُ به نه هجي جو ماڻهو اکيون پوري، سڀ ڪجهه تياڳي ويهي رهي. هو اڃا نوجوان هو ۽ کيس اهڙي هنڌ هئڻ کپي جتي اڳتي وڌڻ جي لاءِ ميدان هجي. اهو دليل ڏئي پاڻ کي سمجهائيندو رهيو، پر کيس لڳو ته هو جيترو پاڻيءَ کي

ماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ايترو هيٺ تهه ۾ طوفان اڀري رهيو هو.

هو سوچڻ لڳو تہ دعوت ۾ جيڪڏهن تقريرون ڪيون ويون تہ ڪيس جواب ۾ ٻہ چار اکر چوڻا پوندا. هو جوابي تقرير جي لاءِ لفظ ڳولڻ لڳو: 'مان اوهان جو بيحد ٿورائتو آهيان جو اوهان مون کي ان لائق سمجهيو. مون هن آفيس کي آفيس نہ پر پنهنجو گهر سمجهيو هو.' آفيس جي لاءِ گهر جو لفظ هن کي نہ وڻيو. ماڻهو ان ڳالهہ کي محسوس ڪري سگهي ٿو، پر زبان سان چوڻ ٺيڪ نہ هو، ان ڪري هن ان جملي کي رد ڪري ڇڏيو. 'اسان هن آفيس ۾ گڏجي ايمانداريءَ ۽ محنت سان ڪم ڪيو آهي. هن آفيس جي ڪم کي پنهنجو ذاتي ڪم سمجهيو آهي. سچ پڇو تہ اوهان کان ۽ هن آفيس کان جدا ٿيندي مون کي ڪيترو ڏک محسوس ٿي رهيو آهي، سو لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان. آءٌ چاهي ڪٿي بہ هجان، پر اوهان کي ۽ هن آفيس کي وساري نہ سگهندس....' هن کي لڳو تہ اتي هو روئڻهارڪو ٿي پوندو. ٿي سگهي ٿو تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي اچن. پوءِ عورتن وانگر رومال سان اکيون صاف ڪندي هو ڪيڏو نہ عجيب ۽ ڪل جهڙو پاسندو.

'پر ڏهہ سال ڪو ٿورو عرصو تہ ڪونهي! ايترو سارو وقت جن ماڻهن سان گڏ رهيو آهيان تن کان موڪلائڻ وقت جيڪڏهن من ڀرجي آيو تہ ڪهڙي خراب ڳالهہ آهي! ڏک تہ ٿيندو ئي ۽ آفيس وارن کي بہ ڏک ٿيو هوندو. مون ايترو وقت ڪنهن سان ڪانہ ڦٽائي آهي. سڀني سان سٺو هليو آهيان....' تڏهن هن کي خيال آيو تہ تقرير ۾ ڪيس اهي لفظ بہ چوڻ کپن 'جيڪڏهن مون کان ڪڏهن بہ ڪا غلطي ٿي وئي هجي يا اڻڄاڻائي ۾ مون ڪنهن جي دل آزاري ڪئي هجي تہ مون کي معاف ڪجو.' ذهن ۾ اهو جملو ورجائيندي منظور محسوس ڪيو تہ سندس دل کي هڪ هلڪي جهٻي اچي وئي هئي.

هو جيئن ئي آفيس اندر داخل ٿيو تہ سامهون عالم پٽيوالو گڏجي ويس.

”سائين، اڄ اسان کان جدايون ڪري پيا وڃو.“

”ماڻهو دنيا ۾ ئي سدائين نٿو رهي، هيءَ تہ آفيس آهي،“ هن مرڪندي وراڻيو.

”سائين منهن جي خوشامد ڪانهي، اسان کي اوهان جي وڃڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي....“

هو اڳيان وڌي ويو. هن کي خبر هئي تہ بيهڻ سان عالم چٽي ڪوريءَ واري ڊيگهہ ڪندو. هن کي خيال آيو تہ آفيس جي سيني ماڻهن کي چئي ڇڏي تہ منهنجي اڳيان ڪو بہ منهنجي وڃڻ جو ذڪر نہ ڪري. پر ٻين کي اها ڳالهہ عجيب لڳي ها. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. ’آءٌ بہ عجيب آهيان. سوين هزارين ماڻهو پيا نوڪريون ڇڏين ۽ بدلائين. آخر مون سان ڪهڙي ويڌن آهي؟‘

هن کي ايندو ڏسي سندس پٽيوالو هن لاءِ آفيس جو در کولي بيهي رهيو.

”سائين اڄ آخري پيرو آفيس ۾ ويهو.“

هن چاهيو تہ رڙ ڪري چوي، ’بند ڪريو هيءَ بڪواس. آءٌ نوڪري پيو ڇڏيان، مران تہ ڪونہ ٿو.‘ پر هو منهن تي ڏيکاءَ جي مرڪ آڻي اندر هليو ويو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. ڪيس لڳو تہ هو ڪجهہ ڪجهہ سهڪي رهيو هو. ’جيڪڏهن پٽيوالو اندر اچي ساڳي بڪواس ڪرڻ لڳو تہ آءٌ ڪيئن پاڻ کي روڪي سگهندس. ۽ جيڪڏهن منهنجي وات مان ڪا اهڙي ڳالهہ نڪري وئي تہ سڀ ائين سمجهندا تہ منهنجو هوش گم ٿي ويو آهي.‘

هن پنهنجي جسم کي ڪرسيءَ تي ڍرو ڇڏي ڏنو ۽ ٽنگون پکيڙي اهلي پيو. ’تڏهن اڄ منهنجو آفيس ۾ آخري ڏينهن آهي! آخري ڏينهن..... آخري ڏينهن..... ڇا تہ بڪواس

آهي....‘ هن ڏند ڪرٽيندي پنهنجو پاڻ کي دٻ ڪيو. هن جو ارادو ٿيو ته ميز تي زور سان مڪ هڻي ڪڍي، پر ان وقت پٽيوالو اندر گهڙي آيو.

”سائين، وڏو صاحب اوهان کي سڏي ٿو.“

هو بنا ڪجھ جي اٿيو ۽ تڪڙو ٻاهر نڪري وڏي صاحب جي آفيس ۾ هليو ويو.

”ها ادا، هڪڙو منٽ،“ صاحب ميز تي پيل ڪاغذن تان ڪنڌ مٿي ڪٽي، سامهون ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي هن کي چيو ۽ پوءِ وري ڪاغذ ڏسڻ لڳو. هن سان صاحب جو رويو هميشه سٺو رهيو هو. الوداعي پارٽي به صاحب جي خواهش موجب ٿي رهي هئي. هو ان گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو ته اجهو ٿو صاحب به پين وانگر سندس وڃڻ بابت ڳالهائي.

صاحب ڪاغذن تان ڪنڌ ڪٽي هن ڏانهن هاريو.

”ها ته ...“ ٽيليفون جي گهنٽيءَ هن کي اڌ ۾ روڪي ڇڏيو.

”هڪڙو منٽ،“ هن رسيور کڻندي چيو.

فون صاحب جي ڪنهن گهري دوست جو هو. ان ڪري فون تي ڪچهري ٿيڻ لڳي. هو ويٺي ويٺي بور ٿيڻ لڳو. هن سوچيو ته اٿي هليو وڃي. اڳي جڏهن به صاحب وٽ ڪا اهم فون ايندي هئي ته هو اٿي هليو ويندو هو. پر هن پيري اٿي وڃڻ هن کي خراب لڳو ٿي. ڳالهه ٻولهه جي ترت ختم ٿيڻ جا اهڃاڻ نظر نٿي آيا. هن جي بيزاري وڌندي وئي. ’اهڙو واهيات ڏينهن مون ڪڏهن ڪونه ڏٺو‘، هن سوچيو. ان وقت صاحب دوست کان موڪلائي رسيور هيٺ رکيو.

”طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه، ٿڪل ٿڪل پيو لڳين،“

صاحب هن کان پڇيو.

’منهنجي منهن ۾ ڏوڙ،‘ هن چوڻ چاهيو. ”نه نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي،“ هن مرڪندي وراڻيو.

”هينئر مان هڪ ضروري ڪم سان ٻاهر پيو وڃان،

شايد ٿوري دير لڳي وڃي. مان اڃان تہ پوءِ گڏجي ماني کائيندا سين،“ صاحب اٿندي چيو ۽ ٻاهر هليو ويو.

هو پنهنجي آفيس ۾ موٽي آيو. هن ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجي آفيس تي نظر وڌي. هن کي ڪجهہ اوپرو لڳو. جڻ هو ڪنهن پرائي آفيس ۾ ڪم سان اچي ويٺو هو ۽ اتان بيزار ٿي جلد ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ آتو هو. هن جي من ۾ آيو تہ اٿي؛ ڀڄي، گهر هليو وڃي.

”اڄ تہ ويچارو مهمانن وانگر ويٺو آهي،“ هن جا ٻہ ٽي ساٿي اندر گهڙي آيا هئا.

”بس سائين، خوشنصيب آهي جو جند ڇڏائي ويو، نہ تہ هتي بڪ بيڪنگ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي.“

”ها يار، نوڪري لئي واري ملي اٿس. اسان کي خوشي ٿي آهي تہ اسان جو هڪڙو دوست تہ اسان مان سڌريو.“

هن ٻين سان گڏ کلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جي نڙيءَ مان ڪو آواز نہ نڪتو، رڳو ٻٽيهي نظر اچي رهي هئي. هن سمجهيو ٿي تہ سندس ساٿي ان ڪري خوش ڪونہ ٿيا هئا جو ڪيس سني نوڪري ملي هئي، پر اصل ۾ هو سندس وڃڻ تي خوش ٿي رهيا هئا. ’تي سگهي ٿو تہ اندر ۾ سڙي رهيا هجن. پر جيڪڏهن منهنجي جاءِ تي ٻيو ڪو وڃي ها تہ پوءِ آءٌ هنن سان گڏجي ٻاهر کلان ها ۽ اندر سڙان ها.‘ هن کي پاڻ تي کل اچڻ لڳي. ۽ هن ڏٺو تہ سندس ٺهڪن هيٺ ٻين جا ٺهڪ دٻجي ويا هئا. پر انهن ٺهڪن جٽاءُ نہ ڪيو ۽ هن جي من تي پيل چپ ٿورو چري پري وري جمي وئي.

”صاحب اچي ويو آهي. چيو اٿس تہ فوٽوگرافر پهچي ويو آهي. فوٽو هلي ڪڍايو،“ پٽيوالوي اندر اچي اطلاع ڏنو.

هو جيئن ئي قطار ۾ رکيل ڪرسين جي وچ تي ويٺو تہ صاحب کيس گلن جو هار پاتو.

”مهرباني،“ هن چيو. هن کي عجب لڳو تہ سندس آواز

مئل هو. فوٽو نڪرڻ وقت به هن کي ڪجهه محسوس نه ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ماني ڪائيندي هن کي ائين لڳو ته هو ڪنهن عام دعوت ۾ ويٺو هو. هو سمجهي نه سگهيو ته سندس اندر ۾ اوچتو ايتري گهري خاموشي ڇو ڇانئجي وئي هئي!

”روايتي تقريرن ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. پنهنجا ڪٽي ڪٽي به وڃن، انهن کي پاڻ سان گڏ سمجهيو ويندو،“ ماني پوري ٿيڻ کان پوءِ صاحب چيو ۽ سڀ ڪلندا ٽيبل تان اٿيا.

هو صاحب سان گڏجي سندس آفيس ۾ ويو. ٿوري دير ويهڻ کان پوءِ هن چيو:”چڱو سائين، هاڻي مون کي اجازت ڏيو.“ صاحب اٿي بيهي هن کي ڀاڪر پاتو.

”جڏهن به ڪو ڪم ڪار هجي ته بنا حجاب جي اچجانءِ،“ صاحب چيو.

هو ڏنو ته هاڻي سندس دل ضرور ڀرجي ايندي.

”مهرباني،“هن چيو، پر سندس آواز رواجي هو. هو صاحب جي آفيس مان نڪري آيو. ورانڊي مان ڏٺائين ته سامهون پري کان روڊ تي بس اچي رهي هئي. هن پهرين سوچيو ته ٻين ساٿين کان موڪلائي، پر پوءِ وڌيڪ سوچڻ کان سواءِ هو ڊوڙندو روڊ تي آيو ۽ بس ۾ چڙهي ويو.

# سفر

ڪار شهر مان نڪري هڪ سنگل پڪي روڊ تي هلڻ لڳي هئي. رياض کي ڪا خاص تڪڙ ڪانه هئي. هن ايترو جلدي پهچڻ نٿي چاهيو. ويني ويني هن کي خيال اچي ويو هو. هن ڪنهن کي ڪونه ٻڌايو هو. هن پاڻ سان ڪجهه کنيو به نه هو. نه وڌيڪ ڪپڙا، نه شيونگ جو سامان. منجهند جي ماني کائي ٿورو ليٽڻ کان پوءِ اوچتو اٿي وينو هو. مومي سمهڻ لڳي هئي. رياض جي اٿڻ تي هن ننڊاکڙي آواز ۾ پڇيو هو، "ڇا ٿيو؟"

"مون کي ته وڃڻو آهي. ڳالهه ئي وسري وئي."

"ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟" موميءَ پڇيو.

"ميرپورخاص. هڪڙي ماڻهوءَ ۾ ضروري ڪم آهي." هن ڪوڙ ڳالهايو هو. هن کي لڳو ته بنا سوچڻ جي پاڻمرادو ڪوڙ نهي پيو هو. پر جيڪڏهن هو سچ ڳالهائي ها ته ڪهڙو فرق پئي ها. رڳو ايترو ته موميءَ کي ٻڏي حيرت لڳي ها ۽ وڌيڪ سوال پڇي ها.

"رات جو موٽي ايندين؟"

"نه، رات جي مسافري نيڪ ڪانهي. سياڻي جمعو آهي. ڏينهن جو ڪنهن وقت اچي ويندس." هن سوچيو ته شام تائين موٽي ايندو ۽ ٻڌائيندو ته ڪيس کي دوست ملي ويا هئا.

"ٺيڪ آهي،" موميءَ لاتعلقيءَ سان ڇئي پاسو ورايو. رياض بوٽ پائي ٻاهر نڪتو ۽ ڪمري جو در ورائي ڇڏيائين.

سامهون هڪ بس اچي رهي هئي. رياض کي خبر هئي ته ڊرائيور بس کي روڊ تان ڪونه لاهيندو. هو ڪار کي ڪچي ۾ لاهي ويو ۽ سنت ئي بس جي لنگهڻ کان پوءِ پڪي تي آيو. هو ڏهن سالن کان پوءِ ڳوٺ وڃي رهيو هو. ڳوٺ وڃڻ ۾

ڏٺي وڃي پئجي وئي هئي. ان لاءِ کو خاص ڪارڻ ڪيس ڪونہ سجھيو. ڪڏهن ضرورت ٿي ڪانہ پئي. ڪو ڪم نہ هو. ڳوٺ ۾ هڪڙو پيءُ ۽ پرٽيل پيڻ هئي. ڪجھہ زمين هئي جنهن سان هن جو ڪو واسطو نہ هو. هن بدي جو سڱ نڪرائي پيءُ کي ڪاوڙائي ڇڏيو هو. جيڪڏهن پيءُ جي مرضيءَ سان شادي ڪري ها تہ ڳوٺ سان سندس تعلق ٽٽي ڪونہ وڃي ها.

پاسي وارو شيشو لٽل هو، پوءِ بہ پوري هوا نٿي آئي. رياض هڪڙي هٿ سان اسٽيرنگ سنڀاليو ۽ ٿورو پريان جهڪي ٻئي در جو شيشو ڪجهہ هيٺ لاٿو. هاڻي هوا کي لنگهہ ملي ويو هو. ڏينهن تتل هو ۽ جون جي سخت گرمي هئي. رياض سوچيو تہ برسات پوڻ کپي. رُت نري پوندي. هن جو ڳلو خشڪ ٿي ويو هو. گاڏيءَ جي ريڊيئٽر ۾ بہ پاڻي هو الائي نہ. ٽيمپريچر جو ڪانٽو ٿورو مٿي چڙهي آيو هو. اڳيان جيڪو شهر ايندو، هن اتي ڪار روڪڻ جو سوچيو. اڄ ستائڻ لڳي هئي. هن هڪڙي غلطي ڪئي هئي جو پاڻ سان ڳڏ واٽر ڪولر نہ ڪنيو هو. گهٽ ۾ گهٽ ٿرماس تہ ڪٽي ها. بنا پروگرام جي نڪرڻ سان ائين ٿيندو آهي. پر هن کي اوچتو اهو خيال ڪيئن آيو...... اڳيان ڪجهہ مينهون روڊ تان اڪري رهيون هيون، هن بريڪ کي آهستي دٻايو. ڪار ڊري ٿي بيهي رهي. پريان ٻنيءَ مان ڇوڪرو ڊوڙندو آيو. هن لٺ سان مينهن کي هڪليو. رياض ڪار کي فرسٽ گيئر ۾ آندو ۽ آخري مينهن جي لنگهي وڃڻ سان ڪار هلڻ لڳي. رستي جي هڪڙي پاسي ٻنيءَ ۾ ڪمند بيٺو هو. رستي جي ٻئي پاسي ڪنڌيءَ جا وڻ هئا. ان ڪان ٿورو پريان ريل جو پٽو هو. روڊ تي گهٽي ٽرئفڪ ڪانہ هئي. ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪا بس يا ٽرڪ لنگهي ٿي وئي، تڏهن هو ڪچي تي لهي ٿي آيو.

هن کي پريان شهر جون جايون نظر اچڻ لڳيون. هن ڪار کي اتي روڪڻ جو سوچيو. هن اسپيڊ ٿوري وڌائي. روڊ سان لڳ ڪجهه هوٽلون هيون. هن ڪار هڪ هوٽل جي اڳيان بيهاري. اها هوٽل ٻين کان ڪجهه چڱي هئي. ٻيون هوٽلون ڪچين سرن جون نهيل هيون. هو اندر گهڙي ويو. هوٽل ۾ صفائي پوري ساري هئي. هو هڪڙي خالي ٽيبل تي وڃي ويٺو. بيرو پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس کڻي آيو. رياض ڏٺو ته گلاس کي ٻاهران سٽيپ لڳل هو. ڪنهن ماني کائي پاڻي پيتو هو ۽ پوءِ گلاس کي صاف ڪونه ڪيو ويو هو. هن بيري کي ببل اپ آڻڻ لاءِ چيو. هن کي پنهنجي ٿرماس ۾ پاڻي کڻي اچڻ جو خيال آيو. هن وڏي غلطي ڪئي هئي. اهڙن گندن گلاسن ۾ پاڻي پيئڻ سان مرڳو دل ڪچي ٿيندي. اڄ ڪٿان لهندي. بيرو بوتل کڻي آيو هو ۽ سندس اڳيان کولي ٽيبل تي رکيائين. هن بوتل کڻي منهن کي هٿ سان مهٽي صاف ڪيو ۽ وات تي آڻي ڍڪ پريو. اهڙي خاص ٿڌي ڪانه هئي. پر گهٽ ۾ گهٽ ڊسٽلڊ واٽر ته هو. سامهون واري ٽيبل تي هڪڙو ماڻهو ماني کائي رهيو هو. هن هڏيون هيٺ فرش تي ڦٽيون پئي ڪيون. رياض آخري وڏو ڍڪ پريو ۽ پاڻيءَ جو جڳ کڻي ٻاهر گاڏيءَ وٽ آيو. ريڊيئٽر جو ڍڪڻو اڃا گرم هو. رياض گاڏي صاف ڪرڻ وارو ڪپڙو کڻي آيو ۽ ڍڪڻي کي آهستي آهستي ڦيرائي کولي ورتائين. پاڻي ٿورو گهٽ هو. هن ڪار جو دروازو کولي اندر جهڪي گيئر کي نيوٽرل ۾ آندو ۽ ڪار کي اسٽارٽ ڪيو. پوءِ اڳيان اچي ريڊيئيٽر ۾ پاڻي وجهڻ لڳو. پرجي وڃڻ کان پوءِ هن بوچ ڏيئي بونيٽ کي بند ڪيو. ڪار کي بند ڪري جڳ کڻي اندر هوٽل ۾ ويو. جڳ ٽيبل تي رکي ڪائونٽر تي آيو. بيري رڙ ڪري پئسا ٻڌايا ۽ هو پئسا ڏيئي ڪار ڏانهن ويو.

ٺهيل هئا. هن اتي رڪجي پاڻي پيئڻ لاءِ سوچيو. هن اسپيڊ وڌائي. منجهند لڙي چڪي هئي. وچينءَ جي مهل اڃي تي هئي، پوءِ بہ اجا گرمي هئي. هن ڪي پري ڪان وسندي نظر آئي. بس اسٽاپ تي ڪجهہ دڪان ۽ بہ ٽي هوٽلون هيون. هن هڪ هوٽل جي اڳيان ڪار بيهاري هارن وڄايو. هوٽل جي اڳيان ڪٿون پيل هيون جن تي ماڻهو ويٺا هئا.

ڇوڪرو ڊوڙندو هن ڏانهن آيو.

”پاڻي تہ پيار، پر گلاس کي ڌوئجان،“ رياض ڇوڪري کي چيو.

”حاضر سائين،“ ڇوڪرو واپس ڊوڙندو ويو.

هوٽل جي پاسي ۾ هڪ هئنڊپمپ لڳل هو. رياض ڪار مان لهي هيٺ بيٺو. رياض چاهيو تہ ان هئنڊپمپ جو تازو پاڻي پيئي. هن ڏٺو تہ ڇوڪرو جڳ ۽ گلاس کڻي هئنڊپمپ ڏانهن ويو. رياض کي اها ڳالهہ وڻي. ڇوڪري گلاس کي ڌوتو ۽ پوءِ جڳ ڀري رياض ڏانهن کڻي آيو. پاڻي ٿڌو ۽ لوهہ جي ذائقي وارو هو. هو بہ گلاس پي ويو. پوءِ هن رپيو ڪڍي ڇوڪري ڏانهن وڌايو.

”نہ سائين،پاڻيءَ جا پئسا وٺبا آهن ڇا! پاڻي پيئارڻ تہ ثواب جو ڪم آهي.“ ڇوڪرو گلاس ۽ جڳ کڻي واپس ويو. رياض رپئي جو نوٽ کيسي ۾ وڌو ۽ ڪار ۾ اچي چڙهيو. ڪار کي ٽاپ ۾ آڻيندي هن ڪجهہ وڌيڪ اسپيڊ ۾ هلڻ جو سوچيو. هن سج لهڻ کان اڳ ڳوٺ پهچڻ تي چاهيو.

آهستي آهستي هوا ۾ گرمائش ۽ اُبس گهٽجندي وئي. ٻنين ۾ بيٺل فصل وڌندڙ شام جي رنگ ۾ رڱجي گهرا ساوا پئي لڳا. رياض کي ڳوٺ ۾ شام جي ويل وڻندي هئي. آکيرن ڏانهن موٽندڙ وڻن جي چوڏاري لامارا ڏيندڙ پکي، وڻاٽن ڏانهن ورندڙ ڌوڙ اڏائيندڙ مال ۽ شفق جا رنگ. پوءِ آهستي

بينچن تي وينل ماڻهو اتي بينا. اهي پٽس جا هاري هئا. رياض پيءُ ڏانهن وڌي آيو جيڪو وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو. هو سڌو تي ويٺو ۽ رياض ٿورو جهڪي هن کي هٿ ڏنو.

”ڪيئن آهين؟“ پٽس پڇيو.

”ٺيڪ آهيان،“ هن وراڻيو.

”ويهه،“ پٽس پاسي ۾ پيل کٽ ڏانهن اشارو ڪيو. بينل ماڻهو واري سان هٿ ڏيندا ويا.

”بوٽ لاهي سولو ٿي ويهه،“ پٽس چيو. ”گهر ڏي سڀ خير آهي؟“

”ها، خير آهي،“ هن بوٽ لاهي پير مٿي ڪيا ۽ وهاڻي کي ٽيڪ ڏني.

پٽس هن کان سندس نوڪريءَ ۽ شهر بابت خبرچار ورتي. پوءِ هن رڙ ڪري ڇوڪري کي سڏيو ته گهر ۾ رياض جي اچڻ جو ٻڌائي ۽ چانهه نهرائي ڪٽي اچي. ڪجهه ٻيا ماڻهو به آيا جيڪي شايد ٻنيءَ تان موٽيا هئا. اهي رياض کي هٿ ڏئي بينچن تي وڃي ويٺا ۽ پٽس کي حال احوال ڏيڻ لڳا. پٽس هارين سان ٻنيءَ جي ڪم ڪار بابت ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. رياض کي انهن ڳالهين سان دلچسپي ڪانه هئي. هن پاڻ کي اتي اوپرو پاتيو- ڄڻ شهر جو ڪو ماڻهو هو جيڪو ڪم سانگي هن ڳوٺ ۾ آيو هو. ڇوڪرو هڪڙي ڪتلي ۽ به خالي ڪوپ کڻي آيو. ڪوپ ڀري هڪڙو پٽس کي ۽ ٻيو کيس ڏنائين. ايترن ماڻهن ۾ رڳو پاڻ ۽ پٽس چانهه پي رهيا هئا. رياض کي اهو سنو نه لڳو. نج ڪير جي ڳهاٽي مٺي چانهه هن کي ڪانه وڻي. پر هن کي ڪجهه بک محسوس ٿي رهي هئي، ان ڪري هو سڄو ڪوپ پي ويو. خالي ڪوپ ڇوڪري کي ڏئي وري اهلي پيو. ڪچهري متل هئي. رياض کي لڳو ته سندس دماغ ساڻو ساڻو ٿي رهيو هو. هتي ڇو آيو هو؟ هن کي خيال آيو. هن غور سان ماڻهن کي ڏٺو. اونڌه ۾ ڪنهن جي به شڪل چٽي نه هئي. سڀ شڪليون

ڏنڊليون هيون. سامهون ڪٽ تي ويٺل ماڻهو به ڏنڊلو هو. رياض کي اهو سڀ عجيب لڳو. هو ڪنهن اڻڄاتل جاءِ تي ويٺو هو. هن جو اتي ڪم ڪهڙو هو! هن جي ذهن ۾ اونده گهڙي آئي هئي. ذهن ۾ توڙي ٻاهر سڀ منجهيل هو ۽ اونده ۾ ويڙهيل هو. ڪو ماڻهو هن جي اڳيان اچي ويٺو هو ۽ هن ڏانهن هٿ وڌايو هئائين. رياض وهاڻي تان اٿي هٿ ڏنو. اهو ماڻهو سندس ئي ڪٽ تي ويهي رهيو هو.

”ڪيڏي مهل پهتا؟“ ان ماڻهوءَ پڇيو.

”شام جو،“ هن وراڻيو. پر هو سمجهي نه سگهيو ته اهو ماڻهو ڇو سندس ويجهو اچي ويٺو هو. هن چاهيو ته ڪيس اڪيلو ڇڏيو وڃي.

”گهران ئي آيا آهيو؟“ ان ماڻهوءَ وري پڇيو.

’گهر؟ هتي گهر ڪٿان آيو؟‘ رياض پاڻ کان پڇيو.

سامهون ڪٽ تي ويٺل ماڻهوءَ ٻئي ماڻهوءَ کي جواب ۾ ڪجهه چيو ۽ ٻي ڪا ڳالهه پڇي. هو ٻئي پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. رياض پنهنجي جند آجي محسوس ڪئي. هن وهاڻي کي ٽيڪ ڏني. سامهون ڪٽ تي ويٺل ڪاوڙ مان ڏاڍيان ڳالهائي رهيو هو ۽ بينچن تي ويٺل ماڻهن مان ڪنهن هٿ ٻڌي رڍ وانگر ممڻاٽ پئي ڪيا. پري ڪتي ڪتا ڀونڪي رهيا هئا. رياض کي لڳو ته هو ڦاسي چڪو هو. ڀڄڻ جي ڪا واهه نه هئي. هن جي سموري سگهه ختم ٿي وئي هئي ۽ ذهن به ساڻو ساڻو هو. هن غلطي ڪئي هئي هتي اچي.

ساڻس گڏ ڪٽ تي ويٺل هن کي ڪجهه چيو. رياض سمجهيو ڪونه ۽ لنوائي ڇڏيو.

”شايد سمهي پيو آهي.ٿڪجي پيو هوندو،“ڪنهن چيو.

سندس نالو وٺي ڪنهن سڏيو. هن اکيون کولي ڏٺو. سڀ ماڻهو اٿي بيٺا هئا ۽ سامهون ڪٽ تي ويٺل شخص اٿي هن جي اڳيان اچي بيٺو هو.

”سمهي پيو آهين ڇا؟ اٿ، گهر هلون.“
رياض چپ چاپ اٿيو ۽ انهن ٻنهي ماڻهن سان گڏ هلڻ لڳو. پڇڻ جي ڪا واهه نه هئي. هو گهر ۾ گهڙيا. مايون رياض کي وڪوڙي ويون. هن کان سندس، گهر ۽ ٻارن جي خير عافيت پڇڻ لڳيون.
”چڱو چڱو، هاڻي وڌيڪ احوال سڀاڻي پڇجو. ادو ٿڪل آهي. جلدي ماني کڻي اچو ته ڪائي سمهي،“ ٻاهر هن سان گڏ جيڪو ماڻهو وينو هو تنهن ڏاڍيان چيو. رياض جي ذهن ۾ ڀرپور خواهش جاڳي ته هو ته هينئر ئي واپس شهر هليو وڃي. هن جي بک ختم ٿي چڪي هئي. ان هوندي به سندس اڳيان جيتري ماني آئي هن ڪائي پوري ڪئي.
”توهان ٻلي سمهو، سڀاڻي ڪچهري ڪنداسين.“
رياض کٽ تي ليٽي پيو ۽ صاف آسمان تي جهرمر ڪندڙ بي انتها تارن کي ڏسڻ لڳو. هن جا پنبڻ ڳرا ٿيندا ويا ۽ پوءِ اکين کي ڍڪي ڇڏيائون.
هن جي اک کلي ته مٿانئس هلڪي اُس پئجي رهي هئي. سج چڙهي آيو هو. سندس آسپاس واريون کٽون خالي هيون. سڀ اٿي چڪا هئا. هن کي ياد اچي ويو ۽ کيس حيرت لڳي ته رات ڇا ٿيو هو. رات نشي جهڙي حالت ۾ هو. هن کا اهڙي شيءِ کاڌي ته ڪانه هئي. رڳو چانهه پيتي هئي، پر اها ته نيڪ هئي. هو کٽ تان اٿيو. سامهون سندس پيٽڙيو چار جو ڏنڊڻ ڪندو پئي آيو. هن کي ڏسي ڏنڊڻ وات مان ڪڍي ٿڪ اڇلائي، کلندو هن ڏانهن آيو.
”رات طبيعت نيڪ ڪانه هئي ڇا؟“
’هن جو خيال آهي ته آءٌ رات پيتل هوس،‘ رياض سوچيو.
”نه، مڙئي ٿڪل هوس،“ رياض وراڻيو.
” تيار ٿي ونو ته ناشتو ڪريون.“

رياض هٿ منهن ڌوئي وراندي ۾ رکيل ڪرسين تي اچي ويٺو. هن کي ڏسي پيٽِس ڊانهس وڌي آئي.

”ادا، تو اسان کي صفا وساري ڇڏيو آهي. ايترا ورهيه لنگهيو وڃن ته ڪڏهن سار به ڪونه لهين،“ پيٽِس ڊوراپو ڏنو.

”نه، وساريو ڪونه اٿم. تون ته ياد ايندي آهين....“

”ياجائي ۽ ٻار خوش آهن؟ انهن کي به وٺيو اچين ها.“

”ها، وٺي ايندس، پر تون به ته ڪڏهن اچي ٿي وڃ نه،“ رياض کلندي چيو.

”بس ادا، وٺي اچڻ وارا وٺي اچن نه.“

سندن پيءُ به اچي اتي ويٺو هو.

”ناشتو تيار هجي ته ڪٽائي اچ،“ هن ڌيءُ کي چيو. هن جي وڃڻ کان پوءِ هن آهستي پٽ کي چيو، ”هيئن اوچتو ڪيئن آئين، ڪو ضروري ڪم آهي؟“

”نه نه، ڪو ڪم ڪونه هو. ائين ئي اوچتو خيال اچي ويو.“

”سٺو ڪيئي، سٺو ڪيئي. ٻارڙا ته خوش آهن؟ انهن کي ڪونه وٺي آئين؟“

”منجهند جو گرميءَ ۾ نڪتو هوس، ٻارن کي تڪليف ٿئي ها. ٻئي ڀيري وٺي ايندو سان،“ هن وراڻيو.ڪيس خبر هئي ته پٽس موميءَ جي لاءِ ڪجهه نه پڇندو. سندس پيٽيويو به اچي ويٺو ۽ هن جي پويان ناشتو به کڻي آيو. ماني کائيندي ٻنهي ڄڻن رياض کان سندس نوڪريءَ ۾ ترقيءَ جي امڪان بابت پڇيو. رياض کي خيال آيو، ته ٻارن کي اسڪول وڃڻ ۾ تڪليف ٿي هوندي. مومي ڪاوڙجي ٻارن کي رڪشا ۾ وٺي وئي هوندي.... پر وري هن کي ياد آيو ته اڄ جمعو هو. رات ٻارن وي سي آر تي فلم ڏٺي هوندي. ٿي سگهي ٿو به فلمون ڏٺيون هجن ۽ اڃا ستا پيا هجن.

چانهه پي خالي ڪوپ رکندي رياض چيو،”هاڻي آءٌ هلندس.“

”ڪيڏانهن؟“ پٽس حيرت مان پڇيو.

”شهر.“

”پر اڄ تہ توکي موڪل آهي. هينئر ئي وڃڻ جي ڪهڙي تڪڙ آهي؟“

”ڪن ماڻهن سان ضروري ڪم آهي. انهن سان ٽائيم رکي چڪو آهيان.“

”ٻني تہ گهمو ها،“ سندس پيٽوريي چيو.

”ٻئي پيري موڪل وٺي ايندس، پوءِ ٻہ ٽي ڏينهن رهي پوندس.“

”ادا، ڪهڙو روز روز ٿا اچو. هينئر ٻہ الائي ڪيئن قسمت سانگي آيا آهيو. اڄوڪو ڏينهن تہ رهي پئو،“ پيٽس چيو.

”هاڻي جلدي ايندس. اوهين ٻہ تہ اچو نہ،“ هن پيٽوريي ڏانهن نهاريندي چيو.

”چڏيوس، مجيندو ڪونہ،“ پٽس ڪي سندس تڪڙ ڪانہ وڻي هئي. ”ماڻهو اچي تہ سانهہ ستيءَ ۾ اچي، باقي اهڙي اچڻ مان ڪهڙو فائدو!“

ٻئي ڄڻا ڪيس ٻاهر ڪار تائين ڇڏڻ آيا. ڪار مٽيءَ ۾ لٿي پئي هئي.

”اڙي چورا، ڪار کي تہ چنبي وٺ،“ پيٽوريي هڪل ڪئي. ”مون کي چابي ڏيو تہ پاڻي چيڪ ڪري وٺون.“

رياض کيس چابي ڏني.

”آئين ٻہ تڪڙو، وڃين ٻہ تڪڙو پيو. آهي تہ خير؟“ پٽس بي اعتباريءَ مان پڇيو.

”نہ نہ، اهڙي ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. بس، ائين ئي....“ رياض کلي پيو.

”عجيب ماڻهو آهين تون. ٻارن ٻچن وارو ٿيو آهين پر اڃا اهي عادتون ڪونہ ويون....“ پٽس چڙ مان چيو. پوءِ ٻنهي مان ڪنهن ٻہ نہ ڳالهايو.

ڪار صاف تي وئي هئي. رياض ٻنهي ڪان موڪلايو ۽ ڪار ۾ وڃي ويٺو. هن ڪار اسٽارٽ ڪري انجڻ کي ٿورو گرم ٿيڻ ڏنو. هو ٻئي اجا ويٺا هئا. رياض ٻانهن ٻاهر ڪڍي هنن ڏانهن هٿ لوڏيو ۽ پوءِ ڪار کي موشن ۾ آندو. پڪي روڊ تي چڙهڻ ڪان پوءِ ڪار کي ٽاپ ۾ آڻي هن اسپيڊ وڌائي ڇڏي. هن جلدي شهر پهچڻ ٿي چاهيو. ٻنيون ۽ وڻ تيزيءَ سان پٺتي پوندا ويا ۽ هن جون نظرون سڌيون اڳيان رستي تي هيون.

# مشعالون

”اوهان جي شهري زندگي ۽ ڳوٺن ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي!“ ايريڪا ٻنيءَ جي وچان ٿهيل سوڙهن ٻنن تي خبرداريءَ سان هلندي چيو.

”ها، ڪراچيءَ جهڙي شهر مان نڪري هتي اچي هڪدم ائين ٿو لڳي ته اسين هڪ صدي پوئتي هليا ويا آهيون،“ ڪارلوس هن کي سر وڻايو.

”مون توکي ٻڌايو هو ته منهنجي ڳوٺ هلي توکي سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ ۾ هلي تون بور ٿينديءَ...“مون ايريڪا کي چيو.

”اوهه، نه نه، اها ڳالهه ڪانهي. خاموش ۽ سانتيڪي ماحول کي به پنهنجو رومانس آهي. مان هتي اچي بور ڪا نه ٿي آهيان، مون کي افسوس آهي ته تو مون کي غلط سمجهيو. مون اصل ۾ سوشالاجيڪل نقطه نظر کان ڳالهه پئي ڪئي. عجيب ڳالهه آهي. ايڪيهين صدي شروع ٿيڻ واري آهي، پر اوهان وٽ ڳوٺن ۾ ڪا ترقي نه ٿي آهي، پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ڪونهي. ڳوٺ اڃا به سوين سال اڳ واري اونداهي دؤر جهڙائي آهن.“ ايريڪا سنيالي پير رکندي چيو.

”نه ايريڪا، ڪجهه تبديليون اچڻ شروع ٿي ويون آهن، ڳوٺن ۾ بجلي پهچي وئي آهي. ڪراچيءَ کان ايندي نئشنل هاءِ وي تي توکي گهٽ هنڌن تي فيڪٽريون ۽ ملون نظر آيون هونديون. ڳوٺن کي ويجهو شگر ملون نهيون آهن ۽ انهن جي ڪري ڳوٺاڻي زندگيءَ تي اثر پوڻ لڳا آهن، آءٌ نندي هوندي کان ڳوٺ ڏسندو ٿو اچان. منهنجي خيال ۾ گهڻو ڪجهه فرق پيو آهي. وڏي ڳالهه ته ڳوٺاڻن ۾ ذهني سجاڳي اچي وئي آهي. ائين ٿو لڳي ته سوين سالن کان ستل ماڻهو

اوچتو جاڳي پيا آهن.“ آءٌ شايد گهڻو ڳالهائي ويو هوس، مون ڏنو تہ ڪارلوس ڪلي رهيو هو.

”اوهان ايشيا جا ماڻهو ذهني سجاڳيءَ ڪي سياسي شعور سان ڳنڍي ٿا ڇڏيو،“ ڪارلوس چيو. ايريڪا مون ڏانهن ڏنو ۽ ڪلي ڏنو.

لهندڙ سج جي ڪرڻن ڪٽڪ جي سونهري سنگن کي وڌيڪ سونو بنائي ڇڏيو. پکي ولر ڪري پنهنجن آکيرن ڏانهن موٽي رهيا هئا، شام جي هلڪي هوا سنگن تان ترندي پئي وئي.

”اچا گهمندؤ يا واپس هلون،“ ايريڪا جا وار ڪٽڪ جي سنگن وانگر هوا ۾ لڏي رهيا هئا.

”ٿوري دير ۾ سج لهي ويندو، پوءِ اونده ٿي ويندي،“ مون چيو ۽ ڳوٺ وڃڻ واري گس تي هلڻ لڳاسين. اسين ڳوٺ کان ايترو پري ڪونہ ويا هئاسين، ان ڪري جلدي واپس پهچي وياسين.

اوطاق جي آڳنڌ ۾ ڪرسيون رکيون هيون. مون نوڪر کي چانهہ ڪڻي اچڻ لاءِ چيو. وڻ ۽ کيت اونده جي پاڇن ۾ گم ٿيڻ لڳا هئا. آءٌ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ آيو هوس. ڪراچيءَ جو گوڙ جڏهن ذهن کي ٿڪائي وجهندو آهي تہ ڳوٺ پڄي ايندو آهيان، پر هتي بہ جلدي بيزار ٿيو پوان. سواءِ سمهڻ جي ٻيو هتي ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ ناهي. اهو ايريڪا ۽ ڪارلوس کي ٻڌايو هئم پر هنن سنڌ جو ڪو ڳوٺ ڏسڻ ٿي چاهيو. ايريڪا ۽ ڪارلوس سان منهنجي پراڻي واقفيت هئي. اها ملاقات بہ مزيدار نموني ٿي هئي، آءٌ تڏهن بئنڪاڪ ويو هوس. هوٽل اڳيان ٽيڪسي ڊرائيور هڪ يورپين عورت ۽ مرد سان جهڳڙو ڪري رهيو هو. ٽيڪسي ڊرائيور وڌيڪ ڀاڙو وٺڻ ٿي چاهيو. آءٌ سنڌي نموني هرويرو جهيڙي ۾ ٽپي پيو هوس ۽ مسافرن جو پاسو کنيو هئم. ٽيڪسي ڊرائيور

ٻانهون ڪنجي ڪرائي وارو پوز هٽي ٻيهي رهيو. مون ٻه پهرين ٻانهون ڪنجيون ۽ پوءِ شلوار جا پانئچا چڪي گوڏن ڪان ٻه متي ڪري ور ٺاهيم.

”اوڪي، ڪم آن،“ ٻانهون پڪيڙي ٽيڪسي ڊرائيور ڪي چيم. ٽيڪسي ڊرائيور وات پٽي حيرت مان مون ڪي ڏسي رهيو هو. هن سمجهيو ته آءٌ ڪراٽي ڪان وڌيڪ خطرناڪ ويڙهه ڄاڻان. هو هيسجي ويو ۽ ٿائي زبان ۾ گاريون ڏيندو ٽيڪسي ڪٽي هليو ويو.

ڪارلوس ۽ ايريڪا اهو سڄو منظر وائڙا ٿي ڏسي رهيا هئا.ٽيڪسي ڊرائيور جي وڃڻ ڪان پوءِ ڪارلوس مون ڏانهن وڌي آيو ۽ هٿ وڌائيندي هن منهنجو ٿورو مڃيو. هن مون کي بار ۾ هلڻ جي آڇ ڪئي. آءٌ اڪيلو هوس ۽ مون کي ساٿ کپندو هو. بار ۾ ويهي اسان هڪ ٻئي جي سڃاڻپ ڪرائي. هو ٻئي آمريڪي هئا. ڪارلوس يونيورسٽيءَ ۾ تخليقي ادب پڙهائيندو هو ۽ ايريڪا ڪل وقتي ليکڪا هئي. هن جا ڪجهه ناول ڇپجي چڪا هئا.

وسڪي اچڻ ڪانپوءِ اسان ٽنهي ڇٽن جام ٽڪرايا ۽ ڍڪ ڀريا.

”اهو ويڙهه جو ڪهڙو طريقو هو؟“ ڪارلوس حيران هو. ”ٽيڪسي ڊرائيور ڊڄي ڀڄي ويو!“

”اهو سنڌي طريقو هو،“ مون ڪلندي چيو. ”اصل ۾ اهو هڪ نقل هو. سنڌ ۾ اسان وٽ هڪ راند آهي ملهه. مون کي اها ايندي ته ڪانهي، پر ٽيڪسي ڊرائيور ڪراٽي جو پوز هٽي ٻينو، ته مون ٻه ملهه جو پوز هنيو.“

”جيڪڏهن ٽيڪسي ڊرائيور ڪراٽي وڙهڻ شروع ڪري ڏئي ها ته پوءِ؟“ ايريڪا پڇيو.

”اسان وٽ چوٽي آهي ته ڏڏو ذڪر ڪجي، اڳلو نه ڀڄي ته پاڻ ڀڄجي، سو مون ٻه سوچيو ته ٽيڪسي ڊرائيور سچ پچ ڪراٽي ڄاڻندو هوندو ۽ مون ڏانهن وڌندو ته آءٌ ڪڙيءَ تي زور ڏيندس.“

ايريڪا ۽ ڪارلوس ٺهڪ ڏيڻ لڳا ۽ اسان جي دوستي پڪي ٿي وئي. اسين هڪ ٻئي کي خط لکندا رهيا هئاسين ۽ ٻاهرين ملڪن جا پروگرام ڪجهه ائين. ٺاهيندا هئاسين جو نئي ڇٽا اتي وڃي گڏ ٿيندا هئاسين. هينئر هو منهنجي دعوت تي سنڌ گهمڻ آيا هئا.

”هو ڪير آهن؟“ ايريڪا پڇيو.

مون ان طرف ڏٺو. اوطاق کان ڪجهه پري خالي ميدان تي جهوپڙيون نهيل هيون ۽ انهن جي اڳيان ٻاهيون پئي دکيون.

”اهي خانه بدوش آهن، جن کي اوهان جپسي سڏيندا آهيو. هنن جو ڪو نڪاڻو ڪونهي. بس ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي، ائين رلندا رهندا آهن.“

نوڪر چانهه کڻي آيو هو.

”تو وٽ وسڪي ڪانهي؟“ ڪارلوس پُڇيو.

”اوهه! غلطي ٿي وئي. ڪراچيءَ مان بندوبست ڪيو ڪنيو اچون ها.“ مون کي افسوس ٿيڻ لڳو.

”اصل ۾ مون کي به ياد نه آيو. ههڙي خاموش ۽ رومانٽڪ ماحول ۾ وسڪي وڏيڪ مزو ڏئي ها. ۽ وقت سنو گذري ها. اڄا اٿ ٿيا آهن، ته ائين پيو لڳي ڄڻ ڪافي رات گذري چڪي آهي.“ ڪارلوس چيو.

”ها، هتي ائين لڳندو آهي. وقت سست رفتاريءَ سان گذرندو آهي.“

”اوهان جي ملڪ ۾ شراب تي پابندي آهي، ته پوءِ ڪيئن ملندو آهي!“ ايريڪا پڇيو.

”اسان جي ملڪ ۾ جن ڳالهين تي پابندي هوندي آهي، انهن جي اهميت وڌي ويندي آهي.“

”يعني سڀڪجهه هلندو آهي، پرلڪ چوريءَ ۾!“ ڪارلوس چيو.

”ها ۽ ائين ماڻهن کي منافقي سيکاري ويندي آهي.

مطلب تہ ماڻھو ظاهري طور هڪڙا هجن ۽ اندروني طور ٻيا...."
ڳالھين هلندي ماني آئي ۽ هڪ ڀيرو وري چانھہ جو دور هليو.

"ننڊ تہ ڪانہ ٿي اچي؟" مون ايريڪا کان پڇيو.

"منھنجي خيال ۾ هاڻي سمھڻ کپي. مان صبح جو سويل سج ايرڻ جو منظر ڏسڻ ٿي چاهيان...." ايريڪا وراڻيو.

"نيڪ آهي. اوهان اندر ڪمري ۾ سمھو." مون اٿندي چيو.

مون پھرين سوچيو تہ گھر وڃي سمھان. گھڻن ڏينھن کان پوءِ ڳوٺ آيو هوس ان ڪري گھر وارن سان ڪجھہ وقت گذاريان. پر ايريڪا ۽ ڪارلوس کي ڇڏي وڃڻ نيڪ نہ سمجھيم. ڳوٺن ۾ حالتون سخت خراب هيون، ڌاڙا ۽ ڦرون پنھنجي جاءِ تي، پر ڌاڙيل ماڻھن کي ڪُٽي تي ويا ۽ پئسا وٺي ماڻھو موٽائڻ روزمره جو معمول بڻجي ويو هو. ان ڪري مون اوطاق ۾ ئي سمھڻ مناسب سمجھيو. نوڪر مون کي ورانڊي ۾ کٽ وڇائي ڏني.

"چوڪيدار کي چئينس تہ خبرداريءَ سان پھرو ڏي. تون بہ اتي ئي ٻاهر سمھہ. چوڪيدار واري بندوق ڇٽي تي يا نہ؟"

"جي سائين، بندوق صحيح آهي."

"نيڪ آهي. ڪارتوس وجھي تيار ڪري رکي." مون چيو ۽ پوءِ کٽ تي ليٽي پيس.

سوچيم، شايد سڄي ڏينھن جي ٿڪ سبب جلدي ننڊ اچي ويندي، پر ڪجھ دير گذرڻ کان پوءِ بہ ننڊ نہ پئي آئي. اندر ڪمري ۾ پيل پلنگ شايد پراڻو ٿي ويو هو، جو ان مان چيڪاٽ جا آواز اچي رهيا هئا. ڪارلوس ۽ ايريڪا جي پڻ پڻ جو آواز پئي آيو.

'چپ ڪري سمھي نٿا پون،' مون کي چڙ اچڻ لڳي. جيستائين اهي نہ سمھندا، مون کي بہ ننڊ ڪانہ ايندي، مون ڪوشش ڪري هنن تان ڌيان هٽائي سمھڻ چاهيو، شايد مون

کي ڪاميابي ٿي رهي هئي. اڌ جاڳ اڌ ننڊ واري ڪيفيت هئي. اوچتو ٻاهر ڪنهن رڙ ڪئي.
”ڪهڙو آهين؟ بيهه اتي...“
لڳو ته ڪي ماڻهو ڊوڙي رهيا هئا. پوءِ بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو. آءٌ تڪڙو تڪڙو اٿي ٻاهر آيس. نوڪر ۽ چوڪيدار ٻئي ڪونه هئا. پريان ٽارچ جي روشني نظر آئي، شايد اهي ٻئي ڄڻا هئا. ايريڪا ۽ ڪارلوس نائيٽ گائون ۾ ٻاهر نڪري آيا هئا.
” ڇا ٿيو؟“ ايريڪا گهٻرايل هئي. ”فائرنگ ڇو ٿي؟“
”خبر ناهي!“ مون چيو.
ٽارچ جي روشني تڪڙي تڪڙي اوطاق ڏانهن وڌندي آئي. چوڪيدار ۽ نوڪر ٻئي گڏ هئا.
”ڇا ٿيو؟“ مون اتاولو ٿي پڇيو.
”سائين، لڏي.وارن جو ڇوڪرو مري پيو،“ نوڪر گهٻراهٽ ۾ چيو.
”هان!“ مون کان رڙ نڪري وئي. ”ڪيئن؟“
”مون کي خبر ڪا نه هئي ته ڪو ڇوڪرو آهي. اوطاق ۾ اندر گهڙيو پئي ته مون ڏسي ورتس، هڪل ڪيم ته ڀڄڻ لڳو. مون سندس پنيان ڊوڙندي بندوق ڇوڙي ته...... “ هوڇپ ٿي ويو.
”لاش ڪٿي آهي؟“
”اسين لاش جي مٿان وجي بيناسين، ته پريان ٻه- ٽي لڏي وارا ايندي ڏٺاسين. اسين اتان ڪسڪي آياسين،“ نوڪر چيو.
مون ايريڪا ۽ ڪارلوس کي سڄي ڳالهه ٻڌائي. ٻئي پريشان ٿي ويا.
”ويري سئڊ..... ويري سئڊ.....“ ايريڪا رکي رکي چوڻ لڳي.
اسين ٻاهر ٿلهي تي رکيل ڪرسين تي ويهي رهياسين. مون ڪارلوس کان سگريٽ ورتو. اسين ٽئي ڄڻا ڊپريشن وچان سگريٽ پيئڻ لڳاسين. منهنجو ڌيان لڏي وارن

ڏانهن هو. سوچيم تہ هاڻي ڇا ٿيندو. نوڪر ۽ چوڪيدار ڏانهن ڏٺم. اهي بہ ڊنا ڊنا چپ چاپ بيٺا هئا.

لڏي وارن جي جهوپڙين مان آواز اچڻ لڳا ۽ گهڻن ماڻهن جا آواز گڏجي گوڙ بڻجي ويا. جهوپڙين جي اڳيان وساميل باهيون وري آهستي آهستي ٻرڻ لڳيون.

”خبر ڇار تہ وٺ. لڏي وارن سان ڳالهائي ٻولهائي معاملو ٺاهجي، نہ تہ ڏاڍي خرابي ٿي پوندي،“ مون نوڪر کي چيو. هو ڊڄندو ڊڄندو جهوپڙين ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ اونده ۾ گم ٿي ويو.

مون کي حيرت ان ڳالهہ تي هئي تہ جهوپڙين مان روئڻ جو ڪو آواز نہ پئي آيو. رڳو گوڙ هو. مرد ۽ عورتون زور زور سان ڳالهائي رهيا هئا. نوڪر کي وئي ڪجهہ دير ٿي تہ گوڙ هڪدم وڌي ويو، جهيڙو ٿي پيو هو.

اونده ۾ ڪو ڊوڙندو اوطاق ڏانهن اچڻ لڳو. چوڪيدار ٽارچ ٻاري اوڏانهن روشني ڪئي. نوڪر سهڪندو پئي آيو.

”سائين، لڏي وارا ميڙجي پيا آهن. چون ٿا تہ اسان جو ڇوڪرو وڏيري ماريو آهي. اسين ڪيس نہ ڇڏينداسين. اوطاق کي بہ باهہ ڏئي ساڙي ڇڏينداسين،“ هو سهڪندو پٽ تي ويهي رهيو. ”آءٌ جيئن تيئن جان بچائي ڀڳو آهيان.“

تيستائين سموريون جهوپڙيون ڏياٽيون ٿي ويون هيون. شايد لڏي وارا مشعلون ٻاري اوطاق ڏانهن اچڻ وارا هئا.

”سائين، توهان هتان نڪري وڃو، تيستائين آءٌ بندوق جهلي اڳيرو ٿي هنن کي روڪيان ٿو،“ چوڪيدار چيو.

”نہ نہ، چريو آهين ڇا؟ تنهنجي بندوق ڪيترن ماڻهن کي روڪي سگهندي. اوهين ٻئي هتان ڀڄي وڃو. اسين وڃون ٿا.“

”پوءِ اوطاق سائين؟“ نوڪر پڇيو.

”وڃي سڙي. هينئر پنهنجي ساهہ بچائڻ جي ڳالهہ

ڪر،“ مون ڪاوڙ مان چيو.

ايريڪا ۽ ڪارلوس حيران پريشان ٿي اسان ڪي ڏسي رهيا هئا. مون ٽڪڙ ۾ هنن کي ڳالهه ٻڌائي.

”اوهين تيار ٿيو، آءٌ ڪار ڪڍي ٿو اچان.“ آءٌ چابي کڻي ڪار ڏانهن ڀڳس. ڪار اوطاق جي ٿلهي وٽ آندم ته ڪارلوس ۽ ايريڪا نائيٽ گائون ۾ ئي ڊوڙندا اچي ڪار ۾ چڙهيا.

مشعالون اوطاق ڏانهن وڌنديون پئي آيون. اونده هئڻ ڪري ڪار جون بتيون ٻارڻ به ضروري هيون. مون ايڪسيليٽر تي زور ڏنو ۽ ڪچي رستي جي به پرواهه نه ڪئي. مشعالون ڊوڙڻ لڳيون، پر تيستائين اسين ڳوٺ مان نڪري چڪا هئاسين. پڪي روڊ تي چڙهڻ کان پوءِ مون ڪار روڪي. اسين ڪار مان لهي ڳوٺ ڏانهن ڏسڻ لڳاسين. ڳوٺ طرف آسمان تي شفق جي ڳاڙهاڻ هئي، جڻ سج ايرڻ وارو هو. پر اجا ته آڌي رات ٿي هوندي، مون سوچيو. اوطاق کي باهه لڳي چڪي هئي. ايريڪا، ڪارلوس ۽ مون هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. ڳالهايو ڪنهن به نه. ڳالهائڻ لاءِ لفظ ڪنهن وٽ به ڪو نه هئا.

# وهندڙ پاٽي

شرنائيءَ جو تيز آواز. ڪنن مان ٽيندو ميڄاليءَ ۾ سوسٽ ڪندڙ. ماٺهو چؤطرف . ماڻهن جو گوڙ شرنائيءَ جي آواز سان ملي وڏيڪ اوچو، وڏيڪ ڦهليل. ڪر ڪندڙن جون رڙيون ۽ واڪا.

”فلاڻا، اڙي هيڏانهن.“

”او ..... وڏيري ڪي پاٽي ڏي.“

”اڙي انڌا، سائينءَ ڪي ٽوال ڏي.“

”پيٽان ڪو مرگهيل آهين. وک وڌاءِ.“

آواز، رڙيون، واڪا هڪ ٻئي تي ڪرندا، ڪٽيندا، ايرندا، ڊبجندا، ڊوڙندا رهن ٿا.

ڪل، ٺهڪ – خوشيءَ جا اهڃاڻ. خوشي ڪن پل جي جيڪا هينئر آهي، جيڪا پوءِ نه هوندي. پوءِ هوندي بيزاري، اوجاڳو، ٿڪ.

هو هلندو رهي ٿو وائڙن جيان. ويهڻ نٿو چاهي. ويهڻ سان بيچيني وڌي ٿي. هرڪو پنهنجيءَ ۾ لڳو پيو آهي. هن کي ڪو به پڇي ڪو نه ٿو.

”يار، منهنجي گهر ۾ پائي به ڪا نه هئي. هيڏانهن وڏيرن جي شاديءَ تي به ضرور اچڻو هو. رن به چئي ته ٻارن جا ڪپڙا پراڻا ڦاٽل، آءٌ ائين ڪا ويندس وهاڻءِ ۾. پٽي سٽي ڪٽي پورت ڪيم. الله مالڪ آهي.“

”مون ته ٻيلي ڳئون وڃي ٺمي. ڀنگ جا پئسا اڃا مليا آهن. اهڙا موقعا ته ڪڏهن ڪڏهن ٿا اچن. ماڻهو وٽ پنهنجو پيسو پنجڙ ته هجي.“

”بروبر، پر پاڻ ان ڪر ڪان پري آهيون. اسان ڪان ته اهي لنبا ڪسا پڇن ڪو نه.“

”رسو ڪلهي تي ڪٽي اسين ٻه ڪو نه پيا هلون، پر ور چڙهي وڃي ته مڙڻ وارا ڪو نه آهيون.“

”چڱو، ٻيڙي ته پيار.“

”هل مانڊڻيءَ تي توکي ڪئپٽن سگريٽ پياريان. چا ياد ڪندين؟“

چني جي ٻاهران ميدان تي پان ٻيڙيءَ جي ڪئبن. پاسي ۾ چلهه تي چانهه جي ديڳڙي. پٽ تي رکيل ڪوپ.

”وڏيرن جي شادي آهي ڪي ميڙو.“

”ميان نيٺ وڏيرا آهن، پاڻ غريب ڪو نه آهيون جو گوڏي ٻڌڻ جهڙو پٽ رڌيو گهور وڌيو ماڻهن کي روانو ڪريون.“

”شاديءَ ۾ ڦندرون گهٽيون آهن؟

”چار ڳئون آهن. اٺ ڏهه ڇيلا آهن.“

ڪن ڏانهن ويجهو منهن. سُس پس.

”ڦندرون آهن سڀ چوريءَ جون.“

”نه نه! توکي ڪيئن خبر پئي؟“

”مون کي خبر آهي ته ڪهڙن ڪهڙن همراهن تي اهو بار رکيل هو.“

هو بوٽ مان مٽي ڇنڊي وري پائي اتي هليو آهي.

”يلان يلي لڳي پئي آهي. وڏيرا ٻه مائٽ آهن. هڪ ٻئي سان پرتا سو شادي ڪا نه ڪئي آهين، ميڙو لڳائي ڇڏيئون آهي.“

هڪڙو ڪمي ڊوڙندو هن وٽ اچي ٿو.

”سائين، مهمان آيا آهن شهر مان.“

مهمان! ڪهڙا؟ ڪير آيا هوندا؟

هلي ٿو.

”گهوٽ اهو آهي.“

”اھو آھي؟“

”پيو نہ ته، نتو سجاڻين ڇا؟“

”نندي ھوندي ڏٺو ھوندم، اجا ٻار ھئا تہ شھر ھليا ويا.“

ھو اڳتي وڌي آيو آھي. ڄاڃين جون اکيون ھن ۾ آھن. ھو ماڻھن ڏانھن نھارڻ کان سواءِ ھلندو رھي ٿو. خاص مھمانن لاءِ ناھيل چني ۾ ھن جا دوست ويٺا آھن. شھر مان آيل. ياڪر پائي ملي ٿو.

”ڳوٺ تائين پھچڻ ۾ ڪا تڪليف تہ ڪا نہ ٿي؟“

”نہ، سڌا اچي لٿا آھيون.“

”اسين تہ سفر ڪري آيا آھيون، پر تون ٿڪل پيو ڏسجين. ننڊ ڪا نہ ڪئي اٿئي ڇا؟“

”ھاڻي سائين خوشيءَ وچان ننڊ ڪيئن ڪندو؟ ھمراھ لاءِ وقت ڪاٽڻ ئي مشڪل ھوندو.“

”سموريون ڪٿرون ڪيندو.“

”پر پوءِ خبر پونديس. شادي ڪرڻ کان اڳ اسان کان صلاح وٺي ھا. آءٌ چوانس ھا تہ ميان اھڙو ڪم ئي نہ ڪر.“

ھو ان دوست ڏانھن ڏسي ٿو. ٻہ شاديون ڪيل ۽ اجا بہ تاڙ ۾.

”خير شادي آھي تہ ھڪڙو سماجي بنڌڻ، پر سيڪس پرابلم جو ھڪ سنو حل آھي. ھونءَ اسين ماڻھو ڪٿي ٿا افورڊ ڪري سگھون!“

”ھا يار، آھي وڏو پرابلم. اسان ڪي خوشيِ آھي تہ اسان جي ھن دوست جي سيڪشوئل فرسٽريشن تہ گھٽ ۾ گھٽ ختم ٿي ويندي.“

ٺھڪ. سيني جا ڳڏيل. اکين ۾ چمڪاٽ. اشارا. ھو بہ چاھي ٿو انجواءِ ڪرڻ. وڏا ٺھڪ ڏيڻ. پر ھڪدم بوريت جو احساس. بيزاري ان سڀ کان. بي تعلقي. دوست ڳالھائڻ لڳن

ٿا هڪبئي سان. سياسي بحث ڇڙي ويل. بحث ۾ زور پيدا ڪرڻ لاءِ وڏيڪ زور سان ڳالهائڻ! گانا چالو ٿي ويل. لائوڊ اسپيڪرن جا ڪن جا پردا ڦاڙيندڙ آواز. ڳالهائڻ جا تيز آواز. هو پهچڻ چاهي ٿو انهن سمورن آوازن کي پنيان ڇڏي. آوازن کي ڪنهن هڙ ۾ ٻڌي، هڙ کي پنيان اڇلائي پهچي وڃڻ جي خواهش. گوڙ. هل. هڻ وٺ ڊوڙ ڊڪ. پٽ شٽ. سُس پس. هو انهن سيني کان الڳ — جدا. اڻ واقف رستو پلجي آيل مسافر وانگر وينو آهي. جنهن جو ڪو واسطو نہ هجي ۽ جنهن سان ڪنهن جو واسطو نہ هجي — هڪ وساريل ڏاريو ماڻهو.

هو اٿي ٿو.

”ڪيڏانهن؟“

”گهران ٿي ٿو اچان.“

”ها سائين، تون اسان وٽ ڪيئن ويهندين.“

”هينئر ڪان ئي گهر جي چڪ!“

ٺهڪ هروپرو.

گهر — عورتن ۽ ٻارن جي پيهہ.

آءٌ گهر ۾ ڇو آيو آهيان؟ بنا ڪنهن ڪم جي! مايون ڇا چونديون. پويان دوست ڇا چوندا؟ ۽ مون کي هيءُ ٿيو ڇا آهي؟ منهنجو اندر جميل برف جي ڇپ ڇو بنجي ويو آهي؟ هيءُ ڪهڙي ڪيفيت آهي؟ بيزاري .... بوريت ۽ بيحسي ...... بي تعلقي. پر آخر ڇو؟ شايد آءٌ ڊنل آهيان. مون اهو نٿي چاهيو جيڪو هاڻ ٿي رهيو آهيان.

هو ماين جي پيهہ لتاڙي ڪمري ۾ اندر وڃڻ چاهي ٿو.

”ابا هيڏانهن تہ اچ.“

ماءُ جي سڏ تي منهن ورائي ٿو. ڪجهہ ماين سان گڏ وينل. ”مصيبت“، اوڏانهن وڃي ٿو.

”ابا، هي تنهنجون سوٽيون ماساتيون آهن. چون ٿيون

اسان گهوٽ کو نہ ڏٺو آهي.“
ماءُ نالا ٻڌائي ٿي ۽ هو واڙي واري سان هٿ ڏئي ٿو. ”هون..... تہ هيءَ آهي اها. فيچرس ڏاڍا موهيندڙ اٿس. ڇوڪريون ڦڪيون ڦڪيون. هڪڙي ڳالهائي ٿي. منهن جي پڪي آهي.
”ادا، اسان کي شاديءَ کان وڌيڪ سڪ تنهنجي ڏسڻ جي آهي.“
”پوءِ هينئر ڏسي ڇڏيو.“
ڪل.
”ابا مون کي نٿو سڃاڻين؟“ هڪ اڌڙوٺ عمر واري عورت پڇي ٿي.
هو لڄي ٿئي ٿو. جواب نٿو سجهيس.
”نہ، مون کي تہ ياد ڪانهي.“
”واهہ ابا واهہ، آءٌ تنهنجي مامي ڪانہ آهيان، مون کي بہ نٿو سڃاڻين؟“
”گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن نہ مامي“
ڪل. هو لڄي ٿئي ٿو. ماءُ هن جي جند ڇڏائي ٿي.
”ابا ڪم سان آئين؟“
ڪم سان! ڪم ..... ڪهڙو ڪم .....
”گرمي آهي. وڃان ٿو واهہ تي وهنجڻ. ٽوال ۽ صابڻ ڪڍڻ آيو هوس.“
ماءُ هن کي ٽوال ۽ صابڻ ڪڍي ڏئي ٿي. نڪري وڃي ٿو تڪڙو تڪڙو. واهہ گهر جي پويان آهي. سامهون ٻنين کان پري گهاٽن وڻن جي پويان لهندڙ سج. ٻنين جي ساوڪ ۽ شام جي نيراڻ گڏجي ويل، اڪيلائي. ماڻهو سڀ شاديءَ جي گوڙ ۾. ڳائڻ جو آواز ڪجهہ هلڪو ايستائين اچي پهچندڙ.
ڪپڙا لاهي، گوڏ ٻڌي واهہ ۾ گهڙي پئي ٿو. محسوس

تنئي تي پاڻيءَ جي تڏاڻ. هر وقت نئون پاڻي. اهو جملو هن شايد هرمن هيس جي ناول ”سڌارتا“ ۾ پڙهيو هو، ”پاڻي جيڪو ساندھ وهندو رهي ٿو ۽ سدائين نئون هوندو آهي.“

چاهي ٿو اڪيون پوري پاڻ کي ڇڏي ڏي. تڏي پاڻيءَ ۾ وهندو وڃي.

”اهو ايترو گوڙ هُل ڇا جو آهي؟ ڇا پيو ٿئي؟“ اڪيون ڪولي ڪناري ويجهو اچي ٿو. سچي پچي پاڻيءَ ۾ وهندو پئي ويو.

منهنجو جسم آهي. منهنجو ذهن آهي. پوءِ بہ آءٌ ڪجھ نہ آهيان. منهنجي ڪا مرضي ڪانهي. ارادو ناهي. چونڊ ناهي. ڪجھ بہ نہ آهي. منهنجو هئڻ نہ هئڻ آهي. ٻين جي مرضي آهي. ٻين جي چونڊ آهي. ٻين جو فيصلو آهي. تنئي اهو ئي ٿو جيڪي آءٌ نٿو چاهيان.

وهندڙ پاڻيءَ ڏانهن ڏسندي هن کي لڳي ٿو: محروميون اڻ ڪٿ پاڻيءَ وانگر وهنديون پيون اچن هن ڏانهن، هن جي ايندڙ نسل ڏانهن ۽ هو ان پاڻيءَ کي روڪڻ جي اجائي جاکوڙ ڪري رهيو هو.

هو واھ مان نڪري ڪپڙا پائي ٿو.

هل گوڙ آهستي آهستي هن ڏانهن وڌندو اچي ٿو.

# بکي سونهن

مردان کان اڳتي مالاڪنڊ ايجنسيءَ واري خطرناڪ سوڙهي پهاڙي رستي احمد عليءَ جي نسن کي تاڻ ۾ آڻي ٿڪائي وڌو هو. رستو ڇا هو نانگ جو ليڪو هو جيڪو ور وڪڙ کائيندو جبل جي اوچائي اورانگهيندو سوات جي واديءَ ڏي ٿي ويو. مالاڪنڊ ايجنسيءَ جا هيبتناڪ اگهاڙا پهاڙ، جن تي ساوڪ جو نشان به ڪو نه هو. هيٺ سفيد ليڪ وانگر ڪا ندي وهندي پئي وئي. رستي تي ڪٿي ڪٿي ڪو ماڻهو نظر آيو ٿي. قبائلي ايريا جو پناڻ ڪلهي ۾ رائفل پاتل دشمنن ۽ دوستن جي اڻ ڪٿ گهيرن ۾ جيئندڙ ننگي پربت وانگر مٽي ڦريل. فطرت ماڻهوءَ کي پاڻ تي آڻيو ڇڏي. جهڙي مٽي تهڙا ماڻهو. مالاڪنڊ ۾ هڪ اوچي پهاڙ تي برج ٺهيل هو جيڪو انگريزن پناڻن تي نظر رکڻ جي لاءِ ٺهرايو هو. انهن پهاڙن تي ماڻهن صدين کان وٺي پراڻن ۽ پنهنجن جو رت پئي وهايو آهي، جنهن شايد جبلن کي پورو، سڪل رت جو رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي.

پوءِ اوچاين تان هيٺ لهندي اوچتو احمد عليءَ کي ساوڪ ئي ساوڪ نظر آئي ته هو هڪدم سڌو ٿي وينو. اها سوات جي وادي هئي — سونهن ۽ ساوڪ جي وادي.

بيشمار برساتي جهرنا ويڪري واديءَ مان پنهنجي وات پاڻ ناهيندي هڪ نديءَ ۾ اچي ملي ٿي ويا. اها ئي ندي هن کي سفيد ليڪ وانگر نظر آئي هئي. ڊرائيور ويگن کي هڪ جهرڻي جي پاسي ۾ بيهاريو. ڪلينر ڇوڪرو ڊبو ڪڍي پاڻي پرڻ لاءِ هيٺ لٿو. احمد علي به بين ماڻهن سان گڏ هيٺ لهي پيو. هن ٻانهون مٿي ڪري آرس ڀڃندي ڏگهو ساهه کنيو. ٿڌي ينل هوا جڻ هن جي ساٿي ٿيل ٿڪل جسم کي تازگي ڏئي ڇڏي. هو برساتي جهرڻي وٽ اچي وينو ۽ ٻُڪ ۾ پاڻي

پري چپن تي آندائين. ٽڏي پاٽيءَ سندس اندر کي ناري وڏو. هن پاٽيءَ جا چار پنج ٻُڪ پري پيتا. پوءِ هو سڌو ٽي بينو ۽ آلين مُچن کي اگهندي واديءَ تي نظر وڏائين. ميدان، ساوڪ، پاٽيءَ جا جهرڻا، کيس خيال آيو ته فطرت جي سونهن جا ٻه ڪئين رنگ ۽ ڪئين روپ آهن. جبلن جي اوچاين تي، مريءَ ۽ ڪاغان جي پنهنجي سونهن هئي ۽ سوات جي ماتريءَ جي سونهن پنهنجي هئي. هر هنڌ هڪ الڳ ڏيک هو، هڪ ڌار نظارو هو. سونهن جو، خوبصورتيءَ جو هڪڙو ماڻ ڪونهي، ساڳيو قالب ڪونهي. ڪئين روپ آهن. هو جڏهن ويگن ۾ اچي وينو ته ڪانئس سمورو ٿڪ وسري ويو.

احمد عليءَ کي احساس ٿيو ته هن غلطي ڪئي هئي اڪيلو اچي. هن چاهيو ته ڪنهن سان ڳالهائي. سوات جي سونهن جي ساراهه ڪري. پر سندس پاسي وارو همراهه سڄي وات جهوٽا کائيندو ننڊ ڪندو پئي آيو. ڪو سنگتي ساٿي ساڻس گڏ هجي ها ته هو ان سان ڳالهائيندو ته رهي ها. اهڙن سهڻن نظارن کي ڏسي وات بند ڪري ويهڻ سنو نه هو. پر هن اڳوات ڪو پروگرام نه ٺاهيو هو. ڏهاڙي جي مصروفيتن کان بيزار ٿي، اوچتو ئي اوچتو چڻ مصروفيتن جون زنجيرون ٽوڙي ڀڄي آيو هو. هن پنهنجين مصروفيتن ۽ مسئلن کي ذهن مان ڪڍي ڇڏڻ چاهيو — ان ڪري ته هو اتي آيو هو، جيئڻ زندگيءَ جي هڻ وٺ مان ڪجهه ڏينهن لاءِ جان ڇڏائي.

ويگن مينگورا ۾ اچي سيني مسافرن کي لاٿو. مينگورا سوات جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي. منجهند ٿي چڪي هئي.

احمد عليءَ ته شهر ۾ ٿورو چڪر هڻي، ڪنهن هوٽل ۾ ماني کائي، پوءِ ٻي ويگن ۾ چڙهي رات بحرين ۾ وڃي گذاري. ڪنهن دوست کيس ٻڌايو هو ته بحرين سوات جي

تمام خوبصورت جاءِ آهي. هن هڪ هوٽل ۾ ماني، ڪاڌي ۽ پوءِ ڪائونٽر واري کي بئگ جي سنڀال ڪرڻ لاءِ چئي مينگورا جي بازار ۾ گهڙي پيو. مينگورا هن کي ٺڪ عام رواجي شهر لڳو، سواءِ هڪ بازار جي جنهن ۾ سمگلنگ تي آيل غير ملڪي سامان جا دوڪان هئا. هن موٽي اچي بئگ کنئي ۽ بس اسٽئنڊ تي اچي بحرين ويندڙ ويگن ۾ چڙهي وينو.

آسمان تي جهڙ چانيل هو ۽ هوا ڀنل هئي. جهڙالي سبب واديءَ جو حسن وڌيڪ نکري موهيندڙ ٿي پيو هو. رستو جبل جي هنج ۾ ٺهيل هو. رستي کان هيٺ سوات ندي گجندي پئي وهي. ويگن جيئن اڳتي هلي تيئن واديءَ جي خوبصورتيءَ ۾ ۽ جبل تي ساوڪ ۾ واڌارو ايغدو ويو. رستي جي پاسن ۾ ناسپاتين جا وڻ هئا جن ۾ ڪچيون ناسپاتيون هيون. زمين جو ڪو به ٽڪرو اهڙو نه هو جنهن تي جوئر جي پوک نه هئي. جبل جي لاهين تي به جوئر پوکيل هئي. گهر به جبل جي لاهين تي ٺهيل هئا. فطرت پنهنجي سونهن مان ماڻهن کي به حصو ڏنو هو. احمد عليءَ سوات جي سونهن جي هاڪ ٻڌي هئي ۽ اها هن کي ڪيڏي ڪيڏي مهل رستي تي نظر اچي تي وئي. ماڻهو هيٺا ۽ ويچارا پئي لڳا. شايد ان ڪري جو سوات ۾ غربت گهٽي هئي. مينهن شروع ٿي ويو ۽ ويگن آهستي هلڻ لڳي — جهڙ، مينهن، جبل تي گهري گهاٽي ساوڪ، سوات نديءَ ۾ پاڻيءَ جو گوڙ. احمد علي چوطرف پکڙيل اڻ کٽ سونهن کي اکين ۾ پيئندو سرڪيون پريندو ويو ۽ هن جي من ۾ مستي پرجي وئي، لونءَ لونءَ ڪاندارجندي ويئي. پاڻ کي بيحد هلڪو ڦلڪو جڻ هوا ۾ برسات جي ڦڙين سان گڏ جبل تي اڏامندو محسوس ڪيائين. ويگن جي پوئين سيٽ تان ڪو ماڻهو انگريزيءَ ۾ جهونگارڻ لڳو. احمد علي پويان مڙي ڏٺو. هڪڙو اڪيلو هپي وينو هو. جنهن جون اجهاميل اکيون ويگن جي دريءَ مان ٻاهر جبل جي

اوچاين تي ڪنهن ڪي ڳولي رهيون هيون. هو اڪيلو هو، شايد ڪانئس سندس ساٿي وڇڙي ويو هو. سندس آواز ۾ ڏاڍو درد هو — احمد سي ڏيان ڏئي ٻڌڻ لڳو.

This evening in rain,
My sad heart full of pain,
I listen once again,
For the echo of your step.

هپيءَ جي آواز سڄي وايو منڊل کي اداس بنائي ڇڏيو. جبل مٿان گوڙ ڪري ڪرندڙ آبشار، برسات ۽ هيٺ وهندڙ ندي جڻ سڀ هن اجنبي ماڻهوءَ جي دک ۾ ڀائيوار ٿي ويا هئا. احمد عليءَ به پنهنجي من ۾ هڪ عجيب بيچيني محسوس ڪئي. هن نه ڪڏهن محبت ڪئي هئي ۽ نڪو ڪير ڪانئس وڇڙيو هو. پر پوءِ به هن کي پنهنجي اڪيلائي جو شدت سان احساس ٿيو. هن کي لڳو جڻ هپيءَ ڪيس پنهنجي پاڻ اڳيان پڌرو ڪري وڌو هو. هن جي سڄي زندگي خالي ۽ کوکلي هئي. زندگيءَ ۾ نڪو پيار جو رنگ پريل هو نڪو وڇوڙي جو. هن کي پهريون ڀيرو خبر پئي ته احساس ۽ جذبا ڇا هوندا آهن.

ويگن بحرين اچي پهتي هئي. بادل هاڻي بس ڪري چڪا هئا ۽ سامهون جبل جي اوچاين تي ڏکڻ سڌن وڻن ۾ اٽڪي بيهي رهيا هئا. شام ٿيڻ واري هئي. بحرين جي ننڍي بازار ۾ مڪاني ماڻهن کان وڌيڪ ٻاهريان ماڻهو، مرد ۽ عورتون، هلندا ڦرندا نظر آيا. بحرين جي سيزن جوڀن تي هئي. بازار جي پويان پهاڙ تي گهر ٺهيل هئا. وهندڙ پاڻيءَ جي زوردار گرج هئي. آبشار مٿان پهاڙ کان ٽيندو وڏن وڏن پٿرن تي ڪرندو اچي نديءَ ۾ ملي ٿي ويو. آبشار جي ڪِرڻ ۽ نديءَ جي وهڪري ۾ تيزيءَ جا آواز پاڻ ۾ ملي هڪ زبردست گجگوڙ پيدا ڪري رهيا هئا. آبشار واري نئين جيڪا رستو

اکري نديءَ ۾ اچي ٿي ملي تنهن تي پل نهيل هئي. هوٽل پل جي ٻئي طرف هئي. احمد علي ٿوري دير پل تي ترسي آبشار کي ڏٺو ۽ پوءِ پل اکري هوٽل ۾ ويو. هن ڪائونٽر تي وڃي ڪمري لاءِ ڳالهايو. سيزن هئڻ سبب هوٽلن ۾ رش هئي. بيرو هن کي ڪمرو ڏيکارڻ لاءِ وٺي هليو.

”هڪڙو ڪمرو هاڻي خالي ٿيو آهي. تمام سٺي جاءِ تي آهي. ڪنڌ تي آهي. اتان اوهان کي آبشار بہ نظر ايندو تہ ٻئي پاسي جبل بہ ....“ بيرو ڏاڪڻ تي چڙهندو ڳالهائيندو هليو.

ڪمرو چڱو هو. احمد عليءَ کي وڻيو.

”ڪيئن صاب، ڪمرو پسند آيو؟“ بيري ڪمرو ڏيکارڻ کانپوءِ احمد عليءَ ڏانهن نهاريندي چيو.

”ها نيڪ آهي،“ احمد عليءَ هڪ نظر ٻيهر ڪمري تي وڌي. ”بستري جي چادر تہ بدليل آهي نہ؟“

”ها صاب، مون اجا هاڻي بدلائي آهي. اوهان ترسو تہ آءٌ رجسٽر کڻي اچان.“ بيرو تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ويو.

احمد عليءَ بئگ کولي ڪپڙا، ٽوال ۽ چمپل ڪڍي ٻاهر رکيا. ٽوال کڻي باٿ روم ۾ ويو ۽ جلدي جلدي وهنجي ٻاهر نڪتو. هن چاهيو ٿي تہ سج لهڻ کان اڳ ڪجھ گهمي وٺي. اکين کي نظارن مان ڍئو ئي نٿي ٿيو — بيرو رجسٽر کڻي آيو تہ احمد عليءَ ان ۾ نالو ۽ پتو لکي صحيح ڪئي.

”صاب، چانھ کڻي اچان؟“ بيري پڇيو.

”نہ، هينئر ضرورت ڪانهي،“ احمد عليءَ چانھ لاءِ ترسي وقت وڃائڻ نٿي چاهيو.

هو هيٺ لهي هوٽل، مان نڪري رستي تي اچي بيٺو. اهو رستو ڪالام ڏي ٿي ويو، جنهن جي لاءِ هن ٻڌو هو تہ اهو بحرين کان بہ سهڻو هنڌ آهي. هن ٻئي ڏينهن ڪالام ڏانهن وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. رستي جي هن طرف جبل جي دامن ۾ سوات نديءَ وهي رهي هئي. ساوڪ سان ڍڪيل جبل تمام اتانهون هو ۽

متي ڏڳها ڏڳها ۽ سڌا وڻ بيٺل هئا. جبل ۾ فطرت جي سونهن سان گڏ هڪ عجيب قسم جي هيبت پڻ هئي. هيٺ ڪٿي ڪٿي گهر نظر آيا پئي. نديءَ تي ٻئي پار جبل ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪاٺ جي مضبوط پل ٺهيل هئي. احمد علي پل اڪري ٻئي طرف آيو ۽ نديءَ جي پاسي واري پيچري تان هلڻ لڳو. ماڻهن جي قدمن پٿرن ۽ پهڻن تان به پيچرو ناهي ڇڏيو هو. نديءَ ۾ پاڻي اڇلون ڪائيندو، ڏوڪيندو پئي ويو. هلڪي ڦڙ ڦڙ شروع ٿي ويئي. احمد علي هڪ وڏي پهڻ تي چڙهي وينو ۽ نديءَ جي ڪاوڙيل پاڻيءَ کي ڏسڻ لڳو. جڏهن اونده ٿي وئي ۽ پاڻيءَ جو رنگ گهرو ڪارو ٿي ويو ته هو پهڻ تان اٿي واپس موٽيو. هن نديءَ جي ڪپ تي ٺهيل هڪ ننڍي هوٽل ۾ چانهه پيتي. نديءَ جو آواز وڌيڪ اوچو ۽ وڌيڪ تيز ٿي ويو هو. احمد علي اٿيو ۽ بازار ۾ اچي دوڪانن ۾ مڪاني دستڪاريءَ جا نمونا ڏسڻ لڳو. هن کي ڪجهه سامان خريد ڪرڻ جو ارادو هو، پر ٻئي ڏينهن وٺڻ جو سوچي واپس پنهنجي هوٽل تي موٽي آيو. هن بيري کي سڏي مانيءَ جو پڇيو.

"صاب، اسان وٽ ڪڙائي گوشت فس ڪلاس ٺهندو آهي، اهو کائو."

"نيڪ آهي، کڻي اچ،" احمد علي هن کي آرڊر ڏئي پلنگ تي ليٽي پيو ۽ اکيون ٻوٽي رليڪس ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن ذهن کي خالي رکڻ لاءِ پاڻي جي گرجدار آواز تي ڌيان ڏنو.

ڪمري ۾ ڪڙڪو ٿيو ته هن اکيون کوليون، بيرو ماني کڻي آيو هو. احمد عليءَ اٿي ماني کاڌي ۽ پوءِ بيري کي سڏي چانهه آڻڻ لاءِ چيائين.

"صاب، ٻيو ڪجهه کپي؟" بيري ٿانو کڻندي چيو.

احمد عليءَ سوالي نظرن سان بيري ڏانهن ڏٺو. ماني ۽ چانهه ڪانپوءِ باقي کهڙي شئي کيس کپندي هئي؟

"هتي سڀ ڪجهه ملندو آهي، صاب!" بيري معنيٰ ڀريل

انداز ۾ مرڪندي چيو.

”سڀ ڪجهه ۾ چا چا آهي؟“ احمد عليءَ ڪي تجسس ٿيو.

”عورت، وسڪي.....“ بيرو مرڪڻ لڳو.

”وسڪي تہ آءٌ پيئان ڪونہ، باقي عورت ڪا چڱي ملندي يا جهڙي تهڙي؟“

”فس ڪلاس، صاب! پاڻ ڏسجو – پوءِ اوهان جي مرضي.“

”پيسا گهڻا؟“

”پيسا ٿورا آهن، صاب – فقط سؤ رپيا.“

احمد عليءَ ٿوري دير سوچيو.

”هون! نيڪ آهي.“

”چڱو صاب، پوءِ 10 بجي.“

احمد عليءَ ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي ۽ بيرو ٻاهر هليو ويو. احمد علي ڪپڙا بدلائي پلنگ تي ليٽي پيو. هن سوچيو تہ سوات جي سونهن جو اهو مزو بہ ماڻي ڏسي. ٿڪ هئڻ سبب هن کي جلدي ننڊ اچي وئي. در تي ڪَٺ ڪَٺ جي آواز هن کي جاڳائي وڌو . هن واچ تي نظر وڌي، پوڻا ٻارنهن ٿيا هئا – هن اٿي دروازو کوليو در تي اهو ئي بيرو بيٺو هو ۽ سندس پويان چادر ۾ ويڙهيل سيڙهيل هڪ عورت هئي. بيرو عورت کي وٺي اندر آيو. ڪمري ۾ اچي عورت منهن تان پوتي هٽائي ڇڏي. سندس اکيون هيٺ فرش ۾ کتل هيون. احمد عليءَ اندازو لڳايو تہ هوءَ 24 ـ 25 سالن جي هوندي. ڪنهن وقت تمام سهڻي هوندي، پر اڃا بہ ان سونهن جون ڪجهه پتيون منجهس رهيل هيون. اکين هيٺان ڪارا نيل هئس، پر ڳوري رنگ تي اهي وڏيڪ نهيا پئي.

احمد عليءَ بيري ڏانهن ڏٺو جيڪو ڪيس جانچي رهيو هو. بيرو ٻاهر اچڻ جو اشارو ڪري ڪمري مان نڪري ويو. احمد علي هن جي پٺيان ويو.

”صاب، چا خيال آهي؟“ بيري سرباٽ ڪيو.

”نيڪ آهي،“ احمد علي آهستي چيو.

”پوءِ صاب پيسا ڏيو. عورت جو ماٺهو هيٺ بيٺو آهي. هن کي ڏيڻا آهن.“

احمد عليءَ سؤ جي نوٽ سان گڏ بيري کي پنج رپيا خرچيءَ جا ڏنا. بيرو پيسا وٺي تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ويو. احمد علي ڪمري ۾ موٽي آيو. هن ڏٺو ته عورت اڃا ساڳئي هنڌ بيٺي هئي. هن در ورائي اندران بولٽ چاڙهي ڇڏيو.

”بيٺي ڇو آهين؟“ احمد عليءَ جي آواز تي گم سم بيٺل عورت ڇرڪي. ”هيڏانهن اچي ويھ،“ احمد عليءَ پلنگ ڏانهن اشارو ڪيو. هن ڪمري جي بتي وسائي ڇڏي.

هلڪي اونده ۾ عورت جي جسم جو ڳورو رنگ سون وانگر ڇرڪي رهيو هو. احمد عليءَ کي لڳو ڄڻ سندس پيرن هيٺان تاندا اچي ويا هئا. هن پلنگ تي ٻئي نونئيون کوڙي پاڻ کي متيرو ڪيو ۽ عورت جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. عورت اکيون ٻوٽي ڇڏيو هيون هوءَ ڪنهن بي جان بت جيان سِڌي سِڌي پئي هئي، احمد علي عورت جي ويجهو آيو ته هن کي تِڄ جي بوءِ آئي، ڪچي تِڄ جي بوءِ سبب هن جو من ڪچو تيڻ لڳو. شايد هوءَ هاڻ هاڻ پنهنجي تِڄ پياڪ ٻار کي کير پياري آئي هـئي.

هو عورت کان پري ٿي ليٽي پيو. ڪجھ دير تائين هن نه ڪجھ ڳالهايو ۽ نه هن جي جسم ۾ ڪا چرپر پيدا ٿي.

نيٺ بوريت متاثڻ خاطر هن عورت کان پڇيو، ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”انار گل“ عورت هٻڪندي ورائيو.

”انار گل!“ احمد عليءَ هن ڏانهن ڏسندي چيو، ”توکي ٻار ڪيترا آهن؟“

عورت پاڻ کي ڍڪيندي.
”چار ٻار آهن،“ هن چيو.
”سيني کان ننڍڙو ڪير تي آهي ڇا؟“
”ها آ.....“ عورت هٻڪي.
”تنهنجو مڙس ڇا ڪندو آهي؟“ احمد عليءَ کي پنهنجو سوال عجيب لڳو.
”مزوري.“
”مزوري چڱي ملندي آهي؟“
”نه بابو صاب، ڪڏهن ملي ته ڪڏهن نه. سياري ۾ برف وسندي آهي ته پوءِ ڪو ڪم ڪو نه ملندو آهي.“
”تنهنجو مڙس توکي ڪيئن ٿو ڇڏي ٻين وٽ؟“
”پيٽ، بابو صاب! بکئي پيٽ جي دوزخ کي ته پرڻو آهي....“ عورت ڏک مان چيو.

احمد عليءَ کي ڳالهه ٻڌي سچي پچي ڏک ٿيو. هن چاهيو ته ٻه ٽي لفظ همدرديءَ جا چئي، ڪا تسلي ڏئي، پر هو چوي ڇا؟ ۽ ان چوڻ سان ٿئي به ڇا ها! هن عورت جي سري هينيان ٻانهن ڏئي ڪيس پنهنجي پاڪر ۾ آندو.

آبشار جو گڙگاٽ ڪري هيٺ ڪرندڙ پاڻي نديءَ جي تيز ڌارا سان گڏجي ويو هو. احمد عليءَ کي لڳو ته سندس پلنگ گجندڙ نديءَ جي تيز وهڪري تي لڙهندو پئي ويو.

احمد عليءَ جي اک کلي ته اجا ئينيرڪو هو. عورت وڃي چڪي هئي. هو ڪجهه دير تائين نديءَ جو آواز ٻڌندو رهيو. آواز ۾ اهو جوش ۽ اها تيزي ڪا نه هئي. احمد عليءَ کي عجيب لڳو. هو اٿي باٿ روم ۾ ويو. موٽي ڪمري جو در کولي ٻاهر بالڪنيءَ ۾ اچي بيٺو. سامهون صدين کان بلند ۽ رعبدار جبل هو، جنهن تي هلڪي ڏنڊ پکڙيل هئي. احمد عليءَ اونهو ساهه کنيو. ٿڌي ننڍاڪڙي هوا سندس اندر کي سرور ڏئي ڇڏيو. هن ٻئي ٻانهون مٿي ڪڻي پنهنجي ٻت کي ڇڪي آرس ڀڳو. تڏهن ڪيس

انار گل ياد آئي — انار گل جنهن جي خوبصورتي هتي جي فطري حسن جو هڪ حصو هو. اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو تہ هن فطرت سان زيادتي ڪئي هئي. هن فطرت کي سؤ روپين ۾ خريد ڪري ان جي سونهن کي لٽيو هو. احمد عليءَ جو سڄو وجود ڏڏي ويو. هن جون نظرون سامهون پر هيبت جبل تان ٿينديون هيٺ نديءَ تي آيون. هن کي پنهنجي خسيسپڻي جو شديد احساس ٿيو.

سوات جي خوبصورت وادي جنهن جي هاڪ پري پري تائين هئي، اتي ايتري بک هوندي ان جو خيال ٻاهران ايندڙ ماڻهن کي ڪو نہ ايندو. اهي تہ خوبصورتي کي رڳو ڏسڻ ۾ ماڻڻ ايندا آهن. پر ان فطري سونهن سان هتي جي ماڻهن جو پيٽ پرجي نٿي سگهيو. احمد عليءَ کي فطرت جي حسن ۾ بک جو احساس ٿيو. هن جي من ۾ اڀڙڪو آيو، ڪيس پنهنجو پاڻ ڪان ڪرپ محسوس ٿي. هو هتي فطرت جو حسن پسڻ آيو هو، اتي جي مجبور سونهن کي ماڻڻ ۾ لٽڻ ڪو نہ آيو هو. پر اهو سڀ ڇو هو؟ حسن ايترو ويچارو، ايترو ڏکيو ۾ بکيو ڇو هو؟ ماڻهو جيڪي فطري سونهن جو حصو آهن تن جي جسم ۾ جوڀن جو واڪ ڪاغذ جا ڪجھ نوٽ آهن؟

احمد عليءَ کي پنواٿيون اچڻ لڳيون. هن چاهيو اتان ڀڄي نڪري. هو موٽي ڪمري ۾ ويو. جلدي جلدي سامان بئگ ۾ بند ڪري هيٺ لهي ويو. صبح جي پهرين ويگن واپس وڃڻ لاءِ تيار بيٺي هئي. احمد علي ويگن ۾ وڃي ويٺو. هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون. هن ڪجھ بہ ڏسڻ نٿي چاهيو.

# اڌ مڙهيل سوئيٽر

دل ۾ اچي ٿو، ٻاهر نڪري، زور سان رڙ ڪري چوان، 'بند ڪريو هي گوڙ، هي بئنڊ باجا!..... آخر ائين چو ٿا ماريو ڪنهن کي!'- پر آءٌ ٻاهر نڪري ڪلندڙ، ٿهڪ ڏيندڙ ڇهرن جو تاب ئي نہ جهلي سگهان ها. هڪ يا ٻہ ماڻهو مرن ٿا تہ پلي مرن، هيترن سارن ماڻهن جا ٿهڪ ننڍا ڪسي سگهجن. پر ڇا، هڪ ٻن ماڻهن کي ائين بينڊ باجن سان ماري سگهجي ٿو؟ اها ڪٿي جي انسانيت آهي! انسان ڪٿي جا بہ هجن، فطري طور وحشي چو هوندا آهن؟ آءٌ پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهان يا ڪپهہ وجهي ڇڏيان، پر لڇندڙ دل جي درد کي ڇا روڪي ٿو سگهان!

اڄ صبح جو نہ چاهيندي بہ آفيس ويس. آفيس کي ويجهو اچي، قدم بہ دل وانگر منجهڻ لڳا. تڏهن واپس موٽي ويس. سمورو وقت هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو رهيس. نٿي چاهيم تہ گهر وڃان. گهر ڪان پري ٿي رهڻ چاهيم. پر چاهي ڪٿي بہ هجان، دل ويئي ٿي هڪ گهري درد ۾ ٻڏندي. گهر آيس تہ ڏٺم، امان ڪنهن ڳُتيءَ ۾ ويٺي هئي. مون کي ڏسي، هڪ گهڙيءَ لاءِ سندس اکين ۾ مامتا جي چمڪ آئي، پوءِ منهن ڦيري ڇڏيائين. چري، مون کان ٿي ڳوڙها لڪائي! گهر ۾ فقط هوءَ هئي، جنهن منهنجي درد کي ڄاتو هو. ننڍي هوندي ماستر کان يا ڪڏهن ڪنهن ٻار کان مار کائي ايندو هوس تہ سندس هنج ۾ منهن لڪائي روئندو هوس. هينئر هن مون کي هنج ۾ ليٽائي، پاڻ رنو. پر نہ شايد منهنجين اکين مان بہ ڪجهہ لڙڪ ڪريا هئا. مون هينين چپ کي زور سان چڪ پائي، ڳوڙهن کي روڪي ڇڏيو هو.

امان شاديءَ ۾ وڃڻ نٿي چاهيو، مون ئي هن کي زور

ڪري موڪليو. شاديءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ ’هوءَ‘ اسان جي گهر آئي هئي. گهر ۾ آءٌ هوس، ۽ امان هئي. هوءَ ڊوڙي اچي امان جي گلي سان لڳي، ۽ گلي سان لڳي، سڏڪا پري روئڻ لڳي. امان به روئي پئي. مون منهن ٻئي طرف ڦيري ڇڏيو هو. آءٌ ان وقت ڄڻ هڪ اپاهج وانگر ڪرسيءَ تي ويٺو هوس، بيوس بيوس. هن چيو، ”ماسي، مون کي مائٽ جيئري دفن پيا ڪن. جيئري هوندي به هاڻي ڪڏهن تو وٽ اچي نه سگهنديس..... ماسي، ڇا پڇاڙيءَ جو تون مون کي دفنائڻ به نه ايندينءَ؟“ مون کي لڳو، هن جو هانءُ ڦاٽي پيو هو. وڃڻ وقت هن مون ڏانهن نهاريو. هن جي منهن تي عجيب رنگ، عجيب ڪيفيتن سان لٿا ۽ چڙهيا. هڪ گهڙيءَ جي لاءِ سندس چهرو درد جي شدت سببان ٻيٺو تي ويو، پوءِ ڄڻ هوا نڪتل بال وانگر سسي ويو، ۽ هوءَ رئي ۾ منهن لڪائي، ڊوڙندي هلي وئي. منهنجو وات ڪنهن ڪوڙاڻ سان پرجي ويو.

آءٌ اتي بئگ کوليان ٿو. بئگ مان هڪ خوبصورت اڊمڙهيل سوئيٽر ڪڍان ٿو. ڪجهه دير ڏسندو رهان ٿو، پوءِ سوئيٽر ۾ منهن ويڙهي، کٽ تي ليٽي ٿو پوان. سيني اندر دل گهري درد ۾ ٻڏي ۽ اُپري رهي آهي. يادون تير بڻجي ذهن کي ٽڪي رهيون آهن.

”هي ڏس!“
”ڇا آهي؟“
”اُن آهي.“
”ڇا جي لاءِ؟“
”اُن ڇا جي لاءِ هوندو آهي؟“
هوءَ مرڪي پيئي. ”مون کي ته خبر ڪانهي. تون ئي ٻڌاءِ.“

”هن اُن مان منهنجو سوئيٽر نهندو.“

”او! پلي نهي. آءٌ ڇا ڪريان! مون کان اجازت ورتي آهي ڇا؟“

”ظاهر آهي. تنهنجي مرضيءَ کان سواءِ ڪيئن نهندو.“

”ڇڱو سائين، اجازت آهي..... پر ڪنهن ڇوڪريءَ کان ته ڪونه ٿو نهرائين؟ ان حالت ۾ ته اجازت ڪانه ملندي!“

”بي سمجهيءَ جي به حد ٿيندي آهي. آءٌ تنهنجن هٿن جو ناهيل سوئيٽر پائڻ چاهيان ٿو!“

هوءَ شايد گهبرائجي ويئي. ”پر آءٌ..... پر آءٌ.....“

مون وري چيو، ”ها، خوشي، آءٌ تنهنجن حسين هٿن جو ناهيل سوئيٽر پائڻ چاهيان ٿو.“ پر مون کي لڳو، نچندڙ ڊوڙندڙ وقت، اوچتو ڪنهن ڏڪي سان رڪجي، ساڪت بنجي ويو.

هن چيو، ”منهنجون مجبوريون تون ڄاڻين ٿو. مون تي گهر ۾ ڪيڏيون پابنديون آهن! توکي خبر آهي ته آءٌ توسان ڪيئن ٿي ملان. جيڪڏهن اسين ساڳئي پاڙي ۾ نه هجون ته شايد آءٌ تو سان ملي ئي نه سگهان.“

مون رسڻهارڪي آواز ۾ چيو، ”سڀ ڄاڻان ٿو. تون صاف چو نٿي چئين ته منهنجو سوئيٽر نه ناهينديءَ.“

هن پنهنجن هٿن ۾ منهنجو هٿ زور سان جهلي چيو، ”تون سمجهين ڇو نٿو، رشو! منهنجن هٿن جو ناهيل سوئيٽر اسان جي پيار جو اشتهار بنجي ويندو...“

مون ڪاوڙ وچان سٽ ڏيئي، هٿ ڇڏايو.

”منهنجيءَ ڳالهه جو غلط مطلب نه سمجهه، رشو! سوئيٽر جهڙي معمولي شئي، پيار جي اڳيان تڇ آهي. منهنجي پيار کي اهڙيءَ خسيس شئي تي نه پرک. منهنجو مطلب اهو هو ته اسين بدنام ٿي ويندا سين. ماڻهن جي ته تو کي خبر آهي.“

مون ساڳئي روسامي سان چيو،”ڇڱو خوشي، تون منهنجي پيار ۾ بدنام نه ٿي. مون کان غلطي ٿي ويئي، معاف ڪر.“

”اوه، رشو! خدا جي واسطي...... ڏس، مون کي دير ٿي ويئي آهي. آءٌ تنهنجي لاءِ سوئيٽر ٺاهيندس. وس آهي ٻانهيءَ جو!.... چڱو، هاڻي وڃان ٿي.“

آءٌ ساڳيءَ طرح ويٺو رهيس. هن آڱر سان منهنجي ڪاڏيءَ کي هٿتي ڪري چيو، ”هيڏانهن، مون ڏانهن ڏس! مار، ايڏي ڪاوڙ! بس، هاڻي ته ڪاوڙ ڦٿي ڪر منا!“

ان گهڙيءَ آءٌ ان ڪيتي ڪندڙ ٻار وانگر خوش ٿي ويو هوس، جنهن جي اڳيان آڻ مڃي ويئي هجي.

مون هن کي ٻانهن کان جهلي، پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. ”خوشي، تون ماڪيءَ کان وڌيڪ مني آهين. مون کي ايترو نہ ستائيندي ڪر، نہ تہ آءٌ صفا رسي ويندس.“

”پنهنجي خوشيءَ کان رسي ويندين، ٻڌاءِ؟“

”پنهنجي خوشيءَ کان ڪير رسڻ چاهيندو. خوشي پاڻ نہ رسي وڃي.“

”تو کان سواءِ خوشي مري ويندي.“

”اوه، خوشي! منهنجي خوشي، منهنجي خوشي!......“

”هاڻي ڇڏ الا، ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي.“

هوءَ اُن ڪٽي هلي ويئي.

هن جي وڃڻ کان پوءِ بہ آءٌ ڪيتري دير تائين ورجائيندو رهيس- ’منهنجي خوشي!..... منهنجي خوشي.....!‘

من ئي من ۾ ڪيتري دير تائين ورجائيندو رهان ٿو: ’منهنجي خوشي، منهنجي خوشي،‘ پر هاڻي دل خوشيءَ وچان ڦوندجي ڪانہ ٿي- جڻ سڏڪا ڀري روئي پيئي. ڪسجي وڃڻ جي احساس وچان، دل تڙپي اٿي ٿي. مون کان منهنجي خوشي ڪسجي ويئي، هاڻي ڪهڙو حق آهي مون کي ’منهنجي خوشي‘ چوڻ جو؟.... جلدي ئي بہ — ٿي اکر اسان جي پيار جو

موت بڻجي ايندا، ۽ خوشيءَ کي هڪ ٻنڌڻ ۾ جڪڙي ڇڏيندا.

ٻئي ڀيري جڏهن هوءَ آئي تہ پڇيومانس: ”خوشي، پهرين تہ تو ڊپ وچان سوئيٽر ناهيو ڪونہ ٿي، هاڻي ڪيئن ٿي ناهين؟“

منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيائين، ” تنهنجي لاءِ آءٌ جان بہ ڏيئي سگهان ٿي.“

مون چيو،”آءٌ توکي چاهيان ٿو، مون کي تون گهرجين، تنهنجي جان نہ.“

ان ڳالهہ تي ٻئي ڄڻا ڪيتريءَ دير تائين کلندا رهياسين.

”آءٌ سوئيٽر لڪي لڪي پيئي ناهيان. شايد دير لڳي وڃي.“

من کي ڄڻ ڌاڍو ڌڪ لڳو.... پيار اهڙو زبردست ڏوهہ آهي، جنهن تي ايڏا پهرا! صديون گذري ويون، انسان ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتو، پر اسان وٽ پيار جي لاءِ اهي ساڳيون مجبوريون، اهي ساڳيا پهرا!

مون چيو، ”خوشي، اسين هڪٻئي کي چاهيون ٿا، پوءِ ٻين کي ڪهڙو حق آهي اسان جي پيار تي ڏمرجي پهري لڳائڻ جو! پيار ايڏو وڏو ڏوهہ آهي ڇا، جو اسين ائين لوڪ کان لڪندا وتون؟“

هن جون نظرون منهنجي دل کي ڇهي رهيون هيون. جواب هن وٽ ڪونہ هو. شايد ان ڳالهہ جو جواب ڪنهن وٽ بہ ڪونہ هوندو آهي. تڏهن مون ئي چيو، ”خوشي، پيار هڪ سندر سپني جيان تہ ڪونهي، جيڪو حقيقت جي روشنيءَ جو تاب نٿو جهلي سگهي، ۽ ان سپني جو تعبير..... سپنا تہ نيٺ سپنا آهن!“

هن چيو، ”تون اڄ ايڏو جذباتي ڇو بنجي ويو آهين. آءٌ ئي تنهنجي سپني جو تعبير آهيان. تو کي يقين نٿو اچي ڇا؟“

شايد آءٌ ان ڏينهن واقعي جذباتي بنجي ويو

هوس. ”پيار جي پڇاڙي هميشه پڇتاءَ ۽ پيڙا جو احساس کڻي ايندي آهي، ان ڪري ئي آءٌ ڏڄان ٿو ته جي تعبير تعبير نه رهي ته....؟“هن مون کي ڪهڙا يقين ڏياريا. انهن جي سچائيءَ ۾ مون کي اڄ به شڪ ڪونهي. حالتن سان ٽڪرائجي، سڀ يقين مري ويا. هن جو ڪهڙو ڏوهه!

هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو، خوشيءَ جي شاديءَ جي ڳالهه ٻڌ جو ڌماڪو بنجي آئي. ڌماڪي ڪجهه وقت لاءِ ذهن کي مفلوج بنائي ڇڏيو. جڏهن ذهن سامت ۾ آيو، ته واقعي سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو هو.

خوشيءَ جي مائٽن کي هڪ سونو وجهه مليو هو. ان ڪري هنن سوچڻ ۾ وقت وڃائڻ نه چاهيو. پيسن جي چمڪ اڳيان سوچ جو ڇا؟ سگ گهرڻ وارا شاهوڪار ماڻهو هئا، موٽرن ۽ بنگلن وارا هئا. ان کان وڌيڪ سوچي ئي ڇا ٿو سگهجي. اها ئي ته سوچ جي آخري حد آهي.

امان وائڙي رهجي ويئي هئي. هن ته خوشيءَ جي سگ گهرڻ لاءِ اڄا سانباها پئي ڪيا. ڳالهه ٻڌي چيائين، ”ائين ڪيئن ٿيندو! هي مائٽ آهن يا دشمن. پيسا ڏسي انڌا ٿي پيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ڌيءَ جي مرضي ته معلوم ڪن. آءٌ ماڻس کي سمجهائيندس. اسين غريب آهيون، پر خوشيءَ کي اکين تي ويهاريندا سين. ٻئي جڻا هڪٻئي تي ساهه ٿا ڇڏين، مائٽن کي ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي؟“

ويچاري سادي امان! هن جي ڳالهه ٻڌي، الائي ڇو آءٌ ڪاوڙجي پيس: ” تون ته چري آهين، امان! مائٽ پنهنجيءَ ڌيءَ جا تو کان وڌيڪ سڄڻ هوندا. ٻڌاءِ، تو وٽ ڇا آهي؟ تو وٽ بنگلو ڪونهي، تو وٽ ڪار ڪانهي، باقي ڇا آهي تو وٽ؟ بنگلا ۽ موٽرون ڇڏي، هڪ ڪلارڪ کي پنهنجي ڌيءَ ڪير ڏيڻ چاهيندو! تون اهو ڇو ٿي وسارين، امان، ته تنهنجو پٽ

فقط هڪ ڪلارڪ آهي!“

خوشيءَ جي ماءُ به امان جي ڳالهه ڪي ڪل ۾ اڏائي ڇڏيو هو: ”ادي، مائٽ ڌيءَ جا دشمن ته ڪين هوندا آهن. مائٽ ته هميشه اهو گهرندا آهن ته ڌيءَ چڱي گهر ۾ وڃي، سدا سک ماڻي، ڪو ڏکيو ڏينهن نه ڏسي. ههڙو گهر ته قسمت وارن کي ملندو آهي. ڌيءَ سڄي حياتي سنو ٽڪر کائيندي، سنو ڪوهيندي...“

هڪڙي ڏينهن هوءَ به آئي. اکين ۾ ڳوڙها پريل هئس، چپن تي چپ.

مون چيو،”پنهنجي شاديءَ جي خبر ٻڌائڻ آئي آهين، خوشي!“

هوءَ تڙپي اٿي. ڳوڙهن جو بند ٽٽي پيو، ۽ هوءَ سڄي مون تي ڍهي پئي. ”تون به مون کي ڏوهه ٿو ڏين، رشو!“

جنهن شئي کي ماڻهو دل جي گهرائين سان چاهيندو هجي، جنهن کي هو فقط پنهنجو سمجهندو هجي، اها شيءِ ڪائنس ڪسجي وڃي ته.... خوشي ته منهنجي آتما جو حصو هئي، مون هن جي نيڻن ۾ پنهنجو پيار ڇلڪندو ڏٺو هو. هاڻي هوءَ نه چاهيندي به پنهنجن نيڻن ۾ ٻئي ڪنهن کي..... رڳو تصور ۾ ئي ڪيتري پيڙا پريل آهي!

پريل من سان چيم، ”نه، خوشي، تو کي ڏوهه ڪيئن ڏيندس. تنهنجي ڪسجڻ جي احساس مون ۾ نه معلوم ڪيتري تلخي پري ڇڏي آهي. مون کي معاف ڪج، خوشي، مون شايد تنهنجي دل ڏکوئي آهي.“

هوءَ منهنجي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي سڏڪا پرڻ لڳي.

مون چيو، ”آءٌ انهن ڳوڙهن جي لائق نه آهيان، خوشي! مون ۾ ايتري به همت ڪانهي جو رڳو تنهنجا ڳوڙها ئي اگهي سگهان. منهنجي حيثيت وارن ماڻهن کي پيار ڪرڻ جو ڪو حق ئي ڪونهي. جيڪڏهن ڪو پلجي ڪٽي سپنو ئي ڏسي ٿو

تہ اوهين ان جو تعبير ڇو ٿيون بنجو؟ ڏسي وائسي ڇو ٿيون ايڏي غلطي ڪري پاڻ ڪي مصيبت ۾ وجهو..."

هن مون کي ڪلهن کان ڌونڌاڙيندي چيو، "نہ، رشو، نہ- مون کي.... مون کي موٽرون ۽ بنگلا نہ گهرجن، مون کي فقط تنهنجو پيار کپي. آءٌ تو سان گڏ جهوپڙيءَ ۾ رهڻ لاءِ بہ تيار آهيان. آءٌ ڪهڙو سڄي عمر بنگلن ۾ رهي آهيان."

تڏهن مون کي سوئيٽر ياد اچي ويو، ۽ چپن تي هڪ ڪوڙاڻ پري مرڪ آئي: "خوشي، هڪڙي ڳالهہ ٻڌاءِ. تو ۾ ايتري همت آهي جو تون سڀني رسمن رواجن ۽ پابندين جون زنجيرون ٽوڙي سگهين؟ هتي تہ پيار بہ ڍڪي ڍڪي ڪيو ويندو آهي. بدناميءَ جي ڊپ کان، تون هڪ سوئيٽر بہ نٿي ناهي سگهين، تہ ايڏي همت ڪري سگهنديءَ جو ماٽن جي مرضي نہ ڪرائي ڇڏين؟...... ٻڌاءِ، خوشي!"

"مون کي ڪتان زهر ئي آڻي ڏي. آءٌ جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ نٿي ڪري سگهان، تہ پيار خاطر جان تہ ڏيئي سگهان ٿي!"

"چري، پيار کي جان نہ کپي. زهر کائڻ سان ڇا توکي پنهنجو پيار ملي ويندو؟ موت تہ هر شئي جو خاتمو آهي. جيڪڏهن زنده رهڻ توکي بار ٿو لڳي، تہ بہ پنهنجي حصي جي زندگي توکي جيئڻي آهي. ڪير ڄاڻي، وقت ڪڏهن زخمن تي مرهم رکي ڇٽائي ڇڏي، ۽ زندگي ٻيهر خوبصورت بنجي وڃي!"

هن کان رڙ نڪري وئي: "ايڏو ڪنور ڇو ٻڻجي ويو آهين تون، رشو!"

- آءٌ ڪنور! دل جا زخم مرڪي ٿا پون.....

هي سوئيٽر آلو ڇو ٿي ويو آهي؟ سوئيٽر ٻنهي هٿن ۾ جهلي، مٿي ڪٽي ڏسان ٿو. اڌ مڙهيل سوئيٽر ڪهڙو نہ

عجيب ٿو لڳي. جڏهن پيار ئي پنهنجو مڪمل روپ پائي نہ سگهيو، تڏهن ان جي هڪ نشاني اڌوري رهجي ويئي تہ ڇا ٿيو. سوئيٽر سان گڏ آيل خط وري کولي پڙهان ٿو---

”رشو،

”ڇا، سچ پچ اسان جو پيار هڪ سپنو ئي هو؟ پر اهو سوال تہ تو پڇيو هو. مون تو کي يقين ڏياريو هو تہ آءٌ تنهنجي سپني جي تعبير آهيان؛ پر مون بدناميءَ کان ڊڄي تنهنجا سمورا سپنا ٽوڙي ڇڏيا. منهنجي پيار سواءِ زخمن جي ٻيو توکي ڇا ڏنو. آءٌ اهو ڄاڻان ٿي تہ منهنجي ڪسجڻ جو احساس تو ۾ تلخي پيدا ڪري سگهي ٿو، پر زندگيءَ کان بيزار نٿو بنائي سگهي. مون ۾ بہ تو ئي تہ جيئڻ جو اُتساهہ پريو هو. تو چيو هو، ’ڪير ڄاڻي وقت ڪڏهن زخمن تي مرهم رکي ڇڏائي، ۽ زندگي ٻيهر خوبصورت بنجي وڃي!‘... رشو، آءٌ تو کي دل جي گهرائين سان اها دعا ٿي ڪريان.

”تنهنجو سوئيٽر اڌورو ئي رهجي ويو، ۽ آءٌ سمجهان ٿي تہ ان کي مڪمل ڪرڻ جو مون کي ڪو حق ڪونهي. هڪ عرض. آهي، تہ هي اڌورو سوئيٽر ان ڇوڪريءَ کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ڏجانءِ، جيڪا تنهنجي زندگيءَ کي خوبصورت بنائي تنهنجي ٻڻجي وڃي......“

# زندگي - تَوهر جو وڻ!

هيڏانهن اچ، هن پٿر تي چڙهي ويهه. شام جي سمي هتان دريا جو نظارو ڪهڙو نه وڻندڙ پيو لڳي! سج ٿڪل ٽٽل مسافر وانگر رڙهندو جبلن جي ٻئي پر وڃي رهيو آهي. لڙ پاڻيءَ ۾ نيري آسمان جي عڪس شام کي ميرانجهڙو ۽ لڙاٽيل بڻائي ڇڏيو آهي، ڪڪر به ميرانجهڙا آهن. ڇا ٿو چئين، ماحول بيحد اداس ۽ بڏل آهي. هوندو! مون کي ته شام جو اهو روپ بيحد وڻندو آهي. مون کي لڳندو آهي ته ان ميرانجهڙي نيراڻ ۾ گم ٿي ويو آهيان، منهنجو وجود ان شام کان الڳ ڪونهي، پر مان به ان جو هڪ حصو آهيان، منهنجو روح ميرانجهڙي پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن دل چاهيندي آهي ته ٻانهون پکيڙي، اکيون پوري ان لسي فرش جهڙي پاڻيءَ تي ليٽي پوان، ۽ لهرون هندوري وانگر مون کي لوڏينديون، پاڻ سان گڏ وٺي ڪٿي پري، تمام پري وڃي ڇڏين. توکي منهنجين ڳالهين تي عجب پيو لڳي. منهنجي عمر اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي لائق نه آهي، اهو ته بيپرواهي ۽ البيلائيءَ جو وقت هوندو آهي. مون کي اهو احساس زهر سان پريل خنجر وانگر چڀي رهيو آهي، پر ان ۾ ڏوهه ڪنهن جو به ناهي. هي دور سڀ کان زياده هنگامه خيز دور آهي ۽ شايد انتها کي تمام ويجهو! انسان ويچارو ته هميشه کان ڪٺ پتلي بڻيو رهيو آهي، پر هن وقت ڪٺ پتيلن جي ناچ ۾ تمام گهڻي تيزي اچي ويئي آهي. ايتريقدر جو انسان پنهنجو پاڻ کان به وڃائجي ويو آهي. تون بور ته ڪونه پيو ٿئين! مان ڄاڻان ٿو ته تون ضرور ائين چوندين ته نه نه تنهنجون ڳالهيون دلچسپ آهن. منهنجا ياءُ، اها ڪيڏي نه وڏي زيادتي آهي جو انسان ڪنهن نه ڪنهن ڏپ وچان پنهنجي

من جي ڳالهه صاف صاف نٿو چئي سگهي. ويچارو انسان! نه ادا، مان ڳالهه کي ڦيرايان ڪونه پيو. اوهان کي شايد غلط فهمي ٿي پئي آهي. مان شام جي ان منظر ۾ وڃائجي الائي ڇا ڇا چئي ويس. ذهني پريشانيون ۽ الجهنون ته اڄ جي انسان جي لاءِ هن دور جا خاص تحفا آهن. چاهي دنيا جون پيون شيون ڪن ماڻهن کي زياده نصيب هجن ۽ ڪي انهن جي لاءِ سڪندا رهن، پر ذهني پريشانيون ۽ الجهنن جي سوکڙي هر انسان کي عطا ٿيل آهي. مان به چاهي دنيا جي ٻين معاملن ۾ بدنصيب هجان، پر ان سوکڙيءَ جي مون وٽ ڪمي ڪانهي. تنهنجي همدرديءَ ۽ خلوص جي لاءِ مهرباني، پر مان تو کي آخر ڇا ٻڌايان! دراصل مون کي پاڻ بابت ٻڌائيندي ڪجهه عجيب پيو محسوس ٿئي. اوهان پهريان ماڻهو آهيو، جيڪي منهنجي ذات ۾ ايڏي دلچسپي وٺي رهيا آهيو، نه ته منهنجا دوست مون کي هڪ اهڙو ماڻهو سمجهندا آهن، جيڪو انهن ڳالهين کان اڻا بيخبر ۽ اڻ واقف آهي. مان ننڍي هوندي کان ئي زماني جي ڏاڍاين جو شڪار بڻجي ويس. منهنجي معصوم دل زخمن وچان چور چور ٿي ويئي. منهنجي دل جو درد دونهن وانگر ان ئي اندر سڌڪندو ۽ گهُٽجندو رهيو. بدقسمتيءَ سان اهو دونهن ڪنهن به طريقي سان ٻاهر نڪري نه سگهيو آهي. مان چالاڪ ۽ ڦڙت ڪونه آهيان، ان ڪري سٺن دوستن پيدا ڪرڻ جي مون ۾ صلاحيت ڪانهي. مان ڪنهن جي قريب وڃڻ نه چاهيندو آهيان، ۽ چاهيندو آهيان ته شروعات پيو ڪري، شايد ان عيوض اهو دوست مون کي فقط پنهنجي دل جي درد هلڪي ڪرڻ جو هڪ ذريعو سمجهندو آهي. مان گهڻو ڳالهائڻ ڪونه ڄاڻان، منهنجا دوست شايد گهڻو ٻڌڻ ڪونه ڄاڻندا آهن. ان ڪري هو رڳو ڳالهائيندا ۽ مان رڳو ٻڌندو رهندو آهيان. مون کي ڳالهين ڪرڻ جو ڍنگ ڪونه

اڇي، ۽ مون کي ڪجهه هٻڪ پڻ محسوس ٿيندي آهي. مان تمام ٿورڳالهائو، لڄارو. ۽ ڪي قدر احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهيان، ان ڪري گهڻن ماڻهن کي مون بابت غلط فهميون هونديون آهن. مون ۾ اخلاقي جرئت ڪانهي جو ڪا ڳالهه صاف ضاف چئي سگهان. ڪڏهن ڪڏهن منهنجون شڪايتون ۽ مون سان ٿيل زيادتيون به اٿلو منهنجو ئي ڏوهه بڻجي وينديون آهن. بدقسمتيءَ سان مان حد کان زيادہ جذباتي ۽ حساس ماڻهو آهيان، ۽ متاثر به جهٽ ۾ ٿي ويندو آهيان. مون کي قدرت ٻي ته ڪا به خوبي ڪا نه بخشي آهي سواءِ هڪ حساس ذهن ۽ سوچ جي. ڪنهن معمولي ڳالهه يا حرڪت تي به سوچيندو ئي رهندو آهيان، پڇتائيندو ئي رهندو آهيان. اها سوچ منهنجي ڏهن تي هڪ بار ۽ هڪ عذاب بنجي پوندي آهي. سوچ مون کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو آهي، ان جو عذاب جهنم کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪينهي. ڪاش! قدرت مون کان سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جون صلاحيتون کسي وٺي.

بس گهڻو ٿيو دوست، مون کي منهنجي ڪوريئڙي جي ڄار جهڙي ماضيءَ تي نگاهه وجهڻ لاءِ مجبور نه ڪر. منهنجي ماضيءَ ۽ حال ۾ فرق ئي ڪهڙو آهي. مان ان ڄار ۾ اهڙو ته ڦاسي چڪو آهيان جو جيئن ڇڏائڻ جي لاءِ ڦٿڪان ٿو تيئن ٿو ڦاسان. منهنجي عمر ڪا گهڻي ڪانهي. پر ان عمر ۾ به مون گهڻو ئي ڪجهه سنو آهي. مان تمام جلد وقت جي چڪيءَ ۾ پيسجي ويس. مون بيپرواهيءَ ۽ البيلائيءَ جو وقت ڏٺوئي ڪونه. مان فطري عمر ماڻي نه سگهيس. الاءِ مون گلشن ۾ اجا پير مس رکيو هو ته ڪنڊو چڀي ويم. تڏهن منهنجي زندگيءَ ۾ جوانيءَ جو واچوڙو اجا اٿيو مس هو. منهنجي من جي امنگن مس اڇلون ڏيڻ شروع ڪيون هيون، ۽ هن سان به ساڳي حالت هئي. تون ڄاڻڻ ٿو چاهين ته اها ڪير هئي! هوءَ

منهنجي هڪ ويجهي مائٽ هئي. جڏهن اسان کي هوش ئي ڪونہ آيو هو، تہ مائٽن اسان جي سڱاوتي ڪري ڇڏي. پوءِ حالتون اهڙيون بڻيون جو وڏن جا پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيا، ۽ هو ڳوٺ مان لڏي هڪ وڏي شهر ۾ وڃي ويٺا. منهنجي ذهن ۾ فقط ان ڇوڪريءَ جي ياد باقي وڃي بچي، جنهن سان راند ڪندي ڪيس ماري ڀڄي ويندو هوس. امان کان هن بابت ڳالهيون ٻڌي منهنجي معصوم دل ۾ هن کي ڏسڻ جو شوق زور سان جاڳي اٿيو. مان هڪ ڏينهن گهر ۾ ڪنهن کي بہ بنا ڪجهہ ٻڌائڻ جي اتي وڃي نڪتس. گهٽي عرصي کان پوءِ پنهنجو هڪ عزيز ڏسي هنن مون کي ڏاڍو قرب ڏنو- ۽ اتي مون هن کي ڏٺو. الائي ڇو، جڏهن هن سان نظرون ملنديون هيون تہ مون کي ڪجهہ عجيب محسوس ٿيندو هو. ڄڻ تہ بت ۾ ڪرنٽ ڊوڙي ويندو هو. ۽ منيون منيون ڪتڪتايون ٿيڻ لڳنديون هيون. شروع ۾ هوءَ يڪدم گهبرائجي ۽ شرمائجي ويندي هئي. ڳچ وقت کان پوءِ هوءَ مون سان منهن جهلي ڳالهائڻ لڳي. پوءِ هوءَ معصوميت ۽ سادگيءَ سان منهنجين اکين ۾ ڏسندي رهندي هئي. مون کي هڪ عجيب مزو محسوس ٿيندو هو. جڏهن هن جا گلاب جي پنکڙين جهڙا چپ لرزڻ لڳندا هئا تہ اوچتو گهبرائجي نظرون هٽائي ڇڏيندي هئي. هونئن هوءَ تمام گهٽي چلولي هئي، ۽ مان تمام گهڻو سنجيدو. پر هن سان گڏ مان بہ چلولو ۽ هڪ ٻار بڻجي ويندو هوس. هن جو منهن ۾ گهنڊ وجهي 'ائي هان' چوڻ جو انداز منهنجي دل کي ڄڻ تہ مٺ ۾ جهلي هڪ عجيب مزي سان نپوڙي ڇڏيندو هو. هوءَ مون کي ڀهراڙيءَ جو ڄٽ ڪوٺي چيڙائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. مان ڪوشش ڪري ڪاوڙجي پوندو هوس، تہ هوءَ يڪدم سنجيده بڻجي ويندي هئي، ۽ هڪ عجيب پياري نموني سان معافي وٺندي

هئي: 'ڪاوڙجي پيو آهين؟ مون سان به تو ڪاوڙجين، مون ڏانهن ته نهار...' ۽ منهنجي دل چاهيندي هئي ته هن جي ڏنڊ جهڙين وشال اکين ۾ ٽٻي هٽي گم ٿي وڃان.

مون کي نيٺ ته ڳوٺ موٽي وڃڻو هو. جڏهن هن کي اها خبر پئي ته مان ڳوٺ وڃي رهيو آهيان، تڏهن هن جو گلاب جهڙو منهن ڪومائجي ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو هن جون ٿڪل ۽ ڳاڙهيون اکيون ڏسي مان سمجهي ويس، ته هوءَ رات جو دير تائين روئندي رهي آهي. مون سندس اکين ۾ جهاتي پائيندي چيو: 'پانيان تو ته رات ننڊ ڪانه آئي اٿئي، سڄي رات رنو اٿئي....'

هن جي چپن تي هڪ اداس مرڪ پکڙجي وئي. چيائين: 'مان پانيان ٿي ته تون به رات ڪونه ستو آهين؛ پر توکي ته ڳوٺ وڃڻ جي خوشيءَ ۾ 'ننڊ ڪانه آئي هوندي.' مان هن جي اکين جي گهرائيءَ ۾ ٻڏي ويس. جنهن وقت وڃي رهيو هوس، ته هن ٿانو پئي مليا. هن جو ڪنڌ هيٺ جهڪيل هو. مون ويجهو وڃي ڪيس سڏيو. هن ڪنڌ مٿي ڪنيو ته مون ڏٺو: هوءَ روئي رهي هئي، هن جي اکين ۾ ڳوڙها پريل جام وانگر پئي ڇلڪيا. ڪيڏو نه زهر پريل آهي انهن يادن ۾! مون کي انهن گذريل گهڙين کان، جيڪي عام طور حسين ۽ رنگين گهڙيون سڏيون وينديون آهن، نفرت آهي. هاڻي مان ان پيار کي ٻاراڻي ۽ بيوقوفي تو سمجهان، پر تڏهن به ان جي زهر کي ڪنهن به حالت ۾ پاڻ مان ڪڍي نه سگهيو آهيان. هاءِ وقت جو اهو ستم! مون اهو ڪونه سوچيو هو ته شهري ۽ ڳوناڻي ماحول جي ڪري اسان ۾ وڏو فرق آهي. منهنجا مائٽ ان قابل ڪونه هئا جو اهڙي ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر آڻڻ جي لاءِ فقط سوچي به سگهن.

جڏهن مان ٻئي ڀيري هنن وٽ ويس، ته اڳين تڪلف

واري فضا ختم ٿي چڪي هئي. مون کي پنهنجي حيثيت جو احساس ڏياريو ويو. ڄڻ ته ڪنهن مون کي هڪ نهايت حسين ۽ پيارو خواب ڏسندي ننڊ مان ڇڪي اٿاري ڇڏيو ۽ مون کان ڇرڪ نڪري ويو. اٿارڻ واري ويچاري جو ڏوهه ڪهڙو! مان پاڻ تي روئي وينس.

حد کان زياده حساس ۽ جذباتي هئڻ جي ڪري پنهنجون گهرو مشڪلاتون ۽ آسپاس جو ماحول ڏسي منهنجي دل ۾ هڪ قسم جي نفرت اڀرڻ لڳي. مون وچولي طبقي جي هڪ سني حيثيت واري گهر ۾ جنم ورتو. توکي خبر هوندي ته اهڙي گهر کي سماج ۾ عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو آهي. ان ڪري هن کي پنهنجا عجيب قدر هوندا آهن، جن کي ڪٽي ڇا به ٿي پئي پر هٽان نه ڇڏيندو. منهنجي تربيت به ان ماحول ۾ ٿي. مون جڏهن اک کولي تڏهن منهنجو والد هڪ وڏو ماڻهو هو، ۽ مائٽ پڻ وڏين ملڪيتن وارا هئا. پوءِ زماني جي گردش جي ڪري حالتن ۾ ڦيرو اچي ويو. پر مشڪلاتن ۽ خراب حالتن جي باوجود اسان پنهنجي ڪوڙي انا کي قائم رکندا آياسين. منهنجي ننڍپڻ جي تربيت ۽ هوش ۾ اچڻ بعد پاڻ کي هڪ سني خاندان جو فرد سمجهڻ، آسپاس جو ماحول، فطري رجحان، ۽ ان بعد خراب حالتن ۽ مشڪلاتن هوندي به آرام سان گهر ۾ وينو رهڻ- انهن سڀني ڳالهين گڏجي مون تي الائي ڪهڙا اثر ڇڏيا. مون پنهنجي طبقي جي ڇوڪرن سان گڏ اٿڻ ويهڻ چاهيو ٿي پر ان قابل نه هوس. مٿئين طبقي سان تعلق رکندڙ چاهي فقط نالي ۾ ئي سهي، پر هيٺئين طبقي وارن سان گڏ اٿڻ ويهڻ عيب سمجهندا آهن. مان ڄڻ ته آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ڦاٿل هوس. نفسياتي طور مون تي انهن ڳالهين جو تمام گهڻو اثر ٿيو. مان ڪڏهن ڪڏهن روئي پوندو هوس، ته اهڙي گهر ۾ ڇو پيدا ٿيس. جيڪڏهن ڪنهن

غريباڻي گهر ۾ چمان ها تہ ذهني ۽ طبقاتي الجهنن کان تہ چٽي پوان ها. اهي ئي ڪارڻ هئا جن جي ڪري پاڻ، پنهنجي گهر بابت ۽ متئين طبقي بابت منهنجي دل ۾ نفرت شدت اختيار ڪندي ويئي.

دوست، مان پتڪيل هوس، تہ مون کي هڪ راهہ نظر آئي. مون جذباتي بنجي سمجهيو تہ اها ئي صحيح راهہ آهي، نجات انهيءَ ۾ آهي. وقت ۽ حالتن مون تي ڪي نظريا مڙهي ڇڏيا. مون سوچيو تہ اجوڪي سماج ۾ مون جهڙا لکين ماڻهو سڙندا، پچندا ۽ تڙپندا رهندا، جيستائين هي نظام نہ بدليو آهي. مون مقصد کي ئي سڀ کان اوچو تصور ڪيو. پيار ۽ محبت کي هڪ اجائي ڳالهہ ۽ سطحي جذباتيت سمجهڻ لڳس. مون سوچيو تہ اهو ذهني عيش آهي، دنيا جي تلخ حقيقتن کان فرار آهي. سڄي جهان جو درد منهنجي دل ۾ اچي سمايو، ۽ مون پنهنجي ذات کي وساري ڇڏيو. مون وٽ فقط دوربين هئي جنهن سان پري پري ڏسي سگهيس ٿي؛ پر دوربين سان گڏ مون کي خودبين ملي نہ سگهي جو پنهنجي اندر ۾ بہ جهاتي پائي سگهان. حالتن جي ڪري مان انتها پسند بنجي ويس. حقيقت ۾ مان هڪ عملي ماڻهو نہ هوس، منهنجي طبيعت ۽ فطري رجحان انهن نظرين کان مختلف هئا. مون تہ روح جي شانتي جي لاءِ سوچيو هو، پر شانتي ڪٿي تي نصيب ٿئي. مان ڄڻ تہ پاڻي جي تلاش ۾ رڻ جهاڳيندو رهيو هوس، هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندو، پريان اڇ ڏسي ان ڏانهن ڊڪندو رهيس پر سواءِ سراب جي ٻيو ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿيو. تڏهن مون ڄاتو تہ منهنجي زندگي رڻ ۾ ٻينل ان ٿوهر جي وڻ وانگر آهي، جنهن کي پاڻيءَ جي ڪا بہ ضرورت نہ هوندي آهي؛ جنهن جي ڪا بہ اهميت ڪانہ هوندي آهي؛ ۽ جنهن ۾ ڪنڊن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين هوندو آهي.

نہ، مون ۾ ايترين تلخين .سهڻ جو تاب ڪونهي، همت ڪانهي. مان چڻ تہ هڪ طوفان ۾ وڪوڙيل آهيان جنهن منهنجا سمورا هوش حواس گم ڪري ڇڏيا آهن. جيڪي دير ساڻ ٿيڻ ڪپندو هو، سو تمام جلد ٿي ويو. ان بيدرد وقت منهنجي اندر جا اُڌما دبي ڇڏيا، منهنجي روح جي رڙين جو گلو گهٽي ڇڏيو.

خدا؟ نہ دوست مون کي تنهنجي رحيم ڪريم خدا تي ڪو بہ يقين ۽ ڀروسو نہ رهيو آهي. دراصل حالتن ئي مون کي مجبور ڪيو آهي تہ ائين سمجهان. ٿي سگهي ٿو تہ مان ڀٽڪيل هجان، پر ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ! مون کي بہ زندهہ رهڻ جي آرزو آهي، مون کي بہ زندگيءَ سان پيار آهي، جيتوڻيڪ منهنجي زندگي بلڪل خالي ۽ پراڻي بوتل وانگر ٿي وئي آهي. مان روئڻ ٿو چاهيان پر روئي بہ نٿو سگهان. منهنجا سڏڪا گهُٽجي گهُٽجي دم ڇڏي چڪا آهن.... مان اهي گهاءُ ڏسڻ ٿو چاهيان جيڪي هڪ مختصر وقت ۾ مون کي پهتا. معاف ڪجو، مان شايد ڪجهہ جذباتي بنجي ويس. دوست، هن وقت منهنجون حالتون هڪ ئي هنڌ ڪتيون بيٺيون آهن. ان بي رنگ، يڪسانيت ۽ هڪڙي قسم جي جمود مون کي پنهنجي زندگيءَ کان ئي بور ڪري ڇڏيو آهي. منهنجو روح تہ اصل ۾ ڀٽڪندڙ آهي، ۽ مون چڻ تہ ان کي هڪ ئي هنڌ قيد ڪري رکيو آهي. مان چاهيان ٿو تہ هڪ سيلاني، هڪ سياح بنجي ڀٽڪندو وتان، رلندو وتان.

# پيڙا جا پڙلاءَ

ماٺهن جا مرڪندڙ منهن آهن، ڪِلن جا ٽهڪ ۽ ٺهڪن جا جهرٽا آهن. ننڍا ننڍا ٻار ڇهچ سائي ڇٻر تي ڪيڏندي رڙيون ڪري رهيا آهن. آءٌ انهن سيني کي ٻي تعلق نظرن سان ڏسيءِ رهيو آهيان. ائين ٿو لڳي ڄڻ رڳو جسم هتي آهي باقي روح ڪٿي پري پولار ۾ آهي. ها، منهنجو من ڪٿي آهي؟ من ته ڀٽڪي رهيو آهي، الائي ڪٿي ڪٿي! من کي ڪو ٺڪاڻُ ڪونهي منهنجو ڪو اختيار ڪونهي، پنهنجي من تي جو ان کي هڪ هنڌ روڪي سگهان، جيڪر پنهنجي من تي اختيار هجي ها، مون کي!

”ڇا پيو سوچين؟“ ڪنان پري ڪان آواز آيو آهي. آءٌ چرڪي پنهنجو پاڻ ۾ موٽي آيو آهيان. آءٌ هن ڏانهن نهاريان ٿو. هوءَ منهنجي پاسي ۾ ئي ويٺي آهي. پوءِ ٻه هن جو آواز پري ڪان آيل ڇو لڳو؟ هوءَ جلد ئي پنهنجي آواز وانگر پاڻ ٻه پري ٿي ويندي، ۽ پوءِ پنهنجي آواز سان گڏ گم ٿي ويندي. دل ڪنهن گهري درد ۾ ٻڏي رهي آهي. من ۾ اچي ٿو رڙيون ڪريان.

”تون ڳالهائين ڇو نه ٿو! منهنجو ساهه ٿو منجهي.....“ هوءَ ذري گهٽ رڙ ڪندي چوي ٿي. هن جون ڇيد ڪندڙ نظرون يڪ ٽڪ مون تي ڪتل آهن. جيڪر چوان: هاڻي ڳالهائڻ جي لاءِ باقي رهيو ئي ڇاهي ! پر ائين چئي نٿو سگهان. ان جي بدران چوان ٿو، ”توکي ياد آهي، نسرين ! تو جڏهن پهرين داخلا ورتي هئي، تڏهن تون ڪلاس ۾ ڪنهن سان ٻه نه ڳالهائيندي هئينءَ. هڪڙي ڏينهن مون ٻه ڪوشش ڪئي هئي توسان ڳالهائڻ جي. آءٌ توسان ڳالهائيندو رهيس، پر تون چپ ڪريو ويٺي هئين. نيٺ مون رڙ ڪري چيو هو: ”اوهه

محترم، اوهان ڳالهايو ڇو نٿيون؟ ڪجهه تہ ڳالهايو، منهنجو تہ هاڻي ساهہ ٿو منجهي!“

۽ هينئر بہ هوءَ ڪجهہ نٿي ڪڇي. سندس چپن تي رڳو اداس مرڪ اچي ۽ وري يڪدم مري وڃي ٿي. سامهون بينل وڻ لڏي رهيا آهن، هوا آهي، پوءِ بہ مون کي ٻوساٽ ٿي محسوس ٿئي. آءٌ وڻ جي لڏندڙ لمندڙ ٽارين کي ڏسندو رهان ٿو. انهن ٽارين ڪان مٿي پکي اڏامي رهيا آهن. منهنجون يادگيريون بہ انهن پکين جيان اڏامنديون ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهچن ٿيون.

نسرين کي سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مغرور سمجهندا هئا. هوءَ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندي هئي. اصل ۾ هن جي رُکي سياءُ کي ڏسي ڪو بہ هن سان ڳالهائڻ جو ست نہ ساريندو هو. ان ڪري ڪلاس جا ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون هن کي مختلف طريقن سان تنگ ڪندا هئا. رڳو آءٌ ئي هميشہ نسرين جو پاسو وٺندو هوس. هن جي مک تي اداسيءَ جا گهرا پاڇا هوندا هئا، جنهن ۾ ڪنهن اٽڃاٽائي دک جون ڇوليون پئي ڇليون. مون کي اها ڳالهہ نہ وڻندي هئي تہ ٻيا هن کي هرويرو تنگ ڪن، هن تي ڪلون ڪن. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن هنن سان وڙهي بہ پوندو هوس، تڏهن هو سڀ گڏجي مون کي چيڙائيندا هئا تہ توکي نسرين سان ايڏي همدردي ڇو آهي؟ واقعي آءٌ سوچيندو هوس تہ آخر منهنجو هن سان ڇا وڃي، آءٌ ڇو هن جي پاران ٻين سان وڙهندو وتان؟ جيڪڏهن هوءَ ايڏي مغرور آهي جو ڪنهن سان ڳالهائڻ بہ نٿي چاهي تہ پوءِ ڀلي ڪائنس ان مغروريءَ جو حساب ورتو وڃي. پر دل نہ مڃيندي هئي — چپ رهڻ ۽ ڪنهن سان نہ ڳالهائڻ ڪو ڏوهہ تہ نہ آهي، ۽ ڇا ڪنهن سان نہ ڳالهائڻ مغروري آهي؟ ان جا ڪئين ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. شروع شروع ۾ جڏهن مون هن جي شخصيت ۾

دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي تڏهن ان جو پيو ڪارڻ ڪو به ڪو نه هو، سواءِ هن کي ڄاڻڻ جي. هوءَ واقعي بيحد حسين هئي. ڪن جو اهو به خيال هو ته هوءَ پنهنجي حسن جي ڪري مغرور آهي. پر اها ڳالهه مون کي دل سان نٿي لڳي. ائين ته ڪي چوڪريون هن کان به وڌيڪ سهڻيون موجود هيون.

هڪ ڏينهن هن پاڻ ئي مون سان ڳالهايو. نهايت گنڀيرتا سان چيائين ته ”مون کي اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“

”فرمايو!“

”فرمائڻ جي ڪا به ڳالهه ڪانهي. هڪڙو عرض آهي. اوهان مهرباني ڪري مون سان همدردي ڪرڻ ڇڏي ڏيو،“ هوءَ ڪجهه بيزار پئي لڳي.

”آءٌ چو اوهان سان همدردي ڪندس! باقي جيڪڏهن بين کي اوهان جي خلاف راءِ ڏيڻ جو حق آهي، ته انهن جي مخالفت ڪرڻ جو حق مون کي به آهي. ڇا اوهان اهو حق مون کان کسڻ ٿيون چاهيو؟“

هوءَ چپ.

”اوهان بين کي ته منع نٿيون ڪريو، هنن کي جيئن وڻي تيئن چوندا وتن، باقي اوهان مون کي اڪيلو ڏسي مون سان وڙهڻ آيون آهيو!“

هوءَ چپ.

”اوهان آخر پاڻ کي ڳجهارت ڇو بنائي رکيو آهي؟“

هوءَ چپ.

”اوهه محترمه! اوهان ڳالهايو ڇو نٿيون، ڪجهه ته ڳالهايو، منهنجو ته هاٽي ساهه تو منجهي!“

تڏهن اوچتو هن جيءَ مڪ مان ڪل جو جهرٽو وهي هليو. مون هن کي عجب مان ڏٺو. مون هن کي پهريون پيرو

ڪلنڌي ڏٺو هو. اهڙي مني ۽ مٺڙ ڪل، جنهن ۾ سنگيتِ پريل هجي، مون .پهريون ڀيرو ٻڌي هئي شايد. هن ڪلنڌي چيو، ”ڪنهن جي نہ ڳالهائڻ سان بہ ٻين جو ساھ منجهندو آهي ڇا؟“

”اوهان ايترو سارو وقت نہ ڳالهائڻ جو رڪارڊ قائم ڪري سڄي ڪلاس جو ساھ منجهائي رکيو آهي ۽ اوهان کي ان ڳالھ جو احساس ئي ڪونهي.“

”سچ! جيڪڏهن منهنجي چپ رهڻ سان ٻين کي تڪليف پهتي آهي، تہ مون کي ان جو افسوس آهي.“

هن جي پشيمانيءَ واري انداز تي مون کي ڪل اچي وئي.

”اوهان کي خبر آهي تہ ڪلاس جو اوهان جي باري ۾ ڪهڙو رايو آهي؟“

”مون کي راءِ جي تہ خبر ڪانهي، البت اها سُڌ اٿم تہ سڄو ڪلاس منهنجي خلاف آهي ۽ اوهان منهنجي پاران هنن سان وڙهندا آهيو،“ هن سادگيءَ سان چيو.

”منهنجي ڳالھ کي ڇڏيو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو اوهان جي باري ۾ اهو متفق رايو آهي تہ اوهان مغرور آهيو.“

”ڇا اوهان بہ مون کي مغرور ٿا سمجهو؟“ هن اٿلو مون کان سوال ڪيو ۽ آءٌ منجهي پيس.

”اوهان جي هلت مان تہ ائين ٿو لڳي.“ مون هٻڪندي وراڻيو.

”جيڪڏهن اوهان بہ ٻين جي راءِ کي صحيح ٿا سمجهو، تہ مون سان همدردي ظاهر ڪري،.منهنجو طرف ڇو ٿا کڻو؟“

مون چيو، ”اوهان غلط سمجهيو آهي، پهرين تہ آءٌ اوهان جي نہ ڳالهائڻ ۽ چپ رهڻ جو سبب مغروري نٿو

سمجهان. چپ چاپ رهڻ جو ڪو ڪارڻ ضرور هوندو. پر ان جو مطلب مغروري ناهي. اوهان جي ڪنهن سان نہ ڳالهائڻ جو پيو بہ هڪ سبب سمجهيو وڃي ٿو...“ آءٌ چپ ٿي ويس.

”ڪهڙو؟“ هن مون کي چپ ٿي ويل ڏسي پڇيو.

”ڪن جو خيال آهي تہ اوهان پنهنجي حسن جي ڪري مغرور آهيو،“ هوءَ شرمائجي وئي ۽ ڪجھ ڪڇي ڪا نہ.

”پر مون کي ان ڳالھ تي بہ اعتبار ڪونهي.“

”توبہ ! ڪهڙيون ڪهڙيون غلط ڳالهيون مشهور ٿي ويون آهن،“ هن ڇڻ پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

”ٿي سگهي ٿو، ماڻهو اوهان کي غلط سمجهندا هجن ۽ اوهان وري پين کي غلط ٿا سمجهو.“

”يعني؟“

”يعني اوهان منهنجي همدرديءَ کي غلط سمجهيو آهي.“

هوءَ چپ رهي.

”اوهان جي چپ جو روزو وري شروع ٿي ويو آهي شايد.“ پنهي کان ٺهڪ نڪري ويو ۽ پريرو بينل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اسان کي حيرت سان ڏسڻ لڳا.

ان کان پوءِ هوءَ اجا بہ پين سان گهٽ نہ ڳالهائيندي هئي، باقي مون سان وقت ملڻ تي ڳالهائيندي رهندي هئي. هن پنهنجي باري ۾ مون کي هيستائين ڪجھ بہ نہ ٻڌايو هو، نہ وري مون ئي هن تي زور پريو هو. ڪجھ وقت کان پوءِ مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ نسرين جي شخصيت ۾ هڪ ڪشش هئي جنهن مون کي ڇڪي هن جي ويجهو آندو هو. اها هن جي ڪشش ئي هئي جنهن جي ڪري پين بہ هن جي ويجهو اچڻ ۽ هن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٿي چاهيو، پر نسرين جي بي رخيءَ واري هلت جي ڪري ڪو بہ ويجهو نہ ٿي

سگهيو ۽ ان ڪري ئي هن جا مخالف بنجي ويا هئا. هو شايد مون کان بہ سڙڻ لڳا هئا. مون کي اها خبر پئجي وئي هئي. هنن مون کي ۽ نسرين کي غلط سمجهيو هو. اسان ٻنهي جي وچ ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ هئي، جنهن کي غلط معنيٰ ڏني وڃي. مون پنهنجي دل کان ڪئين ڀيرا پڇيو تہ ڇا سچ پچ آءٌ نسرين کي چاهيان ٿو، پر مون کي ڪو بہ پڪو جواب ڪو نہ ٿي مليو. آءٌ منجهي ٿي پيس تہ آخر مون کي هن جي لاءِ ايڏي ڇڪ ڇو ٿي محسوس ٿئي، جيڪڏهن مون کي هن سان پيار ڪونهي!

هوءَ جنهن ڏينهن ڪلاس ۾ نہ ايندي هئي، تہ مون کي ڏاڍي اباڻڪائي ۽ اڪيلائي محسوس ٿيندي هئي. هوءَ گهڻو ڪري غير حاضر رهندي هئي، پوءِ جڏهن ايندي هئي، تڏهن ڏسندو هوس تہ مون تي نظر پوڻ سان هن جي چپن تي مرڪ ٽڙي پوندي هئي. پر آءٌ اهو سمجهي سگهيس ٿي تہ اها مرڪ بہ ڪيڏي اداس هئي. ان وقت مون کي اهو خيال ايندو هو تہ ڪٿي هن جي اڻڇاتي دک ۽ اداسيءَ تہ ڪو نہ مون کي ڇڪي هن جي ويجهو آندو آهي. منهنجي روح ۾ بہ تہ رڃ جا پاڇا هئا. آءٌ بہ تہ پنهنجو پاڻ ۾ هيڪل وياڪل هوس. منهنجي اندر ۾ بہ ڪنهن گهري پيڙا جا پڙلاءَ هئا، جيڪي جيءَ کي جهنجهوڙي رهيا هئا. حالتن وڻ ويڙهيءَ وانگر منهنجي روح مان سمورو رس چوسي ورتو هو. اندر ۾ ڪا بہ مترتا نہ هئي، ڪو بہ سنگيت مئہ سر نہ هو جيڪو روح جي تارن کي ڇيڙي ان ۾ وري رس ڀري. مون نسرين ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺو هو، هوءَ ڄڻ منهنجو آئينو هئي. مون کي نسرين کان وڌيڪ همدردي پنهنجو پاڻ سان هئي، هوءَ تہ رڳو هڪ وسيلو هئي. مون ڪنهن سان بہ پيار ڪرڻ نٿي چاهيو. مون سمجهيو هو تہ مان ڪنهن سان پيار ڪري ئي نہ ٿو سگهان. پيلو اهي ماڻهو ڪري سگهندا آهن، جن کي پيار جي ڳتيءَ کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڳتي ڪا نہ هوندي آهي. هو ڄڻ پيدا ئي پيار

ڪرڻ جي لاءِ تيندا آهن. آءٌ ان لاءِ پيدا نہ ٿيو هوس. آءٌ رڳو پنهنجي ڪمزور سري ڪاڏل گهر جي ٿنڀ بنجڻ جي لاءِ پيدا ٿيو هوس. مون پنهنجن هٿن سان پنهنجي اندر جي جذبن کي گهٽو ڏئي ماري ڇڏيو هو. مون پاڻ سان جنگ ڪئي هئي. نسرين کي ڏسي مون کي لڳو تہ هوءَ بہ پاڻ سان جنگ ڪري رهي هئي. اسين ٻئي جڏهن گڏ ويهندا هئاسين تہ پنهنجي ليکي پنهنجي پنهنجي جنگ لڙندا هئاسين. اسان ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کان پنهنجي بابت نہ پڇيو، پر هن جو اڪثر غير حاضر رهڻ مون کي ڪٽڪندو هو. نيٺ مون هن کان ان جو سبب پڇيو. مون سمجهيو تہ هوءَ ٽائيندي، ڪو بہ پڪو جواب نہ ڏيندي، پر هن سنئون سڌو جواب ڏنو.

”جڏهن منهنجو چاچو شهر ايندو آهي، تہ آءٌ پڙهڻ نہ ايندي آهيان.“

”ڇو؟“

”بس منهنجو چاچو نٿو چاهي تہ آءٌ متي پڙهان.“

”پر آخر ڇو؟ تنهنجي پيءُ هوندي تنهنجو چاچو توکي پڙهڻ کان ڇو ٿو روڪي؟“

هن ڪو جواب نہ ڏنو. ڪجهہ وقت تائين پري پري نهاريندي رهي. هن جي مک تي اداسيءَ جا ڪارا ڪڪر مڙي آيا.

”ڇا ڳالهہ آهي نسرين! منهنجي ٻڌائڻ جهڙي ڳالهہ ناهي ڇا؟“

هن بيوسيءَ وچان مون کي ڏٺو.

”آءٌ پنهنجي چاچي جي پٽ سان مڱيل آهيان،“ هن زور مس ڪري ڳالهايو. منهنجي واتان اکر بہ نہ اڪليو. من جي مونجهہ وڌڻ لڳي، ان ڪري ڳالهايم.

”تنهنجو سؤٽ پڙهيل آهي؟“

”مئٽرڪ ۾ فيل ٿيڻ کان پوءِ هن پڙهڻ ڇڏي ڏنو.

هيئر زميناري ڪندو آهي.“

”توکي پسند آهي؟“ مون کي پنهنجو اهو سوال عجيب لڳو. هن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. ڪجھ دير کان پوءِ هن پاڻ ئي ڳالهايو.

”منهنجو مڱڻو تڏهن ٿيو هو جڏهن آءٌ اڃا پيٽ ۾ هئس.“ ڪن رکي چڻ هوءَ پري نهاريندي ڳالهائيندي رهي، ”اسان جي خاندان ۾ پنهنجن کان ٻاهر نياڻي ڪڍڻ بدنامي ۽ عيب جي ڳالھ آهي. ان ۾ ڇوڪريءَ جي پسند يا مرضيءَ جو ڪو به دخل نه هوندو آهي. هو چپ چاپ بنا ڪڇڻ جي قاهيءَ تي چڙهي وينديون آهن.“

”تنهنجا ماءُ پيءُ تنهنجي چاچي جي مرضيءَ جي خلاف توکي ڪيئن ٿا پڙهائين؟“

”وڏين منٿن ۽ ايلازن کان پوءِ مس مس مٽي پڙهڻ جي اجازت ملي آهي. پر سو به انهيءَ شرط سان ته آءٌ ڇوڪرن سان نه ڳالهائينديس.“

تڏهن ڇا نسرين هڪ ڏينهن هلي ويندي ۽ وري ڪڏهن به نظر نه ايندي! منهنجي ذهن کي ڌڪ لڳو تڏهن مون محسوس ڪيو ته مون کي نسرين سان بيحد پيار آهي، پر ان پيار جي خبر مون کي تڏهن پئي هئي جڏهن ان جي پڄاڻي به شروع ٿي چڪي هئي. مون نسرين سان ڪڏهن به پيار جو اظهار نه ڪيو هو. پيار جو اظهار هرو ڀرو زبان سان نه ڪبو آهي. اکيون من جون آرسيون آهن، اکيون ڪا به ڳالھ نه لڪائينديون آهن. اکيون اکين سان ڳالهائينديون آهن ۽ اهو ڪجھ چئي وينديون آهن جيڪي زبان سان ڳالهائي ڪو نه سگھبو آهي. مون هن جي آرسين اکين ۾ جهاتي پائي ڏٺو هو.

هن جي اکين ۾ پيار جا پاڇا هئا. پر ان سان گڏ هڪ گهري درد جو ڌنڌ ڇانيل هو، هن جي اکين ۾ مون سڀ ڪجھ

ڏنو هو. شايد هن به سڀ ڪجھ ڏٺو هو منهنجي اکين ۾، اسان کي زبان سان ڪجھ به چوڻ جي ڪا ضرورت ڪا نه هئي.

امتحان ۾ ڪجھ ڏينهن دير هئي، ته اوچتو نسرين جو ڪلاس ۾ اچڻ بند ٿي ويو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين هن جي نه اچڻ تي مختلف رايا ڏنا، رڳو آءٌ ئي صحيح اندازو لڳائي سگھيس ٿي، ته هن جو اچڻ ڇو بند ٿي ويو آهي. ڪلاس ۾ هن جي ويهڻ جي خالي جاءِ ڏانهن نهاريندي هانءُ منجھڻ ۽ وچڙڻ لڳندو هو، آءٌ اکيون پوري ڇڏيندو هوس. هوءَ منهنجي اڳيان اچي بيهندي هئي، ڄڻ درد جي پاتال مان اڀري مٿي ايندي هئي. آءٌ هن جي اها صورت ڏسي سهي نه سگھندو هوس. شايد هن جي اها صورت منهنجي اندر جي پيڙا جو پاڇو هو جيڪو نسرين جو روپ وٺي، پرگھٽ ٿيندو هو. آءٌ يڪدم اکيون کولي ڇڏيندو هوس ۽ نظرون هن جي خالي جاءِ سان ٽڪرائبيون هيون، ٽڪرائجي ڄڻ زخمي ٿي واپس موٽي اينديون هيون. ان وقت مون کي دل کنهن اڻ ڄاتي تڪليف ۾ دٻجندي، پيڙجندي محسوس ٿيندي هئي. آءٌ گھٻرائجي پنهنجي حالت کان ڊڄي، اٿي ٻاهر هليو ويندو هوس. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هن جي هڪ مختصر چٺي مون کي ملي. هن مون سان آخري ڀيرو ملڻ تي چاهيو. آخري ڀيرو! مون ٺهڪ ڏيڻ چاهيو پر نڙيءَ ۾ ڪو ڳوڙهو ڦاسي پيو هو.

۽ هينئر، هن گھڙيءَ، هوءَ آخري ڀيرو منهنجي پاسي ۾ ويٺي آهي. پر ڪٿي آهي هوءَ، آءٌ ڪيئن ٿو چئي سگھان ته هوءَ هتي آهي. ڪجھ دير کان پوءِ هوءَ هتي نه هوندي، ۽ پوءِ سڀ ڪجھ ختم ٿي ويندو، ڄڻ ڪجھ هو ئي ڪو نه. پر هو به ڇا؟ ڇا هو؟ آخر اسان جو رشتو ڪهڙو هو پاڻ ۾، جو اڄ آخري ڀيرو ملڻ جي ڪري اسين ايڏا دکي هئاسين. هوءَ جيڏي مهل آئي هئي ان وقت هن جي مک تي ڪا مرڪ ڪا نه هئي.

اداسيءَ ۾ بدل مرڪ بہ نہ، جڻ مرڪ مري چڪي هئي. پھرين مون ئي ساڻس ڳالھايو هو.

”نسرين پڙهڻ ڇڏي ڏنئي ڇا؟“

هن رڳو مون ڏانھن نھاريو، جڻ چوندي هجي، ”اها ڳالھ پڇڻ جي آهي!“ هوءَ چپ چاپ ويٺي آهي، اوچتو جڻ سڏڪندي چوي ٿي، ”منھنجي شادي جا ڏينھن مقرر ٿيا آهن.....“

هن جو آواز جھيڻو ۽ سڏڪن جھڙو آهي، پوءِ بہ مون کي پنھنجي اڳيان ڌماڪو محسوس ٿئي ٿو. مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ ان ڳالھ جو ڪھڙو جواب ڏيان. دل ۾ اچي ٿو تہ کيس مبارڪون ڏيان. پر پوءِ سمجھندي تہ آءٌ مٿس ٽوڪ ڪري رهيو آهيان، ۽ همدردي! پر آءٌ ڪير ٿيندو آهيان، هن سان همدردي ڪرڻ وارو.

”تون امتحان بہ نہ ڏيندينءَ؟“

”نہ، منھنجو چاچو ان ڳالھ تي بابا جن سان ڪاوڙجي پيو آهي تہ هنن مون کي سندس پٽ کان وڌيڪ ڇو پڙهايو آهي. چاچو تمام وڏو زميندار آهي، اسين هن جي پيٽ ۾ گھٽ حيثيت وارا آهيون، ان ڪري بابا هن کي ناراض ڪرڻ نٿو چاهي.“

آءٌ ڪجھ نٿو ڪڇان، مون وٽ ڳالھائڻ جي لاءِ ڪجھ آهي ئي ڪو نہ. ائين ناهي تہ آءٌ ڳالھائڻ نٿو چاهيان، پر ڇا ڳالھائجي. مون کي ڪا بہ ڳالھ ڪا نہ ٿي سُجھي، اندر جي مونجھ کي ظاهر ڪرڻ مان ڪھڙو فائدو! اڻ چيل ڳالھيون اڻ چيل ئي رهن تہ چڱو. سڀ ڪجھ ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ انھن ڳالھين جي اهميت ئي ڪھڙي رهي آهي.

”ڪلاس جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون منھنجي باري ۾ اجا بہ ڳالھائيندا آهن؟“ هن جي چپن تي مئل مرڪ آهي.

”تون هنن جي لاءِ اجا بہ ڳجهارت آهين،“ مون ائين ئي جواب ڏنو آهي.

”ها، ٻين کي کهڙي پئي آهي جو هڪ ڳجهارت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن.“

آءٌ هن ڏانهن نهاريان ٿو. هوءَ يڪدم منهن ڦيرائي ڇڏي ٿي ۽ اکين ۾ پرجي آيل لڙڪن کي لڪي اگهي ٿي. پوءِ لڙڪن کي پيئندي ڳالهائي ٿي.

”تون بہ ٻين وانگر مون کي ڳجهارت ئي سمجهين ها. تون مون کي سمجهي چو پاڻ کي دکي ڪيو؟ ڇو دکي ڪيو؟“ هوءَ چپ ڪري چڪ پائي اٿي بيهي ٿي.

هوا بند آهي. منهنجو ساهہ ٿو منجهي. آءٌ وٺن ڏانهن ڏسان ٿو، ٿاريون لڏي لمي رهيون آهن پر پوءِ بہ هوا ڪانهي، چوڌاري اڻ لکيون ديوارون آهن جن هوا کي روڪي رکيو آهي. ساهہ ٿو گهُٽجي ..... من چڻ ڪنهن مُٺ ۾ پيڙبو ٿو وڃي. اوهہ نسرين! نسرين! ..... رڙ نڙيءَ ۾ اچي ڦٿڪڻ لڳي. آءٌ هڪدم هن ڏانهن نهاريان ٿو. هن جي جاءِ خالي پئي آهي— لڳي ٿو چڻ هوءَ هت ڪڏهن هئي ڪانہ.

# منجهيل لڪيرون

هو پنهنجو ساڄو هٿ ٽيبل جي ڪناري تي رکي هٿ جي ترڙيءَ کي ڏسڻ لڳو. مون اها ڳالهه مارڪ ڪئي هئي ته هو جڏهن خاموش هوندو هو ته اڪثر پنهنجن هٿن جون تريون ڏسندو رهندو هو- مون هڪ ڀيري ڪانئس پڇيو هو، ”تون پنهنجن هٿن جي ترين ۾ ڇا ڏسندو آهين؟“

”لڪيرون.“

”لڪيرون! پامسٽري ڄاڻندو آهين ڇا؟،

”نه. پامسٽري ڄاڻندو هجان ته پوءِ ٻين جا هٿ نه ڏسان،“ ۽ هو هلڪو کليو. ”پوءِ ته تنهنجو هٿ به ڏسان ها.“

”اهو تون پنهنجن هٿن جي لڪيرن ۾ ڇا ڏسندو آهين، جڏهن توکي ڪا خبر به ڪانهي؟“

هن پنهنجا ٻئي هٿ ابتا ڪري منهنجي اڳيان ٽيبل تي رکيا.

”هنن هٿن ۾ تو کي ڪا خاص ڳالهه نظر اچي ٿي؟“هن مون کان پڇيو.

هن جي هٿن جون لڪيرون تمام گهٽيون، گهاٽيون ۽ اڻ چٽيون هيون- مون ڪجهه نه چيو، رڳو هن ڏانهن ڏٺو.

”هڪڙي پامسٽ مون کي چيو هو ته تنهنجون لڪيرون تمام منجهيل آهن، ۽ آءٌ اهي لڪيرون ان ڪري ڏسندو آهيان جو انهن ۾ مون کي عجيب شڪليون نظر ايندڙيون آهن. اهي لڪيرون هڪ ٻئي کي ڪٽين ٿيون ۽ مون کي منڌيئڙا نظر ايندا آهن ۽ مون کي لڳندو آهي ته منهنجي قسمت تي به منڌيئڙا ڏنل آهن.“

ريسٽوران ۾ اسين ٻئي چپ چاپ ويٺا هئاسين- هو پهريون ڀيرو يونيورسٽيءَ کان ٻاهر ڪنهن جاءِ تي مون سان مليو هو.

” ڇا پئي سوچين؟“ هن اوچتو پڇيو.

آءٌ منجهي پيس. چوڻ چاهيم ته آءٌ تنهنجي ئي باري ۾ سوچي رهي هيس، پر چئي نه سگهيس.

”ڪجهه به نه، ائين ئي ويٺي هيس.“

هن ٻئي نوڻيون ٽيبل تي رکي ڪاڏي ترين جي پيالي تي آندي ۽ منهنجي اکين ۾ نهاريندي چيو، ”توکي مون ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه نظر آئي جو تون مون ڏانهن ڇڪجي آئي آهين. ٻيون ڇوڪريون ته منهنجي بور ڪمپني ۽ بور شخصيت کان لهرائينديون آهن.“

مون ڪي ڪو جواب نه سجهيو. هو ٻين ماڻهن کان مختلف هو، نرالو هو، شايد ان ڪري.

”تون ڏورو عجيب آهين!“

”عجيب!“ هو کليو. ٻين معنائن ۾ آءٌ تنهنجي لاءِ هڪ اهڙي ڳجهارت آهيان جنهن کي تون سلڻ ٿي چاهين. پر جڏهن تون سڀ ڪجهه ڄاڻي وٺندينءَ تڏهن آءٌ تنهنجي لاءِ عجيب نه هوندس. ۽ تڏهن.... تڏهن تنهنجي دلچسپي بيزاريءَ ۾ بدلجي ويندي.“ هن جي اکين جي اداسي وڏيڪ گهري ٿي وئي. هو خالي ڪپ ۾ چمچو ڦيرائڻ لڳو.

”تنهنجون اهي ئي ڳالهيون ته عجيب آهن،“ مون ڪجهه چوڻ لاءِ ڳالهايو.

”ثمينه، مون ۾ ڪا به عجيب ۽ خاص ڳالهه ڪانهي. تون ٿورو ڌيان ڏيندينءَ ته تو کي مون جهڙا ٻيا به گهڻا نظر ايندا، جن کي دنيا ۾ سواءِ اذيتن جي ٻيو ڪجهه به ناهي مليو. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن مان ڪي پاڻ لڪائي سگهندا آهن ۽ ڪي مون جهڙا هوندا آهن جيڪي لڪائي نه سگهندا آهن. آءٌ هڪ مار ڪاڏل ۽ هارايل ماڻهو آهيان. جڏهن ننڍو هوس ته هڪ جيڏن جي هٿان مار کائي روئندو گهر ايندو هوس. گهر ۾

ماءُ پنهنجي بيروزگار مڙس ۽ سخت مزاج سس جا سور مون مان ڪڍندي هئي. آءٌ جيئن وڏو ٿيندو ويس، موڳو ۽ بزدل بڻجندو ويس. مون دنيا جي هٿان هميشه مارڪاڌي آهي. مون ۾ مقابلي ڪرڻ جي سگهه ڪانهي. مون ۾ ڪجهه به ناهي، ۽ جڏهن تو کي خبر پوندي ته آءٌ اندران ڪيترو کوکلو آهيان، تڏهن تون به پاسو ڪري هلي ويندينءَ“

” اڳ ۾ ڪير هليو ويو آهي؟“

”اڳ ۾؟“ ۽ مون ڏانهن نهارڻ کان سواءِ چيائين، ”منهنجي زندگيءَ ۾ ڪير ايندو! جيڪڏهن ڪو پلجي به آيو ته جهاتي پائي، ويرانيءَ کان ڊڄي هليو ويندو.“

مون کي لڳو ته هو ڳالهه لنوائڻ چاهي ٿو.

”ڊپارٽمينٽ جي طرفان پڪنڪ جو پروگرام ٺهيو آهي، ڪينجهر تي. تون هلندين نه؟“ مون پڇيو.

”نه. تو کي خبر آهي ته آءٌ اهڙين ڳالهين ۾ شريڪ ڪونه ٿيندو آهيان.“

” پر ڇو؟ اڪيلو رهي رهي ته ڊپريشن جو مريض بڻجي ويو آهين. ٻين ماڻهن سان گڏ ٽائيم گذري ويندو آهي. ٻين جي ڪمپنيءَ ۾، ڪنهن جي موجودگيءَ ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ مان نڪري ايندو. تون نه ڪنهن دعوت ۾ اچين، نه ڪنهن فنڪشن ۾. آخر تو پاڻ تي اڪيلائي ڇو مسلط ڪئي آهي؟“

هو ڪجهه دير تائين مون ڏانهن ڏسندو رهيو.

”ڏس ٿمين، آءٌ پنهجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪنهن جي دخل اندازي نه سهندو آهيان. نه ئي ڪنهن جي ويجهو ويندو آهيان. تو مون ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو آهي. ان لاءِ مهرباني. آءٌ تو کي ايترو ٻڌائي ڇڏيان ته منهنجي لاءِ سارتر جي لفظن ۾ ٻيا ماڻهو جهنم آهن.“ هن ٻيري کي سڌ ڪيو. ٻيري ٿوري دير ڪئي ته هو چڙي پيو. هن پنهنجي ڪاوڙ ٻيري مان ڪڍڻ پئي

چاهي.

هن کي اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان آئي پنج ڇهه مهينا ٿي چڪا هئا. ڊپارٽمينٽ جا سمورا ساٿي هن کي پروفيسر سڏيندا هئا، ان ڪري جو هو سڀني کان الڳ ٿلڳ ۽ اڪيلو رهندو هو. ڪلاس وٺڻ کان سواءِ باقي سڄو وقت سيمينار لئبريري ۾ ويهي پڙهندو رهندو هو. ڪير ساڻس ڳالهائيندو ته ائين مهذب ۽ مختصر نمونـي جواب ڏيندو جو اڳلي کي هن سان فري ٿيڻ جي همت نه ٿيندي. شروع ۾ اسان کي لڳو ته هو پاڻ کي ڪجهه سمجهي ٿو. پوءِ ڪيس سپ ڪرئڪ سڏڻ لڳا. پر مون کي لڳو ته هو ائين نه هو جيئن ٻاهران نظر ايندو هو. اهو منهنجو تجسس هو جيڪو مون کي هن جي ويجهو وٺي ويو. هن کي ويجهو ٿيڻ ايترو سولو ڪونه هو. هن ڪنهن کي پنهنجي ويجهو اچڻ ئي نٿي ڏنو- جڻ ته اهو سندس زندگيءَ جو اصول هجي. مون سمجهيو ته هو تمام ڏکيو ماڻهو آهي، پر پوءِ خبر پئي ته هو ايترو ئي ڏکيو هو جيترو هڪ ننڍڙو ٻار ۽ جنهن کي سرچائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هوندي آهي.

مون هن کي مجائي ورتو ته هو پڪنڪ تي هلندو ۽ اهو منهنجو وعدو هو ته آءٌ هن سان گڏ ئي رهنديس. اسان جا ڪي ساٿي ٻيڙين تي چڙهي ڪينجهر جو سير ڪري رهيا هئا ۽ ڪي ڪپ تي ويهي کل مذاق ۾ رڌل هئا. اسين ٻئي کان پري وڃي ويٺا هئاسين. مون ڏٺو ته اسان جا ڪجهه ساٿي اسان ڏانهن نهاري کلي رهيا هئا، شايد اسان جي باري ۾ ڳالهائي مذاق اڏائي رهيا هئا. اهو هن به محسوس ڪيو هو.

”اڳ ۾ آءٌ اڪيلو هوس جنهن تي کلندا هئا، هاڻي به ٽيا آهيون....“ هن چيو ۽ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. آءٌ به هن سان گڏ کلڻ لڳس. جيڪي اسان ڏانهن نهاري کلي رهيا هئا سي چپ

تي ويا. هو پاڻ کي ڏچڻو ۽ ڪمزور سڏيندو هو. پر هن ۾ ايتري همت هئي جو ٻين جي ڳالهين کي لنوائي سگهندو هو ۽انهن تي کلي سگهندو هو.

”تون تمام مشڪل سان ڪنهن کي پنهنجي ويجهو اچڻ ڏيندو آهين، ائين ڇو آهي؟“ مون هن کان پڇيو.

”ڇو تو کي ڪا ڏکيائي ٿي؟“

”ڏکيائي جي ڳالهه آهي: جڏهن لاهي پاهي ٻيئيس تڏهن وچي سائين جن ڪجهه ڏيان ڏنو.“

هو کلڻ لڳو ۽ پوءِ گنڀير ٿي چيائين، ”ثمينا! اهو صحيح ناهي ته آءٌ ڪنهن کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيندو آهيان. ڳالهه اها آهي ته آءٌ هڪڙي ئي هنڌ بيٺو آهيان، جتان ڪير مون کي ڇڏي ويو هو- ۽ آءٌ ڪنهن جي ويجهو وڃي نٿو سگهان.“

”اها ڪير هئي؟“

”تون هروڀرو ڄاڻڻ ٿي چاهين؟“

”ها، جيڪڏهن تو کي برو نه لڳي....“ مون اهو ظاهر ڪرڻ نٿي چاهيو ته آءٌ اهو ڄاڻڻ لاءِ ڪيتري اتاولي هيس. اها ڪير هئي جيڪا هن جي زندگيءَ ۾ ايترو ويجهو آئي ۽ پوءِ ڇو ايترو پري هلي وئي!

”هن جو نالو.... پر نالي کي تون ڇا ڪندينءَ! بس، هوءَ منهنجو پهريون پيار هئي. اهو پهريون پيار جنهن جا نشان سڄي زندگي قائم رهندا آهن،“ هو چپ ٿي ويو. ٿوري دير لاءِ آگر سان پيشانيءَ کي مهٽڻ لڳو.

”منهنجون حالتون اهڙيون هيون جو اسان جي شادي نٿي ٿي سگهي. مون اڃان پڙهيو پئي. مون کي ڪا نوڪري ڪانه هئي. غريب ماڻهو جيستائين پنهنجن پيرن تي نٿو بيهي تيستائين گهر ناهڻ ناممڪن آهي. هن لاءِ هن جي ماءُ ايترو

ڏکهو انتظار ڪرڻ پسند نہ ڪيو.“

”پر هن پاڻ ڇا ڪيو؟“ مون پڇيو

”اهو ئي جيڪو ڪيس پنهنجي ماءُ چيو.“

”ڪمال آهي! اهو ڪهڙو پيار هو؟ ۽ تون ان کي سيني سان سانڊيو پيو هلين!“ مون چڙ مان چيو.

”نہ ثمينا، مون کي ان پيار ۾ اڄ بہ شڪ ناهي. هن ائين ڇو ڪيو سو آءٌ سمجهي سگهان ٿو. هوءَ بہ هڪ غريب گهر جي ڇوڪري هئي. هن مون کان وڌيڪ مفلسي، مصيبتون ڏٺيون هيون. شايد ان ڪري هن هڪ سُني ۽ بهتر زندگي گذارڻ ٿي چاهي، جيڪا مون سان گڏ ممڪن نہ هئي.“

”۽ هاڻي هن کي سڀ ڪجهہ ميسر آهي؟“

”ها! ڪار، بنگلو، زندگيءَ جي هر ڪا سهوليت...“

” ۽ تون اڃا بہ هن کي چاهين ٿو؟“ مون کي لڳو تہ آءٌ هڪ وڪيل وانگر آڏي پڇا ڪري رهي هيس ۽ هو سانت سان جواب ڏيندو رهيو.

”هوءَ منهنجين ناڪامين ۽ شڪستن جو اهڃاڻ آهي. آءٌ هن کي وساري نہ سگهيو آهيان.“

مون کي هن تي ايتري ڪاوڙ آئي جو خيال آيو تہ ڪيس ڇڏي ٻين ساٿين ڏانهن هلي وڃان. اسين ٻئي ڪيتري دير تائين چپ چاپ ڍنڍ جي شفاف پاڻيءَ تي آسمان جو نيرو عڪس ڏسندا رهياسين. اسان جا ٻيا ساٿي خوش هئا، اهي کلي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي پنيان ڊوڙيا پئي. آءٌ هن جي باري ۾ سوچي رهي هيس، پر هو ڇا سوچي رهيو هو؟ شايد ان ڇوڪريءَ جي باري ۾ جيڪا هن وقت پنهنجي بنگلي ۾ پنهنجن ٻارن سان خوش ويٺي هوندي يا ڪار ۾ پنهنجي مڙس سان گڏ گهمندي هوندي ۽ ٺهڪ ڏيندي هوندي. ۽ جنهن کي پل لاءِ بہ اهو خيال نہ آيو هوندو تہ هڪڙو پاڳل شخص اڃا هينئر

سندس ڳالهيون ڪري سندس ياد ۾ گم ٿي ويو آهي.

"ان ڇوڪريءَ سان تنهنجو پيار هڪڙي پاڳل جو پيار آهي....." منهنجي وات مان نڪري ويو. آءٌ پنهنجي ڪاوڙ کي دٻائي نه سگهي هيس.

"پاڳل جو پيار!"هن ٺهڪ ڏنو."نه ثمينه اها ڳالهه ناهي. آءٌ ٻين وانگر ناهيان، ان جو ڪارڻ اهو ڪونهي. تون منهنجي ماضي کان واقف ناهين. تو کي خبر ناهي ته مون زندگيءَ ۾ ڇا ڇا سَٺو آهي. مون پنهنجن ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن کي ماني ٽڪر لاءِ واجهائيندي ڏٺو آهي، نئين ڪپڙي لاءِ سڪندي ڏٺو آهي. پنهنجي بيمار ماءُ کي بنا علاج جي ڳرندي ۽ پورهيو ڪندي ڏٺو آهي. جڏهن مون مئٽرڪ جي امتحان جو فارم ڀئي پريو ته فقط پنجاه رپين لاءِ پنهنجن سيني مائٽن جي اڳيان جهولي ڦهلائي ۽ منهنجي جهولي ٺوڪن ۽ ڇڙٻن سان ڀري وئي. منهنجي ماءُ مرحوم مائٽن جي ياد ۾ رکيل پنهنجي ڏاجي جا ڪپڙا ۽ منهجي ننڍي ڀيڻ جي ڪنن جون سونيون واليون وڪڻي فيءَ جا پيسا ڏنا، پوءِ نوڪريءَ لاءِ وري به انهن مائٽن جي درن تي ڀٽڪندو رهيس. اهي سموريون ذلتون ۽ بيعزتيون زهر جا ڍڪ بنجي منهنجي اندر ۾ گڏ ٿينديون ويون ۽ تون چئين ٿي ته هوءَ بنگلي ۽ ڪار خاطر مون کي ڇڏي وئي، پوءِ به آءٌ هن کي چاهيندو رهيو آهيان! هن به ذلتون ۽ مايوسيون ڏٺيون هيون ۽ ڇوڪري هئڻ سبب مون کان به وڌيڪ. هوءَ نيلام گهر ۾ رکيل هڪ شئي هئي جنهن کي خريد ڪرڻ لاءِ ڪارا ڪوجها ۽ ڇٻا دولتمند وڏا واڪ ڏيئي رهيا هئا. خبر ناهي ته هوءَ پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ يا پنهنجي گهر وارن جي لاءِ وڪامجي وئي. آءٌ هن کي ڏوهه ڪيئن ٿو ڏيئي سگهان. نه هن جو ڪو ڏوهه ناهي...." هو اٿي بيٺو. "ٿي سگهي ٿو هن مون کي وساري ڇڏيو هجي ۽ منهنجي دعا آهي ته هوءَ مون کي وساري چڪي هجي. ڪنهن جي ڪمي، ڪنهن جي

محرومي زندگيءَ ۾ هڪڙو اهڙو خال پيدا ڪري ڇڏي جيڪو پوءِ ڪڏهن به پرجي نٿو.“

آءٌ به اتي بيٺيس ۽ هن ڏانهن نهاريندي چيم، ”ڇا پيو ڪوئي به اهو خال پري نٿو سگهي؟“ هن مون کي ڇتائي ڏٺو.

”ثمينا، مون کي اهڙا ماڻهو وڻندا آهن جيڪي سدائين خوش هجن، جيڪي سدائين کلندا رهندا آهن ۽ لاپرواهه هوندا آهن. مون کي انهن تي ريس ايندي آهي، پر آءٌ انهن کان سڙندو ڪونه آهيان، ان ڪري انهن کي نقصان رسائڻ به ڪونه چاهيندو آهيان.“

” ڇا مطلب؟ مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي!“ آءٌ سمجهي وئي هيس ته هن ڇا تي چوڻ چاهيو.

”آءٌ نٿو چاهيان ته منهنجين مايوسين ۽ محرومين جو پاڇو ڪنهن ٻئي تي پئي،“ هن آهستي ۽ ڳري آواز ۾ چيو.

نه ڄاڻان ڇو منهنجو من پرجي آيو هن جي ڳالهه تي. مون پري پري ڍنڍ جي سطح تي هوا سان ننڍڙ هلڪين لهرن ڏانهن نهاريندي چيو، ”پر آءٌ انهن سيني ۾ توسان شيئر ڪرڻ گهران ٿي.“ مون هن ڏانهن ڏٺو. هن جي اکين ۾ اها ئي لاتعلقي هئي.

”نه ثمينه، نه......“ هن جي آواز ۾ ڪجهه بيزاري هئي. ”تون هرويرو مون تي ترس ڪري رهي آهين. آءٌ تنهنجي لاءِ صحيح ماڻهو ڪونه آهيان. تون مون سان گڏ خوش نه رهي سگهندينءَ.....“ هو رڪجي ويو ۽ پوءِ منهن ٻئي پاسي ڪندي ٻڏل آواز ۾ چيائين، ” ۽ ٻي ڪا به ڇوڪري هن جي جاءِ پري نٿي سگهي.“

آءٌ ٽڙندڙ قدمن سان وڃڻ لڳيس. مون کي خبر هئي ته هو مون کي روڪيندو ڪونه. آءٌ هن جي ڪجهه به نه هيس. هو ايترو اڪيلو هو جو ڪو به هن جو نٿي ٿي سگهيو ۽ نه هو

ڪنهن جو تي تي سگهيو. مون پري وڃي ڪنڊ ڦيرائي هن ڏانهن ڏٺو. هو ڍنڍ ڏانهن منهن ڪري پٿر بنيو ويٺو هو. ۽ مون کي پڪ ٿي ته هو هينئر به منهنجي باري ۾ ڪونه سوچي رهيو هو.

ٻئي ڏينهن پٽيوالي هڪ بند ٿيل لفافو مون کي آڻي ڏنو. کولي ڏٺم ته هن جو خط هو. هن گذريل ڏينهن واري واقعي تي سندس خيال موجب ڪيل بدتميزي جي معافي ورتي هئي ۽ لکيو هو، ” هڪ پاڳل، هڪ سچي پچي گوشت پوشت واري شخص سان پيار نٿو ڪري سگهي. هو تصوير سان ئي پيار ڪري سگهندو آهي، جنهن کان هو ڪجهه گهرڻ نٿو چاهي ۽ اها تصوير جيڪا هن کي ڪجهه ڏئي نٿي سگهي. هن کي ان ڳالهه جي پرواهه ناهي ته تصوير ساڻس پيار ڪري ٿي يا نه، هو پيار ڪري ٿو ۽ اهو ئي هن لاءِ ڪافي آهي.“

# درد جي لاٽ

فلم ختم ٿي ويئي آهي. ماڻهو هڪ ٻئي کي ڌڪيندا ماڪوڙين وانگر سرندا ڇڻ ته ٻرن مان ٻاهر پيا نڪرن. سئنيما جي ٻاهران هڪڙو ٻيو هجوم اندر وڃڻ لاءِ آتو بيٺو آهي. زبردست پيهه آهي چو طرف. پر ايڏي ساري ميلي ۾ آءٌ بلڪل اڪيلو آهيان. اڪيلائپ جي ان احساس جي ڪري فلم مان به ڪو مزو ڪو نه آيو. فلم ته فقط وقت ڪاٽڻ جي لاءِ ڏٺي اٿم. وقت جو به پنهنجو مزاج آهي، پنهنجي چال آهي. ڪڏهن ته هوائي جهاز وانگر اڏامندو آهي، ڪڏهن ڪچوڻ وانگر رڙهندو رهندو آهي هوائي جهاز جيان اڏامي اڏامي ڪچوڻ وانگر رڙهڻ لڳندو آهي، وري اوچتو ڪيچوڻ وانگر رڙهندي رڙهندي هوائي جهاز جيان اڏامڻ لڳندو آهي. پر ان وچ ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا ڦيرا آٽي ڇڏيندو آهي. وقت مون ۾ ۽ روبيءَ ۾ به ڪيڏو نه ڦيرو آٽي ڇڏيو آهي. روبيءَ سان گڏ گذاريل گهڙين کي وقت جيٽ جهاز وانگر اڏائي ويو ۽ پويان ڌونهن جي لڪير به نه رهي آهي. منهنجي زندگي جهڙي تيزيءَ سان اڳتي وڌي، اهڙي ئي ڊرائيءَ سان هاٽي پئي رڙهي. وقت ڪٽجڻ سان نٿو ڪٽجي. بيڪار وقت گذارڻ به مسئلو آهي منهنجي لاءِ. فلم ڏسڻ جو شوق مون کي ڪو نه هو، پر رڳو وقت ڪاٽڻ جي لاءِ ڏٺي هيم. مون کي ائين ئي پئي محسوس ٿيو ته هال ۾ ايترن سارن ماڻهن هوندي به آءٌ اڪيلو آهيان. چوڌاري اجنبي ۽ غير واقف چهرا، اونداهيءَ ۾ ويڙهيل، جن ۾ ڪا به پنهنجائپ ڪا نه هوندي آهي. مون کي پنهنجن ۾ ئي پنهنجائپ نظر ڪا نه آئي آهي ته پوءِ ڌارين ۾ پنهنجائپ ڪٿان آئي — پر آءٌ اهو سڀ ڪجهه ڇو پيو سوچيان......سوچ ته ٻاهه جي ڄيي آهي، ساڙيو رک ڪريو ڇڏي.

اوهه! هيءَ ڪير لنگهي وئي منهنجي پاسي مان... هوءَ ته ڪا نه هئي، روبي! نه، هوءَ روبي ڪا نه هئي. شام جو ستين لڳي مون کي سندن گهر وڃڻو آهي. پر آءٌ هن سان ملڻ ڪو نه پيو وڃان. مون کي سندس ماءُ سان ملڻو آهي. يا ان بهاني سان هن کي ڏسڻ چاهيان ٿو. اسين پاڻ ۾ مائٽ آهيون. پر مائٽ هوندي به منهنجو هاڻي روبيءَ سان ڪهڙو واسطو! اسين هڪ ٻئي لاءِ اجنبي بڻجي چڪا آهيون — پر ڪنهن وقت، جيڪو هاڻي رهيو نه آهي، هوءَ مون کي ايتري ويجهي هئي جو هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ ٻڌي سگهندو هوس. هن جا تکا تکا گرم ساهه پنهنجي منهن تي محسوس ڪندو هوس. هوءَ مون مان ساهه کڻندي هئي ۽ آءٌ هن مان ساهه کڻندو هوس. پر اڄ ..... هن جي ساهن جي سرهاڻ ۾ ۽ منهنجن حواسن ۾ وقت هڪ وڏو فاصلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. مون کي اهو فاصلو عزيز آهي، ان ڪري جو وقت جيڪي ڪجهه ڏئي ٿو، سو نه چاهيندي به قبول ڪرڻو ئي پوي ٿو. اسان ٻنهي اهو فيصلو قبول ڪري ورتو آهي — خوشيءَ سان نه سهي پر قبول ڪرڻو ئي پيو آهي. هاڻي اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ وڏو فاصلو آهي جيڪو پار نٿو ڪري سگهجي. ڀلا وقت جي فاصلي کي ڪنهن پار ڪيو آهي؟

سئنيما مان نڪتل رش بازار جي بي انتها رش ۾ ملي ويئي آهي. آءٌ ڄڻ ته هڪ وڏي جهنگ ۾ اچي نڪتو آهيان. چوڌاري گوڙ آهي، شور آهي. جهنگ ۾ جانور رڙيون ڪري شور مچائي رهيا آهن. منهنجو ساهه پيو گهٽجي. چوڌاري گهٽ ۽ ٻوساٽ آهي. هي ماڻهو جهنگ جا جانور ڪو نه آهن، سرڪس جا سيکاريل جانور آهن. ائين پيا نچن ٽپن ۽ ڪرتب ڏيکارين. آءٌ ئي جهنگ جو جانور آهيان جيڪو هنن سيکاريل جانورن جي وچ ۾ اچي ڦاٿو آهيان. ”ها ها ها ..... هو هو هو ..... هي هي

هي .... جهليوس، پڪڙيوس ..... متان ويو آهي ...... نہ ڇڏيوس ...... هو هو هو ......" آءٌ پڇڻ ٿو چاهيان، پر پڇندي ڊڄان ٿو. سڀ منهنجي پنيان ڊوڙندا :..... پر آءٌ تہ هرويرو پيو سهڪان! مون کي ڇا ٿي ويو آهي! هي مون ڇا پئي سوچيو؟ پنهنجو پاڻ تي ڪلان جيڪر ..... ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي من ۾ کهڙا نہ عجيب خيال ايندا آهن. دل چاهي ٿي تہ پنهنجي ان خيال تي ٺهڪ ڏيان، پر وچ بازار ۾ اڪيلو بيهي ٺهڪ ڏيڻ چرين جو ڪم آهي. آءٌ تہ اڪيلو آهيان، ان ڪري ٺهڪ نٿو ڏئي سگهان. هي اڪيلائپ جو احساس تہ مون کي ماري وجهندو. اڪيلائي انسان جو مقدر آهي، پر ڪنهن جي ساٿ جي ڪري اڪيلائي جو احساس دٻجي ويندو آهي. جڏهن ڪنهن جو ساٿ نہ هوندو آهي تہ اڪيلائي هڪ زوردار حملو ڪري ڏيندي آهي ۽ احساس شديد بنجي ويندو آهي. آءٌ هن جي ساٿ بنا ڄڻ تہ هيڏي ساري گهاٽي جهنگ ۾ اڪيلو ئي اڪيلو ڀٽڪندو رهيو آهيان. روبيءَ جو ساٿ هو، ڪي چند گهڙيون هيون جيڪي اک ڇنڀ ۾ گذري ويون.

هڪڙي ڏينهن هڪ رسالو ڏيندي روبيءَ چيو، "هيءَ ڪهاڻي تہ پڙهي ڏس."

ان ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مرد پنهنجي محبوبہ سان جيئڻ مرڻ جي ساٿ جا وعدا ڪري ڪيڏانهن هليو ويندو آهي هميشه لاءِ. مون ڪهاڻي پڙهي هن ڏانهن نهاريو. مون کي محسوس ٿيو تہ هن جي اکين ۾ هڪ سوال آهي. هوءَ ڪجهہ پڇڻ جي لاءِ اتاولي آهي. مون اتي هن جو مک ڇمي ورتو. هن جون اکيون پرجي آيون. اکيون پرجي اينديون آهن تہ اٿلي بہ پونديون آهن. منهنجي دل چاهيو تہ هن جي ڳوڙهن کي پي ڇڏيان. هن جا ڳوڙها امرت آهن، آءٌ لازوال بنجي ويندس..... اسان جو پيار لازوال بنجي ويندو. پر ڪا بہ شيءِ لازوال ناهي. زوال، پڇاڙي، موت پنهنجي جاءِ تي

اٿل حقيقتون آهن — پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو انهن حقيقتن کان پڃي سنهري خيالن جي غار ۾ وڃي پناهه وٺندا آهن. پاڻ کي فريب ڏئي خوش ٿيندا آهن. پوءِ جڏهن سمورا ذهني فريب ٺوڪٽي وانگر ڦاٽي پوندا آهن ته ٻارن جيان روئي پوندا آهن. شايد اسين به انهن ماڻهن مان هئاسين.

روبيءَ مون کي چيو هو، ”اها ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي ته جن ماڻهن جي پاڻ ۾ ايتري چاهت هوندي آهي سي هڪ ٻئي جي لاءِ اجنبي ڪيئن بڻجي ويندا آهن!“

”اها ڳالهه شال ڪڏهن سمجهي به نه سگهين.....“ مون رڳو ايترو وراڻيو هو. اڄ اهو جواب مون کي ڪل جهڙو پيو لڳي. ڪيتريون ڳالهيون اڳتي هلي پنهنجي اهميت وڃائي ڪل جهڙيون پاسنديون آهن. ڪلهوڪي حقيقت، ڪلهوڪو سچ اڄ ڪوڙ پيو لڳي. ڪنهن به شيءِ جي ڪا به حقيقت ڪانهي، ڪا معنيٰ ڪانهي. سڀ دوکو آهي، فريب آهي، اجايو ۽ بي معنيٰ آهي.

اوچتو هڪڙي ماڻهوءَ مون کي ڌڪو ڏئي پري ڪيو آهي؛ ۽ منهنجي پاسي مان هڪ موٽر شرڙاٽ ڪندي لنگهي وئي آهي.

”سنيالي هل يائو، حياتيءَ مان بيزار آهين ڇا؟“ اهو ماڻهو چئي رهيو آهي. آءٌ رڳو هن ڏانهن ڏسان ٿو. هن جو ٿورو ڪو نه ٿو مڃان. اڳتي وڌي وڃان ٿو. ڇا ٿي پئي ها؟ اها موٽر مون کي ماري ڇڏي ها، ائين جيئن بوٽ هيٺان ماڪوڙي چيپاٽجي ويندي آهي(موت ماڻهوءَ کي ڪيترو نه ويجهو آهي، هر شيءِ کان قريب) موت جي اڳيان ماڻهو به ماڪوڙي جي برابر آهي. ڪڏهن مرڪندڙ ۽ کلندڙ، ڪڏهن روئندڙ سڏڪندڙ چهرا يڪدم پٿر بڻجيو وڃن. بس ايتري اهميت آهي ماڻهوءَ جي! انسان جيڪو عظيم آهي، سو موت جي اڳيان ڪيڏو نه خسيس ۽ هيچ آهي. ماڻهو مشين وانگر

هيڏانهن هوڏانهن ٻوڙي ٻڪي رهيا آهن، اوچتو ڪو پرزو ٽٽو ته مشين بيڪار. ماڻهو پنهنجي ناهيل شيءِ جي گارنٽي ڏيئي سگهي ٿو، پر خود ماڻهوءَ کي ناهيندڙ ڪا به گارنٽي نه ڏني آهي.

وعدا ڪوڙي گارنٽي وانگر آهن، ۽ وعدن جي ڀلا اهميت ئي ڪهڙي آهي! ڪڏهن روبيءَ ۽ مون ڪيترا وعدا ڪيا هئا، پر اڄ ان جو تعلق رڳو ماضيءَ سان آهي. اسان جو پيار جيڪو ڪلهه سچ هو، اڄ ان ڪي معنيٰ ناهي. ڪلهه ڪجھ هو، اڄ ڪجھ به نه آهي.پر تڏهن به دل ته ڪورو ڪاغذ آهي، ڪا ليڪ پئجي وئي ته متجڻ جي ناهي. منجي به وجي پر ڪاغذ جو ڪنوار پڻو ته ختم ٿي ويو.

- اڄ ته اڄ انهن يادن جي زهر جا ڍڪ گڏجي پيئون، گڏجي سرڪيون پريون. شايد اجنبيت جي ڪڙي ٿيل ديوار ڪي هٽائي سگهون، چاهي ڪن گهڙين جي لاءِ ئي سهي. پر هاڻي ٿي به ڇا ٿو سگهي! اجنبيت جي ديوار ڪيتري مضبوط آهي ۽ ان کي ڪيرائڻ نه منهنجي وس ۾ آهي ۽ نه روبيءَ جي وس ۾.

”وقت وڏو بيدرد آهي، روبي! اسان جي اڳيان وقت جو تيز طوفان جهڙو وهڪرو آهي. انهيءَ طوفان جي مقابلي ڪرڻ جي اجا اسان ٻنهي ۾ همت پيدا ئي ڪا نه ٿي آهي. ڪٿي ان جي وهڪري ۾ لڙهندي، حالتن جا ڌڪ کائيندي هڪ ٻئي ڪان ڌار ٿي، گم نه ٿي وڃون. اسين ٻئي ويچارا آهيون، روبي! اڻ ڄاڻائي ۾ وقت جي ظلم جو شڪار بنجي وياسين. مائٽن جي پراڻين دشمنين ۽ نفرتن جي ايڏي وڏي ڍير ۾ اسان جي پيار کي ڪٿي جاءِ ملندي؟ جي وقت جي واريءَ تان اسان جي پيرن جا نشان ڊهي ويا ته سڄي عمر ڀٽڪندا رهجي ويندا سين. سڪون لاءِ سڪنداسين......“

هن جي چپن تي فقط مرڪ پکڙجي وئي ۽ ٻنڌس منهن منهنجي منهن تي جهڪي آيو.

مون چيو هو، ”مون کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏ، آءٌ ڊڄان ٿو، روبي، آءٌ ڊڄان ٿو.“

هن پنهنجا وار ڪولي منهنجي منهن تي پکيڙي ڇڏيا. هن جي وارن جي ڇانو هيٺ ڪا گهڙي مس گذري ته وقت هڪ تيز لامارو هڻي مون کي روبيءَ کان ڌار ڪري اڪيلائپ جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو...... ڪير ڄاڻي ايندڙ گهڙيءَ ڇا ٿيندو! وقت جا ته پنهنجا اصول آهن. هر پل هڪ نئون فلسفو آهي، نئين حقيقت آهي. خانداني نفرتون وڻ ويڙهيءَ وانگر اسان جي پيار کي وڪوڙي ويون ۽ اسين......

- وقت توکان سواءِ به پيو گذري، پر زندگي هڪ بار بڻجي پيئي آهي. پوءِ به مون کي ڊيوٽي آهي. آءٌ اهو بار اڪيلو پيو ڍويان. تون گڏ هجين ها ته اڄ ائين نه هجي ها. تون الائي ڪيئن آهي — پر آءٌ ائين نه هجان ها!!

خبر ناهي ته ڪٿي اچي پهتو آهيان. من جي اداس ۽ ويران راهه کان سواءِ ٻي ڪا راهه مون کي سجهي ئي ڪا نه ٿي. آءٌ ته ائين ئي پيو هلان، ڀٽڪندو ڀٽڪندو ..... ڀٽڪڻ منهنجو ڀاڳ آهي، منهنجو نصيب آهي، وقت جي واريءَ تان پيرن جا نشان ڊهي ويا آهن. آءٌ توکي ته حاصل نه ڪري سگهيس پر پاڻ کي ئي وڃائي ويٺس.

هيءَ گهٽي روبيءَ جي گهر ڏانهن ٿي وڃي. آءٌ ڪيترن سالن کانپوءِ هن گهٽيءَ ۾ آيو آهيان. الائي ڇو، منهنجي دل تي ڄڻ ڪا ڳري شيءِ ڪري پئي آهي، ڪنهن اڻ ڄاتل ڊپ سببان دل ڌٻجي وئي آهي. مون کي واپس هليو وڃڻ کپي. هتي هر ڪنهن شيءِ مان ويراني ۽ ڌارپائپ جو احساس پيو اڀري. اڄ روبيءَ سان پنهنجائپ جو احساس نٿو جڙي، ته جي آسپاس جون شيون اجنبي بڻجي ويون ته ڇا ٿيو؟ پر آءٌ هتي آيو ڇو آهيان! ايتري عرصي کان پوءِ رڳو اهو ڏسڻ لاءِ ته روبي ڪيئن آهي! ڪالهه روبيءَ جي

ماءُ ملي هئي ۽ هن مون کي سندن گهر اچڻ لاءِ چيو. هن شايد رسمي طور چيو ۽ مون سوچيو تہ آءٌ هڪڙو ڀيرو تي اچان. ايتري وقت کان پوءِ مون ڏسڻ تي چاهيو تہ روبي ڪيئن ٿي لڳي. مون اهو ڇو چاهيو سو سمجهہ ۾ نٿو اچي. شايد رَڪ ۾ اچا ڪي چٽنگون دٻيل آهن.

آءٌ روبيءَ جي اڳيان ويندس تہ ڇا ڳالهائيندس! هوءَ ڇا سمجهندي تہ آءٌ سندن گهر ڇو آيو آهيان! هن پاڻ تہ چيو هو تہ آئيندي اسان ٻنهي جو هڪ ٻئي سان ڪو بہ واسطو نہ رهندو ۽ آءٌ سندن گهر نہ اچان. اها سندس پيءُ جي مرضي هئي ۽ پيءُ جي مرضيءَ جي خلاف هن ساهہ بہ کڻڻ نہ ٿي چاهيو.

آءٌ در جي اڳيان بيٺو آهيان، الائي ڪيتري دير کان، پر همت نٿي ٿئي تہ بيل جي ٻٽڻ تي آڱر رکان. هاڻ ڪنهن نامعلوم سبب جي ڪري ويڙهجي رهيو آهي.

ڪنهن اچي در کوليو آهي. اوهہ روبي! هوءَ سامهون بيٺي آهي هڪ ڪن جي لاءِ هن جي منهن تي اچرج جون ريکائون اُڀرن ٽيون. ڪيس خبر هوندي تہ آءٌ اچي رهيو آهيان، پوءِ بہ! شايد هن سوچيو هوندو تہ آءٌ نہ ايندس.

هوءَ مرڪي ٿي. مون کي اها زوريءَ جي مرڪ ٿي لڳي. جواب ۾ مون کي بہ زوري مرڪڻ کپي، پر منهنجي وس جي ڳالهہ ڪانهي.

”اچو..... اندر اچو....“ هوءَ هٽي اندر اچڻ جي لاءِ جاءِ ڏئي ٿي.

”امان کي پاڙي جي هڪڙي مائي ٻاهر وٺي وئي آهي. وڃي ڪا نہ ها، پر مائي جو ضروري ڪم هو. اوهان جي نالي ٿي وئي آهي تہ اچي تہ ويهارجوس.“

منهنجو هاڻُ وڃي ٿو وڌيڪ منجهندو. روبي سامهون بيٺي آهي. اسين ٻئي چپ آهيون. منهنجي نڙيءَ ۾ جهڙوڪر

ڪندا ڦاسي پيا آهن. هوءَ ڪجهه چئي رهي آهي.
”اوهان ٻينا چو آهيو؟ ويهندي ڊڄو ٿا ڇا؟ آءٌ اوهان کي ڪائي ڪا نہ ويندس.“
آءٌ چپ.
”توهين ڏاڍا لهي ويا آهيو. بيمار هئا ڇا؟“
آءٌ چپ.
”اوهان شايد نہ ڳالهائڻ جو قسم کڻي آيا آهيو،“ هوءَ کلي ٿي، ڦڪي ۽ بي رس کل.
نيٺ آءٌ چوان ٿو، ”اوهان تہ ماشاء الله ڏاڍيون سرس ٿيون نظر اچو، شايد ڪڏهن بيمار ڪو نہ ٿيون آهيو.“ مون کي پنهنجي لهجي ۾ ڪڙاڻ محسوس ٿئي ٿي.
هوءَ کلي ٿي. منهنجي چپن تي رڳو مرڪ اچي ٿي. اها مرڪ ڪهڙي ڪني هوندي!
”اهو چپن ۾ ڇا پيا چئو؟ اوهان جي عادت چپن ۾ ڳالهائڻ جي اڃا نہ وئي آهي؟“
”اوهان جي چوڻ موجب جنهن کي ڳالهائڻ نہ ايندو آهي سو رڳو چپ چوريندو آهي، ۽ مون کي ڳالهائڻ اڃا بہ ڪو نہ ٿو اچي.“
”سوچڻ تہ اچي ٿو!“ هوءَ مون ڏانهن غور سان ڏسي ٿي. ڄڻ چوندي هجي: تون ذرو بہ ناهين بدليو.
”ها، منهنجي سڌرڻ جا ڪي بہ امڪان ڪو نہ آهن،“ منهنجي واتان نڪري وڃي ٿو.
”جي؟“ هوءَ حيرت وچان چوي ٿي.
آءٌ ڪو بہ جواب نٿو ڏيان. آءٌ هاڻي هتي هڪڙو پل بہ وڌيڪ نٿو ويهي سگهان. مون کي ماحول اوپرو ۽ ڏاريو پيو

لڳي! سڀ ڪجھ رسمي آهي. اسان ٻنهي جو ڳالهائڻ، ٻنهي جو مرڪڻ .... سڀ رسمي آهي. هتي منهنجو ساهه پيو ٻوساٽجي. آءٌ ٻاهر وڃڻ ٿو چاهيان. آءٌ اوچتو اٿي بيهان ٿو. بهانو ڪري ٻاهر نڪري آيو آهيان. پر ٻاهر به هوا ڪانهي. گھُٽ ٻوسٽ آهي. شام جو انڌڪار پکڙيل آهي. فضا دونهاٽيل آهي – منهنجي من وانگر.

# ڪاري رات، رت ڦڙا

”اندو آهين ڇا؟“ هو پنهنجن ڪپڙن کي ناهيندي مون کي ڪاوڙ مان گهوري رهيو آهي. اندر ۾ چڻ باهه وني ويئي آهي، پر پاڻ روڪي هليو تو وڃان. منهنجي نظر شوڪيس ۾ هئي، تہ اوچتو وڃي هن سان ٽڪرايس. ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه هو؟ مون تہ شوڪيسن ۾ پيل شين کي پئي ڏٺو. سامهون ايندڙ ماڻهن کي ڏسان، يا شوڪيس کي؟ بازار ڏاڍي سوڙهي آهي. ماڻهن جي ايڏي ميڙ کان مون کي سخت نفرت آهي. پر ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي. ميڙ ۾ آءٌ پاڻ کي اڪيلو ۽ محفوظ ٿو سمجهان: گهڻن ماڻهن ۾ پاڻ کي اڪيلو سمجهڻ ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي! تورن ماڻهن ۾ مون کي ڊپ لڳندو آهي، ۽ سخت بيچيني محسوس ڪندو آهيان. ايڏي رش کان نفرت هوندي بہ آءٌ پنهنجيءَ دل ۾ وڏين وڏين بلڊنگن جيڏا ٺهڪ ڏيندو، مزي سان رڙهندو ويندو آهيان. ڪا عورت پاسي مان لنگهندي آهي تہ عجيب احساس پيدا ٿيندا آهن، ۽ ان کي ڇهڻ لاءِ دل سرڪندي آهي، پر عورتون مون کان چرڪنديون آهن ۽ پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن .... شايد اڳيان ڪا رڪاوٽ آهي ۽ ماڻهو وڌن ئي نٿا. ايترا سارا ماڻهو ماڪوڙين وانگر بيحس سرندا پيا وڃن بيترتيبي سان. هرڪو اڳيان وڌڻ ٿو چاهي. ماڻهو دڪان ۾ پيا چڙهن ۽ لهن. پر آءٌ تہ رڳو شوڪيس ڏسڻ ٿو چاهيان. ۽ ڏسڻ بہ منهنجي لاءِ ڪيترو ڏکيو آهي. اوهہ، هي رش! دل ۾ اچي ٿو تہ آءٌ ڍڳو ٿي پوان، ۽ سگ سُڌي ڊوڙ پايان، پوءِ ماڻهو ڪيئن نہ ڊپ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا، ۽ پنهنجي پنهنجي ساهہ بچائڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيئي، لتن هيٺ لتاڙيندا! آءٌ سگن سان سڀ شوڪيس ڀڃي، بند تيل شين کي رستي تي ڪيرائي، پڪيڙي

چڏيان، جيڪڏهن وڏي پيٽ وارو ڏسان تہ پنهنجا سگ هن جي پيٽ ۾ وجي ٽنبيان ... ها ها ها هو.... پنهنجي ان خيال تي مون کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. وهڪري سوڙهي بازار مان ڪڍي شاهي رستي تي آٽي چڙيو آهي. رستي جي فٽ پاٿ سان لڳ، ڪارن ۽ موٽرن جي قطار بيٺل آهي. موٽرون وڏن ماڻهن جون هونديون آهن، سو هرڪو ڄاڻي ٿو، ۽ اهو بہ تہ هتي وڏا ماڻهو شاپنگ لاءِ ايندا آهن. هر ان ڪار کي جانچي ڏسان ٿو، جيڪا سهڻي لڳي ٿي. پريان نئين ڊگهي ڪار ۾ هڪ عورت ويٺي آهي – اڪيلي. ڪار سهڻي ۽ شاندار آهي. عورت بہ سهڻي هوندي. آءٌ ويجهو وڃي چرڪي ٿو وڃان .... ڪار ۾ هوءَ ويٺي آهي! اڃا اهڙي ئي حسين ۽ نيڏاڪڙي..... هن بہ مون کي ڏٺو آهي، سندس اکين ۾ ڪيڏي حيرت آهي. اوچتو دري مان منهن ٻاهر ڪڍي، ڀرپور ڏڪار ۽ ڪاوڙ مان چوي ٿي ”خوني ! قاتل!“

آءٌ ڏڪي ويو آهيان. هن ڄڻ منهنجي اکيان ٻم ڦٽو ڪيو آهي. وڏي مشڪل سان پاڻ تي ڪنٽرول ڪيو اٿم. دل پڪي ڪري، منهن تي خوفناڪ مرڪ پکيڙي هن ڏانهن جهڪي چوان ٿو، ”پر تون تہ خون ٿيڻ کان بچي وئينءَ....“ هوءَ ڊڄي، هٽي، ڪنڌ ۾ سوڙهي ٿي ويهي ٿي. مون هن جي اڇلايل ڦاٽي ويل ٻم مان ٽڪرا هن ڏانهن ڦٽا ڪيا آهن ۽ دل خوشي ۾ ڦنڊجي ويئي آهي. آءٌ جهومندو وڃڻ ٿو لڳان. ٽورو هلي وري پنيان مڙي ڏسان ٿو. هوءَ اڃان تائين مون ڏانهن حيرت وچان اکيون ڦاڙي ڏسي رهي آهي. پڪ ئي پڪ سمجهندي هوندي تہ آءٌ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويٺو آهيان. مون جهڙو سچو ماڻهو هن کي حاصل نہ ڪري سگهيو نہ. هوءَ اڳي کان بہ وڌيڪ حسين ۽ پريل آهي. هن مون کي سڃاڻي ورتو. مان تہ اهڙي جو اهڙو آهيان پاڻ وڌيڪ ويل. پر

آءٌ چاهيان ٿو ته مون کي ڪير به نه سڃاڻي. هنن وڏن ويڪرن رستن تي اهوئي ڏپ آهي ته ڪٿي ڪو سڃاڻي نه وٺي. ان ڪري گهٽي رش ۽ سوڙهه مصيبت هوندي به مون لاءِ سلامتي واري آهي يا وري مون کي ويران اونداهيون گهٽيون وڻنديون آهن ۽ آءٌ پنهنجو شڪار به ته انهن ويران گهٽين ۾ آساني سان ڪري سگهندو آهيان. هن ويڪري رستي تي ايتري پيڙ ڪانهي. فقط ٽوليون ٽوليون آهن، ٻن ٽن جي ٽولي يا ميڙاڪو. مون کي اهي ٽوليون ڪين وڻن. هر ڪنهن کي اڪيلو اڪيلو هئڻ ڪپي مون وانگر. خبر ناهي ته اهڙا گهڻا ماڻهو هوندا، جيڪي ٽوليءَ ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندا هوندا..... ههڙن ويڪرن رستن تي مون کي هلڻ ئي نه ڪپي. ڪو سڃاڻي وٺي ته! آءٌ هونئن به ڏينهن ڏٺي جو بازار ۾ ڪو نه نڪران. سڄو ڏينهن پنهنجيءَ قبر ۾ پيو هوندو آهيان. رڳو شام جو ٻاهر نڪران، رڳو شوڪيس جاچيندو آهيان. اهو ڏسندو آهيان ته ڪهڙي شوڪيس مان اڄ ڪهڙي شيءِ نڪتل آهي يا نئين رکيل آهي. ايڏي وڏي ويڪري رستي تي هلڻ نيڪ نه آهي، اتي شوڪيسن کي ڏسندي ڏپ ٿيندو آهي. متان ڪو ماڻهو سڃاڻي وٺي. پر آءٌ هرويرو ٿو ڏڄان. منهنجي ڪنهن کي خبر آهي؟ هو سامهون اونداهي واري گهٽي نيڪ آهي. آءٌ اوڏانهن مڙي ٿو وڃان. ٻين کي منهنجي خبر ڪانهي پر هوءَ سڀ ڄاڻي ٿي. ڪيڏي نفرت سان خوني ۽ قاتل چيائين. مون کان ڏڄي ويئي..... ها ها ها!...... مون به چئي ڏنومانس. ڪيس ته منهنجو ٽورائتو ٽيڻ گهرجي، نه ته اهڙي چڪر ۾ اچي ويئي هئي، جو سڄي حياتي پيئي لوڙي ها. الائي ڇو، هن کي خون ڪرڻ تي منهنجي دل نه وري، سنو ٿيو، ٻچي ويئي.

مون هن کي ڪيڏو چاهيو هو، پر منهنجي چاهت خوني هئي. مون شايد زندگيءَ ۾ پهريون پيرو سچ ڳالهايو

ٿو. هن کي قبرستان ۾ وڃي ڦٿو ڪندس. هن ۾ ڪجهه به بار ڪونهي، پوءِ به آءٌ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. دل زور سان ڌڪ ڌڪ پيئي ڪري. مون کي پنهنجي پيشانيءَ تي پگهر محسوس ٿئي ٿو، پر هٿ لاهي ڏسڻ مان ڇا فائدو. ٽنگون ڏڪن پيون. تڪو ڪيئن هلان؟ پر آءٌ هتي هڪڙو پل به نٿو ترسي سگهان. دماغ ۾ اجان تائين باهه دکي پيئي. عجيب ڳالهه آهي. اها باهه خون ڪرڻ کان پوءِ به ڍري ڪانه ٿيندي آهي. جيستائين آءٌ پنهنجي قبر ۾، ڪفن ۾ منهن لڪائي سمهي نه پوان. لعنت آهي، ٽنگن ۾ ڪو ست ئي ڪونهي؟ آخر ڪهڙو فائدو، وڃي جهنم ۾ پئي. جسم ۾ طاقت ئي ڪانهي. ڪلها ته اڳ ۾ جهڪيل آهن، هي پينگهو ڪوڪلو جسم وِڪ وڪ تي ٿابو، ۽ هر وقت ڪرڻ جو ڊپ. ذلالت جي به ڪا انتها آهي. پوءِ، هي نست پير.... ڪو لڪل سرو منهنجي سڄي جسم کي ڪائي چڪو آهي، ۽ سڙيل رت ۾ الائي ڇا ڇا مليل آهي.

جيڪڏهن بلڊ بينڪ ۾ وڃي ڊاڪٽر کي چوان، ”آءٌ پنهنجو رت ڏيڻ آيو آهيان،“ هو ٽيسٽ جي لاءِ منهنجي نس مان سئي سان رت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري، ته هوند بيهوش ٿي ڪري پيئي. جسم ۾ رت ڦڙو به ڪونهي جو نڪري.

من ئي من ۾ ٺهڪ ڏيان ٿو، مون کي دل ۾ ٺهڪ ڏيڻ سٺو لڳندو آهي. ٺهڪ ٻاهر نڪرندو آهي ته ڪوڪلو جسم وڄڻ لڳندو آهي، ۽ آءٌ پنهنجو پاڻ کي ڪيڏو عجيب لڳندو آهيان. آءٌ واقعي عجيب آهيان؟ بڪواس آهي! گهٽا واقف ڪار ائين چوندا آهن. هوءَ به ائين چوندي هئي. اهي سطحي ماڻهو هر وقت پنهنجو پاڻ کي نارمل رکڻ جا جتن ڪندا رهندا آهن. بيوقوفن کي ڪهڙي خبر ته هرڪو ماڻهو عجيب هوندو آهي. مون کي هر ماڻهو اهڙو مليو آهي، جنهن تي دل کلڻ جي لاءِ چاهيندي آهي. مون ۾ ۽ ٻين ۾ فرق اهو آهي ته آءٌ ٻين تي

ڪلڻ بدران پاڻ تي ڪلندو آهيان.

هوا بند آهي. گرمي تہ ڪيڏي آهي. منهنجي سوڙهي قبر ۾ تہ هيڪاري وئل هوندو. گهُٽ ۽ گرميءَ ۾ ساهہ منجهڻ ۽ لچڻ لڳندو آهي. جسم جي پور پور مان پگهر چشمي جي پاڻي وانگر ڦٽي نڪرندو ئي رهندو آهي. آءٌ ڪڏهن قبرستان پهچندس؟ هن لاش کي تہ ٻين پيڙو ڪريان. هي لاش ڪٽي ڪٽي منهنجا ڪلها ڏکي پيا آهن، پر رهي بہ تہ نٿو سگهان. وقت اچي ٿو تہ پاڻ تي وس ئي نٿو هلي. مون کي ان کان نفرت آهي! ان سڀ کان نفرت آهي. پر شايد مون ۾ اها قوت ڪانهي جو ٻين وانگر پاڻ کي نارمل رکڻ جي جتن ۾ ڪامياب ٿيان. شايد سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو آهي. آءٌ آخر ڪهڙي ڏوهہ جي سزا پيو ڀوڳيان؟ اهو سڀ آءٌ سهي نٿو سگهان. انسان يا تہ انسان هجي؟ يا چاڪيءَ جو ڏڳو، انسان سان چاڪي جي ڏڳي واري حالت .....

منهنجو ساهہ ٿو منجهي. دل ۾ اچي ٿو تہ هن ديوار سان مٿو هڻي ڪيان. آءٌ هلان پيو، يا اتي جو اتي بيٺو آهيان؟ قدم تہ رڳو پيا وچڙن ۽ ٿابڙن. هن شهر ۾ دل وندرائڻ جا ڪيترا سامان آهن. پنهنجو پاڻ کي دوکي ڏيڻ ۾ ماڻهوءَ وسان ڪو نہ گهٽايو آهي، شوڪيس بہ سراسر دوکو آهن. اندر رکيل سامان رڳو نظر جو فريب آهن. مون آڱرين سان انهن شين کي ڇهي محسوس ڪرڻ چاهيو آهي. پر آڱريون فقط سخت، ٺوس شيشي کي محسوس ڪنديون آهن. هن عجيب ڌرتيءَ جي هر ڪا شيءِ عجيب آهي. ذهن سوچي سوچي ساٽو ٿي پوندو پر ڪا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪا نہ ايندي. اهو ڄاڻندي بہ ذهن ويندو سوچيندو، ۽ ماڻهو احمقن وانگر وات ڦاڙي ذهن جي بڪواس ٻڌندو رهندو آهي. ڇا واهياتپڻو آهي!.....بس، گهڻو ٿيو. ذهن آهي يا ڪا مشين! ننڊ ۾ بہ جند نٿي ڇٽي ..... ۽ خواب وري ڇا

آهن؟ سوچ جون تصويرون ئي تہ آهن.

فضا دونهاٽيل آهي. چوڌاري اڻ لکو دونهون آهي. هاڻ منجهي رهيو آهي. هي گهٽي ڏاڍي ويران آهي. ان مان يا تہ رولو ڪتا لنگهندا هوندا يا ڪي ڀٽڪندڙ روح يا وري مون جهڙا قاتل!

- خوني، قاتل!

اوهہ، هي آواز ڪٿان آيو؟ آءٌ ڏڪي ويو آهيان. منهنجا لڱ ڪاندارجي ويا آهن، ڪوئي ڪونهي. هن جي آواز جو پڙاڏو آهي شايد، جيڪو اڃان تائين منهنجي ذهن ۾ گونججي رهيو آهي. مون کي هن جي انهن لفظن تي ڪاوڙ ڪانهي، ڪو ڏک ڪونهي. آءٌ پاڻ مڃان ٿو تہ آءٌ خوني ۽ قاتل آهيان. هن جو ڏوهہ فقط اهو آهي تہ هن اهو سچ منهنجي منهن تي چيو. هن کان اڳ ۾ شايد آءٌ اهو سچ سهي نہ سگهان ها، پر هاڻي ايترو هيٺو ۽ نستو ٿي ويو آهيان جو سچ قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي. فقط ڏاڍو ۽ طاقت وارو ماڻهو پنهنجي ڀرپور قوت سان سچ کي رد ڪري سگهي ٿو، پيرن هيٺان چيڀاٽي سگهي ٿو، پر مون کي تہ پاڻ سچ پيو چيڀاٽي. مون ۾ سچ کي رد ڪرڻ جي طاقت ئي ڪانهي. آءٌ مڃان ٿو تہ مون هينئر بہ هڪ خون ڪيو آهي ۽ لاش کي پنهنجن جهڪيل ڪلهن تي کڻي، لڪندو ڇپندو وڃي رهيو آهيان .... سسيفس وانگر، جنهن کي ڇپ ڍوئڻ جو پاراتو مليو هو. مون کي شايد منهنجن نامعلوم ڏوهن جي عيوض جيئرو رهڻ جي سزا ڏني ويئي آهي. آخر اهو سلسلو ڪيستائين هلندو؟

آءٌ هلي هلي ٿڪجي پيو آهيان..... هلان بہ پيو يا رڳو هڪ ئي هنڌ پيو ٿاٻڙان؟ پنڌ ڪيڏو نہ ڏکيو آهي. آءٌ ڊوڙڻ ٿو چاهيان، پر وک وڌي ئي ڪا نہ ٿي، ڊوڙي بہ نٿو سگهان، پاڻ

تي ايترو اختيار بہ ڪونهي مون کي. آءٌ ڪٿي اچي پهتو آهيان؟ هتي تہ رڳو ڏپ آهي. اها ڏپ منهنجن سمورن احساسن تي ڇانئجندي پيئي وڃي. اها ڏپ ٻاهر آهي يا منهنجي وجود ۾ آهي؟ ڪو فيصلو نٿو ڪري سگهان، فيصلي ڪرڻ جون قوتون ختم ٿي چڪيون آهن. هيءَ سوڙهي اونداهي گهٽي آخر ڪٿي ختم ٿيندي؟ ڪٿي مون کان راهہ وڃائجي تہ نہ ويئي آهي؟ ائين ئي آهي. هلندي هلندي جڻ سڄي زندگي گذري ويئي آهي — پر پنڌ ڪٿي ئي ڪو نہ ٿو. هاڻي تہ آءٌ وڪ بہ کڻي نٿو سگهان، هيءَ سرنگ جهڙي گهٽي ڪٿي ختم بہ ٿيندي يا نہ؟ ڇا هميشه ائين ٿيندو آهي؟ ڪو بہ جواب ڪونهي ..... ذهن ساٿو ٿي چڪو آهي، آءٌ پاڻ کي گهليندو هلندو ئي رهندس. پر آخر هي سلسلو ڪيستائين هلندو؟ اوهہ، منهنجا خدا، آخر پڄاڻي ڪٿي آهي؟.....

# اڻ کٽ پڇاڙي

۽ پوءِ تو چيو پر خاموشي گهري هئي ايڏي گهري سمنڊ جي گهراين کان بہ گهري جنهن جو ڪو انت نہ هو ايستائين جو سئي جي ڪرڻ سان بہ ڌماڪو ٿئي جيڪر تڏهن تو چيو پر آواز گهرائي ۾ غرق ٿي ويا ۽ پوءِ ڪو سر نہ هوندو سر جي مترتا نہ هوندي هوا جو ۽ وڻن جو ۽ سرءُ جي سڪل پنن جو هوندو سنسان سنگيت ۽ وعدا هئا لفظن ۾ لفظ جن ڪي ڪا معنيٰ ڪانهي آهي معنيٰ خاموشيءَ ڪي ۽ اتي ڪوبہ ڪنهن جو نہ هوندو اڪيلائي ازلي آهي ۽ ابدي آهي پر تو چيو هو راهہ هڪ هئي پوءِ بہ قدم ڌار هئا قدمن جا نشان بہ الڳ هئا هر ڪو ڌار آهي ۽ الڳ آهي

اسين گڏجي هليا هئاسين ڪجهہ گهڙين لاءِ هيون ٻنهي جون وکون ساڳيون تڏهن اسان سمجهيو هو غلط ٿي سمجهيو هو تہ ساڳي واٽ تي هلندا رهنداسين هميشه

- تون مون کي وساري تہ نہ ڇڏيندين

- نہ آءٌ تو کي وساري نہ سگهندس جو وسارڻ منهنجي وس ۾ نہ هوندو ۽ آءٌ تو کان موٽ ۾ اهو نٿو پڇان تہ تون مون کي وساريندينءَ تہ نہ جو آءٌ ڄاڻان ٿو تہ وسارڻ تنهنجي وس ۾ بہ نہ هوندو

- مون تہ ڳالهائڻ جي لاءِ ڳالهہ ڪئي هئي سا تہ مون کي بہ خبر هئي تہ اهي سڀ ڳالهيون غير ضروري ڳالهيون آهن جن جو چوڻ اجايو آهي ۽ پاڻ تڪليف تي ٿئي انهن ڳالهين ڪرڻ سان پر ماٺ ڪرڻ سان من منجهي ٿو

- اسين جڏهن بہ گڏ هوندا آهيون تہ اسان جو من منجهندو آهي ۽ نس نس ۾ پيڙا پرجي ويندي آهي

- اهو ئي اسان جي پيار جو نصيب آهي رڳي پيڙا پيڙا پيڙا پيڙا پيڙا

تو اهو لفظ هڪ پيرو ئي چيو هوندو پر اها پيڙا من منهنجي ۾ ٻرندي رهي آهي هميشه وجود ۾ جهڙو ڪر پيڙا جو گهنڊ پيو گڙي ۽ آءُ آهستي آهستي وڃان تو پرندو ڪنهن پت پراڻيءَ وانگر جنهن جي چت ڳري وئي هجي ڪڏهوڪو ۽ پتيون پاسن واريون به ڪري چڪيون باقي اها اڪيلي پت وڃي بچي ۽ ان جون سرون پئي ڳريون هري هري

- جيڪي ماڻهو چاهيندا آهن هڪ ٻئي کي سي هڪ ٻئي کي ملي نه سگهندا آهن ۽ ملندا آهن اُهي جيڪي هڪ ٻئي کي چاهيندا نه آهن يا هنن ڪڏهن به نه چاهيو هوندو پر ملي ويندا آهن ۽ پوءِ گڏ هوندي به ڌار ڌار هوندا آهن

- جيڪي هڪ ٻئي کي چاهيندا آهن سي نه ملندا آهن ۽ ملندا اهي آهن جن ڪڏهن هڪ ٻئي بابت سوچيو به نه هجي سي سڀ ڳالهيون آهن مجبوري جون چو ته رڳو چاهڻ ئي سيڪي ناهي گڏ ان سان ٻيو گهڻو ڪجهه آهي

۽ اهو ٻيو ڪجهه گهڻو ڪڏهن به نه هو مون وٽ هئي ته رڳو هڪ اٽيي زندگي هئي ياد آهي تو کي مون چيو هو مون وٽ تو لاءِ رڳا به خالي هٿ آهن پر اهي بيڪار آهن هٿ- تريءَ جون سموريون ليڪون ڊنل آهن ٻيو ڪجهه نه هوندو مون وٽ نه ستارن جي سيج هوندي نه اگڻ متي چنڊ هوندو جي هوندو ته رڳو هڪ اونداهو غار هوندو آءُ تو کي ڏسي سگهندس نه تون مون کي ڏسي سگهندينءَ تون پنهنجو پاڻ به ڳولي نه سگهندينءَ مڪڙيءَ جي چارن ۾ قابو اونده جي لٽ ۾ لٽجي هڪ ٻئي کي ته چا پنهنجو پاڻ سڃاڻي نه سگهنداسين تون ڪا سوني سيج ڳول جتي لان متي چنڊ هجي

۽ پوءِ تو چيو پر جدائي ڳڙڪائي وئي سيني ڳالهين کي ڳالهيون جيڪي ڪڏهن ڪنڻ جون نه هيون نه ٽڪجڻ جون هيون اڻ ڳٽيون پر اسان چاتو ٽي ته غير ضروري هيون ۽

اجايون هيون ۽ بي معنيٰ هيون شايد بڪواس هيون
-- تون ايترو اداس ڇو هوندو آهين
-- اداسي منهنجي وجود ۾ آهي شروع ڪان نسن ۾ وهندڙ رت وانگر هر وقت ڊوڙندڙ ۽ ان اداسيءَ جي پاتار جو ڪو پرو ڪونهي هيڪل وياڪل من رکي رکي پيو ٻڏي اُپڙي ان مان
-- ڪٿي ان جو ڪارڻ آءٌ ته نه آهيان
-- ڪارڻ منهنجي وجود ۾ آهي تو ۾ نه آهي رڳو ڪوڙيو آهي ان ڪي تو ۽ ظاهر ڪيو آهي
۽ پوءِ تو ڇيو پر اهي راهون هيون راهه قدم ڻاهيندا آهن ۽ قدم الڳ هئا تو ڇيو پر راهون اڪيليون آهن راهون راهن سان گڏجن تيون گڏ هلن تيون ڪٽين تيون هڪ ٿئي ڪي ۽ هر راهه الڳ آهي ۽ اڪيلي آهي راهن جو ڪو انت ڪونهي يا انت آهي فقط گهري خاموشي ۽ پوءِ ڪو سر هوندو سرن جي مڌرتا هوندي هوا جو ۽ وڻن جو ۽ سرءُ جي سڪل پنن جو هوندو سنسان سنگيت.....

# ڍهنڊڙ ديوارون

ديوارون ڍئيون پئي!
پنهنجن قيمتي ڪپڙن کي سنڀاليندي ويجهي آئي،
تڏهن آڱر هن جي چپن تي آئي.
’هي تہ ڍهن پيون!‘
ديوارون چپ هيون. ديوارن کي زبان ڪٿي!
’ڇڱو جو مان هن گهر ۾ نہ آيس....‘
- ها
ديوارون
ڍهن
پيون....
ديوارون
ڍهن
پيون...
هن وائڙي ٿي نهاريو. ديوارن کونہ ڳالهايو هو، رڳو هوا جو سوسٽ هو. ديوارن کي زبان ڪٿي!
سرن ڳرڻ شروع ڪيو هو. در ديوارن مان اکڙيل هو.
’اندر ڪو رهي ٿو؟‘ هن پاڻ کان پڇيو.
’ڪو آهي؟ ڪو آهي؟‘ هن سڏ ڪيو.
ڪٿان ڪنجهہ ڪنن کي پهتي... يا هوا جو شوڪارو هو!
’اندر رڳو چمڙا هوندا، يا انسان هوندا؟ ڪو تہ هوندو..... ڪو تہ هوندو!‘ ڪو بہ ڪونہ هو، رڳو هوا جو سوسٽ هو.
’اندر وڃي ڏسجي من ڪو هجي. آخر ضرورت ڪهڙي

آهي؟ مون رڳو ڏسڻ ٿي چاهيو. ائين ئي تجسس وچان معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو. سالن کان پوءِ ڪي ياد ايندا آهن ته ڏسڻ تي به دل ٿيندي آهي، ان ۾ آهي ئي ڇا.....'

- ها

ان

۾

آهي

ئي

ڇا...

ان

۾

آهي

ئي

ڇا....

هڪڙو چاپوڙو ڪري پيو ۽ ديوار اگهاڙي ٿي پئي. 'هي ته خطرناڪ آهي، ڪنهن به وقت ديوارون ڍهي اچي پٽ پونديون... چڱو ٿيو مان نه رهيس. خدا جي پناهه، ديوارون ڍهن پيون! اندر ڪو رهي ٿو؟ ڪپڙا خراب ٿي پوندا ۽ ديوارون ڍهن پيون. ويجهو وڃڻ نيڪ ناهي...'

- ها

ويجهو

اچڻ

نيڪ

ناهي....

اچڻ

ٺيڪ

ناهي...

’ڪنهن ڳالهايو؟ ديوارن ڳالهايو! پر ديوارن کي زبان ڪٿي!‘

ڪڙو به ڪونه هو جنهن کي ڪڙڪائجي. در ديوار مان اڪڙيل هو. گهر جو ٻنيو پوڙهي جي وات وانگر هو. هن کي ڪل آئي. ٻه ٽي سرون کسڪي ڪري پيون.

’اندر پوت هوندا، هتي ڪو ماڻهو ڪيئن رهندو.... ڪڙو به ڪونهي....‘

هن هڪ پٽر ڪٽي اندر اڇلايو. سرن جي ڪرڻ جو آواز آيو ۽ هوا مٽي تان رڙيون ڪندي وئي. هن قيمتي ڪپڙن کي سنڀاليو. سرن جو ڪرڻ بند نه ٿيو. ٺنڻ جو آواز چٽو هو. اوچتو اندران ڪو نڪتو. ماڻهو هو يا پوت هو.... يا پوتن جهڙو ماڻهو هو.

- ڪير آهي! ڪير آهي؟

پوت جي هانءُ- ٻڏل رڙ. ڊنل پوت! هوءَ ڊڄي وئي ۽ پير پنتي هٽڻ لڳا.(پير گهٽو اڳ پنتي هٽي چڪا هئا).

’مان آيس چو! مون ته رڳو ڏسڻ ٿي چاهيو.... پر اچڻ نه ڪپندو هو. هاڻ ڪهڙو فائدو؟‘

- هاڻ

ڪهڙو

فائدو

هاڻ...

پوت وڏندو آيو.

- هتي ڪنهن جو ڪهڙو ڪم آهي؟ هتي ته ڪنڊرن جي

عظمت بہ ناهي. هتي ڪنهن جو کھڙو ڪم آهي!

پوٽ وڏندو آيو.

هيسيل هانءُ ڦڙڪيو.

’پوٽ!.....‘

هن پڇڻ چاهيو. هن پڇڻ شروع ڪيو. ’کھڙيءَ ڪٺي ڪنيو.....‘

هوءَ پڇندي وئي، ماڻهن جي وستيءَ ۾ پناه وٺڻ لاءِ. هوا مٿي تان رڙيون ڪندي وئي. هوءَ پري نڪري آئي پر ٺَٺڻ جو آواز اجا پئي ٻڌو ۽ ديوارون ڏٺيون پئي.....

# هارايل ماڻهوءَ جي ڊائري

[هيءَ ڊائري مون کي هڪ پارڪ ۾ پيل ملي. ڊائري تمام پراڻي هئي ۽ ان جا ڪافي پنا ڦاٽل هئا. ڊائري جي مٿان لکيل هو تہ ”مون توکي هارائي سڀ ڪجھ هارائي ڇڏيو.“ پر ان ۾ ڪوبہ سلسلو ڪونہ هو. ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون لکيل هيون جن جو ڪو سر پير نہ هو. گھڻ ۾ گھڻ اهي مون کي سمجھ ۾ ڪونہ آيون، ان ڪري اهي مون هتي ڪونہ لکيون آهن. ڊائريءَ ۾ ڪا تاريخ، ڪو سال ڄاڻايل ناهي.]

* * *

سڀ ائين شروع ٿيندو آهي ۽ ائين ختم ٿي ويندو آهي. مون ڄمي مري ڪونہ ڏٺو آهي. (اها ڳالھ آهي تہ آءٌ هر گذرندڙ گھڙيءَ سان گڏ مرندو پيو وڃان)؛ پر شروعات کي ختم ٿيندو ڏٺو اٿم ۽ هميشہ ائين ٿيندو رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو فطري فارمولو آهي تہ اهو آهي. باقي ٻيا سمورا فارمولا هٿرادو آهن. ماڻهو جنهن کي پنهنجي زندگي سمجھي پيار ڪري ۽ اها زندگي هڪ ڏينهن هن سان اجنبين وانگر ملي! ان کان وڌيڪ ڪو عذاب ٿي نٿو سگھي. جڏهن کان هوءَ اجنبي بنجي وئي تڏهن کان آءٌ پاڻ پنهنجي لاءِ اجنبي بنجي ويو آهيان. مون ۾ اهو ڪجھ رهيو ئي ڪونهي جو ڪنهن کي پيار ڏئي سگھان. مون کي ڪجھ وقت اڳ خبر پئي تہ تون ڏاڍو رني آهين. (مون لاءِ!). رني هوءَ بہ هئي، پر هن روئي مون کي بہ روئاريو هو. تو روئي مون کي دکي ڪيو آهي (تو لاءِ). آءٌ جيڪر توکي ٻڌائي سگھان. آءٌ هڪ هارايل ماڻهو آهيان. پر هرڪا ڳالھ ٻڌائي نٿي سگھجي. منهنجي من تي

عجيب احساس چانيل آهن هينئر. احساس ڏک جا، پڇتاءُ جا ۽ رکي رکي برف وانگر ڄمي ويندڙ. آءٌ توسان ملڻ نٿو چاهيان. مون ڏٺو آهي تہ اها ئي ڳالهہ آهي جيڪا مون کي توسان ملڻ کان روڪي ٿي. ٻي عجيب ڳالهہ آهي وير وانگر رکي رکي ٻين احساسن تي ڇانئجيو وڃي سا هيءَ تہ تو مون سان پيار ڪري مون کي پاڻ ئي پنهنجي نظرن ۾ ڪيرائي وڌو آهي. آءٌ موٽ ۾ توکي پيار نٿو ڪري سگهان آءٌ تولاءِ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان ۽ ان ڪري آءٌ پاڻ کي ذليل پيو سمجهان. اڄ آءٌ ڏاڍو ٿڪل هوس. ننڊ اکين ۾ ۽ دماغ ۾ زوريءَ گهڙيو پئي آئي. پر تنهنجي ڳالهہ ٻڌي اها بہ موٽي وئي. تون الائي ڇا سمجهندي هوندينءَ مون کي. پيو جيڪي وڻئي سو سمجهہ، پر اهو نہ سمجهجانءِ تہ ڪو آءٌ پيار ڪرڻ جي قابل بہ آهيان. تنهنجي من جو بار ڳوڙهن ذوئي متائي ڇڏيو هوندو ۽ هاڻي تون منهنجي لاءِ ڌڪار محسوس ڪندي هجين تہ ڏاڍو سنو. شايد ائين ٿيو هجي. اهو سوچي آءٌ پاڻ کي آجو محسوس پيو ڪريان. پر شايد اها بہ منهنجي ذليل هجڻ جي وڏي ثابتي آهي.

* * *

ڪي ماڻهو بذات خود ٽريجڊي هوندا آهن.

* * *

انسان جي عظمت ان ۾ آهي تہ هو آخر دم تائين لڙندو رهي ۽ شڪست ڪڏهن بہ نہ قبولي. پر ڪا شڪست اهڙي هوندي آهي جيڪا پهريون ئي پيرو ماڻهوءَ کي پيچي پوري ڇڏيندي آهي. جيڪو ماڻهو من ئي من ۾ هارائي چڪو هجي، اهو ڪنهن بہ ويڙهاند ۾ ڪامياب نہ ٿيندو.

* * *

اُڏوهيءَ جئن ڏڪڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن — (شاهہ)

* * *

تون هينئر ڪٿي هوندينءَ؟ ڇا ڪندي هوندينءَ! خوش هوندينءَ يا اداس هوندينءَ! توکي ڪڏهن بہ اوچتو اهو خيال آيو هوندو تہ هن گهڙيءَ، هن پل توکي ڪو شدت سان ياد ڪندو هوندو. پر منهنجي دعا آهي تہ توکي اهو خيال ڪڏهن بہ نہ آيو هجي. تون خوش هجين ۽ ٺهڪ ڏيندي رهين... منهنجي تصور ۾ توکي ٺهڪ ڏيندو ڏسي مون کي سڪون ملندو آهي.

* * *

جڏهن بہ آءٌ توکي ياد ايندس تون سوچيندينءَ تہ اهو پاڳل اڃا بہ رڳو خواب ئي ڏسندو هوندو ۽ جڏهن بہ تون مون کي ياد ايندينءَ تہ محرومين ۽ ناڪامين جو بار هانءَ تي وڏيڪ ڳرو ٿي پوندو.

تون مون کي وساري ڇڏج. صفا وساري ڇڏج. ڪڏهن پلجي بہ مون کي ياد نہ ڪج. تون مون کي ياد ڪندينءَ تہ اداس ٿي ويندينءَ ۽ تنهنجو چهرو تہ آئينو آهي، جنهن ۾ تنهنجا احساس ۽ ڪيفيتون صاف پيا پکندا آهن. ماڻهو توکان پڇندا تہ تون اداس ڇو آهين ۽ ان اداسيءَ جو ڪارڻ آءٌ هوندس!

* * *

مون رات خواب ۾ توکي ڏٺو. ننڊ ۾ بہ ڊپ جو احساس هو تہ تون مون کي وري بہ ڇڏي هلي ويندينءَ. ۽ مون توکي ڇيو هڪڙو منٽ ترس. آءٌ توکي ڇڳيءَ طرح جاچي ڏسڻ ٿو چاهيان. تنهنجي مک کي پنهنجي من ۾ لاهي ڇڏڻ ٿو

چاهيان. تون ڪٿي بہ هجين، پر سدائين منهنجي من ۾ هوندينءَ.

* * *

جيڪڏهن آءٌ تنهنجي جهول خوشين سان نٿو ڀري سگهان، تہ مون کي ان ڳالهہ جو ڪو حق ناهي تہ توکي رڳو پريشانيون ڏيندو رهان.

* * *

واريءَ جيئن وڇري هينئون، ڪٽڪي لئي ڪيٽان — (شاهہ)

* * *

اميد هڪ لعنتاڻو بنجي وئي آهي منهنجي لاءِ.

* * *

گڏ هلندي اوچتو تون مون کان هٿ ڇڏائي الائي ڪيترو اڳتي وڌي وئي آهين. پر آءٌ اڄ بہ اتي ئي بيٺو آهيان جتان پاڻ وڇڙيا هئاسين.

* * *

ڪي ماڻهو ايڏا بدنصيب ڇو هوندا آهن! ڇا انهن جي نصيب ۾ رڳو پنڌ هوندو آهي. انهن جي ڪابہ منزل نہ هوندي آهي! ماڻهو جيڪي ڪجهہ سوچيندو اهي ٿيندو ان جي ابتڙ آهي. مون جنهن کي سڄي عمر چاهيو، اهو مون کي مليو بہ تہ ڪهڙي روپ ۾! اها ئي اڻ کٽ ڊوڙ... اهو ئي پنڌ...

* * *

آءٌ جيئن بہ آرسي ڏسندو آهيان ان ۾ مون کي تنهنجو چهرو نظر ايندو اهي. پر تون آهين ڪٿي؟

* *

ذهن آهي يا ڪا پيلاڙ ٽيل ٻني! جنهن ۾ هر ڪو خيال بيپرواهيءَ جي، بنا روڪ ٽوڪ جي هليو اچي.

* * *

پير پٿرائجي ويا آهن. وک وک تي ذهن جون نسون ٽاڻجي چڪجي ٽيون وڃن. رڳو پير پٿر ڪونہ ٿيا آهن، سڄو وجود پٿر بڻجي ويو آهي. روح ان پٿر جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهيو آهي.

* * *

منهنجو اندر بہ ايترو اونداهو آهي جيترو منهنجو ڪمرو.

* * *

اڄ گهر وڃي ڪپڙا لاهي ڪٽ تي اڇلايم ۽ پاڻ کي ديوار تي لڳل ڪليءَ ۾ ٽنگي ڇڏيم.

* * *

هيءُ ڪيڏو ڏکو غار آهي. اونده ۾ هتوراڙيون ڏيندو رڙهندو پيو وڃان. منهنجو ساھ ٿو منجهي... ڏاڍو ٿڪل آهيان. جسم ٽُٽي پيو. سَنڌ سَنڌ ڌار ٿي پيو آهي.

# چانڊوڪي ۽ آڳ

ريلوي پليٽ فارم تي سُڄ لڳي پيئي آهي. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مسافر پليٽ فارم تي پيل بينچن تي ٽنگون پکيڙيو ليٽيو پيو آهي. ڪولي هيٺ فرش تي وينا، ٻيڙين جا سوٽا پري آسمان ڪي تڪي رهيا آهن. پريان هڪ خوانچي جي پرسان پوڙهو بيمار ڪتو پڇ لٽڪائي رهيو آهي. خوانچي وارو ڪتي کي هڪل ڏيئي وري اوجهرڻ تو لڳي. ٽي اسٽال تي بينل ماڻهو ڪائونٽر تي نونئيون ڪوڙيو، ڪنڌ جهڪائي اڌ پوريل اکين سان اوٻاسين مٿان اوٻاسيون ڏيئي رهيو آهي. هڪ ٻه مسافر اچن ٿا، پليٽ فارم تي لڳل وڏي گهڙيال ڏانهن نهاري، چپ چاپ ڪنهن خالي پيل بينچ تي ڪنڌ جهڪائي وڃي ويهي رهن ٿا. منهنجون نگاهون ٻه گهڙيال ڏانهن ڪجهي وڃن ٿيون. رات جا ٻارهن لڳڻ وارا آهن. آءٌ پليٽ فارم تي بي مقصد چڪر هڻي رهيو آهيان. وايو منڊل ڪيترو ويران ۽ سُڃو سُڃو آهي. اڌ رات ٿي چڪي آهي ۽ جيئن جيئن رات وڃي ٿي وڌندي، تيئن ويراني ۽ اڪيلائيءَ جو احساس دل تي ڇائجندو پيو وڃي. مٿي آسمان تي چنڊ چمڪي رهيو آهي ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي بلبن جي تيز روشني...... تڏهن ٻه منهنجي من ۾ ڪاري ٻات چو آهي؟.... آءٌ پاڻ کي ان سوال کان بچائڻ خاطر هڪڙي بينچ تي ٻن وينل مسافرن سان گڏجي وڃي ويهي رهان ٿو. هو مون کي ڏسي چپ ٿي ويا آهن. آءٌ ٻه مونجهه محسوس ڪري رهيو آهيان. ٻن ڄڻن جي گفتگو ۾ رخنو وجهڻ، ڪهڙي نہ خراب ڳالهه آهي! پر آءٌ ڇا ڪريان.... اڪيلائپ کان ڊڄان ٿو، وري ماڻهن سان گڏ ويهندو آهيان، تہ پريشان لڳندو آهيان. اڪيلائپ جو احساس اتي ٻه ختم نہ ٿيندو آهي....ڇا ڪريان..... سڀ چپ آهن. دل چاهي ٿي تہ اٿي

وجان، پر چاهيندي بہ اتي نٿو سگهان.

هڪڙو ڄڻو خاموشيءَ کي ٽوڙڻ خاطر مون کان پڇي ٿو.

”يائو، هيءَ مسافر گاڏي ايندي نہ!“

آءٌ جواب ڏيان ٿو: ”ها، ايندي تہ پيسينجر گاڏي.“

ٻيو ڄڻو چوي ٿو، ”پري کان ايندي آهي، ان ڪري مسافر لت ڪوڙي ستا پيا هوندا آهن، جاءِ مشڪل سان ملي!“

”ڪيئن بہ ڪري مڙيئي ٽيو سفر ڪرڻو،“ جواب پهرئين ماڻهو ڏنو.

وري بہ خاموشي ڇانئجي ويئي آهي. آءٌ سوچيان ٿو مون کي ڪٿي پهچڻو آهي..... منهنجي منزل ڪٿي آهي..... اسان سڀني جي منزل ڪٿي آهي..... اسان جي زندگي ٽرين وانگر اسان کي الائي ڪيڏانهن کنيو پئي وڃي؟ آخري اسٽيشن تي موت جو بورڊ لڳل آهي، جيڪو ڏنڊ ۾ ڪنهن کي بہ پڙهڻ نٿو اچي. پر اهو سڀ سوچڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ماڻهو تہ پاڻ کي ڪي حسين فريب ڏيئي اهڙن احساسن کي دٻايو ڇڏين. زندگي گذارڻ جو اهو ئي بهتر طريقو آهي، نہ تہ جيڪر ڪو بہ انسان هن دنيا ۾ موت جي ڊپ کان جِي نہ سگهي.

(ماڻهو پاڻ کي نڳيو الائي ڇا ڇا ڪريو وڃي!)

آءٌ بہ پاڻ کي ڪو نہ ڪو فريب ڏيئي پنهنجي حصي جي زندگي جيئڻ ٿو چاهيان. پر پاڻ کي ڪهڙو فريب ڏيان! سماج سڌارڻ جو نيڪو ڪٽان .... زندگي عيش آرام سان گذارڻ جي لاءِ دولت ڪمائڻ جا طريقا ڳوليان ......نہ، آءٌ هڪ عام ماڻهو وانگر زندگي گذارڻ چاهيان ٿو. هڪ صاف ستري گهر ۾، ڪنهن جي حسين ٻانهن ۾، وارن جي ڇانوَ هيٺ!..... هون، شاعراڻيون ڳالهيون، سڀ بڪواس.

”اڄ گاڏي ليٽ تي ڏسجي....“ پاسي ۾ ويٺل ماڻهو ڪجهه چئي رهيو آهي.

”ها، گاڏي ليٽ آهي،“ آءٌ ائين چئي اٿي بيهان ٿو، ۽ پوءِ آهستي آهستي هلڻ لڳان ٿو.

آءٌ ساري عمر ڪنهن وڏي گهاٽي جهنگ ۾ هلندو رهيو آهيان. جهنگ جا بيشمار وڻ تيز هوا ۾ سوسٽ ڪري الائي ڇا چئي رهيا آهن. آءٌ ڪجهه به نه سمجهندي، هنن وڻان لنگهي رهيو آهيان، منهنجي چوڌاري اڪيلائپ ۽ ويراني آهي. هزارين تمنائن جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلندي ٿڪي پيو آهيان. رکي رکي ڪا دٻيل تمنا، اوچتو اپري سڏڪو ٿي پري ته جهنگ جي ويراني ۾ مون کان ڇرڪ نڪريو وڃي، دل ڏڪيو وڃي. اميدن جي بستي اڃان ڪيترو پري آهي؟

ٻئي پليٽ فارم تي گاڏي اچي رهي آهي. سڄل پليٽفارم ڪر موڙي جاڳي پيو آهي. مسافرن، ڪولين ۽ خوانچي وارن جي هلڪي چهل پهل شروع ٿي ويئي آهي. آءٌ به ان طرف وڃان ٿو. گاڏي پليٽ فارم تي اچي بيٺي آهي. منهنجي بلڪل سامهون واري ڪمپارٽمنٽ جي دريءَ مان هڪ پوڙهي عورت ويران ۽ خالي نگاهن سان ٻاهر گهوري رهي آهي. سندس وار ڪنڊريل آهن. شايد ننڊ مان اٿي آهي، پر تڏهن به هن جي شڪل تي کهڙي نه عجيب ويرانيءَ جي ڪيفيت ڇانيل آهي. مون کي هن تي ڪنهن ڪنڊر جو گمان ٿو ٿئي پر..... اهو ڪنڊر منهنجي ئي اڳيان اڇٽو هو!..... گهبرائجي منهن ڦيري ٿو ڇڏيان.

منهنجي گاڏي به اچي ويئي آهي. آءٌ تڪڙو تڪڙو پليٽفارم ڏانهن وڃان ٿو. گاڏيءَ ۾ گهڻي رش ڪانهي، پر سيٽون سموريون والاريل آهن. ماڻهو سيٽن تي سُتا پيا آهن،

ويهڻ جي بہ جاءِ ڪا نہ ٿي ڏسجي. آءٌ اڳتي وڌندو رهان ٿو. انجڻ جي ويجهو اچي پهتو آهيان. انجڻ سان گڏيل ڪمپارٽمنٽ ۾ فقط هڪ پوڙهي ۽ هڪ ڇوڪرو سُتا پيا آهن. پهريان بہ مسافر بہ هيڏانهن ئي اچي رهيا آهن. ويجهو اچي، هڪڙو چٽو چوي ٿو، "چڙهو چڙهو، سڄو گاڏو خالي پيو آهي." آءٌ بہ ٻين سان گڏ چڙهي هڪ خالي سيٽ تي وڃي ويهان ٿو.

ٻيو مسافر سيٽ تي ويهندي چئي ٿو، "پوءِ جي عورتون آيون تہ ڪٽي لهبو."

"اسان جا وڏا چوندا آهن، تہ بنا ڏاڙهي جي عورت ۽ مرد ۾ ڪو فرق ڪونهي، پوءِ جيڪڏهن اسين بہ عورتن سان گڏ ويناسين تہ ڪهڙو ڏوهہ ٿيو." هن جو ساٿي پنهنجي ڇهري تي هٿ ڦيريندي چوي ٿو.

آءٌ ان ماڻهوءَ کان پڇان ٿو، "ڇو، هيءُ زنانو ڊٻو آهي ڇا؟"

"اوهان ٻاهر لکيل ڪو نہ ڏٺو ڇا؟ اچو، ڏسو....." هو مون کي ٻاهر وٺي وڃي ٿو: ۽ منهنجن ڇپن تي ڦڪي مرڪ پکڙجي ٿي وڃي.

"خير پرواهہ ناهي، آدم کي بہ تہ حوا جي ڪري جنت مان نڪرڻو پيو. اسين بہ ڪٽي لهي ويندا سين،" اسين ٽئي کلڻ ٿا لڳون.

ڪاري چادر ۾ هڪ نوجوان عورت هڪ اڌڙوٽ عمر جي مرد سان گڏ ڪمپارٽمنٽ ۾ اچي چڙهي آهي. اسين ٽئي ڇٽا هڪ ٻئي ڏانهن ڏسون ٿا. عورت ۽ مرد چپ چاپ خالي سيٽ تي وڃي ويهن ٿا.

مون سان گڏ ويٺل هڪڙو مسافر هرويرو ان اڌڙوٽ عمر جي مرد کي چئي ٿو، "دراصل هي ليڊيز ڪمپارٽمنٽ

آهي. آهي تہ سچو خالي، پر اوهان کي جيڪڏهن اعتراض هجي تہ اسين لهي وڃون؟“

”نہ نہ، توهان ڀلي ويٺا هجو. سفر جون گهڙيون آهن، گذري وينديون.“ آهستي آهستي هتان هتان جون بيڪار ڳالهيون شروع ٿي وڃن ٿيون. هيٺ سيٽ تي ستل پوڙهي گوڙ تي جاڳي اکيون ڦاڙي اسان ڏي نهاري ٿي، پوءِ منهن ڦٽائي سمهي رهي ٿي.

گاڏي هلڻ تي لڳي ۽ ٿوري دير کان پوءِ چادريءَ جو سنهڙو پردو پڻ متي کڄي ٿو وڃي. منهنجو سارو وجود ڄڻ ڍڪي ويو آهي، نظرون ڍڪي ويون آهن، ڍڪي هٽي ويون آهن. ائين ٿو لڳي ڄڻ هوا جو تتو جهوٽو روح کي ڇهندو گذري ويو آهي. هوءَ پاڻ سان گڏ وينل مرد سان آهستي آهستي ڳالهائي رهي آهي. هن جو آواز ننڍڙي ٻار جي معصوم آواز وانگر ٿو لڳي.

آءٌ دريءَ کان ٻاهر نهارڻ ٿو لڳان. ٻاهر ڏنڌلي چانڊوڪي ڦهليل آهي. آسمان تي ڪڪر ڊوڙي رهيا آهن، چنڊ پورن ڏينهن جو آهي، پر جڏهن ڪو ڪڪر چنڊ کي ڍڪيو ڇڏي تہ چانڊوڪي ڏنڌلي بڻجيو وڃي. هينئر بہ هڪ وڏي ڪڪر چنڊ کي ڍڪي ڇڏيو آهي. گاڏي ڄڻ تہ ڪنهن شيءِ کان ڊڄي رڙيون ڪندي پهاڙن جي وچ مان ڀڄندي پئي وڃي. ڏنڌلي چانڊوڪيءَ ۾ اهي پهاڙ ڪهڙا نہ هيبتناڪ ڀانئجي رهيا آهن! چو طرف خوفناڪ ويراني ڇانيل آهي. ڪٿي منهنجو ڀٽڪندڙ روح بہ انهن خوفناڪ ويرانين ۾ گم نہ ٿي وڃي. آءٌ ڊڄي منهن اندر ڪري ٿو ڇڏيان. نگاهون هن ڏانهن کڄي وڃن ٿيون، ۽ يڪدم ڊڄي هٽي وڃن ٿيون. ڄڻ چوري ڪندي پڪڙجي پيون هجن. آءٌ ڪتاب کڻي پڙهڻ ٿو لڳان خالي خالي اکر آهن، ڪا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي، ذهن

۾ ڪي عجيب تصويرون ڊوڙي رهيون آهن. ڊبو ڪنهن پينگهه جيان لڏي رهيو آهي پر ننڊ اکين کان ڪوهين ڏور آهي. آءٌ ڊڄي ڊڄي هن ڏانهن نهاريان ٿو. هوءَ سيٽ تي چادر وڇائي ليٽي پيئي آهي. سڀ مسافر سمهي پيا آهن، فقط آءٌ ئي جاڳي رهيو آهيان. ننڊ مون کان رٺل آهي. آءٌ هن ڏانهن نهارڻ ٿو لڳان. سيٽ تي سئين ڪندي ليٽڻ سبب ۽ تکن تکن ساهن کڻڻ جي ڪري هن جو سينو عجيب نموني هيٺ مٿي ٿي رهيو آهي. هن کي ڏارين جي وچ ۾ ائين نه سمهڻ گهرجي. منهنجي نڙيءَ ۾ چڻ ڪو ڳنڍو اٽڪي پيو آهي. جيئن ڳيت ڏيئي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، تيئن مٿي چڙهي ٿو اچي. هن جون اکيون ٻن پوريل مکڙين وانگر لڳي رهيو آهن. هن جي ڳاڙهن ۽ آلن چپن تي هڪ اڻ لکي مرڪ پکڙيل آهي.

جيڪڏهن هن کي معلوم ٿي وڃي ته هڪ ڏاريون مرد ڪيس ائين تڪي رهيو آهي، ته ..... نه مون کي ائين نه ڪرڻ کپي. ڪنهن پرائي عورت کي ائين لاڳيتو ڏسندو رهڻ خراب حرڪت آهي. آءٌ هاڻي هن ڏانهن نه نهاريندس. آءٌ پنهنجون اکيون پوري ٿو ڇڏيان، تڏهن به هن جو خيال ذهن مان نٿو نڪري. هوءَ بيحد حسين آهي. آءٌ ڪٽي ڪيتري به ڪوشش ڪريان، پر هن جو خيال ذهن مان نٿو ڪڍي سگهان. منهنجا چپ ٽانڊن وانگر پيا ٻرن، شايد ڪنهن ازلي آگ ۾ جلي رهيا آهن. آءٌ اکيون کولي هن ڏانهن نهاريان ٿو. هن جا چپ به ڄڻ ٽانڊن وانگر لڳي رهيا آهن. هي مون کي ڇا ٿيندو پيو وڃي ...... آءٌ گهبرائجي اکيون بند ڪري ٿو ڇڏيان. پر آگ وڌي ٿي وڌندي، جر ۽ جيون ٻڻجندي، ساري بدن ۾ زهر وانگر پکڙجندي، ساڙيندي، ٽچڪائيندي.... هوءَ معصوم ۽ خماريل نظرن سان مون کي ڏسڻ لڳي ٿي.

”مون پنهنجي ساري حياتي لُڇندي گذاري آهي. الائي

ڪيتري وقت کان منهنجو جسم اُج جي آڳ ۾ جلندو رهيو آهي. مون سان وعدو ڪر، مون کي ڇڏي تہ نہ ويندينءَ؟“....

”آءٌ تنهنجي آهيان! توکي ڇڏي ڪيڏانهن بہ نہ وينديس....“ آءٌ پنهنجا چپ هن جي چپن تي رکي ٿو ڇڏيان، پر چپن جي پياس ٻجهڻ بدران وڌي ٿي وڃي.

”ڏس، تنهنجن منهنجن چپن جي ازلي آڳ پاڻ ۾ ملي ڀنڀٽ ٻڻجي رهي آهي. اسين ٻئي ڄڻا ان ۾ سڙي خاڪ ٻڻجي ويندا سين ۽ پوءِ امر ٻڻجي ويندا سين....“

اوه هي ڇا ٿيو.... منهنجو دريءَ تي رکيل منهن دريءَ سان وڃي ٽڪرايو آهي. چپ سخت ۽ سرد ڪاٺ تي وڃي لڳا آهن ۽ ڦاٽي پيا آهن. گاڏي هڪڙي ڌڌڪي سان بيهي رهي آهي. شايد ڪا اسٽيشن آهي. آءٌ اکيون کولي چوڌاري نهاريان ٿو. سڀ مسافر سُتا پيا آهن، فقط پوڙهي جاڳي رهي آهي. اسٽيشن ڏسي هوءَ پنهنجي ڇوڪري کي اٿاري ٿي، ڇوڪرو اٿي ٿو. هوءَ بہ آواز تي جاڳي پيئي آهي. پوڙهيءَ کي ڏسي وري مون ڏانهن ٿي نهاري. آءٌ گهٻرائجي منهن ڦيري ٿو ڇڏيان. شايد هن منهنجي دل جو چور پڪڙي ورتو آهي. آءٌ هاڻي هن ڏانهن نہ نهاريندس. پر منهنجا چپ ..... اهي تہ اجا تائين ٽانڊن وانگر پيا ٻرن.....

آءٌ دريءَ مان ٻاهران نهارڻ ٿو لڳان. چنڊ تان جهڙ هٽي ويو آهي ۽ چوطرف کير جهڙي چانڊوڪي ڦهليل آهي. هڪ چنڊ ٻاهر چمڪي رهيو آهي، هڪ گاڏي اندر آهي. پر ٻئي چنڊ منهنجي پهچ کان تمام پري آهن. آءٌ اهو چڪور آهيان جنهن جا کنڀ ڪٽيل آهن. اهو آءٌ چڱي طرح ڄاڻان ٿو تہ چنڊ کي پهچڻ منهنجي لاءِ ناممڪن آهي، پر چنڊ کي ڏسڻ بہ منهنجي لاءِ پاپ آهي!.... چنڊ کي ڏسي الائي ڇو محرومي جو احساس زهر وانگر منهنجي نس نس ۾ ڊوڙڻ لڳندو آهي. منهنجي ساري زندگي محرومين جي رڃ ۾ گذري آهي. وک وک تي محرومي! دل جي تہ خاني مان جڏهن بہ

ڪا تمنا، ڪا حسرت اُپري آئي آهي، تہ مون ان ڪي مروڙي سروڙي پنهنجي سيني ۾ دفن ڪري ڇڏيو هوندو. ڪڏهن ڪڏهن اهي دفن ٿيل تمنائون خوفناڪ ٿهڪ ڏيئي اٿي پونديون آهن ۽ پنهنجي تيز ننهن سان دل جي زخمن تي چڙهيل ڪڙين ڪي لاهي رتو رت ڪري، نوان زخم پيدا ڪري ڇڏينديون آهن، آءٌ انهن ڪي زوري مروٽي وري سيني ۾ دفن ڪري ڇڏيندو آهيان. پر انهن جو بار وڃي ٿو وڌندو، شايد انهن جي بار هيٺان هڪڙي ڏينهن آءٌ بہ دٻجي وڃان.....

گاڏي ڪان ٻاهر بہ روشني آهي ۽ اندر بہ روشني آهي، پر تڏهن بہ منهنجي دل ۾ ايڏي انڌوڪار ڇو آهي! چنڊ ٻاهر واريءَ جي ذرڙن کي چمڪائي رهيو آهي پر منهنجي دل جي ويرانين کي نٿو چمڪائي سگهي. دل جون ويرانيون تہ انهن واريءَ جي ذرڙن ڪان بہ زياده ڀيانڪ آهن. اونداهي رات ۾ واريءَ جا ذرڙا ڪيڏا ڀيانڪ لڳندا آهن، پر چانڊوڪيءَ ۾ اهي ڪيئن نہ پيا چمڪن! منهنجي نصيب ۾ تہ فقط اونداهيون راتيون آهن. ائين ڇو آهي؟..... رات جي خاموشي، ريل جي گوڙ ۽ رڙين ۾ منهنجو سوال دٻجي ٿو وڃي. ريل رڙندي، گجندي، اونها اونها، تکا تکا ساهہ کڻندي ڪيڏانهن ڀڄندي پئي وڃي. سندس گوڙ منهنجن حواسن تي ڇانئجي رهيو آهي، چوڌاري گوڙ آهي، ڪير بہ ڪنهن جي نٿو ٻڌي..... منهنجو ڪير بہ ڪونهي! ڪو بہ تہ ناهي..... آءٌ گهٻرائجي هن ڏانهن نهاريان ٿو.

هن جي چپن تي مرڪ آهي، سندس ننڍاڙا نيڻ بہ ڄڻ مرڪي رهيا آهن. هوءَ هلڪي اوٻاسي ڏيئي ڪر موڙي رهي آهي. هاڻي تہ رات جو پويون پهر آهي. مون کي لڳي ٿو، ڄڻ رات جي پوئين پهر ۾ ڪو گلاب ٽڙي پيو آهي. دل چاهي ٿي، اهو گل ڏسندو رهان ۽ وقت جو احساس ختم ٿي وڃي، ريل هلندي ئي رهي..... گلاب جي هلڪي هلڪي مهڪ مون تائين

پهچي رهي آهي. هن جي خوشبو مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي پئي – پر ڳل بيشمار ڪنڊن سان جهنجيل آهي. منهنجو هٿ وڌندو ته رتو رت تي پوندو، ڪنڊا ان کي ڳل تائين پهچڻ ڪو نه ڏيندا؛ ڇُهڻ به ڪو نه ڏيندا.

ٻيا به جاڳي پيا آهن ۽ هاڻي سامان پيا ناهين، شايد اينڊڙ اسٽيشن تي لهي ويندا. ڇا هوءَ به لهي ويندي! آءٌ پنهنجي ان خيال تي پاڻ تي ٿڪو مرڪڻ ٿو لڳان. هن جو ۽ منهنجو آخر رشتو ئي ڪهڙو آهي! ڪو به نه.... ڪو به نه ..... جلد ئي سج نڪرندو ۽ اڄوڪي رات فقط هڪ خواب جي حيثيت اختيار ڪري ويندي. هوءَ هاڻي تيار ٿي ويئي آهي. هن جون اکيون اڃا ننڊاکڙيون آهن. رکي رکي مون ڏانهن نهاري ٿي. ڇو ٿي مون ڏانهن نهاري!.... گهڙي ڪن ڪانپوءِ هوءَ هلي ويندي – يلي هلي وڃي، پر مون ڏانهن ڇو ٿي نهاري! هن کي مون ڏانهن نهارڻ نه کپي.

چانڊوڪي ڊونهاڻجي ويئي آهي، ڊونهاڻيل چانڊوڪي مان ويراني پئي وسي، واريءَ جا دڙا پراڻا کنڊر ٿا لڳن. پريان شهر جي روشني پيئي نظر اچي. لکين ڪروڙين بلب تارن وانگر پيا ٽمڪن. هوءَ وڏي اوٻاسي ڏيئي مون ڏانهن ٻهاري ٿي. هن کي ڇا ٿي ويو آهي، ڇو ٿي مون ڏانهن نهاري!..... شايد ائين خواه مخواه پئي نهاري..... گاڏي شهر جي هڪ لوڪل اسٽيشن تي اچي بيني آهي. هو لهي رهيا آهن. مون کي ٻي لوڪل اسٽيشن تي لهڻو آهي. مان هونئن به جيڪر هنن سان گڏ نه لهان.....هوءَ پليٽ فارم تي بيني آهي. هاڻي شايد آخري ڀيرو مون ڏانهن نهاريندي پوءِ هلي ويندي ۽ سمنڊ جهڙي وسيع شهر ۾ الائي ڪٿي گم ٿي ويندي. هو هاڻي وڃن پيا، هو آخري دفعو پنيان مڙي مون ڏانهن نهاريندي...... پر آخر ڇو نهاري مون ڏانهن! نه هن کي هڪڙو دفعو ته مون ڏانهن نهارڻ کپي. آخري ...... اوه! خوفناڪ آواز

ڪٿان آيو؟ شايد ڪا انجڻ شنٽ ڪري رهي آهي، منهنجي گاڏي ٻه هڪ خوفناڪ رڙ ڪري هلڻ لڳي آهي. هاڻي اسٽيشن ڪي ڇڏي آئي آهي. چؤطرف بلبن جي تيز روشني آهي، تڏهن ٻه منهنجي دل ۾ ڪاري ٻاٽ چو آهي! مٿي آسمان تي چنڊ ڪهڙو نه ويچارو ويچارو پيو لڳي. جهڪو جهڪو ۽ دونهاٽيل! مان دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي، اڪيون پوري چنڊ ڏانهن نهاريان ٿو، ۽ هڪڙو اڪيلو گرم لڙڪ هوا ۾ ڪيڏانهن اڏامي ٿو وڃي.

# فيصلو

هن واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪمري ۾ اينڌڙ چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن اندازو لڳايو تہ رات جا ٽي ٽي چڪا هئا. ننڊ ننڊ ڪان وانجها هئا ۽ هن جو مغز ڳرو ٿي پيو هو. هن زور ڪري اکيون بند ٿي ڪيون تہ ويتر اکين ۾ سور ۽ مغز ڳرو ٿي ٿي پيو. ذهن ۾ عجيب عجيب شڪليون نهڻ ٿي لڳيون. هن وري يڪدم اکيون کولي ٿي ڇڏيون. چوڌاري ماٺ هئي، فقط ڇت واري پکي جو گهوگهاٽ هو. هن بيچينيءَ مان پاسو ورايو، جيڪو هن کي ڏکندو محسوس ٿي رهيو هو. پوءِ هو سنئين ڪنڌي ليٽي پيو ۽ ڇت ڏانهن نهارڻ لڳو. هن جون اکيون تيز ڦرندڙ پکي ۾ اٽڪي وڃڙي پيون. هن کي محسوس ٿيو تہ هن جو ذهن تيز ڦرندڙ پکي سان گڏ ڦري رهيو هو، تيز تيز، تمام تيز.... هو گهبرائجي يڪدم اٿي وينو. هن جي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا نڪري آيا. هو ڪٽ تان اٿي ڪمري جي در وٽ اچي بيٺو. سامهون ڪٽن تي سندس پوڙهي ماءُ ۽ ننڍي ڀيڻ ستل هيون. ننڊ ۾ سندس ڀيڻ عذرا جي چپن تي اڻ لکي معصوم مرڪ هئي. هن ماءُ ڏي ڏٺو، جنهن جي منهن ۾ عمر ڪان وڌيڪ ڏکن ۽ تڪليفن جا گهنج پئجي ويا هئا. هو ڪجه دير تائين ماءُ جي منهن ۾ نهاريندو رهيو. هن جي دل پرجي آئي، ۽ نظرون ڦيرائي ڇڏيائين. هو ڪمري ۾ موٽي، پنهنجي ڪٽ تي اچي ڪِريو.

'اوه منهنجا خدا! آءٌ ڇا ڪريان.... ڇا ڪريان!' هن پنهنجي ذهن ۾ متل جنگ ڪان بيزار ٿي پنهنجو پاڻ کي چيو. 'آخر آءٌ ڪهڙو فيصلو ڪريان! نازان جي لاءِ پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجو گهر ڇڏيان! ان ماءُ کي ڇڏي ڏيان، جنهن مون کي

پنهنجي جيءَ جو جياپو سمجهيو آهي! يا آءٌ پنهنجين خوشين جو گلو گهُٽي ڇڏيان! مون کي ڪجهه بہ سمجهه ۾ نٿو اچي تہ آءٌ ڇا ڪريان!' هن منهن ٻانهن ۾ لڪائي ڇڏيو. هن جو ذهن سوچي سوچي، ٿڪجي ساٽو ٿي پيو هو، پر ڪوبہ فيصلو نہ ڪري سگهيو هو. هن کي ائين ٿي لڳو تہ فيصلي ڪرڻ جي قوت جڻ ختم ٿي چڪي هئي. پر هن کي نيٺ فيصلو ڪرڻو هو، ڪنهن هڪڙيءَ ڳالهہ تي پهچڻو هو. هو پنهنجي پيار لاءِ پنهنجي ماءُ کي ڇڏي يا پنهنجي ماءُ لاءِ پنهنجي پيار کي ڇڏي! هارون جي لاءِ، هن گهڙيءَ، اهو فيصلو موت ۽ زندگيءَ جي فيصلي کان گهٽ نہ هو. پر نہ، موت ڪهڙو ۽ زندگي ڪهڙي؟ ماءُ جنهن هارون کي پنهنجي زندگي ڏني هئي، پنهنجو رت ست ڏنو هو، اهڙي ماءُ، جنهن جي پيار ۾ سمنڊ جي گهرَائي هجي، ان کي هو ڪيئن ٿي ڇڏي سگهيو! ٻئي طرف نازان هئي، جيڪا هن جي ويران ۽ اٽيي زندگيءَ ۾ گلن جي سرهاڻ کڻي آئي هئي؛ جنهن هن سان گڏ گهارڻ جو سوڳنڌ کنيو هو. هو آخر ڪنهن کي ڇڏي! هن جو ذهن چاڪيءَ جي ڏڳي وانگر ڦري گهري وري هڪڙي ئي هنڌ اچي بيهي ٿي رهيو، اڳتي وڌڻ جي ڪا بہ واهہ ڪا نہ هئي. راهہ ٻنهي طرفن کان بند هئي، هو جڻ رستي جي وچ تي منجهيل منجهيل ۽ وائڙو بيٺو هو.

ڪالهہ شام جو نازان جي ماءُ هن کي سڏايو هو، هن هارون سان کي تمام ضروري ڳالهيون ڪرڻ ٿي چاهيون. هن چيو، "توکي منهنجيون ڳالهيون شايد عجيب لڳن، پر صورتحال ڪجهہ اهڙي آهي جو تو سان صاف صاف ڳالهين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. اهي ڳالهيون هونءَ تہ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي مائٽن جي وچ ۾ ٿينديون آهن، پر انهن ڳالهين بابت فيصلو تو کي ڪرڻو آهي، ان ڪري آءٌ سڌو

سنئون توسان ڳالهائڻ چاهيان ٿي.“

هارون هٻڪندي چيو، ”آءٌ پوري ڏيان سان ٻڌي رهيو آهيان، اوهان چئو.“

نازان جي ماءُ وڏيک گنڀير ٿي چيو، ”هارون! تو کي خبر آهي تہ هن گهر ۾ فقط اسين ٻہ ڄڻيون زال ذات رهون ٿيون. خدا کان سواءِ اسان جو ٻيو ڪير بہ ڪونهي. اسين هڪٻئي کي ويجها آهيون، ۽ هڪٻئي جي حال جي سڀ خبر اٿئون. نازان جي پيءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اسين ٻئي ماءُ ڌيئر ٻي سهاري ٻڄي ويون هيونسين. ان وقت نازان پنجن سالن جي هئي. مون اڪيلي سر حالتن کي منهن ڏنو. مشين تي ڪپڙا سبي گذر سفر ڪري، تڪليفون سور سهي، نازان کي پاليو. منهنجي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد نازان جي زندگيءَ کي سنوارڻ هو، ۽ هينئر نازان ئي منهنجو سهارو آهي.“ هن هارون تي نظرون کپائي چيو، ”تون ئي ٻڌاءِ هارون! ڇا آءٌ پنهنجي حياتيءَ جو سهارو ٻئي جي حوالي ڪري ڇڏيان.! آءٌ هن عمر ۾ پراون درن تي ڌڪا کائي مري وڃان!“ نازان جي ماءُ چپ ٿي وئي. هارون کان هڪ اکر بہ نہ اُڪليو. هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو، آخر ڇا ڳالهائي!

وري بہ نازان جي ماءُ ئي ڳالهايو، ”آءٌ نٿي چاهيان تہ نازان پنهنجي حياتي مون لاءِ ڳاري ڇڏي. نہ نہ، نازان جي خوشيءَ لاءِ آءٌ سيڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. آءٌ رڳو ايترو چاهيان ٿي تہ هوءَ شادي ڪري، مون سان گڏ، هن گهر ۾ رهي. تون جيڪڏهن مون کي خود غرض سمجهين تہ ڀلي سمجهہ، پر مون لاءِ ٻي ڪا بہ واهہ ڪانهي.“

تڏهن هارون گهٽيل آواز ۾ ڳالهايو.” نہ ماسي، آءٌ اوهان جي مجبورين کي سمجهي سگهان ٿو.“ پر خود هِن جون بہ تہ ڪي مجبوريون هيون. هِن جي مَن ۾ هاهاڪار متل هو.

”هارون! هاڻي تنهنجي فيصلي جي ضرورت آهي.“ نازان جي ماءُ جو آواز هو.

هارون منجهي پيو، پوءِ هن چيو: ”مون کي ڪجهه سوچڻ جي مهلت ڏيو، ماسي“

نازان جي ماءُ هن جي مونجهاري کي سمجهي وئي. ”شايد تون يڪدم فيصلو نه ڪري سگهين. ان ڪري تون پلي ڪجهه وقت تذي دل ۽ دماغ سان سوچ. يڪدم ڪيل جذباتي فيصلا اڳتي هلي نقصان پهچائيندا آهن. تون پنهنجن مائٽن سان به صلاح ڪر. اهو ڏاڍو ڏکيو مسئلو آهي، پُٽ.“

هارون هن کان موڪلائي ٻاهر آيو. اڱڻ ۾ رڌڻي جي در وٽ نازان ٽيڪ ڏيو ويٺي هئي. هوءَ ڪيتريءَ دير کان ان هڪ ئي جاءِ تي ويٺي، پيڙا پوکي رهي هئي. هارون کي ڏسي هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. هارون هن جي اڳيان وڃي ويٺو.

”نازان!“ هن گهُٽيل آواز ۾ سڏ ڪيو. نازان اکين جي ڇپرن ۾ اٽڪيل لڙڪن کي لِڪائڻ جي لاءِ منهن ٻئي طرف ڦيرائي ڇڏيو. هارون جي من ۾ آيو ته اڳتي وڌي نازان جا لڙڪ اُگهي. هن جو رڳو هڪڙو پير وڌيو ۽ پوءِ پٿر بنجي ويو. ”مون کي ڪهڙو حق آهي نازوءَ جي لُڙڪن اگهڻ جو...“ هن سوچيو، هو ڪيڏو نه بيوس هو، ڪيڏو نه لاچار هو- ڄڻ ڪو اپاهج هو، جنهن جي وس ۾ ڪجهه به نه هجي. هو رڳو ايترو به چئي نٿي سگهيو: ’نه رو، نازو نه رو...‘ پر اها ڳالهه اجائي ۽ رسمي لڳي ها. ماڻهو جڏهن بيو ڪجهه نه ڪري سگهندو آهي، تڏهن رڳو روئي سگهندو آهي. روئڻ بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ جو ۽ ڪجهه نه ڪري سگهڻ جو اظهار آهي. هن کي ائين لڳو ته جيڪڏهن هو اتي گهڻي دير ويٺو رهيو ته پوءِ ڄمي پٿر بنجي ويندو. هن هڪ ڏکيو ساهه کنيو ۽ هن جي واتان نڪتو، ”دل نه لاهه نازو، ڪو بِلو ٿي پوندو.“ ۽ پوءِ

هو تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو، جڻ اتي وڌيڪ ترسندي ڊڄندو هجي. 'پر جيڪڏهن آءٌ پٽر بنجي وڃان ها ته وڌيڪ سنو ٿئي ها منهنجي لاءِ. گهٽ ۾ گهٽ هيئن عذاب ته نه سهان ها. جيڪر آءٌ رڳو پٽر هجان ها، ٻيو ڪجهه نه هجان ها'. هارون سوچيو.

هن پاسو ورائي ڪمري ڪان ٻاهر ڏٺو. پرڀات جي هلڪي هلڪي اجاڻ پڌري ٿي رهي هئي. هن جي اک هڪ گهڙي جي لاءِ به ڪا نه لڳي هئي. 'سگهو ئي امان اٿندي ۽ مون کي جاڳندو ڏسي پريشان ٿيندي'. هارون نٿي چاهيو ته سندس ماءُ هرويرو پريشان ٿئي. هن جي پنهنجي ماءُ سان ڏاڍي دل هئي. هو ماءُ جي ٿوري تڪليف به سهي نه سگهندو هو. سندس ماءُ بيمار ٿيندي هئي ته هو ماءُ کان وڌيڪ پريشان ٿي ويندو هو. اهو هن جو ننڍي هوندي کان ئي سڀاءُ ٿي ويو هو، ته جڏهن سندس ماءُ بيمار ٿيندي هئي تڏهن هو ايترو ته منجهي پوندو هو، جو ڪيس ڪا به ڳالهه ڪانه وڻندي هئي. پهرين ته رانديون ٻانديون ڇڏي ماءُ جي پر ونئي ويهي رهندو هو. ماءُ کان هن جي اها پريشاني ڏٺي نه ٿيندي هئي ۽ هوءَ زور ڪري کيس راند ڪرڻ لاءِ موڪليندي هئي، پر راند ۾ هن جي دل نه لڳندي هئي، هو ذري ذري راند ڇڏي ماءُ کي ڏسڻ ايندو هو ته ڪيئن آهي. پاسي ۾ اچي ويهي پڇندو هو: ”امان! گهڻي تلي آهين؟“ هن جي ماءُ مرڪي متي تي هٿ ڦيري چوندي هئي: ”ها بابا! آءٌ ڪنگي تلي آهيان، تون وڃي راند ڪر.“ هن جي ننڍڙي معصوم دل ۾ الائي اهو خيال ڪيئن ايندو هو ته جيڪڏهن امان مري وئي ته....! هو روئڻ لڳندو هو ۽ سوچيندو هو ته آءٌ به امان سان گڏ مري ويندس.

هو جڏهن سوچڻ سمجهڻ جهڙو ٿيو، تڏهن هن کي خبر پئي ته ماءُ سان سندس ايڏي دل ڇو هئي؟ هن جي ماءُ ڏاڍي دکي

هئي. شادي تيڻ کان پوءِ، سواءِ ڏکن ۽ تڪليفن جي، ٻيو هن کي ڪجهه به پلئه ڪين پيو هو. هن جي زندگيءَ ۾ ڪا خوشي آئي هئي ته به وڄ جي چمڪات وانگر، نه ته ٻاٽ اوندهه هئي. هوءَ جيئن ئي پرائي گهر ۾ آئي، تيئن ئي گهر جي ماڻهن جي ساڻس نه پئي. هن جو مڙس، جيڪو گهر ۾ پاڻ کي لاچار سمجهندو هو، تنهن ان لاچاريءَ ۽ بدنصيبيءَ ۾ هارون جي ماءُ کي به ڀاڱي ڀائيوار ڪيو. هارون جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن هن کي پنهنجي ماءُ ڌرتيءَ وانگر لڳي هئي، جنهن الائي ڪهڙا ڪهڙا ڏک ۽ ڪهڙا ڪهڙا ويڻ سنا هئا، پر ڌرتيءَ وانگر گونگي بڻجي، سيڪجهه سهندي وئي. هن جي ماءُ جو اندر ڪاٺ کي لڳل سُري وانگر ڪاچي ڪوڪلو ٿي ويو هو. پر پوءِ به هن جي ڏڪويل ۽ مرجهايل دل ۾ صبر جو اٿاهه سمنڊ سمايل هو، جنهن جي ڪا لڪا ئي ڪانه ٿي پئي. هارون جو ننڍڙو پتڪڙو وجود هن جي لاءِ وڏي آٿت هو. هوءَ جيئري هئي ته رڳو هارون جي لاءِ، هارون هن جي جيءَ جو جياپو هو.

هارون ماءُ جي پيار جي پورهئي سبب ان لائق بڻيو هو، جو هو نه رڳو پنهنجو، پر پنهنجي گهر جو بار به کڻي سگهيو هو. هينئر جڏهن هن جي ماءُ جا سڀ ڏک ڏولاوا دور ٿيا هئا، ساهه ۾ ساندياڻيل آسون پوريون ٿيون هيون، تڏهن هارون پنهنجين خوشين کي ماڻڻ کان هن کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري رهيو هو.

’آءٌ جيڪو پنهنجي ماءُ جي معمولي بيماريءَ تي پريشان ٿي پوندو آهيان، سو پنهنجي ماءُ کي هميشه لاءِ ڇڏي، ڪئ ڌارئي گهر ۾ رهي سگهندس؟‘ هارون پاڻ کان پڇيو.

”هارون، او ابا هارون!“ ماءُ هن کي سڏي رهي هئي. هو دت نيو، چپ چاپ پيو هو. هن ماءُ کي جواب ڏيڻ نٿي چاهيو. ان وقت وچتو هن کي خيال آيو، ’ڇا آءٌ ٻين جي لاءِ پنهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏيان، پنهنجن خوشين جو گلو گهٽي ڇڏيان! نه، آءٌ هينئر ٻار

نہ آهيان. پنهنجي زندگيءَ ۽ مستقبل جو پاڻ ذميدار آهيان. مون نازوءَ سان وعدو ڪيو هو تہ آءٌ سچيءَ دنيا کي ڇڏي سگهان ٿو، پر ڪيس نہ. آءٌ پنهنجو اهو وعدو ضرور پاڙيندس.

”هارون، او ابا هارون!“ ماءُ ڪيس اچا بہ سڏي رهي هئي. هارون کي ماءُ جي سڏنُ تي ڪاوڙ اچي وئي.

”چو امان! ننڊ ڪٽي ڦٽائي اٿئي.“ هن چڙ مان چيو.

”ابا، دير ٿي وئي آهي، آفيس بہ وڃڻو اٿئي،“ ماءُ کي هن جي چڙ تي حيرت لڳي.

”نہ. اج آفيس ڪونہ ويندس. طبيعت نيڪ ڪانهي.“

؟خير تہ آهي، دشمنن جي طبيعت کي ڇا ٿيو آهي؟“ ماءُ پريشان ٿي پئي.

”ڪجهہ ناهي امان، رات ننڊ ڪا نہ آئي، ان ڪري مٿي ۾ سور آهي“. هارون کي پنهنجي رويي تي شرم محسوس ٿيو ۽ هن لهجي کي نرم بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”ٿوري دير سمهندس تہ طبيعت نيڪ ٿي ويندي.“

ماءُ هن کي وياڪل نظرن سان ڏسندي هلي وئي، تڏهن هارون کي احساس ٿيو تہ هن ماءُ سان بيواجبي ڪئي هئي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ماءُ سان ايڏو کهرو ٿي ڳالهايو هو. هو پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ لڳو.

’پر آخر آءٌ ڇا ڪريان! ڇا ڪريان! مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.....‘ هو انهن سوالن کان پريشان ٿي، نيٽ ڪٽ تان اٿيو ۽ ڏندڻ- پاٽي ڪري وري موٽي کٽ تي اچي وينو. هارون جي ننڍي ڀيڻ عذرا چانهن جو ڪوپ ڪٽي اچي هن جي اڳيان بيٺي. هارون اکيون مٿي نہ ڪنيون، ۽ چپ چاپ هن کان ڪوپ وٺي چانهن پيئڻ لڳو.

”ادا! تنهنجي طبيعت تہ نيڪ آهي؟“عذرا هن کان پڇيو. هارون مٿي نهاريو. عذرا ۽ سندس ماءُ پريشانيءَ وچان

هن کي ڏسي رهيون هيون.

”آءٌ بلڪل نيڪ آهيان. اوهان هرويرو پريشان ٿيون هيو....“ هن مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ماءُ ۽ عذرا کي هن جي ڳالهہ تي اعتبار ڪونہ آيو. هن جي ٿڪل ۽ پيلي شڪل پاڻمرادو ٻڌائي رهي هئي. هارون سوچيو تہ هو ماءُ کي سيڪجهہ ٻڌائي ڇڏي.

”امان! ڪالهہ نازوءَ جي ماءُ مون کي سڏايو هو.“

”پوءِ، ڇا چيائين؟“ ماءُ هن کان پڇيو.

”هوءَ چاهي ٿي تہ آءٌ نازوءَ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ سندن گهر ۾، ساڻن گڏ رهان.“

هن جي ماءُ جي چپن تي دک ڳاڙڙ مرڪ آئي، ”چريا، تو پاڻ کي ان ڳالهہ جي ڪري هرويرو ڪٽي پريشان ڪيو آهي. تو سمجهيو ٿي تہ آءٌ تو کي اجازت نہ ڏينديس! تنهنجي خوشي ئي تہ اسان جي خوشي آهي. تو کي اسان ان لاءِ سانڍي ساري وڏو ڪونہ ڪيو هو، تہ تنهنجون خوشيون کسيون. تون اڄ ئي وڃي نازوءَ جي ماءُ سان هائوڪار ڪري اچ.“ شايد هوءَ پنهنجن احساسن کي اندر ئي اندر گهُٽڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

هارون جي نڙيءَ ۾ ڳوڙهو اٽڪي پيو هو. هن جيئن ڳيت ڏيئي ڳوڙهي کي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش تي ڪئي، تيئن اهو مٿي چڙهي ٿي آيو. ان گهڙيءَ هن کي عذرا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ”ادا، پوءِ تون اسان کي ڇڏي هليو ويندين!“

ڄڻ ڪو ڌماڪو ٿيو هو، جنهن هارون جي سڄي سموري وجود کي ڌوڏي ڇڏيو. هو ٽٽي پيو هو.

”عذرا!“ نڙيءَ ۾ ڦاٿل ڳوڙهو هيٺ لهي ويو، ۽ هڪ گهٽيل رڙ نڪتي. هن پيڻ کي ڏاڍي پاٻوهہ مان ڀاڪر پاتو. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ تہ هن پنهنجي وجود کي ٽٽڻ کان بچائي ورتو هو.

# پڳل ٽٽل ٺهڪ

مون هٿن تي ميندي رکڻ نٿي چاهي، پر سيني مائٽياڻين زور ڀريو هو. هنن کي منهنجي انڪار تي حيرت لڳي هئي. ”مائي، هي کهڙو نينگرو آهي، ميندي رکڻ نٿو ڏئي! مينديءَ ڪانسواءِ کهڙي شادي!“ سيني وڏين ننڍين مائٽياڻين زوريءَ وني وجي منجيءَ تي ويهاريو هو. تڏهن اوچتو گوڙ مچي ويو هو. ” شمع پئي اچي!...... ائي، شمع آئي آهي.....“

هانءَ کي جهٻي اچي وئي. اندر جو خلا وڏيڪ گهرو ٿي ويو.

”مڙسهنس الائي ڪيئن ڇڏيو!“ امان چيو ۽ سيئي ٻاهر وني ڀڳيون. گهڙي کن جي لاءِ آءٌ اڪيلو رهجي ويس ۽ چاهيم ته منجيءَ تان اٿي هليو وڃان.

”ادي، اسان کي اميد ئي ڪا نه هئي ته تون ڪو ايندينءَ!“

”ائي چڱو ٿيو جو آئينءَ، هلي گهوٽ جي هٿن تي ميندي رک.“

مون هن جو آواز ڪو نه ٻڌو، پر لڳو ته هوءَ ٽٽائي رهي هئي. جڏهن سڀ مايون موٽڻ لڳيون، ته ان وقت لائيٽ هلي وئي. شايد اهو چڱو ئي ٿيو هو. ايترن سارن ماڻهن جي اڳيان ۽ ان حالت ۾ مون هن کي ڏسڻ نٿي چاهيو. مون هن کي ڏسڻ چاهيو هو، ڏهه سال ٿي ويا هئا ته آءٌ ڪيس ڏسي نه سگهيو هوس. هوءَ هاڻي مون کي ان حالت ۾ ڏسي ڇا محسوس ڪندي! اهو سڀ مون ايترن ماڻهن جي اڳيان چاهڻ نٿي چاهيو. پر هانءَ ۾ ڪا چيت ڦاٿي پئي هئي.

ڪنهن تڙ تڪڙ ۾ ميڻ بتي ٻاري هئي. ماين هن کي ونئي اچي منهنجي اڳيان ويهاريو.” ابا، هٿ سڌا ڪر ته شمع ميندي رکي.“ ڪنهن چيو. مون پنهنجا ٻئي هٿ هن جي اڳيان جهليا. شمع ٿالهيءَ مان ميندي ڪڍي منهنجن هٿن تي لاتي. مون کي لڳو ته هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا يا شايد منهنجا هٿ به ڏڪي رهيا هئا.......

مايون ڪو ڳيچ ڳائي رهيون هيون. مون اونڌه ۾ هن کي ڏسڻ چاهيو. هوءَ ٻت ۾ ڪجهه پڙجي وئي هئي.

”شمع، تون ايتري سهڻي ڇو آهين جو ماڻهو رڳو تنهنجو ٻاهريون روپ ئي ڏسندو رهي؟“

”ڇو، مان اندر ۾ ايتري ڪوجهي آهيان ڇا؟“

پولار تائين اڌامندڙ منهنجا ٽهڪ.

”تون ايڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو آهين جو پاڙي وارا به ٻڌندا آهن.“

”تنهنجا ٽهڪ ته ڄڻ ڏاڍا ڏبيل آهن!“

”تڏهن به ماڻهو ته تنهنجن ٽهڪن جي ڳالهه ڪندا آهن.“

” شمع، ٽهڪ ٻن قسمن جا هوندا آهن: هڪڙا خوشيءَ، بيفڪريءَ جا هوندا آهن ۽ ٻيا ڏک جا، اندر جي پيڙا کي لڪائڻ جي لاءِ هوندا آهن.“

”ان معلومات ڏيڻ جي لاءِ مهرباني،“ هن کلندي چيو. ” پلا سائينءَ جن جا ٽهڪ انهن مان ڪهڙي قسم جا آهن؟“

شمع هٿن جي پنيءَ سان جلديءَ ۾ اکيون اگهي ورتيون. هوءَ اٿي بيٺي. هٿن تي پوري ميندي ڪا نه لڳي هئي. پوءِ الاجي ڪير ڪير ميندي هڻڻ لڳي. تيستائين لائيٽ به اچي وئي هئي، پر شمع ماين جي ميڙاڪي ۾ وڃائجي وئي.

منهنجون اکيون ڏجنديءَ ڏجنديءَ ماين جي ميڙ ۾ هن کي ڳولهڻ لڳيون — پر هوءَ ته ڏهه سال اڳ وڃائجي وئي هئي.

"تنهنجي انٽرويوءَ جو ڇا ٿيو؟"

"اڃا خبر نه پئي آهي."

"ءِ ان کان اڳ جيڪو انٽرويو ٿيو هو؟"

"مون کي نه ڪنيائون."

"هاڻي جيڪو انٽرويو ڏنو اٿئي تنهن ۾ ڪا اميد آهي؟"

" ان ۾ به اميد گهٽ آهي."

"ڇو ڀلا، تو سان ڪا دشمني اٿن ڇا؟"

" تون ڇا ٿي سمجهين ته آءٌ انٽرويو ۾ پاس نٿو ٿيان؟"

"خير، آءٌ ائين ته ڪا نه چونديس ته تون صفا چٽ آهين،" هوءَ کلڻ لڳي، پر آءٌ مرڪي به نه سگهيس.

"توکي خبر آهي ته سفارش کان سواءِ ڪا نوڪري نه ملندي آهي. مون وٽ ڪهڙي سفارش آهي جو اميد رکان؟"

" اهو سلسلو ڪيستائين هلندو؟"

"ڪهڙو سلسلو؟"

" انٽرويوئن جو. آخر ڪو نتيجو به نڪرندو يا....."

" منهنجي وس جي ڳالهه هجي ها ته گهڻا ڏينهن اڳ نوڪري وٺي ويهان ها. ڪٿي تون ان سلسلي مان بيزار ته ڪا نه ٿي پئي آهين؟"

"اها ڳالهه تون سوچي سگهين ٿو! آءٌ ته ڪنهن به حالت ۾ بيزار ٿي نـ ـي سگهان، پر....."

" پر ڇا؟ ڏس شمع، مون کي تنهنجي اها ڳالهه ڪا نه وڻندي آهي. تون مون کان جڏهن ڪا ڳالهه لڪائيندي آهين ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. جيڪي ڪجهه آهي سو مون کي صاف صاف ٻڌاءِ."

”تون اصل ڪان موکي مٿر آهين. آءٌ تو ڪان ڪا ڳالهه ڇو لڪائيندس؟ آءٌ نٿي چاهيان تہ توکي اجايون سجايون ڳالهيون ٻڌائي پريشان ڪريان. تو لاءِ بيرزوگاري ڪا گهٽ پريشاني آهي؟“

”چاچا جن بيزار ٿي پيا هوندا. اها ڳالهہ آهي نہ؟“

شمع چپ رهي.

”اها ڳالهہ آءٌ بہ محسوس ڪريان پيو. پر آءٌ چاچا جن کي ڏوهہ نٿو ڏيان. هو بيروزگار ماڻهوءَ جو بار ڪيستائين کڻندا. بيروزگار پُٽ مان تہ ماءُ-پيءُ بہ بيزار ٿي پوندا آهن. اها بہ چاچا جن جي مهرباني آهي تہ مون کي ايترو وقت پنهنجي گهر ۾ رهايو اٿن، نہ تہ ڪراچيءَ جهڙي مهانگي شهر ۾ آءٌ ڪٿي رهي سگهان ها. بس، هفتي کان پوءِ آخري انٽرويو ڏئي آءٌ پنهنجي گهر هليو ويندس.“

مون نٿي چاهيو تہ شمع مون کي ڪوڙو آٿت ڏئي. جيڪڏهن هوءَ ڪجهہ چوي ها، تہ سندس لفظ مون کي رسمي ۽ بي معنيٰ لڳن ها. هوءَ چپ چاپ بيوسيءَ وچان مون کي ڏسندي رهي.

شمع منهنجي ماسيءَ جي ڌيءَ هئي. هن جو پيءُ اناج جو واپاري هو ۽ چڱو ڀينل ماڻهو هو. هن جا ايترا واسطا هئا جو ٿوري ڪوشش ڪري ها تہ مون کي ايري سيري نوڪري ملڻ ڏکي ڳالهہ نہ هئي. پر هو گهر ۾ ايترو لاتعلق رهندو هو ۽ طبيعت جو ايترو کهرو رهندو هو جو ڪير چوڻ جي همت ساري نہ سگهيس. ماسيءَ جي تہ ٻڌندو ئي ڪو نہ هو. ڪڏهن ڪڏهن منهن سامهون اچي ويندو هو تہ پڇندو، ”ڏي خبر، چا ٿيو تنهنجو؟“ ۽ آءٌ وراڻيندو هوس، ”اجا تہ ڪجهہ نہ ٿيو آهي.“ هو اکيتي وڌي ويندو هو.

آءٌ ڳوٺ هليو ويس. بابا ۽ امان انڪار ڪري ڇڏيو تہ

جيستائين پنهنجن پيرن تي نہ بيهندين تيستائين، شمع جي مائٽن سان ڳالهائڻ نہ ويندا. ”اسين پنهنجو پيٽ مس ٿا پري سگهون، سو پرائي ڌيءَ کي مصيبت ۾ وجهون.“

پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۾ مون کي گهڻو وقت لڳي ويو ۽ شمع جي شادي ٿي وئي. هڪڙو وڏو واپاري جنهن جو ٻاهرين ملڪن ۾ بہ ڪاروبار هو، شمع جي پيءُ جو دوست هو ۽ چاليهن سالن تائين ڪنوارو رهيو هو. شمع سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هو گهر گرهستيءَ وارو ٿي ويو.

آءٌ هٿن تان ميندي روڙي وري ٿالهيءَ ۾ رکڻ لڳس. هڪڙي مائيءَ ڏسي ورتو.

”اڙي ابا، هي ڇا ٿو ڪرين، اڃا تہ رنگ لڳو ئي ڪو نہ هوندو!“

” مون کي هٿ ڳاڙها ڪرڻا نہ آهن. اوهان تہ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي، هاڻي منهنجي مرضي.“

”مائي، نينگرو آهي يا ڇا؟ اهڙي ڪار تہ اسان ڪڏهن ڪا نہ ڏٺي،“

ماين کي منهنجي هلت تي عجب لڳي رهيو هو.

آءٌ هٿن تان ميندي لاهي گهر مان ٻاهر نڪري ويس. ٻاهر مائٽ هئا، وڏا ننڍا ۽ واقفڪار هئا. منهنجي ۽ مائٽن جي وچ ۾ پُل مون کي هميشہ ٽٽل لڳي آهي. هنن سان گڏ ويهي ڳالهائڻ تي ڪڏهن دل نہ ٿي آهي. مون جيستائين پڙهيو، اهي ئي مائٽ هئا جيڪي منهنجي ماءُ- پيءُ تي کلندا، ٽوڪون ڪندا رهيا تہ هي بہ پڙهي مائٽن کي ڪٿي ڪارائيندو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪلارڪي يا ماستري وٺائي ڏيارڻ جي لاءِ انهن ئي مائٽن کي منٿون ڪندو رهيس ۽ هو مون کي بيروزگار ڏسي، پريشانيءَ وچان رلندو ڏسي خوش ٿيندا مرڪندا رهيا. هنن پاڻ تہ ڪڏهن مون سان همدرديءَ جا ٻہ ٻول نہ ڪيا، پر ان سڀني ميڙ مان

جنهن مون سان همدردي ڪئي، جنهن منهنجين محرومين ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيو تنهن کي بہ نہ سنو. انهن مائٽن ئي تہ مون کي اڪٽ محرومين جي رڻ ۾ اڪيلائي ڇڏيو هو. آءٌ اهو رڻ جهاڳيندو ڪنهن ماڳ تي پهچڻ لاءِ ڀٽڪندو رهجي ويس.

ٻاهر اچي مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. لچندڙ من کي پناهہ نہ ڪا ٻاهر تي ملي نہ ڪا گهر ۾. مون کي ڏسي سڀ منافقيءَ سان مرڪي سرڪي ڳالهائڻ لڳا. مون کي خبر نہ هئي تہ هنن ڇا پئي ڳالهايو ۽ مون ڇا پئي ڳالهايو. آءٌ وري بہ موٽي گهر ۾ آيس. ماين جو گوڙ لڳو پيو هو. آءٌ ڪمري ۾ وڃي ليٽي پيس. ڊپريشن وڌي وئي هئي ۽ مٿو ڳرو ٿي پيو. مون کي لڳو تہ اهو سڀ اجايو هو. سروائيو ڪرڻ جي لاءِ مون جيڪا جاکوڙ ڪئي سا اجائي هئي. اونداهي ڪمري ۾ مون پنهنجو نفسياتي چيد ڪرڻ چاهيو. منهنجي شخصيت جون مکيہ ڳالهيون محروميون، مايوسيون ۽ ناڪاميون هيون جيڪي سڄي زندگيءَ جون حاصلات هيون. شخصيت ۾ ڪٿي ڪا ڳالهہ ڪٿل هئي. ڪا ازلي ڪوٽ هئي. اها ڪوٽ ڪهڙي هئي؟ بنياد ڪٿي هو؟ مون کي پنهنجي اڻچاٽائيءَ تي ڪل اچي وئي.

”شمع، منطق اهو ٿي چئي تہ جنهن ماڻهوءَ سان اوهان دل جي گهرائين سان پيار تا ڪريو تنهن لاءِ چڱائيءَ جي ڳالهہ سوچيو، هن جي بهتريءَ لاءِ سوچيو.“

”پوءِ تو منهنجي چڱائي ۽ بهتريءَ لاءِ ڇا سوچيو آهي؟“ هن کلندي پڇيو.

”اهو تہ مون سان گڏ تون خوش نہ رهي سگهندينءَ.“

هوءَ ڪجهہ دير تائين مون کي ڏسندي رهي. پوءِ هن ڳالهايو تہ سندس آواز ڏڪويل هو.

”اهو تو ڪيئن سمجهيو؟“

” مون وٽ تو کي ڪهڙو سک ملندو؟ تو کي سکي رکڻ ۽ تو کي خوشين ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه ڪونهي.“

”آءٌ اندي ڪا نہ آهيان. مون کي خبر آهي تہ خوشيون ۽ سک تو وٽ ڪونهن. مون تنهنجن ڏکن ۽ احساسن کي پنهنجو ڪرڻ چاهيو آهي. اها پنهنجي منطق پاڻ وٽ رک ۽ چريائپ جون ڳالهيون سوچڻ ڇڏي ڏي.“

پر آءٌ اڳي کان بہ وڌيڪ چريائپ جون ڳالهيون سوچڻ لڳو آهيان. جيڪڏهن مون کي شمع جو ساٿ ملي ها تہ شايد منهنجي شخصيت جي کوٽ پوري ٿي وڃي ها. شمع منهنجي لاءِ وڏو آٿت هجي ها، وڏو سهارو هجي ها. هوءَ مون کي ڪڏهن بہ ٿڪجڻ نہ ڏئي ها. هن شاديءَ کان اڳ شيشو ڪٽي ڪائي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ مون اهو ٻڌي پاڳلن وانگر ٿهڪ ڏنا هئا ۽ پوءِ روئي پيو هوس.

ٻاهر هل غوغاءُ هو ۽ ڪمري ۾ اندر اوندهہ هئي. آءٌ ڪٿي بہ ڪو نہ هوس. مون پاڻ کي ڳولڻ چاهيو، پر اوندهہ منهنجي شخصيت جي ڪڏهن نہ پرجندڙ کوٽ وانگر ۽ محرومين وانگر اڻ کٽ هئي، گهاٽي ۽ ڦهليل هئي. اوندهہ ڇئني ڏسائن ۾ پري پري تائين، نيڻ نهار تائين، وئي ٿي پکڙبي. مون هٿ پير هڻڻ چاهيا، رڙيون ڪرڻ چاهيون، پر اوندهہ وڌيڪ گهاٽي، وڌيڪ ڳري ٿيندي وئي........

اوچتو ڪمرو روشن ٿي ويو. هڪ پل جي لاءِ ٻئي هٿ اکين تي ڪٽي رکيم. بٽڻ الائي ڪنهن هيٺ ڪيو هو. اکين تان هٿ هٽايم تہ سامهون شمع بيٺي هئي.

”اوندهہ ۾ ڇا ڏسي رهيو هئين؟“

”پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو

هوس.“

”بيبو ماٺ ئي ننڍو ڪري. ماسيءَ چيو تہ ڪٻٽ ۾ رانديڪا پيا آهن، اهي ڏيانس تہ من ماٺ ڪري. چوي ٿو تہ بابا ڪار ۾ چاڙهي گهمائي. هاڻي هتي ڪٿس ڪتي آهي جو گهمائيس.“

”چو غفار صاحب ڪو نہ آيو؟“

” نہ. ڏاڊو بزي هو. اِف يو ڊونٽ مائينڊ،آءٌ بيبوءَ کي هتي ڪٽي اچان تہ من رانديڪن سان ريجهي سمهي پئي. ٻاهر گوڙ ۾ تہ ننڊ ڪانہ ايندس.“

”اهو تون ٿي ڳالهائين تہ آءٌ مائينڊ ڪندس!“ هوءَ مرڪي ٻاهر هلي وئي ۽ ننڍڙي کي ڪٽي اندر آئي.

”چاچا کي سلام ڪر،“ اڍائي-ٽن سالن جي خوبصورت ۽ صحتمند بيبوءَ مون ڏانهن غور سان ڏٺو. شمع هن کي هيٺ ويهاري ڪٻٽ مان رانديڪا ڪڍي سندس اڳيان رکيا. هوءَ بہ ساڻس گڏ راند ڪرڻ ويهي رهي. آءٌ کٽ تي ويهي ٻنهي کي ڏسڻ لڳس. بيبو راند ۾ وندري ويو ۽ پوءِ هو پاڻهي کيڏڻ لڳو. شمع ڪرسيءَ تي چڙهي ويٺي.

”بيبو ڪائون نمبر آهي؟“ مون پڇيو.

”ٽيون نمبر. ڪانئس وڏي ڀيڻ ۽ هڪ ڀاءُ آهي.“

”اهي نہ آيا آهن چا؟“

”نہ، پنهنجي ڏاڏيءَ جي گهر ويل آهن.“

”غفار صاحب تو کي خوشيءَ سان ڇڏيو يا....“

”هن مون کي ڪڏهن بہ روڪيو ناهي ڪٿي بہ وڃڻ کان. ڪيس تہ واندڪائي هوندي ڪانهي، اڪثر ٻاهر رهندو آهي. پاڻ چئي ڇڏيو اٿس تہ ڪيڏانهن بہ وڃڻ چاهيان تہ وڃي سگهان ٿي. پر منهنجي دل نہ چوندي آهي ڪٿي وڃڻ لاءِ.“

”اڪيلي هئڻ ڪري.

هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ چپ رهي. شايد جواب سوچي رهي هئي، مون وري ٻيو سوال پڇيو.

”تون خوش ۽ مطمئن آهين؟“

هڪ ڪن جي لاءِ هن جون نظرون پتراڻجي ڪنهن خيالي نقطي تي کپي ويون. مون سوچيو ته مون کي اهڙو سوال پڇڻ نه کپندو هو.

نيٺ هن ڳالهايو ۽ سندس آواز گنڀير هو، ”اسان ٻنهي ۾ ويهن سالن جو ويڇو آهي. آءٌ هن کي ذهني طور قبول نه ڪري سگهيس، پر پوءِ مون ڪان سڀ وسري ويو. هو منهنجن ٽن ٻارن جو پيءُ آهي. مون کي هن لاءِ عزت آهي ۽ ماڻهو ماضيءَ جي لاءِ ڪيستائين ماتم ڪندو رهندو سو ٻه ٽڏهن جڏهن سمجهوتي ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هجي......“

مون چيو، ”مون کي افسوس آهي. اهڙن ذاتي قسم جي سوالن پڇڻ جو مون کي حق ڪونهي.“

”نه، ائين ته ڪونهي، اسين بهرحال ڏاريا ڪونه آهيون جو هڪٻئي ڪان حال ٻه نه پڇون،“ هوءَ کلي پئي. ”آءٌ پنهنجي گهر ۾ پنهنجن ٻارڙن سان گڏ خوش ۽ مطمئن آهيان. سچي ڳالهه اها آهي ته هو مون کي خوش رکڻ جي گهٽي ڪوشش ڪندو آهي. هينئر شاديءَ جي دعوت ملي ته هن ئي زور ڀريو هو شريڪ ٿيڻ لاءِ.“

” تو پاڻ اچڻ نٿي چاهيو؟“

”مون پاڻ؟ آءٌ نه چاهيان ها ته نه اچان ها. مون پاڻ چاهيو هو ته ڏسان ايترن سالن ۾ ڇا ٿيو آهي. تو ۾ ڪيتري تبديلي آئي آهي، جيڪا نه آئي آهي، ۽ تو چونڊ ڪهڙي ڪئي آهي؟“

”چونڊ ٻين جي آهي، مون رڳو هاڪار ڪئي آهي. خير تو کي ڪيئن لڳي؟“

”هڪڙي ڳالهه پڇان؟ تون هڪ اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڇو ڪري رهيو آهين جيڪا اڻ پڙهيل آهي، صفا گهريلو

ٽائيپ جي آهي.“

”ان جا ڪارڻ گهڻا آهن، جن ۾ منهنجي ماءُ-پيءُ جي خواهش جو بہ وڏو دخل آهي. انهن گهرو ڳالهين ۽ ٻين جي مرضين کي ڇڏي جيڪڏهن تون اهو ڄاڻڻ گهرين ٿي تہ ان ۾ منهنجي ڪهڙي ڪنسيڊريشن آهي تہ شايد ڇتائي سان ڪجھ ٻڌائي نہ سگهان.“ آءٌ چپ ٿي ويو هوس. پنهنجو پاڻ کي گڏ ڪري هڪ هنڌ آڻڻ جي جاکوڙ ڪري رهيو هوس. ” تو کي هارائڻ ڪان پوءِ مون جيڪا ذهني پيڙا سٺي آهي تنهن مون کي شايد اذيت پسند بنائي ڇڏيو آهي. ان ڪري آءٌ مسلسل هارائڻ ٿو چاهيان. هيءَ شادي بہ منهنجي هار آهي. ٻي ڳالھ تہ آءٌ اڪيلو ۽ پنهنجو پاڻ ۾ رهڻ ٿو چاهيان ۽ هيءَ ڇوڪري منهنجي اڪيلائي ۾ دخل ڪانہ ڏيندي.“

”تون پليل آهين. اها ڳالھ اڳتي هلي تو کي وڌيڪ دکي بنائيندي. توکي اهڙي ڇوڪري چونڊڻ کپندي هئي، جيڪا ذهني طور توکي سمجهي سگهي. تنهنجا دليل تہ مون کي سمجھ ۾ ئي نہ ٿا اچن.“

”اهو مون توکي پهرين چيو هو تہ آءٌ تنهنجي سوال جو جواب ڇتائي سان نہ ڏيئي سگهندس.“

ٻيبو هاڻي رانديڪن مان بيزار ٿي پيو هو ۽ ننڍاڪڙو پئي لڳو. شمع هن کي کڻي پنهنجي هنج ۾ ليٽايو.

”تون هن کي پيار ڏيئي سگهندين؟“ هن اوچتو پڇيو.

”پيار؟ مون جهڙن ماڻهن وٽ اڻ ميو پيار هوندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪٿي دل چيو تہ سموري پيار جي پالوٽ ڪري ڇڏيندا سين ۽ ڪٿي دل چيو نہ ڪيو تہ ايترا ڪنجوس ٿي ويندا سين جو دولت جو ڪنجوس بہ نہ پڄي.“

”جيڪڏهن هوءَ تو کي پنهنجو سمورو پيار ڏيئي ڇڏي؟“

”ڏسجي! ديٽ ڊپيندس.“

هوءَ ڪلڻ لڳي، ” خدا ويچاريءَ تي رحم ڪري.“
”۽ هن سان گڏ مون تي به.“
”تو پاڻ تي رحم ڪو نه ڪيو آهي ته خدا توتي ڪهڙو رحم ڪندو؟“
ايڏو سراپ! آءٌ ڏڪي ويس.
”بيبوءَ کي ننڊ اچي رهي آهي. آءٌ هاڻي هلان ٿي،“ هوءَ بيبوءَ کي ڪڇي اٿي بيٺي ۽ ٻاهر هلي وئي.
جڏهن هُل ۽ گوڙ ختم ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهو سڀ هليا ويندا آهن ته ائين لڳندو آهي ڄڻ طوفان ۽ گجگوڙ کان پوءِ اوچتو خاموشي ۽ گهُٽ ٻوسات ٿي ويئي هجي. اها ماٺ ۽ اڪيلائي ڪيڏي عجيب ۽ پوائتي هوندي آهي. اهو طوفان جيڪو منهنجي ڪري لڳو هو، جنهن ۾ منهنجي مرضي شامل نه هئي تنهن جو شڪار آءٌ ئي ٿيو هوس. ان هر شيءِ کي ڊاهي پيجي پاڙان اکوڙي اڇلائي ڇڏيو هو. شمع چيو هو، ’تون پليل آهين....‘ آءٌ سچ پچ پليل هوس. تڏهن مون کي احساس ٿيو ته اهو سڀ مون نه چاهيو هو. مون کي رڳو جسم ڪو نه کپندو هو. اسين ٻئي هڪ ئي کٽ تي ليٽيا پيا هئاسين ۽ الائجي ڪيترو پري هئاسين. مون ڪوشش ڪئي هئي ته ٻنهي جي وچ ۾ بيٺل اڻ لکي ديوار کي ڊاهيان.
”تون ايتري ماٺ ڇو آهين؟“
”بس.“
”پوءِ ڇا ڳالهه آهي؟“
”ڪجهه ڪونهي.“
”تو کي شايد اڃا ڏک آهي؟“
هوءَ چپ.
”مائٽن کان وڇڙڻ جو ڏک اڃا اٿئي؟“
”اون هون.“
”مائٽن سان دل ته ضرور هوندئي؟“

”ها.“

”پيءُ سان وڌيڪ دل اٿئي يا ماءُ سان؟“

”ٻنهي سان.“

”تڏهن ٻه ٻنهي مان ڪنهن هڪڙي سان ضرور وڌيڪ هوندئي.“

”الاجي“

”ڀلا تو کي تنهنجي ماءُ وڌيڪ ڀائيندي آهي يا پيءُ؟“

”ٻئي.“

”تو کي هتي سک اچي ٿو؟ مونجهه نٿي محسوس ٿئي؟“

”اُون هون.“

”هونءَ تون گهر ۾ ڇا ڪندي هئين؟“

”ڪجهه نه.“

”ڪجهه نه ڇا؟ سڄو ڏينهن هٿ هٿ تي رکي هڪڙي هنڌ تي ڪانه ويٺي هوندينءَ. ضرور ڪو ڪم ڪار يا ڪنهن مهل ڪا وندر ڪندي هوندينءَ؟“

”گهر جو ڪم.“

”کهڙو ڪم؟ رڌ پچاءُ ڪندي هئين؟“

”نه.“

”نه! تو ڪڏهن ڪجهه رڌيو ڪونه؟“

”نه.“

”تنهنجون ساهيڙيون هونديون؟“

”ها.“

”تو جنهن مهل هنن کان موڪلايو هو تنهن وقت رنيون هونديون؟“

هوءَ چپ.

”چو، ننڊ پئي اچي يا طبيعت ٺيڪ ڪا نه اٿئي؟“

”اون هون.“

ڳچ ڏينهن کان پوءِ-

آءٌ ٻاهران اچي رهيو هوس. ڪمري مان منهنجي زال ۽ سندس ساهيڙيءَ جا آواز پئي آيا. آءٌ هبڪي در جي ٻاهران بيهي رهيس.

"يلا اهو ٻڌائي ته ادي سان خوش ته آهين؟" ساهيڙيءَ هن کان پڇيو.

"خوش ڏوڙ هونديس. ابا جيڏو ته آهي...." هن چڙ مان چيو ۽ ٻئي جٽيون ٺهڪ ڏيڻ لڳيون. مون چاهيو ته آءٌ به ٺهڪ ڏيان وڏا وڏا، پر هنن جا ٺهڪ آسمان ڏانهن اڏامندڙ هئا ۽ منهنجا ٺهڪ ٽڪي ٽٽي هيٺ ڪري پون ها.

# ورجاءُ

”تون اهڙو ساڳيو نہ رهيو آهين....“

(۽ هن سوچيو ڇا واقعي ساڳيو نہ رهيو هو!)

”ڇا ٿي ويو آهي مون کي؟“

”تون بدلجي ويو آهين. تون اهو نہ رهيو آهين...“

(۽ هن سوچيو ڇا ٿي ويو آهي هن کي!)

”پر آءٌ تہ ساڳيو آهيان. مون کي تہ پاڻ ۾ ڪا بہ تبديلي نظر نٿي اچي.“

”تو کي ڪيئن نظر ايندو! تو کي تہ اهو بہ محسوس نٿو ٿئي تہ تو ۾ ڪيتري قدر تبديلي ايندي پئي وڃي. آءٌ گهٽي وقت کان ڏسان پئي تہ اهو ساڳيو نہ رهيو آهين.“

هن کي چڙ آئي ان ڳالهہ تي. اها ڪهڙي تبديلي هئي جنهن جو احساس کيس نہ ٿيو هو. هن چڙ کي لڪائيندي چيو، ”نہ صائمہ، اهو تنهنجو وهم آهي. مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو هر وقت هڪ جهڙو نٿو رهي. ماڻهو تہ ماڻهو آهي، پر دنيا جي ڪا بہ شئي سدائين ساڳي نٿي رهي. ماڻهو تہ وقت ۽ حالتن جي اثر هيٺ آهي. عمر وڌڻ سان گڏ ماڻهوءَ ۾ ڪي تبديليون اوس اچن ٿيون. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ آهي تہ اها ٻي ٿي سگهي ٿي.“ هن کي لڳو تہ هو خشڪ انداز ۾ اهو سڀ چئي ويو هو.

” آءٌ نٿي ڄاڻان. اهڙيون ڳالهيون ڪري مون کي سمجهائيندو نہ ڪر. مون کي تنهنجي رويي ۾ تبديلي محسوس ٿي آهي. بس....“ صائما ڪاوڙ مان چيو.

هن کي صائما جي ڪاوڙ کان هميشہ ڊپ لڳندو هو. ڪاوڙ ۾ هوءَ ڪا ٻي صائما لڳندي هئي. ايتري پري جڻ

ڪڏهن ويجهو نہ رهي هئي. گهٽي ڪاوڙ ۾ دورو پئجي ويندو هوس ۽ الائي ڇا ڇا چئي ويندي هئي. ڪاوڙ جي پڄاڻي روئڻ تي ٿيندي هئي.

هن ڪوشش ڪئي تہ ڳالهہ نہ وڌي، هن ٿڌي لهجي ۾ چيو. ”چڱو تون ئي ٻڌاءِ، آءٌ ڪيئن بدلجي ويو آهيان؟“

”تو کي ننڊ کان فرصت هجي تہ ڪا خبر پوئي. ماڻهوءَ جون رڳو جسماني ضرورتون ڪونہ هونديون آهن، ذهني ضرورتون بہ هونديون آهن. مون کي تہ لڳندو آهي تون مون سان ملندو آهين رڳو جسماني ضرورتن جي پورائي لاءِ، تنهن کان پوءِ تون ائين سمهي پوندو آهين، ڄڻ تنهنجو مون سان ڪو واسطو ئي ڪونہ هوندو آهي. آءٌ چاهيندي آهيان تون مون کي ڪجهہ ٻڌائين، مون سان ڳالهائيندو رهين، پر جي ننڊ تو کي ڇڏي! اڳي تہ سڄي سڄي رات تو کي ڪو جهوٽو بہ ڪونہ ايندو هو ۽ هاڻي رات جو ٻين لڳين کان پوءِ فنا ٿيو وڃين!“ هن جي ڪاوڙ وڌندي وئي. ”بس، سڪ پوري ٿي! تون ڪهڙو روز روز ٿو اچين مون وٽ، مهيني ۾ ڪو هڪ ٻہ ڀيرا تہ ملين ٿو، سو بہ تو کي ننڊ وڌيڪ پياري هوندي آهي.“

(۽ هن سوچيو: جڏهن تون نہ هئين تہ ننڊ بہ ڪانہ هئي).

”تو کي خبر آهي تہ آءٌ اڳي ننڊ جون گوريون کائيندو هوس، نہ تہ سڄي رات جاڳندي لڇندي گذاريندو هئس.“

”ها خبر اٿم. تو ئي ٻڌايو هو. پوءِ هاڻ ڇا ٿي ويو آهي تو کي؟“

”تو کي اها بہ خبر آهي تہ گورين کائڻ کان پوءِ جيڪا ننڊ ايندي هئي ان ۾ آءٌ لڇندو ڦٿڪندو ۽ رڙيون ڪندو هوس....“

صائمہ چڙ مان هن ڏانهن ڏٺو.

”ها ها، خبر آهي مون کي. تون چوڻ ڇا ٿو چاهين؟“

(۽ هن سوچيو: آءٌ ڇا ٿو چوڻ چاهيان!)

تڏهن هن کي ڪجهه ياد آيو.....

صائمہ جڏهن پهريون ڀيرو سندس ڪمري ۾ آئي هئي تہ هن چيو هو، ”آءٌ ڏسڻ ٿي چاهيان تہ اوهان جو ڪمرو ڪيئن آهي؟“ ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ڪلندي چيو هئائين. ”ڪمرو تہ پوري لئبريري آهي. هي ڪٻٽ جا طاق هميشہ ڪليا پيا هوندا آهن ڇا؟ مون کي چڙ ايندي آهي، ان ڳالهہ تي،“ هن ڪٻٽ وٽ وڃي کليل طاق بند ڪرڻ چاهيا. اوچتو هن جي نظر ڪٻٽ ۾ رکيل ننڍ جي گورين جي شيشي تي پئي. هن شيشي کڻي ۽ هن ڏانهن ڏٺو.

”هي گوريون اوهان کائيندا آهيو؟“صائما حيرت مان چيو.

”نہ، مون وٽ جيڪو مهمان ايندو آهي، ان کي کارائيندو آهيان.....“ هن ڳالهہ کل ۾ لنوائڻ چاهي.

”ڏسو، آءٌ سيريس آهيان. مون کي سچي ٻڌايو. اوهان کائيندا آهيو هي گوريون؟“

”ظاهر آهي آءٌ ئي کائيندو هوندس....“ هو اجا بہ مذاق جي موڊ ۾ هو.

”ڇو؟ اوهان کي ڪهڙي ضرورت آهي انهن جي؟“

”اوهان جو ڇا خيال آهي تہ مون کي شوق هوندو انهن گورين کائڻ جو....“ هو کلڻ لڳو.

”ننڊ جون گوريون تہ اهي ماڻهو کائيندا آهن جن کي ننڊ نہ ايندي آهي. پر اوهان ڪڏهن کان هي گوريون کائيندا رهيا آهيو؟“ هوءَ ڪمري ۾ پيل اڪيلي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. شيشي هن جي هٿ ۾ ئي هئي.

هو دريءَ وٽ ٽيڪ ڏئي بيٺو رهيو.

”آءٌ انهن گورين جو عادي ڪونہ آهيان. ياد ناهي تہ گهڻا سال ٿيا آهن جو مون کي راتين جو جاڳڻ جي بيماري ٿي،

تڏهن مون پرواهه نہ ڪئي. ننڊ نہ اچي تہ نہ اچي، راتين جو جاڳڻ، دوستن سان گڏ رلڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جو بہ پنهنجو هڪڙو چارم هوندو آهي. پر پنج ڇهہ سال ٿيا تہ اهو چارم بہ ختم ٿي ويو آهي. هاڻي ننڊ نٿي اچي تہ طبيعت خراب ٿيو پئي. لاچار مون هي گوريون وٺڻ شروع ڪيون. پر اهي گوريون آءٌ روز ڪونہ کائيندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڊپريشن حد کان وڌي ويندي آهي ۽ دماغ جون رڳون ڦاٽڻ لڳنديون آهن تہ لاچار هي گوريون کائيندو آهيان.“

”پر آخر ڇو؟ اوهان تہ بلڪل نارمل ٿا لڳو، ايتري ڊپريشن جو ڪو سبب؟“

تڏهن هو کليو هو ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا هئائين.صائما پهرين تہ وائڙي ٿي هن کي ڏٺو ۽ پوءِ هوءَ ساڻس گڏ کلڻ لڳي.

”مون اهڙي ڪهڙي کل جي ڳالهہ ڪئي؟“ صائما کلندي پڇيو.

”تون سوال وڪيلن وانگر ٿي پڇين. هڪڙي ڳالهہ چوان: تون جيڪڏهن ايل ايل بي ڪرين تہ هڪ ڪامياب وڪيل بنجي سگهين ٿي“

” ان ڳالهہ تي تو ايڏا ٽهڪ ڏنا،“ هوءَ چڙي پئي.

تڏهن هن کي خيال آيو تہ صائما جي چڙ تمام پياري هئي ۽ هن چاهيو تہ اٿي سندس مک کي چمي وٺي.

”نہ بابا، مون کي کل ان ڳالهہ تي آئي تہ تو کي بلڪل نارمل ٿو لڳان. ڪو بہ ماڻهو نارمل ڪونہ هوندو آهي ۽ آءٌ نارمل هجان ها تہ پوءِ سڪون سان ستو نہ پيو هجان ها.“

”سڪون ڇو ناهي؟ ڪهڙي ڪمي آهي، اوهان جي زندگيءَ ۾؟“

”ماڻهو جيڪي ڪجهہ چاهيندو آهي اهو سڀ تہ خير نہ

ملندو آهي، پر ڪي ماڻهو تہ بنهہ بدنصيب هوندا آهن، انهن ڪي تہ صفا ڪجهہ بہ نہ ملندو آهي. ملنديون آهن تہ رڳو محروميون، رڳو اڪيلايون ۽ اهي چورن وانگر ذهن ڪي چنبڙيون پيون هونديون آهن. ڪو وقت ايندو آهي جڏهن اهو سڀ سهپ ڪان ٻاهر ٿي ويندو آهي،“ هو ڪمري ۾ پيل لوهي ڪٽ تي ويهي رهيو هو.

”اوهان تہ شادي بہ ڪئي هئي. پوءِ تہ اوهين اڪيلا نہ هئا!“

”ماڻهو ميڙ ۾ بہ پاڻ کي اڪيلو ڇو محسوس ڪندو آهي؟ آءٌ رستي تان ڪنهن ڪي پڪڙي هن ڪمري ۾ اچي ويهاري ڇڏيان تہ ڇا منهنجي اڪيلائي دور ٿي ويندي؟ ائين تہ وڌيڪ بيچيني ٿيندي. اهڙي موجودگي تہ هيڪاري آزار آهي، تنهن ڪان تہ هيءَ اڪيلائي چڱي آهي.“

”۽ نندڍ جون گوريون....“صائما هن جي گنڀيرتا کي ٽوڙڻ چاهيو.

”ها، نندڍ جون گوريون وڌيڪ بهتر آهن.“

”اوهين اهي گوريون ڇڏي نٿا سگهو؟“

”مون کي ڪو شوق ڪونهي انهن گورين جو.“

”تہ پوءِ وعدو ڪريو تہ اڄ ڪان پوءِ هي گوريون نہ رکندا پاڻ وٽ.“

هو ڪجھ دير تائين صائما کي ڏسندو رهيو.

”ڏسو ڇا پيا؟ منهنجو ايترو حق بہ نہ آهي اوهان تي؟ منهنجي خاطر ايتري تڪليف بہ نٿا سهي سگهو!“

”آءٌ تنهنجو حق ميجان ٿو،“ ۽ هو کليو.

”نيڪ آهي، آءٌ آئيندي هي گوريون نہ کائيندس.“

هن ڏٺو تہ صائما جي پنبي هن ڏانهن هئي. هن سڏ ڪيو. پر صائمہ چري بہ ڪانہ، هن کلهي کي لوڏيندي

چيو، ”صائما، هيڏانهن منهن ڪر.“
”ڇڏ، مون کي ننڊ پئي اچي،“ صائما هن جي هٿ کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي.
هن زوريءَ ڇڪي صائما جو منهن پاڻ ڏانهن ڪيو.
”نه، مون کي خبر آهي ته تو کي ننڊ ڪانه پئي اچي، ڏس صائما، تون هرويرو ڪاوڙجي پنهنجو رت نه ساڙ.“
”توکي ته ڏاڍي پرواهه آهي منهنجي. تون ايتري دير ڪٿي هئين؟“
”تو وٽ ئي ته هوس.“
”تو وٽ ئي ته هوس!“ صائما ڪاوڙ مان اهل ڪئي. ”مون وٽ ته رڳو تنهنجو جسم آهي. ذهني طور تون الائي ڪٿي هئين!“ (۽ هن چاهيو ته اتي هليو وڃي.)
”تون ايتري شڪي ڇو ٿي پئي آهين! بابا، آءٌ اتي ئي هوس.“
”تون اتي هئين! ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين، تو ايترو وقت ڇا پئي سوچيو؟“
”ڪا خاص ڳالهه نه هئي،“ هن بيزاري مان چيو.
”خاص ڳالهه نه هئي، ته عام ڳالهه ئي ٻڌاءِ ڪهڙي هئي؟“
”آءٌ پاڻي پي اچان،“ هن اٿي ٻاهر وڃڻ جي ڪئي. صائما هن کي ڇڪي وري ليٽائي ڇڏيو.
”پهرين مون کي ٻڌاءِ تو ڇا پئي سوچيو؟“
”ڊوڙ...“ هن جي ڇڙ ٻاهر ڦاٽ ڪاڍو.
”منهنجو اندازو صحيح نڪتو. تو اهو ئي سوچيو پئي ته هن مصيبت مان ڇو اچي ڦاٿو آهان، جيڪا ننڊ ڪرڻ به نٿي ڏي.“
”او صائما خدا جي واسطي! تو کي ڇا ٿيو آهي، تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڇئين، جيڪي آءٌ ڪڏهن سوچيندو به

ڪونہ آهيان.“

”نہ نہ، تون تہ ڏاڍو معصوم آهين. هاڻي سمهي رهو، شاباس.“ صائما ٻُٽڪار ڪري هن جي مٿي تي هٿ ڦيرايو. ”تنهنجون اکيون وري پيون ٻوٽجن،“ صائما هن ڪان پري هٽندي چيو.

هو بہ چپ چاپ ليٽيو رهيو ڪاوڙ ۾.

(۽ هن سوچيو: هيءَ مون کي ايترو غلط ڇو ٿي سمجهي!)

ڪجھ دير گذرڻ ڪان پوءِ بہ صائما ۾ ڪا چرپر نہ ٿي. هن کي خبر هئي تہ صائما دت هٽي سمهڻ جي ماهر هئي.

هونءَ تہ هوءَ رسندي بہ هئي تہ وري پرچائيندي بہ پاڻ هئي. ۽ چوندي هئي، ” تو کي ذرو بہ شرم ڪونهي، ڪاوڙ بہ مون کي، تہ وري پرچايان بہ آءٌ تو کي.“ پر هن پيري هن کي لڳو تہ صائما کي گهڻي ڪاوڙ هئي.

هن پنهنجو منهن صائما جي ڪلهي تي رکيو ۽ چيو، ”چاهي بابا! ماڻهو ايترو رسندو آهي ڇا؟“ هن صائما جي ڪلهي کي ڇڪي سندس رخ پاڻ ڏانهن ڪرڻ چاهيو.

”ڇڏ مون کي، آءٌ سُتي پئي آهيان،“ صائما پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تو کي ڇڏي آءٌ ويندس ڪيڏانهن.“

صائما هڪدم اکيون کولي هن کي ڏٺو ۽ پوءِ چڙ مان چيو،”چو، تنهنجي لاءِ تہ اها نئين ڳالهہ ڪانهي، تنهنجي لاءِ تہ اها سولي ڳالهہ آهي....“

”توکي ڇڏڻ چاهيان ها تہ آءٌ هتي نہ هجان ها.“

”اهو تون منهن ڏوئي ڇڏ تہ تو کي ڪير ڇڏيندو ائين ڪرڻ لاءِ...“

هن کي ڪل اچي وئي ۽ هن ڏٺو تہ صائما بہ کلي پئي هئي.

”مون وٽ هوندي ته تون الائجي ڪٿي هوندو آهين! يا ته ستو پيو هوندين يا وري الاجي ڇا پيو سوچيندو آهين!“ هن رسٽهارڪي آواز ۾ چيو.

”تو کي مون تي اعتبار ڪونهي؟“

”توتي اعتبار! مون کي تنهنجي افعالن جي اڳي ئي خبر آهي.“ صائما ٻئي طرف پاسي ورائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن کيس ڇڪي پنهنجي ويجهو آندو.

”ٺهيو هاڻي.....“ هن پرچائڻ لاءِ چيو.

”مون کي زهر لڳندو آهي تنهنجو اهو جملو...... مون ڪيترا ڀيرا چيو آهي ته مون کي ائين نه چوندو ڪر. اهو ڪو طريقو آهي پرچائڻ جو!“ صائما ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي ڦٽڪرائيو، پر هن کيس سوگهو جهليو هو.

”يلا معافي، توبهه ڪئي مون....“

”دل سان ٿو چئين.“

”ها، سچي دل سان.“

”صفا ڪنو.....“

(۽ هن ڏاڍيان سوچيو: مون کي ڪپي.....)

۽ پوءِ هو سمائجي ويا هڪ ٻئي ۾.

# نيٺ بهار ايندو

اسان جو هڪڙو باغ آهي، اجڙيل ۽ ويران باغ... پر ڪنهن وقت، وڏا ڳالهيون ٿا ڪن، اسان جو باغ اهڙو سر سبز ۽ آباد هو جهڙي جنت. باغ جي وچ ۾ صاف شفاف پاڻيءَ جي هڪ ڍنڍ هئي جنهن ۾ هنج ترندا رهندا هئا. اسان جي باغ جي سونهن جي پريءَ پري تائين هاڪ پکڙيل هئي. ڪٿان ڪٿان تڪل ٿتل، اجايل بڪايل مسافر هتي اچي ٿڪ لاهيندا هئا، منا منا ميوا کائي، ڍنڍ جو ٿڌو پاڻي پي وسرام ڪندا هئا. اسين پائر اهي ڳالهيون ٻڌي چوندا آهيون: جيڪر اسين به ان وقت هجون ها! منهنجي دل ڏک وچان پرچي ايندي آهي. اهڙي سهڻي باغ جي سونهن آخر ڇو کسجي ويئي؟ مان سڄا سڄا ڏينهن هن ويران باغ ۾ وينو اهو ئي ويچاريندو رهندو آهيان. مون کي الائي ڇو هن جي سڃ ۽ ويرانيءَ سان به بي انتها پيار آهي. هن جي سونهن ۽ سوڀيا جي اهڃاڻن ۾ ايڏي عظمت آهي جو ماڻهو ڏسندو ئي رهي. هن جي سڪل، جهونن وڻن ۾ به ايتري پنهنجائپ هوندي آهي جهڙوڪر اسان جا وڏا پريا مائٽ. جيڪر هنن وڻن کي زبان هجي ته مان کائن پڇان:

”هي کهڙو ويل وهيو! باغ جي سونهن ۽ سوڀيا کي کهڙي سرءُ ساڙي ڇڏيو! هتي سهڻا سباجهڙا پکي رهندا هوندا... ڪويل جون ڪوڪون، مورن جا ناچ، هنجن جون هيجون، اهي سڀ ڪيڏانهن ويون؟“ پر افسوس وڻن کي زبان ڪانهي، هوا هنن سان ٽڪرائجي ٿڌا شوڪارا ڀريندي لنگهي ويندي آهي. منهنجن سوالن جو جواب فقط ڪانون جي ڪان ڪان آهي، ڳجهن جون مردار رڙيون آهن، ۽ چڀرن جون ڀوائتيون چيخون آهن. مان جڏهن به باغ ۾ ايندو آهيان ته هڪ جهور پوڙهي وڻ وٽ وڃي ويهندو آهيان. هن جي ويڪري ٿڙ

سان ٽيڪ ڏيئي، ليٽي، پنهنجي باغ تي سوچيندو رهندو آهيان. ڪڏهن ننڊ ڪچي ويندي آهي ته عجيب عجيب سپنا ڏسندو آهيان. هڪڙي عجيب ڳالهه آهي: اونهاري جي مند ۾ سخت گرمين ۽ ڪاڙهن ۾ به جڏهن ماڻهو هن ويران باغ ۾ ايندو آهي ته فرحت وٺي ويندو آهي. مان ته سخت گهٽن ٻوساٽن ۾ ڏينهن جا ڏينهن هن وڏي ۽ جهوني وڻ سان ٽيڪ ڏيئي ويٺو هوندو آهيان. منهنجو هن پوڙهي وڻ سان عجيب دلي لڳاءُ ٿي ويو آهي.

هڪ ڏينهن اٿين اڪيون پوري، خيالن ئي خيالن ۾ باغ کي سرسبز ۽ آباد ٿيندو ڏسي رهيو هوس. حد نظرتائين چهچ سائي چٻر پکڙيل هئي، جنهن تي مور ٿلي ۽ نچي رها هئا. سڪل وڻ ساوا ٿي ڦولارجي ويا هئا. ڪويل جا منا منا گيت مون کي لوليون ڏيڻ لڳا.

تڏهن اوچتو اتر کان هڪ طوفان ڏوڪيندو آيو. رڳو جهڙ ۽ اندڪار ئي نظر تي آيو. ويجهو آيو ته مون ڏٺو: ڪانون ۽ ڳجهن جو هڪ ڪٽڪ هو، جيڪو اک ڇنيءِ ۾ سهڻي سرسبز باغ تي ماڪڙ وانگر ڇانئجي ويو. ڪويل جا گيت ڪانون جي ڪان ڪان جي شور ۾ دٻجي بند ٿي ويا. مور دٻجي پئجي وڃي ڪٿي لڪا، ۽ هنج ته هميشه جي لاءِ اڏامي ويا. ڏسندي ڏسندي باغ جي سموري سونهن ۽ سوڀيا برباد ٿي ويئي. مان ان پوڙهي وڻ وٽ حيران ۽ پريشان ويٺو هوس. تڏهن اوچتو ڪٿان ڪنهن مور رڙ ڪئي. هن جي رڙ ۾ اهڙي سورهيائي ۽ جوش هو جو منهنجي لونءُ لونءُ ڪانڊارجي ويئي. ڪانون جي ڪان ڪان، ڳجهن جا رڙاٽ گهڙي کن جي لاءِ بند ٿي ويا، ڪير هو اهو مور!

”اجا سورهيه مور جيئرا آهن، اجا رچ مان رڙ اچي ٿي...“

مون چرڪي پنيان نهاريو. هي تہ اهو ئي جهونو وڻ ڳالهائي رهيو هو. مون ٻوڙي هن جي ويڪري ٿڙ کي ڀاڪر پاتو. هن ٻاجهہ ۽ پيار سان پريل آواز ۾ چيو”گهٻراءِ نہ پٽ! همت نہ هار، تنهنجي لاءِ برابر هيءَ هڪ نئين آفت آهي. مون تہ باغ تي ڪئين وڏيون وڏيون آفتون ڪڙڪنديَ ڏٺيون آهن، پر اهي سڀ نيٺ فنا ٿي ويون. هي باغ لازوال آهي پٽ....“

مون چيو، ”مون کي هن باغ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌاءِ، بابا. هنَ تي ڪهڙا وئل وهيا.....“

هن وراڻيو، ” مان تو کي ضرور ٻڌائيندس، پٽ. هيءَ ڪهاڻي هڪ سڀاجهي ۽ تمام مظلوم قوم جي بيحد ؚغمناڪ ڪهاڻي آهي. دنيا جو ڪوبہ ظلم ستم، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ اهڙو نہ آهي جيڪو هن ۾ نہ هجي، ان هوندي بہ هن جي پڄاڻي ڪا نہ ٿي آهي. هيءَ ڪڏهن نہ ڪٽندڙ ڪهاڻي آهي....

” هن لافاني باغ جي ڪهاڻي ان وقت کان شروع ٿي ٿئي جڏهن کان دنيا وجود ۾ آئي. وڏا چون ٿا، تہ هتي هڪ سهڻي ۽ سرسبز ماٿري هئي، جنهن ۾ وڏا گهاٽا جهنگ، ساوڪ ڀريا ميدان ۽ هڪ خوبصورت ندي هئي، جنهن جو پاڻي امرت هو. هيءَ ماٿري ان وقت بہ اهڙي ئي آباد هئي جڏهن سڄي دنيا تي اونده انڌڪار ڇانيل هو. ان وقت جي ڳالهہ آهي: ڪي پکين جا ولر وڙڪندا هتان اچي لنگهيا. هنن کي اها ماٿري اهڙي وڻي جو اڳتي وڃڻ جو ارادو لاهي، ان کي پنهنجو ديس بڻائي رهي پيا. هي پکي تمام سياڻا ۽ محنتي هئا. هنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ جڏهن اسين هن ماٿريءَ کي پنهنجو ديس بڻائي چڪا آهيون تہ اسان تي فرض آهي تہ ان کي سهڻو ناهيون جو دنيا ڏسي تہ حيرت ۾ پئجي وڃي. پوءِ هنن ڪلئي ميدان تي هڪ تمام عجيب باغ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو. پکين ڪٽان ڪٽان جاکوڙ ڪري گلن ڦلن ۽

وٽن ٽٽڻ جا بج آٽي ڪنا ڪيا. ڏسندي ڏسندي هنن جي ان لاڳيتي اُدم ۽ اتساه سان هن ماتريءَ تي هڪ نهايت ئي سهڻو ۽ حيرت جهڙو باغ پيدا ٿي پيو. وري باغ جي هڪ حصي ۾ هنن هڪ اهڙو خوبصورت چمن ناهيو جنهن جو اج تائين دنيا ۾ ڪو مثال ڪونهي. سڄي دنيا ۾ ان لاثاني چمن جي هاڪ هُلي ويئي. ڪتان ڪتان جا پکي هاسيڪار ان کي ڏسڻ، گل ڦل، ماکي ميوا وٺڻ، ۽ پونر واس وٺڻ جي لاءِ ايندا هئا. اهو وقت هن ماتريءَ جي سهاڳ جو سمون هو. تڏهن سج هتان ئي اپرندو هو، ۽ اتان ئي روشني سڄي دنيا ۾ پکڙبي هئي. دنيا جا پکي پري پري کان کهي هتي جي پکين کان سکڻ ۽ پرائڻ ايندا هئا. هو سندن عقل ۽ ڏاهپ جي ساراه مان ڍاپندائي ڪونه هئا. اج دنيا ۾ جيڪا ڏاهپ، عقل ۽ علم، ۽ سونهن ڏسين ٿو سو سڀ پهرين هتي ئي پيدا ٿيو ۽ هتان ئي سڄي دنيا ۾ پکڙيو. بين هنرن ۽ حرفتن سان گڏ لاتيون لنوڻ، نچڻ ڳائڻ ۽ جشن ملهائڻ ۾ به بيا هتي جي پکين جهڙا ڪونه هئا. پر هو جهيڙي جهٽي ۽ لڙائي جهڳڙي کان اهڙا اٽڃاڻ هئا جو بيا پکي کين سڏيندا ئي هئا سباجهڙا پکي! هنن وٽ پيار کان سواءِ بي ڪا وائي ڪانه هئي. جيڪر سڄي دنيا جا پکي اهڙا هجن ها!

”دنيا ۾ ڪي پکي اهڙا به هئا جيڪي پيار محبت جا دشمن هئا، سواءِ رلڻ ۽ وڙهڻ جي بي ڪنهن ڳالهه سان سندن پوندي ڪانه هئي. ناهڻ ۽ سڌارڻ بدران ڍاهڻ ۽ ڦٽائڻ گهڻو وٽندو هوئن. هڪ دفعي، پري کان ڪي اهڙا ئي پٽڪندڙ، بي گهر ۽ ويڙهاڪ پکي رلندا رلندا هن باغ مٿان اچي ڪڙڪيا. باغ جي سانت ۽ سڪون، پيار ۽ محبت واري وايو منڊل ۾ مارا ماري ۽ تباهي مچي ويئي. سباجهڙن پکين به ڪا لڙائي ڪانه ڏٺي هئي. نه وري کين خبر ئي هئي ته لڙائي ڪيئن

لڙبي آهي. رولو پکين جو تہ جهيڙي جهٽي ۽ مارا ماريءَ ۾ کو مٽ ڪونہ هو. هنن اچڻ شرط باغ جي بي مثال ۽ سهڻي چمن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. سڀاجهڙن پکين سالن جا سال جنهن آدم ۽ اتساهہ سان هي مانداڻ منديو هو سو سڀ هنن رولو پکين ڏاهي ناس ڪري ڇڏيو، ويتر سڀاجهڙن پکين کي اُٺ سڌريل ڪري ڪونيائون!

”خوشيءَ جا سمورا خزانا لٽجي ويا. ماتريءَ جو سهاڳ اجڙي ويو. جيڪا روشني پهرين پهرين هتان ڦٽي هئي، سا الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي. باغ جي عظمت جو سج هيڪر لٿو تہ پوءِ الائجي ڪٿان بي هنڌان وڃي ايرڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن واٽ ڀلجي سج هتان گذريو ٿي تہ سڀاجهڙا پکي خوشيءَ وچان نچندي ٽپندي ٽڪائي نٽي. پر سندن خوشيءَ پل ڪن مس ٿي جٽاءُ ڪيو. اوچتو ئي اوچتو سج کي الائجي ڪهڙن خوفناڪ ڪڪرن ڍڪي ٿي ڇڏيو. پوءِ اهائي اوندهہ انڌڪار.....

”وقت گذرندو رهيو. باغ اهو ئي هو، پر وري ڪڏهن اڳوٽي اوج کي نہ پهتو. باغ جون واڳون هنجن وٽ هيون. اهي ڏاڍا سورهيہ ۽ سچار هئا. آزادي، جرئت ۽ بهادري، ننگ، ناموس ۽ غيرت سان سندن رت رڱيل هو. باغ جي محبت ۽ آزاديءَ جو جذبو تہ سيني پکين جي لنئون لنئون ۾ سمايل هو. هنن ڪڏهن بہ ڌارين لوڪن جي غلاميءَ کي نہ سنو. جيستائين سندن سرير ۾ ساهہ هوندو هو ديس جي ويرين جو مقابلو ڪندا رهندا هئا. ڪئين تيز هوائون، لڪون ۽ جهولا سهندا رهيا. سخت پارا پيا، سرءُ آيو تہ باغ جا سمورا پن سڙي ويا، پر ساڳئي اتساهہ سان بهار جي مند ۾ سڀ پکي گڏجي جشن ملهائيندا هئا. ڪويلون منن سرن ۾ راڳ ڳائينديون هيون ۽ ٻيا ننڍڙا ننڍڙا پکي جهمريون پائيندا هئا. سندن مني

رسيلي ٻولي ٻڌي ٻين هنڌن جا پکي ساڻن ريسون پيا ڪندا هئا. ڪي تہ وري سندن باغ تي قبضي ڪرڻ لاءِ گهات گهڙيندا رهندا هئا. ڪيترائي ڌاريان باغ جي شادابي ڏسي هتي اچڻ تي حرصيا، پوءِ ڪي ان ڪي ڦري لٽي موٽي ويا تي تہ ڪي وري رهي پيا تي ۽ موٽي وڃڻ تي دل نٽي ٿين.

”هتان ڪان گهٽو پري باز رهندا هئا. هنن ڪي ٻين پکين جي ديسن تي قبضي ڪرڻ جو ڏاڍو حرص اچي پيدا ٿيو هو. بهانا ٺاهي پراين ديسن تي ڪاهي وڃي قبضو ڪندا هئا. هنن جي نظر جڏهن هن باغ تي پيئي تہ ان کي بہ هٿ ڪرڻ لاءِ سٽاءُ سٽڻ لڳا. پوءِ هڪڙو ڪو بهانو ٺاهي بہ ٿي پيرا ڪاهي آيا. پر بهادر سباجهڙن پکين اڳيان ڦٻي ڪو نہ سگهيا. تڏهن وري هڪ زبردست لشڪر سنياري چاڙهي آيا. رولو پکين جي ڪاه ڪان پوءِ سباجهڙن پکين اهڙي ٻي خوفناڪ ڪاه ڏٺي هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ سڄو باغ ککرن سان ڍانئجي ويو آهي. باز خوفناڪ رڙيون ۽ واڪا ڪندا آيا. سباجهڙن پکين اڳيان وڌي مقابلو ڪيو. وار مٿان وار ڪيو، ڳچين ڳچ اڏاٽا، ڌڙ ڌڌڙ ۾ ڦتڪڻ لڳا. ڏينهن گذريو، اچي شام ٿي. تڏهن ڄڻ غلاميءَ جي رات اچي ويئي. باغ تي بازن جو قبضو ٿي ويو.

”پوءِ بہ وقت گذرندو ئي رهيو. ڪئين مندون آيون، پر بهار جي اچڻ تي ڄڻ بندش پئجي ويئي هئي. بهار تہ رڳو آزاد فضائن ۾ ئي ايندو آهي. باغ اهو ئي اجڙيل ۽ ويران ويران رهيو. هاڻي تہ هر ڪو ورهيہ واڳهہ ٻڌجي ٿي آيو. هيڪر ڦرڻ لٽڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ لاڳيتو هلندو ئي رهيو. هڪڙا ڦورو ڪمزور ٿي ويا ٿي تہ انهن جي جاءِ وري ٻين ٿي اچي والاري، ڄڻ تہ نڌڻڪو باغ هو، جنهن کي جتان اچي سو تتان پيلاڙ ڪري وڃي! باغ انهن جي بي رحم قبضي هيٺ اچي ويو جيڪي ڌاريان ئي هئا، باغ سان هنن جو واسطو

رڳو قرڻ لٽڻ تائين هو. جڳن جا جڳ سڀاجهڙا پکي غلاميءَ جو ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ مان ڪڍي ڪو نہ سگهيا. جن جي وات ۾ رڳو قرب ۽ پيار جي وائي هوندي هئي، جيڪي ٻاهران آيل هر مهمان جو دل کولي آڌرڀاءُ ڪندا هئا سي سواءِ ڪنهن ڏوھ جي صديون عذاب ۽ پيڙا ۾ مبتلا رهيا.

"هنجن جي طاقت تہ بنھ ختم ٿي چڪي هئي. اهي ٺورائي ۾ اچي ويا، هاڻي باغ جي پکين مان مور ئي اهڙا هئا جن ۾ آسون هيون. ڌارين کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، خود مختياري ۽ خود داريءَ کي قائم رکڻ لاءِ هو پاڻ پتوڙيندا رهيا. مورن مان ڪئين اهڙا سورهيہ ۽ سورما پيدا ٿيا جن سرن جا سانگا لاهي، ننگ ۽ آزاديءَ جي لاءِ ويرين سان جنگ جوٽي ۽ سر ڏيئي سرها ٿيا. جڏهن بہ ڪنهن سورهيہ مور ديس تان سر صدقو ڪري آزادي ٿي آندي تہ ٿوري وقت لاءِ ئي سهي، آزادي پنهنجي جهوليءَ ۾ خوشيءَ ۽ سونهن جا خزانا ڀري ٿي آئي. ڪيڏو نہ خوشيءَ ۽ اُتساھ ڀريو سمون هوندو هو اهو! اهڙي ڪا دل ڪا نہ هوندي هئي جيڪا اڪٽ خوشيءَ وچان جهومندي نہ هجي. پر افسوس، انهن سورهيہ مورن جي پوين پيري پيري سان تخت ۽ تاج تان پاڻ ۾ وڙهندي، هٿ وٺي ٻاهرين دشمنن کي باغ تي قبضي ڪرڻ جو هڪيو تڪيو وجھ ڪٽي ٿي ڏنو. پوءِ تہ وري ٻيهر غيرن جي غلاميءَ لاءِ باغ جو رستو کلي ٿي ويو.

"رکي رکي باغ تي هڪ ٻئي پٺيان وڏيون وڏيون آفتون اينديون رهيون. انهن لڳاتار ڌکن سٽن سڀان بدنصيب باغ اهڙين آفتن ۾ گهيرجي ويو جو رڳو جيئرو رهڻ بہ هڪ ڪارنامو، هڪ معجزو هو. مان تو کي ڇا ٻڌايان تہ هن باغ ڇا ڇا سٺو آهي! هن ئي باغ جي افق تي ابدال جو شڪرو نامراد ۽ مردار خان شڪرو، باھ ۽ خون جون نديون وهائيندا ڇانئجي

ويا هئا. سندن خوفناڪ ڇهنبون ۽ خوني چنبا معصوم سباجهڙن پکين جي رت ۾ ٻڏي ويا هئا. مردار خان ته جتان به ٿي لنگهيو اتي قيامت جا ڪوڪرا مچي ٿي ويا. هن آکيرن جا آکيرا ويران ڪري ٿي ڇڏيا. اهڙي تباهي ته اڳي ڪڏهن به ڪانه ٿي هئي. پوءِ ته باغ ۾ اهڙو خوفناڪ ڏڪار پيو جو وڻن پوڙهن، چا پکين، چا وڻن به پنهنجي چمار ۾ نه ڏٺو هو نه ٻڌو هو. جيڪو باغ ساري دنيا جي لاءِ امن ۽ سلامتي جي جاءِ هو ان جو آکيرو آکيرو لٽجي ويران ٿي ويو. سباجهڙن پکين سان اڳي ئي گهٽ ڪلور ڪونه ٿيا هئا، پر هينئر باغ تي جيڪا وڄ ڪري هئي تنهن جي آهيءَ ۾ هو ڪڏهن به سنئين لڳين ڪونه ٿيا..."

رات جي سنساهٽ ۽ خاموشيءَ ۾ اوچتو ڪنهن ڳجهه خوفناڪ رڙ ڪئي. موت ۾ ڪتان ڪنهن ڇبري رڙ ڪري ڄڻ ڳجهه جي خوشامد ڪندي ها سان ها ملائي. ٻيڙو وڻ خاموش ٿي ويو هو. هوا هن وڻان سون سون ڪندي، تڏا شوڪارا پريندي لنگهي ٿي ويئي. منهنجي دل پرجي آئي. چوڻ چاهيم، 'پوءِ ڇا ٿيو بابا!' پر نڙيءَ ۾ ڪو ڳوڙهو اٽڪي پيو هو، آواز نڪري نه سگهيو. هن هڪ ڊگهو ساهه کنيو، پوءِ پاڻهي چيائين، "اڄ انهن ئي سباجهڙن پکين کي چيو وڃي ٿو ته اوهان بسست ۽ ستل آهيو، بي همت ۽ جاهل آهيو، اوهان جو رت ٿڌو آهي.... پر ڪنهن هنن جي ماضيءَ ۾ جهاتي پائي ڏٺو آهي! لڳاتار وسندڙ برسات وانگر هنن تي جيڪي قهر ڪريا، جيڪي هاڃا ٿيا تن تي ڪنهن ويچاريو آهي! ڪنهن اهو به سوچيو آهي ته آخر هنن ۾ اها ڪهڙي ٻوت آهي جنهن جي ڪري ايڏن قهرن ۽ هاڃن کان پوءِ به هو زنده رهيا آهن! هن ڌرتيءَ جي مٽي ڪا اهڙي مضبوط ڄميل آهي جو هزارين طوفانن ۽ زلزلن کان پوءِ به اکڙي ڪانهي. شايد انهن

هنن سان ڪو بہ تعلق ڪونہ هو. هو باغ جي وجود ۾ اچڻ کان ونئي اتي رهندا آيا هئا. باغ ئي هنن جي ماءُ هئي ۽ باغ جا پکي سندن پائر. باغ جي طاقت مور هئا، تہ ان جو دماغ ۽ عقل هنج هئا. مورن ۽ هنجن جو رشتو اهڙو مضبوط ۽ گهرو هو جو ٽٽڻ جوئي ڪين هو. پر اڃن پکين جي چالبازيءَ ۽ فتني هنن ۾ نفاق پيدا ڪري ڇڏيو. اڃن پکين کي ڊپ هو تہ جي هو گڏجي اسان جي خلاف اٿي کڙا ٿيا تہ پوءِ اسان کي هڪالي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. هنن مورن کي چوريو تہ اوهان جا اصلي مائٽ ۽ خيالن وارا ڪانو ۽ ڳجهون آهن، هنج اوهان جا دشمن آهن! اڃا پکي ان ڳالهہ ۾ ڪامياب ٿي ويا، هنن صدين جي ميلاپ کي ٽوڙي ڇڏيو؛ پر پوءِ سندن راڄ بہ گهڻو وقت جٽاءُ ڪونہ ڪيو. پکين ۾ هنن جي لاءِ نفرت ۽ ڌڪار ويئي ڏينهون ڏينهن وڌندي. هنن جڏهن ٻيو ڪو چارو نہ ڏٺو تہ نيٺ آزادي ڏيڻ قبول ڪيائون. پر پڇاڙيءَ ۾ وڃڻ وقت بہ ساڙ ۽ ڪاوڙ وچان آسپاس جي سيني ديسن جي پکين کي پاڻ ۾ هميشہ جي لاءِ وڙهائي، هڪ ٻئي جا دشمن بنائي ويا. پوءِ تہ جيڪو هو ڏاڍو سو ڳابو.... جنهن جي هٿ ۾ لٺ هئي تنهن آزادي جي نالي ۾ ڪمزور ۽ معصوم پکين تي لٺ سان راڄ ڪيو...."

جهوني وڻ جو آواز ڍرو ٿيندو ويو. هوا صفا بند ٿي ويئي هئي. مون هن جي خاموشيءَ کان ڊڄي يڪدم پڇيو، "بابا، ڇا پوءِ سباجهڙن پکين کي بہ آزادي ملي ويئي؟"

ڪيتري دير تائين هن جو آواز مون کي سمجهہ ۾ نٿي آيو. هن جي آواز ۾ ايترو درد ۽ پيڙا پريل هئي جو لفظ ٽٽي ٽٽي پيا. مون ڪن لائي، پورو ڌيان ڏيئي ٻڌو. هو چئي رهيو هو:

"اهڙي آزادي آئي جيڪا غلاميءَ کان بہ بدتر هئي.

ڳجهن ۽ ڪانون مورن کي چيو ته اسين هڪ ٻئي جا مائٽ ۽ هڪڙي ئي خيال وارا آهيون! اسان کي گڏ رهڻ گهرجي. هنج ٻي قوم جا آهن، هنن کي باغ مان ڪڍي ڇڏيو ته وڃي پنهنجن يائرن سان گڏ رهن. سنوان سادا مور هنن جي ڳالهه تي پنيلجي ويا. ڪنهن ڪنهن نياڳيءَ گهڙيءَ، عقل تي ۽ دلين تي پردا پئجي ويندا آهن. جنهن باغ کي هنجن رت ست ڏنو هو، تاتيو سانديو هو، ان کي ڇڏڻ وقت سندن دلين جي ڪهڙي حالت هوندي! هو رت روئندا. پنهنجو منڙو باغ، پنهنجا آکيرا پنهنجي سدا سهٽي ندي ڇڏي ويا. هنن جي جاءِ ڪوڙن ڪانيرن اچي والاري، ۽ اڪ چنبي ۾ باغ جو وايو منڊل ئي ڦري ويو. جتي منڙيون لاتيون لنونديون هيون، اتي ڪانون جي ڪان ڪان جو گوڙ مچي ويو. سڀاجهڙن پکين آيلن جو آڏرياءُ ڪندي ڪين پنهنجا نهيل جڙيل آکيرا رهڻ جي لاءِ ڏنا، ۽ جيڪي ڪجهه ڪائنن پڳو سو ڪيائون. سندن سهٽو صاف باغ سڄو گندو ٿي ويو تڏهن به ڪي ڪين ڪڇيا. هڪ ڏينهن ڳجهن ۽ ڪانون پاڻ ۾ ڪا سنائُ سٽي مورن کي چيو، ”اسين پاڻ ۾ يائر آهيون، ان ڪري اسان جي هر ڪا شئي گڏ هئڻ گهرجي. اسين هڪ آهيون ان ڪري اسان کي هڪ ٿي رهڻ گهرجي...“ ايئن ڪندي هو مورن کان سڀ ڪجهه ڪسيندا ويا. ڪجهه وقت گذريو ته وري چيائون. ” اوهين جاهل، سست ۽ ڪمزور آهيو، راڄ اوهان کان هلي ڪونه سگهندو. ڪانءُ تمام سياڻا ۽ هوشيار آهن، ڳجهون تمام طاقت واريون آهن ان ڪري راڄ هنن کي ئي هلائڻ کپي.“پوءِ ڳجهن باغ کي پنهنجي سڄي ۽ ويران برپٽ ۾ ملائي ڇڏيو.

”مور اهڙا ويچارا ٿي ويا هئا جو ٻڙڪ به ٻاڦي نه سگهيا. ڪانون ۽ ڳجهن کي جيئن ٿي من ۾ آيو تيئن ڪندا ويا. هڪ ڏينهن ڪانون حڪم ڪيو، ’ته اسان جي ڪان ڪان

تمام سولي ۽ هر ڪنهن جي سمجهه ۾ ايندڙ آهي، تنهنڪري هاڻي باغ ۾ ڪان ڪان سواءِ ٻي ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي ضرورت ڪانهي.... اڄ ڪان وٺي مور پنهنجي ٻولي ختم ڪري ڪان ڪان ۾ ڳالهائين!'

"هنج ته اڳي ئي هليا ويا هئا، پر مور پنهنجي ئي باغ ۾ ٻي گهر ٿي ويا. هنن ڪان ٻيو ته سڀ ڪجهه ڪسجي چڪو هو، پر هاڻي سندن ٻولي ٻه بند ٿي ويئي. بيغيرت ۽ خوشامدڙيا مور، جيڪي اڇن پکين جي اڳيان پڇ لوڏ ڪري هري ويا هئا تن ته پنهنجي فائدي جي لاءِ ساڳيءَ ريت ڪنڌ جهڪائي جي حضور ڪيو، باقي غيرت وارن جي لاءِ عزت سان گڏ جان بچائڻ ٻه مشڪل ٿي پيئي.

"اهو اڳوڻو باغ ڄڻ اکين ڪان ئي گم ٿي ويو. ان ڪي ڏسڻ جي لاءِ اکيون سڪن تيون، روح رڙيون ڪري ٿو، پر ڪنهن ڪي چئون؟ ڪنهن ڪي دانهن ڏيون؟ ڳجهون سچو ڏينهن پيون باغ جي مٿان لامارا ڏينديون آهن ته ڪو مور هٿ اچي ته ان ڪي ڪائي ڪپائي ڇڏيون. ڳجهن جي خوني چيخن ۽ ڪانون جي شور ۾ مورن جي لاءِ جيئڻ ئي وهه ٿي پيو. مور پڄي وڃي جهنگن جهرن ۾ لڪا. اسان جا روح مورن جي منڙين رڙين جي لاءِ سڪندا تا رهن... سوچيون ٿا: ته جي روح ائين سڪندي سڪندي مري ويا ته پاڙون ڪيئن بچنديون! اهي ٻه سڙي خاڪ ٿي وينديون، ۽ اسين سڀ ڪري پونداسين. پر ڪڏهن رات جي سناٽي ۾ رڄ مان هڪ ديواني مور جون رڙيون اسان جي پياسي ۽ سڪندل روحن جي لاءِ امرت بنجي ايندديون آهن. خبر ناهي هي ديوانو مور ڪير آهي؟ هن رڄ ۾ چو رهيو پيو آهي؟ شايد باغيچي روح جو آهي. هن جون سورهيائي ۽ جوش سان ڀريل رڙيون ٻڌي اسين هوا جي سرگوشين ۾ هڪ ٻئي ڪي چوندا آهيون: 'اڄا رڄ مان رڙ اچي

ٿي.... اجا سڀ مور ڪونہ مٺا آهن....‘ اهو سوچي هڪ ٻئي کي ڏيِ ڏيندا آهيون تہ قدرت هن باغ جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو، ڪڏهن نہ ڪڏهن هن جو آئيندو بہ اهڙو ئي روشن ٿيندو...“

اوچتو ان وقت ڪانون جي ڪان ڪان جو زوردار شور اٿيو ۽ پوڙهي وڻ جو آواز ان ڪان ڪان ۾ دٻجي ويو. مان ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهيس. مون کي ڪيتري دير تائين هوش ئي ڪونہ آيو. ذهن تي ان عجيب خواب جو اجا اهڙو ئي اثر هو. مون ٻڌل رڙيون ڪري چيو، ”پوءِ ڇا ٿيو بابا! تون چپ ڇو ٿي وئين.... مون کي ٻڌاءِ نہ! پوءِ ڇا ٿيو؟ ... تون خاموش ڇو آهين...“ ڪانون جي ڪان ڪان منهنجن ڪنن جا پردا ڦاڙي رهي هئي. مون چوڌاري ڇتائي ڏٺو. سج جو سمورو تيج ختم ٿي چڪو هو، اونداهي رات اچڻ واري هئي. مون کي ستي تمام گهڻي دير ٿي ويئي هئي. منهنجي مٿان جهوني سڪل وڻ تي ڪانون جو هڪ ڪٽڪ ڪان ڪان جو شور مچائي رهيو هو. پريان الائي ڇو ڳجهن جو ميڙ لڳيو پيو هو. هو اڏنديون، خوفناڪ چيخون ڪري رهيون هيون. مون وڻن ڏانهن نظر ڪئي: هر وڻ تي ٽي ٽي چار چار ڳجهون وينيون هيون! ان وقت منهنجن ڪنن ۾ مور جون ازغيبي رڙيون گونجڻ لڳيون: ’آسمان ڳجهي ڳجهي نيٺ وسندو.... ڌرتي تپي تپي نيٺ ڦاٽندي..... ۽ اي لاثاني باغ! تون نيٺ آباد ۽ سائو ٿيندين.

# ابر ۾ اُهاءُ ٿيو

بابا جي اڳيان ويندي، آهستي چيم، ”بابا.“
هن ڪاغذن تان نظرون ڪڍي مون ڏانهن ڏٺو.
مان منجهي پيس ته ڇا چوان. هٻڪندي چيم، ”مان اوهان کان اجازت وٺڻ آيو آهيان.“
هن وائڙو ٿي پڇيو، ”ڇا جي اجازت؟“
مون چيو، ”مان ڪانئر سڏائڻ نٿو چاهيان. مون جيڏا ساٿي قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ پنهنجي ديس کي زندگي ڏيڻ لاءِ پنهنجي زندگي اڻ کي ارپي چڪا آهن. اهڙي وقت مان گهر ۾ ڪيئن لڪي ويهي رهان!“
”پوءِ، تون ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟“
منهنجي سموري هٻڪ ختم ٿي چڪي هئي. ”مان به پنهنجي زندگي پنهنجي ديس کي ڏيڻ چاهيان ٿو.“
”تون!“ هن ڪل کي روڪي ورتو، پر چپن تي مرڪ اڃا به پکڙيل هئي. ”تون پهرين پنهنجي جسم ۾ طاقت ڏس، پوءِ اهڙيون ڳالهيون ڪر! مان ڄاڻان ٿو ته اوهان نوجوانن ۾ فقط وقتي جوش آهي. عمر ۽ وقت سان گڏ اهو جوش ختم ٿيو وڃي. دراصل اسان جي قوم مان وڙهڻ جو جوهر ختم ٿي چڪو آهي. صدين جي غلاميءَ ڏارين جي قرلٽ اسان جي همت کي جڙ بنجي چوسي ڇڏيو آهي. باقي اوهان جهڙا جوشيلا نوجوان ته هر دور ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن، ۽ انهن کهڙو ٻوٽو ٻاريو آهي! پنهنجي قوم جي تقدير بدلائڻ جي لاءِ سر جون سٽون ڏيٺيون پونديون آهن، مون کي اهڙا نوجوان نظر ڪو نه ٿا اچن. جيستائين اسان جي نوجوانن ۾ شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪا نه ٿي آهي، سندن دليون ديس جي محبت ۾

جلي سون نہ بڻيون آهن، تيستائين ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، پُٽ ..... ڪجهہ بہ نہ ٿيندو ....“ هن جو آواز ڏرو ٿيندو ويو، منهن تي مايوسيءَ جون ريکائون مڙي آيون.

مون چيو، ”بابا، جيڪڏهن اسان جي قوم جا پيءُ توهان جهڙا هجن، تہ پوءِ سندن اولاد ديس تان سر ڪيئن نہ ڏيندو! مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ جيڪا سجاڳي اڄ جي نوجوانن ۾ پيدا ٿي آهي، سا اڳي ڪڏهن ڪا نہ هئي. اسان جو جوش وقتي جوش ناهي. اسين فقط پنهنجي ديس خاطر جيئڻ جو ارادو ڪري چڪا آهيون....“

هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، ”ها، هي اهو نازڪ دور آهي، جيڪڏهن اسين هينئر نہ اٿياسين تہ پوءِ ڪڏهن بہ نہ اٿي سگهنداسين. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان قرباني ڏيئي پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪري ڇڏيو. پر اها ڳالهہ مڃڻي پوندي تہ اسين تمام پوئتي پيل آهيون تعليم ۽ شعور جي تمام گهڻي کوٽ آهي، ان ڪري قومي عزت ۽ غيرت جي گهڻتائي آهي. ان لاءِ اوهان کي گهڻو ڪجهہ ڪرڻو پوندو.“

مون چيو، ”اسين سڀ ڪجهہ ڪنداسين. اسان کي زندهہ رهڻو آهي تہ پوءِ ان لاءِ هر ڪا قرباني ڏيڻي پوندي. اسين پنهنجي ئي ديس ۾ ڌاريا بڻجندا پيا وڃون، نيٺ اسين بي موت مري وينداسين، قديم آثار بڻجي وينداسين. اهو ڪير سمجهندو! اسين ڪمزور ئي سهي، پر اسان جون دليون ڪيڏيون آهن، ان جي ڌارين کي ڪهڙي خبر!“

بابا گنڀير بڻجي ويو، چيائين، ”بيشڪ، دلين جي دريائن جي آڏو ڪو بہ بند اڄ تائين بڌجي نہ سگهيو آهي. قيد جون زنجيرون نيٺ بہ ٽٽيون آهن. شل اوهان جو رت هن مظلوم ديس جي ڌرتي کي ريج ڏيئي، اهي گل ۽ ٻوٽا اپائي جن جي خوشبوءِ سان ساري دنيا واسجي وڃي. مان توکي

روڪي هڪ بزدل پيءُ سڏائڻ نٿو چاهيان. پر ڏس، پنهنجي ماءُ جي باري ۾ جو ڪجھ سوچين، همدردي شان، سوچج. ديس خاطر اولاد جي قرباني ڏيڻ ۾ مائرون وڏيڪ بهادر هونديون آهن، پر وقت ۽ حالتن اسان جي مائرن کي اهو سبق ڏنو ئي ڪونهي. ڪين پنهنجي اولاد سان حد کان زياده پيار هوندو آهي، ان ڪري تنهنجي ماءُ شايد توکي وڃڻ نه ڏي.“

”مان امان کي مجرائيندس.“

ڪنهن تمام وڏي ڳڻتي ۽ مونجهاري سببان امان جو منهن لٿل هو. مان سمجهي ويس. مون ويجهو وڃي ڪيس ياڪر پائيندي چيو، ”امان .....“

هن جا زرد ٿي ويل چپ ڦڙڪڻ لڳا. هن مون کي سيني سان لڳائي ڇڏيو. ماءُ جي مقدس سيني سان لڳي منهنجو روح هڪ زبردست روحاني سڪون سان واسجي ويو. ان وقت مون کي ائين لڳو جڻ مان اڃا تائين اهو ئي ننڍ ڙو بالڪ هوس، ۽ ماءُ جي سيني سان لڳي سڀ ڪجھ وساري چڪو هوس.

مون کي محسوس ٿيو ته امان روئي رهي هئي. شايد هن بابا جون ۽ منهنجون ڳالهيون ٻڌي ورتيون هيون.

”مان توکي وڃڻ نه ڏينديس. منهنجا حال ڏسين ٿو، آءٌ اڳيئي مئي پئي آهيان. جي توکي وڃڻو آهي ته مون کي اڳ پوءِ ماري پوءِ وڃ.“

ويچاري امان! الائجي ڇو اسان جون غريب مائرون ايتريون دکي هونديون آهن. سندن سڄي حياتي مالي پريشانين، اولاد جي آئيندي جي فڪرن ۽ گهر جي ختم نه ٿيندڙ هاڃ ۾ گذري ڳري ويندي آهي. گهٽن دکن سهڻ ڪري ئي هو حد کان زياده جذباتي هونديون آهن. پيار ته سندن مٽيءَ ۽ روح ۾ رچيل هوندو آهي، ڇو ته اسان سيني جي ڌرتي —

ماءُ جي ذري ذري ۾ اٿاهه پيار سمايل آهي.

مون چيو، "امان، سنڌ اسان سڀني جي ماءُ آهي، ۽ اهو اولاد ڪمينو آهي، جيڪو ماءُ کي اهنجن ۽ تڪليفن ۾ ڏسندي به منهن لڪايو وينو هجي. اهڙو اولاد بي غيرت آهي ۽ ان تي پنهنجي ماءُ جي ٿڃ حرام آهي. امان، اسان کان پنهنجا سڀئي حق کسيا ويا آهن . اسان جي ماءُ کي ڪڙن ۽ ڪوٺن ۾ قيد ڪيو ويو آهي، ۽ اسين نڌڻڪا بنجي ويا آهيون."

هن چيو، "ابا، شل خدا ٻچن جو ڏکيو ڏينهن نه ڏيکاري، شل منڊلي سلامت هجي، باقي ڏکيا سکيا ڏينهن پيا گذرندا. خدا جو شڪر آهي."

"امان، تنهنجن ٻچن جي وات مان گرهه کسبو، سندن زبان ڪٽي ڦٽي ڪئي ويندي، تڏهن به تون ائين چوندينءَ ! تون سمجهين چو نٿي، ته اسان تي ڇا پيو وهي واپري."

امان ڪاوڙجي چيو، "اوهان پڙهيلن جون ڳالهيون اسين ڇٽ ڪٿي ٿا سمجهون."

امان ڇڙ ته مونکي زور سان ٿڦڙ وهائي ڪڍيو. ڪين ڇٽ ۽ بي علم بنائي رکڻ ۾ ڪنهن جو ڏوهه آهي؟ ڪيڏي نه بدقسمت آهي اها قوم جنهن جون مائرون بي علم هجن.

مون ڪيس ڀاڪر پائيندي چيو، "امان توکي خبر آهي ته اسان جي ديس تي هميشه ڌارين جو قبضو رهيو آهي، جيڪي اسان کي ڦريندا لٽيندا رهيا آهن. شايد اسين به ان غلاميءَ تي هري ويا آهيون، نه ته هيترو سارو وقت پنهنجو ديس ڌارين جي غلاميءَ ۾ ڪيئن رهڻ ڏيون. امان، مون کي جيترو توسان پيار آهي، اوترو ئي پنهنجي ديس سان آهي. جنهن ديس ۾ ڄائو آهيان، نپنو آهيان، جنهن ڌرتي جي مون ٿڃ پيتي آهي، اها به ته منهنجي ماءُ آهي. ڇا ان جا مون تي ڪي به حق ڪونهن؟"

”پٽ، اسان جي تقدير ئي اهڙي آهي ته پوءِ ڇا ڪريون؟“

”نه امان، تقدير به همت سان بدلجي ويندي آهي. طاقت ۽ زور زبردستي سان دنيا جي ڪيترين قومن کي غلام بنائي سندن حقن تي ڏاڙو هنيو ويو، پر انهن قومن جي ڪوڙن سر جون قربانيون ڏيئي آزادي حاصل ڪئي.“

امان بيزار ٿي چيو، ”مونکي انهن ڳالهين سان ڪو به واسطو ڪونهي. منهنجي خوشي، منهنجو نور اوهين ٻچا آهيو، اوهان کان سواءِ مان انڌي آهيان، مون کي ان کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به ڳالهه جي خبر ڪانهي.“ هن جون اکيون وري به پرجي آيون.

مان وڌيڪ ڪجهه به چئي نه سگهيس. مون ڄاتو ٿي ته امان جو ڪو به ڏوهه ڪونهي. سمورو ڏوهه ان وقت ۽ حالتن جو آهي، جڏهن عورتن کي گهرن جي ڪم ڪار جي مشين بنائي رکيو ويو هو. اهي انڌيون رسمون، رواج ۽ اخلاق جن کي اسان جي قوم جو خاص گڻ سمجهيو ويندو آهي؛ تن اسان تي ڪيڏو نه ظلم ڪيو آهي. جن مائرن کي علم ۽ شعور کان تمام پري ٻي علمي جي اٿاهه اونده ۾ بند ڪري رکيو ويو آهي سي، پنهنجي اولاد کي ڪهڙي سکيا، ڪهڙو سبق ڏينديون! مون چاهيو ته رڙ ڪري چوان، ”امان، اسان جي قوم جي تقدير اوهان جي ٿڃ ۽ اوهان جي لولي ۾ آهي. جي تو پنهنجي ٿڃ گيدي اولاد تي حرام نه ڪئي ۽ پنهنجي ٻچن کي اها لولي نه ڏني، جنهن ۾ شينهن جي گجگوڙ هجي، ته اسين ٻيو موهن جو دڙو بنجي وينداسين. اسان کي مري جيئڻ جو سبق ڏي امان ....“ پر منهنجي اڳيان اٿاهه ۽ ٻي انت اونده ڇانئجي ويئي، جنهن ۾ نيڻ نهار تائين روشني جو ڪو معمولي ڪرڻو به نظر نٿي آيو. تڏهن مونکي محسوس ٿيو ته

مان مري چڪو آهيان. اسين سڀ مري چڪا آهيون، ڪنڌر بڻجي ويا آهيون. وقت جا سڙيل ماڻهو ٽوڪ ۽ نفرت ڳاڙهن نظرن سان اسان کي ڏسي وري يڪدم منهن ڦيري ڇڏين ٿا. منهنجي ذهن ۾ پنهنجي وطن جون اهي قديم قومون ڦرڻ لڳيون جيڪي پنهنجي وقت ۾ تمام سڙيل هيون، پر اڄ وقت هنن کي سوين صديون پوئتي ڇڏي آيو آهي. موهن جي شهر جي سڙيل قوم اڄ موهن جي دڙي وانگر ڪنڌر بڻجي چڪي آهي. ڇا اسين به ..... ڇا اسين به .....

منهنجي چوطرف اوندهه ۽ بي علمي جو ديو پر پکيڙي بيهي رهيو، ۽ ان جي ڏپ کان آس جو پکيئڙو ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڇڏڻ لڳو. مان خبر ناهي ته ڪيڏي مهل امان وٽان اٿي اندر ڪمري ۾ اچي ويهي رهيو هوس. ڪنهن کڙڪي تي سجاڳ ٿي ڏٺم ته منهنجي ننڍي ڀيڻ در تي بيٺي هئي. هن کي ڏسي چاهيم، زور سان چوان، ”وري تون آئي آهين، روئڻ پچڪڻ! اهي لڙڪن جون زنجيرون اسان جي قوم کي مرده بنائي ڇڏينديون. مون ۾ هاڻي وڌيڪ لڙڪن ڏسڻ جي طاقت ناهي.“ پر ان کان اڳ جو مان ڪجهه چوان، هوءَ اندر لنگهي آئي. اندر اچي ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين، ”مون سمجهيو هو ته منهنجو ياءُ دودو آهي، پر اڄ خبر پئي ته تون چنيسر آهين، ادا.“

منهنجون اکيون ڦاٽي ويون. رڙ ڪري چيم ”ٻاگهي!“

هن جو گلو جذبات جي شدت وچان گهُٽجي ويو هو، نظر هيٺ جهڪائي چيائين، ”مونکي معاف ڪجانءِ ادا، مان الائي ڇا چئي ويس. پر مون توکي الائي ڇا سمجهيو هو. مون کي خبر ڪا نه هئي ته تنهنجي دل به ايڏي ڪمزور آهي، جو امان جا لڙڪ ڏسي همٿ هاري ويهندين.“

تڏهن خوشيءَ وچان اٿي ڪيس ڀاڪر پائي

چيم، ”منهنجي ننڍڙي گڏي پيڻ! مون کي اجا بہ وڌيڪ سخت لفظ چئو. تنهنجن انهن ويڻن جي ڪري تنهنجن پائرن جو رت ايامي اٿندو، آفرين منهنجي پيڻ!“

ان گهڙيءَ مونکي محسوس ٿيو تہ منهنجي آس جو پکيئڙو پر ڦڙڪائي اتي ويو آهي. اونده جو ديو ڪنهن زبردست طاقت کان ڊڄي پڄڻ لڳو هو.

مون چيو، ”ٻاگهي، مونکي هڪ ڳالھ ٻڌاءِ، جيڪڏهن تنهنجو پاءُ ديس تان قربان ٿي وڃي تہ تون خوش ٿيندينءَ نہ!“

هن جوش وچان چيو، ”بيشڪ ادا، لک پيرا خوش ٿينديس. وطن جي اڳيان پُٽن ۽ پائرن جون جانيون ڪا بہ قيمت نہ ٿيون رکن. مون کي چنيسر جهڙن پٽن ۽ پائرن کان نفرت آهي، ادا.“

”منهنجي ٻاگهي پيڻ، يقين ڪر، تنهنجو پاءُ دودو ثابت ٿيندو.“

ان وقت منهنجي تصور ۾ اهي لکين ٻاگهيون، ۽ سيان جون مائرون هيون، جيڪي پنهنجن دودن جهڙن پٽن کي مرڪندي موت جو سبق ڏيئي رهيون هيون، ۽ ڪٿي پري ابر ۾ اهاءُ ٿيڻ لڳو هو.

# آئيني سمان سپنا

ڪي ڪي سپنا بہ آئيني جيان هوندا آهن، ۽ انهن ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي اصلي ۽ وچايل روپ پسي ڏاڍو عجيب لڳندو آهي. اهڙا سپنا مرده ذهنن جي تهہ خاني مان هڪ چڻنگ جيان اٿندا آهن. ڪڏهن تہ سطح تي پهچڻ کان اڳ نري خاڪ ٿي ويندا آهن، ۽ ڪڏهن پنيٺ باهہ ڀڙڪائي ويندا آهن، پر جڏهن اسين اهڙي آئيني سمان سپنن ۾ پنهنجو وچايل، شاندار ماضي ڏسندا آهيون تہ حال جي زنگ ڪاڏل، غلاماڻن خيالن تي ڦڪي ٿيڻ بدران آئيني تي خار ڪائيندا آهيون، ۽ ان کي ٽوڙي ڇڏيندا آهيون. رات مون بہ هڪ اهڙو آئينو ڏٺو، ۽ اهو اڃا تائين منهنجي اڳيان آهي...

مان هڪ کنڊر بڻجي ويل شهر ۾ بيٺو هوس. چؤطرف ويراني ۽ سڄ لڳي پيئي هئي. شهر جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ ان جي عظمت ۽ شاندار ماضيءَ جا ڦٽل نشان موجود هئا. عاليشان پر ڊٺل جاين ۾ گدڙ، بگهڙ، نانگ ۽ وڇون ويٺل نظر آيا. مان ڊڄي لڪندو لڪندو هڪ کلئي ميدان ۾ اچي پهتس. واڻڙو ٿي ويس. زمين تي چوڌاري لاشا پکڙيل هئا. شايد جنگ جو ميدان هو، ۽ رت بہ اڃا تازو هو. مان ڊڄي ويس. مون لاش ڏانهن ڏٺو. سيني جي منهن تي عجيب مرڪ پکڙيل هئي. سيئي چهرا گل جيان ٽڙيل هئا، پوءِ بہ انهن جي هيبت شينهن جهڙي هئي. پنهنجي بزدليءَ تي شرم وچان منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو. مون کي سيئي چهرا ڄاتل سڃاتل محسوس ٿيڻ لڳا. مان هر ڪنهن کي چتائي چتائي ڏسندو اڳتي وڌندو رهيس.

’هي ڪير آهي! هي تہ مون کي ڄاتل سڃاتل ٿو لڳي. ڪيڏي نہ پنهنجائپ آهي هن ۾...‘ پر ڪنهن جو بہ نالو

منهنجي ذهن تي تري نتي آيو. مان پريشان ۽ وائڙو، اتي ئي ڦرندو رهيس. اوچتو منهنجي نظر هڪ ڳڀرو نوجوان تي وڃي پيئي. منهنجي روح کي چڪ اچي ويئي. مان هن جي ويجهو ويس. ڪنهن اڄاتي جذبي سببان هن جي سگهي ۽ مضبوط ٻانهن تي پنهنجو هٿ ڪٽي رکيم. رڳو ڇهڻ جي دير هئي. هو ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهيو. هن جي روشن پيشانيءَ تي ذرو به گهُنج نہ پيو، منهن تي اهائي لافاني مُرڪ ۽ سرهائي پکڙيل هئي.

"تون هتي ڪيئن آيو آهين، ادل!" هن ٻاجهہ پر ، آواز ۾ پڇيو.

"مان... مان... مون کي خبر ناهي! پر هي سڀ ڪير آهن؟..."

"تون هنن کي نٿو سڃاڻين! ڪيڏي عجب جي ڳالهہ آهي..."

مون چيو، "مون کي چهرا تہ ڄاتل سڃاتل ٿا لڳن، پر الائي ڇو هنن جا نالا ذهن تي تري نٿا اچن..."

"تون سنڌي ناهين ڇا!"

"مان سنڌي آهيان يقين ڪر، مان سنڌي آهيان."

هن وري پڇيو، "تون سنڌي آهين پوءِ بہ هنن کي نٿو سڃاڻين، تون شايد سنڌ ۾ ڪڏهن ڪونہ رهيو آهين!"

مون چيو، "مان سنڌ ۾ ئي ڄائو نپنو آهيان، سڄي ڄمار سنڌ جو اَنُ کاڌو اٿم ۽ سنڌوءَ جو پاڻي پيتو اٿم. منهنجو خمير سنڌ جي شيءِ مان ئي جڙيو آهي..."

تڏهن هو ٻنهہ وائڙو ٿي ويو، "ڇا ٿي ويو آهي اوهان کي! ڪهڙو واءُ وريو آهي اوهان تي! مون کي هتي آئي ڪو ٿورو وقت مس ٿيو آهي، ڇا ايتري ۾ منهنجي قوم، منهنجو ديس ايڏو بدلجي ويو آهي جو ڪانئن پنهنجا سورما دودو ۽

دريا خان وسري چڪا آهن!...“

هن مون کي ٻانهن کان جهلي هڪ طرف ڇڪيندي چيو، ”هيڏانهن اچ هن کي سڃاڻين ٿو...“ هن هڪ جوڙي جوان ڏانهن اشارو ڪيو.

”شايد... پر مون کي هن جو نالو ياد نٿو اچي.“

هن کان ذري گهٽ رڙ نڪري وئي، ”اوهان هوشوءَ کي ٻه وساري ڇڏيو! منهنجي وهم ۾ ٻه اهو ڪونه هو ته منهنجي قوم اهڙي ٿي ويندي...“ ڪجهه وقت اڳي هن جي چهري تي جيڪا لافاني مرڪ ۽ سرهائي پکڙيل هئي ان جي جوت گهٽجي وئي.

”مون کي سڃاڻين ٿو؟“

”تون!“ مون ذهن تي زور ڏنو، ”ها، پر...“ منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو، هن جي واتان ڪجهه ٻه نه اڪليو، مون کي ڏسندو رهيو. ڳچ مهل کان پوءِ چيائي، ”منهنجو نالو هيمون آهي.“

مون يڪدم وراڻيو، ”هيمون! ڇو نه، هيمونءَ جي باري ۾ ته اسين اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تاريخ ۾ پڙهندا آهيون، هيمونءَ، اڪبر مغل بادشاهه سان پاڻيپٽ جي ميدان ۾ جنگ ڪئي هئي.“

هن کان ٺهڪ نڪري ويو، مان سخت لڄي ٿيس.

”ان جو سنڌ سان ڪهڙو واسطو! اوهان کي اسڪولن ۽ ڪالجن ۾ سنڌ جي تاريخ ڪانه پڙهائي ويندي آهي ڇا، مان هيمون ڪالاڻيءَ جو ذڪر ٿو ڪريان جيڪو سنڌي هو. سامراجي انگريزن کان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ هن پنهنجن هڪ جيڏن جوانن سنڌي شاگردن جي آزادي واريءَ تحريڪ ۾ ڪم ڪيو هو. سکر ۾ ريل جي پٽي اکيڙي ريل ڪيرائڻ جي الزام ۾ انگريزن کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو

هو.“ هو خاموش ٿي ويو، پر منهنجي اندر ڪا ستل شيءِ جاڳي پئي هئي ۽ چئي رهي هئي: هي ته اهو سورهيه هيمون آهي، جنهن کي انگريزن چيو هو ته ’تون رڳو اسان کان معافي وٺ ۽ واعدو ڪر ته آئيندي آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو نه وٺندين ته تنهنجي نوجوانيءَ تي رحم ڪري توکي آزاد ڪري ڇڏيون. پر هن جواب ڏنو ته ديس جي خاطر اهڙيون لکي نوجوانيون قربان. جيڪڏهن مون کي آزاد ڪيو ويو ته مان ڪڏهن به گيدي ۽ غدار بڻجي غلاميءَ جون بيڙيون پائي نه ويهندس.“ هو مرڪندي ڦاسيءَ تي چڙهي ويو ۽ ان هيمونءَ کي اسان وساري ڇڏيو!

شرم وچان منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو. ”سنڌ وارن توکي شايد ان ڪري وساري ڇڏيو جو تون هندو هئين.“

پر هن منهنجي ڳالهه تي ڪو به ڌيان ڪونه ڏنو. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ پڻ پڻ ڪري رهيو هو. اوچتو هن پنهنجن مضبوط هٿن سان منهنجي ڳلي کي ڇڪي چيو، ”مان پنهنجي سنڌ اوهان جي حوالي ڪري ويو هوس، منهنجو ديس ڪٿي آهي... مون کان پوءِ اوهان به ته ٽڪجي ۽ ڏڄي سمهي پيا... مون کي جواب ڏيو... جواب ڏيو...“ مون وٽ ڪو به جواب ڪونه هو. هن مون کي زور سان ٺيلهو ڏنو، ۽ مان منهن پر وڃي ڪريس.

آئينو اڃا تائين منهنجي اڳيان آهي. مان ان ۾ ڇتائي ڇتائي پاڻ کي ڏسي رهيو آهيان، الائي ڇو مان اڃا ان ۾ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي نه سگهيو آهيان. ڏڄان پيو ته پاڻ سڃاڻڻ کان اڳ آئينو ٽٽي نه پوي ۽ سپنا نري خاڪ نه ٿي وڃن...

# آزادي

هڪڙو طوطو آزاد ۽ کليءَ فضائن ۾ اڏامندو ڪنهن گهر تي اچي وينو. اوچتو هن جي نظر اڱڻ ۾ ٽنگيل پڃري ۾ بند ٿيل طوطي تي پيئي. پنهنجي هڪ ياءُ کي باندي ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ويجهو ٿي، ڏک ڀريل آواز ۾ چيائين، "قدرت اسان کي آزاد رهڻ جي لاءِ خلقيو آهي، پر هيءُ ڪهڙو نہ ظلم آهي، جو ماري اسان جا قدرتي حق ڪسي اسان کي ائين غلاميءَ جي پڃري ۾ بند ڪريو ڇڏين."

غلام طوطي چيو، "اهي اکر تہ ماري استعمال ڪندا آهن، ۽ هنن جي غلاميءَ ۾ رهي تون اهي اکر سکي ويو آهين. مون جهڙي آزاد طوطي کي انهن جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. منهنجي دل تہ هڪ ياءُ کي باندي ڏسي ڪڙهي ٿي. مان پنهنجن ياٺرن سان گڏجي هن پڃري کي ٽوڙي توکي آزاد ڪرائيندس."

غلام طوطي پڃري ۾ ڦڙڪو ڪائي رڙ ڪئي، "بند ڪر پنهنجي اها بڪواس! مان هن پڃري جو اٽوٽ، ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿيندڙ حصو آهيان. تون آزاديءَ ۽ بغاوت جي نالي ۾ مون جهڙن نمڪ حلال طوطن کي ڀڙڪائڻ ۽ استعمال ڪرڻ چاهين ٿو. ههڙي سهڻي پڃري کي ٽنڻ ڪيئن ڏبو... ڪيئن ٽنڻ ڏبو!"

آزاد طوطي کان هڪ وڏو ٽهڪ نڪري ويو، هن چيو، "دوست، آزاديءَ جي زندگي جو هڪ ڏينهن، غلاميءَ واري حياتيءَ جي سئو سالن کان وڌيڪ بهتر آهي، ۽ جيڪو آزاديءَ خاطر نٿو ڪسي، سو اسان جي ڪڙم مان ناهي. تون تہ نمڪ حلاليءَ جي نالي ۾ پنهنجن آقائن جي اشاري تي بوليون بولين ۽ نچين ٽپين ٿو. منهنجا ياءُ تنهنجو ذهن

غلاميءَ ۾ رڳجي چڪو آهي. تون پڃري جي گهُٽ ٻوساٽ ۾ ڪني ٻوءِ تي اهڙو هري ويو آهين جو رڳو آزاديءَ جي ڳالهہ جو هلڪو جهونٽو توکي ڪيڏي تڪليف ٿو پهچائي! مبارڪ هجن توکي اهي پڃري جون سيخون، اسان جي منزل تہ آزاد فضائن ۾ آهي.“

غلام طوطي بيزار ٿي چيو، ”چڱو چڱو، گهٽ ٻوساٽ ۽ ڪني ٻوءِ ۾ سهٽي پڃري جو پنهنجو مسئلو آهي، تنهنجو ان سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. وڏو آيو آهي آزادي ڏيارڻ، سواءِ بڪواس ڪرڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن رلڻ جي ٻيو اوهان ڇا ٿا ڪريو! اوهان جاهل آهيو، نڪما آهيو، ڪاهل آهيو، ڪم چور آهيو، هليو وڃ هتان، هون.“ پوءِ هو اکيون ٻوٽي، ڪنڌ لاڙي، جهوٽا کائڻ لڳو. آزاد طوطي جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا، ۽ پوءِ هو آزاد فضائن ۾ اڏامي ويو.

# اسين ڪير آهيون؟

حيدرآباد ۾ دهشت گردن ڪي جڏهن ٻه ڏرتيءَ ڏٺين جو قتلام ڪرڻو هوندو آهي ته پهرين ان جي ريهرسل ڪندا آهن. شروع شروع ۾ سنڌي ڳوٺاڻن جي بيعزتي ۽ مارڪٽ ڪئي ويندي آهي. ان ڪان سواءِ اسڪولن ۾ پڙهندڙ سنڌي ٻارن کي هيسائڻ جو ڪارروايون ٿينديون آهن.

اها ريهرسل ڪجهه ڏينهن ڪان هلندڙ هئي. ٽي چار دهشت گرد ڪليشنڪوف کڻي هڪ نامياري اسڪول جي اندر گهڙي ويا. ان اسڪول ۾ شهر جي امير ۽ شاهوڪار ماڻهن جا ٻار پڙهندا آهن. دهشت گرد هڪ ڪلاس ۾ داخل ٿيا. ان وقت سندن هم زبان ٽيچر ڪلاس وٺي رهي هئي. دهشت گردن هن کي ٻاهر نڪري وڃڻ جو اشارو ڪيو.

هوءَ ٻارن کي دهشت گردن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ٻاهر هلي وئي.

”هتي جيڪي سنڌي آهن سي اٿي بيهن!“ اڳواڻ دهشت گرد حڪم ڪيو.

ڪلاس ۾ ڪل ٽيهه ٻار هئا جن جي عمر لڳ ڀڳ ڇهه ست سال هئي.

”جيڪڏهن ڪنهن ڪوڙ ڳالهايو ته ان کي گولي هڻنداسين....“ ٻئي دهشت گرد دڙڪو ڏنو.

ڏهه ٻار ڏڪندا اٿي بيٺا. انهن جي اکين ۾ پهريون ڀيرو موت جا خوفناڪ پاڇا لهي آيا هئا.

”سڀ هيڏانهن ڪنڊ ۾ قطار ۾ ٿي بيهو!“

هيسيل ڊنل ٻار هڪ ڪنڊ ۾ ٿي بيٺا.

ٻه دهشت گرد انهن ٻارن کي چماٽون هڻندا سندن

واچون پينون ۽ کيسن ۾ پيل خرچي کسيندا ويا.

"اِجا ڪو رهي ٿو؟"در تي بيٺل دهشت گرد پنهنجي هم زبان ٻارن ڏانهن نهاري چيو."ڪنهن ڪوڙ تہ نہ ڳالهايو آهي؟"

هڪڙي ٻار ٻئي ٻار ڏانهن اشارو ڪيو.

"اتي بيهہ!" دهشت گرد رڙ ڪئي.

ٻار ٻجي اتي بيهي رهيو.

"ڪير آهين تون؟" دڙڪو.

"مان سيد آهيان."

"مهاجر سيد يا سنڌي سيد؟" ٻيهر دڙڪو.

ٻار منجهي پيو. ٿورو سوچي چيائين، "الاجي!"

" گهر ۾ ڪهڙي زبان ڳالهائيندا آهيو؟" دهشت گرد هاڻي ڪجهہ نرميءَ سان پڇيو.

"انگلش ۽ اردو." ٻار وراڻيو.

دهشت گرد مشڪيا.

"پوءِ هي سنڌي ڪيئن ٿيو؟"

هڪڙي دهشت گرد ٻئي کي چيو.

"هون!" اڳواڻ دهشت گرد ڪجهہ سوچيو. مسئلي کي سلجهائڻ ضروري هو. پوءِ هن کي هڪڙي اٽڪل سمجهہ ۾ آئي." تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟"

"زميندار آهي."

"هون!" دهشت گردن معني خيز انداز ۾ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.

"ڪتي زمينون آهن پٺهين جون؟"

"سڪرنڊ ۾...." اوچتو هڪ چماٽ نڪاءُ تي وئي ٻار جي ڳل تي. هو ڊيسڪ تي وڃي ڪريو.

"اسان کي ٿو بيوقوف بنائي هيڏو آڱوني جيڏو ڇورو!" دهشت گرد ٺوڪ وچان چيو.

”ڪٿو هن سنڌي ماڙو جي پونگي ڪي....“ اڳواڻ دهشت گرد حڪم ڏنو.

دهشت گرد سرٽين وانگر ٻار کي ڪنڌيءَ کان پڪڙي ٻاهر ويا. اسڪول جي ڪاريڊور ۾ سڄ لڳي پئي هئي. شاگرد ۽ ماسترياڻيون ڪلاسن ۽ ڪامن روم ۾ ساهه سڪايو وينا هئا.

دهشت گردن ٻار کي ڪٽي آٽي ٻاهر بيٺل جيپ ۾ ڦٽو ڪيو. جيپ تيز اسپيڊ سان هلي وئي. دهشت گرد ٻار کي چنبا ۽ ٺڪا هڻندا ۽ گاريون ڏيندا رهيا.

”هُو سالا اردو پڙهي لکي اسان جا حق کسي ويا. ۽ هاڻي سنڌين اها حرامپائي شروع ڪئي آهي،“ اڳواڻ دهشت گرد ٻين کي ان وڏي سازش کان واقف ڪيو.

”هون!“..... ٻين دهشت گردن خطرناڪ هونگار سان ٻار ڏانهن گهوري ڏٺو. هنن کي ٻار ان سازش جو حصو لڳو.

”هن جو پيءُ سيد آهي ۽ وڏو زميندار آهي. پڪ سان سوئر پاٿاريدار به هوندو ۽ ماڻهن کي اغوا ڪرائي پيسا وٺندو هوندو.!“

” اڄ سندس پٽ اغوا ٿيو آهي. پلي سوئر جي ٻچي کي خبر پئي...“ دهشت گرد ٺهڪ ڏيڻ لڳا.

”پوءِ ڪيئين ماسٽر؟ ڪٽي هلون هن کي ٽارچر سيل ۾....“ جيپ هلائيندڙ دهشت گرد پڇيو.

” چورو ٽارچر سيل جي دپ ڪونه جهليندو. مري پوندو،“ پئي ڪجهه الڪو ڏيکاريو.

” پر اجا مرڪز کان گرين سگنل نه مليو آهي. اجا فقط مارڪٽ ڪرڻ جا آرڊر آهن،“ اڳواڻ دهشت گرد چيو.

”نيڪ آهي ته پوءِ هن کي ڪٽي رش ۾ ڦٽو ڪري هليا ويندا سين.“ هنن فيصلو ڪيو.

جيپ هوم اسٽيڊ هال واري چاڙهي چڙهي مٿي آئي. هڪڙو دهشتگرد ڪليشنڪوف سميت پڪي قلعي جي در وٽ لهي ويو. جيپ ورن وڪڙن واري قلعي جي رستن تان هلندي

هيٺ آئي ۽ فقير جي پڙ ڏانهن ويندڙ چوواٽي تي رش ۾ اچي بيهي رهي. هڪ دهشت گرد ٻار کي جيپ مان هيٺ لاٿو ۽ جيپ قليلي ڏانهن ويندڙ رستي تي هلي وئي.

ٻار ڊپ وچان ڏڪي رهيو هو. سندس نڙي سڪي وئي هئي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڪٿي هو. هن کي همت نه پئي ٿي ڪنهن کان ڪجهه پڇڻ لاءِ. ٻار سٽي ڪاليج جي اڳيان ٿهيل دڪانن جي فٽ پاٿ تي ويهي رهيو.

ان عرصي ۾ اسڪول جي پرنسپل پوليس کي ۽ ٻار جي مائٽن کي اطلاع ڪري چڪي هئي. پوليس جون موبائيل ٽيمون ۽ ٻار جي پيءُ شاهه صاحب جي پجيرو جيپ ڳولا ۾ نڪري پيون هيون. شهر کان ٻاهر ويندڙ رستن تي ٿهيل پوليس چوڪين تي سخت چيڪنگ جي مسخري شروع ٿي وئي هئي.

پوليس جي هڪڙي گاڏي ڊومڻ واهه، نشاط سئنيما کان ٿيندي فقير جي پڙ طرف آئي. اي- ايس- آئي جي نظر اوچتو فٽ پاٿ تي وينل ٻار تي پئي. ٻار سنڌي ٽي لڳو ۽ ڪنهن وڏي گهراڻي جو هو. هن ڊرائيور کي گاڏي روڪڻ لاءِ چيو.

اي ايس آئي لهي هيٺ آيو ۽ ٻار وٽ ويو.

”ڪير آهين تون؟“ هن پڇيو. ٻار ڊڄي اٿي بيهي رهيو. هو ڊپ وچان ڪو جواب نه ڏئي سگهيو.

”بابا، تون ڪير آهين؟ ڪنهن جو پٽ آهين؟ ڪٿي رهندو آهين؟“

”ڊفينس سوسائٽي“ ۾ ٻار ڏڪندي ڏڪندي آخري سوال جو جواب ڏنو.

اي ايس آئي کي پڪ ٿي وئي ته هي سيدن جو ٻار هو. ”سيد احمد علي شاهه جو پٽ آهين؟“

”ها،“ ٻار ورائيو.

اي ايس آءِ جون واڇون ٽڙي ويون.

”زور آور! پهرين چو ڪونہ تي ٻڌايئي تہ ڪير آهين. چڱو ويهہ گاڏيءَ ۾. شاهہ صاحب پاڻ ٽاڻي تي وينو آهي....“

هن ٻار کي ونئي پاڻ سان گڏ اڳيان ويهاريو ۽ وائرليس تي ٻار جو ملڻ جو پيغام ڏنو.

گاڏي ٿاڻي تي پهتي تہ شاهہ صاحب اڳي ئي ٻاهر بينو هو. هو ٻار کي ڀاڪرن مان ئي نہ پيو ڪڍي. ٻار صفا وائڙو ۽ منجهيل هو. هن هڪڙو اکر بہ نہ ڳالهايو.

شاهہ صاحب اي- ايس- آئي جون لک لک مهربانيون مڃڻ لڳو.

”سائين، اسين تہ پنهنجي وسان نٿا گهٽايون. جان جوکن ۾ وجهي بہ اوهان جي خدمت ٿا ڪريون. پوءِ بہ ماڻهو چون ٿا تہ پوليس نااهل آهي. ڪرائيم تہ ڪنٽرول نٿي ڪري.“

”نہ نہ، اجوڪو ڪارنامو تہ سيني ڳالهين جو جواب آهي،“ شاهہ صاحب چيو.

بيان لکائڻ لاءِ ٻار کي انسپيڪٽر جي ڪمري ۾ اندر نيو ويو.

”شاهہ صاحب تي پنهنجو تورو ٿي ويو. خبر اٿئي؟“ ايس- ايس- آءِ پويان ويندي جمعدار کي اک هنئي. ”شاهہ صاحب جلدي وزير ٿيڻ وارو آهي.“

قانوني ڪاروائي پوري ٿيڻ کان پوءِ شاهہ صاحب ٻار کي ونئي بنگلي تي پهتو. ٻار جي ماءُ، پيڻون، ڦڦيون رئنديون آيون ۽ واري واري سان ٻار کي ڇاتيءَ لاتائون.

ٻار چپ چاپ سيني کي ڏسندو رهيو. پوءِ سڄو لڏو ڊرائنگ هال ۾ اچي وينو. هو ٻار کان مختلف سوال پڇڻ لڳا ۽ ٻار ”ها نہ“ ۾ جواب ڏيندو رهيو. جهڙوڪر هو اڃا تائين ٿاڻي ۾ وينو هو.

”ويچارو تڪل آهي، سڄي ڏينهن جي بک اٿس. ماني تہ ڏيوس، ڪين متي ڪائڻ ويھي رهيون آهيو سڀ،“ شاھ صاحب سيني کي ڏڙهي ڏني. ٻار ملڻ جي خوشيءَ ۾ گهر وارن کان اها ڳالهہ ئي وسري وئي هئي تہ ڪو ٻار بکيو آهي.

”نہ، مون کي ماني نٿي وڻي.“

ٻار ڦهريون پيرو ڳالهايو. پوءِ اوچتو هو اٿي بيٺو. هن پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ ڏانهن منهن ڪري پڇيو: ”اسين ڪير آهيون؟“

گهر وارن حيرت مان هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

”اسين سيد آهيون، بابا!“ شاھ صاحب هن کي ٻڌايو.

”هن کي اها بہ خبر ڪانهي تہ اسين سيد آهيون!“ ٻار جي ماءُ کي سڄي ڏينهن جي ذهني عذاب ڀوڳڻ کان پوءِ ڦهريون پيرو پنهنجي پٽ جي سادگيءَ تي کل آئي.

”نہ، اوهين سڀ ڪوڙ ٿا ڳالهايو. اسين سنڌي آهيون...“ ٻار رڙيون ڪري چوڻ لڳو.” اسين سنڌي آهيون، تڏهن تہ هنن مون کي ماريو....“ هو ڊوڙندو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

# ڦيرو

وڏيري جي واڇن مان ڳڦ پئي ڳڙي، زبان تي گارين جو ڏوڙيو هئس.

”هن ڪميٽي، ڪتي جي ڦر ڏني جي ايڏي مجال ٿي، جو منهنجي ڏراڙ کي گاريون ڏئي، منهنجون مينهون ڊوڙائي ڪڍيائين! اڙي علو، هن کي هڪدم گيري وٺي اچ مون وٽ،“ وڏيري واهيءَ کي هڪل ڪري چيو. هارين ۽ واهين جو رت جڻ تہ ڄمي ويو. دپ ۾ وڏيري کي ائين ڏسڻ لڳا، جيئن ٻلي ڪتي کي.

”الاهي پناهہ! اڄ ويچاري ڏني جو خير ڪونهي.“ پوڙهي ولوءَ آهستي ٻُڻ ٻُڻ ڪئي.

”چاچا آهي ڇا؟ اڄ تہ وڏيرو ڇتو ٿي پيو آهي!“ پاسي ۾ وينل هڪ نوجوان سرباٽ ڪندي پڇيو.

”ابا، وڏيري وارو جيڪو ڏراڙ آهي، سو آهي وڏيري جو ويجهو مائٽ، ان ڪري وڏيرو بہ ان کي اکين جو تارو ڪري سمجهندو آهي. اڄ ڏني جي پوک ۾ وڃي مينهون پيون، ويچاري جو الاهي نقصان ٿيو. هن ڏراڙ کي چيو تہ مينهون پوک مان ڪڍ، تنهن تان ايتري سڀ ٻري آهي!“

”چاچا، اهو تہ ظلم آهي! جي وڏيري جو مال ٿو پيلاڙ ڪري تہ ويل، جي ٿا هڪليون تہ بہ ويل! هاڻي وڃون سو وڃون ڪيڏانهن؟“ نوجوان جواب ڏنو.

”بس ابا، مني بہ ماٺ، مُني بہ ماٺ!“ پوڙهي ٿڌو ساهہ ڀري چيو.

”هي علو ڪيڏانهن گم ٿي ويو، بدو وڃي ڏس، پٽس ڏني وٽ وڃي ويهي رهيو ڇا؟“ وڏيري ان نوجوان کي هڪل ڪري چيو. بدو ڏڪار وچان منهن ڦٿائي اٿيو.

ڏنو پريان ڏڪندو ڏڪندو آيو. اڪيون ڪانوڙا، چپ سُڪل، ڊپ ۾ منهن رنگ ڇڏي ويو هئس. وڏيري هن کي ڏسندي ئي ٻُجن ۽ گارين جو ڏوڙيو لائي ڏنو:

”اڙي سوئر جا ڦر، تو منهنجي ڏراڙ کي گاريون ڏيئي، مينهون ڊوڙائي ڪڍيون. جيئن نتو ڪڇان ته مٿي تي چڙهي ويا آهيو.....“

”سائين سڄو سال محنت ڪريون، اها هڪ پل ۾ برباد ٿيو وڃي.........“ڏني ڪوشش ڪري به ٽي لفظ نڙيءَ مان ڪڍيا.

”ڪميڻا، ٻني ڪا پڻهين جي آهي ڇا؟“ وڏيرو تپي باهه ٿي ويو. هو ڪرسي تان اٿي بيهي رهيو، ”اڙي علو، وارو ڪر، ونينس پيٽسان ڪي..... پيٽيان ٻڌين ڪونه ٿو، اڙي سگهو ٿي، ڪين ڪريان تو کي به سڌو!“ وڏيري جو دڙڪو ٻڌي هو اڳتي وڌيو، هن ڏني ڏانهن نهاريو، هن جون نماڻيون، ڊنل اکيون ڏسي هو پهاڙ وانگر هڪ هنڌ ڄمي ويو.

”بدو، اڙي او بدو! اڙي تون اچي مزو ڏيکار!“ بدوءَ هن کي تيز تيز نظرن سان گهوري ڏنو. ڏني جي مڙده دل ۾ ساهه پئجي ويو، هن زبان ڦيري چپن کي آلو ڪيو. وڏيري بيوس ٿي ماڻهن ڏانهن نهاريو، هو تيز نظرن جو تاب جهلي نه سگهيو. هن ڏني کي ڏنو، هن کي محسوس ٿيو ته ڏني ۾ هڪ ڦيرو اچي چڪو هو، سيني هارين ۾ ڦيرو اچي چڪو هو. هو پنيان هٽيو، ۽ هارايل جواري وانگر پاڻ کي ڪرسي تي ڪٽي ڇڏيائين.

# رت جو ريج

”ڏڳن ڪم ڪرڻ کان ناڪار ڪئي آهي.صفا پڙ ڪدي بيهي رهيا آهن.“ اها خبر سڄي ڳوٺ ۾ وڄ وانگر پکڙجي ويئي. جتي بہ - عاروءَ جي هٽ ۾، ڳوٺ واري پڙ ۾، جهرجهنگ ۾- بہ چٽا پاڻ ۾ گڏيا تي تہ اها ئي مقال هئي. جڏهن ڪا خاص ڳالهہ ٿيندي هئي تہ سڀ ڳوناٺا مڙي سڙي اچي عاروءَ جي سوڙهي هٽ ۾ گڏ ٿيندا هئا. اڄ تہ عاروءَ جي رڙ مٿي رڙ هئي: ”ٻيلي مون مسڪين جو هٽ تا پيجو....“ پر ڪنهن بہ هن جي رڙين تي ڌيان ڪونہ تي ڏنو. سيني جي وات ۾ رڳو ڏڳن جي ئي مقال هئي.

خيري کي ڏڳن تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو. چي: ”هنن بيوقوف ڍورن جو دماغ اچي خراب ٿيو آهي. چون ٿا تہ اسان کي بہ اوهان جهڙو ساهہ آهي، گهڻو وقت ظلم سناسين، هون....“

”پر يرِ، هنن اهڙيون ڳالهيون سکيون ڪٿان آهن؟“ چاچي منر کي ان ڳالهہ تي ڏاڍو عجب هو، هر هر اها ڳالهہ تي ڪيائين.

”چاچا، سڄي دنيا سجاڳ ٿي ويئي آهي. ڪتا بہ ماڻهن سان گڏ ڪائن پيئن ۽ گڏ رهن ٿا. هي تہ پوءِ بہ وڏي ڪم وارا جانور آهن،“ هڪ نوجوان وراڻيو.

”تون چپ رهہ!“ولوءَ هن کي چڙٻ ڏيئي چيو. ”اوهان چورن ئي هنن کي ڪاريو آهي. اهڙيون اهڙيون اجايون ڳالهيون ڪري هنن بيوقوف ڍورن جي مٽي ۾ الائي ڪهڙو واءُ يري چڏيو اٿوَ.“

”مون وارو ڪانورو ڏڳو ٿو مون کي چئي، تہ سائين

اسين پنهنجو رت ولوڙي اوهان جي لاءِ روزي پيدا ڪريون، ۽ اسان کي سڪل گاهه به موچڙن کائڻ کان پوءِ ملي....“

”بيلي وڏا سچ چئي ويا آهن قيامت ويجهي آهي. ڀلا هنن بيوقوفن کي ڪير سمجهائي ته خدا پاڪ جلشانه هر شيءِ کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پيدا ڪيو آهي. ائين ته دنيا جو ڪاروبار هلي پيو.“

” ته چاچا اها ڳالهه به خدا هنن جي دماغ ۾ پيدا ڪئي آهي، ته هاڻي اوهان به سجاڳ ٿيو. خدا ئي ته هنن کي اهو عقل ڏنو آهي،ٻيو ڪنهن کي طاقت آهي،“ ساڳئي نوجوان وري چيو.

”ماٺ ڪر چورا، ڪفر ٿو بڪين!“ هڪڙي پوڙهي چيو. گهڙي ڪن لاءِ ماٺ ٿي ويئي.

”آخر هنن ڍڳن کي کهڙي سيڪت ڏجي، موچڙا ته روز ٿا کائڻ!“ هڪڙي جٽي پڇيو.

”بيلي منهنجون ٻانهون ته اجا ٿائين ساٽيون آهن: ڪلهه ڍڳن کي جيڪا مار ڏني هئيسين تنهن ته مرڳو هٿي اسان کي بيمار ڪري وڌو آهي،“ خيري ڪنجهندي چيو.

”مون سان پاڻ اهو حال آهي. ڪلهه سيني کي پڪ ٿي ويئي ته موچڙن سان هو ڪڏهن ڪونه سڌرندا. ٻيو ڪو علاج ڳوليون.“

”ڏهه پندرنهن جٽا گڏجي هنن کي سمجهائڻ ويا آهن، ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي.“

پر سيني جو اهو خيال هو ته ڪلهه ايتري مار سان به ڪونه مڃيائون، سو سمجهائڻ سان ڪٿي سمجهندا. سيني کي ڏاڍا خار هئا. ڪنهن دڙڪا پئي ڏنا، ته ڪنهن گاريون پئي ڏنيون، ۽ ڪنهن کي وري دپ پئي ٿيو. ”ڍڳن ڪيترن ڏينهن کان گوهي هنئي آهي، پوڪ ڪانه ٿيندي، وڏيرو لاه ڪدي

ڇڏيندو.“

”سلام ماليڪم،“ ٻاهران ايندڙ هنڪ همراهه سهڪندي سلام ڪيو. ماناري ۾ چڻ تہ ڪنهن جو هٿ لڳي ويو هو ۽ مڪين جي پڻ پڻ تيز ٿي ويئي.

”پيرل، ڪر خبر؟“ هڪڙي همراه تڪڙ مان پڇيو.

”خبرون ڪهڙيون! سهي جون ٿنگون ٿي، اصل پوري ڳالهہ ئي نتا ٻڌن. چون ٿا تہ اوهان اسان کي گهٽا ڏينهن پنيلايو ۽ نڀيو آهي. هاڻي اسان کي بہ جاڻ پئي آهي تہ اوهان اسان کي ڦري لٽي عيش ٿا ڪريو. هر ڪاهي ڪاهي، ٻنيون کيڙي، ان ڳاهي ڳاهي، ڪلها گسائي مريو وڃون. هون!“ پيرل ڏڳن کي گار ڏني.

”مٺر واري مرگهيل ڳاڙهي ڏڳي جي ڳالهہ ٻڌي هيئي؟ چي: ’اسين تہ جيئري مئا پيا آهيون، اسان جو موت ماڪوڙي جي موت جي برابر آهي، ان ڪري ڇو نہ پنهنجو بيڪار رت ڏيئي پوين کي سکي ڪريون.“ عارب چيو.

”ها يار! اهو مرگهيل ڳاڙهو وڏو شرارتي آهي. حال ڏسينس ٿو: مٺر جي مار ماس تہ ڳاري ڇڏيو اٿس، باقي نلهو ڇوڙهو وڃي رهيو آهي، تڏهن بہ ڪا لچائي ڇڏي ٿو،“ ولوءَ خار ڪائيندي چيو.

”سو تہ نهيو. وٺو ان ڳالهہ کي تہ هاڻي ڪجي ڇا؟“

”ڪبو وري ڇا! آءٌ ڏڳن جي وڏن کي دڙڪو ڏيئي آيو آهيان تہ پنهنجن ڇورن کي سمجهايو، اسين پوءِ بہ پنهنجا آهيون، ماري ڇانو ۾ رکنداسين، پر جيڪڏهن وڏيري کي خبر پئي تہ جاڻ ڳجهن جي لاءِ مڪو مٺو،“ پيرل ٻڌايو.

”وڏيرو!“ خيري ڪان ذري گهٽ رڙ نڪري ويئي، ”وڏيرو تہ اڳئي اهڙي موقعي جي تاڙ ۾ آهي تہ ڪو وجهہ وٺي اسان سيني کي پنهنجي موروثي ٻنين تان بيدخل

ڪري، پنهنجن کي نوازي. حال اڳئي ڏسو پيا ته روز روز اسان جون ٻنيون وڏيري جي ٻاهران آيل چاڙتن ۽ خوشامدڙين جي قبضي ۾ اينديون پيون وڃن. ٻني تئي يا نه تئي، پر وڏيري کي پنهنجو حصو ضرور کپي. اهو اسان کي ڪيئن به ٻني سني ڏيٺو آهي.“

”سچ تو چئين! هاڻي ته اچي ٻن ٻاهين جي وچ ۾ ڦاتا آهيون، جي ڏڳن کي ٽا مجون ۽ چوٽ چڏيون ته سمورو ڪم اسان کي ڪرڻو پوندو، جي وڏيري ڪان مدد ٽا گهرون ته مرڳو ٻنين تان هٿ تو ڪٽڻو پوي. ڪجي سو ڪجي ڪيئن!“

”وڏيري جي حڪم تي ڏڳن تي اڳئي کي تورا ظلم ڪونه ڪيا اٿئون. ان ڳالهه ته ڏڳن کي هيڪاري بر ڪري چڏيو آهي.“

”پوءِ چاچا، ٻنين ڦرائڻ ڪان بهتر ائين نه ٿيندو ته ڏڳن سان ٺاهه ڪريون. ڏڳن هميشه اسان تان سر ڏنا آهن. پر اسين آهيون جيڪي پاڻ ته ظلم ڪريون پر ڏارين ڪان به مارايون. اهو ته پنهنجي پيرن تي پاڻهي ڪهاڙو ٽا هڻون،“ نوجوان چيو.

”نه نه! ائين نه ٿيو آهي، نه ٿيندو. هنن بيوقوف ڍورن هٿان پاڻ کي هيسايون؟ ائين وري ڪيئن ٿيندو. پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڪونه لڄائينداسون. هنن ڍورن کي سبق سيکاريون. پوءِ جيئن خدا کي منظور هوندو،“ پوڙهي سختيءَ سان چيو.

”پوءِ پلي ڪٽي اسان جا بازو ڪٽجي وڃن، اسان جي ٻنين تي ڏاريا قبضو ڪري اسان کي دربدر ڪن.“

”چڳو چڳو،گهٽي بڪ نه ڪر،“ پوڙهي ڪاوڙجي چيو.

”اجائي بڪ نه ڪريو،“ هڪڙي هڏن جي پڃري، پوڙهي ڪمزور ڏڳي ڪاوڙجي چيو.” چو اچي ڪريا آهيو، پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏسو، ڪنهن به ائين ڪونه ڪيو، پنهنجن ڏٽين سان ٽا منهن ڏيو. توبه، توبه، ابا خدا شل ڪا ساڃهه ڏئي اوهان جوانن کي.“

”پر ابا، مالڪ دڙڪو ڏيئي ويا آهن تہ اسان وڏيري ڪان مدد وٺي اهڙي سيڪٽ ڏينداسين جو اوهان جا پويان بہ ياد ڪندا،“ پوڙهي ڏڪي دپ وچان چيو.

”هميشه ائين ٿيندو رهيو آهي. پر اسان جا ڏٽي اهو نٽا سمجهن تہ ائين هو پنهنجن پيرن تي پاڻ ئي ڪهاڙو ٿا هڻن. چاچا، اوهان بہ وقت ڏٺو آهي. جڏهن بہ اسان جي مالڪن پنهنجن ڪي هيسائڻ ۽ ظلم ڪرڻ لاءِ ڌارين ڪان ڪا مدد گهري تہ پنهنجو تڏو بہ وڃائي ويهي رهيا.“

”اسان جا مالڪ پاڻ تہ اونداهيءَ ۾ آهن پر گهرن ٿا تہ ٻيا بہ اونداهي ۾ رهن. عقل جي روشني تہ ڏينهون ڏينهن وڃي پکڙبي، پوءِ جيڪو ان روشنيءَ جي سامهون هٿ ڏيندو اهو پاڻ اونداهيءَ ۾ رهندو،“ مرگهيل ڳاڙهي چيو.

”اسين تہ پنهنجو وقت ڪاٽي آياسين. جيڪڏهن اوهان حق تي آهيو تہ خدا اوهان جي مدد ڪندو،“ پوڙهي ڏڪي لاچار ٿي چيو.

هارين جي رهيل سهيل اميد بہ ختم ٿي ويئي. نيٺ هنن فيصلو ڪيو تہ وڏيري ڪان مدد گهرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ حيلو ڪونهي.

هو ڊڄندا ڊڄندا، ڏڪندا ڏڪندا، وڏيري جي عاليشان اوطاق ۾ گهڙيا. وڏيرو ڦوڪيو پريو هڪ وڏي ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو. هن جي چوڌاري خوشامدڙيا ميڙ ڪري ويٺا هئا، ننهن ڪان چوٽيءَ تائين وڏيري تان ذري گهٽ قربان پئي ٿيا. هارين تي نظر پوندي ئي هنن جون اکيون بگهڙ جي اکين ڪان بہ تيز چمڪي اٿيون.

”سائين، سلام ماليڪم. وڏيري صاحب جو، سندس آل اقبال جو خير هجي،“ سيني ٻاهران ايندڙن گڏجي وڏي نياز ۽

نوڙت سان چيو.

”هون؟“ وڏيري ڪاري نانگ واري ڦوڪ ڏني.

”ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو؟“ هن رعب سان پڇيو.

”سائين، اسان جي ڏڳن اسان سان ڪلي ڪلائي بغاوت ڪئي آهي. هنن ڪم ڪرڻ ۽ اسان جي حڪم مڃڻ کان صفا ناڪار ڪئي آهي. اسان هنن کي سائينءَ جن جو بہ دپ ڏنو، پر هو ضد تان لهن نٿا،“ پيرل ادب جا هٿ ٻڌي عرض ڪيو.

”هون؟ هنن بيوقوف جانورن جي خالي مغز ۾ اها هوا ڪنهن پري آهي، ۽ اوهان جانورن کي بہ نٿا سمجهائي سگهو، بس ذري ذري تي پيڳا بينا آهيو اسان وٽ. اسان اڳئي چيو هو تہ هاڻي اوهان بہ پنهنجن ڏڳن وانگر نڪما ۽ نااهل ٿي چڪا آهيو. اوهان ۾ ڪو بہ افعال ڪونهي. اوهان کان محنت پڄي ڪا نہ ٿي، ۽ اصل جاهل آهيو. اوهان کي نون طريقن سان پوک ڪرڻ نٿي اچي. انهن ٻنين مان اسان کي ڇا ٿو حاصل ٿئي! ان ڪري اسان اڳئي ٿي چيو تہ هاڻي اهي ٻنيون ٻاهران آيل محنتي ۽ هوشيار ماڻهن کي ڪرڻ گهرجن. اوهان تہ هٿي ٻنين جو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي.“

”پر سائين، ورهين کان وٺي اسان جا ابا ڏاڏا اهي ٻنيون آباد ڪندا آيا آهن. نوان طريقا اسان بہ سکي سگهون ٿا.“

”بس بس، گهڻي بڪ نہ ڪر. پنهنجين زبانن کي هميشه بند رکو.“ هن ڳالهہ ڪٽيندي چيو.”هنن بيوقوف جانورن جو دماغ بہ اوهان خراب ڪيو آهي. هنن سان گڏ اوهان کي بہ اهڙي سيکت ڏيڻ گهرجي جو سڄي عمر ياد رکو.“ هن پنهنجن چاڙتن کي اشارو ڪيو جيڪي اڳئي ڏانوڻ تيز ڪري ويٺا هئا. رکو گرهہ وجهي ڇپاڙ ڏيڻ جي دير هئي. ڳوناٽن بيوس تي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. هنن جي هٿن مان ڄڻ تہ ڪا شيءِ ڪري پئي. هو ائين قدم ڪٽڻ لڳا ڄڻ تہ قتل ٿيڻ وڃي رهيا هئا.

”تيز هلو، پيرن ۾ بيڙيون اٿو ڇا؟“هنن کي رڏن وانگر زور زور سان پنيان ڌڪيو ويو.

جوان ڏڳا ڏڳيون، نوجوان وهڙا وهڙيون، پري پري کان کھي پنهنجن کيتن کي بچائڻ لاءِ اچي ڪنا ٿيا هئا. ڪنهن وڏي عمر واري ڏڳي گذريل وقت جا سور پيئي رنا، ته ڪنهن نوجوان ڏڳي مستقبل جا شاندار خواب پيئي ڏٺا، ته ڪنهن پڪي پختي ڏڳي سيني ۾ جوش پيئي ڦوڪيو. مرگهيل ڳاڙهو ڏڳو سيني جي اڳيان اڳيان هو. هو زور زور سان چئي رهيو هو: ”اسان کي هميشه عقل کان ڪورا ۽ ذهني غلام سمجهيو ويو آهي، اسان کي اونداهيءَ ۾ رکيو ويو آهي. پر هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان پنهنجن دشمنن، پنهنجن آقائن تي، اهو ثابت ڪريون ته عقل ۽ ڄاڻ جي روشني کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. اسان حق ۽ سچائيءَ کي پرکي ۽ پروڙي ورتو آهي.... ساٿيو، اوهان کي خبر آهي ته اوهان جي کهڙي قيمت آهي. ان قيمت کي نه مڃو، جيڪا اوهان جي رت چوسيندڙن اوهان جي مقرر ڪئي آهي. اوهان کي خود پنهنجي قيمت لڳائڻ گهرجي- اصلي قيمت ته اوهان جي اندر آهي....“

سيني ڏڳن ۾ زبردست جوش ۽ ولولو پريل هو. هو سر تان آهو لاهي آيا هئا. هو صدين کان پوءِ سجاڳ ٿيا هئا، ۽ چاڪيءَ جي چڪر کي ڊاهڻ لاءِ، سر جي قرباني ڏيڻ لاءِ، ڌارين کان کيتن کي بچائڻ لاءِ اچي ڪنا ٿيا هئا.

دشمن پريان ڌوڪيندو اچي رهيو هو. دشمن کي ڏسي جوش وچان ڏڳن جو وار وار اُبو ٿي ويو. ڳاڙهي ڏڳي هڪل ڪري چيو: ”ساٿيو متان ڪنهن شيءِ کان ڊنا آهيو. ڀلا اسان جي زندگيءَ کان وڌيڪ خوفناڪ ۽ ڪڙي شيءِ ٻي کهڙي هوندي! اها ڪڙاڻ جيڪا روزانو اسان جي دل کي ٽڪر ٽڪر

ڪريو ڇڏي! شاباس ساٿيو، سڀ گڏجي هڪ مضبوط طاقت بنجي وڃو.“

دشمن کي ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين جر ڪٽي ويئي. هنن هارين کي ڌڪي اڳيان ڪري هڪ زوردار حملو ڪري ڏنو.

”هاڻي پنهنجي پرائي کي نه ڏسو، رت جا درياءَ به سچائي نٿا ٻوڙي سگهن،“ ڍڳن جي اڳواڻن نعرو هنيو.

۽ پوءِ جنگ شروع ٿي ويئي. هزارن جا ڪنڌ ڪرندا رهيا، لڪين ڳاٽ اوچا ٿيندا رهيا. رت جون نديون وهي اٿي هليون. آسمان سڄو ڪارو ٿي ويو، ڄڻ ته قيامت اها هئي، اهو ئي محشر هو، ۽ ظالمن جو پڇاڙو ٿي رهيو هو. صدين جي ستايل، سڪل ۽ ٺوٺ زمين کي رت ڳاڙهو ۽ آلو ڪري ڇڏيو ۽ ان کي ڄڻ ته رت جو ريج ملي ويو ــ هڪ نئين سگهه، هڪ نئين طاقت ملي ويئي.

# خالي صفحو

جنهن وقت نوني هن جي ڪمري ۾ آيو، هن ڪوئيٽزي جو ناول Disgrace پئي پڙهيو. پُٽ کي ڪمري ۾ ايندو ڏسي، هن ڪتاب کي بند ڪري رکيو.

"ڪيئن آهين؟ خوش آهين نه؟" ڪامران مُرڪندي پُٽ کان پڇيو.

"ها." نونيءَ مختصر جواب ڏنو ۽ ڪجهه ڳولهڻ لڳو. ڪامران چاهيو ته نوني وٽس ڪجهه دير ويهي.

"تورو ويهه ته سهي. ڪي حال احوال ڪريون." هن ڏنو ته سندس آواز ۾ پيار سان گڏ ڪجهه منٿ به شامل هئي.

"آءٌ گيم کولي آيو آهيان. پوءِ اچان ٿو." نونيءَ وراڻيو ۽ ڪمري ۾ پيل پلي اسٽيشن ٿو جي سي ڊي کڻي تڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

هو ڪجهه دير تائين خالي ذهن وينو رهيو. هن کي پُٽ جي ان رويي تي ڪو ڏک نه ٿيو هو. اها هڪڙي معمولي ڳالهه هئي. ان ۾ ڪاوڙ جي لاءِ ڪجهه نه هو. بس هن جو ذهن ٿوري دير جي لاءِ خالي خالي ٿي ويو هو. هن بند ڪري رکيل ڪتاب کنيو ۽ ڪجهه دير تائين ڪتاب کي ڏسندو رهيو، پر هن ڪتاب کي کوليو ڪونه. ڪتاب پڙهڻ تي دل ڪانه ٿيس. هن محسوس ڪيو ته سندس خالي ٿيل ذهن پوئتي هليو ويو هو يادگيرين جي گهاٽي جهنگ ۾. اتي ڪٿي منجهيل پيچرن تي يادن جي ڪنڊن ۾ وچڙي پيو هو. پر اتي ڪيس هڪڙو ئي ماڻهو نظر آيو- سندس پيءُ واقعي ائين هو يا هن سمجهيو هو ته سندس پيءُ رُکي طبيعت وارو هو. احساسن کان خالي. ٻنهي پيءُ پُٽ ۾ ويڇو هو. جڏهن ٿر جون وڏيون واريا سيون ٽيون

ٻنهي جي وچ ۾ هيون. ائين ڪڏهن ٿيو؟ هن ياد ڪرڻ چاهيو. سندس ۽ پٽس جي وچ ۾ دوريءَ جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ هن منجهيل پيچري تي نشانن ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اها ڪوشش اجائي هئي، هن کي لڳو. هن ۽ پٽس جي وچ ۾ ويڇڙائي هئي ڪٿي! پٽس هڪ عجيب شخص هو. رڳو هن سان نه، پر سڀني گهر سان، ٻارن سان هن جو ڪو لڳاءُ ڪونه هو، ڪا ويجهڙائپ ڪانه هئي. لڳندو ته ائين هو. گهر ۾ هو رهندو هو هڻ ـ ڌارئين ماڻهوءَ وانگر. ٻار ڪيئن پڙهيا، ڪيئن هٿ پير هڻي هنن جيئڻ جا وس ڪيا، ان ڳالهه سان پٽس ڪڏهن واسطو نه رکيو.

هن سوچي ڇڏيو هو، پڪو پهه ڪيو هو ته پٽس جي ابتڙ هو پنهنجن ٻارن کي بي انتها پيار ڏيندو. هن کان جيترو پُڄي سگهندو ٻارن کي دنيا جو هر سُک ڏيندو. هن کي خبر ڪانه پئي ته هڪڙي انتها سندس پيءُ جو رويو هو: پيار کان، احساسن کان خالي؛ ته ٻي انتها سندس رويو هو. هن وٽ جيترو پيار هو، جيترا احساس هئا سي سڀ هن پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن نوني جي هر ڳالهه، هر خواهش پاٽمرادو پوري ٿي پئي وئي، ته هن کي وٽس اچي ويهڻ ۽ ڪجهه چوڻ جي، ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه ٿي پئي.

ٿوري دير لاءِ خالي ٿي ويل ذهن هاڻي الاجي ڪيترين گهٽين ڳالهين سان پرجي ويو هو. ذهن ۾ مختلف منظر تيزيءَ سان بدلجندا پئي ويا. هن جو پُٽ ننڍڙو هو ته ساڻس تمام گهڻو ويجهو هو. وڏي ٿيڻ کان پوءِ هو آهستي آهستي کانئس پري پري رهڻ لڳو. پنهنجن شوقن ۾ گم ٿيندو ويو. گيم، پلي اسٽيشن ٿو، ڪمپيوٽر...

ڪامران چاهيندو هو ته نونيءَ جي ڪمري ۾ وڃي ٿوري دير هن سان ڳالهائي، ڪچهري ڪري. نونيءَ جي ڪنن تي هيڊ فون

چڙهيل هوندو هو. اکيون ڪمپيوٽر مانيٽر جي اسڪرين ۾ کتل هونديون هيون. سندس ڳالهين ۽ سوالن طرف نونيءَ ڪي ڪو ڌيان نہ ڏيندو ڏسي هو ڪمري مان اُٿي هليو ايندو هو.

هن جي چپن تي مُرڪ اچي وئي. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ هئي! هن کي خيال آيو، 'پيءُ کان پيار ڪونہ مليو ۽ پُٽ کان پيار جي موٽ ڪانہ ملي!'

تڏهن هن کي لڳو تہ پيار بيار سڀ بڪواس آهي. هن پنهنجي سڄي زندگي ان هڪڙي واهيات لفظ جي چڪر ۾ ڦاسي وڃائي ڇڏي. هن کي خبر هئي تہ هو جذباتيت جي بيماريءَ ۾ ورتل هو. ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو! ڪنهن جي ڏکن جي ڳالهہ ٻڌندي، درد سان ڀريل شعر پڙهندي، ڪنهن فلم يا ٽي وي ڊرامي ۾ جذباتي منظر ڏسندي ۽ ڊائلاگ ٻڌندي هن جي من جو پرجي اچڻ جذباتيت نہ هئي تہ ٻيو ڇا هو؟ هن پاڻ کان پڇيو. سندس پيءُ بيمار ٿيو هو تہ هن کيس وٺي وڃي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. هونئن پٽس ڪڏهن بہ بيماري سيماريءَ۾ علاج ڪونہ ڪرائيندو هو. پنهنجي ليکي دوائون وٺي کائيندو هو، ٺيڪ ٿي ويندو هو. پر هن ڀيري ٺيڪ ٿيڻ بدران وڌيڪ بيمار ٿي پيو. هن سمجهيو تہ پٽس ڪجهہ ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندو. هن دل ئي دل ۾ اها ڳالهہ مڃي تہ هن پٽس جي بيماريءَ تي ايترو ڌيان ڪونہ ڏنو هو. پوءِ اوچتو پٽس اسپتال ۾ گذاري ويو. هو ان وقت اسپتال جي ڪمري ۾ پٽس وٽ موجود هو ۽ تڏهن اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو هو.

”بابا جي مرڻ تي آءٌ ايترو رنو ڇو هوس؟“ ڪامران پاڻ کان پڇيو.

ٻي تہ ڳالهہ ڪانہ هئي. هن کي پيءُ سان پيار بہ ڪونہ هو. شايد هن پڇاڙيءَ ۾ پيءُ جو ايترو خيال ڪونہ رکيو هو ۽ ان احساس جي ڏک وچان هن رُنو هو. يا وري کيس پٽس جي

هڪ ڏارئين ۽ لاتعلق زندگي گذارڻ سبب همدردي پيدا ٿي پئي هئي. انهن مان ڪو هڪڙو ڪارڻ هو يا ٻئي ڪارڻ پاڻ ۾ گڏجي ويا هئا! ڪامران ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو.

هن جو ڌيان ڪوئيٽزي جي ناول ڏانهن ويو، جيڪو اجا بند حالت ۾ سندس هٿ ۾ جهليل هو. هو ڪتاب کي ڏسڻ لڳو. هن جيستائين ناول پڙهيو هو، اهو ياد ڪرڻ چاهيو. ناول جو مکيہ ڪردار ڏکڻ آفريقا جي وڏي شهر جي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو. پنهنجي شاگرداڻيءَ سان جنسي لاڳاپن رکڻ سبب ڪيس ڏوهہ مڃڻ سان گڏ معافي لکي ڏيڻ لاءِ چيو ويو. هن استعفيٰ ڏئي ڇڏي. زال ۽ سندس وچ ۾ ڪجهہ سال اڳ طلاق ٿي چڪي هئي. سندس هڪ نوجوان ڌيءُ هئي. اها ڏکڻ آفريقا جي ڪنهن ڏورانهين هنڌ تي اڪيلي رهندي هئي. اتي ڌيٽس زمين وٺي پنهنجو فارم ٺاهيو هو. پروفيسر ڪجهہ ڏينهن ڌيءُ وٽ رهڻ لاءِ سوچي فارم تي اچي ٿو. هن کي ڏسي ڌيءَ کيً ڪا خوشي ڪانہ ٿي ٿئي. هو ڌيءُ کي شاگرداڻيءَ واري اسڪينڊل سبب نوڪري ڇڏڻ جي ڳالهہ ٻڌائي ٿو. ڌيءُ ان ڳالهہ تي ڪو خاص ردعمل ظاهر نہ ٿي ڪري. هوءُ پيءُ کي چئي ٿي تہ جيترا ڏينهن چاهي وٽس رهي سگهي ٿو. پروفيسر ڪوشش ڪري ٿو تہ گهر ۾ ۽ زمين جي ڪم ڪار ۾ ڌيءُ جو هٿ ونڊائي. ڏکڻ آفريقا جي نسل پرست حڪومت ختم ٿيڻ ڪان پوءِ صورتحال بدلجي چڪي آهي. پروفيسر ۽ ڌيءُ گورا آهن ۽ اهي مڪاني ماڻهن جي بدليل رويي کي محسوس ڪن ٿا. هڪ ڏينهن ٽي چار شيدي نوجوان فارم واري گهر ۾ اچن ٿا. پروفيسر جا هٿ پير ٻڌي ڪيس باٿ روم ۾ بند ڪري ڇڏين ٿا. پروفيسر ڪُتن جون يونڪون، فائرنگ جا آواز، گهر ۾ شين جو ٽٽڻ ۽ ڌيءُ جون رڙيون ٻڌي ٿو. پر هو ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهي. واقعي ڪان پوءِ هو ڌيءُ ڪان پڇي ٿو تہ ڇا

تيو؟ هوءَ ڪوبہ جواب نہ ٿي ڏئي. پروفيسر شرمندو آهي تہ هو ڏيءَ جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهيو ۽ ڏيءُ سخت ذهني پيڙا سبب ڪجهہ ڏينهن بستري داخل رهي ٿي.

پيءُ ۽ ڌيءُ جي وچ ۾ دوريءَ جي ديوار وڌيڪ لمبي ٿي وڃي ٿي. هوءَ پروفيسر وٽ ويهڻ ۽ ساڻس ڳالهائڻ کان لنوائيندي رهي ٿي. پروفيسر ڪيس سمجهائي ٿو تہ حالتون بدلجي ويون آهن. بهتر ائين ٿيندو تہ فارم وڪڻي واپس هلون. پر ڏيءُ انڪار ڪري ٿي. ڊاڪٽرياڻي پروفيسر کي ٻڌائي ٿي تہ سندس ڏيءُ کي پيٽ ٿي پيو آهي. ڏيءُ ٻار کي ڪيرائڻ نہ ٿي چاهيو ۽ هن پنهنجي فارم تي.ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پروفيسر کي محسوس ٿئي ٿو تہ هتي ڏيءُ وٽ رهڻ، جيڪا ڳالهہ سندس ڏيءُ بہ نہ ٿي چاهي، هاڻي غير ضروري آهي.

”آءٌ ايندڙ سال رٽائرڊ ٿي ويندس.“ اوچتو ڪامران جو ڌيان ناول تان هٽي پاڻ ڏانهن ويو.

”پوءِ ڇا ڪندس؟“ هن پاڻ کان پڇيو.

ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هو. سڄو ڏينهن گهر ۾ گذارڻ جو سوچي هن کي هاڻ ئي بيزاري ٿيڻ لڳي. تڏهن هن جو ڌيان وري پُٽ ڏانهن ويو.

”اُهو بہ مون کي سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺل ڏسي بيزار تہ ڪونہ ٿيندو؟“

هن پاڻ کان پڇيو تہ جيڪڏهن ڪوئيٽزي واري ڪردار پروفيسر جي ڏيءُ وانگر، نونيءَ کي منهنجو، گهر ۾ رهڻ غير ضروري لڳو تہ پوءِ؟

”ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهي پڙهي منهنجو متو ڦري ويو آهي. اجايون ڳالهيون پيو سوچيان...“ هن ڄڻ پاڻ کي ڇڙٻيو.

ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪامران ناول کي اتان پڙهڻ چاهيو، جتي هن ڇڏيو هو. هن ڪتاب جو اهو صفحو ڳولي ڪوليو ۽

پڙهڻ لڳو. پڙهي هن پنو اُٿلايو. پر هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه آيو ته هو ڇا پڙهي ويو هو! شايد هو پاڻ بابت ئي سوچيندو رهيو هو. هن ٻيهر اهو ساڳيو صفحو وري پڙهڻ چاهيو. واپس پنو اُٿلائي هن پوري ڌيان سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان صفحي تي ڇپيل اکر ماڪوڙا بڻجي سُرڻ لڳا. پوءِ آهستي آهستي غائب ٿيندا ويا. هن کي لڳو ته اهو سڄو صفحو خالي هو.

# ڪو جو قهر ڪلاچ ۾

رب ڏني جي طبعيت گهٽبِ ڏينهن کان خراب هئي، پٽس هن کي شهر وٺي وڃي ڊاڪٽر کي طبعيت ڏيکاري دوا به ورتي هئي، پر اڃا ڪو فرق ڪونه پيو هو. ربڏني جو پيءُ وڏيرو خدا بخش پنهنجي تر جو هلڪو سلڪو زميندار هو، سندن زمين ٿوري پر سٺي هئي، پيداوار چڱي لهندي هئي. وڏيرو خدا بخش خوشحال زميندار ليکيو ويندو هو، هن کي پنجن نياڻين کان پوءِ هڪڙو پٽ ڄائو هو. ان ڪري رب ڏنو سندس سڪيلڌو پٽ هو، ارڙهن سالن جو نوجوان اچي ٿيو هو، پر وڏيري خدا بخش جي لاءِ اڃا ڇهڙوڪڙ ٻار هو، رب ڏني جي ٿوري به تڪليف هن کان ڏٺي نه ٿيندي هئي. رب ڏنو جڏهن ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پڙهي شهر جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ته اتي هن جي دل ڪا نه لڳي، هو اسڪول وڃڻ کان ٽٽائڻ لڳو. وڏيري خدا بخش اهو ڏٺو ته هن به گهڻو زور ڪو نه پريو.

”ابا، تنهنجي دل نٿي چئي ته نه پڙهه، منهنجا ڪهڙا ست پٽ آهن؟ تون اڪيلو آهين، تنهنجي گذران لاءِ ڪوڙ ٻني آهي.“ وڏيري خدا بخش چيو.

اصل ڳالهه اها هئي ته وڏيري خدا بخش جو رب ڏني ۾ ايترو موهه هو جو هن پٽ کي پنهنجين اکين کان پري ڪرڻ نٿي چاهيو، رب ڏنو پڙهائي ڇڏي اچي پيءُ سان گڏ ٻني سنڀالڻ لڳو. رب ڏني جي ماءُ فاطمه ۽ سندس هڪڙي ڀيڻ حاجران جنهن جي اڃا شادي ڪا نه ٿي هئي. سي به خوش ٿيون پر رب ڏني جي اوچتي بيماريءَ سڀني کي پريشان ڪري وڌو هو.

رب ڏنو ڪجهه ڪائيندو هو ته اٻڙڪا ايندا هئس، ڪڏهن ڪڏهن الٽي ڪري وجهندو هو، اها حالت ڏسي سڀني گهر وارن جا هانوَ پيا ڳرندا هئا.

”منهنجي ٻچي کي پڪ ڪنهن جي نظر لڳي آهي،“ فاطمہ هڪڙي ڏينهن وڏيري خدا بخش کي چيو.

”پنهنجي ڪنهن سان ڪهڙي دشمني آهي! نظر ڪير هڻندو؟“ وڏيري خدا بخش ڦڪو ٽي مرڪي حاجران ڏانهن ڏٺو.

”بابا، اسان جي پاءُ جهڙو سهڻو ڇوڪرو پنهنجن مائٽن ۾ هجي تہ ٻڌايو؟“ حاجران پيءُ کي چيو.

”الله حياتي ڏيس، اسان جي رب ڏني جهڙو سهڻو جوان مائٽن ۾ تہ نهيو، سڄي تر ۾ ڪونهي.“ وڏيري خدا بخش فخر مان چيو.

”پوءِ باقي؟ ماڻهو آهن ساڙ سڙيا، ڪنهن ناظروءَ جي نظر منهنجي ٻچي کي لڳي وئي آهي،“ فاطمہ ڳڻتيءَ مان چيو.

”ها، ڊاڪٽر جي دوائن مان ذرو فائدو بہ ڪو نہ ٿيو آهي.“ هاڻي وڏيري خدا بخش کي بہ شڪ ٿيڻ لڳو.

”ماسي ڪتو نظر ڪيندي آهي، مون هن کي چيو آهي تہ سڳو وٺي ڏي ۽ ملئين کان پاڻي بہ ڻا پڙهايون. الله ڪندو نظر لهي ويندي،“ فاطمہ کي جڻ پڪي خاطري هئي.

”الله سڻائي ڪندو.“ وڏيرو خدا بخش بہ مطمئن ٿي ويو هو، پر وٺيل سڳي ۽ پڙهيل پاڻيءَ بہ ڪو فرق ڪو نہ ڪيو. رب ڏني جي طبعيت ساڳي خراب رهي، نيٺ ڊاڪٽر چيو تہ حيدرآباد جي ڪنهن اسپيشلسٽ کي ڏيکاريو، هن وڏيري خدا بخش کي هڪڙي مشهور ڊاڪٽر جو نالو ٻڌايو.

فاطمہ پهرين ضد ڪيو تہ هوءَ بہ پٽ سان گڏجي هلندي، پر وڏيري خدا بخش هن کي سمجهايو تہ گهر ۾ جوان جماڻ ڌيءُ کي اڪيلو ڇڏي هلڻ مناسب ڪونهي.

”تون اتي هلي ڪندينءَ بہ ڇا؟ ماءُ آهينس تون گهر ۾ ويهي دعا ڪرينس،“ وڏيري خدا بخش چيو.

”امان تون اجايو پريشان پئي ٿئين، تون ڏسج آءٌ جلدي نيڪ ٿي گهرايندس.“ رب ڏني ماءُ کي آٿت ڏني.

”الله ڪندو، ابا، الله ڪندو،“ فاطمہ ٻئي هٿ مٿي کنيا، ”يا رب! رب ڏنو تو ئي ڏنو آهي، تون ئي هن کي پنهنجي حفظ ۾ رکج. شال نوبنو ٿي پنهنجي گهر موٽي اچي.“

”امان پائو خير سان چڱو ڀلو ٿي گهر اچي تہ پوءِ ڪاڻ ڪُني ڪنداسين.“ حاجران پيءُ ڏانهن نهاريو، ”ڪيئن بابا؟“

”ها ها، وڏي خيرات ڪنداسين.“ وڏيري خدا بخش مرڪي چيو.

”چڱو امان الله توهار.“ رب ڏني ماءُ کان موڪلايو.

”ابا، رب کي پرتو آهين.“ فاطمہ رب ڏني کي ڀاڪر پائي نرڙ تي چمي ڏني، پوءِ رب ڏنو پيڻ کان موڪلائي پيءُ سان گڏ ٻاهر نڪري ويو. فاطمہ هن کي ويندو ڏسي روئڻهار ڪي ٿي وئي، حاجران جي اکين ۾ بہ لڙڪ ڀرجي آيا.

حيدرآباد ۾ صدر واري ڊاڪٽرن جي گهٽي ۾ مشهور ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي وڏي رش هئي، ڊاڪٽر جي منشيءَ وڏيري خدا بخش کي صفا جواب ڏئي ڇڏيو تہ اڄ ٽائيم ڪو نہ ملندو.

”ڏسو ٿا ڪيڏي رش آهي. نالو لکائي وڃو سڀاڻي اچجو.“ هن چيو.

”يار اسين پري کان آيو آهيون، منهنجي پٽ جي طبعت ڏاڍي خراب آهي، مهرباني ڪر.“ وڏيري خدا بخش هن کي هٿ ٻڌي منٿ ڪئي ۽ پوءِ ويجهو وڃي آهستي چيائين ”توکي خرچي پاڻي ڪرائينداسين.“

منشيءَ رب ڏني ڏانهن ڏنو ۽ پوءِ چيو، ”مريض اندران نڪري تہ پوءِ آءٌ ڊاڪٽر صاحب کي ٻڌايان ٿو تہ ايمرجنسي آهي. فيءَ جا پنج سؤ رپيا ڏئي ڇڏ.“

”خدا تنهنجو ڀلو ڪندو.“ وڏيري خدا بخش کيسي مان پنج سؤ جي نوٽ سان گڏ سؤ رپئي جو نوٽ ڪڍي منشيءَ کي ڏنو.

ايمرجنسي جي ڪري ڊاڪٽر رب ڏني ڪي جلدي سڏايو ۽ چڱي طرح تپاس ڪري ڏنائين، وڏيري هن کي اڳوٽي ڊاڪٽر جي لکيل دوائن وارو پنو بہ ڏيکاريو.

”هي دوائون تہ ڪنهن جاهل لکيون آهن.“ ڊاڪٽر ڪاوڙ مان پني کي هٽائيندي چيو. ”سائين اسان جي شهر واري اسپتال جو نوجوان ڊاڪٽر آهي.“ وڏيري خدا بخش هن کي ٻڌايو.

”ها، مون کي خبر آهي، اهي نوجوان ڊاڪٽر سڀ جاهل آهن. اسان جي ئي ڪاليج مان پڙهي ڪاپي ڪري وڃي ڊاڪٽر ٿيا آهن.“ ڊاڪٽر منهن ڦٽائي ٺوڪ وچان چيو.

”سائين، منهنجو اڪيلو پٽ آهي، تنهنجي هٿ ۾ خدا شفا ڏني آهي، اهڙي ڪا دوا ڏيو جو منهنجو پٽ چاق ٿي وڃي.“ وڏيري خدا بخش منٿ واري لهجي ۾ چيو.

”فڪر جي ڳالهہ ڪانهي، ڪجهہ ٽيسٽون آهن. اهي ڪرائي وٺو، ٽيسٽائين مان دوائون تو ڏيان. اهي ڪارايوس.“ ڊاڪٽر چيو.

هن دوائون لکندي پڇيو، ”هتي حيدرآباد ۾ ٿا رهو؟“

”نہ سائين، اسان جو ڳوٺ الاهي پري آهي.“

”پوءِ هيئن ڪريو، هتي ويجهي هڪ پرائيويٽ اسپتال آهي، اتي رهو، علاج منهنجي نظرداريءَ هيٺ هلڻ ضروري آهي، مان روز اچي ڏسي ويندس.“ وڏيري ڊاڪٽر خدا بخش ڏانهن نهاريو، ”ڪيئن نيڪ آهي؟“

”ڊاڪٽر صاحب، جيئن اوهان مناسب سمجهو.“ ڊاڪٽر اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چٺي لکي ڏني، وڏيري خدابخش ٻاهر اچي منشيءَ جا ٿورا مڃيا ۽ اسپتال جو ڏس پڇيو.

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پيءُ پٽ ڪمري ۾ اچي وينا تہ ربڏني چيو، ”بابا لڳي ٿو آهي وڏو ڊاڪٽر.“

”ها ابا، چون تا تہ وڏو پروفيسر آهي، جيڪو چوڪرن کي پاڙهي ڊاڪٽر ڪندو سو ضرور وڏو قابل هوندو.“ وڏيري خدا بخش ڪنڌ لوڏي چيو.

ڊاڪٽر روز رب ڏني کي ڏسڻ ايندو هو ۽ منٽ ڪن ترسي پنهنجي في وٺي هليو ويندو هو.

”بابا، علاج مان ڪجهہ فرق پائين تو؟“ وڏيرو خدا بخش رب ڏني کان پڇندو هو.

رب ڏنو پريشان ٿي ويندو هو تہ پيءُ کي ڪهڙو جواب ڏئي. هن کي علاج مان ڪو بہ فرق محسوس ڪو نہ ٿي ٿيو، پاڻ دوائن جي ڪري طبعيت وڌيڪ خراب ٿي پئي هيس.

”ها بابا، مڙئي ڪجهہ فرق آهي.“ هو پيءُ جي دل رکڻ لاءِ چوندو هو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وڏيري خدا بخش کي بہ صاف نظر اچڻ لڳو تہ رب ڏنو اڳي کان وڌيڪ ڪمزور ٿي ويو هو، هن کي من ۾ وسواس اٿڻ لڳا تہ الائجي ڪهڙي بيماري آهي، جيڪا ايڏي وڏي ڊاڪٽر جي علاج کان پوءِ بہ نٿي لهي!

آچر جو ڏينهن هو ڊاڪٽر موڪل هجڻ سبب دستور جي ابتڙ صبح ساڻ شلوار قميص ۾ چڪر هڻڻ آيو.

”طبيعت ڪيئن آهي؟“ ڊاڪٽر پڇيو، ”هاڻي تہ ڪجهہ بهتر پئي لڳي.“

”ڊاڪٽر صاحب، طبيعت اجا اهڙي آهي. فرق ڪو نہ پيو آهي..... “وڏيري خدا بخش هبڪندي چيو.

”مان ڊاڪٽر آهيان، جادوگر ڪو نہ آهيان، علاج صحيح نموني هلي پيو. ڪجهہ وقت تہ ضرور لڳندو.“ ڊاڪٽر ڪاوڙ مان چيو ۽ پنهنجي في وٺي هليو ويو.

”بابا، تو ڊاڪٽر صاحب کي ڪاوڙائي وڌو.“ رب ڏني ٿڪي مرڪ سان چيو.

”مون تہ ڪا اهڙي ڳالھ ڪا نہ ڪئي! ڀلا اهو بہ نہ ٻڌايون تہ علاج مان اجا ڪو فائدو ڪو نہ ٿيو آهي؟“ وڏيري خدا بخش پريشانيءَ وچان چيو.

رب ڏني ڀيءُ جي پريشاني کي ڏسي آٿت جا ڪجھ لفظ چوڻ چاهيا، پر چئي نہ سگهيو.

هن دل ئي دل ۾ خدا کي ٻاڏايو تہ هو ڪيس جلدي نيڪ ڪري، ”منهنجي ڪري سڀ گهر وارا پريشان آهن. امان ويچاريءَ جي الائجي ڪهڙي حالت هوندي!“ هن سوچيو.

وڏيري خدا بخش جو اتي ويٺي ويٺي ساھ منجهڻ لڳو. هن جي دل چاهيو تہ رب ڏني کي ڀاڪر پائي روئي. هن زور مس ڪري پاڻ کي روڪيو.

”آءٌ ٿورو ٻاهران ٿي اچان ٿو.“ هن رب ڏني ڏانهن نهارڻ کان سواءِ چيو ۽ ٻاهر هليو ويو، هو اسپتال مان نڪري رستي تي اچي بيٺو. روڊ تي گاڏين ۽ رڪشائن جو گوڙ هو، هو ان گوڙ کان، آسپاس جي حالتن کي بيخبر پنهنجن پورن ۾ بيٺو رهيو، اوچتو ڪنهن ماڻهوءَ سندس ڪلهي تي، هٿ رکي ڪيس سڏ ڪيو، وڏيري خدا بخش ڇرڪي ان ماڻهوءَ کي ڏٺو، اهو سندس تعلقي جي مختيارڪار جو ڪلارڪ نواز هو.

”وڏيرا، خير تہ آهي هتي بيٺو آهين؟“ نواز پڇيو.

وڏيري خدا بخش کي حيدرآباد ۾ سڃاڻو ماڻهو ڏسي ڄڻ ڪجھ آٿت اچي وئي، هن نواز کي سڄو احوال ڏنو.

”آءٌ بہ اڳي جڏهن بيمار ٿيو هوس تہ ان ساڳئي ڊاڪٽر جي ور چڙهيو هوس، مون کي ڦري ڇٽ ڪري ڇڏيائين، پوءِ پڇي جند ڇڏايم.“ نواز وڏيري خدا بخش سان گڏ اسپتال ڏانهن ويندي چيو.

”اڄ صبح جو آيو هو تہ مون چيس علاج مان ڪو فائدو ڪو نہ ٿيو آهي تہ مرڳو ڪاوڙجي پيو. ڏڙڪا ڏئي ڦيءَ جا پئسا وٺي هليو ويو!“ وڏيري خدا بخش ڄڻ نواز کي دانهن ڏيندي چيو.

”اڙي!“ نواز حيرت وچان گاڏي تي آگر رکي، ”اجا هاڻ آئون لجپت روڊ جي مارڪيٽ مان لنگهيس پئي تہ اهو ڊاڪٽر صاحب ٺوڪري ڪنيو بيٺو هو، ڀاڄي پئي ورتائين!“

”پوءِ صبح جو ڀاڄي وٺڻ لاءِ گهران نڪتو هوندو ۽ ان بهاني ربڏني کي ڏسي پئسا وٺي ويو!“ وڏيري خدا بخش ٺوڪ وچان چيو.

نواز ٺهڪ ڏنو.

”تو وارن پئسن مان ڊاڪٽر جي ڀاڄيءَ جو خرچ نڪري ويو.“ پريشان هوندي بہ وڏيرو خدا بخش ان ڳالهہ تي کلي پيو.

نواز هن سان گڏ وڃي رب ڏني کي ڏٺو.

”مار! همراهہ تہ صفا ڳري ڪنڊا تي ويو آهي!“ نواز رب ڏني کي ڏسي حيرت مان چيو.

”هتي آيو هو تہ اجا ڪجهہ چڱو هو.“ وڏيري خدا بخش چيو.

”وڏيرا! هن ڊاڪٽر مان جند ڇڏاءِ هي ڇوڪر وانگر رت پيو پيئندو.“

”يار، آئون پاڻ منجهي پيو آهيان تہ ڇا ڪريان؟“ وڏيري خدا بخش بيوسيءَ وچان چيو.

”ڪراچيءَ ۾ وڏيون ڀلوڙ اسپتالون آهن، اتي خرچ برابر ٿئي ٿو، پر علاج بهترين آهي، منهنجي صلاح مڃ تہ اڄ ئي هتان ٽپڙ کڻ ۽ ڪراچيءَ وڃ.“

”پر يار ٻڌون ٿا تہ ڪراچيءَ ۾ گوڙ لڳا پيا آهن....“ وڏيري خدا بخش دل من هٽندي چيو.

”پاڻ ۾ پيا وڙهن، ان ۾ پنهنجو ڇا؟ هتي رهي اجايو وقت وڃائيندين.“ نواز هن کي سمجهائيندي چيو.

وڏيري خدابخش کي وقت وڃائڻ واري ڳالهہ دل سان لڳي. هو اسپتال وارن سان حساب ڪري، رب ڏني کي وٺي ڪراچيءَ روانو ٿي ويو.

نواز جي ٻڌايل اسپتال ۾ اچي وڏيري خدا بخش جو عقل چرخ تي ويو، اهڙي عاليشان اسپتال هن زندگي ۾ ڪا نہ ڏٺي هئي، هن کي ڌپ لڳو تہ هتي خرچ بہ ڏاڍو ٿيندو.

”ضرورت پئي تہ ٻني ٻارو وڪڻي بہ رب ڏني جو علاج ڪرائيندس، هن ڪان وڌيڪ پيو مون لاءِ ڇا آهي؟“ هن پاڻ کي سمجهايو.

پهرين تہ ڊاڪٽر جي پڇ پڇان هٽي هن کي بيزار ڪري وڌو، پوءِ نيٺ وڃي رب ڏني کي داخلا ملي، پهريان بہ ڏهاڙا تہ رڳو ٽيسٽن تي زور هو، پوءِ علاج شروع ٿيو. آهستي آهستي رب ڏني جي طبيعت بهتر ٿيڻ لڳي. وڏيري خدا بخش جي ساٿي ٽيل بت ۾ بہ جڻ نئين سر ساهہ پئجي ويو. هن ڳوٺ نياپو موڪليو تہ رب ڏنو هاڻي چاق آهي ۽ جلدئي کين موڪل ملندي.

فاطمہ رب ڏني جي چاق ٿيڻ واري خبر ٻڌي ٻانهون مٿي ڪري هٿ جوڙي خدا جا شڪرانا مڃيا، هن کي جيتري خوشي رب ڏني جي ڄمڻ تي ٿي هئي اوتري خوشي سندس چاق ٿيڻ تي ٿي. ڳوٺ وارن ڳالهہ ٻڌي تہ پوءِ وڏيري خدا بخش جي گهر ۾ ماڻهن جو ميڙو لڳي ويو. سڀني اچي فاطمہ کي خير مبارڪون ڏنيون.

”منهنجو رب ڏنو ڀلي خير سان خوش ٿي گهر اچي تہ پوءِ وڏا شادمانا ڪنداسين، سڀ گڏجي نچنديونسين ڳائينديونسين.“ فاطمہ خوشيءَ وچان ماڻهن کي ڀاڪر پائيندي چيو.

”رب ڏنو اسان جي وڏيري جو سڪيلڌو پٽ آهي، ان جي خوشيءَ ۾ نچي نچي پٽ ڇني ڇڏينديونسين.“ ماڻهن چيو. پوءِ سريلين ۽ ٻي سريون سڀ گڏجي ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

رب ڏنو اتي ٿورو گهمڻ ڦرڻ لڳو هو، ”بابا هاڻي مون کي ٿوري ٿوري بک بہ لڳي ٿي. اهڙڪا بہ ڪو نہ ٿا اچن.“ رب ڏني پيءُ کي ٻڌايو.

وڏيري خدا بخش جو من خوشيءَ وچان ٽڙي پيو.

”خدا ڀلو ڪري نواز جو جنهن اها مت ڏني، نہ تہ حيدرآباد واري ڊاڪٽر تہ سرڙلائي ڇڏيو هو.“ وڏيرو خدا بخش ڏاڍو خوش هو.

ڊاڪٽر چيو تہ رب ڏنو هاڻي نيڪ آهي، هن کي وڌيڪ اسپتال ۾ رهڻ جي ضرورت ڪانهي، باقي دوائون اجان ملنديون سي گهر وڃي کائي. مهيني کان پوءِ وري طبيعت ڏيکارڻ اچي.

موڪلي ملي تہ وڏيرو خدا بخش وڃي اسپتال جو حساب چڪتو ڪري آيو، ڳوٺ وڃڻ لاءِ هن يڪي گاڏي ڀاڙي تي ڪئي، گاڏي اسپتال مان نڪتي تہ هن دل ئي دل ۾ اتي جي ڊاڪٽرن کي دعائون ڏنيون.

”فاطمہ رب ڏني کي چاق ڏسندي تہ ڪيڏي نہ خوش ٿيندي...“ هو سوچي مرڪڻ لڳو.

گاڏي ڪراچي جي رش وارن روڊن کان ڦرندي پئي وئي. وڏيري خدا بخش گهڙي پوئين سيٽ تي ويٺل رب ڏني ڏانهن اطمينان ڀرين نظرن سان تي ڏٺو.

”بابا، ليٽي پئو، ويهي ويهي ٿڪجي پوندين.“ هن رب ڏني کي چيو.

”نہ بابا، اڃا وينو آهيان، شهر مان ٻاهر نڪرون تہ پوءِ ليٽي پوندس.“

وڏيرو خدا بخش مرڪيو. اوچتو فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا.

”پائو هي آواز ڇا جا آهن؟“ وڏيري خدا بخش ڊرائيور کان پڇيو.

”فائرنگ پئي هلي.“ ڊرائيور وراڻيو.

”ڊپ جي ڳالهہ تہ ڪانهي؟“ وڏيرو خدا بخش پريشان ٿي ويو.

”اهو تہ ڪراچيءَ جو روزمره جو معمول آهي.“ ڊرائيور لاپرواهيءَ سان چيو.

”يار رستو مٽائي ٻي هنڌان هل.“ آواز ويجها آيا تہ وڏيرو خدا بخش سخت پريشان ٿي ويو.

”نہ، نہ، پاڻ تيز لنگهي ٿا هلون، هتان نڪرڻ جو ٻيو رستو ڪونهي.“ ڊرائيور اسپيڊ ڪي وڌايو، ڪٿان هڪڙي گولي گاڏيءَ جي پوئين شيشي کي چيريندي رب ڏني جي ڪياڙي ۾ اچي لڳي ۽ رب ڏنو سيٽ تي ڪري پيو.

”اباڙي، گهوڙا.....“ وڏيري خدا بخش ڪان رڙ نڪري وئي، ھو ٽپ ڏئي پوئين سيٽ تي ويو، هو رب ڏني جو رت هاٿو منهن هٿن ۾ جهلي اوچنگارون ڏيڻ لڳو ”گهوڙا ڙي..... منهنجا ابا! هيءُ ڪهڙو قهر ٿيو؟“

ڊرائيور گاڏي کي تيز ڪٽي وري ساڳئي اسپتال ۾ واپس پهتو.

”اڙي منهنجي رب ڏني کي بچايو...... مون سان الائجي ڪنهن قهر ڪيو..... “ وڏيرو خدا بخش چرين وانگر رڙيون ڪرڻ لڳو.

ڊاڪٽر ڏنو ۽ پوءِ چيو تہ رب ڏنو پنهنجي رب وٽ وڃي پهتو آهي.